# پراڻو عهدنامو

## يعني توريت، زبور ۽ نبين جا صحيفا

# پراڻو عهدنامو

## يعني توريت، زبور ۽ نبين جا صحيفا

PAKISTAN BIBLE SOCIETY LAHORE

# The Old Testament in Sindhi

Illustrations by Horace Knowles
© The British & Foreign Bible Society 1954, 1967, 1972

Additions and amendments by Louise Bass
© The British & Foreign Bible Society 1994

Maps © United Bible Societies

The illustrations of the temple and gateway reproduced in Ezekiel are originally of E. J. Brill
from Der Temple von Jerusalem, vol 2 (1980), by Th. A. Busink.
The illustrations of the altar in Ezekiel are originally of J. C. B. Mohr (Paul Siebeck)
from Der Verfassungsentwuif des Ezechiel (1957) by G. Fohrer and K. Galling.
The illustrations have been reproduced from Leslie C. Allen,
Ezekiel 20-48, Word Biblical Commentary, Vol 29, Word Books,
Publisher, Dallas, Texas, 1990 found on pages 231 and 258.
Permissions were sought but contact information unavailable for original publications.

سال 2009ع
تعداد 1000

ڇپائيندڙ: پاڪستان بائيبل سوسائٽي انارڪلي لاهور 54000

ڪراچي آفيس: فاطمه جناح روڊ ڪراچي 75530

# فهرست


پيدائش ........ 9
خروج ........ 57
لاوي سرشتو ........ 99
ڳاڻاڻو ........ 129
شريعت جو دور ........ 168
يشوع ........ 207
رهبرَ ........ 230
رُوت ........ 254
1.سموئيل ........ 259
2.سموئيل ........ 292
1.بادشاهَه ........ 321
2.بادشاهَه ........ 353
1.تواريخ ........ 385
2.تواريخ ........ 413
عزرا ........ 448
نحمياه ........ 458
آستر ........ 474
ايوب ........ 482
زبور ........ 524
چوڻيون ........ 628
واعظ ........ 665
راڳن جو راڳ ........ 675
يسعياه ........ 683
يرمياه ........ 763
زاريون ........ 833
حزقي ايل ........ 842
دانيال ........ 899
هوسيع ........ 916
يوايل ........ 930
عاموس ........ 935
عبدياه ........ 945
يونس ........ 947
ميڪاه ........ 950
ناحوم ........ 959
حبقُوق ........ 963
صفنياه ........ 967
حجي ........ 972
زڪرياه ........ 974
ملاڪي ........ 984

انجيل شريف يعني عيسيٰ مسيح جي نئين عهدنامي جو تعارف ........ 988
بني اسرائيل جي مرڪزي عبادت گاهه ........ 989
خاص لفظن جي سمجهاڻي ........ 992
خاص لفظن جا چونڊيل حوالا ........ 1002
نقشا ........ 1033

# بائيبل مقدس جو تعارف

بائيبل مقدس جو هي سنڌي ترجمو عبراني ٻوليءَ جي اصلي مسودي جي مطلب کي صاف ۽ صحيح طور بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جنهن ۾ عام فهم لفظ ۽ محاورا استعمال ٿيل آهن، جيڪي سنڌي ڳالهائيندڙن جي هر طبقي لاءِ قابلِ قبول آهن. هن مان مقصد اهو آهي ته خدا جي ڪلام جي مضمون ۽ پيغام کي معياري، عام فهم ۽ فطري سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪجي ۽ پڙهندڙن کي اصلي عبراني مسودي جي گهٽي کان گهٽي ڄاڻ مهيا ڪجي.

هي سنڌي ترجمو پاڪستان بائيبل سوسائٽيءَ طرفان ترجمو ڪري سڄي دنيا ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جي استعمال لاءِ شايع ڪيو ويو آهي. پاڪستان بائيبل سوسائٽيءَ کي يقين آهي ته هن ترجمي جي پڙهڻ ۽ مطالعي ڪرڻ سان ماڻهو نه رڳو سمجهه حاصل ڪندا، بلڪ خدا ۾ ايمان جي وسيلي بچاءَ جي اميد پڻ حاصل ڪندا، جنهن خدا سڀني ماڻهن لاءِ هن خوشخبريءَ جو حصول ممڪن بڻايو آهي.

بائيبل مقدس جا ٻه حصا آهن، پراڻو عهدنامو ۽ نئون عهدنامو. هن واليم ۾ رڳو پراڻو عهدنامو شايع ڪيو ويو آهي، جڏهن ته نئون عهدنامو الڳ ڇپيل آهي. اهڙيءَ طرح ٻنهي ڪتابن ۾ بائيبل مقدس جو پورو مواد دستياب آهي. پڙهندڙن جي مدد لاءِ پراڻي عهدنامي جي هن واليم ۾ خاص مددگار ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن، جڏهن ته نئين عهدنامي جون ڪجهه ڳالهون پڻ هن واليم جي آخر ۾ ڏنيون ويون آهن. اهي هيٺ بيان ڪجن ٿيون:

1. بائيبل مقدس جي هر ڪتاب جي شروعات ۾ انهيءَ ڪتاب جو تعارف ڏنو ويو آهي.

2. مقدس ڪتاب جي هر ٽڪري جي مضمون کي واضح ڪرڻ ۽ مطالعي ۾ آسانيءَ لاءِ هر ٽڪري تي مضمون مطابق عنوان ڏنو ويو آهي. ڪن عنوانن جي هيٺان انهن سان ملندڙ جلندڙ مضمونن جا حوالا پڻ ڏنا ويا آهن.

3. پراڻي ۽ نئين عهدنامي ۾ استعمال ٿيندڙ ڪن خاص لفظن جي سمجهاڻي هن واليم جي آخر ۾ ڏني وئي آهي.

4. خداوند خدا جو مقدس خيمو ۽ انهيءَ کان پوءِ يروشلم ۾ جيڪو مقدس هيڪل اڏيو ويو، تن کي بني اسرائيل جي عبادت ۾ مرڪزي حيثيت حاصل هئي. انهن ٻنهي مقدس عبادت‌گاهن ۽ انهن ۾ استعمال ٿيندڙ سامان جو بيان ۽ انهن جون مختلف تصويرون پڻ هن واليم جي آخر ۾ ڏنيون ويون آهن.

5. هن واليم جي آخر ۾ پراڻي توڙي نئين عهدنامي جي جاگرافيائي حالات ۽ مقامات کي سمجهڻ لاءِ نقشا پڻ ڏنا ويا آهن.

6. مقدس ڪتاب ۾ ڪن غير واضح ڳالهين تي نشان ڪيو ويو آهي ۽ پيرائي ۾ انهن جي وضاحت ڏني وئي آهي.

7. پيرائي ۾ آيت سان تعلق رکندڙ ڪلام مقدس يعني پراڻي ۽ نئين عهدنامي جي مختلف آيتن جا حوالا پڻ ڏنا ويا آهن، جن جي مطالعي سان وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي. مثال طور پيرائي ۾ زبور جي ڪتاب جي زبور 62 جي آيتن 11–12 سان تعلق رکندڙ هي حوالا لکيل آهن: 62:11–12 ايو 11:34، ير 10:17، مت 27:16

ايو 11:34 جو مطلب آهي ته زبور 62 جي آيتن 11–12 سان تعلق رکندڙ آيتن لاءِ ايوب باب 34 جي آيت 11 ڏسو.

ير 10:17 جو مطلب آهي ته زبور 62 جي آيتن 11–12 سان تعلق رکندڙ آيتن لاءِ يرمياه باب 10 جي آيت 17 ڏسو.

مت 27:16 جو مطلب آهي ته زبور 62 جي آيتن 11–12 سان تعلق رکندڙ آيتن لاءِ متي باب 16 جي آيت 27 پڻ ڏسو.

مقدس ڪلام جي مڪمل ڪتابن جي نالن جي فهرست سان گڏ انهن جا مخفف هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي پاڻ ۾ تعلق رکندڙ آيتن جي حوالن ۾ استعمال ٿين ٿا.

پراڻو عهدنامو

| ڪتاب | مخفف | ڪتاب | مخفف | ڪتاب | مخفف |
|---|---|---|---|---|---|
| پيدائش | پيد | 2.تواريخ | 2.توا | دانيال | دان |
| خروج | خر | عزرا | عز | هوسيع | هوس |
| لاوي سرشتو | لاو | نحمياه | نحم | يوايل | يوا |
| ڳاڻاٽو | ڳا | آستر | آس | عاموس | عا |
| شريعت جو دور | شر | ايوب | ايو | عبدياه | عبد |
| يشوع | يش | زبور | زب | يونس | يون |
| رهبرَ | رهم | چوڻيون | چوڻ | ميڪاه | ميڪ |
| رُوت | رُوت | واعظ | وا | ناحوم | ناح |
| 1.سموئيل | 1.سم | راڳن جو راڳ | را | حبقوق | حبق |
| 2.سموئيل | 2.سم | يسعياه | يس | صفنياه | صف |
| 1.بادشاهه | 1.با | يرمياه | ير | حجي | حجي |
| 2.بادشاهه | 2.با | زاريون | زار | زڪرياه | زڪ |
| 1.تواريخ | 1.توا | حزقي ايل | حز | ملاڪي | ملا |

نئون عهدنامو

| ڪتاب | مخفف | ڪتاب | مخفف | ڪتاب | مخفف |
|---|---|---|---|---|---|
| متي | مت | اِفسين | اف | عبرانين | عبر |
| مرقس | مر | فلپين | فل | يعقوب | يع |
| لوقا | لو | ڪلسين | ڪل | 1.پطرس | 1.پط |
| يوحنا | يو | 1.ٿسلونيڪين | 1.ٿس | 2.پطرس | 2.پط |
| رسولن جا ڪم | رس | 2.ٿسلونيڪين | 2.ٿس | 1.يوحنا | 1.يو |
| رومين | رو | 1.تيمٿيس | 1.تم | 2.يوحنا | 2.يو |
| 1.ڪرنٿين | 1.ڪر | 2.تيمٿيس | 2.تم | 3.يوحنا | 3.يو |
| 2.ڪرنٿين | 2.ڪر | طيطس | طيط | يهوداه | يهو |
| گلتين | گل | فليمون | فل | مڪاشفو | مڪا |

مقدس ڪلام جي ڪن ترجمن ۾ اصلي مواد ۾ استعمال ٿيل ڪن غير واضح جملن يا لفظن جو ترجمو ڪندي ان جي هڪ کان وڌيڪ ممڪن معنائن جي تشريح لاءِ هيٺ پيرائي ۾ تفصيل ڏنو ويندو آهي. پر هن سنڌي ترجمي ۾ پڙهڻ وارن کي مونجهاري کان بچائڻ لاءِ اڪثر ڪري انهن جملن يا لفظن جي هڪڙي ئي ممڪن معنيٰ کي ترجمي ۾ ئي ظاهر ڪيو ويو آهي، جيڪا ترجمي ڪرڻ وقت تحقيقات مان وڌيڪ درست معنيٰ سمجهي ويئي.

بائيبل مقدس جي هن سنڌي ترجمي ۾ استعمال ٿيل نالا پاڪستان بائيبل سوسائٽيءَ جي اردو ترجمي ۾ استعمال ٿيندڙ نالن واري هِجي ۾ لکيا ويا آهن. پر ڪن جاين تي انهن جي هِجي مختلف آهي، ڇالاءِجو:

1. جيڪي نالا سنڌيءَ ۾ عام استعمال ٿين ٿا تن کي هن ترجمي ۾ ساڳي سنڌي هِجي ۾ لکيو ويو آهي.

2. ڪي نالا جن جا عبراني لفظ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن سان ملن ٿا سي انهيءَ مطابق لکيا ويا آهن.

3. ڪلام مقدس جي اصلي مسودي ۾ ڪن ساڳين ماڻهن يا جاين جا نالا هڪ کان وڌيڪ بيان ڪيل آهن. پر هن سنڌي ترجمي ۾ جتي انهيءَ ٻئي نالي جو ڪو خاص مقصد نہ آهي اتي ان جو هڪڙو ئي عام نالو استعمال ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ تہ پڙهندڙ ساڳي شيءِ جي ٻن نالن مان ٻہ مختلف شيون نہ سمجهن. مثال طور عبرانيءَ ۾ هڪڙي ئي ملڪ لاءِ ٻہ نالا ڏنل آهن يعني ”سعير“ ۽ ”ادوم“، جڏهن تہ هن ترجمي ۾ اڪثر ڪري ”ادوم“ استعمال ڪيو ويو آهي.

## پراڻي عهدنامي جو تعارف

بائيبل مقدس ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، يعني پراڻو عهدنامو ۽ نئون عهدنامو. پراڻو عهدنامو اوڻيتاليهن مقدس ڪتابن جو مجموعو آهي، جيڪي هن واليم ۾ شامل آهن. انهن جي اصلي مسودن ۾ ارامي ٻوليءَ جي چند بابن کان سواءِ باقي سڀ ڪتاب عبراني ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. پراڻي عهدنامي جي ترتيب کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ ان ۾ موجود ڪتاب هيٺين پنجن عنوانن ۾ ورهائي سگهجن ٿا:

1. توريت شريف: بائيبل مقدس جي پهرين پنجن ڪتابن کي توريت شريف سڏيو ويجي ٿو، جن جا نالا پيدائش، خروج، ڳاڻاڻو، لاوي سرشتو ۽ شريعت جو دور آهن. انهن ڪتابن ۾ خداوند جي شريعت لکيل آهي، جيڪا حضرت موسيٰ جي معرفت بني اسرائيل قوم کي ڏني ويئي. ”توريت“ لفظ جي معنيٰ آهي ”شريعت“.

2. تواريخي ڪتاب: انهن ڪتابن ۾ بني اسرائيل جي تواريخ ڏني ويجي ٿي. حضرت موسيٰ جي وفات کان پوءِ بني اسرائيل قوم جي ڪنعان ملڪ ۾ داخل ٿيڻ، اتان سندن جلاوطن ٿي وڃڻ ۽ پوءِ جلاوطنيءَ کان موٽي پنهنجي وطن اچڻ تائين جو تفصيلي احوال بيان ڪيل آهي. يشوع، رهبرَ ۽ رُوت نالي ڪتابن ۾ بني اسرائيل جي بادشاهن کان اڳ واري تواريخ تحرير ٿيل آهي. 1 ۽ 2 سموئيل، 1 ۽ 2 بادشاهَه، 1 ۽ 2 تواريخ نالي ڪتابن ۾ بادشاهن جي دور جو بيان آهي. عزرا، نحمياه ۽ آستر نالي ڪتابن ۾ بني اسرائيل جي جلاوطنيءَ کان پوءِ وارين ڳالهين جو ذڪر بيان ڪيل آهي.

3. شاعريءَ جا ڪتاب: شاعريءَ وارن ڪتابن کي حڪمت وارا ڪتاب پڻ سڏيو ويجي ٿو. انهن ۾ ايوب، زبور، جنهن ۾ اڪثر ڪري حضرت دائود جا زبور شامل آهن، چوڻيون، واعظ ۽ راڳن جو راڳ، جيڪي عام رواجي طور حضرت سليمان جا لکيل سمجهيا وڃن ٿا، تن کان علاوه زاريون نالي ڪتاب پڻ شامل آهي.

4. نبين جا وڏا صحيفا: هنن چئن وڏن ڪتابن جا نالا نبين جي نالن پٺيان ڏنا ويا آهن يعني يسعياه، يرمياه، حزقي‌ايل ۽ دانيال. انهن وڏن صحيفن ۾ بني اسرائيل جي لاءِ خداوند جا مختلف پيغام ڏنل آهن.

5. نبين جا ننڍا صحيفا: نبين جي معرفت مليل خداوند جا هي پيغام وڏن صحيفن کان ننڍا آهن. انهن جا نالا ٻه نبين جي نالن پٺيان ڏنا ويا آهن، يعني هوسيع، يوايل، عاموس، عبدياه، يونس، ميڪاه، ناحوم، حبقوق، صفنياه، حجي، زڪرياه ۽ ملاڪي.

# پيدائش

## توريت شريف جو پھريون ڪتاب

### تعارف

هن مقدس ڪتاب جو نالو ”پيدائش“ آهي، ڇوته هن ۾ سڄي ڪائنات جي پيدا ٿيڻ جو ذڪر آهي. هن ڪتاب ۾ انسانذات جي اصل نسل، دنيا ۾ گناهه ۽ تڪليفن جي شروعات ۽ انسانذات سان خدا جي هلت چلت جي طريقي بابت معلومات ڏنل آهي. پيدائش جي هن ڪتاب کي ٽن مکيه حصن ۾ ورهائي سگھجي ٿو.

1. باب 1–11 ۾ دنيا جي پيدائش ۽ انساني نسل جي شروعاتي تواريخ جو ذڪر آهي. انهن بابن ۾ حضرت آدم ۽ بيبي حوا، قابيل ۽ هابيل، نوح نبي ۽ ٻوڏ ۽ بابل واري مناري جو احوال مليل ٿو.

2. باب 12–50 ۾ بني اسرائيل جي ابتدائي ابن ڏاڏن جو احوال مليل ٿو. انهن مان پھريون حضرت ابراهيم آهي، جيڪو پنهنجي ايمان ۽ خدا جي فرمانبرداريءَ جي ڪري قابلِ ذڪر آهي. تنهن کان پوءِ سندس پٽ حضرت اسحاق، سندس پوٽو حضرت يعقوب، جنهن کي اسرائيل به سڏيو ويندو آهي ۽ انهيءَ جي ٻارهن پٽن، جن سان بني اسرائيل جا ٻارهن قبيلا ٿيا، تن سڀني جي زندگيءَ جو احوال مليل ٿو. انهن بابن ۾ حضرت يعقوب جي پٽن مان حضرت يوسف جو خاص طور احوال ڏنل آهي ۽ ان سان گڏ انهن واقعن جو به، جن جي ڪري حضرت يعقوب ۽ سندس ٻيا پٽ پنهنجي اهل وَ عيال سميت مصر ۾ اچي رهيا.

جيتوڻيڪ پيدائش جو هي ڪتاب ماڻهن جي زندگيءَ بابت ٻڌائي ٿو، تہ بہ هن ڪتاب ۾ خدا جي ڪمن کي اوليت حاصل آهي. هن ڪتاب جي شروعات خدا جي ڪائنات کي پيدا ڪرڻ جي بيان سان ۽ پڄاڻي هن واعدي سان ٿئي ٿي تہ خدا هر وقت پنهنجن جي سنڀال ڪندو رهندو. هن ڪتاب جي شروع کان آخر تائين خدا ئي مکيه ڪردار آهي، جيڪو گناهه ڪندڙن جي عدالت ٿو ڪري ۽ کين سزا ٿو ڏئي. هو پنهنجن جي رهبري ۽ مدد ٿو ڪري ۽ انهن جي تواريخ ٿو گھڙي. هي قديم ڪتاب انهيءَ لاءِ لکيو ويو تہ جيئن بني اسرائيل جي دين جو شروعاتي احوال تحريري صورت ۾ هجي ۽ انهيءَ دين کي زنده رکڻ لاءِ ڪيل خدا جا ڪارناما محفوظ رهن.

### سِٽاءُ


ڪائنات ۽ انسانذات جي پيدائش 1:1–25:2
گناهه ۽ تڪليفن جي شروعات 1:3–24
حضرت آدم کان نوح نبيءَ تائين 1:4–32:5
نوح نبي ۽ ٻوڏ 1:6–32:10
بابل جو منارو 1:11–9
سِم کان حضرت ابرام يعني ابراهيم تائين 10:11–32
بني اسرائيل جا ابا ڏاڏا: ابراهيم، اسحاق، يعقوب 1:12–29:35
عيسوءَ جو اولاد 1:36–43
حضرت يوسف ۽ سندس ڀائر 1:37–28:45
بني اسرائيل مصر ۾ 1:46–26:50

## دنيا جي پيدائش

1 (1) شروعات ۾ خدا زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪيو. (2) ان وقت
زمين بي‌ترتيب ۽ ويران هئي. اونهي سمنڊ جو مٿاڇرو اونده
سان ڍڪيل هو ۽ پاڻيءَ جي مٿان خدا جي روح ڦيرا پئي ڪيا.
(3) تڏهن خدا حڪم ڏنو ته ”روشني ٿئي.“ سو روشني ٿي پيئي.
(4) خدا ڏٺو ته روشني چڱي آهي. هن روشنيءَ کي اونده کان
ڌار ڪيو. (5) پوءِ روشنيءَ جو نالو ”ڏينهن“ رکيائين ۽ اونده جو
”رات.“ سو سانجهي ٿي ۽ صبح ٿيو. اهو پهريون ڏينهن هو.
(6) پوءِ خدا حڪم ڏنو ته ”پاڻيءَ جي وچ ۾ حد مقرر ٿئي جيڪا
پاڻيءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي.“ سو ائين ئي ٿيو. (7) اهڙيءَ طرح
خدا هڪ حد ٺاهي، جنهن جي وسيلي هيٺ واري پاڻيءَ کي مٿي
واري پاڻيءَ کان ڌار ڪيائين. (8) خدا انهيءَ حد جو نالو ”آسمان“
رکيو. سو سانجهي ٿي ۽ صبح ٿيو. اهو ٻيو ڏينهن هو.
(9) پوءِ خدا حڪم ڏنو ته ”آسمان جي هيٺان جيڪو پاڻي آهي سو
سڀ هڪڙي هنڌ گڏ ٿئي ته جيئن خشڪي ظاهر ٿئي.“ سو ائين ئي
ٿيو. (10) خدا خشڪيءَ جو نالو ”زمين“ رکيو ۽ پاڻي جيڪو گڏ ٿيو هو
تنهن جو نالو ”سمنڊ“ رکيائين. خدا ڏٺو ته اهو چڱو آهي. (11) پوءِ
حڪم ڏنائين ته ”زمين تي اناج ڏيندڙ توڙي ميوا ڏيندڙ ٻوٽن سميت
سڀني قسمن جا ٻوٽا پنهنجي پنهنجي جنس موجب پيدا ٿين.“ سو
ائين ئي ٿيو. (12) تڏهن زمين تي هر قسم جا ٻوٽا پيدا ٿيا، خدا ڏٺو
ته اهو چڱو آهي. (13) سو سانجهي ٿي ۽ صبح ٿيو. اهو ٽيون ڏينهن
هو.
(14) پوءِ خدا حڪم ڏنو ته ”آسمان جي حد ۾ روشنايون ٿين ته
ڏينهن کي رات کان ڌار ڪن ۽ اُهي مندن، ڏينهن ۽ سالن جي شروع
ٿيڻ جو وقت ظاهر ڪن. (15) اُهي زمين کي روشن ڪرڻ لاءِ آسمان ۾
چمڪن.“ سو ائين ئي ٿيو. (16) اهڙيءَ طرح خدا ٻه وڏيون روشنيون
ٺاهيون، هڪڙي وڏي جيڪا ڏينهن تي حڪومت هلائي ٿي ۽ ٻي ان
کان ننڍي جيڪا رات تي حڪومت ڪري ٿي. خدا تارا به ٺاهيا.
(17) خدا انهن روشنين کي آسمان جي حد ۾ رکيو، ته جيئن زمين کي
روشن ڪن. (18) اُهي ڏينهن ۽ رات تي حڪومت هلائين ۽ روشنيءَ
کي اونده کان ڌار ڪن. خدا ڏٺو ته اهو چڱو آهي. (19) سو سانجهي
ٿي ۽ صبح ٿيو. اهو چوٿون ڏينهن هو.
(20) پوءِ خدا حڪم ڏنو ته ”پاڻي بي‌شمار ساهوارن سان ڀرجي وڃي
۽ پکي آسمان ۾ اُڏامن.“ (21) سو وڏا وڏا سامونڊي جانور ۽ هر قسم
جا پاڻيءَ ۾ رهندڙ ساهوارا ۽ هر قسم جا پکي پيدا ٿيا. خدا ڏٺو ته
اهو چڱو آهي. (22) خدا انهن سڀني کي برڪت ڏني. پاڻيءَ ۾ رهندڙ
ساهوارن کي چيائين ته ”وڌو ۽ ويجهو ۽ سمنڊ کي ڀرپور ڪريو.“
پکين کي چيائين ته ”زمين تي وڌو ۽ ويجهو.“ (23) سو سانجهي ٿي
۽ صبح ٿيو. اهو پنجون ڏينهن هو.
(24) پوءِ خدا حڪم ڏنو ته ”زمين هر قسم جا ننڍا وڏا، گهريلو
۽ جهنگلي جانور ۽ سرندڙ جيت‌جڻا پيدا ڪري.“ سو ائين ئي ٿيو.
(25) خدا انهن سڀني کي ٺاهيو ۽ خدا ڏٺو ته اهو چڱو آهي. (26) پوءِ
خدا چيو ته ”هاڻي اسين انسان کي ٺاهيون جيڪو اسان جي صورت
تي اسان وانگر هجي. اُهي مڇين تي، پکين تي، گهريلو ۽ جهنگلي
جانورن تي ۽ ننڍن وڏن ساهوارن تي حڪمراني ڪن.“ (27) تڏهن خدا
انسان کي پاڻ وانگر ٺاهي پنهنجيءَ صورت تي پيدا ڪيو. خدا نر
۽ ناري پيدا ڪري، (28) کين برڪت ڏيئي چيو ته ”گهڻا ٻار ڄڻيو ۽
ڌرتيءَ کي ڀرپور ۽ تابع ڪريو، مڇين تي، پکين تي ۽ سڀني جانورن
تي حڪمراني ڪريو. (29) مون اوهان جي کائڻ لاءِ هر قسم جو اناج
۽ هر قسم جو ميوو مهيا ڪري ڇڏيو آهي. (30) جڏهن ته ڌرتيءَ جي
سڀني جانورن، پکين، جيت‌جڻن لاءِ مون گاهه ۽ ساوا ٻوٽا مهيا
ڪري ڇڏيا آهن.“ سو ائين ئي ڪيو ويو. (31) جيڪي ڪجهه خدا
ٺاهيو هو تنهن تي نظر ڪيائين ۽ ڏٺائين ته اهو تمام چڱو آهي. سو
سانجهي ٿي ۽ صبح ٿيو. اهو ڇهون ڏينهن هو.
2 (1) اهڙيءَ طرح زمين ۽ آسمان جي پيدائش جو ڪم پورو ٿيو.
(2) ستين ڏينهن خدا پنهنجو ڪم جيڪو پورو ڪيو هئائين،
تنهن کان فارغ ٿيو. (3) هن ستين ڏينهن کي برڪت ڏني ۽ انهيءَ
کي پاڪ ڏينهن ٺهرايائين، ڇوته انهيءَ ڏينهن خدا پيدا ڪرڻ جي
ڪم کان فارغ ٿيو.
(4) اهو آهي زمين ۽ آسمان جي پيدا ٿيڻ جو بيان.

## باغ عدن

(5) جڏهن خداوند خدا زمين ۽ آسمان کي ٺاهيو، تڏهن زمين تي
ڪوبه ٻوٽو ڪونه هو ۽ ڪوبه ٻج ڪونه ڦٽيو هو، ڇوته اڃا تائين
زمين تي مينهن ڪونه وسايو هئائين ۽ نه وري ڪو انسان ئي هو
جيڪو زمين تي پوک ڪري. (6) پر زمين مان گهِمَ نڪرندي هئي،
جنهن سان ساري زمين آلي ٿي ويندي هئي. (7) پوءِ خداوند خدا زمين
مان ڪجهه مٽي کنئي ۽ انهيءَ مان هڪ ماڻهو ٺاهيائين. انهيءَ
جي ناسن ۾ زندگيءَ جو ساهه ڦوڪيائين ته هو جيئرو انسان ٿي
پيو. (8) پوءِ خداوند خدا اوڀر طرف عدن ۾ هڪڙو باغ بنايو ۽ جنهن
انسان کي ٺاهيو هئائين تنهن کي انهيءَ باغ ۾ رکيائين. (9) هن هر
قسم جا سهڻا وڻ اُپاريا ۽ منجهن سٺو ميوو به پيدا ڪيو. باغ جي
وچ ۾ هڪ اهڙو وڻ هو جيڪو حياتي ڏيندڙ هو ۽ ٻيو اهڙو وڻ به هو
جيڪو نيڪيءَ ۽ بديءَ جي سڃاڻپ ڏيندڙ هو.

---

1:1 2.ڪر 4:6 1:6–8 2.پطر 3:5 1:26 1.ڪر 11:7 1:27 مت 19:4، مر 10:6 1:27–28 پيد 5:1–2 2:2 عبر 4:4،10
2:2–3 خر 20:11 2:7 1.ڪر 15:45 2:9 مڪا 2:7، 22:2،14

10 عدن مان هڪڙو درياءُ باغ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ نڪتو ۽ اُتان چئن
ندين ۾ ورهائجي ويو. 11 پهرين نديءَ جو نالو فيسون آهي، جا
حويلاه علائقي منجهان وڪڙ ڏيندي وهي ٿي، جتان سون نڪرندو
آهي. 12 انهيءَ زمين جو سون نج آهي ۽ اتان موتي ۽ عقيق به ملن
ٿا. 13 ٻيءَ نديءَ جو نالو گيحون آهي، جيڪا *ڪُوش جي ساري
زمين منجهان وڪڙ ڏيندي وهي ٿي. 14 ٽئين نديءَ جو نالو دجله
آهي، جيڪا اشور جي اوڀر واري پاسي کان وهي ٿي. چوٿين نديءَ
جو نالو فرات آهي.

15 پوءِ خداوند خدا †آدم کي عدن جي باغ ۾ رکيو، انهيءَ لاءِ ته
ان جي باغباني ۽ سنڀال ڪري. 16 خداوند خدا آدم کي چيو ته ”باغ
۾ هر ڪنهن وڻ جو ميوو ڀلي کائيندو رهج. 17 پر جيڪو وڻ نيڪيءَ
۽ بديءَ جي سڃاڻپ ڏيندڙ آهي، تنهن جو ميوو هرگز نه کائجانءِ،
ڇو ته جنهن ڏينهن تون اهو کائيندين تنهن ڏينهن ضرور مرندين.“

18 پوءِ خداوند خدا چيو ته ”آدم جو اڪيلو رهڻ چڱو نه آهي.
تنهنڪري آءٌ هن لاءِ هڪ سٺو ساٿي ٺاهيندس.“ 19 سو خداوند خدا
زمين مان مٽي کڻي سڀ جانور ۽ پکي ٺاهيا. پوءِ انهن کي آدم وٽ
آندائين ته ڏسي ته هو انهن جا نالا ڪهڙا ٿو رکي ۽ آدم جنهن
کي جنهن نالي سان سڏيو سو ئي ان جو نالو ٿيو. 20 سو آدم سڀني
جانورن ۽ پکين جا نالا رکيا. پر انهن مان آدم کي ڪوبه سٺو ساٿي
ڪونه مليو.

21 پوءِ خداوند خدا آدم کي گهري ننڊ ۾ سمهاري ڇڏيو. جڏهن هو
ستل هو ته سندس پاسرين مان هڪڙي پاسري ڪڍي اتي گوشت ڀري
ڇڏيائينس. 22 خداوند خدا ان پاسريءَ مان هڪ عورت ٺاهي ۽ کيس
آدم وٽ وٺي آيو. 23 تڏهن آدم چيو ته ”ڏسو، هي ئي آهي، جيڪو
منهنجي هڏن مان هڏو ۽ منهنجي ماس مان ماس آهي. تنهنڪري
هيءَ ’ناري‘ سڏبي ڇالاءِجو ’نر‘ مان ڪڍي ويئي آهي.“ 24 اهو
ئي سبب آهي جو مرد پنهنجي ماءُپيءُ کي ڇڏي پنهنجيءَ زال سان
گڏجي رهندو ۽ اهي ٻئي گڏجي هڪ ٿي ويندا. 25 آدم ۽ سندس زال
ٻئي اگهاڙا هئا، ته به لڄارا ڪونه ٿي ٿيا.

## انسان جي نافرماني

3 1 خداوند خدا جيڪي به جهنگلي جانور پيدا ڪيا هئا، نانگ
تن سڀني کان وڌيڪ چالاڪ هو. هن عورت کان پڇيو ته ”ڇا
سچپچ خدا اوهان کي باغ ۾ ڪنهن به وڻ جي ميوي کائڻ کان
جهليو آهي؟“ 2 عورت وراڻيو ته ”اسين ته باغ ۾ هر وڻ جو ميوو
کائي سگهون ٿا، 3 سواءِ انهيءَ وڻ جي جيڪو باغ جي وچ ۾ آهي.
خدا اسان کي چيو آهي ته ’ان وڻ جو ميوو نه کائجو ۽ نه ان کي
هٿ ئي لائجو، متان مري وڃو.‘“ 4 نانگ وراڻيو ته ”اوهين هرگز
ڪونه مرندا. 5 خدا ائين انهيءَ ڪري چيو آهي جو کيس خبر آهي
ته جنهن وقت اوهين اهو ميوو کائيندا تنهن وقت خدا وانگر نيڪيءَ
۽ بديءَ کي سڃاڻي وٺندا.“

6 عورت ڏٺو ته وڻ ڏسڻ ۾ ڪهڙو نه سهڻو آهي ۽ ان جو ميوو
کائڻ ۾ ڪيڏو نه سٺو هوندو، سو سندس دل چاهڻ لڳي ته ”آءٌ
اهو کائي سمجهه حاصل ڪريان.“ تڏهن ان ميوي مان ٿورو ڪٽي
کاڌائين. پوءِ ان منجهان ٿورو پنهنجي مڙس کي به ڏنائين ۽ ان به
کاڌو. 7 جيئن ئي انهن کاڌو ته کين سمجهه اچي ويئي ۽ محسوس
ڪيائون ته اسين اگهاڙا آهيون. سو هنن انجير جي پنن کي پاڻ ۾
ڳنڍي پنهنجي لاءِ لانگوٽا ٺاهيا.

8 انهيءَ شام هنن باغ ۾ خداوند خدا جي گهمڻ جو آواز ٻڌو ۽
وڻن ۾ وڃي پاڻ کي انهيءَ کان لڪايائون. 9 پر خداوند خدا آدم
کي سڏي چيو ته ”تون ڪٿي آهين؟“ 10 آدم جواب ڏنو ته ”مون
باغ ۾ تنهنجو آواز ٻڌو. آءٌ ڊڄي ويس ۽ تو کان پاڻ کي لڪايم،
ڇاڪاڻ ته آءٌ اگهاڙو هوس.“ 11 خدا پڇيس ته ”تو کي ڪنهن ٻڌايو
ته تون اگهاڙو آهين؟ ڇا تو اهو ميوو کاڌو، جنهن جي لاءِ مون تو
کي جهليو هو ته نه کائجانءِ؟“ 12 آدم جواب ڏنو ته ”جيڪا عورت
تو مون سان گڏ رهائي آهي، تنهن مون کي اهو ميوو ڏنو ۽ مون
کاڌو.“ 13 خداوند خدا عورت کان پڇيو ته ”تو ائين ڇو ڪيو؟“
عورت وراڻيو ته ”نانگ مون کي برغلايو ۽ مون کاڌو.“

## سزا جو اعلان

14 پوءِ خداوند خدا نانگ کي چيو ته ”انهيءَ ڪم جي ڪري
تون ئي هڪڙو سڀني جانورن ۾ لعنتي آهين. تون پيٽ ڀر رڙهي
هلندين ۽ سڄي حياتي مٽي کائيندين. 15 آءٌ تنهنجي ۽ عورت جي
وچ ۾ دشمني وجهندس. تنهنجي نسل ۽ عورت جي نسل ۾ هميشه
دشمني رهندي. عورت جو نسل تنهنجي منڍي چٿيندو ۽ تون هن
جي کُڙي ڏنگيندين.“

16 خدا عورت کي چيو ته ”آءٌ تنهنجي ويم جي سورن کي گهڻو
وڌائيندس. سورن سان تون ٻار ڄڻيندينءَ. پنهنجي مڙس ڏانهن
تنهنجو چاهه ٿيندو ۽ هو تو تي حڪمراني ڪندو.“ 17 خدا مرد کي
چيو ته ”تو پنهنجيءَ زال جو چيو مڃي اهو ميوو کاڌو، جنهن جي
نه کائڻ لاءِ مون تو کي چيو هو. جيڪي ڪجهه تو ڪيو آهي انهيءَ
سببان زمين لعنت هيٺ رهندي. تون پنهنجي سڄي حياتي محنت

*ڪُوش: گهڻو ڪري ”ڪُوش“ نالي هي علائقو موجوده عراق ملڪ جي ڪجهه حصي تي مشتمل هو.

†آدم: عبراني ٻوليءَ جي لفظ ”آدم“ جي معنيٰ آهي ”انسانذات“. ڏسو 2:7، جنهن ۾ آدم جو ترجمو ”ماڻهو“ ڪيو ويو آهي.

24:2 مت 5:19، مر 7:10–8، 1.ڪر 16:6، اف 31:5 1:3 مڪا 9:12، 2:20 13:3 2.ڪر 3:11، 1.تم 14:2 15:3 مڪا 17:12
17:3–18 عبر 8:6

ڪري انهيءَ جي پيدائش مان پنهنجو گذران ڪندين. 18 انهيءَ مان
تو لاءِ ڪنڊيون ۽ ڪانڊيرا اپرندا ۽ تون انهن منجهان ٻنيءَ جي
ڀاڄي کائيندين. 19 تو کي سخت پورهيو ڪري پنهنجي بدن جي
پگهر جي ماني کائڻي پوندي، جيستائين تون موٽي مٽيءَ ۾ نه
وڃين، جنهن مان تون ٺهيو هئين. تون مٽي آهين ۽ وري به مٽيءَ ۾
موٽي ويندين.“ 20 آدم پنهنجيءَ زال جو نالو *حوا رکيو، ڇاڪاڻ ته
هوءَ سڀني انسانن جي ماءُ آهي. 21 خداوند خدا آدم ۽ سندس زال
جي لاءِ جانورن جي کل جا ڪپڙا ٺهرائي کين پهرايا.

## آدم ۽ حوا جو عدن جي باغ مان تڙجڻ

22 پوءِ خداوند خدا چيو ته ”هاڻ انسان ته اسان وانگر ٿي پيو آهي
۽ کيس نيڪيءَ ۽ بديءَ جي سڃاڻپ به آهي. سو ائين نه ٿئي ته
هو زندگيءَ جي وڻ مان ميوو ڇني کائي ۽ سدائين جيئرو رهي.“
23 تنهنڪري خداوند خدا کيس عدن جي باغ مان تڙي ڪڍيو، انهيءَ
لاءِ ته جنهن زمين مان هو ٺهيو آهي تنهن تي پوک ڪري. 24 پوءِ
اوڀر پاسي باغ جي لنگهه وٽ پردار آسماني مخلوق سان گڏ هڪ
تجليدار تلوار مقرر ڪيائين جيڪا چئني پاسن تي ڦيئي ڦري، ته
جيئن ڪوبه باغ اندر زندگيءَ جي وڻ جي ويجهو وڃي نه سگهي.

## قابيل ۽ هابيل

4 1 پوءِ آدم پنهنجيءَ زال حوا وٽ ويو ۽ هوءَ پيٽ سان ٿي.
حوا کي پٽ ڄائو جنهن ڪري چوڻ لڳي ته ”خداوند طرفان
مون کي هڪ پٽ مليو آهي.“ سو حوا انهيءَ جو نالو †قابيل رکيو.
2 پوءِ کيس هڪ ٻيو پٽ هابيل ڄائو. هابيل ريڍار ۽ قابيل هاري
ٻنيو. 3 ڪجهه عرصي کان پوءِ قابيل پنهنجي ٻنيءَ جي پيدائش
مان ڪجهه اٽي خداوند جي لاءِ نذرانو ڏنو. 4 هابيل به پنهنجي
رڍن جا پهريتا ڦر آٽي نذرانو ڏنا. خداوند هابيل ۽ سندس نذراني کي
قبول ڪيو. 5 پر قابيل ۽ سندس نذراني کي قبول نه ڪيائين. تنهن
تي قابيل کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ سندس منهن ڦري ويو. 6 تڏهن
خداوند قابيل کي چيو ته ”تون ڇو ڪاوڙيو آهين؟ تنهنجو منهن ڇو
ڦري ويو آهي؟ 7 جيڪڏهن تون صحيح ڪم ڪرين ها ته آءٌ تنهنجو
نذرانو قبول ڪريان ها. پر جيئن ته تو صحيح ڪم نه ڪيو آهي، سو
خبردار متان تون هاڻي گناهه ۾ ڦاسي پوين. گناهه تو کي جهڪائڻ
چاهي ٿو پر تون ضرور مٿس غالب پئُہ.“ 8 پوءِ قابيل پنهنجي ڀاءُ
هابيل کي چيو ته ”هل ته ٻنيءَ تي هلون.“ جڏهن اهي ٻنيءَ ۾ پهتا
ته قابيل پنهنجي ڀاءُ تي حملو ڪري کيس ماري وڌو.

9 تڏهن خداوند قابيل کان پڇيو ته ”تنهنجو ڀاءُ هابيل ڪٿي
آهي؟“ قابيل وراڻيو ته ”مون کي خبر ناهي، آءٌ ڪو پنهنجي ڀاءُ
جو سنڀاليندڙ آهيان ڇا؟“ 10 تنهن تي خداوند چيس ته ”تو هي ڇا
ڪيو آهي؟ تنهنجي ڀاءُ جو رت مون کي زمين مان بدلي وٺڻ لاءِ
پيو پڪاري. 11 جنهن زمين تي تو پنهنجي ڀاءُ جو رت وهايو آهي
سا تو کي رد ڪندي. 12 جڏهن تون زمين تي هر هلائيندين تڏهن
انهيءَ مان تو کي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. تون زمين تي رلندين
۽ ڌڪا کائيندين.“

13 تڏهن قابيل خداوند کي چيو ته ”اها سزا منهنجي برداشت
ڪرڻ کان ٻاهر آهي. 14 تون مون کي پنهنجي حضوريءَ ۽ ملڪ مان
ڪڍين ٿو پيو. آءٌ زمين تي رلندو ۽ ڌڪا کائيندو وتندس ۽ جيڪو
مون کي ڏسندو سو ماري وجهندم.“ 15 پر خداوند جواب ڏنو ته
”نه. جيڪڏهن ڪوبه تو کي ماريندو ته انهيءَ کي ستوڻي سزا
ملندي.“ سو هر ڪنهن کي خبردار ڪرڻ لاءِ خداوند قابيل تي هڪ
نشان ڪري ڇڏيو ته جيڪو به کيس ڏسي سو نه ماريس. 16 سو
قابيل خداوند جي حضوريءَ مان نڪري ويو ۽ ‡نود نالي علائقي ۾
وڃي رهيو جيڪو عدن جي اوڀر پاسي هو.

## قابيل جو اولاد

17 قابيل جي زال کي هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو حنُوڪ رکيائين.
پوءِ قابيل هڪ شهر ٻڌو ۽ ان جو نالو پنهنجي پٽ حنُوڪ جي نالي
تي رکيائين. 18 حنُوڪ کي عيراد نالي هڪ پٽ ڄائو، عيراد کي
محوياايل نالي پٽ ڄائو، محوياايل کي متوسلح نالي پٽ ڄائو ۽
متوسلح کي لمڪ نالي پٽ ڄائو. 19 لمڪ به زالون پرڻيو، جن مان
هڪڙيءَ جو نالو عده ۽ ٻيءَ جو نالو صِلاه هو. 20 عده کي يابل ڄائو،
جيڪو تنبن ۾ رهندڙن ۽ ڍورن پاليندڙن جو وڏو هو. 21 سندس ڀاءُ
جو نالو يوبل هو، جيڪو ڦوڪ وارا ۽ تار وارا سڀيئي ساز وڄائيندڙن
جو وڏو هو. 22 صِلاه کي توبلقابيل ڄائو، جيڪو ٽامي ۽ لوهه مان
اوزار ٺاهيندو هو. توبلقابيل کي نعمه نالي هڪ ڀيڻ هئي.
23 هڪڙي ڏينهن لمڪ پنهنجي ٻنهي زالن کي چيو ته
”اي عده ۽ صِلاه! اوهين ڌيان سان منهنجي ڳالهه ٻڌو،
جيڪڏهن ڪو مون کي زخمي ڪري وجهي،
بلڪ ڪو ٻار ئي مون کي رڳو ڌڪ هڻي،
ته آءٌ انهيءَ کي ماري ڇٽ ڪري ڇڏيندس.
24 هائو، جيڪڏهن قابيل کي مارڻ واري کي
ستوڻي سزا ملندي،

*حوا: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”زندگي“.
†قابيل: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”مليل“.
‡نود: انهيءَ جي معنيٰ آهي ”رُلڻ واري جاءِ“.

22:3 مڪا 14:22 4:4 عبر 4:11 8:4 مت 35:23، لو 51:11، 1.يو 12:3 10:4 عبر 24:12 24:4 مت 22:18

تڏهن ٻڌي ڇڏيو ته
منهنجي مارڻ جي ڪوشش ڪرڻ واري کي
ستهتروڻي سزا ملندي."

## سيت ۽ انوس

(25) آدم ۽ سندس زال کي هڪ ٻيو پٽ ڄائو. هوءَ چوڻ لڳي ته
"خدا مون کي هابيل جي جاءِ تي هڪ ٻيو پٽ ڏنو آهي، جنهن کي
قابيل قتل ڪيو هو." سو هن جو نالو *سيت رکيائين. (26) سيت کي
به هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو انوس رکيائين. انهيءَ وقت کان
وٺي ماڻهو خداوند جو پاڪ نالو وٺڻ لڳا.

## آدم جو اولاد
(1.تواريخ 1:1–4)

5 (1)-(2) جڏهن خدا انسان کي پيدا ڪيو ته کيس پاڻ وانگر
ٺاهيائين. خدا هنن کي نر ۽ ناري پيدا ڪري برڪت ڏني ۽ کين
"انسان" سڏيائين، جن جي اولاد جي هيءَ فهرست آهي: (3) جڏهن
آدم هڪ سؤ ٽيهن سالن جو ٿيو ته کيس پنهنجي صورت تي پاڻ
جهڙو هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو سيت رکيائين. (4) انهيءَ کان
پوءِ آدم اٺ سؤ سال جيئرو رهيو ۽ کيس وڌيڪ پٽ ۽ ڌيئرون ڄايون.
(5) آدم نو سؤ ٽيهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.
(6) سيت جڏهن هڪ سؤ پنجن سالن جو ٿيو ته کيس انوس نالي
هڪ پٽ ڄائو. (7) انوس جي ڄمڻ کان پوءِ سيت اٺ سؤ ست سال
جيئرو رهيو ۽ کيس ٻيا ٻار به ڄاوا. (8) سيت نو سؤ ٻارهن سالن جي
عمر ۾ هي جهان ڇڏي ويو.
(9) جڏهن انوس نوي سالن جو ٿيو ته کيس قينان نالي هڪ پٽ
ڄائو. (10) قينان جي ڄمڻ کان پوءِ انوس اٺ سؤ پندرهن سال زنده
رهيو ۽ کيس ٻيا ٻار به ڄاوا. (11) انوس نو سؤ پنجن سالن جي عمر
۾ فوت ٿي ويو.
(12) جڏهن قينان ستر سالن جو ٿيو ته کيس مهللايل نالي پٽ ڄائو.
(13) پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ قينان اٺ سؤ چاليهه سال جيئرو رهيو ۽ کيس
ٻيا ٻار به ڄاوا. (14) قينان نو سؤ ڏهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.
(15) جڏهن مهللايل پنجهٺ سالن جو ٿيو ته کيس يارد نالي پٽ
ڄائو. (16) پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ هو اٺ سؤ ٽيهه سال جيئرو رهيو ۽
کيس ٻيا ٻار به ڄاوا. (17) مهللايل اٺ سؤ پنجانوي سالن جي عمر
۾ وفات ڪئي.

(18) جڏهن يارد هڪ سؤ ٻاهٺ سالن جو ٿيو ته کيس حنُوڪ نالي
هڪ پٽ ڄائو. (19) پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ يارد اٺ سؤ سال جيئرو رهيو
۽ کيس ٻيا ٻار به ڄاوا. (20) هن نو سؤ ٻاهٺ سالن جي عمر ۾ وفات
ڪئي.
(21) جڏهن حنُوڪ پنجهٺ سالن جو ٿيو ته کيس متُوشلح نالي هڪ
پٽ ڄائو. (22) تنهن کان پوءِ حنُوڪ ٽي سؤ سالن تائين خدا جي
رفاقت ۾ رهيو ۽ کيس ٻيا ٻار به ڄاوا. (23) سندس سموري عمر ٽي
سؤ پنجهٺ سال هئي. (24) حنُوڪ پنهنجي حياتي خدا جي رفاقت ۾
گذاريندو رهيو ۽ پوءِ جيئن ته خدا هن کي کڻي ورتو، سو هو وري
نظر نہ آيو.
(25) جڏهن متُوشلح هڪ سؤ ستاسي سالن جو ٿيو ته کيس لمڪ
نالي هڪ پٽ ڄائو. (26) پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ هو ست سؤ ٻياسي
سال جيئرو رهيو ۽ کيس ٻيا ٻار به ڄاوا. (27) متُوشلح نو سؤ اوڻهتر
سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.
(28) جڏهن لمڪ هڪ سؤ ٻياسي سالن جو ٿيو ته کيس هڪ پٽ
ڄائو. (29) هن پٽ جو نالو هي چوندي †نوح رکيو ته "هي ٻار انهيءَ
زمين تي، جنهن تي خدا لعنت ڪئي هئي، اسان جي سموري پورهئي
۽ محنت کان اسان کي آرام ڏيندو." (30) نوح جي ڄمڻ کان پوءِ لمڪ
پنج سؤ پنجانوي سال جيئرو رهيو ۽ کيس ٻيا ٻار به ڄاوا. (31) لمڪ
ست سؤ ستهتر سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.
(32) جڏهن نوح پنج سؤ سالن جو ٿيو ته کيس سِم، حام ۽ يافت
نالي ٽي پٽ ڄاوا.

## انسان جي بڇڙائي

6 (1) جڏهن سڄيءَ دنيا ۾ ماڻهو پکڙجي ويا ۽ انهن مان
ڌيئرون پيدا ٿيون، (2) تڏهن آسماني مخلوق ڏٺو ته ماڻهن جون
ڇوڪريون سهڻيون آهن. سو انهن مان جيڪا جنهن کي وڻي سا هن
پنهنجي زال ڪئي. (3) تڏهن خداوند چيو ته "آءٌ انسان کي هميشه
تائين رهڻ ڪونه ڏيندس، ڇالاءِجو هو فاني آهي. سو انسان هڪ
سؤ ويهن سالن کان وڌيڪ جيئرا نه رهندا." (4) تن ڏينهن ۾ ۽ پوءِ
به، زمين تي راڪاس هئا، جيڪي آسماني مخلوق ۽ انهن عورتن
جو اولاد هئا. اهي ئي پراڻي زماني جا نالي وارا پهلوان هئا.
(5) پوءِ جڏهن خداوند ڏٺو ته هر ماڻهو بڇڙائي ڪرڻ ۾ وڌي ويو
آهي ۽ انهن جي دل جا خيال هر وقت بڇڙائيءَ جي ڳالهين سان ڀريل
آهن، (6) تڏهن خداوند کي ڌرتيءَ تي انسان جي پيدا ڪرڻ جو افسوس
ٿيو ۽ دل ۾ ڏک ٿيس. (7) سو خداوند چيو ته "جنهن انسان کي مون

---

*سيت: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ڏنو آهي".
†نوح: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "آرام".

5:1–2 پيد 1:27–28، مت 19:4، مر 10:6 5:24 عبر 11:5، يهو 14 6:1–4 ايو 1:6، 2:1 6:4 ڳا 13:33
6:5–8 مت 24:37، لو 17:26، 1.پط 3:20

پيدا ڪيو آهي تنهن کي ڌرتيءَ تان مٽائي ڇڏيندس، جانورن، سرنڊڙ
جيتن توڙي پکين سميت، ڇالاءِجو ڪين پيدا ڪرڻ ڪان مون کي ڏک
ٿيو آهي.“ 8 پر نوح خداوند جي نظر ۾ مقبول ٿيو.

## نوح

9–10 نوح جو واقعو هن ريت آهي: نوح کي سِم، حام ۽ يافت
نالي ٽي پٽ هئا. نوح پنهنجي زماني ۾ اڪيلو ئي سچار هو. هو
خدا جي رفاقت ۾ رهندو هو. 11 پر ٻيو هر ڪو خدا جي نظر ۾ بگڙيل
هو ۽ هر هنڌ ظلم ئي ظلم هو. 12 خدا دنيا تي نظر ڪئي ۽ ڏٺائين
تہ اها خراب ٿي ويئي آهي، ڇاڪاڻتہ سڀني ماڻهن جي هلت چلت
بڇڙي ٿي ويئي هئي.
13 پوءِ خدا نوح کي چيو تہ ”مون انسانذات کي ختم ڪري ڇڏڻ
جو ارادو ڪيو آهي. آءٌ انهن کي بلڪل تباهہ ڪندس، ڇاڪاڻتہ
دنيا انهن جي ظلم سان ڀرجي ويئي آهي. 14 تون ديال جي ڪاٺ مان
پنهنجي لاءِ هڪ ٻيڙو ٺاهج، انهيءَ ٻيڙي ۾ ڪوٺيون ٺاهج ۽ ٻيڙي
کي اندران ۽ ٻاهران رال لڳائج. 15 ٻيڙو اهڙيءَ طرح ٺاهج جو ان جي
ڊيگهہ هڪ سؤ چوٽيهہ ميٽر هجي، ويڪر ٻاويهہ ميٽر ۽ اوچائي
تيرهن ميٽر هجي. 16 ٻيڙي جي ڇت کان اڌ ميٽر هيٺ تائين روشندان
وانگر چوڌاري کليل جاءِ رکج. ٻيڙي ۾ ٽي طبقا ٺاهج ۽ پاسي ۾
هڪ در رکج. 17 آءٌ ڌرتيءَ تي هڪ ٻوڏ موڪليندس، تہ جيئن سڀ
ساهوارا برباد ٿي وڃن. پوءِ جيڪي بہ ڌرتيءَ تي آهي سو سڀ ناس
ٿي ويندو. 18 پر آءٌ تو سان پنهنجو عهد قائم ڪندس. تون پنهنجيءَ
زال، پنهنجي پٽن ۽ انهن جي زالن سميت اچي ٻيڙي ۾ چڙهج. 19–
20 هر قسم جي جانورن، هر قسم جي پکين ۽ هر قسم جي سرنڊڙ
جيتن مان نر ۽ مادي بہ پاڻ سان ٻيڙي ۾ ڪٽج تہ جيئن اهي جيئرا
رهن. 21 پنهنجي ۽ هنن جي لاءِ هر قسم جو کاڌو بہ کڻ.“ 22 سو
نوح ائين ئي ڪيو، جيئن خدا کيس فرمايو هو.

## ٻوڏ

7 1 خداوند نوح کي چيو تہ ”تون پنهنجي سڄي ڪٽنب سميت
اچي ٻيڙي ۾ چڙهہ. مون ڏٺو آهي تہ سڄيءَ دنيا ۾ تون ئي
هڪڙو آهين جو سچار آهين. 2 سڀني پاڪ جانورن مان ست ست
جوڙا يعني نر ۽ ماديون ۽ ناپاڪ جانورن مان هڪ هڪ جوڙو يعني
نر ۽ مادي پاڻ سان گڏ کڻج. 3 هر قسم جي پکين مان بہ ست ست
جوڙا يعني نر ۽ ماديون کڻج، تہ جيئن ڌرتيءَ تي انهن جو نسل قائم
رهي. 4 ستن ڏينهن کان پوءِ آءٌ چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ راتيون
ڌرتيءَ تي مينهن وسائيندس ۽ سڀني ساهوارن کي، جيڪي مون بڻايا
آهن برباد ڪري ڇڏيندس.“ 5 سو نوح ائين ئي ڪيو، جيئن خداوند
کيس فرمايو هو.

6 جڏهن ڌرتيءَ تي ٻوڏ آئي تڏهن نوح جي عمر ڇهہ سؤ سال
هئي. 7 نوح ۽ سندس زال، سندس پٽ ۽ انهن جون زالون ٻوڏ کان
بچڻ لاءِ اچي ٻيڙي ۾ چڙهيا. 8 هر قسم جي پاڪ ۽ ناپاڪ جانورن،
پکين ۽ زمين تي سرنڊڙ جيتن مان جوڙو جوڙو، 9 نوح سان گڏ ٻيڙي
۾ اچي چڙهيا، جيئن خدا فرمايو هو. 10 ستن ڏينهن کان پوءِ ڌرتيءَ
تي ٻوڏ آئي.
11 جڏهن نوح جي عمر ڇهہ سؤ سال هئي، تڏهن انهيءَ سال جي
ٻئي مهيني جي سترهين تاريخ تي ڌرتيءَ جي هيٺان چشما ڦٽي نڪتا
۽ آسمان جون دريون کلي پيون. 12 چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ راتيون
ڌرتيءَ تي مينهن پوندو رهيو.
13 انهيءَ ساڳئي ڏينهن نوح ۽ سندس زال پنهنجي ٽنهي پٽن سِم،
حام ۽ يافت ۽ انهن جي زالن سان گڏ ٻيڙي ۾ چڙهيا. 14 انهن سان
گڏ هر قسم جا جانور، ڍور، زمين تي سرنڊڙ جيت ۽ هر قسم جا
پکي ٻيڙي ۾ چڙهيا. 15 سڀني ساهوارن مان جوڙو جوڙو يعني نرماد
نوح سان گڏ ٻيڙي ۾ چڙهيا، 16 جيئن خدا فرمايو هو. پوءِ خداوند
انهيءَ کي ٻاهران بند ڪري ڇڏيو.
17 چاليهن ڏينهن تائين ڌرتيءَ تي ٻوڏ ايندي رهي ۽ پاڻي ويو
چڙهندو، تان جو ٻيڙو مٿي کڄي ترڻ لڳو ۽ ڌرتيءَ کان کڄي مٿي
ٿيو. 18 پاڻي ڌرتيءَ تي چڙهندو چڙهندو گهڻو وڌي ويو ۽ ٻيڙو پاڻيءَ
تي ترڻ لڳو. 19 پاڻي ڌرتيءَ تي ايترو تہ چڙهيو جو سڄيءَ دنيا جا
وڏا وڏا جبل بہ ٻڏي ويا. 20 پاڻي انهن کان بہ ست ميٽر مٿي هو.
21 جيڪي بہ ساهوارا ڌرتيءَ تي گهميا ڦِريا، جهرڪ پکي، حيوان،
جهنگلي جانور، زمين تي سرنڊڙ جيت ۽ انسان، سي سڀ مري ويا.
22 جن ۾ بہ زندگيءَ جو دم هو ۽ سڪيءَ زمين تي رهندا هئا سي
سڀ مري ويا. 23 جيڪا بہ ساهواري شيءِ ڌرتيءَ تي هئي، ماڻهو
توڙي جانور، زمين تي سرنڊڙ جيت توڙي پکي، سي سڀ مري ويا.
رڳو نوح ۽ ٻيا جيڪي ساڻس گڏ ٻيڙي ۾ هئا سي وڃي بچيا. 24 اهو
پاڻي ڏيڍ سؤ ڏينهن تائين ڌرتيءَ تي بيٺو هو.

## ٻوڏ کان پوءِ

8 1 خدا نوح ۽ انهن جانورن کي جيڪي ساڻس گڏ ٻيڙي ۾ هئا
وساري ڪونہ ڇڏيو. سو خدا هوا گهلائي ۽ پاڻي لهڻ لڳو.
2 ڌرتيءَ جي هيٺان ڦٽي نڪتل چشما ۽ آسمان جون دريون بند ٿي
ويون ۽ مينهن بند ٿي ويو. 3 پاڻي ڌرتيءَ تان آهستي آهستي لهڻ
لڳو ۽ ڏيڍ سؤ ڏينهن کان پوءِ گهڻو گهٽجي ويو. 4 پوءِ ستين مهيني
جي سترهين تاريخ ٻيڙو اراراط جبلن جي قطار مان هڪ جبل تي
اچي بيٺو. 5 پاڻي لهندو ويو ۽ ڏهين مهيني جي پهرين تاريخ جبل
جون چوٽيون ڏسڻ ۾ آيون.

---

2.پط 5:2   22:6 عبر 7:11   7:7 مر 38:24–39، لو 27:17   11:7 2.پط 6:3

6 چاليهن ڏينهن کان پوءِ نوح ٻيڙي جو هڪڙو روشندان کوليو.
7 هن هڪڙو ڪانءُ اڏاريو جيڪو موٽي ڪونه آيو، پر ڌرتيءَ تي
پاڻيءَ جي سڪڻ تائين هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦريو. 8 پوءِ هن هڪڙي
ڪبوتري اڏاري، انهيءَ لاءِ جو خبر پوي ته ڌرتيءَ تان پاڻي لهي
ويو آهي يا نه. 9 پر جيئن ته اڃا ساريءَ ڌرتيءَ تي پاڻي بيٺل هو
سو ڪبوتريءَ کي هيٺ لهي اچڻ جي جاءِ نه ملي. تنهنڪري هوءَ
ٻيڙي ڏانهن موٽي آئي ۽ نوح هٿ ڊگهيري انهيءَ کي ڪٽي ٻيڙي ۾
آندو. 10 ست ڏينهن ٻيا ترسڻ کان پوءِ نوح وري انهيءَ ڪبوتريءَ
کي اڏاريو. 11 اها سانجهيءَ جو وٽس موٽي آئي ۽ ان جي چهنب
۾ هڪڙو زيتون جو تازو ڇنل پن هو، جنهن مان نوح سمجهيو ته
ڌرتيءَ تان پاڻي لهي ويو آهي. 12 پوءِ ٻيا ست ڏينهن ترسي هن وري
به ڪبوتري اڏاري جيڪا وٽس موٽي ڪونه آئي.
13 جڏهن نوح جي عمر ڇهه سؤ هڪ سال هئي ته پهرين مهيني
جي پهرين تاريخ ڌرتيءَ تان پاڻي لهي ويو. نوح ٻيڙي جي ڇت کولي
۽ ڏٺائين ته ڌرتيءَ جو مٿاڇرو سڪي ويو آهي. 14 ٻئي مهيني جي
ستاويهين تاريخ سڄي ڌرتي سڪي ويئي.
15 پوءِ خدا نوح کي چيو ته 16 ”تون پنهنجيءَ زال، پنهنجن پٽن ۽
سندن زالن سميت ٻيڙي مان نڪري اچ. 17 سڀيئي ساهوارا جهڙوڪ
پکي، جانور ۽ سرندڙ جيت پاڻ سان گڏ ٻاهر وٺي اچ ته اُهي ڌرتيءَ
تي نسل وڌائين ۽ وڌن ويجهن.“ 18 تڏهن نوح پنهنجيءَ زال، پنهنجن
پٽن ۽ انهن جي زالن کي پاڻ سان گڏ وٺي ٻاهر آيو. 19 سڀيئي جانور،
سرندڙ جيت ۽ پکي ٻيڙي مان نڪري ٻاهر آيا.

## نوح جو قرباني پيش ڪرڻ

20 پوءِ نوح خداوند جي لاءِ هڪڙي قربانگاهه ٺاهي ۽ هر قسم
جي پاڪ جانورن ۽ پکين مان هڪ هڪ ڪٽي قربانگاهه تي آڻي
ساڙڻ واري قرباني پيش ڪيائين. 21 قربانيءَ جي خوشبوءِ پهچڻ سان
خداوند ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي دل ۾ چيائين ته ”آءٌ انسان جي
ڪري ڌرتيءَ کي وري وڌيڪ لعنتي نه ڪندس. جيتوڻيڪ انسان جي
دل جو خيال ننڍپڻ کان برائيءَ ڏانهن راغب آهي، تنهن هوندي به
وري ڪڏهن به سڀني ساهوارن کي نه ماريندس، جيئن هاڻي ماريو
اٿم. 22 جيستائين دنيا هوندي تيستائين پوکي توڙي لوب، سردي ۽
گرمي، اونهارو ۽ سيارو، ڏينهن ۽ رات ٿيندا رهندا.“

## نوح سان خدا جو عهد

9 1 خدا نوح ۽ سندس پٽن کي برڪت ڏيئي چيو ته ”گهڻا ٻار
ڄڻيو ته جيئن ساري ڌرتي اوهان جي اولاد سان ڀرجي وڃي.
2 سڀ جانور، پکي، سرندڙ جيت ۽ مڇيون اوهان جي رعب ۽ ڊپ
۾ رهندا. اهي سڀيئي مون اوهان جي هٿ وس ڪيا آهن. 3 اوهين
اهي سڀ ساهوارا ڀاڄيءَ وانگر کائي سگهو ٿا. مون اهي سڀ اوهان
کي کائڻ لاءِ ڏنا آهن. 4 پر هڪ شيءِ جا اوهان کي کائڻي ناهي،
سا آهي رت سوڌو گوشت، ڇالاءِ جو رت جان آهي. 5 جيڪڏهن ڪو
ماڻهو ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي جان وٺندو ته انهيءَ کي سزا ملندي.
جيڪڏهن ڪو جانور ڪنهن ماڻهوءَ جو ساهه وٺندو ته انهيءَ کي
به سزا ۾ ماريو ويندو. 6 جيڪو انسان کي ماريندو ته انهيءَ کي
انسان جي هٿان مارايو ويندو، ڇوته مون خدا انسان کي پنهنجي
صورت تي ٺاهيو آهي. 7 گهڻا ٻار پيدا ڪريو ته جيئن ساري ڌرتي
اوهان جي اولاد سان ڀرجي وڃي.“
8 خدا نوح ۽ سندس پٽن کي چيو ته 9 ”ڏيان سان ٻڌو، آءٌ اوهان
سان ۽ اوهان جي اولاد سان، 10 سڀني ساهوارن، سڀني پکين ۽
سڀني جانورن، جيڪي ٻيڙي مان توهان سان گڏ لٿا آهن، تن سان
عهد ٿو ڪريان. 11 اوهان سان منهنجو عهد هي آهي ته ڪڏهن به
وري ٻوڏ جي ڪري سڀ ساهوارا برباد نه ٿيندا ۽ نه وري ڪڏهن
ٻوڏ جي ڪري سڄي ڌرتي تباهه ٿيندي. 12 اهو هميشه تائين هلندڙ
عهد جيڪو آءٌ اوهان سان ۽ سڀني ساهوارن سان ڪريان ٿو تنهن
جي نشاني هيءَ آهي ته 13 آءٌ پنهنجي اندلٺ ڪڪرن ۾ ٿو رکان،
اها دنيا سان منهنجي عهد جي نشاني ٿيندي. 14 جڏهن به آءٌ آسمان
کي ڪڪرن سان ڍڪيندس ۽ اها اندلٺ ڪڪرن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي،
15 تڏهن آءٌ اوهان سان ۽ سڀني جانورن سان پنهنجو ڪيل اهو عهد
ياد ڪندس ته ڪڏهن به وري ساهوارا ٻوڏ جي ڪري برباد نه ٿيندا.
16 جڏهن اندلٺ ڪڪرن مان نڪرندي ته آءٌ اها ڏسي اهو عهد ياد
ڪندس جيڪو مون ۽ اوهان ڌرتيءَ جي سڀني ساهوارن جي وچ ۾
آهي. 17 اها انهيءَ عهد جي نشاني آهي جيڪو مون ڌرتيءَ جي
سڀني ساهوارن سان ڪيو آهي.“

## نوح ۽ سندس پٽ

18 نوح جا پٽ جيڪي ٻيڙي مان نڪتا سي سِم، حام ۽ يافت هئا.
حام ڪنعان جو پيءُ هو. 19 نوح جي انهن ٽن پٽن مان ساري
ڌرتي انسانن سان آباد ٿي ويئي.
20 نوح پوک ڪندڙ اهو پهريون شخص هو جنهن انگورن جو هڪڙو
باغ لڳايو. 21 انگوري مئي پيئڻ کان پوءِ مٿس نشو چڙهي ويو ۽ هو
پنهنجي تنبوءَ ۾ اگهاڙو ٿي پئجي رهيو. 22 ڪنعان جي پيءُ حام
جڏهن پنهنجي پيءُ کي اگهاڙو ڏٺو ته ٻاهر وڃي پنهنجن ڀائرن
کي ٻڌايائين. 23 تنهن تي سِم ۽ يافت هڪڙي چادر پنهنجن ڪلهن
تي کنئي ۽ تنبوءَ ۾ پٺيرا وڃي پنهنجي پيءُ جي اوگهڙ ڍڪيائون.
انهن پنهنجا منهن ابتا ڪيا انهيءَ لاءِ ته پيءُ جي اوگهڙ نه ڏسن.
24 جڏهن نوح تان نشو لٿو تڏهن جيڪي سندس ننڍي پٽ ساڻس ڪيو

1:9 پيد 28:1 4:9 پيد 26:7–27، 10:17–14، لاو 26:19، شر 23،16:12، 23:15 6:9 پيد 26:1، خر 13:20 7:9 پيد 28:1

هو سو کيس معلوم ٿيو. 25 تنهن تي هن حام جي پٽ ڪنعان تي
لعنت ڪندي چيو تہ
"ڪنعان تي لعنت هجي،
شال هو پنهنجي سوٽن جي غلامن جو بہ غلام ٿئي.
26 خداوند، سِم جو خدا سڳورو آهي،
شال ڪنعان سِم جي اولاد جو غلام ٿئي.
27 شال خدا *يافت جو اولاد وڌائي
۽ اهي سِم جي اولاد سان گڏ رهن،
شال ڪنعان يافت جي اولاد جو غلام پڻ ٿئي."

28 ٻوڏ کان پوءِ نوح ٽي سؤ پنجاهہ سال جيئرو رهيو. 29 هن نو
سؤ پنجاهہ سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

## نوح جي پٽن جو اولاد

(1.تواريخ 1:5–23)

10 1 نوح جي پٽن سِم، حام ۽ يافت جو اولاد هي آهي. ٻوڏ
کان پوءِ هنن کي پٽ ڄاوا.
2 يافت جي پٽن جا نالا هئا: گمر، ماگوگ، مادئي، ياوان، توبل،
مسڪ ۽ تيراس. 3 گمر جي پٽن جا نالا هئا: اشڪناز، ريفت ۽
تگرماه. 4 ياوان جي پٽن جا نالا هئا: اِليشاه، ترسيس، ڪتي ۽
دوداني. 5 جيڪي قومون سمنڊ جي ڪناري ۽ ٻيٽن تي رهنديون
هيون سي يافت جو اهو اولاد آهن جيڪي مختلف قبيلن ۽ علائقن
۾ رهندڙ ۽ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ آهن.
6 حام جي پٽن جا نالا هئا: ڪُوش، مصر، لبيا ۽ ڪنعان.
7 ڪُوش جي پٽن جا نالا هئا: صبا، حويلاه، سبتہ، رعمہ ۽ سبتيڪ.
رعمہ جي پٽن جا نالا هئا: شبا ۽ ددان. 8 ڪُوش کي نمرود نالي پٽ
ڄائو جيڪو دنيا ۾ پهريون زبردست پهلوان هو. 9 ساري خدائيءَ
۾ هو هڪ وڏو شڪاري هو. اهو ئي سبب آهي جو اها چوڻي ٿي
وئي تہ "ساري خدائيءَ ۾ نمرود جهڙو وڏو شڪاري." 10 هن جي
بادشاهت جي شروعات بابل، ارڪ ۽ اڪاد شهرن مان ٿي، اهي ٽيئي
شهر شِنعار علائقي ۾ آهن. 11 انهيءَ علائقي مان نڪري هو اشور
۾ آيو ۽ اتي نينواه، رحوبوت‌عير ۽ ڪلح شهر ٻڌائين. 12 هن رسن
شهر بہ ٻڌو جيڪو نينواه ۽ ڪلح جي وچ ۾ وڏو شهر هو.
13 مصر جا پٽ جن جي نالن پٺيان قومون ٻڌيون سي هي هئا:
لودي، عنامي، لهابي ۽ نفتوحي، 14 فتروسي، ڪسلوحي ۽ ڪريتي.
فلستيءَ وارا ڪريتيءَ جو اولاد هئا.
15 ڪنعان کي پهريون پٽ صيدا ڄائو ۽ پوءِ حِت. 16 ڪنعان هنن
قبيلن جو پڻ وڏو هو: يبوسي، اموري، گِرگاشي، 17 حِوي، عرقي،
سيني، 18 اروادي، صماري ۽ حماتي. ان کان پوءِ ڪنعاني قبيلو
پکڙجي ويو. 19 ڪنعانين جون حدون هن ريت آهن: صيدا کان وٺي
ڏکڻ طرف گرار واري رستي غزه تائين ۽ اوڀر طرف سدوم، عموراه،
ادمہ ۽ صبويم واري رستي لشع تائين. 20 سو حام جو اولاد اهو
آهي جيڪو مختلف قبيلن ۽ علائقن ۾ رهندڙ آهي ۽ هر ڪنهن جي
ٻولي پنهنجي پنهنجي آهي.
21 يافت جو وڏو ڀاءُ سِم سڀني عبرانين جو وڏو هو. 22 سِم جي پٽن
جا نالا هي هئا: عيلام، اشور، ارفڪسد، لود ۽ ارام. 23 ارام جي
پٽن جا نالا هي هئا: عُوض، حول، گتر ۽ مسڪ. 24 ارفڪسد کي سِلح
نالي پٽ ڄائو ۽ سِلح کي عبر نالي پٽ ڄائو. 25 عبر کي ٻہ پٽ ڄاوا،
هڪڙي جو نالو †فلگ رکيو ويو، ڇالاءِجو ان جي ڏينهن ۾ دنيا جا
ماڻهو ورهائجي ويا هئا ۽ ٻئي جو نالو يقطان هو. 26 يقطان کي هي
سڀ پٽ ڄاوا: الموداد، سلف، حصارماوت، يرح، 27 هدورام، اُوزال،
دقلہ، 28 عوبال، ابيمائيل، شبا، 29 اوفِر، حويلاه ۽ يوباب. 30 جنهن
ملڪ ۾ هو رهندا هئا سو ميسا کان سفار جي رستي اڀرندي جابلو
علائقي تائين هو. 31 سو سِم جو اولاد اهو آهي جيڪو مختلف قبيلن
۽ علائقن ۾ رهندڙ آهي ۽ هر ڪنهن جي ٻولي پنهنجي پنهنجي آهي.
32 اهي سڀ قومون پنهنجن قبيلن ۽ نسلن موجب نوح جو اولاد
آهن. ٻوڏ کان پوءِ انهن جو ئي نسل سڄيءَ دنيا ۾ پکڙجي ويو.

## بابل جو منارو

11 1 انهن ڏينهن ۾ جڏهن دنيا جي سڀني ماڻهن جي هڪڙي
ئي ٻولي ۽ هڪڙو ئي ڳالهائڻ جو طريقو هو، 2 تڏهن هو
اڀرندي ڏانهن گهمندي گهمندي شِنعار علائقي جي هڪڙي ميدان
۾ آيا ۽ اتي ئي رهي پيا.
3 اتي هو هڪٻئي کي چوڻ لڳا تہ "اچو تہ سرون ٺاهي انهن
کي باهہ ۾ پچايون." سو انهن پٿر جي جاءِ تي سرون ۽ انهن کي
پاڻ ۾ چنبڙائڻ لاءِ مسالي جي جاءِ تي ڏامر تيار ڪيو. 4 پوءِ هنن
چيو تہ "اچو تہ هڪڙو شهر ۽ هڪڙو منارو ٺاهيون جنهن جي چوٽي
آسمان تائين وڃي پهچي. اهڙيءَ طرح پنهنجو نالو قائم ڪريون،
متان پوءِ اسين سڄيءَ دنيا ۾ پري پري پکڙجي وڃون." 5 تڏهن
خداوند اهو شهر ۽ منارو ڏسڻ لاءِ لهي آيو جيڪو انهن ماڻهن
ٺاهيو هو. 6 خداوند چيو تہ "جيئن تہ هي سڀ هڪڙي قوم آهن
۽ سندن ٻولي بہ هڪڙي آهي ۽ جيڪي ڪجهہ هو ڪرڻ لڳا آهن،
اِها انهن جي رڳو شروعات آهي. جلد هو هر اهو ڪم ڪري ويندا،
جيڪي ڪجهہ ڪرڻ گهرندا. 7 سو اچو تہ اتي هلي سندن ٻوليءَ
۾ مونجهارو وجهون تہ جيئن هو هڪٻئي جو ڳالهائڻ سمجهي نہ
سگهن." 8 سو خداوند کين اتان سڄيءَ دنيا ۾ پکيڙي ڇڏيو تڏهن

*يافت: هي نالو عبراني ٻوليءَ جي انهيءَ لفظ سان ملندڙ جلندڙ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "وڌائي".
†فلگ: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ورهاڱو".

هنن اهو شهر ٿاهڻ ڇڏي ڏنو. 9 ان شهر جو نالو *بابل پئجي ويو،
ڇوته اتي خداوند سڀني ماڻهن جي ٻولي منجهائي ڇڏي هئي ۽ اتان
انهن کي سڄيءَ دنيا ۾ پکيڙي ڇڏيو هئائين.

## سِم جو اولاد
(1.تواريخ 1:24–27)

10 سِم جو اولاد هي آهي. ٻوڏ کان ٻه سال پوءِ جڏهن سِم هڪ
سؤ سالن جو ٿيو، تڏهن کيس ارفڪسد نالي هڪ پٽ ڄائو. 11 تنهن
کان پوءِ هو پنج سؤ سال جيئرو رهيو ۽ کيس ٻيا ٻار ٻه ڄاوا.
12 جڏهن ارفڪسد پنجٽيهن سالن جو ٿيو، تڏهن کيس سِلح نالي
پٽ ڄائو. 13 پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ هو چار سؤ ٽي سال جيئرو رهيو
۽ کيس ٻيا ٻار ٻه ڄاوا.
14 جڏهن سِلح ٽيهن سالن جو ٿيو، تڏهن کيس عبر نالي هڪ پٽ
ڄائو. 15 پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ هو چار سؤ ٽي سال جيئرو رهيو ۽
کيس ٻيا ٻار ٻه ڄاوا.
16 جڏهن عبر چوٽيهن سالن جو ٿيو، تڏهن کيس فلگ نالي پٽ
ڄائو. 17 پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ هو چار سؤ ٽيهه سال جيئرو رهيو ۽
کيس ٻيا ٻار ٻه ڄاوا.
18 جڏهن فلگ ٽيهن سالن جو ٿيو، تڏهن کيس رعو نالي هڪ پٽ
ڄائو. 19 پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ هو ٻه سؤ نو سال جيئرو رهيو ۽ کيس
ٻيا ٻار ٻه ڄاوا.
20 جڏهن رعو ٻٽيهن سالن جو ٿيو، تڏهن کيس سروگ نالي هڪ
پٽ ڄائو. 21 پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ هو ٻه سؤ ست سال جيئرو رهيو
۽ کيس ٻيا ٻار ٻه ڄاوا.
22 جڏهن سروگ ٽيهن سالن جو ٿيو، تڏهن کيس نحور نالي پٽ
ڄائو. 23 پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ هو ٻه سؤ سال جيئرو رهيو ۽ کيس
ٻيا ٻار ٻه ڄاوا.
24 جڏهن نحور اوڻٽيهن سالن جو ٿيو، تڏهن کيس تارح نالي هڪ
پٽ ڄائو. 25 پٽ جي ڄمڻ کان پوءِ هو هڪ سؤ اوڻيهه سال جيئرو
رهيو ۽ کيس ٻيا ٻار ٻه ڄاوا.
26 جڏهن تارح ستر سالن جو ٿيو، تڏهن کيس ابرام، نحور ۽ حاران
نالي ٽي پٽ ڄاوا.

## تارح جو اولاد

27 تارح جو اولاد هي آهي. تارح کي ابرام، نحور ۽ حاران ڄاوا.
حاران کي لوط ڄائو. 28 حاران پنهنجي پيءُ جي جيئري ئي پنهنجي
ڄمڻ واري هنڌ ڪسدين جي اُور شهر ۾ مري ويو. 29 ابرام سارائيءَ
سان ۽ نحور، حاران جي ڌيءَ ملڪه سان شادي ڪئي، جيڪو اِسڪه
جو پيءُ پڻ هو. 30 سارائي سنڍ هئي.
31 تارح پنهنجي پٽ ابرام ۽ پنهنجي پوٽي لوط کي، جو حاران
جو پٽ هو ۽ پنهنجيءَ نُنهن ابرام جي زال سارائيءَ کي پاڻ سان
وٺي ڪسدين جي اُور شهر مان نڪري ڪنعان ملڪ ڏانهن ويو.
جڏهن اُهي حاران شهر ۾ آيا، تڏهن اتي رهي پيا. 32 تارح ٻه سؤ
پنجن سالن جي عمر ۾ اتي ئي وفات ڪئي.

## ابرام کي خدا جو سڏ

12 1 خداوند ابرام کي چيو ته ”پنهنجو ملڪ، پنهنجا مائٽ ۽
پنهنجي پيءُ جو گهر ڇڏ ۽ انهيءَ ملڪ ۾ وڃ جيڪو آءٌ تو
کي ڏيکاريندس. 2 آءٌ تو مان هڪڙي وڏي قوم پيدا ڪندس، تو کي
برڪت ڏيندس، تنهنجو نالو روشن ڪندس ۽ تون برڪت جو سبب
ٿيندين. 3 جيڪي تو کي مبارڪ چوندا تن کي آءٌ برڪت ڏيندس،
پر جيڪي تو کي پٽيندا تن تي لعنت ڪندس. دنيا جي سڀني قومن
کي تنهنجي وسيلي برڪت ملندي.“
4 سو ابرام خداوند جي چوڻ موجب حاران شهر مان روانو ٿيو ۽
لوط به ساڻس گڏجي هليو. تڏهن ابرام جي عمر پنجهتر سال هئي.
5 ابرام پنهنجي زال سارائي، پنهنجو ڀائٽيو لوط، سموري ملڪيت
۽ سڀ ماڻهو جيڪي حاران ۾ مليا هئن، سي پاڻ سان ڪنيا. اهي
سڀ ڪنعان جي ملڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ روانا ٿيا. جڏهن ڪنعان ۾
پهتا، 6 تڏهن ابرام انهيءَ ملڪ مان لنگهي اچي سڪم شهر ۾
موره جي شاهه‌بلوط وڻ واري هنڌ تي پهتو. تنهن وقت ڪنعاني
انهيءَ ملڪ ۾ رهندا هئا. 7 اتي خداوند ابرام کي ڏيکاري ڏني
۽ چيائينس ته ”هي آهي اهو ملڪ جيڪو آءٌ تنهنجي اولاد کي
ڏيندس.“ پوءِ ابرام خداوند جي لاءِ، جنهن کيس ڏيکاري ڏني هئي،
اتي هڪ قربان‌گاهه ٺاهي. 8 تنهن کان پوءِ اتان نڪري بيت‌ايل شهر
جي اڀرندي پاسي هڪ جابلو علائقي ۾ اچي پنهنجو تنبو کوڙيائين.
بيت‌ايل سندس الهندي پاسي هو ۽ عئي سندس اڀرندي پاسي. اتي
هن هڪڙي قربان‌گاهه ٺاهي خداوند جي عبادت ڪئي. 9 پوءِ اتان
هو ڏاکڻي پاسي ڏانهن وڌندو ويو.

## ابرام مصر ۾

10 ڪنعان ۾ اهڙو ته اچي سخت ڏڪار پيو جو ابرام مصر ملڪ ۾
ڪجهه وقت رهڻ لاءِ هليو ويو. 11 جڏهن هو مصر ۾ داخل ٿيڻ تي هو
تڏهن پنهنجيءَ زال سارائيءَ کي چيائين ته ”تون هڪ سهڻي عورت
آهين. 12 سو جڏهن مصري تو کي ڏسندا ته چوندا ’هيءَ هن جي
زال آهي.‘ تڏهن هو مون کي ماري وجهندا ۽ تو کي جيئرو رکندا.

*بابل: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”منجهيل“.

1:12 رس 2:7–3، عبر 8:11  3:12 گل 8:3  7:12 رس 5:7، گل 16:3

13 تنهنڪري تون چئجانءِ تہ ’آءٌ هن جي ڀيڻ آهيان.‘ پوءِ تنهنجي
ڪري هو مون کي جيئرو ڇڏي ڏيندا ۽ مون سان سٺو سلوڪ ڪندا.”
14 سو جڏهن ابرام مصر ۾ آيو تڏهن مصرين ڏٺو تہ اها عورت
تمام سهڻي آهي. 15 بادشاهہ جي ڪن اميرن جڏهن هن کي ڏٺو
تہ بادشاهہ وٽ وڃي هن جي تعريف ڪيائون. سو ڪيس بادشاهہ
جي گهر وٺي ويا. 16 انهيءَ عورت جي ڪري بادشاهہ ابرام سان
سٺو سلوڪ ڪيو. ڪيس رڍون ٻڪريون، ڍور ڍڳا، گڏهيون، غلام ۽
اٺ مليا. 17 پر خداوند ابرام جي زال سارائيءَ جي ڪري بادشاهہ
۽ سندس پوري حويليءَ کي سخت بيمارين ۾ ڦاسائي ڇڏيو. 18 پوءِ
بادشاهہ ابرام کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ پڇيائينس تہ ”تو مون سان ائين
ڇو ڪيو؟ تو مون کي ڇو نہ ٻڌايو تہ هيءَ تنهنجي زال آهي؟ 19 تو
ڇو چيو تہ هيءَ منهنجي ڀيڻ آهي، جنهن سبب مون ڪيس پنهنجي
زال ٿي بڻايو. هاڻي تنهنجي زال حاضر آهي، انهيءَ کي وٺي هتان
هليو وڃ.” 20 پوءِ بادشاهہ پنهنجن ماڻهن کي هن بابت حڪم ڏنو.
انهن ابرام کي سندس زال ۽ جيڪي ڪجهہ وٽس هو، تنهن سميت
ملڪ مان ڪڍي ڇڏيو.

## ابرام ۽ لوط جي جدائي

13 1 پوءِ ابرام پنهنجي زال ۽ پنهنجي مال ملڪيت سميت
مصر مان نڪري ڪنعان جي ڏاکڻي پاسي ڏانهن روانو ٿيو
۽ لوط بہ ساڻس گڏ هو. 2 ابرام وٽ چوپايو مال، سون ۽ چاندي
گهڻو هو. 3 پوءِ هو اها جاءِ ڇڏي بيت‌ايل ڏانهن وڌي آيو ۽ بيت‌ايل
۽ عئي جي وچ ۾ انهيءَ هنڌ تي اچي پهتو جتي پهريائين تنبو کوڙيو
هئائين. 4 انهيءَ جاءِ تي اڳي هن قربان‌گاهہ بہ ناهي هئي. اتي هن
خداوند جي عبادت ڪئي.
5 لوط کي بہ رڍون، ٻڪريون، چوپايو مال ۽ پنهنجي ڪٽنب ۽
نوڪرن چاڪرن لاءِ تنبو هئا. 6 انهيءَ علائقي ۾ چاري لاءِ ايتري
زمين ڪانہ هئي جو هو ٻئي گڏ رهي سگهن ڇاڪاڻ‌تہ وٽن مال گهڻو
هو. 7 سو ابرام جي ڌنارن ۽ لوط جي ڌنارن جي وچ ۾ جهيڙو ٿي
پيو. انهيءَ وقت علائقي ۾ ڪنعاني ۽ فرزي رهندا هئا.
8 پوءِ ابرام لوط کي چيو تہ ”اسين پاڻ ۾ ڀائر آهيون، تنهنجي
۽ منهنجي ڌنارن جي وچ ۾ جهيڙو ٿيڻ نہ گهرجي. 9 سو اچ تہ ڌار
ٿيون. سڄو ملڪ تنهنجي سامهون آهي، ان جو ڪوبہ حصو تون
چونڊ. جيڪڏهن تون کاٻو پاسو ڪٺين تہ آءٌ ساڄو پاسو ڪٺندس پر
جيڪڏهن تون ساڄو پاسو ڪٺين تہ آءٌ کاٻو پاسو ڪٺندس.” 10 تڏهن
لوط چوگرد نهاريو ۽ ڏٺائين تہ اردن ماٿريءَ جو سارو ميدان جيڪو
صغر شهر تائين آهي، تنهن کي مصر جي ملڪ ۽ خداوند جي *باغ
وانگر ريج ڏنل هو. اها اُها ئي جاءِ هئي جا خداوند جي سدوم ۽
عموراه کي برباد ڪرڻ کان اڳ ۾ هئي. 11 تنهنڪري لوط پنهنجي
لاءِ اردن ماٿريءَ جو سارو ميدان چونڊيو ۽ اڀرندي ڏانهن هليو ويو.
اهڙيءَ طرح هو هڪ ٻئي کان ڌار ٿيا. 12 ابرام ڪنعان جي ملڪ ۾
رهي پيو ۽ لوط ميدان جي شهرن ۾ وڃي رهيو ۽ سدوم جي ويجهو
پنهنجو تنبو کوڙيائين. 13 سدوم شهر جا ماڻهو خداوند جي نظر ۾
بدڪار ۽ وڏا گنهگار هئا.

## ابرام جو حبرون ڏانهن وڃڻ

14 لوط جي ڌار ٿيڻ کان پوءِ، خداوند ابرام کي چيو تہ ”جتي تون
بيٺو آهين اتان چئني طرفن ڏانهن نهار. 15 جيڪو ملڪ تون ڏسين
ٿو سو سمورو آءٌ تو کي ۽ تنهنجي اولاد کي ڏيئي ڇڏيندس ۽ اهو
هميشہ لاءِ اوهان جي ملڪيت هوندو. 16 آءٌ تو کي ايترو تہ اولاد
ڏيندس جو واريءَ جي ذرڙن وانگر ڪوبہ انهن کي ڳڻي نہ سگهندو.
17 هاڻي، اُٿ ۽ ساري زمين گهمي ڏس ڇوجو آءٌ اها سموري تو کي
ڏيندس.” 18 سو ابرام پنهنجو تنبو کڻي ممريءَ جي شاهہ‌بلوطن
جي ويجهو اچي رهيو، جي حبرون ۾ آهن. هن اتي خداوند جي لاءِ
هڪڙي قربان‌گاهہ ناهي.

## ابرام جو لوط کي ڇڏائڻ

14 1 انهن ڏينهن ۾ هيئن ٿيو جو چئن علائقن جي بادشاهن
هر هڪ، شِنعار جي بادشاهہ امرافل، الاسار جي بادشاهہ
اريوڪ، عيلام جي بادشاهہ ڪدرلاعمر ۽ گوئِم جي بادشاهہ تدعال،
2 پنجن ٻين بادشاهن هر هڪ، سدوم جي بادشاهہ برع، عموراه
جي بادشاهہ برشع، ادمہ جي بادشاهہ شِناب، صبويم جي بادشاهہ
شميبر ۽ بالع يعني صغر شهر جي بادشاهہ سان جنگ ڪئي. 3 انهن
پنجن بادشاهن هڪ اتحاد ناهيو ۽ انهن جون فوجون سديم جي
ماٿريءَ ۾ اچي گڏ ٿيون، جنهن کي اڄڪلهہ کارو سمنڊ سڏجي ٿو.
4 هو ٻارهن سالن تائين ڪدرلاعمر جي قبضي هيٺ رهيا، پر تيرهين
سال انهيءَ جي خلاف بغاوت ڪيائون. 5 چوڏهين سال ڪدرلاعمر
۽ سندس اتحادي بادشاهہ پنهنجين فوجن سان آيا ۽ رفائين کي
عشتارات‌قرنيم ۾، زوزين کي هام ۾، ايمين کي سوي‌قريتيم شهر
۾ 6 ۽ حورين کي ادوم جي جابلو علائقي ۾ شڪست ڏيندا،
ايل‌فاران تائين آيا جيڪو رڻ‌پٽ جي ويجهو آهي. 7 پوءِ هو موٽي
عين‌مِشفاط ۾ آيا جيڪو بعد ۾ قادش سڏجڻ لڳو. انهن عماليقين
جو سڄو علائقو فتح ڪيو ۽ امورين کي بہ شڪست ڏنائون جيڪي
حصيصون‌تمر ۾ رهندا هئا.
8 پوءِ سدوم، عموراه، ادمہ، صبويم ۽ بالع يعني صغر شهرن
جي بادشاهن سديم ماٿريءَ ۾ مقابلي ڪرڻ لاءِ پنهنجون فوجون

---

*باغ: عدن جي باغ ڏانهن اشارو آهي. ڏسو پيدائش 2:6،10.

13:12 پيد 2:20، 7:26   10:13 پيد 10:2   15:13 رس 5:7

ڪيون. 9 انهن عيلام جي بادشاهه، گوئِم جي بادشاهه، شِنعار
جي بادشاهه ۽ الاسار جي بادشاهه سان جنگ ڪئي. پنج بادشاهه
چئن سان وڙهيا. 10 سديم ماٿري ڏامر جي ڏيڻ وارين ڪڏن سان پري
پيئي هئي. جڏهن سدوم ۽ عموراه جا بادشاهه جنگ مان ڀڄا ٿي
ويا تہ وڃي انهن ڪڏن ۾ ڪريا، پر ٻيا ٽي بادشاهه جبلن ڏانهن
ڀڄي ويا. 11 پوءِ اهي چار بادشاهه سدوم ۽ عموراه جي سموري
ملڪيت ۽ کاڌي خوراڪ جون سڀ شيون ڪٺي هليا ويا. 12 هو ابرام
جي ڀائٽي لوط کي جيڪو سدوم ۾ رهندو هو، سندس مال ملڪيت
سميت پڪڙي وٺي ويا.

13 پر هڪڙي ماڻهوءَ ڀڄي جند ڇڏائي ۽ ابرام عبرانيءَ کي اچي
خبر ڏنائين جيڪو ممري اموريءَ جي شاهبلوطن جي وڻن جي
ويجهو رهندو هو. ممري ۽ سندس ڀائرن اِشڪال ۽ عانير جو ابرام
سان اتحاد ٿيل هو. 14 جڏهن ابرام ٻڌو تہ سندس ڀائٽيو پڪڙيو ويو
آهي، تڏهن جملي ٽي سؤ ارڙهن ويڙهاڪ ماڻهو، جيڪي سندس
گهراڻي جا هئا تن کي ساڻ ڪري دان تائين چئني بادشاهن جي پٺيان
پيو. 15 اتي هن پنهنجن ماڻهن جون جدا جدا ٽوليون ٺاهيون ۽ رات
جي وقت هنن تي حملو ڪري کين شڪست ڏنائين. هو حوبہ تائين،
جيڪو دمشق شهر جي اتر ۾ آهي، هنن جي پٺيان پيو. 16 جيڪو
مال‌متاع کڄي ويو هو سو هٿ ڪيائين. هو لوط کي پڻ سندس
مال‌متاع، عورتن ۽ ٻين پڪڙيل ماڻهن سميت موٽائي وٺي آيو.

## ملڪِ‌صدق جو ابرام کي برڪت ڏيڻ

17 جڏهن ابرام ڪدرلاعمر ۽ ٻين بادشاهن کي شڪست ڏيئي واپس
موٽيو تہ سدوم جو بادشاهه، شويہ جي ماٿريءَ تائين، جنهن کي
بادشاهي ماٿري بہ چئجي ٿو، سندس استقبال لاءِ آيو. 18 ملڪِ‌صدق
جيڪو سالم جو بادشاهه ۽ خدا تعاليٰ جو خاص بندو بہ هو تنهن
ماني ۽ مئي آندي. 19 هن ابرام کي دعا ڪندي چيو تہ ”خدا تعاليٰ
جيڪو آسمان ۽ زمين جو مالڪ آهي، تنهن جي برڪت ابرام تي
هجي. 20 سڀ تعريف انهيءَ خدا تعاليٰ جي آهي جنهن تو کي
تنهنجي دشمنن تي سوڀ ڏني.“ پوءِ ابرام سموري هٿ ڪيل مال
مان ڏهون حصو ملڪِ‌صدق کي ڏنو.

21 سدوم جي بادشاهه ابرام کي چيو تہ ”مال سيوئي تون پاڻ وٽ
رک، پر منهنجا سمورا ماڻهو مون کي موٽائي ڏي.“ 22 ابرام جواب
ڏنس تہ ”آءٌ آسمان ۽ زمين جي خالق خداوند خدا تعاليٰ جو قسم ٿو
کڻان تہ 23 آءٌ تنهنجي ڪابہ شيءِ نہ رکندس، توڙي جو هڪڙو ڌاڳو
يا جتيءَ جي کهي هجي، چوتہ متان تون ائين چوين تہ ’آءٌ ئي اهو
واحد شخص آهيان، جنهن ابرام کي شاهوڪار ڪيو.‘ 24 آءٌ پنهنجي
لاءِ ڪجهہ بہ نہ وٺندس. آءٌ رڳو اهو حصو وٺندس جيڪو منهنجي
ماڻهن کٽب آندو، جيڪي مون سان گڏ هليا هئا. پر منهنجا اتحادي
عانير، اِشڪال ۽ ممري ڀلي پنهنجو پنهنجو حصو وٺن.“

## ابرام سان خدا جو عهد

15 1 تنهن کان پوءِ رويا ۾ خداوند ابرام کي چيو تہ ”اي
ابرام! ڊڄ نہ، آءٌ تو کي خطري کان پناهہ ڏيندس ۽ تو کي
وڏو انعام ڏيندس.“ 2 پر ابرام جواب ڏنو تہ ”اي خداوند خدا! تون
مون کي ڇا ڏيندين؟ چوتہ آءٌ بي‌اولاد آهيان ۽ منهنجو وارث تہ
رڳو اليعزر دمشقي آهي. 3 تو مون کي اولاد ڪونہ ڏنو آهي، سو
منهنجي گهر مان اهو ئي منهنجي ملڪيت جو وارث ٿيندو.“ 4 پوءِ
هن خداوند کي وري پاڻ سان ڳالهائيندي ٻڌو تہ ”اليعزر تنهنجو
وارث نہ ٿيندو، پر تنهنجو پنهنجو پٽ تنهنجو وارث ٿيندو.“ 5 پوءِ
خداوند کيس ٻاهر وٺي ويو ۽ چيائينس تہ ”آسمان ڏانهن نهار ۽ تارن
کي ڳڻڻ جي ڪوشش ڪر. تو کي ايترو ئي اولاد ٿيندو جيترا اهي
تارا آهن.“ 6 ابرام خداوند تي يقين ڪيو، انهيءَ ڪري خدا کيس
پاڻ ڏانهن سچار ڪري قبوليو.

7 پوءِ خداوند کيس چيو تہ ”آءٌ خداوند ئي آهيان جنهن تو کي
ڪسدين جي اُور شهر مان ڪڍي آندو، انهيءَ لاءِ تہ هي ملڪ تو
کي ميراث ڪري ڏيان.“ 8 پر ابرام پڇيو تہ ”اي خداوند خدا! مون
کي ڪيئن خبر پوي تہ آءٌ هن ملڪ جو وارث ٿيندس؟“ 9 خداوند
جواب ڏنس تہ ”منهنجي لاءِ هڪڙو ٽسالو ڳابو، هڪڙي ٽسالي
ٻڪري، هڪڙو ٽسالو گهيٽو، هڪڙي ڳيري ۽ هڪڙو ڪبوتر وٺي
اچ.“ 10 ابرام خدا لاءِ اهي سڀ وٺي آيو. انهن کي وچان وڍي بہ اڌ
ڪيائين ۽ اهي اڌ هڪ ٻئي جي سامهون رکيائين. پر پکين کي بہ
اڌ نہ ڪيائين. 11 پوءِ انهن ٽڪرن تي ڳجهون اچي لٿيون، پر ابرام
انهن کي پري هڪلي ڇڏيو.

12 سج لهڻ مهل ابرام کي ڏاڍي ننڊ اچي ويئي ۽ هڪڙي هيبتناڪ
اونده مٿس ڇانئجي ويئي. 13 خداوند ابرام کي چيو تہ ”تو کي
خبر هجي تہ تنهنجو اولاد هڪ ڌارئي ملڪ ۾ پرديسي ٿيندو، اُتي
جي ماڻهن جي غلامي ڪندو ۽ اهي چئن صدين تائين کين تڪليف
ڏيندا رهندا. 14 پوءِ آءٌ انهيءَ قوم کي سزا ڏيندس جنهن انهن کي
غلام بڻايو هوندو ۽ جڏهن تنهنجو اولاد اهو ڌاريو ملڪ ڇڏي نڪري
ايندا تہ وٽن گهڻو مال‌متاع هوندو. 15 تون آرام سان دم ڏيندين ۽
وڏي ڄمار ۾ دفن ٿيندين. 16 چئن پيڙهين کان پوءِ تنهنجو اولاد هتي
موٽي ايندو، ڇاڪاڻتہ امورين جي بدڪاري اڃا تائين پنهنجي حد
کي نہ پهتي هوندي جو کين سزا ڏئي هڪالي ڪڍان.“

17 پوءِ جڏهن سج لهي چڪو ۽ اونده ٿي، تڏهن هڪ دکندڙ تنور
۽ هڪڙي ٻرندڙ مشعل اوچتو انهن جانورن جي ٽڪرن وچان لنگهندي

18:14–20 عبر 7:1–10    5:15 رو 4:18، عبر 11:12    6:15 رو 4:3، گل 3:6، يع 2:23    12:15 ايو 4:13،14
13:15 خر 1:1–14، رس 7:6    14:15 خر 12:40–41، رس 7:7

ڏسڻ ۾ آئي. 18 انهيءَ مهل خداوند ابرام سان هڪڙو عهد ڪندي
چيو تہ "آءٌ هي سڄو ملڪ، مصر جي سرحد واري برساتي نهر کان
وٺي وڏي ندي فرات تائين تنهنجي اولاد کي ڏيڻ جو عهد ٿو ڪريان،
19 يعني قيني، قنزي، قدموني، 20 حِتي، فرزي، رفائي، 21 اموري،
ڪنعاني، گِرگاشي ۽ يبوسي، انهن سڀني قومن جا علائقا."

## هاجره ۽ اسماعيل

16 1 ابرام جي زال سارائي کي ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. پر
ڪيس هاجره نالي هڪ مصري ٻانهي هئي. 2 سارائيءَ ابرام
کي چيو تہ "خداوند مون کي اولاد کان محروم رکيو آهي. سو
تون ڇو نہ منهنجي ٻانهيءَ وٽ وڃين. شايد انهيءَ مان مون کي
ڪو ٻار ملي." ابرام سارائيءَ جي ڳالهہ قبول ڪئي. 3 ان وقت
تائين ابرام کي ڪنعان ملڪ ۾ رهندي ڏهہ سال ٿي ويا هئا. تڏهن
سارائيءَ پنهنجي مڙس کي پنهنجي ٻانهي هاجره زال ڪري ڏني.
4 ابرام هاجره وٽ ويو ۽ هوءَ پيٽ سان ٿي. جڏهن ڪيس خبر پيئي
تہ کيس پيٽ ٿيو آهي تڏهن فخر ڪرڻ لڳي ۽ سارائيءَ کي حقير
سمجهڻ لڳي. 5 تڏهن سارائيءَ ابرام کي چيو تہ "اهو سڀ تنهنجو
قصور آهي جو هاجره مون کي حقارت سان ٿي ڏسي. مون پاڻ اها تو
کي ڏني هئي، پر جڏهن کان هوءَ پيٽ سان ٿي آهي تڏهن کان مون
کي حقارت سان ٿي ڏسي. شل خداوند انصاف ڪري تہ تو ۽ مون
مان ڪير حق تي آهي." 6 ابرام جواب ڏنو تہ "چڱو، هوءَ تنهنجي
ٻانهي آهي ۽ تنهنجي هٿ ۾ آهي. سو جيئن تو کي وڻي تيئن تون
ساڻس ڪر." پوءِ سارائيءَ هاجره کي ايتري تہ تڪليف ڏني جو هوءَ
ڀڄي ويئي.
7 خداوند پنهنجي ملائڪ جي وسيلي هاجره کي رڻپٽ ۾ شور
جي رستي تي پاڻيءَ جي چشمي وٽ گڏيو. 8 هن ڪيس چيو تہ
"اي سارائيءَ جي ٻانهي هاجره! تون ڪٿان ٿي اچين ۽ ڪيڏانهن ٿي
وڃين؟" هن وراڻيو تہ "آءٌ پنهنجي مالڪياڻي سارائيءَ وٽان ڀڄي ٿي
وڃان." 9 خداوند چيس تہ "تون هن وٽ موٽي وڃ ۽ سندس ٻانهي
ٿي رهہ." 10 پوءِ هن وڌيڪ چيس تہ "آءٌ تنهنجي اولاد کي ايترو تہ
وڌائيندس جو ڪوبہ انهن جو شمار نہ ڪري سگهندو. 11 تون پيٽ
سان آهين ۽ پٽ ڄڻيندينءَ. تون انهيءَ جو نالو *اسماعيل رکجانءِ،
ڇالاءِجو مون خداوند تنهنجي ڏک جي دانهن ٻڌي آهي. 12 جيئن
جهنگلي گڏهہ آزاد رهندو آهي، تيئن تنهنجو پٽ بہ آزاد ۽ خود
مختيار رهندو. هو پنهنجن سڀني مائٽن کان الڳ اپرندي ۾ رهندو."
13 هاجره پنهنجي پاڻ کي چيو تہ "ڇا مون سچپچ خدا کي ڏٺو
آهي ۽ پوءِ بہ جيئري آهيان؟" سو جنهن ساڻس ڳالهايو هو تنهن جو
نالو هن "ڏسندڙ خدا" رکيو. 14 انهيءَ ڪري ماڻهو ان کوهہ کي
جيڪو قادش ۽ برد جي وچ ۾ آهي، "ڏسندڙ جيئري حيثيت جو کوهہ"
سڏيندا آهن. 15 هاجره کي ابرام مان هڪ پٽ ڄائو ۽ ابرام انهيءَ جو
نالو اسماعيل رکيو. 16 تنهن وقت ابرام جي عمر ڇهاسي سال هئي.

## ابرام جي نالي جي تبديلي

17 1 جڏهن ابرام نوانوي سالن جو ٿيو، تڏهن خداوند ابرام
کي ڏيکاري ڏني ۽ چيائينس تہ "آءٌ قادرِمطلق خدا آهيان.
منهنجي فرمانبرداري ڪر ۽ سچار رهہ. 2 آءٌ تو سان هڪ عهد
ڪندس ۽ تو کي گهڻو اولاد ڏيندس." 3 تڏهن ابرام جهڪي سجدو
ڪيو ۽ خدا ساڻس همڪلام ٿي چيو تہ 4 "تو سان منهنجو عهد
هي آهي تہ تون گهڻين ئي قومن جو پيءُ ٿيندين. 5 اڳتي تنهنجو
نالو ابرام نہ پر †ابراهيم سڏبو، ڇوتہ آءٌ تو کي گهڻين ئي قومن
جو پيءُ بڻايان ٿو. 6 آءٌ تو کي گهڻو اولاد ڏيندس ۽ انهن مان
ڪي بادشاهہ ٿيندا. تو کي ايترو تہ اولاد ٿيندو جو اهي مختلف
قومون بڻجي پوندا. 7 آءٌ پنهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ۽ تو کان پوءِ
تنهنجي اولاد سان انهن جي سڀني پيڙهين تائين پنهنجو دائمي عهد
ڪندس. آءٌ ئي تنهنجو ۽ تنهنجي اولاد جو خدا هوندس. 8 آءٌ تو
کي ۽ تنهنجي اولاد کي هيءَ زمين هميشہ لاءِ ڏيندس، جنهن ۾
هاڻي تون پرديسي آهين. ڪنعان جو سارو ملڪ هميشہ لاءِ تنهنجي
اولاد جو رهندو ۽ آءٌ ئي انهن جو خدا هوندس."

## طهر، عهد جي نشاني

9 پوءِ خدا ابراهيم کي چيو تہ "تون ۽ تنهنجو اولاد سڀني پيڙهين
تائين منهنجو عهد پورو ڪندا رهجو. 10 جيڪو عهد منهنجي ۽
تنهنجي وچ ۾ ۽ تو کان پوءِ تنهنجي اولاد جي وچ ۾ آهي، جنهن
تي اوهين هميشہ هلندا، سو هي آهي تہ تون ۽ تنهنجي اولاد مان
هر هڪ مرد پنهنجو طهر ڪرائي. 11-12 اڳتي هر ڇوڪرو جڏهن اٺن
ڏينهن جو ٿئي تہ توهين انهيءَ جو طهر ڪرايو، انهن غلامن جو
بہ جيڪي اوهان جي گهرن ۾ ڄاول هجن يا ڌارين کان خريد ڪيل
هجن. اهو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪيل عهد جو نشان هوندو.
13 هر ڪنهن مرد جو طهر ضرور ٿيل هجي. اها هڪ جسماني نشاني
هوندي، اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ اوهان سان منهنجو عهد دائمي آهي.
14 اڳتي جنهن بہ مرد جو طهر ٿيل نہ هوندو تنهن ڄڻ منهنجو عهد
ٽوڙيو آهي، سو انهيءَ کي تنهنجي نسل مان خارج ڪيو وڃي."

---

*اسماعيل: اهو عبراني نالو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "خدا ٻڌي ٿو".

†ابراهيم: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "گهڻين ئي قومن جو پيءُ".

18:15 رس 5:7 15:16 گل 22:4 5:17 رو 17:4 7:17 لو 55:1 8:17 رس 5:7 10:17 رس 8:7، رو 11:4

## سارائيءَ جو نالو تبديل ٿيڻ

(15) پوءِ خدا ابراهيم کي چيو تہ ”اڳتي تون پنهنجيءَ زال کي
سارائي نہ سڏ، هاڻي کان وٺي انهيءَ جو نالو *ساره آهي. (16) آءٌ هن
کي برڪت ڏيندس ۽ انهيءَ جي پيٽان تو کي هڪڙو پٽ ڏيندس.
آءٌ هن کي برڪت ڏيندس ۽ هوءَ قومن جي ماءُ ٿيندي. هن منجهان
قومن جا بادشاهہ پيدا ٿيندا.“
(17) تڏهن ابراهيم جهڪي سجدو ڪيو. پر ڪلي دل ۾ چيائين تہ
”ڇا ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي ٻہ ٻار ٿي سگهي ٿو، جنهن جي عمر
سؤ سال هجي؟ ڇا نوي سالن جي ڄمار ۾ ساره کي ٻار ٿي سگهي
ٿو؟“ (18) ابراهيم خدا کي چيو تہ ”جيڪر تہ اسماعيل ئي منهنجو
وارث ٿئي.“
(19) پر خدا چيو تہ ”نہ. تنهنجي زال ساره تنهنجي لاءِ هڪ پٽ
ڄڻيندي ۽ تون انهيءَ جو نالو †اسحاق رکجانءِ. آءٌ انهيءَ سان
۽ سندس اولاد سان پنهنجو عهد، جيڪو دائمي عهد آهي، قائم
ڪندس. (20) باقي اسماعيل بابت مون تنهنجو عرض قبول ڪيو. آءٌ
کيس برڪت ڏيندس ۽ گهڻو اولاد عطا ڪندس. هو ٻارهن سردارن
جو پيءُ ٿيندو ۽ آءٌ هن جي اولاد کي هڪ وڏي قوم بڻائيندس. (21) پر
ايندڙ سال هن مند ۾ ساره جيڪو پٽ اسحاق تو کي ڄڻي ڏيندي
تنهن سان آءٌ پنهنجو عهد قائم ڪندس.“
(22) جڏهن خدا ابراهيم سان ڳالهائي بس ڪئي تہ پوءِ وٽانئس مٿي
هليو ويو. (23) پوءِ ابراهيم انهيءَ ئي ڏينهن خدا جي حڪم موجب
پنهنجي پٽ اسماعيل ۽ پنهنجي گهر جي ماڻهن مان سڀني مردن
جو، پنهنجي گهر ۾ ڄاول ۽ خريد ڪيل غلامن سميت سڀني جو طهر
ڪيو. (24) جڏهن ابراهيم جو طهر ٿيو، تڏهن سندس عمر نوانوي سال
هئي. (25) سندس پٽ اسماعيل تيرهن سالن جو هو. (26) سو انهن ٻنهي
جو طهر هڪڙي ئي ڏينهن تي ٿيو. (27) سندس گهر ۾ ڄاول ۽ خريد
ڪيل غلامن سميت گهر جي سڀني مردن جو طهر ساڻس گڏ ٿيو.

## ابراهيم کي پٽ ڏيڻ جو واعدو

18 (1) خداوند ابراهيم کي ممريءَ جي شاهہبلوطن وٽ ڏيکاري
ڏني. جڏهن ابراهيم پنهنجي تنبوءَ جي در وٽ ٽاڪ منجهند
جو ويٺو هو تہ (2) مٿي نهاري ڏٺائين تہ ٽي ماڻهو بيٺل نظر آيس.
انهن کي ڏسي اتان ڊوڙي کين گڏجڻ ويو. پوءِ جهڪي کين سجدو
ڪيائين (3) ۽ چيائين تہ ”سائين، جيڪڏهن مهربانيءَ جي نظر ڪئي
اٿوَ تہ هاڻي پنهنجي ٻانهي وٽان هليا نہ وڃجو. جيئن تہ اوهين
پنهنجي ٻانهي وٽ آيا آهيو سو مون کي خدمت ڪرڻ ڏيو. (4) آءٌ
ٿورو پاڻي آڻيان ٿو، اوهين پنهنجو هٿ منهن ڌوئي هن وڻ جي هيٺ
آرام ڪريو. (5) آءٌ مانيءَ ٽڪر بہ ڪٽي ٿو اچان، سو ڪائي تازا توانا
ٿيو ۽ پوءِ ڀلي هليا وڃجو. منهنجي گهر اچي اوهان مون کي عزت
بخشي آهي، سو مون کي پنهنجي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيو.“
انهن وراڻيو تہ ”چڱو، جيئن وڻيئي تيئن وڃي ڪر.“
(6) ابراهيم تڪڙو تڪڙو پنهنجي تنبوءَ ۾ ويو ۽ ساره کي چيائين
تہ ”جلدي ڪر ۽ ٽي ماپا سنو اٽو ڪٽي، ان کي ڳوهي مانيون پچائي
وٺ.“ (7) پوءِ هو پاڻ ڊوڙي ڌڻ ڏانهن ويو ۽ اتان هڪڙو ٿلهو متارو
گابو ڪاهي آڻي نوڪر کي ڏنائين، جنهن انهيءَ کي ذبح ڪري
جلدي پچائي ورتو. (8) پوءِ ڏونرو، کير ۽ گابي جو پڪل گوشت آڻي
هنن جي اڳيان رکيائين. هو پاڻ وڻ هيٺ سندن پاسي ۾ بيٺو رهيو،
جڏهن تہ هنن ويٺي ڪاڌو.
(9) پوءِ ڪانئس پڇيائون تہ ”تنهنجي زال ساره ڪٿي آهي؟“ جواب
ڏنائين تہ ”اها تنبوءَ ۾ آهي.“ (10) انهن مان هڪڙي چيو تہ ”آءٌ
ايندڙ سال هنن ڏينهن ۾ ضرور تو وٽ موٽي ايندس ۽ تنهنجيءَ زال
ساره کي پٽ ڄاول هوندو.“ ساره هن جي پٺيان تنبوءَ جي در وٽ
اها ڳالهہ ٻڌي ورتي. (11) ابراهيم ۽ ساره تمام ٻڍا هئا ۽ ساره کي
ماهواري اچڻ بند ٿي ويئي هئي. (12) سو ساره دل ۾ کلي چيو تہ
”هاڻي تہ آءٌ ٻڍي ٿي ويئي آهيان ۽ منهنجو مڙس بہ ٻڍو آهي. ڇا
مون کي تہ بہ اها خوشي حاصل ٿي سگهي ٿي؟“
(13) پوءِ خداوند ابراهيم کان پڇيو تہ ”ساره ڇو کلي ائين چيو تہ ’ڇا
واقعي مون کي پٽ ڄمندو، جڏهن تہ آءٌ هيتري ٻڍي آهيان؟‘ (14) مون
خداوند جي لاءِ ڪا ڳالهہ مشڪل آهي ڇا؟ جيئن مون چيو تيئن
آءٌ وري مقرر وقت تي موٽي ايندس ۽ ساره کي پٽ ڄاول هوندو.“
(15) جيئن تہ ساره ڊڄي ويئي هئي تنهنڪري هن انڪار ڪري چيو تہ
”آءٌ ڪونہ کلي آهيان.“ پر هن چيو تہ ”نہ، تون برابر کلي آهين.“

## سدوم لاءِ ابراهيم جي شفاعت

(16) پوءِ اهي ماڻهو اتان روانا ٿيا ۽ هيٺ سدوم ڏانهن نهاري
ڏٺائون. ابراهيم انهن کي اُماڻڻ لاءِ رستي تائين انهن سان گڏجي
هليو. (17-18) خداوند ابراهيم بابت چيو تہ ”جيئن تہ ابراهيم جو اولاد
هڪ وڏي ۽ طاقتور قوم ٿيندو ۽ دنيا جي سڀني قومن کي انهن
جي وسيلي برڪت ملندي، تہ پوءِ آءٌ جيڪي ڪجهہ سدوم سان
ڪرڻ وارو آهيان ڇا اهو انهيءَ کان لڪايان؟ (19) نہ، مون ابراهيم کي
چونڊيو ئي انهيءَ لاءِ آهي تہ هو پنهنجن پٽن ۽ پنهنجيءَ اولاد کي
حڪم ڪري تہ اهي منهنجي فرمانبرداري ڪن ۽ حق سچ تي هلن.
جيڪڏهن اهي ائين ڪندا تہ آءٌ ابراهيم لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪندس

*ساره: ان جي عبراني ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي ”شهزادي“.
† اسحاق: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ نالي جي معنيٰ آهي ”هو کلي ٿو“.

2:18 عبر 2:13 10:18 رو 9:9 12:18 1.پط 6:3 14:18 لو 1:37

جنهن جو مون ساڻس واعدو ڪيو آهي.“ 20 پوءِ خداوند ابراهيم کي
چيو ته ”سدوم ۽ عموراه جي گناهن جي دانهن وڏي ويئي آهي جيڪا
تمام وڏن گناهن جي باري ۾ آهي. 21 تنهنڪري آءٌ اوڏانهن وڃي
معلوم ڪندس ته جيڪا دانهن مون ٻڌي آهي سا صحيح آهي يا نه.“
22 پوءِ انهن مان ٻه ماڻهو اتان روانا ٿي سدوم ڏانهن ويا. پر
خداوند ابراهيم سان گڏ ئي بيٺو رهيو. 23 ابراهيم خداوند جي ويجهو
آيو ۽ پڇيائينس ته ”ڇا تون واقعي سچارن کي بدڪارن سان گڏ
برباد ڪندين؟ 24 جيڪڏهن انهيءَ شهر ۾ پنجاهه سچار ماڻهو هجن
ته پوءِ به تون سڄو شهر برباد ڪندين؟ ڇا انهن پنجاهه سچارن
جي ڪري تون انهيءَ کي ڇڏي نه ڏيندين؟ 25 پڪ تون سچارن کي
بدڪارن سان گڏ نه ماريندين. ائين نه ٿو ٿي سگهي، تون ائين نه ٿو
ڪري سگهين. جيڪڏهن ائين ڪندين ته پوءِ سچار بدڪارن جهڙا
ليکبا. ائين نه ٿو ٿي سگهي. سڄي دنيا جي انصاف ڪرڻ واري
کي انصاف ڪرڻو آهي.“ 26 خداوند جواب ڏنس ته ”جيڪڏهن مون
کي سدوم شهر ۾ پنجاهه سچار ملندا ته انهن جي صدقي آءٌ سڄي
شهر کي ڇڏي ڏيندس.“
27 ابراهيم وري ڳالهايو ۽ چيائين ته ”اي مالڪ! مون کي تو سان
همت ڪري ڳالهائڻ جي معافي ملي. آءٌ ته رڳو مٽي ۽ رک آهيان.
28 ٿي سگهي ٿو ته شهر ۾ پنجيتاليهه سچار هجن، ته ڇا پوءِ به تون
پنجن ڄڻن جي گهٽ هئڻ ڪري سڄو شهر برباد ڪندين؟“ خداوند
جواب ڏنو ته ”جيڪڏهن مون اتي پنجيتاليهه سچار ڏٺا ته آءٌ شهر
کي تباهه نه ڪندس.“ 29 ابراهيم وري به ڳالهايو ۽ چيائين ته ”شايد
چاليهه هجن.“ تڏهن هن وراڻيو ته ”جيڪڏهن چاليهه هوندا ته به آءٌ
شهر کي برباد نه ڪندس.“ 30 ابراهيم چيو ته ”اي مالڪ! جيڪڏهن
تون ڪاوڙ نه ڪرين ته آءٌ چوان ته جي اتي ٽيهه ڄڻا ملن؟“ هن چيو
ته ”جيڪڏهن ٽيهه ڄڻا ڏسندس ته به ائين نه ڪندس.“ 31 ابراهيم
چيو ته ”اي مالڪ! مون کي تو سان همت ڪري ڳالهائڻ جي معافي
ملي، اُتي جيڪڏهن رڳو ويهه ڄڻا هجن ته؟“ هن چيو ته ”جيڪڏهن
ويهه هوندا ته به آءٌ ائين نه ڪندس.“ 32 ابراهيم چيو ته ”اي
مالڪ! جيڪڏهن ڪاوڙجين نه ته آءٌ هڪڙو ڀيرو وري به ڳالهايان.
شايد اتي رڳو ڏهه لڀن؟“ هن چيو ته ”آءٌ انهيءَ کي برباد نه ڪندس
جيڪڏهن اتي ڏهه ڄڻا ئي لڀن.“ 33 پوءِ جڏهن خداوند ابراهيم سان
ڳالهائي بس ڪئي، تڏهن اتان هليو ويو ۽ ابراهيم گهر موٽي آيو.

## سدوم جي گنهگاري

19 1 جڏهن اهي ٻئي ملائڪ شام جو سدوم ۾ آيا ته لوط
شهر جي دروازي وٽ ويٺو هو. جيئن ئي انهن تي نظر
پيس ته اٿي ڪين گڏجڻ ويو. انهن جي اڳيان زمين تي پيشاني رکي
ڪين تعظيم ڏنائين. 2 ڪين چيائين ته ”سائين! آءٌ اوهان جي خدمت
لاءِ حاضر آهيان. مهرباني ڪري منهنجي گهر هلو. اتي هلي هٿ
منهن ڌوئو ۽ رات رهو، صبح جو سوير اٿي پلي پنهنجي دڳ سان
وڃجو.“ پر هنن جواب ڏنس ته ”نه، اسين سڄي رات هتي شهر
جي پڌر ۾ گذارينداسين.“ 3 پر هن گهڻو زور ڪين ۽ نيٺ هو ساڻس
گڏجي انهيءَ جي گهر آيا. هن انهن مهمانن لاءِ بي‌خميري ماني
تيار ڪئي ۽ انهن کاڌي.
4 مهمانن جي سمهڻ کان اڳي سدوم شهر جا مرد، جوان توڙي
ٻڍا انهيءَ گهر کي چوڌاري ڪوڙي ويا. 5 انهن لوط کي سڏي
ڪانئس پڇيو ته ”اهي ماڻهو ڪٿي آهن جيڪي اڄ رات تو وٽ ٽڪڻ
لاءِ آيا هئا؟ انهن کي ٻاهر اسان وٽ وٺي اچ.“ سدوم شهر جا ماڻهو
انهن سان برو فعل ڪرڻ چاهين پيا.
6 لوط ٻاهر نڪري هنن وٽ ويو ۽ پنهنجي پنيان در بند ڪري
ڇڏيائين. 7 هن ڪين چيو ته ”ڀائرؤ! آءٌ اوهان کي عرض ٿو ڪريان
ته اهڙو بڇڙو ڪم نه ڪريو. 8 ڏسو، منهنجون ٻه ڌيئر آهن جيڪي
اڃا تائين ڪنواريون آهن. جيڪڏهن چئو ته آءٌ انهن کي اوهان وٽ
ٻاهر وٺي اچان، پوءِ جيئن اوهان کي وڻي تيئن انهن سان ڪريو. پر
هنن ماڻهن کي ڪجهه به نه ڪريو. هو منهنجا مهمان ٿي منهنجي
گهر ۾ آيا آهن.“
9 پر انهن چيو ته ”اسان جي رستي کان هٽي وڃ. تون ڌاريو ٿي
ڪري اسان کي سمجهائين ٿو. هاڻي تو سان هنن کان به وڌيڪ
خراب هلت ڪنداسين.“ پوءِ هو لوط کي ڌڪو ڏيئي در ڀڃڻ لاءِ
اڳتي وڌيا. 10 ايتري ۾ انهن ٻنهي ڄڻن اندران هٿ ڊگهيري لوط کي
ڇڪي گهر ۾ آندو ۽ در بند ڪري ڇڏيائون. 11 پوءِ انهن گهر جي
ٻاهران بيٺل سڀني ننڍن وڏن ماڻهن کي انڌو ڪري ڇڏيو ته جيئن
دروازو نه لهي سگهن.

## لوط جو سدوم ڇڏڻ

12 انهن ٻنهي ڄڻن لوط کي چيو ته ”جيڪڏهن تنهنجو ڪو ٻيو
هتي هجي، پٽ، ڌيئر، ڄاٽو يا تنهنجو ڪو ٻيو مٽ مائٽ جيڪو
هن شهر ۾ رهندو هجي، انهن کي ساڻ ڪري هتان نڪري وڃ،
13 ڇالاءِجو اسين هن شهر کي برباد ڪنداسين. خداوند وٽ هنن
ماڻهن جي تمام گهڻي دانهن پهتي آهي، سو هن اسان کي سدوم
شهر کي برباد ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي.“ 14 پوءِ لوط پنهنجن ڄاٽن
وٽ ويو جن سان سندس ڌيئرن جي شادي ٿيڻي هئي. انهن کي
چيائين ته ”جلدي ڪريو ۽ هتان نڪري هلو، ڇالاءِجو خداوند هيءُ
شهر برباد ڪندو.“ پر انهن سمجهيو ته هو چرچا ٿو ڪري.
15 پرهه ڦٽيءَ وقت ملائڪن لوط کي تڪڙ ڪئي ۽ چيائونس ته
”پنهنجي زال ۽ ٻئي ڌيئر وٺي هتان هليو وڃ، متان شهر مٿان سزا
اچڻ وقت اوهين به پنهنجي جان وڃائي ويهو.“ 16 تنهن هوندي به

---

19:5–8 رهه 19:22–24   19:11 2.با 6:18   19:16 2.پط 2:7

لوط ڊرائي پئي ڪئي. پر جيئن ته خداوند مٿس مهربان هو سو هنن
لوط، سندس زال ۽ ٻنهي ڌيئرن کي هٿ کان وٺي ڪين شهر کان ٻاهر
آندو. 17 ٻاهر پهچڻ کان پوءِ ملائڪن مان هڪڙي چيس ته ”پنهنجي
جان بچائي ڀڄ، پٺتي اصل نه نهارجانءِ ۽ نه ئي وري هن ميدان ۾
ترسجانءِ. هنن جبلن ڏانهن ڀڄي وڃ ته جيئن مرڻ کان بچي وڃين.“
18 پر لوط جواب ڏنو ته ”سائين ائين نه ڪر. 19 تو مون تي وڏي
مهرباني ڪئي آهي جو منهنجي جان بچائي اٿيئي. پر جبل گهڻو
پري آهن سو متان اتي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي اها آفت مون تي اچي
پوي ۽ آءٌ مري وڃان. 20 هو شهر ڏس، اهو ڪافي ويجهو آهي،
جنهن ۾ آءٌ ڀڄي وڃي سگهان ٿو. تون ڏسين ٿو ته اهو ننڍڙو شهر
آهي سو مون کي اوڏانهن وڃڻ ڏي. اتي آءٌ سلامت رهندس.“
21 هن جواب ڏنس ته ”ٺيڪ آهي، آءٌ تنهنجي اها ڳالهه به قبول
ڪريان ٿو. آءٌ انهيءَ شهر کي برباد نه ڪندس. 22 هاڻي جلدي
ڪر، اوڏانهن ڀڄي وڃ. جيستائين تون اتي نه پهچندين تيستائين آءٌ
ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهان.“ سو انهيءَ شهر جو نالو *صغر
پئجي ويو، ڇاڪاڻ ته لوط ان کي ننڍڙو ڪوٺيو.

## سدوم ۽ عموراه جي تباهي

23 جنهن وقت لوط صغر ۾ پهتو تنهن وقت سج اڀري چڪو هو.
24 خداوند سدوم ۽ عموراه تي آسمان مان گندرف جي باهه وسائي.
25 هن انهن شهرن ۽ ساري ميدان کي، انهن سڀني ماڻهن سميت،
جيڪي اتي جا رهاڪو هئا ۽ جيڪي ڪجهه اتي زمين تي اڀريو هو
تنهن سميت برباد ڪري ڇڏيو. 26 لوط جي زال منهن ڦيرائي پٺتي
نهاريو ته اها لوڻ جو ٿنڀو ٿي پيئي.
27 ابراهيم صبح جو سوير اٿي انهيءَ جاءِ تي ويو جتي هو خداوند
جي حضور ۾ بيٺو هو. 28 هن سدوم، عموراه ۽ ساري ميدان ڏانهن
نهاريو ۽ ڏٺائين ته انهيءَ زمين جو دونهون ڪُوري جي دونهين وانگر
مٿي پيو چڙهي. 29 جڏهن خدا انهيءَ ميدان جي شهرن کي برباد
ڪيو جن ۾ لوط رهندو هو، تڏهن ابراهيم جي يادگيري ڪيائين ۽
لوط کي انهيءَ آفت کان بچائي ورتائين.

## موآبين ۽ بن‌عمين جو اصل نسل

30 لوط صغر ۾ رهڻ کان ڊنو ٿي، تنهنڪري هو ۽ سندس ٻئي
ڌيئر مٿي وڃي جبل جي هڪ غار ۾ رهڻ لڳا. 31 پوءِ وڏيءَ ڀيڻ
پنهنجي ننڍيءَ ڀيڻ کي چيو ته ”اسان جو پيءُ ٻڍو ٿيندو ٿو وڃي
۽ ڪو ٻيو مرد ڪونهي جيڪو اسان سان شادي ڪري ۽ اسان کي
ٻار ٿين. 32 تنهنڪري اچ ته پنهنجي پيءُ کي مئي پيئاري ساڻس گڏ
سمهون ته جيئن انهيءَ مان اسان کي ٻار ٿين.“ 33 سو هنن انهيءَ
رات کيس مئي پيئاري ۽ وڏي ڌيڻس وڃي ساڻس ستي. هن کي
ايترو ته نشو هو جو کيس ڪابه خبر ڪانه پيئي.
34 ٻئي ڏينهن وڏيءَ ڀيڻ پنهنجي ننڍيءَ ڀيڻ کي چيو ته ”ڪالهه
رات آءٌ پنهنجي پيءُ سان ستي هيس، اڄ ته اڄ رات به کيس مئي
پيئاريون ۽ تون وڃي گڏ سمهينس. پوءِ اسان ٻنهي کي انهيءَ مان
ٻار ٿيندا.“ 35 سو انهيءَ رات به کيس مئي پيئاريائون ۽ ننڍي ڌيڻس
وڃي ساڻس گڏ ستي. پر وري به هن کي ايترو ته نشو هو جو کيس
ڪابه خبر ڪانه پيئي. 36 اهڙيءَ طرح لوط جون ٻئي ڌيئر پنهنجي
پيءُ مان پيٽ سان ٿيون. 37 پوءِ وڏيءَ کي پٽ ڄائو جنهن جو نالو
†موآب رکيائين. اڄڪلهه جا جيڪي موآبي آهن هو انهن جو وڏو
آهي. 38 ننڍيءَ کي به پٽ ڄائو جنهن جو نالو ‡بن‌عمي رکيائين.
اڄڪلهه جا جيڪي بني عمون آهن، هو انهن جو وڏو آهي.

## ابراهيم ۽ ابيملڪ

20 1 ابراهيم ممريءَ مان نڪري ڏکڻ ڏانهن سفر ڪيو. هو
مسافري ڪندو قادش ۽ شور جي وچ ۾ آيو ۽ گرار شهر ۾
اچي رهيو. 2 اتي هن پنهنجيءَ زال ساره لاءِ چيو ته ”اها منهنجي
ڀيڻ آهي.“ تڏهن اتان جي بادشاهه ابيملڪ ساره کي پاڻ وٽ گهرائي
ورتو. 3 پر رات جو خدا کيس خواب ۾ ڏيکاري ڏني ۽ چيائينس
ته ”جيڪا عورت تو پاڻ وٽ گهرائي آهي، تنهن جي ڪري تون
مرندين، ڇالاءِجو اها اڳ ۾ ئي پرڻيل آهي.“ 4 پر ابيملڪ هن جي
ويجهو نه ويو هو. سو چيائين ته ”اي مالڪ! آءٌ بي‌ڏوهي آهيان. پوءِ
ڇا تون مون کي ۽ منهنجي ماڻهن کي به ماريندين؟ 5 ڇا ابراهيم
پاڻ نه چيو هو ته ’اها منهنجي ڀيڻ آهي‘؟ انهيءَ عورت پاڻ به چيو
هو ته ’هي منهنجو ڀاءُ آهي.‘ مون ته هي ڪم دل جي سچائيءَ
سان ڪيو آهي ۽ مون ڪوبه ڏوهه ڪونه ڪيو آهي.“ 6 خدا خواب
۾ ئي وراڻيس ته ”بيشڪ، مون کي خبر آهي ته تو هي ڪم دل
جي سچائيءَ سان ڪيو آهي. انهيءَ لاءِ مون به تو کي پنهنجي
خلاف گناهه ڪرڻ کان روڪي ورتو ۽ انهيءَ کي هٿ لائڻ نه ڏنو.
7 پر هاڻ اها زال سندس مڙس کي موٽائي ڏي. هو نبي آهي. هو تو
لاءِ دعا گهرندو ۽ تون نه مرندين. پر جيڪڏهن تون اها موٽائي نه
ڏيندين ته پوءِ ڄاڻي ڇڏ ته تون ۽ تنهنجا سڀ ماڻهو ضرور مرندا.“
8 پوءِ ابيملڪ صبح جو سوير اٿي پنهنجن سڀني نوڪرن کي
سڏيو ۽ انهن کي اهي سموريون ڳالهيون ٻڌايائين. تنهن تي اهي

*صغر: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ننڍڙو“.
†موآب: عبراني زبان ۾ ان جي معنيٰ آهي ”منهنجي پيءُ مان“.
‡بن‌عمي: عبراني ٻوليءَ ۾ ان جي معنيٰ آهي ”منهنجي مائٽ جو پٽ“.

25–24:19 مت 15:10، 11:23–24، لو 10:12، 17:29، 2.پط 6:2، يهو 7    26:19 لو 32:17    2:20 پيد 12:13، 26:7

ڏاڍا ڏجي ويا. 9 پوءِ ابيملڪ ابراهيم کي سڏايو ۽ پڇيائينس تہ
”تو هي اسان سان ڇا ڪيو آهي؟ مون تنهنجو ڪهڙو قصور ڪيو
آهي جو تو مون تي ۽ منهنجي بادشاهت تي ايڏو وڏو ڏوهہ آندو
آهي؟ تو جيڪي ڪجهہ مون سان ڪيو آهي، ائين جيڪر ڪوبہ نہ
ڪري.“ 10 پوءِ ابراهيم کان پڇيائين تہ ”ڪهڙي ڳالهہ هئي جو تو
ائين ڪيو؟“ 11 ابراهيم جواب ڏنو تہ ”مون سمجهيو تہ هتي ڪنهن
کي بہ خدا جو خوف ڪونهي، سو منهنجي زال هٿ ڪرڻ لاءِ اهي
مون کي ماري وجهندا. 12 تنهن کان سواءِ هوءَ سچپچ منهنجي ڀيڻ
آهي. هوءَ منهنجي پيءُ جي ڌيءَ آهي پر منهنجيءَ ماءُ منجهان نہ.
تنهنڪري مون هن سان شادي ڪئي آهي. 13 سو جڏهن خدا مون
کي پنهنجي پيءُ جي گهر مان نڪري پرديس ۾ وڃڻ لاءِ چيو تڏهن
مون هن کي چيو تہ ’اها تنهنجي مون تي مهرباني ٿيندي تہ جنهن
جنهن هنڌ پاڻ هلون اتي تون مون کي پنهنجو ڀاءُ سڏائجانءِ.‘“
14 پوءِ ابيملڪ ابراهيم کي سندس زال ساره موٽائي ڏني ۽ رڍون
ٻڪريون، چوپايو مال، ٻانها ۽ ٻانهيون بہ ڏنائينس. 15 هن ابراهيم
کي چيو تہ ”منهنجو ملڪ تنهنجي اڳيان آهي، جتي تو کي وڻي اتي
رهہ.“ 16 پوءِ هن ساره کي چيو تہ ”مون تنهنجي ڀاءُ کي *چانديءَ
جا هزار سڪا ڏنا آهن تانتہ تون انهن سڀني آڏو، جيڪي تو سان
گڏ آهن، بيڏوهي ثابت ٿئين ۽ هر ڪنهن کي خبر پوي تہ تو ڪوبہ
ڏوهہ نہ ڪيو آهي.“ 17–18 ابراهيم جي زال ساره سان جيڪي وهيو
واپريو تنهن سبب خداوند ابيملڪ جي محلات جي عورتن جو ٻار
ڄڻڻ بند ڪري ڇڏيو هو. سو ابراهيم ابيملڪ جي لاءِ دعا گهري ۽
خدا ابيملڪ کي ڇٽائي چڱو ڀلو ڪيو. خدا هن جي زال ۽ سندس
ٻانهين کي بہ ڇٽائي چڱو ڀلو ڪيو ۽ پوءِ هنن کي ٻار ڄاوا.

## اسحاق جو ڄمڻ

21 1 پنهنجي واعدي موجب خداوند ساره کي برڪت ڏني.
2 هوءَ پيٽ سان ٿي ۽ ابراهيم لاءِ هن جي ٻڍاپي ۾ پٽ
ڄڻيائين. جنهن وقت لاءِ خدا چيو هو ٻار انهيءَ ئي وقت تي ڄائو.
3 ابراهيم سندس نالو اسحاق رکيو. 4 جيئن خدا ابراهيم کي حڪم
ڏنو هو، تيئن جڏهن اسحاق اٺن ڏينهن جو ٿيو تہ هن جو طهر
ڪيائين. 5 جڏهن اسحاق ڄائو تڏهن ابراهيم جي عمر هڪ سؤ سال
هئي. 6 ساره چيو تہ ”خدا منهنجي لاءِ †کل ۽ خوشي آندي آهي.
جيڪو بہ انهيءَ باري ۾ ٻڌندو سو مون سان گڏ کلندو.“ 7 پوءِ
وڌيڪ چيائين تہ ”ڪير ابراهيم کي چئي ٿي سگهيو تہ ’ساره پٽ
کي ٿڃ پيئاريندي‘؟ پر ان هوندي بہ مون کي هن جي ٻڍاپي ۾ هن
مان پٽ ڄائو آهي.“

8 پوءِ ٻار وڏو ٿيو ۽ جنهن ڏينهن ٿڃ ڇڏايائونس، تنهن ڏينهن
ابراهيم هڪڙي وڏي دعوت ڪئي.

## هاجره ۽ اسماعيل جو نڪرڻ

9 هڪ ڏينهن ساره ڏٺو تہ مصري هاجره جو پٽ اسماعيل جيڪو
ڪيس ابراهيم مان ڄائو هو تنهن ساره جي پٽ اسحاق سان راند پئي
ڪئي. 10 تڏهن ساره ابراهيم کي چيو تہ ”هن ٻانهيءَ ۽ سندس پٽ
کي ڪڍي ڇڏ. هن ٻانهيءَ جو پٽ تنهنجي ملڪيت ۾ منهنجي پٽ
اسحاق سان وارث نہ ٿيندو.“ 11 انهيءَ ڳالهہ ابراهيم کي ڏاڍو ڏک
ڏنو، ڇالاءِجو اسماعيل بہ سندس ئي پٽ هو. 12 پر خدا ابراهيم کي
چيو تہ ”تون پنهنجي پٽ ۽ پنهنجي ٻانهيءَ بابت ڪابہ ڳڻتي نہ
ڪر. ائين ئي ڪر جيئن ساره تو کي چوي ٿي، ڇالاءِجو جنهن اولاد
ڏيڻ جو مون تو سان عهد ڪيو آهي سو اسحاق مان ئي ٿيندو. 13 آءٌ
هن ٻانهيءَ جي پٽ کي بہ ٻار ڏيندس ۽ اهي هڪ وڏي قوم ٿيندا.
هي بہ تہ تنهنجو ئي اولاد آهي.“
14 ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ابراهيم هاجره جي ڪلهي تي ماني
۽ پاڻيءَ سان ڀريل هڪ مشڪ رکي ڪيس ٻار سميت روانو ڪري
ڇڏيو. هوءَ اتان هلي ويئي ۽ بيرسبع جي رڻپٽ ۾ رلندي رهي.
15 جڏهن مشڪ جو پاڻي کپي ويو تڏهن هن انهيءَ ٻار کي هڪڙي
ٻوڙي هيٺ رکي ڇڏيو 16 ۽ پاڻ هلي ويئي. هوءَ انهيءَ جي سامهون
سڏ پنڌ تي وڃي ويهي رهي. هن سوچيو تہ ”آءٌ ٻار کي مرندو نہ
ڏسان.“ پوءِ هوءَ روئڻ لڳي. 17 تڏهن خدا ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌو
۽ سندس ملائڪ آسمان مان هاجره سان ڳالهايو ۽ چيائينس تہ ”اي
هاجره! تو کي ڪهڙي تڪليف آهي؟ ڊڄ نہ، خدا ٻار جي روئڻ جو
آواز ٻڌو آهي. 18 اُٿ، وڃي ڪٽيس ۽ دلاسو ڏيس. خدا چوي ٿو تہ
’آءٌ انهيءَ جي اولاد مان هڪ وڏي قوم بڻائيندس.‘“ 19 پوءِ خدا
هاجره جون اکيون کوليون ۽ هاجره هڪڙو کوهہ ڏٺو. هوءَ وڃي اتان
پنهنجي مشڪ پاڻيءَ سان ڀري آئي ۽ ڇوڪر ٻار کي پيئاريائين.
20 خدا انهيءَ ڇوڪر سان هو. جيئن هو وڏي وڏو ٿيو، تہ فاران
جي رڻپٽ ۾ رهڻ لڳو ۽ شڪار ڪرڻ جو وڏو ماهر ٿيو. 21 سندس
ماءُ هن جي لاءِ مصر جي ملڪ مان زال ورتي.

## ابراهيم ۽ ابيملڪ جي وچ ۾ عهد

22 انهيءَ وقت ابيملڪ پنهنجي فوج جي سپهہسالار فيڪل سان
گڏ ابراهيم وٽ ويو ۽ چيائينس تہ ”جيڪي ڪجهہ تون ڪرين ٿو
تنهن ۾ خدا تو ساڻ آهي. 23 سو هاڻي هتي مون سان خدا جو قسم
کڻ تہ تون مون سان، منهنجي ٻارن يا منهنجي پوين سان دغا نہ

*چانديءَ جا هزار سڪا: اٽڪل ساڍا يارهن ڪلوگرام چاندي.

†کل: عبراني ٻوليءَ ۾ اسحاق نالي جو مطلب آهي تہ ”هو کلي ٿو“.

2:21 عبر 11:11 4:21 پيد 17:12، رسو 7:8 10:21 گل 4:29–30 12:21 رو 9:7، عبر 11:18 22:21 پيد 26:26

ڪندين. جهڙيءَ طرح آءٌ تو سان وفادار رهيو آهيان، تهڙيءَ طرح
تون بہ مون سان ۽ هن ملڪ سان، جنهن ۾ تون پرديسي ٿي رهيو
پيو آهين، وفادار رهندين.“ 24 ابراهيم چيو تہ ”آءٌ قسم کڻان ٿو.“
25 پوءِ ابراهيم ابيملڪ کي پاڻيءَ جي هڪڙي کوهہ لاءِ ڏوراپو ڏنو
جنهن تي هن جي نوڪرن زبردستيءَ قبضو ڪيو هو. 26 ابيملڪ چيو
تہ ”مون کي خبر ڪانهي تہ ڪنهن اهو ڪم ڪيو آهي. تو بہ مون
کي انهيءَ بابت ڪونہ ٻڌايو. پهريون دفعو ئي مون اها ڳالهہ ٻڌي
آهي.“ 27 پوءِ ابراهيم ابيملڪ کي رڍون ٻڪريون ۽ چوپايو مال ڏنو ۽
ٻنهي ڄڻن پاڻ ۾ عهد ڪيو. 28 ابراهيم ست گهيٽيون ڌڻ مان ڪڍي
ڌار ڪيون. 29 ابيملڪ کانئس پڇيو تہ ”انهن ستن گهيٽين کي ڌار
ڪرڻ جو ڪهڙو مطلب آهي؟“ 30 ابراهيم جواب ڏنس تہ ”هي ست
گهيٽيون قبول ڪر. جيڪڏهن تون اهي وٺندين تہ اها انهيءَ ڳالهہ
جي شاهدي ٿيندي تہ اهو کوهہ مون کوٽيو آهي.“ 31 اهو ئي سبب
هو جو ان جاءِ جو نالو *بيرسبع پئجي ويو، ڇاڪاڻ تہ اتي هنن ٻنهي
قسم کنيو هو.

32 بيرسبع وٽ عهد ڪرڻ کان پوءِ ابيملڪ پنهنجي فوج جي
سپهہ‌سالار فيڪل سان گڏ موٽي فلستين جي علائقي ۾ آيو. 33 پوءِ
ابراهيم بيرسبع ۾ لئي جو هڪڙو وڻ لڳايو ۽ اتي خداوند، ابدي
خدا جي عبادت ڪيائين. 34 ابراهيم گهڻن ڏينهن تائين فلستين جي
علائقي ۾ رهيو.

## ابراهيم جو اسحاق کي قربان ڪرڻ

22 1 ڪجهہ وقت کان پوءِ خدا ابراهيم جي آزمائش ورتي.
کيس سڏ ڪيائين تہ ”اي ابراهيم!“ ابراهيم جواب ڏنو تہ
”اِجهو، آءٌ حاضر آهيان.“ 2 خدا چيس تہ ”تون پنهنجو پٽ يعني
پنهنجو سڪيلڌو پٽ اسحاق، جيڪو تو کي گهڻو پيارو آهي تنهن کي
وٺي موریاہ جي علائقي ۾ وڃ. اتي جيڪو جبل آءٌ تو کي ڏيکاريان،
تنهن تي هن کي ساڙڻ واري قربانيءَ طور قربان ڪر.“ 3 ٻئي ڏينهن
صبح جو ساجهر ابراهيم قربانيءَ جي ساڙڻ لاءِ ڪاٺيون وڍي گڏهہ
تي لڏيون. پوءِ پنهنجا ٻہ نوڪر ۽ پنهنجي پٽ اسحاق کي پاڻ سان
وٺي انهيءَ هنڌ ڏانهن روانو ٿيو جنهن جو خدا ڏس ڏنو هوس.
4 ٽئين ڏينهن ابراهيم پري کان اهو هنڌ ڏٺو. 5 پوءِ هن پنهنجن
نوڪرن کي چيو تہ ”اوهين هتي گڏهہ وٽ ترسو. آءٌ ۽ هي ڇوڪر
هُتي عبادت ڪرڻ ٿا وڃون ۽ پوءِ اوهان وٽ موٽي ايندासين.“
6 ابراهيم قربانيءَ جون ڪاٺيون اسحاق کي کڻايون ۽ پاڻ ڪاتي
۽ باهہ ٻارڻ لاءِ ٽانڊا کنيائين، پوءِ ٻيئي گڏجي روانا ٿيا. 7 تڏهن
اسحاق پيءُ کي چيو تہ ”اي بابا!“ هن جواب ڏنس تہ ”جيءُ پٽ.“
اسحاق پڇيس تہ ”ٽانڊا ۽ ڪاٺيون تہ اوهان وٽ آهن پر ساڙڻ واري
قربانيءَ جي لاءِ گهيٽو ڪٿي آهي؟“ 8 ابراهيم جواب ڏنو تہ ”خدا
پاڻيهي ساڙڻ واري قربانيءَ جي لاءِ گهيٽو موجود ڪري ڏيندو.“
سو ٻيئي گڏجي هلندا ويا. 9 جڏهن هو انهيءَ جاءِ تي آيا جنهن
جو خدا ڏس ڏنو هوس، تڏهن ابراهيم اتي هڪڙي قربان‌گاهہ ٺاهي
۽ ان جي مٿان ڪاٺيون ٺاهي رکيائين. ان بعد پنهنجي پٽ اسحاق
کي ٻڌي قربان‌گاهہ تي ڪاٺين جي مٿان رکيائين. 10 پوءِ هن هٿ
ڊگهيري پنهنجي پٽ کي ڪهڻ لاءِ ڪاتي کنئي. 11 تڏهن خداوند
ملائڪ جي وسيلي آسمان مان سڏ ڪري چيس تہ ”اي ابراهيم! اي
ابراهيم!“ هن وراڻيو تہ ”اِجهو، آءٌ حاضر آهيان.“ 12 خداوند چيس
تہ ”ڇوڪر کي زخم نہ رساءِ ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪرينس. هاڻ مون
کي خبر پئي تہ مون خدا جو تون خوف رکين ٿو، ڇوتہ تو پنهنجو
سڪيلڌو پٽ بہ مون کان وانجهي نہ رکيو آهي.“
13 تڏهن ابراهيم اکيون کڻي آس‌پاس نهاريو تہ هڪڙو گهيٽو
ڏٺائين، جنهن جا سڱ هڪڙي ٻوڙي ۾ ڦاٿل هئا. ابراهيم وڃي
اهو گهيٽو پڪڙيو ۽ آڻي پنهنجي پٽ جي بدران گهيٽي جي ساڙڻ
واري قرباني ڪيائين. 14 ابراهيم انهيءَ جاءِ جو نالو رکيو، ”خداوند
موجود ڪري ڏئي ٿو.“ سو اڄ ڏينهن تائين اهو چوڻ ۾ اچي ٿو تہ
”خداوند پنهنجي جبل تي موجود ڪري ڏئي ٿو.“
15 خداوند ٻيو ڀيرو ملائڪ جي وسيلي آسمان مان ابراهيم کي
سڏي چيو تہ 16 ”آءٌ خداوند پنهنجي ذات جو قسم کڻي ٿو چوان تہ
آءٌ تو کي برڪت مٿان برڪت ڏيندس، ڇوتہ تو هي ڪم ڪيو جو
پنهنجو پٽ يعني پنهنجو سڪيلڌو پٽ بہ مون کان وانجهي نہ رکيو.
17 سو آءٌ واعدو ٿو ڪريان تہ آءٌ تو کي ايترو تہ گهڻو اولاد ڏيندس
جيترا آسمان ۾ تارا آهن، يا جيترا سمنڊ جي ڪناري جي واريءَ
جا ذرا آهن. تنهنجو اولاد پنهنجن دشمنن تي فتح حاصل ڪندو.
18 دنيا جون سموريون قومون تنهنجي اولاد جي وسيلي برڪت حاصل
ڪنديون، ڇوتہ تو منهنجو چيو مڃيو آهي.“ 19 پوءِ ابراهيم موٽي
پنهنجن نوڪرن وٽ آيو، تڏهن اُهي اٿي روانا ٿيا ۽ گڏجي بيرسبع
۾ آيا. ابراهيم بيرسبع ۾ ئي رهڻ لڳو.

## نحور جو اولاد

20 ڪجهہ وقت کان پوءِ ابراهيم کي خبر پيئي تہ سندس ڀاءُ نحور
کي مِلڪاہ مان پٽ ٿيا هئا: 21 عُوض هن جو پهريتو پٽ، بُوز، قموايل
جيڪو ارام جو پيءُ آهي، 22 ڪسد، حضو، فلداس، يدِلاف ۽ بيتوايل
23 جنهن کي ربقہ ڄائي. اهي اٺ پٽ مِلڪاہ کي ابراهيم جي ڀاءُ
نحور مان ٿيا. 24 تنهن کان سواءِ نحور جي ويهاريل زال روماہ کي
بہ منجهانئس طِبح، گاحم، تخس ۽ معڪاہ نالي پٽ ڄاوا.

*بيرسبع: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”قسم وارو کوهہ“ يا ”ستن وارو کوهہ“. ڏسو 26:33 پڻ.

22:1–13 عبر 11:17–19    22:2 2.توا 3:1    22:9 يع 2:21    22:16–17 عبر 6:13–14    22:17 عبر 11:12    22:18 رس 3:25

## ساره جي وفات

23 1 ساره ڪل هڪ سؤ ستاويهہ سال جيئري رهي. 2 هن
ڪنعان ملڪ جي اربع شهر يعني حبرون ۾ وفات ڪئي.
ابراهيم انهيءَ جي وفات تي سوڳ ڪيو ۽ رنو. 3 پوءِ ابراهيم ميت
وٽان اٿي حِتي قوم وٽ ويو ۽ کين چيائين تہ 4 ”آءٌ اوهان وٽ ڌاريو
۽ مسافر آهيان. مون کي قبرستان جي لاءِ زمين جو ٽڪرو وڪرو
ڪري ڏيو تہ آءٌ پنهنجو مڙدو اتي دفن ڪريان.“ 5 انهن جواب ڏنو
تہ 6 ”سائين! اسان جي ڳالهہ ٻڌو. اسين اوهان کي هڪ وڏو سردار
سمجهندا آهيون. اسان جي قبرستان ۾ جيڪا بہ جاءِ اوهان کي وڻي
اتي پنهنجو مڙدو دفن ڪريو. اسان مان ڪوبہ اوهان کي انهيءَ جاءِ
کان منع نہ ڪندو.“
7 تڏهن ابراهيم اٿي اتان جي ماڻهن جو ٿورو مڃيو. 8 کين
چيائين تہ ”جيڪڏهن اوهان جي مرضي آهي تہ آءٌ پنهنجو مڙدو هتي
دفن ڪريان تہ مهرباني ڪري صُحر جي پٽ عِفرون کي چئو تہ 9 هو
مڪفيلاه جي غار، جيڪا سندس ملڪيت آهي ۽ سندس ٻنيءَ جي
پڇاڙيءَ ۾ آهي، تنهن جي پوري قيمت وٺي اها مون کي ڏئي تہ جيئن
اوهان جي وچ ۾ هڪڙو قبرستان منهنجي ملڪيت هجي.“ 10 صُحر
جو پٽ عِفرون اتي پنهنجن ماڻهن سان شهر جي دروازي وٽ ويٺو
هو. هن انهن سڀني جي روبرو جواب ڏنو تہ 11 ”منهنجا سائين! ائين
نہ ٿيندو، بلڪ منهنجي ڳالهہ ٻڌو، اها ٻني ۽ جيڪا غار منجهس
آهي سي ٻئي آءٌ اوهان کي مفت ۾ ڏيان ٿو. اهي آءٌ اوهان کي پنهنجي
قوم جي روبرو ڏيان ٿو، اوهين پلي پنهنجو مڙدو دفن ڪريو.“
12 ابراهيم هڪ دفعو وري انهن ماڻهن جو ٿورو مڃيو. 13 پوءِ انهن
ماڻهن جي روبرو عِفرون کي چيائين تہ ”آءٌ تو کي عرض ٿو ڪريان
تہ منهنجي ڳالهہ ٻڌ، آءٌ ٻنيءَ جي قيمت ڏيندس. اها مون کان وٺ
تہ پوءِ آءٌ پنهنجو مڙدو دفن ڪريان.“ 14 عِفرون ورندي ڏيئي چيو تہ
15 ”منهنجا سائين! منهنجي ڳالهہ ٻڌو، زمين جي قيمت چانديءَ
جي *چار سؤ سڪن جي تور برابر آهي، سي اوهان جي ۽ منهنجي
وچ ۾ ڇا آهن؟ اوهين پلي پنهنجو مڙدو دفن ڪريو.“ 16 ابراهيم
عِفرون جي ڳالهہ قبول ڪئي ۽ اوتري چاندي توري کيس ڏنائين،
يعني چانديءَ جي چار سؤ سڪن برابر، جيڪي واپارين ۾ چالو هئا.
17 اهڙيءَ طرح عِفرون جي اها ٻني جيڪا مڪفيلاه ۾ ممريءَ جي
اڀرندي ۾ هئي سا ابراهيم جي ٿي. غار جيڪا منجهس هئي ۽ اهي
سمورا وڻ جيڪي انهيءَ جي حد اندر هئا سي شامل هئا. 18 اها
ملڪيت حِتي قوم جي روبرو ابراهيم کي پڪيءَ طرح قبضي ۾
ملي. 19 پوءِ ابراهيم پنهنجيءَ زال ساره کي مڪفيلاه واري ٻنيءَ
جي غار ۾ دفن ڪيو. اها غار ڪنعان ملڪ جي ممري شهر جي
اوڀر ۾ حبرون جي پرسان آهي. 20 سو اها ٻني ۽ اها غار جيڪا حِتي
قوم جي ملڪيت هئي سا قبرستان لاءِ ابراهيم جي ملڪيت ٿي.

## اسحاق لاءِ سگ جي ڳولها

24 1 ابراهيم تمام پوڙهو ٿي ويو هو ۽ خداوند سڀني ڳالهين
۾ کيس برڪت ڏني هئي. 2 هڪڙي ڏينهن هن پنهنجي
پراڻي نوڪر کي سڏيو، جيڪو سندس سڀ ملڪيت سنڀاليندو هو ۽
چيائينس تہ ”پنهنجو †هٿ منهنجي ران جي هيٺان رک. 3 آءٌ تو کي
خداوند، آسمان ۽ زمين جي خدا جو قسم ٿو ڏيان تہ جن ڪنعانين
۾ آءٌ رهان ٿو تن جي ڌيئرن مان ڪنهن سان بہ تون منهنجي پٽ
جي شادي نہ ڪرائيندين. 4 پر منهنجي ملڪ ۾ منهنجي مائٽن
مان منهنجي پٽ اسحاق جي لاءِ ڪنوار آڻيندين.“ 5 نوڪر پڇيس
تہ ”جيڪڏهن اها مون سان گڏ هن ملڪ ۾ اچڻ لاءِ راضي نہ
ٿئي تہ پوءِ؟ ڇا آءٌ اوهان جي پٽ کي پاڻ سان انهيءَ ملڪ ڏانهن
وٺي وڃان جتان اوهين نڪري آيا آهيو؟“ 6 ابراهيم ورندي ڏنس تہ
”خبردار، متان منهنجي پٽ کي اوڏانهن وٺي ويو آهين. 7 خداوند
عرش عظيم جي خدا مون کي منهنجي پيءُ جي گهر ۽ اباڻي ملڪ
مان ڪڍي آندو آهي. انهيءَ مون سان قسم کڻي عهد ڪيو آهي تہ
’آءٌ تنهنجي اولاد کي هيءَ زمين ڏيندس.‘ اهو ئي پنهنجي ملائڪ
کي موڪليندو تہ جيئن تون اتان منهنجي پٽ جي لاءِ ڪنوار وٺي
اچي سگهين. 8 جيڪڏهن اها تو سان گڏ اچڻ لاءِ راضي نہ ٿئي
تہ پوءِ تون هن قسم کان آجو آهين. پر منهنجي پٽ کي اوڏانهن
ڪنهن بہ صورت ۾ نہ وٺي وڃجانءِ.“ 9 پوءِ انهيءَ نوڪر پنهنجي
مالڪ ابراهيم جي ران جي هيٺان هٿ رکيو ۽ جيڪي ابراهيم چيو
هوس تنهن بابت قسم کنيائين.
10 پوءِ انهيءَ نوڪر جيڪو ابراهيم جي سڀ ملڪيت جو
سنڀاليندڙ هو، تنهن پنهنجي مالڪ جي اُٺن مان ڏهہ اٺ سامان سان
لڏيا ۽ ‡ارام جي علائقي ۾ انهيءَ شهر ڏانهن روانو ٿيو جنهن ۾
ابراهيم جو ڀاءُ نحور رهندو هو. 11 اُتي شام جو شهر جي ٻاهران
کوهہ وٽ اٺ آڻي جهڪايائين، انهيءَ وقت عورتون اتي پاڻي ڀرڻ
اينديون هيون. 12 پوءِ دعا گهريائين تہ ”اي خداوند! منهنجي مالڪ
ابراهيم جا خدا! اڄ مون کي سوڀ ڏي ۽ منهنجي مالڪ تي پنهنجي
عهد موجب مهرباني ڪر. 13 هتي آءٌ کوهہ وٽ بيٺو آهيان ۽ شهر
جون جوان ڇوڪريون پاڻي ڀرڻ لاءِ اچن ٿيون. 14 شل ائين ٿئي جو

---

*چار سؤ سڪن جي تور برابر: يعني اٽڪل ساڍا چار ڪلوگرام.

†هٿ منهنجي ران جي هيٺان رک: انهيءَ دور ۾ اهڙيءَ طرح پڪو قسم کنيو ويندو هو.

‡ارام: ان دور ۾ هي علائقو موجوده شام ۽ عراق ملڪن جي ڪن حصن تي مشتمل هو.

3:23 پيد 15:10 4:23 عبر 11:9،13، رس 7:16

جڏهن آءٌ انهن مان هڪڙيءَ کي چوان تہ 'مهرباني ڪري پنهنجو دلو
لاهہ تہ آءٌ پاڻي پيئان،' تڏهن اها چوي تہ 'پلي پيءُ ۽ آءٌ تنهنجي
اٺن کي بہ پاڻي پيئاريندس.' شل هوءَ اها ئي ڇوڪري هجي جنهن
کي تو پنهنجي ٻانهي اسحاق جي لاءِ چونڊيو آهي. جيڪڏهن ائين
ٿيو تہ آءٌ سمجهندس تہ تو منهنجي مالڪ تي مهرباني ڪئي آهي."
15 اڃا هن دعا پوري ئي ڪانہ ڪئي هئي تہ ربقہ آئي ۽ دلو
سندس ڪلهي تي هو. هوءَ بيتوايل جي ڌيءَ هئي جيڪو ابراهيم جي
ڀاءُ نحور جي زال مِلڪاه جو پٽ هو. 16 اها ڇوڪري ڏاڍي سهڻي،
ڪنواري ۽ مرد جي هٿ کان بچيل هئي. هوءَ کوهہ تي ويئي ۽
دلو ڀري موٽي آئي. 17 تڏهن اهو نوڪر ڊوڙي وڃي ساڻس گڏيو ۽
چيائينس تہ "مهرباني ڪري پنهنجي دلي مان مون کي ٿورو پاڻي
پيئار." 18 هن چيس تہ "سائين! پلي پيئو." پوءِ جلد ۾ ڪلهي تان
دلو لاهي هٿن تي ڪري انهيءَ کي پاڻي پيئاريائين. 19 جڏهن هن
کي پاڻي پيئاري بس ڪيائين تڏهن چيائينس تہ "آءٌ توهان جي اٺن
لاءِ بہ پاڻي ڀري ٿي اچان. پلي اهي بہ پي ڍءُ ڪن." 20 پوءِ ربقہ
جلد پنهنجو دلو حوض ۾ خالي ڪري وڌيڪ پاڻي ڀرڻ لاءِ کوهہ
ڏانهن ڀڳي ۽ هن جي سيني اٺن کي پاڻي پيئاريائين. 21 اهو ماڻهو
کيس ڇتائي ڏسندو رهيو تہ "ڏسان تہ خداوند منهنجو پنڌ سجايو
ڪيو آهي يا نہ."

22 جڏهن اٺن پاڻي پي بس ڪئي تڏهن انهيءَ ماڻهوءَ هڪڙي سوني
نٿ، جنهن جي تور اٽڪل پنج گرام هئي سا ڪڍي ۽ بہ سونا ڪنگڻ
جن جي تور اٽڪل سؤ سؤ گرام هئي، انهيءَ جي ٻانهن لاءِ ڪڍيا.
23 پوءِ پڇيائينس تہ "مهرباني ڪري ٻڌاءِ تہ تون ڪنهن جي ڌيءَ
آهين؟ تنهنجي پيءُ جي گهر ۾ اسان جي رهڻ لاءِ ڪا جاءِ آهي؟"
24 هن جواب ڏنو تہ "منهنجو پيءُ بيتوايل آهي، جنهن جي ماءُ
مِلڪاه ۽ پيءُ نحور آهي." 25 وڌيڪ چيائينس تہ "اسان وٽ گاهہ
۽ چارو تمام گهڻو آهي ۽ رهڻ جي جاءِ بہ آهي." 26 تڏهن انهيءَ
ماڻهوءَ جهڪي خداوند کي سجدو ڪيو. 27 پوءِ چيائين تہ "خداوند،
منهنجي مالڪ ابراهيم جي خدا کي ساراهہ جڳائي، جنهن منهنجي
مالڪ تان پنهنجي لافاني شفقت ۽ وفا ڪين هٽائي آهي. خداوند
منهنجي رهبري ڪري مون کي منهنجي مالڪ جي مائٽن ۾ وٺي
آيو آهي."

28 پوءِ انهيءَ ڇوڪريءَ ڊوڙي وڃي پنهنجي ماءُ جي گهر ۾ اها
ڳالهہ ٻڌائي. 29 انهيءَ ڇوڪريءَ ربقہ کي هڪڙو ڀاءُ هو جنهن جو
نالو لابن هو. 30 لابن جڏهن پنهنجيءَ ڀيڻ وٽ نٿ ۽ سندس هٿن
۾ ڪنگڻ ڏٺا ۽ جيڪي انهيءَ ماڻهوءَ سندس ڀيڻ کي چيو هو سو
ڪانئس ٻڌائين، تڏهن هو انهيءَ ماڻهوءَ وٽ ڊوڙي ويو جيڪو کوهہ
تي اٺن جي ڀرسان بيٺو هو. 31 لابن کيس چيو تہ "اي خداوند جا
پلارا انسان! اچ، اندر اچ، ٻاهر ڇو بيٺو آهين؟ مون تنهنجي لاءِ ۽
تنهنجي اٺن جي لاءِ بہ جاءِ تيار ڪئي آهي."

32 پوءِ لابن انهيءَ ماڻهوءَ کي گهر وٺي آيو ۽ سندس اٺن تان
بار لاهي انهن کي گاهہ ۽ چارو ڏنائين. هن ابراهيم جي نوڪر ۽
سندس ساٿين کي هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ پاڻي آڻي ڏنو. 33 پوءِ هن جي
اڳيان کاڌو رکيو ويو، پر هن چيو تہ "جيستائين آءٌ پنهنجو ڪم نہ
ٻڌائيندس تيستائين ڪونہ کائيندس." لابن چيس تہ "چڱو، ٻڌاءِ."
34 تڏهن هن چيو تہ "آءٌ ابراهيم جو نوڪر آهيان. 35 خداوند
منهنجي مالڪ کي وڏي برڪت ڏني آهي ۽ هو وڏو ماڻهو آهي.
خداوند کيس رڍون ٻڪريون، ڍور ڍڳا، سون چاندي، ٻانها ٻانهيون،
اٺ ۽ گڏهہ عطا ڪيا آهن. 36 منهنجي مالڪ کي سندس زال ساره
جي ٻڍاپي ۾ منجهانئس پٽ ڄائو، وٽس جيڪي ڪجهہ هو سو سڀ
انهيءَ پٽ کي ڏيئي ڇڏيو اٿس. 37 منهنجي مالڪ مون کان قسم
تي واعدو وٺي چيو آهي تہ 'تون ڪنعانين جي ڌيئرن مان، جن
جي ملڪ ۾ آءٌ رهان ٿو، ڪنهن سان بہ منهنجي پٽ جي شادي
نہ ڪرائجانءِ. 38 پر تون منهنجي پيءُ جي ڪٽنب ۽ منهنجي مٽن
مائٽن وٽ وڃجانءِ ۽ منهنجي پٽ لاءِ زال وٺي اچجانءِ.' 39 تڏهن
مون پنهنجي مالڪ کان پڇيو تہ 'جيڪڏهن اها ڇوڪري مون سان
گڏ نہ اچي تہ پوءِ؟' 40 هن جواب ڏنو تہ 'جنهن خداوند جي حڪم
تي آءٌ هلان ٿو سو پنهنجي ملائڪ کي تو وٽ موڪليندو ۽ تنهنجو
پنڌ سجايو ڪندو. تون منهنجي مائٽن ۽ منهنجي پيءُ جي ڪٽنب
مان منهنجي پٽ جي زال آڻ. 41 جڏهن تون منهنجي مائٽن وٽ
وڃين تڏهن تون منهنجي قسم کان آجو آهين، پوءِ جيڪڏهن اهي
تو کي ڪا ڇوڪري ڏيڻ کان انڪار ڪن تہ بہ تون آجو آهين.'
42 اڄ جڏهن آءٌ کوهہ تي آيس تہ دعا گهريم تہ 'اي خداوند،
منهنجي مالڪ ابراهيم جا خدا! منهنجو پنڌ سجايو ڪر. 43 آءٌ هتي
کوهہ وٽ بيٺو آهيان، جڏهن جوان ڇوڪري کوهہ تي پاڻي ڀرڻ لاءِ
اچي تہ آءٌ کيس چوندس تہ "مون کي پنهنجي دلي مان پاڻي پيئار."
44 جيڪڏهن اها چوي تہ "پلي پيءُ ۽ آءٌ تنهنجي اٺن لاءِ بہ پاڻي
آڻيان ٿي،" تہ شل هوءَ اها ئي ڇوڪري هجي جنهن کي تو منهنجي
مالڪ جي پٽ جي زال ٿيڻ لاءِ چونڊيو آهي.' 45 اڃا مون پنهنجيءَ
دل ۾ دعا گهري بس ڪئي، تہ ربقہ ڪلهي تي دلو رکي اچي
نڪتي. هوءَ کوهہ تي ويئي ۽ پاڻي ڀريائين. تڏهن مون کيس چيو تہ
'مهرباني ڪري مون کي پاڻي پيئار.' 46 هن هڪدم ڪلهي تان دلو
لاهي چيو تہ 'پيءُ، آءٌ تنهنجي اٺن کي بہ پاڻي پيئاريندس.' سو
مون پاڻي پيتو ۽ هن منهنجي اٺن کي بہ پاڻي پيئاريو. 47 مون کانئس
پڇيو تہ 'تون ڪنهن جي ڌيءَ آهين؟' هن جواب ڏنو تہ 'منهنجو
پيءُ بيتوايل آهي، جنهن جي ماءُ مِلڪاه ۽ پيءُ نحور آهي.' تڏهن
مون سندس نڪ ۾ نٿ ۽ ٻانهن ۾ ڪنگڻ پارايا. 48 پوءِ مون جهڪي
خداوند کي سجدو ڪيو ۽ خداوند، پنهنجي مالڪ ابراهيم جي خدا
جي تعريف ڪيم جيڪو مون کي سڌي رستي سان وٺي آيو، جو مون
پنهنجي مالڪ جي پٽ جي لاءِ سندس ڀائٽي هٿ ڪئي. 49 هاڻي
جيڪڏهن اوهين منهنجي مالڪ سان مهربانيءَ ۽ وفا سان پيش اچڻ

گهرو ٿا تہ مون کي ٻڌايو ۽ جي نہ، تہ بہ مون کي ٻڌايو، پوءِ آءٌ
سوچيندس تہ ڇا ڪرڻ گهرجي."
50 تڏهن لابن ۽ بيتوايل وراڻيو تہ "اها ڳالهہ خداوند جي طرفان
آهي، سو اسين ڪجهہ بہ نہ ٿا چئي سگهون. 51 اجها، ربقہ تنهنجي
سامهون آهي پلي وٺي وڃيس تہ جيئن اها خداوند جي چوڻ مطابق
تنهنجي مالڪ جي پٽ جي زال ٿئي." 52 جڏهن ابراهيم جي نوڪر
هنن جا اهي لفظ ٻڌا تہ زمين تي جهڪي خداوند کي سجدو ڪيائين.
53 پوءِ هن چانديءَ ۽ سون جا زيور ۽ ڪپڙا ڪڍي ربقہ کي ڏنا. هن
ربقہ جي ڀاءُ ۽ ماءُ کي بہ قيمتي سوکڙيون ڏنيون.
54 پوءِ ابراهيم جي نوڪر ۽ ٻين ماڻهن، جيڪي ساڻس گڏ هئا تن
کاڌو ۽ پيتو ۽ رات اتي گذاريائون. جڏهن صبح جو اٿيا تڏهن هن
چيو تہ "هاڻي ڇڏيو تہ آءٌ پنهنجي مالڪ ڏانهن موٽي وڃان." 55 پر
ربقہ جي ڀاءُ ۽ ماءُ چيو تہ "ڇوڪريءَ کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ڏينهن
اسان وٽ رهڻ ڏي، تنهن کان پوءِ هوءَ اوهان سان هلندي." 56 پر
هن چيو تہ "مون کي نہ روڪيو. خداوند منهنجو پنڌ سجايو ڪيو
آهي سو ڇڏيو تہ آءٌ پنهنجي مالڪ وٽ موٽي وڃان." 57 هنن چيو تہ
"اسين ڇوڪريءَ کي سڏي کانئس پڇون ٿا تہ هوءَ ڇا ٿي چوي."
58 سو هنن ربقہ کي سڏيو ۽ پڇيائونس تہ "تون هن ماڻهوءَ سان
ويندينءَ؟" هن جواب ڏنو تہ "هائو، ويندس." 59 پوءِ هنن پنهنجي
ڀيڻ ربقہ، سندس دائيءَ، ابراهيم جي نوڪر ۽ سندس ماڻهن کي
موڪل ڏيئي روانو ڪيو. 60 انهن ربقہ کي دعا ڪندي چيو تہ "اسان
جي ڀيڻ! شل تون هزارن ۽ لکن جي ماءُ ٿئين. شل تنهنجو اولاد
پنهنجن دشمنن جي شهرن تي حڪمراني ڪري." 61 پوءِ ربقہ ۽
سندس نوڪرياڻيون، ابراهيم جي نوڪر سان گڏ وڃڻ لاءِ اٺن
تي چڙهيون ۽ اهو نوڪر ربقہ کي وٺي روانو ٿيو.
62 اسحاق "ڏسندڙ جيئري جي کوهہ" کان آيو هو ۽ ڪنعان جي
ڏاکڻي پاسي رهندو هو. 63 هو شام جو ٻنين ۾ پنهنجي خيال ۾
گهمي رهيو هو تہ اٺن کي ايندو ڏٺائين. 64 جڏهن ربقہ اسحاق کي
ڏٺو تہ اٺ تان لهي پيئي 65 ۽ ابراهيم جي نوڪر کان پڇيائين تہ
"هو ڪير آهي جيڪو ٻنيءَ ۾ اسان سان ملڻ لاءِ ٿو اچي." نوڪر
جواب ڏنو تہ "اهو منهنجو مالڪ آهي." تڏهن هن نقاب هيٺ ڪري
پنهنجو منهن ڍڪي ڇڏيو. 66 نوڪر جيڪي ڪجهہ ڪيو هو سو
سڀ ڪجهہ اسحاق کي ٻڌايائين. 67 پوءِ اسحاق ربقہ کي ان تنبوءَ
۾ وٺي آيو جنهن ۾ سندس ماءُ رهندي هئي. پوءِ هن ساڻس شادي
ڪئي. اسحاق ربقہ سان پيار ڪرڻ لڳو، انهيءَ ڪري اسحاق کي
سندس ماءُ جي وفات جي ڏک کان تسلي ملي.

## ابراهيم جو ٻيو اولاد
(1.تواريخ 1:32–33)

25 1 ابراهيم هڪ ٻي زال پرڻيو جنهن جو نالو قطوراه هو.
2 انهيءَ کي ابراهيم مان زمران، يقشان، مدان، مديان،
اسباق ۽ سوخ ڄاوا. 3 يقشان مان شبا ۽ ددان پيدا ٿيا. ددان جي
اولاد مان اشوري، لطوسي ۽ لومي قومون بڻيون. 4 مديان جا پٽ
عيفاه، عِفر، حنُوڪ، ابيداع ۽ الداعاه هئا. اهي سڀ قطوراه جو اولاد
هئا. 5 ابراهيم وٽ جيڪي هو سو سڀ اسحاق کي ڏيئي ڇڏيائين.
6 پر ٻين زالن جي پٽن کي بہ ابراهيم بخششون ڏنيون. پوءِ پنهنجي
جيئري ئي انهن کي پنهنجي پٽ اسحاق کان ڌار ڪري اوڀر طرف
واري ملڪ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيائين.

## ابراهيم جي وفات ۽ سندس دفن ٿيڻ

7 ابراهيم ڪل هڪ سؤ پنجهتر سال جيئرو رهيو، 8 تنهن کان
پوءِ وفات ڪيائين. هو ٻڍو ۽ پير مرد ٿي وڏي ڄمار ماڻي وڃي
پنهنجن سان مليو. 9 سندس پٽن اسحاق ۽ اسماعيل کيس مڪفيلاه
جي غار ۾ دفن ڪيو جيڪا ممريءَ جي اوڀر ۾ صُحرحِتيءَ جي پٽ
عِفرون جي ٻنيءَ ۾ آهي. 10 اِها اُها ٻني هئي جيڪا ابراهيم حِتي
قوم کان خريد ڪئي هئي. ساره ۽ ابراهيم ٻئي اتي ئي دفن ٿيل
آهن. 11 ابراهيم جي وفات کان پوءِ، خدا سندس پٽ اسحاق کي
برڪت ڏني ۽ اسحاق، "ڏسندڙ جيئري جي کوهہ" وٽ رهڻ لڳو.

## اسماعيل جو اولاد
(1.تواريخ 1:28–31)

12 اسماعيل ساره جي ٻانهيءَ هاجره کي ابراهيم مان ڄائو هو.
13 هن جو اولاد سندن ڄم جي لحاظ کان ترتيبوار هي آهي: نبايوت،
قيدار، ادبئيل، مبسام، 14 مِشماع، دوماه، مسا، 15 حدد، تيما،
يطور، نفيس ۽ قدمہ. 16 اسماعيل جا اهي ٻارهن ئي پٽ پنهنجي
پنهنجي قبيلن جا سردار ٿيا ۽ انهن جي ڳوٺن ۽ منزلگاهن تي انهن
جا نالا رکيا ويا. 17 اسماعيل هڪ سؤ ستٽيهن سالن جي عمر ۾
وفات ڪري وڃي پنهنجن سان گڏيو. 18 اسماعيل جو اولاد حويلاه
کان شور جي وچ واري علائقي ۾ رهندو هو، جيڪو اشور ڏانهن
ويندي مصر جي اوڀر پاسي آهي. اُهي پنهنجي ابي ڏاڏي ابراهيم
جي ٻئي اولاد کان الڳ رهندا هئا.

## عيسو ۽ يعقوب جي پيدائش

19 ابراهيم جي پٽ اسحاق کي هن طرح اولاد ٿيو. 20 جڏهن اسحاق
ربقہ سان شادي ڪئي تڏهن سندس عمر چاليهہ سال هئي. ربقہ

10:25 پيد 23:3–16

فدان‌ارام شهر واري بيتوايل اراميءَ جي ڌيءَ ۽ لابن جي ڀيڻ هئي.
21 جيئن تہ ربقہ سنڍ هئي، تنهنڪري اسحاق انهيءَ لاءِ خداوند کان
دعا گهري. خداوند هن جي دعا قبول ڪئي ۽ هوءَ پيٽ سان ٿي.
22 هن کي جاڙا ٻار ٿيڻ وارا هئا. ڄمڻ کان اڳ ۾ ئي اهي ماءُ جي
پيٽ ۾ جهيڙو ڪرڻ لڳا. تڏهن هن چيو تہ ”جيڪڏهن مون سان ائين
ٿيڻو هو تہ پوءِ مون کي پيٽ ڇو ٿيو؟“ سو هوءَ خداوند کان پڇڻ
ويئي. 23 خداوند کيس چيو تہ

”تنهنجي پيٽ اندر ٻہ قومون سمايل آهن،
پيئي تو مان جنم وٺنديون ۽ هڪٻئي جون مخالف ٿينديون.
هڪڙي قوم ٻي قوم کان وڌيڪ زورآور ٿيندي،
هائو، وڏي پٽ جي قوم ننڍي پٽ جي قوم جي خدمت ڪندي.“

24 جڏهن ربقہ جي ويم ڪرڻ جو ڏينهن اچي ويو تہ کيس ٻہ جاڙا
پٽ ڄاوا. 25 جيڪو ٻار پهريائين ڄائو هو سو ڳاڙهي رنگ جو هو
۽ سندس سڄي جسم تي وار ئي وار هئا. تنهنڪري سندس نالو
*عيسو رکيو ويو. 26 ٻيو ٻار جڏهن ڄائو تہ عيسوءَ جي کُڙي سندس
هٿ ۾ پڪڙيل هئي، تنهنڪري انهيءَ جو نالو †يعقوب رکيائون.
جڏهن هي ڄاوا تڏهن اسحاق جي عمر سٺ سال هئي.

## عيسوءَ جو پنهنجي پهريتي هئڻ جو حق وڪڻڻ

27 ڇوڪرا وڏا ٿيا. عيسو هوشيار شڪاري ۽ جهنگ جو جهانگي
ٿيو، جڏهن تہ يعقوب ماٺ ميٺ ۾ ۽ گهريلو زندگي گذارڻ وارو
هو. 28 اسحاق عيسوءَ کي وڌيڪ پيار ڪندو هو، ڇالاءِجو هو عيسوءَ
جو شڪار وارو گوشت کائيندو هو، پر ربقہ جو پيار وري يعقوب
تي وڌيڪ هو.
29 هڪڙي ڏينهن يعقوب مُهريءَ جي دال رڌي رهيو هو تہ عيسو
شڪار تان آيو. هو ساٿو ٿي پيو هو، 30 تنهنڪري يعقوب کي چيائين
تہ ”آءٌ ساٿو ٿي پيو آهيان سو انهيءَ ڳاڙهي ٻوڙ مان مون کي ڪجهہ
کائڻ لاءِ ڏي.“ اهو ئي سبب آهي جو عيسوءَ تي ‡ادوم نالو پئجي
ويو. 31 يعقوب ورندي ڏنس تہ ”پهريائين تون پنهنجي پهريتي هئڻ
جو حق مون کي وڪڻي ڏي.“ 32 عيسوءَ چيو تہ ”ٺيڪ آهي. آءٌ
مرڻ تي آهيان. پوءِ پهريتي هئڻ جي حق مان مون کي ڪهڙو فائدو
رسندو؟“ 33 تڏهن يعقوب چيس تہ ”پهريائين مون سان قسم کڻ.“
عيسوءَ ساڻس قسم کنيو ۽ پنهنجي پهريتي هئڻ جو حق يعقوب کي
وڪڻي ڏنائين. 34 پوءِ يعقوب کيس ماني ۽ مُهريءَ جي دال ڏني.
هو کائي پي اٿيو ۽ هليو ويو. اهڙيءَ طرح عيسوءَ پنهنجي پهريتي
هئڻ جي حق کي خسيس ڄاتو.

## اسحاق جو گرار ۾ رهڻ

26 1 اڳيون ڏڪار جيڪو ابراهيم جي وقت ۾ پيو هو تنهن کان
سواءِ ٻيو بہ ڏڪار اچي ملڪ ۾ پيو. سو اسحاق فلستين
جي بادشاهہ ابيملڪ وٽ گرار ۾ ويو. 2 خداوند اسحاق کي ڏيکاري
ڏني ۽ چيائينس تہ ”مصر ڏانهن نہ وڃ پر جنهن ملڪ لاءِ آءٌ تو کي
چوان انهيءَ ۾ رهہ. 3 تون انهيءَ ئي ملڪ ۾ پرديسي ٿي رهہ. آءٌ
تو سان هوندس ۽ تو کي برڪت ڏيندس. آءٌ هي سمورو ملڪ تو کي
۽ تنهنجي اولاد کي ڏيندس. جيڪو قسم مون تنهنجي پيءُ ابراهيم
سان کنيو هو سو پورو ڪندس. 4 آءٌ تو کي ايترو اولاد ڏيندس جيترا
آسمان ۾ تارا آهن. آءٌ هي سڄو ملڪ تنهنجي اولاد کي ڏيندس.
دنيا جي سڀني قومن کي تنهنجي اولاد جي وسيلي برڪت ملندي.
5 انهيءَ جو سبب هي آهي جو ابراهيم منهنجي فرمانبرداري ڪئي
هئي ۽ منهنجي هدايتن ۽ سڀني حڪمن تي عمل ڪيو هئائين.“
6 سو اسحاق گرار ۾ رهڻ لڳو. 7 جڏهن اتي جي ماڻهن ڪانئس
سندس زال جي باري ۾ پڇا ڪئي تہ چيائين تہ ”اها منهنجي ڀيڻ
آهي.“ هن انهيءَ کي پنهنجي زال نہ چيو، ڇوتہ هو ڊنو ٿي تہ ”متان
اتي جا ماڻهو ربقہ کي هٿ ڪرڻ خاطر مون کي ماري وجهن،“
ڇالاءِجو هوءَ تمام سهڻي هئي. 8 جڏهن اسحاق کي اتي رهندي
گهڻو وقت ٿي ويو تہ پوءِ هڪ ڏينهن ابيملڪ بادشاهہ پنهنجي دريءَ
مان ٻاهر هيٺ نهاريو تہ ڇا ڏسي تہ اسحاق ربقہ سان پيار پئي
ڪيو. 9 تنهن تي ابيملڪ اسحاق کي گهرايو ۽ چيائينس تہ ”هوءَ تہ
تنهنجي زال آهي! پوءِ تو ڪيئن ٿي چيو تہ اها منهنجي ڀيڻ آهي؟“
اسحاق ورندي ڏني تہ ”مون سمجهيو ٿي تہ زال ڇوڻ سان متان مون
کي ماريو وڃي.“ 10 ابيملڪ چيو تہ ”تو اسان سان هي ڇا ڪيو؟ ائين
تہ آسانيءَ سان هنن ماڻهن مان ڪوبہ تنهنجيءَ زال سان صحبت
ڪري سگهي ها ۽ پوءِ تون اسان کي ڏوهاري بڻائي ڇڏين ها.“ 11 ان
کان پوءِ ابيملڪ سڀني ماڻهن کي خبردار ڪيو تہ ”جيڪو بہ هن
ماڻهوءَ يا سندس زال کي هٿ لائيندو سو ضرور ماريو ويندو.“
12 اسحاق انهيءَ علائقي ۾ پوک ڪئي ۽ ساڳي ئي سال سؤٽي
پيدائش ٿيس، ڇالاءِجو خداوند کيس برڪت ڏني. 13 هو شاهوڪار
ٿي پيو. سندس دولت وڌندي ويئي تان جو هو وڏو امير ٿي پيو.
14 هو گهڻين ئي رڍن ٻڪرين، ڍورن ڍڳن ۽ نوڪرن جو مالڪ ٿي

*عيسو: هي نالو سعير نالي ڏانهن اشارو ڪندڙ آهي. سعير يعني ادوم اهو علائقو آهي جتي عيسو جو اولاد آباد ٿيو هو. سعير نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ٻوجرو“.

†يعقوب: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”کُڙي“ يعني ”ٺڳي“.

‡ادوم: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ڳاڙهو“.

23:25 رو 9:12   33:25 عبر 12:16   4–3:26 پيد 22:16–18   7:26 پيد 12:13، 20:2

ويو، تنهنڪري فلستي ساڻس حسد ڪرڻ لڳا. 15 سو جيڪي کوهه سندس پيءُ ابراهيم جي جيئري، ابراهيم جي نوڪرن کوٽيا هئا سي سڀ فلستين مٽيءَ سان پري بند ڪري ڇڏيا. 16 پوءِ ابيملڪ اسحاق کي چيو تہ ”اسان وٽان هليو وڃ، ڇوتہ تون اسان کان وڌيڪ زور وارو ٿي پيو آهين.“ 17 سو اسحاق اتان نڪتو ۽ گرار جي برساتي نهر وٽ پهچي اتي پنهنجا تنبو کوڙي رهي پيو.

## کوهن تان جهيڙو

18 هن وري اهي کوهه کوٽايا جيڪي سندس پيءُ ابراهيم جي ڏينهن ۾ کوٽيا ويا هئا ۽ جيڪي فلستين ابراهيم جي مرڻ کان پوءِ بند ڪري ڇڏيا هئا. اسحاق انهن کوهن تي ساڳيا ئي نالا رکيا جيڪي پڻس رکيا هئا. 19 اسحاق جي نوڪرن انهيءَ برساتي نهر ۾ کوٽائي پئي ڪئي تہ کين اتان هڪ وهندڙ پاڻيءَ جو چشمو مليو. 20 گرار شهر جي ڌنارن اسحاق جي ڌنارن سان جهيڙو ڪيو ۽ چيائون تہ ”هيءُ پاڻي اسان جو آهي.“ سو اسحاق کوهه جو نالو ”جهيڙو“ رکيو. 21 پوءِ اسحاق جي نوڪرن هڪ ٻيو کوهه کوٽيو ۽ انهيءَ تان بہ جهيڙو ٿي پيو، سو هن انهيءَ جو نالو ”دشمني“ رکيو. 22 پوءِ هو اتان وڌي اڳتي ويو ۽ هڪڙو ٻيو کوهه کوٽايائين، جنهن تي ڪوبہ جهيڙو ڪونہ ٿيو. سو هن انهيءَ جو نالو ”ڪشاديون جايون“ رکيو ۽ چيائين تہ ”هاڻ خداوند اسان کي رهڻ لاءِ ڪشادي جاءِ ڏني آهي. سو اسين هن ڌرتيءَ تي وڌندا ويجهنداسين.“

## خداوند جو اسحاق سان عهد

23 اتان اسحاق بيرسبع ڏانهن ويو، 24 جتي انهيءَ ئي رات خداوند کيس ڏيکاري ڏني ۽ چيائينس تہ

”آءٌ تنهنجي پيءُ ابراهيم جو خدا آهيان،
تون بلڪل نہ ڊڄ، ڇالاءِجو آءٌ تو سان گڏ آهيان.
آءٌ پنهنجي ٻانهي ابراهيم سان ڪيل عهد جي ڪري،
تو کي برڪت عطا ڪندس ۽ تنهنجو نسل گهڻو وڌائيندس.“

25 پوءِ اسحاق اتي هڪڙي قربانگاهہ ٺاهي ۽ خداوند جي عبادت ڪئي. اتي هن پنهنجا تنبو کوڙيا ۽ پنهنجن نوڪرن کان هڪڙو کوهه کوٽايائين.

## اسحاق ۽ ابيملڪ جي وچ ۾ عهد

26 ابيملڪ گرار مان پنهنجي صلاحڪار احوزت ۽ پنهنجي فوج جي سپهہسالار فيڪل سان گڏجي اسحاق سان ملڻ لاءِ آيو. 27 اسحاق کائنئن پڇيو تہ ”اوهين مون وٽ ڇو آيا آهيو؟ جڏهن تہ اوهين منهنجي خلاف هئا ۽ مون کي پاڻ وٽان ڪڍي ڇڏيو هُيئَہ.“ 28 تنهن تي هنن وراڻيو تہ ”هاڻي اسان چٽيءَ طرح ڏٺو آهي تہ خداوند تو ساڻ آهي، سو اسان جو خيال آهي تہ تون ۽ اسان قسم تي عهد ڪريون. اچ تہ معاهدو ڪريون، 29 تہ تون اسان کي ڪوبہ نقصان نہ پهچائيندين، جيئن اسان تو کي هٿ بہ نہ لاتو هو. اسان تو سان نيڪيءَ کان سواءِ ٻيو ڪي بہ ڪين ڪيو هو ۽ تو کي صحيح سلامت روانو ڪيو هو. هاڻي اسين ڄاڻون ٿا تہ تون خداوند جو پيارو انسان آهين.“ 30 پوءِ اسحاق سندن مهماني ڪئي ۽ هنن کاڌو پيتو. 31 صبح جو سوير اٿي هنن هڪ ٻئي سان قسم کنيو. پوءِ اسحاق کين موڪل ڏني ۽ هو صحيح سلامت وٽانئس روانا ٿيا.

32 انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي اسحاق جي نوڪرن اچي کيس ٻڌايو تہ ”جيڪو کوهه اسان کوٽيو هو تنهن مان پاڻي نڪتو آهي.“ 33 تنهن تي هن انهيءَ کوهه جو نالو ”قسم“ رکيو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڏينهن تائين انهيءَ شهر جو نالو *بيرسبع ٿو سڏجي.

## عيسوءَ جون ڌاريون زالون

34 جڏهن عيسو چاليهن سالن جو ٿيو، تڏهن حِتي قوم جي ٻن ڇوڪرين سان شادي ڪيائين، هڪڙي بيريءَ جي ڌيءَ يهوديت ۽ ٻي اَيلون جي ڌيءَ باسمت. 35 انهن اسحاق ۽ ربقہ جي زندگي زهر ڪري ڇڏي.

## يعقوب کي اسحاق جي دعا

27 1 هاڻ اسحاق پوڙهو ٿي ويو هو ۽ اکين مان نظر بہ ڪونہ ٿي پيس. تڏهن هن پنهنجي وڏي پٽ عيسوءَ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيائينس تہ ”پٽ!“ هن وراڻيس تہ ”جيءُ.“ 2 اسحاق چيس تہ ”تون ڏسين ٿو تہ آءٌ ٻڍو ٿي ويو آهيان ۽ گهڻو وقت جيئرو ڪونہ رهندس. 3 سو پنهنجو تيرڪمان کڻي جهنگ ڏانهن وڃ ۽ منهنجي لاءِ شڪار ڪري اچ. 4 پوءِ منهنجي لاءِ لذيذ کاڌو تيار ڪر، جهڙو مون کي وڻندو آهي. اهو مون وٽ کڻي اچ تہ آءٌ کاوان ۽ مرڻ کان اڳ ۾ دل سان تو کي دعا ڏيان.“

5 جڏهن اسحاق پنهنجي پٽ عيسوءَ سان ڳالهايو پئي، تڏهن ربقہ ٻڌو پئي. سو جڏهن عيسو شڪار ڪرڻ لاءِ جهنگ ڏانهن ويو، 6 تڏهن ربقہ پنهنجي پٽ يعقوب کي چيو تہ ”مون تنهنجي پيءُ کي تنهنجي ڀاءُ عيسوءَ سان هيءَ ڳالهہ چوندي ٻڌو آهي تہ 7 ’منهنجي لاءِ شڪار آڻ ۽ مون لاءِ لذيذ کاڌو تيار ڪر تہ اهو آءٌ کاوان ۽ مرڻ کان اڳ ۾ خداوند جي حضور ۾ آءٌ دل سان تو کي دعا ڏيان.‘ 8 تنهنڪري پٽ! ڪن ڏيئي ٻڌ، هاڻ جيئن آءٌ تو کي چوان تيئن ڪر. 9 هينئر ئي ڌڻ ۾ وڃ ۽ ان منجهان مون کي ٻہ سٺا ڇيلا

---

*بيرسبع: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”قسم وارو کوهه“ يا ”ستن وارو کوهه“. ڏسو 21:31 پڻ.

26:26 پيد 21:22

آٽي ڏي ته انهن مان آءٌ تنهنجي پيءُ لاءِ اهڙو لذيذ کاڌو تيار ڪريان
جهڙو کيس وڻندو آهي. 10 پوءِ تون اهو وٽس کڻي وڃ ته هو ڪائي
۽ مرڻ کان اڳ ۾ تو کي دعا ڏئي." 11 پر يعقوب پنهنجي ماءُ کي
چيو ته "توهان کي ته خبر آهي ته منهنجي ڀاءُ عيسوءَ جي بدن تي
وار آهن ۽ منهنجو بدن لسو آهي. 12 شايد منهنجو پيءُ مون کي
هٿ لائي ڏسي ۽ خبر پئجي وڃيس ته آءٌ ساڻس ٺڳي ٿو ڪريان،
ته پوءِ اهڙيءَ طرح آءٌ دعا جي عيوض پاڻ تي بددعا آڻيندس."
13 ماڻس ورندي ڏنس ته "پٽ، تو تي پوڻ واري بددعا ڀلي مون تي
پوي. تون رڳو منهنجي ڳالهه مڃ ۽ وڃي ڇيلا مون کي آڻي ڏي."
14 پوءِ يعقوب ويو ۽ اهي آڻي پنهنجيءَ ماءُ کي ڏنائين. سندس ماءُ
اهڙو ئي کاڌو پچايو جهڙو پڻس کي وڻندو هو. 15 پوءِ ربقه پنهنجي
وڏي پٽ عيسوءَ جا عمدا ڪپڙا جيڪي وٽس گهر ۾ رکيل هئا سي
پنهنجي ننڍي پٽ يعقوب کي پارايا. 16 هن سندس ٻانهن ۽ ڪنڌ
جي لسي هنڌ کي ڇيلن جي کلن سان ڍڪي ڇڏيو. 17 پوءِ اهو لذيذ
کاڌو ۽ ماني جيڪا هن پچائي هئي سا يعقوب جي هٿ ۾ ڏنائين.
18 سو يعقوب پنهنجي پيءُ وٽ ويو ۽ چيائينس ته "بابا!" اسحاق
جواب ڏنس ته "جيءُ پٽ، تون ڪهڙو آهين؟" 19 يعقوب وراڻيو ته
"آءٌ توهان جو وڏو پٽ عيسو آهيان. جيئن توهان مون کي چيو هو
تيئن مون ڪيو آهي. مهرباني ڪري اٿي ويهو ۽ مون جيڪو شڪار
آندو آهي تنهن مان ڪجهه کائو ته جيئن مون کي دل سان دعا
ڏيو." 20 اسحاق يعقوب کان پڇيو ته "پٽ! اهو تو کي ايترو جلدي
ڪيئن هٿ آيو؟" يعقوب وراڻيو ته "خداوند خدا جنهن جا اوهين
خاص ٻانها آهيو، تنهن منهنجي مدد ڪئي." 21 پوءِ اسحاق يعقوب
کي چيو ته "پٽ! ويجهو اچ ته آءٌ تو کي هٿ لائي ڏسان ته تون
برابر عيسو آهين يا نه؟" 22 تڏهن يعقوب پنهنجي پيءُ جي ويجهو
ويو. هن کيس هٿ لائي چيو ته "آواز ته يعقوب جهڙو آهي پر هٿ
عيسوءَ جهڙا آهن." 23 هو يعقوب کي سڃاڻي نه سگهيو، ڇالاءِ جو
هن جا هٿ سندس ڀاءُ عيسوءَ جي هٿن جهڙا وارن سان ڀريل هئا.
سو هن طرح اسحاق يعقوب کي دعا ڏني. 24 هن ڪانئس پڇيو ته
"ڇا تون سچ پچ عيسو آهين؟" هن وراڻيو ته "ها." 25 تڏهن اسحاق
چيس ته "کاڌو مون وٽ کڻي اچ ته آءٌ پنهنجي پٽ جي شڪار مان
ڪجهه کاوان ۽ پوءِ دل سان تو کي دعا ڏيان." سو يعقوب اهو کيس
ويجهو آڻي ڏنو، جو کاڌائين. هن پيئڻ لاءِ ڪجهه مئي به آڻي ڏنس
جا هن پيتي. 26 پوءِ سندس پيءُ اسحاق چيس ته "پٽ! ويجهو اچي
مون کي چمي ڏي." 27 يعقوب ويجهو اچي چمي ڏنس. تڏهن اسحاق
کي سندس ڪپڙن جي خوشبوءِ آئي. سو کيس دعا ڏيئي چيائين ته
"منهنجي پٽ جي خوشبوءِ انهيءَ ٻنيءَ جي خوشبوءِ جهڙي آهي
جنهن کي خداوند برڪت ڏني آهي. 28 شل خدا تو کي آسمان جي
ماڪ، زمين جي زرخيزي، جهجهو اناج ۽ مئي ڏئي. 29 شل قومون
تنهنجون خدمتگار ٿين ۽ قبيلا تنهنجي اڳيان ڪنڌ جهڪائين. شل
پنهنجن سيني ڀائرن جو حاڪم ٿئين ۽ شل تنهنجي ماءُ جو اولاد
تنهنجي اڳيان ڪنڌ جهڪائي. شل انهيءَ تي پِٽَ پوي جيڪو تو تي
پِٽَ وجهي ۽ شل اهو ڀلارو ٿئي جيڪو تو لاءِ ڀلائي گهري."

## عيسوءَ جي منٿ

30 اسحاق يعقوب کي دعا ڏيئي بس ڪئي ۽ جيئن ئي يعقوب
ٻاهر نڪري ويو، ته عيسو شڪار تان موٽي آيو. 31 هو به ڪجهه
لذيذ کاڌو تيار ڪري پنهنجي پيءُ وٽ کڻي آيو. پيءُ کي چيائين ته
"ابا! اٿي ويهو ۽ پنهنجي پٽ جي شڪار مان ڪجهه کائو، ته جيئن
دل سان مون کي دعا ڏيو." 32 سندس پيءُ اسحاق پڇيس ته "تون
ڪير آهين؟" هن وراڻيو ته "آءٌ توهان جو وڏو پٽ عيسو آهيان."
33 اسحاق کي ڏڪڻي وٺي ويئي. هو چوڻ لڳو ته "پوءِ اهو ڪير هو
جيڪو شڪار ڪري مون وٽ کڻي آيو ۽ تنهنجي اچڻ کان اڳ ۾ اهو
کائي کيس دعا ڏنم. هاڻي انهيءَ تي ئي هميشه برڪت رهندي."
34 جڏهن عيسوءَ پنهنجي پيءُ جا اهي لفظ ٻڌا تڏهن زاروزار روئڻ
لڳو ۽ پيءُ کي چيائين ته "بابا! مون کي به دعا ڏيو." 35 اسحاق
وراڻيو ته "تنهنجي ڀاءُ اچي مون سان ٺڳي ڪئي ۽ تو واري دعا
وٺي ويو." 36 تڏهن عيسوءَ چيو ته "ڇا هن جو نالو *يعقوب ٺيڪ نه
رکيو ويو آهي؟ هن ٻيو ڀيرو مون سان ٺڳي ڪئي آهي. هن منهنجي
پهريتي هئڻ جو حق ورتو ۽ هاڻ هو منهنجي دعا به وٺي ويو آهي."
پوءِ چيائين ته "ڇا توهان منهنجي لاءِ ڪا دعا بچائي نه رکي آهي؟"
37 اسحاق عيسوءَ کي ورندي ڏيئي چيو ته "ڏس، مون هن کي
تنهنجو مالڪ ٺهرايو آهي ۽ سندس سمورا ڀائر کيس نوڪر ڪري ڏنا
اٿم. هن کي اناج ۽ مئي به ڏني اٿم. هاڻي پٽ، آءٌ تنهنجي لاءِ ڇا ٿو
ڪري سگهان؟" 38 عيسوءَ پنهنجي پيءُ کي ليلائيندي چيو ته "بابا!
توهان وٽ ڏيڻ لاءِ رڳو هڪڙي ئي دعا هئي ڇا؟ مون کي به دعا ڏيو
بابا!" ائين هو رڙيون ڪري روئڻ لڳو. 39 پوءِ سندس پيءُ اسحاق
کيس چيو ته "زمين جي زرخيزي ۽ آسمان مان ڪرندڙ ماڪ کان
پري تنهنجي رهڻ جي جاءِ هوندي. 40 تون پنهنجي تلوار جي زور تي
گذران ڪندين ۽ پنهنجي ڀاءُ جي خدمت ڪندين. پر جڏهن تنهنجي
بيچيني وڌي ويندي تڏهن تون هن جي وس کان نڪري ويندين."
41 پوءِ عيسو يعقوب کان نفرت ڪرڻ لڳو، ڇالاءِ جو سندس پيءُ
هن کي دعا ڏني هئي. هن دل ۾ سوچيو ته "منهنجي پيءُ جي مرڻ
جو وقت ويجهو آهي، تنهن کان پوءِ آءٌ پنهنجي ڀاءُ يعقوب کي قتل

*يعقوب: هي نالو عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ٺڳي ڪندڙ".

29–27:27 عبر 20:11   29:27 پيد 3:12   36:27 پيد 34–29:25   38:27 عبر 17:12   40–39:27 عبر 20:11
40:27 پيد 8:36، 2.با 20:8

كندس.” 42 جڏهن ربقہ کي وڏي پٽ عيسوءَ جي رٿ جي خبر پيئي
تڏهن پنهنجي ننڍي پٽ يعقوب کي گهرايائين ۽ چيائينس تہ “ڳالهہ
ٻڌ، تنهنجو ڀاءُ عيسو تو کي قتل ڪري پنهنجي دل ٺارڻ گهري ٿو.
43 سو هاڻي پٽ، جيئن آءٌ تو کي چوان تيئن ڪر. هڪدم حاران ۾
منهنجي ڀاءُ لابن وٽ ڀڄي وڃ. 44 ڪجهہ وقت انهيءَ وٽ وڃي
رهہ، جيستائين تنهنجي ڀاءُ جي ڪاوڙ ڍري ٿئي. 45 جڏهن تنهنجي
ڀاءُ جي ڪاوڙ تو تان لهي ويندي ۽ تو جيڪي ڪجهہ ساڻس ڪيو
آهي سو وسري ويندس، تہ پوءِ آءٌ تو کي اتان گهرائي وٺنديس. آءٌ
اوهان ٻنهي کي هڪڙي ئي ڏينهن ۾ ڇو وڃايان؟”

## يعقوب جو لابن ڏانهن وڃڻ

46 ربقہ اسحاق کي چيو تہ “آءٌ عيسوءَ جي ڌارين زالن يعني
حِتي قوم جي عورتن جي ڪري پنهنجي حياتيءَ مان ڪِڪ ٿي پيئي
آهيان. جيڪڏهن يعقوب بہ هن علائقي مان حِتي قوم جي ههڙين
ڇوڪرين منجهان ڪنهن سان بہ شادي ڪئي تہ پوءِ منهنجو جيئڻ
جنجال ٿي پوندو.”

28 1 سو اسحاق يعقوب کي گهرايو. کيس دعا ڪيائين
۽ تاڪيد ڪري چيائينس تہ “تون ڪنهن بہ ڪنعاني
ڇوڪريءَ سان شادي نہ ڪجانءِ. 2 بلڪ هڪدم فدان‌ارام ۾
پنهنجي ناني بيتوايل جي گهر وڃ. اُتي پنهنجي مامي لابن جي
ڌيئرن مان ڪنهن سان شادي ڪجانءِ. 3 شل قادرِمطلق خدا تو کي
برڪت ڏئي، تو کي اولاد وارو ڪري ۽ وڌائي تہ جيئن اوهين گهڻن
قبيلن واري قوم ٿي پئو! 4 شل هو ابراهيم واري برڪت تو کي ۽
تو کان پوءِ تنهنجي اولاد کي بہ ڏئي، تہ جيئن هيءُ ملڪ، جيڪو
خدا ابراهيم کي ڏنو هو جنهن ۾ تون پرديسي ٿي پيو گذارين، سو
تو کي ورثي ۾ ملي.” 5 سو اسحاق يعقوب کي فدان‌ارام ۾ رهندڙ
لابن ڏانهن روانو ڪيو، جيڪو بيتوايل اراميءَ جو پٽ ۽ يعقوب ۽
عيسوءَ جي ماءُ ربقہ جو ڀاءُ هو.

## عيسوءَ جي هڪڙي ٻي شادي

6 عيسوءَ کي خبر پيئي تہ اسحاق يعقوب کي دعا ڪري فدان‌ارام
ڏانهن شادي ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي. کيس اها بہ خبر پيئي تہ دعا
ڪرڻ مهل اسحاق کيس تاڪيد ڪيو تہ ڪنهن بہ ڪنعاني ڇوڪريءَ
سان شادي نہ ڪجانءِ. 7 کيس معلوم ٿيو تہ يعقوب پنهنجي ماءُ
۽ پيءُ جو چيو مڃي فدان‌ارام ڏانهن هليو ويو آهي. 8 تڏهن عيسوءَ
سهي ڪري ورتو تہ ڪنعان جون ڇوڪريون منهنجي پيءُ اسحاق
کي نہ ٿيون وڻن. 9 سو عيسو ابراهيم جي پٽ اسماعيل وٽ ويو ۽
سندس ڌيءَ محلت، جيڪا نبايوت جي ڀيڻ هئي، تنهن سان شادي
ڪري کيس پنهنجين زالن ۾ شامل ڪيائين.

## بيت‌ايل ۾ يعقوب جو خواب

10 يعقوب بيرسبع مان نڪري حاران ڏانهن روانو ٿيو. 11 هو سج
لٿي جو هڪڙيءَ جاءِ تي پهتو ۽ رات اتي ئي رهي پيو. اتان هن
هڪڙو پٿر کڻي وهاڻو ڪيو ۽ انهيءَ ئي هنڌ ليٽي سمهي پيو. 12 اتي
هن هڪڙو خواب ڏٺو تہ هڪڙي ڏاڪڻ زمين تي اُڀي رکي آهي ۽
انهيءَ جي چوٽي آسمان سان وڃي لڳي آهي ۽ ڏٺائين تہ خدا جا
ملائڪ انهيءَ تان پيا لهن ۽ چڙهن. 13 پوءِ ڏٺائين تہ خداوند سندس
پر ۾ بيٺو آهي ۽ چويس ٿو تہ “آءٌ خداوند تنهنجي پيءُ ابراهيم ۽
اسحاق جو خدا آهيان. اها زمين جنهن تي تون سمهيو پيو آهين سا
آءٌ تو کي ۽ تنهنجي اولاد کي ڏيندس. 14 اُهي ايترا تہ گهڻا ٿيندا
جيترا زمين تي واريءَ جا ذرڙا آهن. اهي چئني طرفن ڏانهن پکڙجي
ويندا ۽ دنيا جي سڀني قومن کي تنهنجي ۽ تنهنجي اولاد جي
وسيلي برڪت ملندي. 15 پڪ ڄاڻ تہ آءٌ تو ساڻ آهيان ۽ جتي تون
ويندين اتي تنهنجي سنڀال ڪندس. آءٌ تو کي وري موٽائي هن ملڪ
۾ آڻيندس. تو سان جيڪو واعدو ڪيو اٿم، جيستائين اهو پورو نہ
ڪندس تيستائين تو کي ڇڏي ڪين ڏيندس.” 16 پوءِ يعقوب جي
اک کلي ويئي ۽ دل ۾ چيائين تہ “سچ‌پچ، خداوند هن هنڌ موجود
آهي، پر مون کي انهيءَ جي خبر ڪانہ هئي.” 17 هو ڊڄي ويو ۽
چوڻ لڳو تہ “هيءَ ڪيڏي نہ هيبتناڪ جاءِ آهي! پڪ هيءَ خدا جي
رهڻ جي جاءِ، يعني عرش عظيم جو دروازو آهي.”
18 يعقوب صبح جو سوير اٿيو. جيڪو پٿر مٿي هيٺ وهاڻو ڪري
رکيو هئائين سو يادگار بڻائي اتي ڪوڙي ڇڏيائين ۽ انهيءَ جي مٿان
تيل پئي ان کي مخصوص ڪيائين. 19 هن انهيءَ هنڌ جو نالو
*بيت‌ايل رکيو. پر اڳ ۾ انهيءَ شهر جو نالو لوز هو. 20 اتي يعقوب
خدا سان اقرار ڪيو تہ “جيڪڏهن تون مون ساڻ هوندين ۽ جيڪو
سفر آءٌ ڪريان ٿو تنهن ۾ منهنجي سنڀال ڪندين ۽ مون کي کائڻ
لاءِ کاڌو ۽ پائڻ لاءِ ڪپڙا ڏيندين، 21 ۽ جيڪڏهن آءٌ صحيح سلامت
موٽي پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ ايندس، تہ پوءِ تون خداوند منهنجو
خدا ٿيندين. 22 جتي مون هي يادگار پٿر ڪوڙيو آهي اتي تنهنجي
عبادت‌گاهہ ٿيندي ۽ جيڪي ڪجهہ تون مون کي ڏيندين تنهن جو
ڏهون حصو آءٌ تو کي ڏيندس.”

## يعقوب جو لابن جي گهر پهچڻ

29 1 پوءِ يعقوب مسافري ڪندو ڪندو اوڀر پاسي رهڻ وارن
جي ملڪ ۾ اچي پهتو. 2 اتي هن ڏٺو تہ ميدان ۾ هڪڙو

---

*بيت‌ايل: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جي معنيٰ آهي “خدا جو گهر”.

4:28 پيد 17:4–8 12:28 يو 1:51 13:28 پيد 13:14–15 14:28 پيد 12:3، 22:18

ڪوهہ آهي جنهن جي پر ۾ ٽي ڌڻ رڍن جا ويٺا آهن، ڇالاءِجو ريڍار
انهيءَ ئي ڪوهہ مان ڌڻن کي پاڻي پياريندا هئا. انهيءَ ڪوهہ جي
منهن تي هڪ وڏو پٿر رکيل هو. 3 جڏهن سڀيئي ڌڻ اچي اتي گڏ
ٿيندا هئا تڏهن ريڍار انهيءَ پٿر کي ڪوهہ جي منهن تان سوري
رڍن کي پاڻي پياريندا هئا. پوءِ وري اهو پٿر انهيءَ ساڳيءَ جاءِ
تي رکي ڇڏيندا هئا. 4 تڏهن يعقوب ريڍارن کان پڇيو تہ ”ڀائرؤ!
اوهين ڪٿان جا آهيو؟“ هنن وراڻيو تہ ”اسين حاران جا آهيون.“
5 هن پڇين تہ ”ڇا اوهين نحور جي پوٽي لابن کي سڃاڻو؟“ هنن
وراڻيو تہ ”هائو، اسين سڃاڻونس.“ 6 وري پڇيائين تہ ”هو ڇڱو
ڀلو تہ آهي؟“ هنن وراڻيو تہ ”هائو ڇڱو ڀلو آهي. اجها، سندس
ڌيءَ راحيل انهيءَ جو ڌڻ ڪاهيو پيئي اچي.“ 7 يعقوب کين چيو تہ
”اڃا ڏينهن گهڻو پيو آهي ۽ مال جي گڏ ڪرڻ جو وقت بہ ڪونہ
ٿيو آهي، اوهين رڍن کي پاڻي پياري وڃي چاريو ڇو نہ ٿا؟“ 8 انهن
ورندي ڏني تہ ”اسين ائين نہ ٿا ڪري سگهون. جڏهن سڀيئي ڌڻ
اچي گڏ ٿيندا آهن تڏهن ڪوهہ جي منهن تان پٿر سوريو ويندو آهي
۽ پوءِ اسين رڍن کي پاڻي پياريندا آهيون.“

9 هو اڃا ساڻن ڳالهيون ڪري ئي رهيو هو تہ راحيل ڌڻ سوڌي
اچي پهتي، جنهن کي هوءَ چاريندي هئي. 10 جڏهن يعقوب پنهنجيءَ
ماروٽ راحيل ۽ پنهنجي مامي لابن جي ڌڻ کي ڏٺو تڏهن ڪوهہ تي
وڃي پٿر پري سوريائين ۽ مامي جي ڌڻ کي پاڻي پيارياڻين. 11 پوءِ
راحيل جي پيشاني چمي خوشيءَ وچان اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.
12 يعقوب راحيل کي ٻڌايو تہ ”آءٌ تنهنجي پيءُ جو مائٽ يعني سندس
ڀيڻ ربقہ جو پٽ آهيان.“ تڏهن هن ڊوڙي وڃي پنهنجي پيءُ کي
اهو ٻڌايو.

13 جڏهن لابن پنهنجي ڀاڻيجي يعقوب جي خبر ٻڌي تہ ساڻس
ملڻ لاءِ ڊوڙندو آيو. کيس ڀاڪر پائي چميائين ۽ پنهنجي گهر وٺي
آيس. جڏهن يعقوب لابن کي سڄو احوال ٻڌايو، 14 تڏهن لابن چيس
تہ ”بيشڪ تون منهنجو هڏ ۽ ماس آهين.“ سو يعقوب اهو مهينو
وٽس رهي پيو.

## يعقوب جون ٻہ شاديون

15 لابن يعقوب کي چيو تہ ”جيئن تہ تون منهنجو مائٽ آهين،
پوءِ ڇا تون مفت ۾ منهنجو ڪم ڪندين؟ مون کي ٻڌاءِ تہ تون
ڪيترو پگهار وٺندين؟“ 16 لابن کي ٻہ ڌيئر هيون، وڏيءَ جو نالو
لياه ۽ ننڍيءَ جو نالو راحيل هو. 17 لياه جون اکيون ڇنڇهيون هيون،
پر راحيل خوبصورت ۽ سهڻي هئي. 18 يعقوب جي دل راحيل سان
هئي، تنهنڪري چيائين تہ ”جيڪڏهن پنهنجي ننڍي ڌيءَ راحيل کي
مون سان پرڻائيندين تہ آءٌ ست سال تو وٽ ڪم ڪندس.“ 19 لابن
وراڻيو تہ ”اها ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ڏيان تنهن کان بهتر آهي
تہ تو کي ڏيان. سو تون هتي مون وٽ رهي پئُہ.“ 20 راحيل کي
حاصل ڪرڻ لاءِ يعقوب ست سال ڪم ڪيو. ست سال کيس ٿورن
ڏينهن جيترا لڳا، ڇوتہ راحيل سان سندس دل تمام گهڻي هئي.

21 پوءِ يعقوب لابن کي چيو تہ ”منهنجو مدو پورو ٿيو آهي، هاڻ
منهنجي زال مون کي شاديءَ ۾ ڏي.“ 22 تڏهن لابن شاديءَ جو
ڪاڄ ڪيو ۽ اتي جي سڀني ماڻهن کي ڪانديائين. 23 پر شاديءَ جي
رات هن راحيل جي بدران لياه آڻي يعقوب کي ڏني ۽ يعقوب ساڻس
ستو. 24 لابن پنهنجي ٻانهي زِلفاه، پنهنجي ڌيءَ لياه کي نوڪرياڻي
ڪري ڏني. 25 يعقوب صبح جو اٿي ڇا ڏسي تہ ساڻس تہ لياه ستل
آهي! تڏهن هو لابن وٽ ويو ۽ چيائينس تہ ”تو هي مون سان ڇا
ڪيو؟ مون تہ راحيل کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو هو، پوءِ تو مون
سان ٺڳي ڇو ڪئي؟“ 26 لابن جواب ڏنو تہ ”اسان جي ملڪ ۾ اهو
رواج نہ آهي تہ وڏي ويهاري ننڍي پرڻائجي. 27 هن جو ستاواڙو
پورو ڪر، پوءِ آءٌ راحيل بہ تو کي ڏيندس. پر انهيءَ لاءِ تو کي ست
سال ٻيا مون وٽ ڪم ڪرڻو پوندو.“

28 يعقوب اها ڳالهہ ڪٽي قبول ڪئي. سو جڏهن ستاواڙو پورو ٿيو
تہ لابن پنهنجي ڌيءَ راحيل بہ کيس پرڻائي ڏني. 29 لابن پنهنجي
ٻانهي بلهاه پنهنجي ڌيءَ راحيل کي نوڪرياڻي ڪري ڏني. 30 يعقوب
راحيل سان بہ ستو. هو لياه کان وڌيڪ راحيل کي پيار ڪندو هو. پوءِ
هن ست سال ٻيا بہ لابن وٽ ڪم ڪيو.

## يعقوب جا ٻار

31 جڏهن خداوند ڏٺو تہ لياه کي پيار نہ ٿو ملي تڏهن هن کيس
اولاد جي قابل بڻايو، پر راحيل سنڍ رهجي ويئي. 32 لياه پيٽ سان ٿي
۽ کيس پٽ ڄائو. هن انهيءَ جو نالو *روبن رکيو، ڇوجو هن چيو
تہ ”خدا منهنجو ڏک ڏٺو آهي ۽ هاڻ منهنجو مڙس مون سان پيار
ڪندو.“ 33 هوءَ وري پيٽ سان ٿي ۽ پٽ ڄايس. هن چيو تہ ”خداوند
ٻڌو آهي تہ مون سان پيار نہ ٿو ڪيو وڃي، تنهنڪري هن مون کي
هي پٽ بہ ڏنو آهي.“ سو انهيءَ جو نالو †شمعون رکيائين. 34 هڪ
دفعو وري هوءَ پيٽ سان ٿي ۽ هڪڙو ٻيو پٽ ڄايس. هن چيو تہ
”هاڻي هن ڀيري منهنجي مڙس جي مون سان گهڻي دل لڳندي،
ڇوتہ مون کي انهيءَ مان ٽي پٽ ڄاوا آهن.“ تنهنڪري انهيءَ پٽ
جو نالو ‡لاوي رکيائين. 35 پوءِ هوءَ وري بہ پيٽ سان ٿي ۽ کيس

*روبن: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”منهنجو ڏک ڏٺو آهي“.
†شمعون: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ٻڌي ٿو“.
‡لاوي: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ٻڌل“.

پٽ ڄائو. هن چيو ته ”هن ڀيري آءٌ خداوند جي واکاڻ ڪنديس.“
تنهنڪري انهيءَ جو نالو *يهوداه رکيائين. پوءِ ٻار ڄڻڻ بس ڪيائين.

## يعقوب جو ٻيو اولاد

30 1 جڏهن راحل ڏٺو ته يعقوب مان هن کي ٻار نه ٿو ٿئي
تڏهن هوءَ پنهنجيءَ ڀيڻ کان سڙڻ لڳي. سو هن يعقوب کي
چيو ته ”مون کي به اولاد ڏي نه ته آءٌ مري وينديس.“ 2 يعقوب
انهيءَ ڳالهه تي راحل سان ڏاڍو ڪاوڙيو. کيس چيائين ته ”آءٌ ڪو
خدا آهيان ڇا جو تو کي ٻارن ڄڻڻ کان روڪي رکيو اٿم؟“ 3 تڏهن
هن چيو ته ”منهنجي ٻانهي بلهاه ويٺي آهي، تون انهيءَ سان وڃي
سمهه، ته هوءَ ٻار ڄڻي منهنجيءَ هنج ۾ ڏئي ته آءٌ هن جي ڪري
ٻارن واري ٿيان.“ 4 سو هن پنهنجي ٻانهي بلهاه کيس زال ڪري
ڏني ۽ يعقوب ساڻس ستو. 5 بلهاه پيٽ سان ٿي ۽ کيس يعقوب
مان پٽ ڄائو. 6 تڏهن راحل چيو ته ”خدا منهنجي حق ۾ فيصلو
ڏنو آهي، منهنجي دانهن ٻڌي مون کي پٽ ڏنو اٿس.“ انهيءَ سبب
هن انهيءَ جو نالو †دان رکيو. 7 راحل جي ٻانهي بلهاه وري پيٽ
سان ٿي ۽ کيس يعقوب مان ٻيو پٽ ڄائو. 8 تڏهن راحل چيو ته
”مون پنهنجيءَ ڀيڻ سان سخت ويڙهه ڪئي آهي ۽ کانئس کٽيو
اٿم.“ تنهنڪري انهيءَ جو نالو ‡نفتالي رکيائين.
9 جڏهن لياه سمجهيو ته ”مون ٻارن ڄڻڻ کان بس ڪئي آهي،“
تڏهن هن پنهنجي ٻانهي زِلفاه يعقوب کي زال ڪري ڏني. 10 زِلفاه
کي به يعقوب مان پٽ پيدا ٿيو. 11 تڏهن لياه چيو ته ”ڀلا ڀاڳ
منهنجا.“ سو انهيءَ جو نالو ¶گد رکيائين. 12 زلفاه ٻانهيءَ کي
يعقوب مان ٻيو پٽ به ڄائو. 13 تڏهن لياه چيو ته ”آءٌ ڀلي ڀاڳ واري
آهيان. هاڻ عورتون مون کي ڀلي ڀاڳ واري ڪري ڪوٺينديون.“
سو انهيءَ جو نالو §آشر رکيائين.
14 روبن ڪڻڪ جي لاباري جي ڏينهن ۾ ٻنيءَ ۾ ويو ۽ اتي
**لڪماسڪٽي جڙي ٻوٽي لڌائين، جيڪا آڻي پنهنجيءَ ماءُ لياه کي
ڏنائين. تڏهن راحل لياه کي چيو ته ”ڀلائي ڪري پنهنجي پٽ جي
لڪماسڪٽيءَ مان ڪجهه مون کي به ڏي.“ 15 پر لياه وراڻيس ته ”ڇا
اهو ڪافي ناهي جو تو منهنجي مڙس کي مون کان کسي ورتو آهي؟
هاڻ تون وري منهنجي پٽ جي لڪماسڪٽي به وٺڻ چاهين ٿي.“ تنهن
تي راحل چيس ته ”چڱو ڀلا تنهنجي پٽ جي لڪماسڪٽيءَ جي موٽ
۾ منهنجو مڙس اڄ رات تو سان سمهندو.“ 16 سو جڏهن يعقوب
شام جو ٻنيءَ تان موٽي آيو تڏهن لياه ساڻس گڏجڻ لاءِ ٻاهر ويئي
۽ چيائينس ته ”اڄ رات تو کي مون وٽ اچڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته مون
پنهنجي پٽ جي لڪماسڪٽي ڏيئي اڄوڪي رات لاءِ تو کي مُلهه ورتو
آهي.“ سو هو اها رات ساڻس ستو. 17 خدا لياه جي ٻڌي ۽ هوءَ پيٽ
سان ٿي ۽ يعقوب مان پنجون پٽ ڄايس. 18 تڏهن لياه چيو ته ”خدا
مون کي ان جو مُلهه ڏنو آهي، جو مون پنهنجي مڙس کي پنهنجي
ٻانهي ڏني هئي.“ تنهنڪري انهيءَ جو نالو ††اِسڪار رکيائين.
19 لياه وري پيٽ سان ٿي ۽ يعقوب مان ڇهون پٽ ڄايس. 20 تڏهن لياه
چيو ته ”خدا مون کي قيمتي نعمت سان نوازيو آهي. هاڻ منهنجو
مڙس مون کي ليکيندو، ڇالاءِجو مون کي منجهانئس ڇهه پٽ ڄاوا
آهن.“ تنهنڪري انهيءَ جو نالو ‡‡زبولون رکيائين. 21 ڪجهه وقت
کان پوءِ کيس ڌيءَ ڄائي جنهن جو نالو ديناه رکيائين. 22 پوءِ خدا
راحل کي به ياد ڪيو ۽ انهيءَ جي ٻُڌائين ۽ سندس کُکِ کوليائين.
23 سو هوءَ پيٽ سان ٿي ۽ پٽ ڄايس، تڏهن چيائين ته ”خدا مون
تان مهڻو لاهي ڇڏيو.“ 24 تنهنڪري هيئن چوندي انهيءَ جو نالو
¶¶يوسف رکيائين ته ”شل خدا مون کي ٻيو پٽ به ڏئي!“

## يعقوب جو امير ٿيڻ

25 جڏهن راحل کي يوسف ڄائو تڏهن يعقوب پنهنجي سهري لابن
کي چيو ته ”هاڻ مون کي ڇڏيو ته آءٌ پنهنجي گهر ۽ پنهنجي ملڪ
ڏانهن وڃان. 26 منهنجيون زالون ۽ منهنجا ٻار مون کي ڏيو جن
لاءِ مون توهان جو پورهيو ڪيو آهي. مون کي وڃڻ ڏيو ڇالاءِجو
توهان پاڻ ڄاڻو ٿا ته توهان جو ڪيڏو نه پورهيو ڪيو اٿم.“ 27 تڏهن
لابن چيس ته ”جيڪڏهن تنهنجي مهربانيءَ جي نظر مون تي هجي
ته هتي ئي رهي پئُه، چوته مون فال ذريعي ڄاتي ورتو آهي ته
تنهنجي ڪري خداوند مون کي برڪت ڏني آهي.“ 28 وڌيڪ چيائينس
ته ”هاڻي تون پنهنجو معاوضو مقرر ڪر. اهو آءٌ تو کي ڏيندو
رهندس.“ 29 يعقوب کيس وراڻيو ته ”توهان کي خبر آهي ته ڪهڙيءَ

*يهوداه: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”واکاڻ“.
†دان: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”حق ۾ فيصلو ڏئي ٿو“.
‡نفتالي: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ويڙهه“.
¶گد: عبراني ٻوليءَ ۾ هن نالي جي معنيٰ آهي ”ڀاڳ“.
§آشر: عبراني ٻوليءَ ۾ هن نالي جي معنيٰ آهي ”خوش“.
**لڪماسڪٽي: ان جڙي ٻوٽيءَ متعلق سمجهيو ويندو هو ته اها اولادي بڻائيندي آهي.
††اِسڪار: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”پاڙي تي ورتل شخص“ ۽ ”مُلهه“.
‡‡زبولون: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”نعمت“ ۽ ”ليکڻ“.
¶¶يوسف: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”شل ٻيو به ڏئي“ ۽ ”لاهي ڇڏڻ“.

طرح مون توهان جي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪيئن توهان جي مال کي
سنڀاليو اٿم، 30 ڇالاءِجو منهنجي اچڻ کان اڳ توهان وٽ ٿورو
مال هو پر هاڻي وڌي گهڻو ٿيو آهي. خداوند منهنجي قدم قدم
تي توهان کي برڪت ڏني آهي. هاڻي آءٌ پنهنجي گهر لاءِ ڪڏهن
بندوبست ڪندس؟“ 31 تنهن تي لابن چيس تہ ”آءٌ تو کي ڇا ڏيان؟“
يعقوب وراڻيس تہ ”توهين مون کي ڪجهہ بہ نہ ڏيو، جيڪڏهن
توهين منهنجو هي عرض قبول ڪندا تہ آءٌ وري بہ توهان جو ڌڻ
چاريندس ۽ ان جي سنڀال ڪندس. 32 اڄ آءٌ توهان جي سڄي ڌڻ جو
چڪر لڳائيندس ۽ انهن مان سڀ ڇٽڪمريون ۽ ڊبڪن واريون رڍون
۽ ٻڪريون ۽ ڪارا گهيٽا ڪيڍي ڌار ڪندس. اهو منهنجو معاوضو
هوندو. 33 اڳتي جڏهن توهين مون کي ڏنل معاوضي جي ڇڪاس
تي ايندا تہ منهنجي ايمانداري ظاهر ٿيندي. مون وٽ هر اها ٻڪري
جا ڇٽڪمري يا ڊبڪن واري نہ هوندي يا ڪو گهيٽو جيڪو ڪارو
نہ هوندو سو چورايل سمجهيو ويندو.“ 34 تڏهن لابن چيو تہ ”جيئن
تون چوين ٿو تيئن ٺيڪ آهي.“

35 پر لابن انهيءَ ساڳي ئي ڏينهن سڀ پٽاپٽي ۽ ڇٽڪمرا ٻڪر ۽
سڀ ڇٽڪمريون ۽ ڊبڪن واريون ٻڪريون، يعني اهي سڀ جن تي
اڇا ڊبڪ هئا ۽ سڀ ڪارا گهيٽا ڪيڍي ڌار ڪيا ۽ اهي پنهنجي
پٽن جي حوالي ڪيائين. 36 لابن انهن کي ٽن ڏينهن جي پنڌ تي
پري ڪاهي وڃي رکڻ لاءِ موڪليو. يعقوب لابن جو باقي بچيل
ڌڻ چارڻ لڳو. 37 پوءِ يعقوب بهڻ، بادام ۽ عرمون وڻن مان تازيون
وڍيل لئيون ڪنيون. انهن جي کل ڇلي اهڙيءَ طرح تہ پٽا ڪيائين
جو انهن ڪاٺين جي اڇاڻ ظاهر ٿي پيئي. 38 هن اهي پٽن واريون
لئيون ڪسين ۽ پاڻيءَ جي حوضن وٽ کوڙي ڇڏيون تہ جيئن جڏهن
ڌڻ پاڻي پيئڻ لاءِ اچي تہ انهن جي سامهون هجن. جڏهن ڌڻ پاڻي
پيئڻ لاءِ آيو تہ اتي انهن جي اڳيان لڳ ڪيو. 39 ڌڻ انهن لئين
جي سامهون ڍڪو ٿيو ۽ پٽاپٽي، ڇٽڪمرا ۽ ڊبڪن وارا ڦر ڏنائون.
40 يعقوب انهن ڦرن کي ڌار ڪيو ۽ انهن جو منهن لابن جي ڌڻ ۾
پٽن وارين ۽ سيني ڪارين ڏانهن ڦيريائين. هن پنهنجن ڌڻن کي ڌار
ڪري بيهاريو ۽ لابن جي ڌڻ سان نہ گڏيائين. 41 تنهن کان سواءِ
جڏهن جڏهن ٿلهو متارو مال لڳ ڪندو هو، تڏهن تڏهن يعقوب
اهي لئيون مال جي سامهون ڪسين ۾ کوڙيندو هو، تہ جيئن اهي
لئين جي سامهون لڳ ڪن. 42 پر جڏهن مال ڏبرو سبرو هوندو هو
تڏهن هو اهي لئيون ڪونہ کوڙيندو هو. اهڙيءَ طرح ڏبرو سبرو مال
لابن جو ٿيو ۽ ٿلهو متارو مال يعقوب جو. 43 اهڙيءَ طرح هو وڌندو
ويو ۽ گهڻن ئي ڌڻن، ٻانهين، ٻانهن، اٺن ۽ گڏهن جو مالڪ بڻيو.

## يعقوب جو لابن وٽان ڀڄي نڪرڻ

31 1 يعقوب لابن جي پٽن کي چوندي ٻڌو تہ ”اسان جي پيءُ
وٽ جيڪي ڪجهہ هو سو سڀ يعقوب ڪٽي ويو آهي ۽ اسان
جي پيءُ جي مال ملڪيت مان هيتري دولت ڪمائي اٿس.“ 2 يعقوب
ڏٺو تہ ساڻس لابن جو رويو بہ اڳي جهڙو سٺو نہ رهيو آهي.
3 تڏهن خداوند يعقوب کي چيو تہ ”پنهنجي اباڻي ملڪ ۾
پنهنجن مٽن مائٽن ڏانهن موٽي وڃ. آءٌ تو سان گڏ هوندس.“ 4 پوءِ
يعقوب راحل ۽ لياہ کي ٻنيءَ ۾ پنهنجي ڌڻ وٽ گهرايو. 5 انهن
کي چيائين تہ ”آءٌ ڏسان ٿو تہ اوهان جي پيءُ جو رويو مون سان اڳي
جهڙو سٺو نہ رهيو آهي. پر منهنجي پيءُ جو خدا مون سان آهي.
6 اوهان کي خبر آهي تہ مون پنهنجي طاقت آهر اوهان جي پيءُ
جو پورهيو ڪيو آهي. 7 پر اوهان جي پيءُ مون سان دوکو ڪيو ۽
ڏهہ ڀيرا منهنجو معاوضو بدلايائين. پر خدا ڪيس منهنجو نقصان
ڪرڻ نہ ڏنو آهي. 8 جيڪڏهن هن چيو ٿي تہ ’ڇٽڪمريون تنهنجو
معاوضو آهن‘ تہ سڄي مال ڇٽڪمرا ڦر ٿي ڏنا ۽ جڏهن چيائين ٿي
تہ ’پٽاپٽي تنهنجو معاوضو آهن‘ تہ سڄي مال پٽاپٽي ڦر ٿي ڏنا.
9 اهڙيءَ طرح خدا اوهان جي پيءُ جو مال ڪٽي مون کي ڏنو.

10 ڌڻ جي لڳ وارن ڏينهن ۾ هڪ دفعي مون خواب ڏٺو، جنهن ۾
ڏٺم تہ جيڪي ٻڪر ڌڻ تي پيا ٿي سي پٽاپٽي، ڊبڪن وارا ۽ ڇٽڪمرا
هئا. 11 تڏهن اتي خدا جي هڪ ملائڪ مون سان خواب ۾ ڳالهايو
۽ چيائين تہ ’اي يعقوب!‘ مون وراڻيو تہ ’جي سائين!‘ 12 تڏهن
هن چيو تہ ’اکيون مٿي ڪٽي ڏس تہ جيڪي ٻڪر ڌڻ تي پون ٿا سي
سڀ پٽاپٽي، ڊبڪن وارا ۽ ڇٽڪمرا آهن، ڇاڪاڻتہ مون اهو سڀ
ڪجهہ ڏٺو آهي جيڪو لابن تو سان ڪندو رهيو آهي. 13 آءٌ بيت‌ايل
جو خدا آهيان، جتي تو يادگار طور کوڙيل پٿر تي تيل پٽيو هو ۽
جتي تو منهنجي لاءِ سُکَ باسي هئي. سو هاڻي جلدي هتان نڪري
پنهنجي وطن ڏانهن موٽي وڃ.‘“ 14 تڏهن راحل ۽ لياہ کيس ورندي
ڏيئي چيو تہ ”اسان جي پيءُ جي گهر ۾ اسان لاءِ اڃا بہ ڪو حصو
يا ورثو رهيل آهي ڇا؟ 15 ڇا هو اسان کي ڌاريون نہ ٿو سمجهي؟
ڇالاءِجو هن تہ اسان کي وڪڻي ڇڏيو آهي ۽ اسان جي عيوض ٿيل
منافعو بہ کائي کپائي ڇڏيو اٿس. 16 سو جيڪا دولت خدا اسان جي
پيءُ کان کسي آهي سا اسان جي ۽ اسان جي اولاد جي آهي. تڏهن
هاڻي جيڪي ڪجهہ خدا تو کي فرمايو آهي سو ئي ڪر.“

17 تڏهن يعقوب اٿي تياري ڪئي ۽ پنهنجن پٽن ۽ زالن کي اٺن
تي چاڙهيائين. 18 پنهنجا سمورا ڍورڍڳا انهيءَ سامان سميت جيڪو
فدان‌ارام ۾ ڪٺو ڪيو هئائين، سو اڳيان ڪري پنهنجي پيءُ اسحاق
ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪنعان ملڪ ڏانهن روانو ٿيو.

13:31 پيد 18:28–22

19 جڏهن لابن پنهنجن رڍن جي اُن ڪترڻ لاءِ ويل هو تہ راخل
پنهنجي پيءُ جي گهر جا بت چوري ڪري کڻي ويئي. 20 يعقوب
لڪ چوريءَ لابن اراميءَ وٽان ڀڄي نڪتو ۽ هن کي پنهنجي وڃڻ
جي خبر ڪانہ ڏنائين. 21 سو هو پنهنجو سڀ ڪجهہ کڻي ڀڄي ويو
۽ فرات ندي ٽپي گلعاد جبل ڏانهن رخ ڪيائين.

## لابن جو يعقوب جي پٺيان پوڻ

22 ٽئين ڏينهن تي لابن کي خبر پيئي تہ يعقوب ڀڄي ويو آهي.
23 تڏهن هو پنهنجن مٽن مائٽن کي ساڻ ڪري يعقوب جي پٺيان پيو
۽ ستن ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ گلعاد جبل وٽ وڃي ڪيس پهتو.
24 پر خدا رات جو خواب ۾ لابن اراميءَ کي چيو تہ ”خبردار، متان
يعقوب کي ڪجهہ چڱو مَنو چوين.“
25 پوءِ لابن يعقوب سان وڃي گڏيو. يعقوب گلعاد جبل تي پنهنجو
تنبو کوڙيو هو، سو لابن ۽ سندس مائٽن بہ اتي ئي تنبو کوڙيو.
26 لابن يعقوب کي چيو تہ ”تو هي ڇا ڪيو آهي؟ تو مون سان ٺڳي
ڪئي آهي ۽ منهنجين ڌيئرن کي جنگي قيدين وانگر کڻي آيو آهين.
27 ڇو تون لڪي ڀڳين، مون سان ٺڳي ڪيئہ ۽ مون کي نہ ٻڌايئہ؟
آءٌ جيڪر تو کي ڪل خوشيءَ سان، راڳن روپن ۽ دهلن دمامن سان
روانو ڪريان ها. 28 ڇو تو مون کي پنهنجن ڏوهٽن ڏوهٽين ۽ ڌيئرن
کان چمي موڪلائڻ بہ نہ ڏنو؟ اهو تو بيعقليءَ جو ڪم ڪيو آهي.
29 اهو منهنجي وس ۾ آهي تہ آءٌ تو کي ڪنهن بہ تڪليف ۾ وجهي
ڇڏيان، پر ڪالهہ رات تنهنجي پيءُ جي خدا مون کي چيو تہ خبردار
متان يعقوب کي ڪجهہ چڱو مَنو چوين. 30 خير، هاڻي تون نڪتو
تہ آهين ئي جو پنهنجي پيءُ جي گهر جي سڪ اٿيئي، پر تو منهنجا
بت ڇو چورايا آهن؟“ 31 يعقوب لابن کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”آءٌ
ڊنس ٿي ۽ سمجهيم ٿي تہ متان توهان زور سان پنهنجيون ڌيئر مون
کان کسي وٺو. 32 باقي جنهن وٽ توهان جا بت هجن تنهن کي
ڀلي ماري ڇڏيو. اسان جي مائٽن جي روبرو هلي ڏسو تہ توهان جي
ڪهڙي شيءِ مون وٽ آهي، سا کڻي وڃو.“ پر يعقوب کي اها خبر
ڪانہ هئي تہ راخل اهي بت چورائي آندا آهن.
33 تڏهن لابن يعقوب جي تنبوءَ، لياہ جي تنبوءَ ۽ ٻنهي ٻانهين
جي تنبن ۾ ويو، پر اهي بت ڪيس هٿ نہ آيا. پوءِ هو لياہ جي تنبوءَ
مان نڪري راخل جي تنبوءَ ۾ گهڙيو. 34 راخل اهي بت کڻي اٺ جي
پاکڙي ۾ رکي مٿن چڙهي ويٺي هئي. لابن سڄي تنبوءَ ۾ انهن جي
ڳولها ڪئي پر ڪونہ لڌائين. 35 تڏهن راخل پنهنجي پيءُ کي چوڻ
لڳي تہ ”بابا سائين! ناراض نہ ٿجو جو آءٌ اوهان جي اڳيان اٿي نہ
ٿي سگهان، ڇوتہ آءٌ پنهنجن ڏينهن ۾ آهيان.“ سو لابن بتن جي
ڳولها ڪئي پر لهي نہ سگهيو.
36 تنهن تي يعقوب اچي ڪاوڙيو ۽ لابن کي چنبڙ ڪڍڻ لڳو.
يعقوب ڪيس چيو تہ ”منهنجو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟ ڪهڙو گناهہ ڪيو
اٿم جو توهان اهڙي چوهہ مان منهنجي پٺيان پيا آهيو؟ 37 توهان
منهنجي سڄي مال ملڪيت جي تلاشي ورتي آهي. ڇا اهڙي ڪا
شيءِ لڌي اٿوَ جا توهان جي گهر جي هجي؟ اها هتي پنهنجن ۽
منهنجي مائٽن جي اڳيان رکو تہ هي اسان ٻنهي جي وچ ۾ فيصلو
ڪن. 38 آءٌ پورا ويهہ سال توهان وٽ رهيس، تنهن وچ ۾ نہ
توهانجين رڍن ۽ ٻڪرين جا ڦر ڪريا ۽ نہ ئي وري توهان جي ڌڻ جا
گهٽا مون کاڌا. 39 جيڪو ڍور ڪنهن جهنگلي جانور ڦاڙي ڇڏيو سو
بہ آءٌ توهان وٽ کڻي ڪونہ آيس، بلڪ انهيءَ جو نقصان پنهنجي
سر تي ڪنيم. جيڪو ڍور ڏينهن جو توڙي رات جو بہ چورائجي ٿي
ويو سو بہ توهان مون کان پرائي ٿي ورتو. 40 منهنجو حال اهو هو جو
ڏينهن جو اُس تہ رات جو پاري مون کي کاڌو ۽ منهنجين اکين مان
ننڊ بہ اڏامي ويئي. 41 اهي ويهہ سال آءٌ توهان جي گهر ۾ رهيس.
مون چوڏهن سال توهانجين ڌيئرن جي لاءِ ۽ ڇهہ سال توهانجين
رڍن ٻڪرين جي لاءِ پورهيو ڪيو ۽ توهان منهنجو معاوضو ڏهہ ڀيرا
بدلايو سدلايو. 42 جيڪڏهن منهنجي پيءُ جو خدا، ابراهيم جو خدا
جنهن جو اسحاق کي بہ خوف آهي، مون سان نہ هجي ها تہ توهين
مون کي ضرور خالي هٿين روانو ڪريو ها. خدا منهنجو ڏک ۽
منهنجي هٿن جي محنت ڏسي ڪالهہ رات توهان کي ڇينڀيو آهي.“

## يعقوب ۽ لابن وچ ۾ عهد

43 تڏهن لابن يعقوب کي جواب ڏنو تہ ”هي ڌيئر منهنجيون ڌيئر
آهن، هي ٻار منهنجا ٻار آهن، هي مال منهنجو مال آهي ۽ جيڪي
ڪجهہ تون ڏسين ٿو سو سڀ منهنجو آهي. پر اڄ آءٌ پنهنجين
ئي ڌيئرن ۽ سندن ٻار، جيڪي ڄڻيا آهن تن کي ڇا ٿو ڪري
سگهان؟ 44 سو هاڻي اچ تہ اسين ٻئي پاڻ ۾ عهد ڪريون، جيڪو
تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ شاهد ٿي رهي.“
45 پوءِ يعقوب هڪڙو پٿر کڻي يادگار طور ٽنيي وانگر کوڙيو. 46 هن
پنهنجن مائٽن کي بہ چيو تہ ”پٿر ڪٺا ڪريو.“ سو هنن پٿر ڪٺا
ڪري هڪ ڍڳ ڪيو جنهن جي ڀرسان ويهي ماني کاڌائون. 47 لابن
انهيءَ ڍڳ جو نالو *يگرساهدتا رکيو ۽ يعقوب پنهنجي ٻوليءَ ۾
انهيءَ جو نالو †گلعاد رکيو. 48 لابن چيو تہ ”اڄ هي ڍڳ منهنجي
۽ تنهنجي وچ ۾ شاهد آهي.“ انهيءَ ڪري ئي انهيءَ جو نالو گلعاد
رکيو ويو. 49 انهيءَ جاءِ جو نالو ‡مِصفاہ بہ رکيو ويو، ڇوتہ لابن

*يگرساهدتا: هي ارامي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”اسان جي شاهدي ڏيڻ وارو ڍڳ“.
†گلعاد: هي عبراني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”اسان جي شاهدي ڏيڻ وارو ڍڳ“.
‡مِصفاہ: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”اُها جاءِ جتان ڏسجي“.

چيو تہ ”شل خداوند اسان ٻنهي تي نظر رکي جڏهن اسين هڪٻئي
کان ڌار ٿيون! 50 جيڪڏهن تون منهنجين ڌيئرن کي ڏکيو رکندين يا
انهن کان سواءِ ٻيون زالون پرڻبين تہ جيتوڻيڪ ٻيو ڪو ماڻهو اسان
سان ڪونهي پر ياد رک تہ خدا تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ شاهد
آهي.“

51 پوءِ لابن يعقوب کي چيو تہ ”هيءُ ڍڳ ۽ هيءُ يادگار طور
کوڙيل پٿر ڏس، جن کي مون پنهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ کڙو ڪيو
آهي. 52 هيءُ ڍڳ ۽ کوڙيل پٿر ٻيئي هن ڳالهہ جا شاهد آهن تہ نہ
آءٌ نقصان رسائڻ جي خيال سان هي ڍڳ اورانگهي تو ڏانهن ايندس
۽ نہ تون هي ڍڳ ۽ کوڙيل پٿر اورانگهي مون ڏانهن ايندين. 53 شل
ابراهيم جو معبود، نحور جو معبود ۽ سندن پيءُ جا معبود پڻ اسان
ٻنهي جي وچ ۾ انصاف ڪن.“ تڏهن يعقوب انهيءَ خدا جو قسم
کنيو جنهن جو سندس پيءُ اسحاق کي خوف هو. 54 پوءِ يعقوب
انهيءَ جبل تي قرباني ڪئي ۽ پنهنجن مائٽن کي مانيءَ جي دعوت
ڏنائين. ماني کائڻ کان پوءِ انهن رات اتي ئي گذاري. 55 لابن صبح
جو سوير اٿيو ۽ پنهنجن ڏوهٽن، ڏوهٽيءَ ۽ ڌيئرن کي چميائين ۽
کين دعا ڪيائين. پوءِ لابن موٽي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

## عيسوءَ سان ملڻ لاءِ يعقوب جي تياري

32 1 يعقوب پنهنجي واٽ وٺيو پئي ويو تہ رستي ۾ کيس خدا
جا ملائڪ گڏيا. 2 يعقوب انهن کي ڏسي چيو تہ ”هي خدا
جو لشڪرگاهہ آهي.“ سو انهيءَ هنڌ جو نالو *محنايم رکيائين.
3 يعقوب پاڻ کان اڳ ۾ پنهنجي ڀاءُ عيسوءَ ڏانهن سعير علائقي
يعني †ادوم ملڪ ۾ قاصد موڪليا. 4 هن کين هدايت ڪري چيو
تہ ”منهنجي آقا عيسوءَ کي هيئن وڃي چئو تہ ’آءٌ توهان جو ٻانهو
يعقوب هيلتائين لابن وٽ رهيل هوس. 5 مون وٽ پنهنجا ڍور ڍڳا،
گڏهہ، رڍون ٻڪريون، ٻانها ۽ ٻانهيون آهن. آءٌ هي پيغام پنهنجي
آقا ڏانهن انهيءَ ڪري موڪليان ٿو تہ من توهان جي مهربانيءَ جي
نظر مون تي ٿئي.‘“

6 جڏهن قاصد يعقوب وٽ موٽي آيا تہ کيس ٻڌايائون تہ ”اسين
توهان جي ڀاءُ عيسوءَ وٽ وياسين. هو چار سؤ جوان ساڻ ڪري پاڻ
توهان سان ملڻ لاءِ اچي ٿو.“ 7 تڏهن يعقوب کي ڏاڍو ڊپ وٺي
ويو ۽ هو گهٻرائجي ويو. پوءِ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا تن کي
۽ ڍورن ڍڳن، رڍن ٻڪرين ۽ اٺن کي ٻن ٽولن ۾ ورهايائين. 8 هن
سوچيو تہ ”جيڪڏهن عيسو هڪڙي ٽولي تي اچي حملو ڪري ۽
انهيءَ کي ماري تہ جيئن ٻيو ٽولو ڀڄي نڪري وڃي.“

9 پوءِ يعقوب دعا گهرندي چيو تہ ”اي منهنجي پيءُ ابراهيم جا
خدا ۽ منهنجي پيءُ اسحاق جا خدا! اي خداوند! تو مون کي فرمايو
تہ پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجن مٽن مائٽن ڏانهن موٽي وڃ ۽ آءٌ تو کي
وڌائيندس. 10 تو جيڪا هيڏي ساري وفا ۽ شفقت پنهنجي ٻانهي تي
ڪئي آهي، آءٌ تہ انهيءَ جي ذري جو بہ لائق نہ آهيان، ڇوتہ جڏهن
آءٌ اردن درياءَ جي پرينءَ پر ويو هوس تہ مون وٽ رڳو منهنجي لٺ
هئي، پر هاڻ تہ مون وٽ بہ ٽولا ٿي ويا آهن. 11 آءٌ تو کي منٿ ٿو
ڪريان تہ مون کي منهنجي ڀاءُ عيسوءَ جي چنبن کان بچاءِ، ڇوتہ
آءٌ ڊڄان ٿو تہ متان هو اچي اسان سڀني کي ٻارن ۽ سندن مائرن
سميت ماري وجهي. 12 پر تو تہ چيو آهي تہ ’آءٌ تو کي خوشحال
بڻائيندس ۽ تنهنجو اولاد سمنڊ جي واريءَ جيترو وڌائيندس جنهن
کي ڳڻي نہ ٿو سگهجي.‘“

13 سو هن اها رات اتي ئي گذاري ۽ جيڪي ڪجهہ وٽس هو
تنهن مان پنهنجي ڀاءُ عيسوءَ کي سوکڙي ڏيڻ لاءِ ڪجهہ کنيائين،
14 جهڙوڪ: ٻہ سؤ ٻڪريون ۽ ويهہ ٻڪر، ٻہ سؤ رڍون ۽ ويهہ
گهٽا، 15 ٽيهہ سٺا ڏاچيون ۽ سندن گورا، چاليهہ ڳئون ۽ ڏهہ ڏاند،
ويهہ گڏهيون ۽ ڏهہ گڏهہ. 16 هن اهي جدا جدا ڌڻن جي صورت ۾
پنهنجن نوڪرن جي حوالي ڪيا ۽ کين چيائين تہ ”اوهين مون کان
اڳي هلو ۽ ڌڻن جي وچ ۾ ڪجهہ مفاصلو رکجو.“ 17 هن سڀ کان
اڳئين ڌڻ واري نوڪر کي سمجهايو تہ ”جڏهن منهنجو ڀاءُ عيسو تو
سان گڏجي ۽ تو کان پڇي تہ ’تون ڪنهن جو ماڻهو آهين؟ ڪيڏانهن
ٿو وڃين ۽ تنهنجي اڳيان هي ڪنهن جو مال آهي؟‘ 18 تڏهن تون
چئجانءِ تہ ’اهو توهان جي خادم يعقوب جو مال آهي جيڪو پنهنجي
آقا عيسوءَ جي لاءِ سوکڙي ڪري موڪليو اٿائين ۽ هو پاڻ بہ پٺيان
اچي رهيو آهي.‘“ 19 اهڙيءَ طرح هن ٻي، ٽين ۽ سڀني ڌڻن جي پٺيان
هلڻ وارن کي هدايت ڪئي تہ ”اوهين جڏهن عيسوءَ سان ملو تہ ائين
ئي چئجوس. 20 وڌيڪ هي بہ چئجوس تہ ’توهان جو خادم يعقوب
اسان جي پٺيان اچي رهيو آهي.‘“ ائين چوڻ سان يعقوب جو خيال
اهو هو تہ ”هيءَ سوکڙي اڳ ۾ موڪلي آءٌ هن کي ٺڌو ڪندس ۽ بعد
۾ ساڻس ملندس تہ من هو مون کي پنهنجو ڪري.“ 21 سو هن جون
سوکڙيون هن کان اڳ ۾ ويون پر هن پاڻ اها رات قافلي ۾ گذاري.

## يعقوب جو خدا سان ملهہ وڙهڻ

22 ساڳيءَ رات يعقوب اٿيو ۽ پنهنجون ٻئي زالون، ٻئي سريتون
۽ سڀ ٻار ساڻ ڪري برساتي نهر يبوق جي پتڻ کان اچي پار ٽپيو.
23 کين نهر پار ڪرائي هو واپس موٽيو ۽ اتي جيڪي ڪجهہ وٽس
هو سو سڀ پڻ هنن ڏانهن پرينءَ پر موڪلي ڏنائين. 24 يعقوب پاڻ

*محنايم: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”ٻہ لشڪرگاهہ“.
†ادوم: اهو علائقو ڪنعان ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.

12:32 پيد 17:22 26–24:32 هوس 12:3–4

اڪيلو پوئتي رهي پيو. تڏهن وٽس هڪڙو ماڻهو آيو جيڪو پرهه
ڦٽڻ تائين ساڻس ملهه وڙهندو رهيو. 25 جڏهن انهيءَ ماڻهوءَ ڏٺو
تہ هو ڪانئس ڪٽي نہ ٿو سگهي، تڏهن جيئن هو يعقوب سان ملهه
ٿي وڙهيو تہ سندس ران کي مروٽو ڏيئي جوڙ وٽان ڪڍي وڌائينس.
26 پوءِ انهيءَ ماڻهوءَ چيس تہ ”هاڻي مون کي ڇڏ تہ آءٌ وڃان، ڇوتہ
پرهه ڦٽي ويئي آهي.“ تنهن تي يعقوب وراڻيس تہ ”آءٌ تيستائين
تو کي وڃڻ نہ ڏيندس جيستائين تون مون کي برڪت نہ ڏيندين.“
27 تڏهن انهيءَ شخص پڇيس تہ ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ هن وراڻيو
تہ ”يعقوب.“ 28 هن چيس تہ ”اڳتي تنهنجو نالو يعقوب نہ پر
*اسرائيل سڏيو ويندو، ڇوتہ تون ماڻهن کان علاوه خدا سان بہ
ملهه وڙهيو آهين ۽ ڪٽي ويو آهين.“ 29 تڏهن يعقوب کيس چيو تہ
”مهرباني ڪري مون کي پنهنجو نالو ٻڌاءِ.“ هن چيس تہ ”تون مون
کان منهنجو نالو ڇو ٿو پڇين؟“ پوءِ هن اتي يعقوب کي برڪت ڏني.
30 سو يعقوب انهيءَ جاءِ جو نالو هي چوندي †فنيايل رکيو تہ
”مون خدا کي آمهون سامهون ڏٺو تڏهن بہ منهنجي جان بچي
ويئي.“ 31 جڏهن هو فنيايل مان لنگهي ويو تہ سج اڀري ويس.
هو ران سببان منڊڪائيندو ٿي هليو. 32 اهو ئي سبب آهي جو بني
اسرائيل اڄ ڏينهن تائين ران جي اندرين پاسي واري رڳ نہ کائيندا
آهن، ڇالاءِجو انهيءَ شخص يعقوب جي ران کي ڌڪ هنيو هو ۽
هن جي ران ڪڍي وڌي هئائين.

## يعقوب ۽ عيسوءَ جو ملڻ

33 1 يعقوب اکيون کڻي نهاريو تہ ڏٺائين تہ عيسو چار سؤ
جوانن سان اچي رهيو هو. تڏهن هن لياه، راخل ۽ ٻنهي
سريتن کي ٻار ورهائي ڏنا. 2 سريتن ۽ سندن ٻارن کي سڀني کان
اڳ ۾ ڪيائين، تن جي پٺيان لياه ۽ سندس ٻارن کي ۽ سڀني کان
آخر ۾ راخل ۽ يوسف کي ڪيائين. 3 هو پاڻ انهن جي اڳيان ٿي
هليو. جڏهن هو پنهنجي ڀاءُ جي اڳيان پهتو تہ ست ڀيرا جهڪي
سلام ڪيائين.
4 تڏهن عيسوءَ کيس گڏجڻ لاءِ ونئي ڊڪ پاتي. کيس ڀاڪر ڀري
ڳچيءَ سان لائي چميائينس ۽ ٻيئي ڄڻا روئي ڏنا. 5 پوءِ جڏهن
عيسوءَ اکيون مٿي کڻي نهاريو تہ عورتن ۽ ٻارن کي ڏٺائين، تڏهن
يعقوب کان پڇيائين تہ ”هي تو سان ڪير آهن؟“ يعقوب وراڻيو تہ
”هي اهي ٻار آهن جيڪي خدا پنهنجي فضل سان تنهنجي خادم
کي ڏنا آهن.“ 6 تڏهن سريتن ۽ سندن ٻارن ويجهو اچي جهڪي
سلام ڪيو. 7 تنهن کان پوءِ لياه ۽ سندس ٻارن ويجهو اچي پڻ
جهڪي سلام ڪيو. پڇاڙيءَ ۾ راخل ۽ يوسف ويجها ٿيا ۽ جهڪي
سلام ڪيائون. 8 پوءِ عيسوءَ پڇيو تہ ”هي سڄو ٽولو جيڪو مون
کي اچي گڏيو آهي تنهن مان تنهنجو ڪهڙو مطلب آهي؟“ يعقوب
وراڻيو تہ ”انهيءَ لاءِ تہ تو آقا جي مون تي مهربانيءَ جي نظر
ٿئي.“ 9 تڏهن عيسوءَ چيس تہ ”منهنجا ڀاءُ! مون وٽ گهڻو ئي
ڪجهہ آهي. تنهنڪري جيڪي تنهنجو آهي سو تون پاڻ وٽ ئي
رک.“ 10 پر يعقوب وراڻيو تہ ”نہ، هاڻي جيڪڏهن توهان مون تي
مهربانيءَ جي نظر ڪئي آهي تہ ڀلائي ڪري منهنجي سوکڙي قبول
ڪريو، ڇوتہ منهنجي لاءِ توهان جو منهن ڏسڻ خدا جي منهن ڏسڻ
وانگر آهي جو توهان مون تي اهڙا راضي ٿيا آهيو. 11 مهرباني ڪري
منهنجي سوکڙي جيڪا توهان وٽ آندي ويئي آهي سا قبول ڪريو،
ڇوتہ خدا مون تي فضل ڪيو آهي ۽ مون وٽ سڀ ڪجهہ آهي.“
اهڙيءَ طرح يعقوب گهڻو زور ڪيس، سو عيسوءَ اها قبول ڪئي.
12 پوءِ عيسوءَ چيو تہ ”اچو تہ پنڌ پئون، آءٌ اوهان سان گڏجي ٿو
هلان.“ 13 پر يعقوب کيس چيو تہ ”سائينءَ جن کي خبر آهي تہ هي
ٻار نازڪ آهن ۽ رڍون ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا، جي منهنجي سنڀال ۾
آهن سي کير ڏارائيندڙ آهن. سو جيڪڏهن هنن کي هڪڙي ئي ڏينهن
گهڻو ڪاهبو تہ سمورو چوپايو مال مري ويندو. 14 تنهنڪري سائينءَ
جن کي منهنجو عرض آهي تہ پنهنجي خادم کان اڳي هلو. آءٌ، هي
ڍور جيڪي اڳيان پيا وڃن تن جي ٽور ۽ ٻارن جي ٽور آهر آهستي
آهستي هلندو ادوم جي علائقي ۾ پنهنجي آقا وٽ اچي پهچندس.“
15 تڏهن عيسوءَ چيو تہ ”چڱو ڀلا جيڪي ماڻهو مون وٽ آهن تن
مان ڪي تو وٽ ڇڏي ٿو وڃان.“ پر يعقوب چيس تہ ”انهيءَ جي
ڪهڙي ضرورت آهي؟ منهنجي لاءِ رڳو منهنجي آقا جي مهربانيءَ
جي نظر ئي ڪافي آهي.“ 16 پوءِ عيسو انهيءَ ڏينهن ادوم جي
علائقي ڏانهن موٽي ويو. 17 پر يعقوب سفر ڪندو هڪ جاءِ تي اچي
پهتو، جتي هن پنهنجي لاءِ هڪ گهر ٺاهيو ۽ پنهنجن ڍورن لاءِ ڇنو
ٻڌائين. تنهنڪري انهيءَ جاءِ جو نالو ‡سُڪات پئجي ويو.
18 پوءِ يعقوب فدانارام مان سلامتيءَ سان نڪري سڪم شهر
۾ آيو جيڪو ڪنعان ملڪ ۾ آهي. هن شهر جي ٻاهران اچي منزل
ڪئي. 19 جنهن زمين جي ٽڪري تي پنهنجو تنبو کوڙيو هئائين،
سو سڪم نالي هڪ شخص جي پيءُ حمور جي خاندان کان چانديءَ
جي سؤ سڪن عيوض خريد ڪيائين. 20 هن اتي هڪڙي قربان‌گاهہ
ٺاهي، جنهن جو نالو ¶ايل ايلاسرائيل رکيائين.

*اسرائيل: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”هو خدا سان ملهه وڙهي ٿو“ يا ”خدا ملهه وڙهي ٿو“.
†فنيايل: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”خدا کي آمهون سامهون ڏسڻ“.
‡سُڪات: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جي معنيٰ آهي ”اِجهو“.
¶ايل ايلاسرائيل: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جي معنيٰ آهي ”خدا ئي اسرائيل جو خدا آهي“.

28:32 پيد 35:10    29:32 رهم 13:17–18    19:33 يش 24:32، يو 5:4

## ديناه جي آبرو لٽجڻ

34 1 لياه جي ڌيءَ ديناه، جيڪا يعقوب مان ڄائي هيس سا
هڪڙي ڏينهن انهيءَ علائقي جي ڇوڪرين سان ملڻ لاءِ
نڪتي. 2 جڏهن انهيءَ علائقي جي حاڪم حمور حِويءَ جي پٽ
سڪم هن کي ڏٺو ته کيس پڪڙي وڃي آبرو لُٽيائينس. 3 هن جي
دل يعقوب جي ڌيءَ ديناه سان لڳي ويئي. هو کيس پيار ڪرڻ لڳو
۽ ساڻس منٿون منٿون ڳالهيون ڪيائين. 4 پوءِ سڪم پنهنجي پيءُ
حمور کي چيو ته ”انهيءَ ڇوڪريءَ سان منهنجي شادي ڪراءِ.“
5 جڏهن يعقوب ٻڌو ته سڪم سندس ڌيءَ جي آبرو لُٽي ويئي
آهي، تڏهن سندس پٽ جهنگ ۾ ڍورن سان ويل هئا. سو يعقوب
انهن جي گهر اچڻ تائين ماٺ ڪري ويهي رهيو. 6 پوءِ سڪم جو
پيءُ حمور يعقوب سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ وٽس آيو. 7 جيئن ئي
يعقوب جا پٽ جهنگ مان موٽيا ۽ اها ڳالهه ٻڌائون تڏهن تمام رنج
ٿيا ۽ ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي ويا. انهيءَ جو سبب هي هو ته سڪم
يعقوب جي ڌيءَ جي عزت لُٽي اسرائيل جي گهراڻي جي خواريءَ
جو ڪم ڪيو هو، جيڪو ڪرڻ نه گهربو هوس. 8 پوءِ حمور يعقوب
وارن سان ڳالهيون هلايون ۽ کين چيائين ته ”منهنجي پٽ سڪم
جي اوهان جي ڌيءَ سان ڏاڍي دل ٿي ويئي آهي، سو مهرباني ڪري
اها کيس پرڻائي ڏيو. 9 اسين پاڻ ۾ سيڻ سڄڻ ٿيون ۽ پنهنجون
ڌيئر هڪ ٻئي کي ڏيون وٺون. 10 اوهين اسان سان گڏ رهو. هي
سڄو علائقو اوهان جي اڳيان پيو آهي. منجهس وسو رسو، وڻج
واپار ڪريو ۽ منجهس مال ملڪيت حاصل ڪريو.“ 11 سڪم به
ڇوڪريءَ جي پيءُ ۽ ڀائرن کي چيو ته ”مون تي مهربانيءَ جي
نظر ڪريو، اوهين جيڪي مون کي چوندا سو آءٌ ڏيندس. 12 جيترو
به مُلهه ۽ سوکڙيون پاکڙيون اوهين گهرندا سو آءٌ اوهان جي چوڻ
موجب ڏيندس، پر اها ڇوڪري مون کي پرڻائي ڏيو.“
13 تڏهن يعقوب جي پٽن، سڪم ۽ سندس پيءُ حمور کي دغابازيءَ
سان جواب ڏنو، ڇوته سڪم سندن ڀيڻ ديناه جي آبرو لُٽي هئي.
14 هنن کين چيو ته ”اسان کان اهو ڪم ٿي ڪونه سگهندو جو
پنهنجي ڀيڻ هڪڙي اڻطهريل ماڻهوءَ کي ڏيون، ڇوته انهيءَ سان
اسان جي بدنامي ٿيندي. 15 پر رڳو هن شرط تي اسين اوهان جي
ڳالهه مڃينداسين ته اوهين به اسان جهڙا ٿيو، يعني اوهان مان
هر ڪو مرد پنهنجو طهر ڪرائي. 16 پوءِ اسين ڌيئرن جي ڏي وٺ
ڪنداسين، اوهان جي علائقي ۾ رهنداسين ۽ پاڻ ۾ گڏجي هڪڙي
قوم ٿي پونداسين. 17 پر جيڪڏهن اوهين طهر واري اسان جي ڳالهه
نه مڃيندا ته پوءِ اسين پنهنجي ڀيڻ وٺي هليا ويندا سين.“
18 هنن جون ڳالهيون حمور ۽ سندس پٽ سڪم کي وڻيون. 19 سو
هن جوان ماڻهوءَ انهيءَ ڪم ڪرڻ ۾ دير ڪانه ڪئي، ڇوته يعقوب
جي ڌيءَ تي ڏاڍي دل هيس. هو پنهنجي پيءُ جي گهراڻي ۾ سڀني
کان وڌيڪ عزت وارو هو. 20 پوءِ حمور ۽ سندس پٽ سڪم پنهنجي
شهر جي دروازي وٽ آيا ۽ پنهنجي شهر جي ماڻهن کي سمجهائڻ
لڳا ته 21 ”هي ماڻهو ته اسان سان صلح سان رهڻ گهرن ٿا. سو
هنن کي هن علائقي ۾ رهڻ ۽ وڻج واپار ڪرڻ ڏيو، ڇوته هنن جي
رهڻ لاءِ گهڻو ئي علائقو پيو آهي. اچو ته ساڻن ڌيئرن جي ڏي
وٺ به ڪريون. 22 اهي ماڻهو رڳو هن شرط تي اسان سان گڏ رهڻ
۽ هڪڙي قوم ٿيڻ لاءِ راضي آهن ته اسان مان هر ڪو مرد طهر
ڪرائي، جيئن هنن جو ٿيل آهي. 23 پوءِ پلا هنن جا ڍور ڍڳا، مال
ملڪيت ۽ جانور سڀ اسان جا نه ٿيندا ڇا؟ تنهنڪري اچو ته اسين
هنن جي ڳالهه مڃون ته جيئن هو اسان سان گڏجي رهن.“ 24 سو
جيڪي به ماڻهو سندن شهر جا هئا تن سڀني حمور ۽ سندس پٽ
سڪم جي ڳالهه قبول ڪئي ۽ سڀني پنهنجو طهر ڪرايو.
25 ٽئين ڏينهن تي جڏهن هو اڃا طهر جي سور ۾ ئي هئا ته يعقوب
جي پٽن مان ٻه ڄڻا شمعون ۽ لاوي ديناه جا ڀائر پنهنجون تلوارون
کڻي اوچتو شهر جي مٿان حملو ڪري آيا ۽ سمورا ڇوڪرا ۽ مرد
ماري وڌائون. 26 انهن حمور ۽ سندس پٽ سڪم کي به تلوار جي
ڌار سان ماري ڇڏيو ۽ سڪم جي گهر مان ديناه کي وٺي هليا ويا.
27 انهن کي قتل ڪرڻ کان پوءِ يعقوب جي پٽن لاشن ۽ شهر کي
لٽيو، جتي سندن ڀيڻ جي عزت لُٽي ويئي هئي. 28 هو انهن جون
رڍون ٻڪريون، ڍور ڍڳا، گڏهه ۽ ٻيو جيڪي به شهر ۽ ٻنيءَ ۾ هو
سو سڀ ڦري کڻي ويا. 29 هو انهن جا سڀ ٻار ٻچا ۽ زالون پڪڙي
انهن جي سموري دولت ۽ ٻيو جيڪي ڪجهه گهرن ۾ هون سو ڦري
لُٽي کڻي ويا.
30 تڏهن يعقوب شمعون ۽ لاويءَ کي چيو ته ”اوهان مون کي
ڏک ڏنو آهي ۽ هن علائقي جي رهاڪن ڪنعانين ۽ فرزين ۾ مون
کي نفرت جوڳو ڪيو اٿوَ. اسين تعداد ۾ ٿورا آهيون، سو جيڪڏهن
هنن سڀني پاڻ ۾ گڏ ٿي مون تي ڪاهه ڪئي ته مون کي ماري
وجهندا. آءٌ ۽ منهنجو سمورو گهر ٻار برباد ٿي ويندو.“ 31 تنهن
تي هنن وراڻيو ته ”ڇا پلا هن کي اسان جي ڀيڻ سان هڪ بازاري
عورت جهڙي هلت ڪرڻ کپندي هئي؟“

## يعقوب جي بيت‌ايل ڏانهن واپسي

35 1 پوءِ خدا يعقوب کي چيو ته ”بيت‌ايل ۾ وڃي رهه ۽
اتي مون خدا جي لاءِ هڪڙي قربان‌گاهه ٺاهه، جتي مون
تو کي ان وقت ڏيکاري ڏني هئي، جڏهن تون پنهنجي ڀاءُ عيسوءَ
جي ڊپ کان ڀڄو ٿي وئين.“ 2 سو يعقوب پنهنجي گهراڻي ۽ ٻيا
جيڪي ساڻس گڏ هئا، تن سڀني کي چيو ته ”اوهان وٽ جيڪي به
بت آهن تن کي اڇلائي ڇڏيو ۽ پاڻ کي پاڪ صاف ڪري پنهنجا

1:35 پيد 28:11–17

ڪپڙا بدلايو. 3 پوءِ اچو تہ بيت‌ايل ڏانهن هلون. اتي آءٌ خدا لاءِ
هڪڙي قربان‌گاهہ ٺاهيندس، جنهن مصيبت جي وقت منهنجي مدد
ڪئي هئي ۽ جتي بہ ويس ٿي اتي مون سان گڏ هو.“ 4 سو هنن
وٽ جيڪي بہ بت هئا ۽ جيڪي بہ ڪنن ۾ واليون پاتل هين، سي
سڀ لاهي يعقوب کي ڏنائون. يعقوب اهي سڀ شاهہ‌بلوط جي وڻ
هيٺ پوري ڇڏيا، جيڪو سڪم شهر جي ويجهو هو.
5 پوءِ هو اتان روانا ٿيا. هنن جي آس‌پاس جي شهرن کي اهڙو تہ
خوف وٺي ويو جو ڪنهن بہ ماڻهوءَ سندن پيڇو ڪونہ ڪيو. 6 سو
يعقوب انهن سڀني سميت جيڪي ساڻس گڏ هئا، لوز يعني بيت‌ايل
۾ آيو جيڪو ڪنعان جي ملڪ ۾ آهي. 7 هن اتي هڪڙي قربان‌گاهہ
ٺاهي ۽ انهيءَ جاءِ جو نالو *”ايل بيت‌ايل“ رکيائين، ڇوتہ جڏهن هو
پنهنجي ڀاءُ جي ڊپ کان ڀڄو ٿي ويو تڏهن انهيءَ ئي جاءِ تي خدا
کيس ڏيکاري ڏني هئي. 8 اتي ربقہ جي دائي دبوره وفات ڪئي ۽
کيس بيت‌ايل جي ڏاکڻي پاسي شاهہ‌بلوط وڻ هيٺ دفن ڪيو ويو.
انهيءَ ڪري ان وڻ جو نالو ”روڄ وارو شاهہ‌بلوط“ پئجي ويو.
9 جڏهن يعقوب فدان‌ارام کان موٽي آيو تہ خدا وري بہ کيس
ڏيکاري ڏني ۽ کيس برڪت ڏنائين. 10 خدا چيس تہ ”اڄ تائين
تنهنجو نالو †يعقوب رهيو آهي، اڳتي تنهنجو نالو يعقوب نہ پر
اسرائيل سڏبو.“ سو هن سندس نالو اسرائيل رکيو.
11 خدا چيس تہ ”آءٌ قادرِمطلق خدا آهيان. تون گهڻي اولاد وارو
ٿيءُ. تو مان هڪڙي قوم بلڪ گهڻيون قومون پيدا ٿينديون ۽ تنهنجي
نسل مان بادشاهہ نڪرندا. 12 جيڪو ملڪ مون ابراهيم ۽ اسحاق
کي ڏنو هو سو آءٌ تو کي ڏيندس ۽ تو کان پوءِ اهو تنهنجي اولاد کي
ڏيندس.“ 13 پوءِ خدا جتي ساڻس ڳالهيون ڪيون، اتان ئي يعقوب
وٽان مٿي هليو ويو.
14 يعقوب ان جاءِ تي يادگار طور هڪ ٿنڀي جيان پٿر کڙو ڪيو جتي
خدا ساڻس ڳالهيون ڪيون هيون ۽ انهيءَ ٿنڀي تي خدا لاءِ اوتڻ وارو
نذرانو ۽ تيل پلٽيائين. 15 يعقوب ان جاءِ جو نالو ‡بيت‌ايل رکيو.

## راخل جي وفات

16 پوءِ هو بيت‌ايل مان روانا ٿيا ۽ اِفرات تائين پهچڻ ۾ اڃا ٿورو
پنڌ هو تہ راخل کي اڇي ويم جا سخت سور ٿيا. 17 ٻار ڄڻڻ وقت
جڏهن سندس سور تمام گهڻو وڌي ويا تڏهن دائيءَ چيس تہ ”ڊڄ
نہ، تو کي هن ڀيري بہ پٽ ڄمندو.“ 18 جڏهن هوءَ مرڻ تي هئي
تڏهن پٽ جو نالو ¶بن‌اوني رکيائين، جنهن بعد هن دم ڏنو. پر
يعقوب انهيءَ جو نالو §بنيامين رکيو.
19 سو راخل مري ويئي ۽ کيس اِفرات يعني بيت‌لحم جي دڳ تي
دفن ڪيو ويو. 20 يعقوب انهيءَ جي قبر تي هڪڙو ٿنڀو کوڙيو جيڪو
راخل جي قبر تي اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. 21 پوءِ هو مسافري
ڪندو اڳتي وڌيو ۽ مِگدل‌عدر جي پرئين پاسي وڃي پنهنجو تنبو
کوڙيائين. 22 جڏهن يعقوب انهيءَ علائقي ۾ رهيو پيو هو تڏهن هڪ
ڏينهن روبن پنهنجي پيءُ يعقوب جي سريت بلهاه سان وڃي ستو ۽
يعقوب کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر پئجي ويئي.

## يعقوب جا پٽ

(1.تواريخ 2:1–2)

23 يعقوب کي ٻارهن پٽ هئا جن مان لياه مان هئس: روبن، جيڪو
يعقوب جو وڏو پٽ هو، شمعون، لاوي، يهوداه، اِسڪار ۽ زبولون.
24 راخل مان يوسف ۽ بنيامين هئس. 25 راخل جي ٻانهي بلهاه مان
دان ۽ نفتالي هئس. 26 لياه جي ٻانهي زِلفاه مان گد ۽ آشر هئس.
اهي هئا يعقوب جا پٽ جيڪي کيس فدان‌ارام ۾ ڄاوا.

## اسحاق جي وفات

27 يعقوب پنهنجي پيءُ اسحاق وٽ ممري ۾ آيو جيڪو قريت‌اربع
يعني حبرون شهر جي ويجهو آهي، اتي ابراهيم ۽ اسحاق رهندا
هئا. 28 اسحاق جي عمر هڪ سؤ اسي سال هئي 29 تہ هن دم ڏنو ۽
مري ويو. هو وڏي عمر ماڻي وڃي پنهنجن سان گڏيو. سندس پٽن
عيسوءَ ۽ يعقوب کيس دفنايو.

## عيسوءَ جو اولاد

(1.تواريخ 1:34–37)

36 1 عيسو جنهن کي ادوم بہ چيو ويندو آهي تنهن جو اولاد
هي آهي. 2 عيسوءَ هنن ڪنعاني ڇوڪرين سان شادي
ڪئي هئي: عده جيڪا اَيلون حِتيءَ جي ڌيءَ هئي، اهليباماه جيڪا
عَناه جي ڌيءَ ۽ صِبعون حِويءَ جي پوٽي هئي، 3 ۽ بشامہ جيڪا
اسماعيل جي ڌيءَ ۽ نبايوت جي ڀيڻ هئي. 4 عده کي عيسوءَ مان

---

*ايل بيت‌ايل: يعني بيت‌ايل جو خدا.

†يعقوب: هي نالو عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ٽنگي ڪندڙ“.

‡بيت‌ايل: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جي معنيٰ آهي ”خدا جو گهر“.

¶بن‌اوني: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جي معنيٰ آهي ”منهنجي تڪليف جو پٽ“.

§بنيامين: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جي معنيٰ آهي ”منهنجي ساڄي هٿ جو پٽ“.

10:35 پيد 28:32 — 12–11:35 پيد 17:4–8 — 15–14:35 پيد 28:18–19 — 22:35 پيد 4:49 — 27:35 پيد 18:13 — 2:36 پيد 34:26 — 3:36 پيد 9:28

اليفز ۽ بشامہ کي رعوايل ڄائو. 5 اهليباماه کي يعوش، يعلام ۽
قوراح ڄاوا. اهي عيسوءَ جا پٽ آهن جيڪي کيس ڪنعان جي ملڪ
۾ ڄاوا.
6 عيسوءَ پنهنجون زالون، پٽ، ڌيئرون ۽ پنهنجي گهراڻي جا سڀ
ماڻهو، پنهنجا ڍور ڍڳا ۽ پنهنجي سموري ملڪيت، جا ڪنعان ملڪ
۾ گڏ ڪئي هئائين سا ڪٺي پنهنجي ڀاءُ يعقوب کان پري ٻئي ملڪ
ڏانهن هليو ويو. 7 سندن مال ملڪيت ايتري تہ گهڻي ٿي ويئي هئي
جو هو گڏ رهي نہ ٿي سگهيا. هو جنهن هنڌ رهيل هئا اتي گهڻي
چوپائي مال جي ڪري سندن گذارو ٿي ڪين ٿي سگهيو. 8 انهيءَ
ڪري عيسو، جنهن کي ادوم بہ سڏجي ٿو سو وڃي سعير جي جابلو
علائقي ۾ رهڻ لڳو.
9 انهيءَ جابلو علائقي جي رهاڪو ادومين جي پيءُ عيسوءَ جو
اولاد هي آهي. 10 عيسوءَ جي پٽن جا نالا هي آهن: سندس پهرينءَ
زال عده مان اليفز ۽ ٻي زال بشامہ مان رعوايل پيدا ٿيو. 11 اليفز
جا پٽ هي آهن: تيمان، اومار، صفو، گعتام ۽ قنز. 12 عيسوءَ جي
پٽ اليفز کي تِمنع نالي سريت هئي، جنهن مان کيس عماليق نالي
هڪ پٽ ڄائو. اهي آهن عيسوءَ جي زال عده جا پوٽا. 13 رعوايل جا
پٽ هي آهن: نحت، زارح، شماه ۽ مِزه. اهي آهن عيسوءَ جي زال
بشامہ جا پوٽا. 14 عيسوءَ جي زال اهليباماه جيڪا عَيناه جي ڌيءَ
۽ صِبعون جي پوٽي هئي، تنهن مان عيسوءَ کي يعوش، يعلام ۽
قوراح نالي پٽ ڄاوا.
15 عيسوءَ جي اولاد مان هي قبيلا ٿيا. عيسوءَ جي وڏي پٽ اليفز
جا پٽ جن جي نالن جي پٺيان ادوم جي ملڪ ۾ پوءِ قبيلا ٿيا، سي
هي آهن: تيمان، اومار، صفو، قنز، 16 قوراح، گعتام ۽ عماليق.
اهي سڀ عيسوءَ جي زال عده جا پوٽا هئا. 17 جيڪو اولاد عيسوءَ
جي پٽ رعوايل مان پيدا ٿيو جن جي نالن جي پٺيان ادوم ۾ پوءِ
قبيلا ٿيا، سي هي آهن: نحت، زارح، شماه ۽ مِزه. اهي عيسوءَ جي
زال بشامہ جا پوٽا هئا. 18 عيسوءَ جي زال عَيناه جي ڌيءَ اهليباماه
جا پٽ جن جي نالن جي پٺيان پوءِ قبيلا ٿيا، سي هي آهن: يعوش،
يعلام ۽ قوراح. 19 عيسو جنهن کي ادوم بہ سڏجي ٿو تنهن جو
اولاد ۽ سندن نالن پٺيان قبيلا اهي ٿي آهن.

## سعير حوريءَ جو اولاد
(1.تواريخ 1:38–42)

20 حوري قبيلي وارا جيڪي سعير جو اولاد هئا ۽ ادوم جي علائقي
۾ رهندا هئا سي هي آهن: لوطان، شوبال، صِبعون، عَيناه، 21 دِشون،
ايصر ۽ ديشان. انهيءَ علائقي ۾ سعير حوريءَ جي اولاد مان انهن
جي ٿي نالن پٺيان پوءِ قبيلا ٿيا.
22 لوطان کي حوري ۽ هيمام نالي بہ پٽ هئا ۽ تِمنع سندس ڀيڻ
هئي.
23 شوبال جا پٽ هي آهن: علوان، مانحت، عيبال، شفو ۽ اونام.
24 صِبعون جا پٽ هي آهن: آيہ ۽ عَيناه. هي عَيناه اهو آهي
جنهن پنهنجي پيءُ صِبعون جا گڏهہ چاريندي جهنگ ۾ گرم پاڻيءَ
جا چشما لڌا هئا. 25 عَيناه جا ٻار هي آهن: دِشون ۽ سندس ڌيءَ
اهليباماه. 26 دِشون جا پٽ هي آهن: حمدان، اشبان، يتران ۽ ڪران.
27 ايصر جا پٽ هي آهن: بِلهان، زعوان ۽ عقان.
28 ديشان جا پٽ هي آهن: عُوض ۽ اران.
29–30 ادوم جي علائقي ۾ حورين جا قبيلا هي آهن: لوطان،
شوبال، صِبعون، عَيناه، دِشون، ايصر ۽ ديشان.

## ادوم ملڪ جا بادشاهہ
(1.تواريخ 1:43–54)

31 بني اسرائيل جي ڪنهن بادشاهہ جي حڪومت هلائڻ کان اڳ
جن بادشاهن ادوم جي ملڪ تي بادشاهي ڪئي سي هي آهن: 32 بعور
جي پٽ بلع ادوم تي بادشاهي ڪئي. سندس شهر جو نالو دِنهاباه
هو. 33 بلع جي مرڻ کان پوءِ سندس جاءِ تي بُصراه واري زارح جي
پٽ يوباب بادشاهي ڪئي. 34 يوباب جي مرڻ کان پوءِ سندس جاءِ
تي تيمانين جي علائقي واري حُشام بادشاهي ڪئي. 35 حُشام جي
مرڻ کان پوءِ سندس جاءِ تي بدد جي پٽ هدد، جنهن موآب ملڪ ۾
مديانين کي هارايو هو تنهن بادشاهي ڪئي ۽ سندس شهر جو نالو
عويت هو. 36 هدد جي مرڻ کان پوءِ سندس جاءِ تي مسرقہ واري
سملاه بادشاهي ڪئي. 37 سملاه جي مرڻ کان پوءِ سندس جاءِ تي
شائول، جيڪو فرات نديءَ جي ڪناري واري شهر رحوبوت‌عير جو
ويٺل هو تنهن حڪومت ڪئي. 38 شائول جي مرڻ کان پوءِ سندس
جاءِ تي عڪبور جي پٽ بعل‌حانان بادشاهي ڪئي. 39 بعل‌حانان جي
مرڻ کان پوءِ سندس جاءِ تي هدر بادشاهي ڪئي. هدر جي شهر جو
نالو پاعو هو ۽ سندس زال جو نالو مهيطب‌ايل هو، جيڪا مطرد جي
ڌيءَ ۽ ميَ‌زاهاب جي ڏوهٽي هئي.
40–43 عيسو ادومين جو وڏو هو. هن جي اولاد جن جي نالن پٺيان
پوءِ قبيلا ٿيا، تن جا نالا هي آهن: تِمنع، علوه، يتيت، اهليباماه،
ايلاه، فينون، قنز، تيمان، مبصار، مگدي‌ايل ۽ عرام. جيڪي علائقا
انهن قبيلن پنهنجي پنهنجي قبضي ڪيا، سي انهن جي نالن پٺيان
سڏيا ويا.

## يوسف جا خواب

37 1 يعقوب ڪنعان جي ملڪ ۾ رهڻ لڳو جتي سندس پيءُ
پرديسي ٿي گذاريو هو. 2 يعقوب جي گهر ٻار جو احوال
هن ريت آهي.
يوسف جڏهن سترهن سالن جو هو تڏهن پنهنجن ڀائرن، جيڪي
سندس پيءُ جي ٻين زالن بلهاه ۽ زِلفاه جا پٽ هئا، تن سان گڏ ڌڻ
چاريندو هو. هو انهن جون خراب ڳالهيون پنهنجي پيءُ کي اچي
ٻڌائيندو هو. 3 يعقوب پنهنجن ٻين سڀني پٽن کان وڌيڪ يوسف

سان پيار ڪندو هو، ڇاڪاڻ‌تہ اهو پوڙهپ ۾ ڄائو هوس. هن ڪيس
هڪڙو خاص رنگارنگي ڪُڙتو بہ ٺهرائي ڏنو هو. 4 جڏهن يوسف
جي ڀائرن ڏٺو تہ سندن پيءُ ٻين سڀني ڀائرن ڪان وڌيڪ هن سان پيار
ڪري ٿو، تڏهن اهي يوسف ڪان نفرت ڪرڻ لڳا ۽ ڪيس سلام بہ
ڪين ڪندا هئا.

5 هڪ دفعي يوسف هڪڙو خواب لڌو جيڪو پنهنجي ڀائرن کي
وڃي ٻڌايائين. تڏهن اهي ويتر وڌيڪ ڪانئس نفرت ڪرڻ لڳا. 6 هن
کين چيو تہ ”مون هڪڙو خواب لڌو آهي سو ٻڌو. 7 اسان ٻنيءَ
۾ ڳڏا ٻڌي رهيا هئاسين، اوچتو ڏٺم تہ منهنجو ڳڏو اُٿي سڌو بيٺو ۽
اوهان جا ڳڏا ان جي چوڌاري اچي بيٺا ۽ ان جي اڳيان جهڪيا.“
8 تڏهن ڀائرن چيس تہ ”واقعي تون اسان تي بادشاهي ڪندين ڇا؟
يا واقعي اسان تي حڪم هلائيندين ڇا؟“ سو هو سندس خوابن ۽
هن جي ڳالهين جي ڪري ڪانئس اڃا بہ وڌيڪ نفرت ڪرڻ لڳا.
9 پوءِ يوسف هڪڙو ٻيو خواب لڌو جيڪو پنهنجن ڀائرن کي ٻڌائيندي
چيائين تہ ”ٻڌو، مون هڪڙو ٻيو خواب لڌو آهي جنهن ۾ سج، چنڊ
۽ يارهن تارا منهنجي اڳيان اچي جهڪيا.“ 10 جڏهن هن اهو خواب
پنهنجي پيءُ ۽ ڀائرن کي ٻڌايو تڏهن پٽس ڇينڀ ڏيئي چيس تہ ”هي
تو ڪهڙو خواب لڌو آهي؟ ڇا واقعي آءٌ، تنهنجي ماءُ ۽ تنهنجا
ڀائر اچي تنهنجي اڳيان جهڪنداسين؟“ 11 سو سندس ڀائر تہ ساڙ
۾ سڙي ويا پر پٽس اها ڳالهہ پنهنجيءَ دل ۾ رکي ڇڏي.

## يوسف جو پنهنجي ڀائرن هٿان وڪامجڻ

12 هڪ ڏينهن جڏهن سندس ڀائر پنهنجي پيءُ جو ڌڻ چارڻ لاءِ
سڪم ڏانهن ويا، 13 تہ يعقوب يوسف کي چيو تہ ”تنهنجا ڀائر
سڪم ۾ ڌڻ چاري رهيا هوندا. آءٌ تو کي اوڏانهن موڪلڻ ٿو
چاهيان.“ هن وراڻيو تہ ”آءٌ حاضر آهيان.“ 14 تڏهن هن چيس تہ
”وڃي ڏسي اچ تہ تنهنجا ڀائر ۽ ڌڻ خيريت سان آهن. پوءِ موٽي
اچي مون کي ٻڌاءِ.“ سو يعقوب يوسف کي حبرون جي ماٿريءَ مان
روانو ڪيو.

جڏهن يوسف سڪم ۾ پهتو 15 تہ هڪڙي ماڻهوءَ ڪيس جهنگ ۾
رلندي ڏٺو، سو هن ڪانئس پڇيو تہ ”تون ڇا ٿو ڳولهين؟“ 16 يوسف
وراڻيو تہ ”آءٌ پنهنجن ڀائرن کي ٿو ڳولهيان. جيڪڏهن خبر هجيئي
تہ ڀلائي ڪري مون کي ٻڌاءِ تہ اهي پنهنجا ڌڻ ڪٿي ٿا چارين؟“
17 تڏهن انهيءَ ماڻهوءَ ٻڌايس تہ ”اهي هتان هليا ويا آهن. مون کين
ائين چوندي ٻڌو هو تہ ’هلو تہ دوتان ڏانهن هلون.‘“

پوءِ يوسف پنهنجي ڀائرن جي پٺيان ويو ۽ دوتان ۾ وڃي کين
لڌائين. 18 هنن ڪيس پري کان ايندو ڏٺو. هو اڃا پري ئي هو تہ هنن
کيس قتل ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو. 19 هو هڪٻئي کي چوڻ لڳا تہ
”اِجهو، اچيوَ ٿو خوابن لهڻ وارؤ! 20 سو هاڻي اچو تہ کيس ماري
ڪنهن کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيون. پوءِ چونداسين تہ ڪو جهنگ جو
جانور کائي ويو اٿس. پوءِ ڏسنداسين تہ هن جي خوابن جو ڇا ٿو
ٿئي.“

21 جڏهن روبن اها ڳالهہ ٻڌي تڏهن يوسف کي هنن جي هٿان
بچائڻ خاطر کين چيائين تہ ”اسين هن کي قتل نہ ڪريون. 22 اسين
سندس رت نہ وهايون، پر هتي هن رڻپٽ ۾ جيڪو کوهہ آهي تنهن
۾ ڪٽي اڇلايونس. کيس وڌيڪ هٿ نہ لايون.“ روبن چاهيو ٿي تہ
کيس هنن جي هٿان ڇڏائي واپس سندس پيءُ وٽ پهچائي. 23 سو
جڏهن يوسف پنهنجن ڀائرن وٽ پهتو تڏهن جيڪو رنگارنگي ڪُڙتو
پاتل هوس سو هنن لاهي ورتس. 24 پوءِ انهن کيس کوهہ ۾ ڪٽي
اڇلايو. اهو کوهہ بلڪل سڪل هو.

25 پوءِ هو ماني کائڻ ويهي رهيا. تڏهن اوچتو اکيون ڪٽي
نهاريائون تہ ڇا ڏسن تہ اسماعيل قبيلي وارن جو هڪڙو قافلو گلعاد
کان ايندو نظر آين. انهن جا اُٺ مصالحن، سرهاڻين ۽ مُرَ سان
لڏيل هئا. اسماعيل قبيلي وارا اهو سامان مصر ڏانهن کنيو ٿي ويا.
26 تڏهن يهوداہ پنهنجن ڀائرن کي چيو تہ ”جيڪڏهن اسين پنهنجي
ڀاءُ کي ماري ڇڏيون ۽ سندس خون لڪائي ڇڏيون تہ انهيءَ مان اسان
کي ڇا هٿ حاصل ٿيندو؟ 27 اچو تہ هن کي اسماعيل قبيلي وارن جي
هٿ وڪڻي ڇڏيون ۽ پاڻ وڌيڪ هٿ نہ لايونس. آخرڪار هو اسان
جو ڀاءُ آهي، اسان جو هڏ رت آهي.“ يهوداہ جي ڀائرن اها ڳالهہ
قبول ڪئي. 28 پوءِ جڏهن اهي مدياني سوداگر اتان اچي لانگهائو
ٿيا تہ يوسف جي ڀائرن يوسف کي کوهہ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ۽
اسماعيل قبيلي وارن جي هٿ *چانديءَ جي ويهن سڪن تي کيس
وڪڻي ڇڏيائون. اهي سوداگر يوسف کي مصر ڏانهن وٺي هليا ويا.

29 جڏهن روبن موٽي کوهہ وٽ آيو ۽ ڄيئن جو ڏٺائين تہ يوسف
تہ منجهس آهي ئي ڪونہ! تڏهن هن وٺي پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا. 30 هو
پنهنجن ڀائرن وٽ ويو ۽ کين چيائين تہ ”ڇوڪر تہ آهي ئي ڪونہ،
هاڻي آءٌ ڇا ڪريان؟“ 31 تڏهن هنن يوسف جو ڪُڙتو کنيو ۽ هڪڙو
ٻڪر ڪهي سندس رت ۾ اهو ڪُڙتو ٻوڙيائون. 32 پوءِ هنن اهو
رنگارنگي ڪُڙتو پنهنجي پيءُ وٽ آندو ۽ چيائونس تہ ”اسان هي
لڌو آهي. جاچي ڏس تہ هي تنهنجي پٽ جو ڪُڙتو تہ ڪونهي؟“
33 يعقوب اهو ڪُڙتو سڃاتو ۽ چيائين تہ ”هي تہ منهنجي پٽ جو
ڪُڙتو آهي. ڪو جهنگلي جانور کائي ويو اٿس. يوسف پڪ ٽڪرا
ٽڪرا ٿي ويو آهي.“ 34 پوءِ يعقوب پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا. هن ڪٿو ڳوڏ
ڪري ٻڌو ۽ انهيءَ ئي حالت ۾ ڪيترائي ڏينهن پنهنجي پٽ جي
لاءِ سوڳ ڪندو رهيو. 35 سندس سمورا پٽ ۽ ڌيئر ڇپ ڪرائڻ لاءِ
آئت ڏيڻ لڳس پر کيس آئت نہ ٿي آئي. هو چوڻ لڳو تہ ”آءٌ روئندو

---

*چانديءَ جي ويهن سڪن: اٽڪل بہ سؤ گرام چاندي.

11:37 رس 9:7 28:37 رس 9:7

پٽيندو پنهنجي پٽ جي پٺيان قبر ۾ ويندس.“ اهڙيءَ طرح هو يوسف
جي لاءِ روئندو رهيو. 36 انهيءَ وچ ۾ مديانين يوسف کي مصر ۾
فوطيفار جي هٿ وڪٽي ڇڏيو، جيڪو *فرعون جي عملدارن مان هو
۽ پهريدار سپاهين جو سالار هو.

## يهوداه ۽ تامار

38 1 انهن ڏينهن ۾ يهوداه پنهنجن ڀائرن کي ڇڏي حيره نالي
هڪڙي ماڻهوءَ وٽ وڃي رهڻ لڳو، جيڪو عدُولام شهر
۾ رهندو هو. 2 اتي هن سوع نالي هڪڙي ڪنعانيءَ جي ڌيءَ ڏٺي.
يهوداه انهيءَ سان شادي ڪئي. 3 هوءَ پيٽ سان ٿي ۽ پٽ ڄايس.
يهوداه انهيءَ جو نالو عير رکيو. 4 هوءَ وري پيٽ سان ٿي ۽ پٽ
ڄايس، جنهن جو نالو اونان رکيائين. 5 هن کي وري به هڪڙو پٽ
ڄائو جنهن جو نالو شيلاه رکيائين. جڏهن اهو پٽ ڄايس تڏهن هوءَ
ڪزيب ۾ رهندي هئي.
6 يهوداه پنهنجي وڏي پٽ عير کي زال پرڻائي جنهن جو نالو تامار
هو. 7 پر عير جا افعال خداوند جي نظر ۾ بد هئا. تنهنڪري خداوند
هن کي ماري ڇڏيو. 8 تڏهن يهوداه پنهنجي پٽ اونان کي چيو ته
”پنهنجي ڀاڄائيءَ سان ڏير جو فرض ادا ڪر ته جيئن تنهنجي ڀاءُ
جو نسل جاري رهي.“ 9 اونان ڄاتو ٿي ته ”اهو اولاد منهنجو نه
سڏبو،“ تنهنڪري هو جڏهن به پنهنجي ڀاڄائيءَ وٽ ويندو هو تڏهن
مني هيٺ هاري ڇڏيندو هو، انهيءَ لاءِ ته متان سندس ڀاءُ لاءِ اولاد
پيدا ٿي پوي. 10 هن جو اهو ڪم خداوند جي نظر ۾ سٺو ڪونه هو
سو خداوند هن کي به ماري ڇڏيو. 11 تڏهن يهوداه پنهنجي نُنهن
تامار کي چيو ته ”جيستائين منهنجو پٽ شيلاه وڏو ٿئي تيستائين
پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ رن‌زال ٿي گذار،“ ڇالاءِجو هو ڊنو ٿي ته
متان شيلاه به پنهنجن ڀائرن وانگر مري وڃي. سو تامار پنهنجي
پيءُ جي گهر ۾ وڃي رهڻ لڳي.
12 ڪجهه عرصي کان پوءِ يهوداه جي زال، جا سوع جي ڌيءَ
هئي سا مري ويئي. پوءِ جڏهن يهوداه جو غم لٿو تڏهن هو پنهنجي
عدُولامي دوست حيره سان گڏجي تِمناه ۾ پنهنجين رڍن جي اُن
ڪترڻ وارن وٽ ويو. 13 ڪنهن ماڻهوءَ تامار کي ٻڌايو ته ”تنهنجو
سهرو، تِمناه شهر ڏانهن پنهنجين رڍن جي اُن ڪترڻ ٿو وڃي.“
14 تامار سوچيو پئي ته سندس ڏير شيلاه وڏو ٿي ويو آهي، تنهن
هوندي به سندس شادي هن سان نه ڪرائي ويئي آهي. تنهنڪري
هن پنهنجا رن‌زالن وارا ڪپڙا لاٿا ۽ چادر سان پاڻ کي ويڙهي
سيڙهي عينيم ڳوٺ جي دروازي وٽ اچي ويٺي جيڪو تِمناه جي
رستي تي هو. 15 پوءِ جڏهن يهوداه هن جو منهن ڍڪيل ڏٺو تڏهن
سمجهيائين ته ”هيءَ ڪا بازاري عورت آهي.“ 16 جيئن ته يهوداه
کي اها خبر ڪانه هئي ته اها ڪا سندس نُنهن آهي، سو هو واٽ تان
ڦري وٽس ويو ۽ چيائينس ته ”اچ مون سان گهڙي پلڪ گذار.“ تامار
چيس ته ”تون مون کي ڇا ڏيندين؟“ 17 يهوداه جواب ڏنس ته ”آءٌ
پنهنجي ڌڻ مان هڪڙو ڇيلو تو ڏانهن موڪليندس.“ هن چيس ته
”جيستائين تون اهو موڪلين تيستائين ڪا شيءِ گروي رکي وڃ.“
18 يهوداه چيس ته ”ڪهڙي شيءِ گروي رکان؟“ انهيءَ وراڻيو ته
”پنهنجي منڊي، ان جي ڏوري ۽ لٺ جيڪا هٿ ۾ اٿيئي.“ تنهن
تي هن اهي شيون انهيءَ کي ڏنيون ۽ وڃي ساڻس ستو. تڏهن هوءَ
منجهانئس پيٽ سان ٿي. 19 پوءِ هوءَ اتان اٿي گهر هلي ويئي ۽ چادر
لاهي پنهنجا رن‌زالن وارا ڪپڙا پائي ڇڏيائين.
20 بعد ۾ يهوداه انهيءَ عورت وٽان گروي رکيل شيون موٽائي
اچڻ لاءِ پنهنجي عدُولامي دوست حيره سان ڇيلو ڏياري موڪليو.
پر هو انهيءَ کي لهي نه سگهيو. 21 تڏهن اتي جي رهاڪن کان
پڇا ڪيائين ته ”جيڪا ڪسبياڻي رستي جي پرسان عينيم وٽ
ويهندي هئي سا ڪٿي آهي؟“ هنن چيو ته ”هتي ته ڪابه ڪسبياڻي
ڪانهي.“ 22 سو هو موٽي يهوداه وٽ آيو ۽ چيائينس ته ”مون کان ته
اُها ڪانه لڌي، بلڪ اتي جي ماڻهن چيو ته ’هتي ته ڪابه ڪسبياڻي
ڪانهي.‘“ 23 تڏهن يهوداه چيو ته ”اهي شيون ڀلي هوءَ پاڻ وٽ
رکي، نه ته اسين متان کلڻ‌هاب ٿي پئون. بهرحال، مون ته تو سان
هن ڏانهن ڇيلو ڏياري موڪليو هو پر تون ڪيس لهي نه سگهئين.“
24 اٽڪل ٽن مهينن کان پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ يهوداه کي ٻڌايو ته
”تنهنجي نُنهن تامار ڪسبياڻيءَ وارو ڪم ڪيو آهي ۽ پيٽ ٿي
پيو اٿس.“ تڏهن يهوداه چيو ته ”ٻاهر وٺي اچوس ته ڪيس ساڙيو
وڃي.“ 25 جڏهن ڪيس ٻاهر آندو ٿي ويو تڏهن پنهنجي سهري ڏانهن
چوائي موڪليائين ته ”جنهن ماڻهوءَ جون هي شيون آهن تنهن مان
آءٌ پيٽ سان ٿي آهيان.“ وڌيڪ چيائين ته ”مهرباني ڪري سڃاڻ
ته هيءَ منڊي، ڏوري ۽ لٺ ڪنهن جي آهي.“ 26 يهوداه اهي شيون
سڃاتيون ۽ چيائين ته ”آءٌ نه بلڪ هوءَ حق تي آهي، ڇوجو مون
هن کي پنهنجي پٽ شيلاه سان نه پرڻايو.“ انهيءَ کان پوءِ يهوداه
ساڻس وري نه ستو.
27 جڏهن انهيءَ جي ويم جي مهل ٿي ته خبر پيئي ته سندس پيٽ
۾ جاڙا ٻار آهن. 28 ويم مهل جڏهن هڪڙي ٻار جو هٿ ٻاهر نڪتو
ته دائيءَ هن جي ويٽيءَ ۾ لال ڳاڙهو ڌاڳو ٻڌي ڇڏيو ۽ چيائين ته
”هي پهريائين ٻاهر نڪتو آهي.“ 29 پر هن پنهنجو هٿ وري اندر
ڇڪي ورتو، ايتري ۾ سندس ڀاءُ نڪري آيو. تنهن تي دائيءَ چيو ته
”تون ڪٿان ڦٽي نڪتين!“ انهيءَ ڪري سندس نالو †فارص رکيو
ويو. 30 تنهن کان پوءِ سندس ڀاءُ ڄائو جنهن جي ويٽيءَ ۾ لال ڳاڙهو
ڌاڳو ٻڌل هو ۽ انهيءَ جو نالو زارح رکيائون.

---

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

†فارص: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”ڦٽي نڪرڻ“.

## فوطيفار جي زال ۽ يوسف

39 1 هاڻي اهي اسماعيل قبيلي وارا يوسف کي مصر ۾ وٺي
آيا. اتي فوطيفار مصري، جيڪو فرعون جو عملدار ۽
سندس پهريدار سپاهين جو سالار هو، تنهن يوسف کي انهن کان
خريد ڪري ورتو. 2 سو هو پنهنجي مصري مالڪ جي گهر ۾
رهڻ لڳو. جيئن ته خداوند يوسف سان هو تنهنڪري هو خوشحال
ٿيندو ويو. 3 سندس مالڪ ڏٺو ته ”خداوند يوسف سان آهي، جو
هو جيڪي ڪجهه به ڪري ٿو تنهن ۾ خداوند کيس ڪاميابي
عطا ڪري ٿو.“ 4 تنهنڪري يوسف تي هن جي مهربانيءَ جي نظر
ٿي، سو کيس پنهنجو خاص خدمتگار بڻايائين. فوطيفار يوسف کي
پنهنجي گهر جو مختيار مقرر ڪيو ۽ جيڪي ڪجهه وٽس هو سو
سڀ هن جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيائين. 5 جنهن وقت کان وٺي هن کيس
پنهنجي گهر جي مٿان ۽ جيڪي ڪجهه وٽس هو تنهن سڀ مٿان
مختيار مقرر ڪيو، تنهن وقت کان وٺي خداوند يوسف جي ڪري ان
مصريءَ جي گهر ۾ برڪت وڌي. جيڪي ڪجهه وٽس گهر ۾ توڙي
ٻنيءَ ۾ هو تنهن سڀ ۾ خداوند جي برڪت پيئي. 6 فوطيفار سڀ
ڪجهه يوسف جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو. هو جيڪا ماني کائيندو هو
تنهن کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به شيءِ سان واسطو ڪونه رکندو هو.
يوسف سهڻو ۽ خوبصورت هو. 7 ڪجهه وقت کان پوءِ سندس
مالڪ فوطيفار جي زال منجهس اکيون وڌيون ۽ چيائينس ته ”مون
سان اچي سمهه.“ 8 پر يوسف نه مڃيو ۽ چيائينس ته ”ڏس،
منهنجي مالڪ کي ڪنهن به ڳالهه جي فڪر ڪرڻ جي ضرورت
ناهي ته گهر ۾ ڇا ڪجهه آهي. جيڪي ڪجهه به اٿس سو سڀ
ڪجهه منهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو اٿائين. 9 هن گهر ۾ مون کان
وڏو ٻيو ڪوبه ڪونهي. هن ڪابه شيءِ مون کان پري نه رکي آهي،
سواءِ توهان جي، ڇالاءِجو توهين سندس زال آهيو. پوءِ ڀلا آءٌ ڪيئن
هھڙو بڇڙو ڪم ڪريان ۽ خدا جو ڏوهاري ٿيان؟“ 10 جيتوڻيڪ هوءَ
هر روز يوسف کي چوندي رهي، ته به يوسف ساڻس سمهڻ واري
ڳالهه ته نه مڃي، بلڪ وٽس رهڻ به قبول نه ڪيائين.
11 اتفاق سان هڪڙي ڏينهن يوسف گهر ۾ پنهنجو ڪم ڪرڻ لاءِ
ويو ته گهر جي ماڻهن مان ڪوبه اندر ڪونه هو. 12 تڏهن انهيءَ
عورت چولي کان ڪٽي ورتس ۽ چيائينس ته ”اچي مون سان سمهه.“
پر يوسف پنهنجو چولو هن جي هٿ ۾ ئي ڇڏي وٺي ڀڳو ۽ ٻاهر
نڪري ويو. 13 انهيءَ عورت ڏٺو ته ”هو پنهنجو چولو منهنجي هٿ
۾ ڇڏي ڀڄي ويو آهي.“ 14 سو پنهنجي گهر جي ماڻهن کي رڙيون
ڪري سڏيائين ۽ کين چيائين ته ”هي ڏسو، منهنجو مڙس ڪھڙي
عبرانيءَ کي وٺي آيو آهي، جيڪو اسان جي عزت ٿو لاهي. هو
مون سان زوري ڪرڻ جي لاءِ اندر گهڙي آيو هو پر مون وٺي رڙيون
ڪيون. 15 جڏهن هن مون کي رڙيون ڪندي ڏٺو تڏهن پنهنجو چولو
مون وٽ ڇڏي پاڻ ڀڄي ٻاهر نڪري ويو آهي.“ 16 سو جيستائين
يوسف جو مالڪ گهر ۾ نه آيو تيستائين يوسف وارو چولو پاڻ وٽ
رکي ڇڏيائين. 17 پوءِ هن کي ساڳي ڳالهه ڪري ٻڌايائين ته ”جيڪو
عبراني غلام تو اسان لاءِ خريد ڪري آندو آهي، سو منهنجي عزت
لاهڻ لاءِ مون وٽ اندر گهڙي آيو هو. 18 پر جڏهن مون وٺي رڙيون
ڪيون تڏهن هو پنهنجو چولو مون وٽ ڇڏي پاڻ ٻاهر ڀڄي ويو.“
19 جڏهن يوسف جي مالڪ پنهنجيءَ زال جي اها ڳالهه ٻڌي ته
ڪاوڙ ۾ ٻاهر ٿي ويو. 20 سو يوسف کي ڪٽي انهيءَ جيل ۾ وڌائين
جنهن ۾ بادشاهه جا ٻيا قيدي بند هئا ۽ هو انهيءَ جيل ۾ رهڻ لڳو.
21 پر خداوند يوسف سان هو. هن يوسف تي ٻاجهه ڪئي ۽ جيلر
کي مٿس مهربان ڪيائين. 22 جيلر سڀني قيدين کي يوسف جي هٿ
۾ ڏيئي ڇڏيو، سو جيڪو ڪم اتي ٿيندو هو اهو يوسف هلائيندو
هو. 23 جيڪو ڪم هن جي هٿ هيٺ هو تنهن تي جيلر نظرداري
ڪونه ڪندو هو، ڇالاءِجو خداوند يوسف سان هو ۽ يوسف کي هر
ڪنهن ڪم ۾ ڪاميابي عطا ٿي ڪيائين.

## قيدين جا خواب ۽ يوسف جو تعبير

40 1 ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مصر جي بادشاهه جي ساقيءَ
۽ هڪڙي نانوائيءَ پنهنجي مالڪ مصر جي بادشاهه جو
ڪو ڏوهه ڪيو. 2 تنهنڪري فرعون پنهنجن ٻنهي عملدارن، وڏي
ساقيءَ ۽ وڏي نانوائيءَ تي ڏاڍو ڪاوڙيو. 3 پوءِ هن کين پهريدار
سپاهين جي سالار جي گهر ۾، انهيءَ ساڳيءَ قيدخاني ۾ قيد
ڪرائي ڇڏيو جتي يوسف بند هو. 4 پهريدارن جي سالار انهن کي
يوسف جي حوالي ڪيو. يوسف هنن جي خدمت ڪندو رهيو ۽ هو
ڪجهه وقت قيد ۾ رهيا. 5 پوءِ انهن ٻنهي يعني مصر جي بادشاهه
جي ساقيءَ ۽ نانوائيءَ جيڪي قيد ۾ بند هئا، تن ساڳيءَ ئي رات
پنهنجي پنهنجي منهن خواب لڌو. سندن خوابن جو تعبير ڌار ڌار
هو. 6 صبح جو جڏهن يوسف وٽن آيو تڏهن ڏٺائين ته هو پريشان
آهن. 7 تنهن تي کانئن پڇيائين ته ”اڄ اهڙا پريشان ڇو آهيو؟“
8 هنن وراڻيس ته ”اسان ٻنهي ڄڻن هڪ هڪ خواب لڌو آهي، جن
جو تعبير ڪرڻ وارو هتي ڪوبه ڪونهي.“ تنهن تي يوسف کين
چيو ته ”خوابن جي تعبير جو علم خدا جي طرفان آهي. مون کي
پنهنجا خواب ٻڌايو.“
9 تڏهن وڏي ساقيءَ يوسف کي پنهنجو خواب ٻڌايو. کيس
چيائين ته ”مون پنهنجي خواب ۾ ڏٺو ته هڪڙي انگورن جي ول
منهنجي سامهون آهي. 10 انهيءَ ول ۾ ٽي ٽاريون هيون. جيئن ئي
ان ٻور ڪيو ته منجهس گل نڪتا ۽ ان جا ڇڳا ڦري پڪل انگور ٿي

2:39 رس 9:7    21:39 رس 9:7

پيا. 11 فرعون جو پيالو منهنجي هٿ ۾ هو، سو مون انگور ڪٽي
فرعون جي پيالي ۾ نچوڙيا ۽ اهو پيالو فرعون جي هٿ ۾ ڏنم."
12 تڏهن يوسف کيس چيو تہ "انهيءَ جو تعبير هي آهي تہ اهي
ٽي ٽاريون ٽي ڏينهن آهن. 13 ٽن ڏينهن جي اندر فرعون تو کي آزاد
ڪندو ۽ تو کي تنهنجو عهدو موٽائي ڏيندو. اڳي وانگر جيئن تون
سندس ساقي هئين، تيئن تون وري بہ فرعون جو پيالو سندس هٿ ۾
ڏيندين. 14 پر جڏهن تنهنجو ڀلو ٿئي تڏهن مهرباني ڪري منهنجي
يادگيري ڪجانءِ ۽ فرعون وٽ منهنجو ذڪر ڪري مون کي هتان
ٻاهر ڪڍائجانءِ. 15 ڇوتہ سچپچ تہ مون کي عبرانين جي ملڪ مان
زوريءَ هتي ڪٽي آيا هئا ۽ هتي مون ڪوبہ اهڙو ڪم ڪونہ ڪيو
آهي جو مون کي قيدخاني ۾ وڌو وڃي."
16 جڏهن وڏي نانوائيءَ ڏٺو تہ يوسف سٺو تعبير ٻڌايو آهي تڏهن
يوسف کي چيائين تہ "مون بہ خواب لڌو آهي، جنهن ۾ ڏسان ٿو تہ
ٽي مانيءَ واريون ٽوڪريون منهنجي مٿي تي آهن. 17 سڀ کان مٿين
ٽوڪريءَ ۾ فرعون جي لاءِ هر قسم جا پڪل طعام هئا. پر پکين
انهيءَ ٽوڪريءَ مان پئي کاڌو جيڪا منهنجي مٿي تي رکي هئي."
18 يوسف چيس تہ "انهيءَ جو تعبير هي آهي تہ اهي ٽي ٽوڪريون ٽي
ڏينهن آهن. 19 ٽن ڏينهن جي اندر فرعون تنهنجي سسي لهرائي تو
کي وڻ ۾ لٽڪائي ڇڏيندو ۽ پکي تنهنجو ماس تو مان پٽي کائيندا."
20 هاڻ ٽين ڏينهن فرعون جي سالگره هئي، تنهن ڏينهن هن
پنهنجن سڀني نوڪرن جي دعوت ڪئي. هن وڏي ساقيءَ ۽ وڏي
نانوائيءَ کي آزاد ڪري پنهنجي سڀني نوڪرن جي سامهون گهرايو.
21 هن وڏي ساقيءَ کي وري سندس اڳئين عهدي تي مقرر ڪيو،
جنهن فرعون جي هٿ ۾ پيالو ڏنو. 22 پر وڏي نانوائيءَ کي جيئن
يوسف کين تعبير ڪري ٻڌايو هو ڦاسيءَ تي چاڙهيائين. 23 انهيءَ
هوندي بہ وڏي ساقيءَ يوسف جي يادگيري ڪانہ ڪئي، بلڪ کيس
وساري ڇڏيائين.

## فرعون جو خواب ۽ يوسف جو تعبير

41 1 ٻن سالن گذرڻ کان پوءِ مصر جي بادشاهہ فرعون هڪ
خواب لڌو. هن ڏٺو تہ هو پاڻ نيل نديءَ جي ڪپ تي بيٺو
آهي. 2 اُتي ست ٿاهوڪيون ۽ ٿلهيون ڳئون نيل نديءَ مان نڪتيون
۽ گاهہ چرڻ لڳيون. 3 انهن جي پٺيان ست ٻيون بدشڪل ۽ ڏٻريون
ڳئون نڪتيون ۽ نيل نديءَ جي ڪناري تي انهن جي پرسان اچي
بيٺيون. 4 اهي بدشڪل ۽ ڏٻريون ڳئون انهن ٿاهوڪين ۽ ٿلهين ستن
ڳئن کي ڳڙڪائي ويون. پوءِ فرعون کي جاڳ ٿي ويئي.
5 هو وري سمهي پيو ۽ هڪ ٻيو خواب لڌائين. هن ڏٺو تہ ست
ان سان ڀريل ٿلها ۽ سٺا سنگ هڪڙي ڪاني مان نڪتا. 6 انهن
کان پوءِ ٻيا ست سنگ سنهڙا ۽ جهولي جا سڙيل ڦٽي نڪتا. 7 اهي
سنهڙا ست سنگ انهن ٿلهن ۽ ان سان ڀريل ستن سنگن کي ڳڙڪائي
ويا. پوءِ فرعون کي جاڳ ٿي ويئي ۽ سمجهيائين تہ هو خواب ڏسي
رهيو هو. 8 صبح جو هن جي دل گهٻرائڻ لڳي. سو هن مصر جا
سڀيئي جادوگر ۽ ڏاها ماڻهو گهرايا. فرعون انهن کي پنهنجا خواب
ٻڌايا پر انهن مان ڪوبہ سندس خوابن جو تعبير نہ ڪري سگهيو.
9 تڏهن وڏي ساقيءَ فرعون کي چيو تہ "اڄ مون کي پنهنجون
خطائون ياد ٿيون پون. 10 هڪ دفعي توهان پنهنجن نوڪرن تي
ڪاوڙيا هئا. توهان مون کي ۽ وڏي نانوائيءَ کي پهريدارن جي نگران
جي گهر ۾ بند ڪرايو هو. 11 اُتي اسان ٻنهي ڄڻن ساڳيءَ ئي رات
پنهنجي پنهنجي منهن خواب لڌو. انهن خوابن جو تعبير ڌار ڌار
هو. 12 اُتي اسان سان گڏ هڪڙو عبراني جوان بہ هو جيڪو پهريدارن
جي نگران جو نوڪر هو. اسان انهيءَ کي پنهنجا خواب ٻڌايا ۽ هن
هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي خواب جو تعبير ٻڌايو. 13 جيئن هن
تعبير ڪيو هو تيئن ئي ٿيو. مون کي منهنجو عهدو موٽي مليو ۽
هن کي ڦاسي ملي."
14 تڏهن فرعون يوسف کي وٺي اچڻ جو حڪم ڏنو. سو کيس جلد
قيدخاني مان آندو ويو. هو سيرب نهرائي ۽ ڪپڙا بدلائي فرعون
وٽ آيو. 15 فرعون يوسف کي چيو تہ "مون هڪڙو خواب لڌو آهي ۽
ڪوبہ ماڻهو انهيءَ جو تعبير نہ ٿو ڪري سگهي. پر تنهنجي باري
۾ ٻڌو اٿم تہ تون خوابن جو تعبير ڪري ٿو سگهين." 16 يوسف
فرعون کي ورندي ڏني تہ "اهو منهنجي هٿ ۾ ناهي، خدا فرعون
کي خير جو جواب ڏيندو."
17 پوءِ فرعون يوسف کي چيو تہ "مون خواب ۾ ڏٺو تہ آءٌ نيل
نديءَ جي ڪناري تي بيٺو آهيان. 18 ڇا ڏسان تہ ست ٿاهوڪيون
۽ ٿلهيون ڳئون نديءَ مان نڪتيون ۽ گاهہ چرڻ لڳيون. 19 انهن
جي پٺيان وري ست ٻيون ڪمزور، بدشڪل ۽ ڏٻريون ڳئون نديءَ
مان نڪري آيون. مون اهڙيون بدشڪل ڳئون سڄي مصر جي ملڪ
۾ ڪڏهن ڪونہ ڏٺيون آهن. 20 پوءِ اهي ڏٻريون ۽ بدشڪل ڳئون
پهرين ستن ٿلهين ڳئن کي کائي ويون. 21 جڏهن هو انهن کي کائي
ويون، تڏهن ائين معلوم ئي ڪونہ ٿي ٿيو تہ ڪو هو انهن جي پيٽ
۾ ويون آهن، ڇالاءِجو اهي اڃا بہ اهڙيون ئي بدشڪل ٿي لڳيون
جهڙيون پهريائين هيون. پوءِ مون کي جاڳ ٿي ويئي. 22 مون وري
ٻيو خواب لڌو جنهن ۾ ڏٺم تہ هڪڙي ڪاني تي ست سنگ ڀريل
۽ چڱا نڪتا. 23 انهن کان پوءِ ٻيا ست سنگ ڪومايل، سنهڙا ۽
جهولي جا سڙيل نڪتا. 24 اهي سنهڙا سنگ انهن ستن چڱن سنگن
کي ڳڙڪائي ويا. مون اها ڳالهہ جادوگرن کي ٻڌائي پر ڪوبہ مون
کي انهيءَ جو مطلب سمجهائي نہ سگهيو."
25 تڏهن يوسف فرعون کي چيو تہ "انهن ٻنهي خوابن جو مطلب
ساڳيو ئي آهي. خدا جيڪي ڪرڻ وارو آهي، سو تو کي ڏيکاريو

8:41 دان 2:2

اٿس. 26 ست چڱيون ڳئون ست سال آهن ۽ ست چڱا سنگ بہ ست
سال آهن، خواب هڪڙو ئي آهي. 27 اهي ست ڏٻريون ۽ بدشڪل
ڳئون جيڪي پوءِ آيون ۽ ست خالي ۽ جهولي جا سڙيل سنگ، سي
ڏڪار جا ست سال آهن. 28 اها ئي ڳالهہ آهي جا مون تو کي ٻڌائي
آهي. خدا جيڪي ڪرڻ وارو آهي سو تو کي ڏيکاريو اٿس. 29 سڄي
مصر جي ملڪ ۾ ست سال ڏاڍي سڪار جا اچڻ وارا آهن. 30 پر
انهن کان پوءِ ست سال ڏڪار پوندو. پوءِ اهو سڄو سڪار مصر
جي ملڪ ۾ ماڻهن کان وسري ويندو، ڇوتہ ڏڪار ملڪ کي تباهہ
ڪري ڇڏيندو. 31 ملڪ ۾ ايندڙ اهو ڏڪار ايترو تہ سخت هوندو جو
انهيءَ سڪار جو ملڪ ۾ نالو نشان ئي نہ رهندو. 32 اهو خواب جو
تو کي بہ پيرا ڏيکاريو ويو آهي، تنهن جو مطلب آهي تہ اها ڳالهہ
خدا مقرر ڪري ڇڏي آهي ۽ هو جلد ائين ڪندو.
33 تنهنڪري هاڻي اوهان کي گهرجي تہ ڪو سمجهو ۽ سياڻو
ماڻهو ڳولهي هٿ ڪري کيس مصر جي ملڪ تي وزير اعظم مقرر
ڪريو. 34 فرعون جي اختياريءَ هيٺ هو ملڪ جي مٿان داروغا مقرر
ڪري ۽ سڪار وارن ستن سالن دوران سڄي مصر جي ملڪ مان
پيداوار جو پنجون حصو اُڳاڙي. 35 اهي داروغا انهن اچڻ وارن چڱن
سالن دوران سموريون کاڌي جون شيون گڏ ڪن ۽ فرعون جي هٿ
هيٺ هر شهر ۾ اناج جا انبار ڪن ۽ انهن جي سنڀال ڪن. 36 اُهو
ئي اناج مصر ملڪ ۾ ايندڙ ڏڪار جي ستن سالن جي لاءِ ذخيرو
هوندو. اهڙيءَ طرح ملڪ تباهہ ٿيڻ کان بچي ويندو."

## يوسف جو وزير اعظم مقرر ٿيڻ

37 اها ڳالهہ فرعون ۽ سندس عملدارن کي چڱي نظر آئي. 38 سو
فرعون پنهنجي عملدارن کي چيو تہ "اسان کي هن کان وڌيڪ سنو
ماڻهو هٿ نہ ايندو، هڪ اهڙو ماڻهو جنهن ۾ خدا جو روح آهي."
39 پوءِ فرعون يوسف کي چيو تہ "جڏهن تہ خدا تو کي اهو سڀ
ڪجهہ سمجهايو آهي، تہ پوءِ تون ئي وڏو سمجهو ۽ سياڻو آهين.
40 تون منهنجي محلات جو مختيار ٿيءُ. منهنجي ساري رعيت
تنهنجي حڪم موجب هلندي، فقط تخت جي مالڪ هئڻ ڪري
منهنجو درجو تو کان مٿي هوندو." 41 پوءِ فرعون يوسف کي چيو تہ
"آءٌ تو کي مصر جي ساري ملڪ مٿان وزير اعظم مقرر ڪريان ٿو."
42 ان بعد فرعون مُهر واري منڊي پنهنجيءَ آڱر مان لاهي يوسف
کي آڱر ۾ پارائي. کيس عمدي ڪپڙي جو جبو ڍڪايائين ۽ هڪڙي
سوني زنجيري سندس ڳچيءَ ۾ پارايائينس. 43 هن کيس پاڻ کان
ٻئي درجي واري گاڏيءَ ۾ ويهاريو ۽ سندس اڳيان پڙهو ڏياريائين
تہ "گوڏا کوڙيو! گوڏا کوڙيو!" اهڙيءَ طرح هن يوسف کي مصر
جي سڄي ملڪ تي وزير اعظم مقرر ڪيو.
44 پوءِ فرعون يوسف کي چيو تہ "آءٌ فرعون آهيان. تنهنجي
حڪم کان سواءِ مصر جي سڄي ملڪ ۾ ڪوبہ ماڻهو هٿ پير نہ
چوريندو." 45 فرعون پنهنجي ٻوليءَ ۾ يوسف جو نالو صفنات‌فعنيح
رکيو. هن يوسف جي شادي اون شهر جي مذهبي اڳواڻ فوطيفرع
جي ڌيءَ آسنات سان ڪرائي. پوءِ يوسف مصر جي سڄي ملڪ جو
گشت ڪيو.
46 ان وقت يوسف ٽيهن سالن جو هو جڏهن مصر جي بادشاهہ
فرعون جي نوڪري شروع ڪيائين. پوءِ يوسف فرعون جي دربار
مان نڪري مصر جي سڄي ملڪ جو دورو ڪرڻ لڳو. 47 سڪار جي
ستن سالن دوران زمين تي تمام جهجهو فصل ٿيو. 48 تڏهن يوسف
مصر ۾ سڪار وارن ستن ئي سالن جو سمورو اناج گڏ ڪيو ۽ هر
قسم جو کاڌو آٿي شهرن ۾ گڏ ڪري رکيائين. جيڪا ٻني جنهن
شهر کي ويجهي هئي تنهن جو اناج انهيءَ ويجهي شهر ۾ گڏ
ڪري رکيائين. 49 اهڙيءَ طرح يوسف سمنڊ جي واريءَ وانگر ايترو
تہ گهڻو اناج گڏ ڪيو جو انهيءَ جو حساب رکڻ بہ ڇڏي ڏنائين،
ڇالاءِجو اهو حساب کان ٻاهر هو.
50 ڏڪار کان اڳ ۾ يوسف کي اون شهر جي مذهبي اڳواڻ
فوطيفرع جي ڌيءَ آسنات مان ٻہ پٽ ڄاوا. 51 يوسف وڏي جو نالو
*منسي رکيو، جيئن تہ چيائين تہ "خدا منهنجي سڄي تڪليف ۽
منهنجي پيءُ جو گهر مون کان وسارائي ڇڏيو آهي." 52 هن ٻئي
جو نالو †افرائيم رکيو، جيئن تہ چيائين تہ "خدا منهنجيءَ مصيبت
واري ملڪ ۾ مون کي وڌايو آهي."
53 پوءِ مصر جي ملڪ ۾ اهي سڪار وارا ست سال اچي پورا ٿيا
54 ۽ ڏڪار جا ست سال شروع ٿيا، جيئن يوسف چيو هو. ٻين سڀني
ملڪن ۾ بہ اچي ڏڪار پيو، پر مصر جي سڄي ملڪ ۾ کاڌو موجود
هو. 55 پوءِ جڏهن مصر جا ماڻهو بک ۾ ٻاهہ ٿيڻ لڳا تڏهن کاڌي لاءِ
فرعون وٽ اچي دانهون ڪرڻ لڳا. فرعون انهن کي چيو تہ اوهين
يوسف وٽ وڃو ۽ جيڪي هو اوهان کي چوي سو ڪريو. 56 سو جڏهن
ڏڪار سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويو، تڏهن يوسف اناج جا سمورا ڀانڊا
کولائي مصرين کي اناج وڪڻڻ لڳو، ڇوتہ سڄي مصر ۾ ڏڪار
سخت ٿي ويو هو. 57 پوءِ تہ سڄيءَ دنيا جا ماڻهو اناج خريد ڪرڻ
لاءِ مصر ۾ يوسف وٽ آيا، ڇالاءِجو سڄيءَ دنيا ۾ سخت ڏڪار هو.

*منسي: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "وسارائڻ".
†افرائيم: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "اولادي ڪرڻ".

40:41 رس 10:7 42:41 دان 29:5 54:41 رس 11:7 55:41 يو 5:2

## يوسف جي ڀائرن جو مصر ڏانهن وڃڻ

42 1جڏهن يعقوب کي اها خبر پيئي تہ مصر ۾ اناج ملي ٿو،
تڏهن پنهنجن پٽن کي چيائين تہ ”اوهين ڇو وينا هڪٻئي
جي منهن ڏانهن نهاريو؟“ 2وڌيڪ چيائين تہ ”مون ٻڌو آهي تہ
مصر ۾ اناج آهي. سو اوهين اوڏانهن وڃو ۽ اتان اسان جي لاءِ
خريد ڪري اچو تہ جيئن اسان بک وگهي مري نہ وڃون.“ 3تڏهن
يوسف جي ڀائرن مان ڏهہ ماٽيلا ڀائر اناج خريد ڪرڻ لاءِ مصر ڏانهن
ويا. 4پر يعقوب يوسف جي سڳي ڀاءُ بنيامين کي انهن سان گڏ
نہ موڪليو، ڇاڪاڻ‌تہ هو ڊنو ٿي تہ متان مٿس ڪا مصيبت اچي
پوي. 5سو يعقوب جا پٽ بہ اناج خريد ڪرڻ لاءِ ٻين ماڻهن سان
گڏ اتي آيا، ڇالاءِجو ڪنعان جي ملڪ ۾ بہ ڏڪار هو.
6يوسف ملڪ جو وزير اعظم هو ۽ هن ئي ملڪ جي سڀني
ماڻهن کي اناج پئي وڪيو. سو يوسف جا ڀائر آيا ۽ اچي يوسف جي
اڳيان زمين تي جهڪي ڪيس سلام ڪيائون. 7يوسف پنهنجن ڀائرن
کي ڏسي ڪين سڃاتو، پر نہ سڃاڻڻ وارو نمونو ڪري ساڻن کهرو
ڳالهايائين. هن کانئن پڇيو تہ ”ڪٿان ٿا اچو؟“ هنن ورندي ڏني تہ
”اسين کاڌو خريد ڪرڻ لاءِ ڪنعان ملڪ مان آيا آهيون.“ 8يوسف
تہ پنهنجن ڀائرن کي سڃاتو پر هنن کيس نہ سڃاتو. 9پوءِ يوسف
کي اهي خواب ياد آيا جيڪي هنن جي بابت ڏٺا هئائين. تڏهن کين
چيائين تہ ”اوهين جاسوس آهيو ۽ هن ملڪ جي تنگ حالت ڏسڻ آيا
آهيو.“ 10پر انهن جواب ڏنو تہ ”نہ آقا! اسين توهان جا غلام کاڌو
خريد ڪرڻ آيا آهيون. 11اسين سڀيئي پاڻ ۾ ڀائر آهيون. اسين سچا
آهيون. اسين توهان جا غلام جاسوس ناهيون.“ 12يوسف چين تہ
”نہ، اوهين هن ملڪ جي تنگ حالت ڏسڻ آيا آهيو.“ 13هنن وراڻيو
تہ ”اسين توهان جا غلام ڪنعان ملڪ جي هڪڙي ئي ماڻهوءَ جا
پٽ، پاڻ ۾ ٻارهن ڀائر هئاسون. سڀني کان ننڍو هن وقت اسان جي
پيءُ وٽ آهي ۽ هڪڙي جو پتو ڪونهي.“
14يوسف چين تہ ”ڳالهہ اها ئي آهي جيڪا مون اوهان کي چئي
آهي تہ اوهين جاسوس آهيو. 15هاڻي هن ريت اوهان کي آزمائجي
ٿو، فرعون جي سر جو قسم آهي تہ جيستائين اوهان جو سڀني کان
ننڍو ڀاءُ هتي نہ ايندو تيستائين اوهين هتان وڃي ڪين سگهندا.
16اوهان پاڻ مان هڪڙي کي موڪليو تہ اهو وڃي کيس وٺي اچي.
جيستائين اوهان جي ڳالهہ جي خاطري ٿئي تہ اوهين سچا آهيو يا
نہ، تيستائين اوهين ٻيا هتي قيدي ٿي رهو. نہ تہ فرعون جي سر
جو قسم آهي تہ اوهين پڪ جاسوس آهيو.“ 17پوءِ هن سڀني کي
گڏ ٽن ڏينهن تائين قيد ۾ بند رکيو.
18ٽئين ڏينهن تي يوسف کين چيو تہ ”مون کي خدا جو خوف آهي،
سو اوهين جيڪڏهن هيئن ڪندءُ تہ اوهان جي جان بچي ويندي.
19جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ اوهان مان هڪڙو انهيءَ قيدخاني
۾ رهي ۽ ٻيا اناج کڻي پنهنجن ڏڪاريل گهرن ڏانهن وڃن. 20پوءِ
اوهين پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي ضرور مون وٽ وٺي اچجو. اهڙيءَ
طرح اوهان جي ڳالهہ سچي ثابت ٿيندي ۽ اوهين مرڻ کان بچي
ويندا.“ هو ائين ڪرڻ تي راضي ٿيا.
21هو هڪٻئي کي چوڻ لڳا تہ ”جيڪي ڪجهہ اسان پنهنجي ڀاءُ
سان ڪيو هو، اڄ انهيءَ جو نتيجو لوڙيون ٿا. جڏهن هن جي دل
پيڙجي رهي هئي ۽ اسان کي آزيون نيزاريون ٿي ڪيائين تہ بہ اسان
هن جي نہ ٻڌي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ هيءَ مصيبت اسان تي
آئي آهي.“
22تڏهن روبن کين وراڻيو تہ ”مون اوهان کي ڪونہ چيو هو تہ
’ڇوڪري سان ظلم نہ ڪريو.‘ پر اوهان منهنجي نہ ٻڌي. هاڻ
انهيءَ جي خون جي پڇا ٿي آهي.“ 23هنن کي اها خبر ڪانہ هئي
تہ سندن ڳالهہ‌ٻولهہ يوسف سمجهي رهيو آهي، ڇالاءِجو يوسف ۽
سندن وچ ۾ هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ ترجمو ٿي ڪيو. 24يوسف هنن کان
پريرو وڃي روئڻ لڳو. پوءِ وري وٽن موٽي اچي ساڻن ڳالهايائين.
پوءِ هن انهن مان شمعون کي وٺي سندن روبرو کيس ٻڌائين.

## يوسف جي ڀائرن جي ڪنعان ڏانهن واپسي

25يوسف حڪم ڏنو تہ هنن جي ٻورن ۾ اناج ڀريو وڃي ۽ هر
ڪنهن جا پيسا بہ موٽائي سندن ٻوري ۾ وڌا وڃن ۽ کين واٽ جي
لاءِ سمر بہ ڏنو وڃي. سو جيئن يوسف چيو تيئن ئي ڪيو ويو.
26پوءِ هنن پنهنجن گڏهن تي اناج لڏيو ۽ اتان روانا ٿيا. 27هو
رات جو هڪ جاءِ تي ترسيا. انهن مان هڪڙي ڄڻي پنهنجي گڏهہ
کي داڻي ڏيڻ لاءِ جيئن ئي پنهنجو ٻورو کوليو تہ ڇا ڏسي تہ ٻوري
جي منهن ۾ سندس پيسا رکيل هئا! 28تڏهن هن پنهنجن ڀائرن کي
رڙ ڪري چيو تہ ”ڏسو، ڏسو! منهنجا پيسا تہ موٽائي وڌا اٿن.
اهي تہ منهنجي ٻوري جي منهن ۾ پيا آهن.“ تڏهن هنن جو ساهہ
ئي سڪي ويو ۽ ڪنبندي هڪٻئي کي چوڻ لڳا تہ ”هي خدا اسان
سان ڇا ڪيو آهي؟“ 29جڏهن هو ڪنعان جي ملڪ ۾ پنهنجي پيءُ
يعقوب وٽ پهتا تہ جيڪي ڪجهہ ساڻن وهيو واپريو هو سو کيس
ٻڌايائون. 30کيس چيائون تہ ”مصر جي وزير اعظم اسان سان کهرو
ڳالهايو ۽ اسان کي انهيءَ ملڪ جا جاسوس ڪري سمجهيائين.
31اسان کيس چيو تہ ’اسين سچا ماڻهو آهيون. اسين جاسوس نہ
آهيون. 32اسين هڪڙي ئي پيءُ جا پٽ، پاڻ ۾ ٻارهن ڀائر هئاسون.
هڪڙي جو پتو ڪونهي، باقي سڀني کان ننڍو هن وقت ڪنعان جي
ملڪ ۾ اسان جي پيءُ وٽ آهي.‘ 33تنهن تي انهيءَ وزير اعظم چيو
تہ ’آءٌ تڏهن سمجهندس تہ اوهين سچا آهيو جڏهن اوهين پنهنجو
هڪڙو ڀاءُ هتي مون وٽ ڇڏيو، باقي ٻيا پنهنجن ڏڪاريل گهرن لاءِ

اناج ڪٽو ۽ هليا وڃو. 34 مگر پنهنجي سڀ کان ننڍي ڀاءُ کي مون
وٽ وٺي اچو. تڏهن آءٌ سمجهندس تہ اوهين جاسوس نہ پر سچا
آهيو. پوءِ آءٌ اوهان جو ڀاءُ اوهان کي واپس ڪندس ۽ اوهين ڀلي هن
ملڪ ۾ وڻج واپار ڪجو.’”

35 پوءِ جڏهن هنن پنهنجا ٻورا خالي ڪيا، تڏهن ڇا ڏسن تہ هر
ڪنهن جي پيسن جي ٿيلهي سندس ٻوري ۾ پيئي هئي. پوءِ تہ
هو ۽ سندن پيءُ پيسن جون ٿيلهيون ڏسي ڊڄي ويا. 36 سندن پيءُ
کين چيو تہ “اوهان مون کي بي‌اولاد ڪندا ٿا وڃو. يوسف هليو
ويو، شمعون هليو ويو ۽ هاڻي بنيامين کي بہ وٺي ويندءُ. اهي سڀ
سور مون لاءِ ئي آهن.” 37 تڏهن روبن پنهنجي پيءُ کي چيو تہ
“جيڪڏهن آءٌ بنيامين کي موٽائي تو وٽ نہ آڻيان تہ تون منهنجا
ٻئي پٽ ماري ڇڏجانءِ. هن کي منهنجي هٿن ۾ ڏي ۽ آءٌ کيس
موٽائي تو وٽ آڻيندس.” 38 پر يعقوب چيو تہ “منهنجو پٽ اوهان
سان اوڏانهن نہ هلندو. هن جو ڀاءُ مري ويو آهي ۽ هو اڪيلو وڃي
بچيو آهي. جيڪڏهن رستي ۾ هن تي ڪا آفت اچي پيئي تہ پوءِ
اوهين مون پيرسن ماڻهوءَ کي انهيءَ جي غم ۾ قبر داخل ڪندا.”

## يوسف جي ڀائرن جو مصر ڏانهن ٻيو سفر

43 1 ڪنعان ملڪ ۾ ڏڪار تمام سخت ٿيندو ويو. 2 جڏهن
هنن اهو ڪاڌو کائي کپائي ڇڏيو جيڪو مصر مان آندو
هئائون، تڏهن سندن پيءُ چين تہ “وري وڃو ۽ اسان جي لاءِ ڪجهہ
اناج خريد ڪري اچو.” 3 تڏهن يهوداہ کيس چيو تہ “انهيءَ ماڻهوءَ
اسان کي سختيءَ سان چتاءُ ڏنو هو تہ ‘جيڪڏهن اوهان جو ڀاءُ
اوهان سان نہ هجي تہ منهنجي سامهون نہ اچجو.’ 4 سو جيڪڏهن
توهين اسان جي ڀاءُ کي اسان سان گڏ موڪليو ٿا تہ پوءِ اسين وڃي
اوهان جي لاءِ ڪاڌو خريد ڪري ايندا‌سين. 5 پر جيڪڏهن توهين نہ
ٿا موڪليو تہ پوءِ اسين نہ ويندا‌سين، ڇالاءِجو هن ماڻهوءَ اسان کي
چيو هو تہ ‘جيڪڏهن اوهان جو ڀاءُ اوهان سان نہ هجي تہ منهنجي
سامهون نہ اچجو.’” 6 يعقوب چيو تہ “اوهان مون سان اها جٺ
ڇو ڪئي جو هن کي ٻڌايوَ تہ اسان جو ٻيو بہ هڪڙو ڀاءُ آهي.”
7 هنن وراڻيو تہ “انهيءَ ماڻهوءَ اسان کان ورجائي ورجائي اسان ۽
اسان جي خاندان جي باري ۾ پڇيو پئي. هن پڇيو ٿي تہ ‘ڇا اوهان
جو پيءُ اڃا جيئرو آهي؟ ڇا اوهان جو ٻيو بہ ڪو ڀاءُ آهي؟’ اسان
تہ رڳو هن جي سوالن جا جواب ڏنا. اسان کي ڪهڙي خبر هئي
تہ هو چوندو تہ ‘وڃي پنهنجي ڀاءُ کي وٺي اچو.’” 8 پوءِ يهوداہ
پنهنجي پيءُ يعقوب کي چيو تہ “ڇوڪر کي مون سان ڇڏيو تہ
اسين اٿي روانا ٿيون، تہ جيئن اسين، توهين ۽ اسان جا ننڍڙا ٻار مرڻ
کان بچون. 9 آءٌ هن جو ضامن آهيان. توهين منهنجي ئي هٿان اهو
موٽائي وٺجو. جيڪڏهن آءٌ هن کي وري آڻي توهان جي اڳيان حاضر
نہ ڪريان تہ پوءِ آءٌ عمر ڀر توهان جو ڏوهاري ٿيندس. 10 جيڪڏهن

اسين دير نہ ڪريون ها تہ هن وقت تائين اُتان جا ٻہ چڪر لڳائي
چڪا هجون ها.”

11 تڏهن سندن پيءُ يعقوب کين چيو تہ “جي ائين آهي تہ پوءِ گهٽ
۾ گهٽ هيئن ڪريو جو هن ملڪ جي عمدن ميون مان ڪي پنهنجن
ٻورن ۾ وجهو ۽ اهي سوکڙيءَ طور وزير اعظم لاءِ کڻي وڃو. تن
۾ ٿورو سرهو تيل، ٿوري ماکي، ڪونئر، مُرَ، پستا ۽ باداميون هجن.
12 ٻيڻا پيسا بہ پاڻ سان کڻي وڃو، ڇوتہ جيڪي پيسا اوهان جي ٻورن
۾ موٽائي وڌا ويا هئا سي ضرور واپس ڪريو، متان اها ڀُل چُڪ ٿي
هجي. 13 پنهنجي ڀاءُ کي پاڻ سان گڏ وٺي جلدي انهيءَ وزير اعظم
وٽ موٽي وڃو. 14 شال قادرِمطلق خدا انهيءَ کي اوهان تي مهربان
ڪري، تہ جيئن هو بنيامين ۽ اوهان جي ٻئي ڀاءُ کي اوهان سان گڏ
ڇڏي ڏئي. باقي جيڪڏهن آءٌ بي‌اولادي ٿيان تہ ٿيان.”

15 پوءِ هنن سوکڙيون ۽ ٻيڻا پيسا کنيا ۽ بنيامين کي ساڻ ڪري
مصر ڏانهن روانا ٿيا. اتي پهچي هنن پاڻ کي يوسف جي اڳيان وڃي
حاضر ڪيو. 16 جڏهن يوسف بنيامين کي انهن سان گڏ ڏٺو، تڏهن
پنهنجي گهر جي منتظم کي چيائين تہ “هنن ماڻهن کي منهنجي
گهر وٺي وڃ ۽ ڪو جانور ڪهي ڪاڌو تيار ڪر، ڇوتہ اهي منجهند
جي ماني مون سان گڏ ڪائيندا.” 17 سو انهيءَ منتظم ائين ئي ڪيو
جيئن کيس حڪم مليو ۽ انهن کي يوسف جي گهر وٺي ويو.

18 هاڻي جڏهن کين يوسف جي گهر ۾ آندو ويو تڏهن هو ڊڄي
ويا. هنن سوچيو تہ “انهن پيسن جي ڪري اسان کي هتي وٺي آيا
آهن جيڪي پهرين دفعي اسان جي ٻورن ۾ وڌا ويا هئا. هو ڪو
بهانو ڳولهي اسان تي حملو ڪندا، اسان کي پنهنجو غلام بڻائيندا
۽ اسان جا گڏهہ بہ اسان کان ڦري وٺندا.” 19 سو هو يوسف جي
منتظم جي ويجهو آيا ۽ گهر جي دروازي وٽ چيائونس تہ 20 “سائين!
اسان جو عرض ٻڌو. اسان پهريائين بہ ڪاڌو خريد ڪرڻ آيا هئاسين،
21 پر جڏهن اسين هڪ جاءِ تي رات جو ترسياسون ۽ پنهنجا ٻورا
کولياسون تڏهن ڏٺوسون تہ اسان مان هر ڪنهن جا پيسا، اوتري جا
اوترا، سندس ٻوري جي منهن ۾ پيا آهن. سو اهي اسين موٽائي پاڻ
سان کڻي آيا آهيون. 22 اسان ڪاڌو خريد ڪرڻ لاءِ ٻيا بہ پيسا آندا
آهن. اسان کي خبر ناهي تہ ڪنهن اسان جا پيسا اسان جي ٻورن ۾
وڌا هئا.” 23 منتظم چين تہ “اوهين دلجاءِ ڪريو، ڊڄو نہ. ضرور
اوهان جي ۽ اوهان جي پيءُ جي خدا ئي اوهان جي ٻورن ۾ خزانو
وڌو هوندو. اوهان جا پيسا مون کي ملي چڪا.” پوءِ هو شمعون کي
ڪڍي انهن وٽ وٺي آيو. 24 منتظم کين يوسف جي گهر ۾ اندر وٺي
آيو. هن کين پاڻي ڏنو تہ جيئن هو پنهنجا پير ڌوئين ۽ سندن گڏهن
کي گاهہ داڻو ڏنائين. 25 پوءِ انهن اها سوکڙي تيار ڪري رکي تہ
منجهند جو جڏهن يوسف اچي تہ کيس ڏجي، ڇوتہ ٻڌو هئائون تہ
اسان جي ماني هتي آهي.

26 جڏهن يوسف گهر ۾ آيو تڏهن اها سوکڙي جيڪا هنن وٽ هئي
سا وٺي کڻي آيا ۽ زمين تي جهڪي کيس سلام ڪيائون. 27 يوسف

ڪين ڪيڪار ڪئي ۽ ڪائن پڇيائين تہ ”اوهان جو پيرسن پيءُ ڪيئن
آهي جنهن جو اوهان ذڪر ڪيو هو؟ ڇا هو اڃا جيئرو آهي؟“ 28 هنن
جواب ڏنو تہ ”توهان جو ٻانهو، اسان جو پيءُ چڱو ڀلو آهي ۽ اڃا
حيات آهي.“ پوءِ هو وري هن جي اڳيان جهڪيا. 29 جڏهن هن اکيون
کڻي نهاريو ۽ پنهنجي سڳي ڀاءُ بنيامين کي ڏٺو، تڏهن چيائين تہ
”اوهان جو ننڍو ڀاءُ هي آهي، جنهن بابت اوهان مون کي ٻڌايو هو؟“
پوءِ هن کي چيائين تہ ”ٻچا، شل خدا تو تي پنهنجو فضل ڪري!“
30 تڏهن اوچتو يوسف تڪڙو تڪڙو پنهنجي ڪمري ۾ گهڙي ويو،
ڇوتہ ڀاءُ کي ڏسي دل پرجي آيس ۽ ڳوڙها وهڻ تي هئس. ڪمري ۾
وڃي هو رنو. 31 پوءِ پنهنجو منهن ڌوئي ٻاهر نڪري آيو ۽ پاڻ کي
سنڀالي چيائين تہ ”ماني کڻي اچو.“ 32 تڏهن هنن يوسف لاءِ ڌار
۽ انهن ڀائرن لاءِ ڌار ماني آڻي رکي. جيڪي مصري انهيءَ دعوت
۾ شامل هئا تن لاءِ بہ ڌار ماني رکي ويئي، ڇوتہ عبرانين سان
گڏ کائڻ کي مصري ڪراهت جهڙي ڳالهہ ڪري سمجهندا هئا.
33 جڏهن يوسف جي ڀائرن کي يوسف جي اڳيان ترتيبوار پنهنجي
عمر جي ننڍوڏائيءَ مطابق ويهاريو ويو، تڏهن هو عجب ۾ پئجي
هڪٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا. 34 يوسف پاڻ وٽان هنن ڏانهن ٿالهيون
پري موڪليون، پر بنيامين جي ٿالهيءَ ۾ ٻين کان پنجوڻو حصو هو.
اهڙيءَ طرح هنن ساڻس گڏ کاڌو پيتو ۽ خوشي ملهائي.

## ٻوري ۾ پيالو

44 1 پوءِ يوسف پنهنجي گهر جي منتظم کي حڪم ڏنو تہ
”هنن ماڻهن جي ٻورن ۾ ايترو اناج ڀر جيترو هو کڻي سگهن
۽ هر هڪ ماڻهوءَ جا پيسا سندس ٻوري جي منهن ۾ وجهي ڇڏ.
2 منهنجو چانديءَ جو پيالو سڀني کان ننڍي جي ٻوري جي منهن
۾ سندس اناج جي پيسن سميت وجهي ڇڏ.“ سو جيئن يوسف هن
کي چيو تيئن ئي ڪيائين. 3 پوءِ پرهہ ڦٽيءَ مهل انهن ماڻهن کي
سندن گڏهن سوڌو روانو ڪيو ويو. 4 جڏهن هو شهر مان نڪري
اڃا ٿورو ئي پري ويا تہ يوسف پنهنجي منتظم کي چيو تہ ”اٿي
هنن ماڻهن جي پٺيان وڃ. جڏهن تون کين پهچين تڏهن چئجان تہ
’اوهان نيڪيءَ جي بدلي بدي ڇو ڪئي آهي؟ اوهان ڇو منهنجي
مالڪ جو پيالو چورايو آهي؟ 5 هي اهو پيالو آهي، جنهن ۾ منهنجو
مالڪ پيئندو آهي ۽ هو فال بہ انهيءَ سان ئي ڏسندو آهي. اوهان
جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي سو چڱو نہ ڪيو اٿوَ.‘“
6 پوءِ هو وڃي انهن کي پهتو ۽ کين ساڳيا ئي لفظ چيائين.
7 تڏهن هنن چيس تہ ”اسان جا آقا! اوهين اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا
چئو؟ خدا نہ ڪري جو توهان جا ٻانها اهڙو ڪم ڪن. 8 اوهان کي
خبر آهي تہ جيڪي پيسا اسان کي پنهنجن ٻورن جي منهن ۾ پيل
مليا هئا، سي بہ اسان ڪنعان جي ملڪ مان موٽائي اوهان وٽ آندا،
تہ پوءِ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو اسين اوهان جي مالڪ جي گهر
مان چاندي يا سون چورايون؟ 9 سائين، جيڪڏهن اسان مان ڪنهن
وٽان بہ اهو نڪري تہ پوءِ ڀلي انهيءَ کي ماري ڇڏيو ۽ اسين باقي
ڀيا بہ پنهنجي آقا جا غلام ٿينداسين.“
10 تڏهن هن چين تہ ”چڱو، جيئن اوهين چئو ٿا تيئن ٿيندو. پر
جنهن وٽان اهو نڪرندو سو ئي منهنجو غلام ٿيندو ۽ باقي ڀيا سڀ
بيڏوهي ٿيندا.“ 11 تڏهن هنن جلد پنهنجا ٻورا لاهي زمين تي رکيا
۽ هر ڪنهن پنهنجو ٻورو کوليو. 12 پوءِ يوسف جو منتظم سندن
تلاشي وٺڻ لڳو. هو وڏي کان شروع ڪري ننڍي تائين آيو ۽ پيالو
بنيامين جي ٻوري مان نڪتو. 13 تنهن تي هنن پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا.
پوءِ سڀيئي پنهنجا گڏهہ لڏي موٽي شهر ۾ آيا.
14 جڏهن يهوداہ ۽ سندس ڀائر يوسف جي گهر پهتا تہ هو اڃا
اتي ئي هو. هو سندس اڳيان زمين تي اچي ڪريا. 15 تڏهن يوسف
هنن کي چيو تہ ”اوهان هي ڪهڙو ڪم ڪيو؟ ڇا اوهان کي خبر
ڪانهي تہ مون جهڙو ماڻهو فال ذريعي سڀ ڪجهہ معلوم ڪري
ٿو سگهي؟“ 16 تنهن تي يهوداہ چيو تہ ”اسين پنهنجي آقا کي ڇا
چئون ۽ ڇا ڳالهايون؟ ڪيئن اسين پنهنجي صفائي پيش ڪريون؟
خدا اوهان جي ٻانهن جي برائي پڪڙي ورتي. هاڻي اسين ۽ اهو بہ،
جنهن وٽان پيالو نڪتو آهي سي سڀ پنهنجي آقا جا غلام آهيون.“
17 تڏهن يوسف چيو تہ ”خدا نہ ڪري جو آءٌ ائين ڪريان. جنهن
ماڻهوءَ وٽان منهنجو پيالو نڪتو آهي سو ئي منهنجو غلام ٿيندو.
باقي اوهين ڀيا صحيح سلامت پنهنجي پيءُ وٽ موٽي وڃو.“

## بنيامين لاءِ يهوداہ جو ليلائڻ

18 يهوداہ يوسف جي ويجهو اچي چيو تہ ”اي منهنجا آقا! پنهنجي
ٻانهي کي اجازت ڏيو تہ پنهنجي آقا سان ڪا ڳالهہ ڪري ۽ اوهان
جي ڪاوڙ اوهان جي ٻانهي تي ڀڙڪو نہ کائي ڇوتہ اوهين بہ مصر
جي بادشاهہ جهڙا ئي آهيو. 19 منهنجا آقا، اوهان اسان کان پڇيو هو
تہ آيا اسان کي پيءُ ۽ ڪو ڀيو ڀاءُ بہ آهي؟ 20 اسان پنهنجي آقا کي
جواب ڏنو هو تہ ’اسان کي پيرسن پيءُ آهي. کيس پيريءَ ۾ ڄاول
هڪڙو ننڍو پٽ بہ آهي، جنهن جو ڀاءُ مري ويو آهي ۽ ماءُ کي اهو
هڪڙو ئي وڃي بچيو آهي. پڻس مٿس ساهہ صدقي ويندو آهي.‘
21 تڏهن اوهان پنهنجن ٻانهن کي چيو هو تہ ’انهيءَ کي مون وٽ
وٺي اچو تہ آءٌ کيس ڏسان.‘ 22 تنهن تي اسان پنهنجي آقا کي چيو
هو تہ ’اهو ڇوڪرو پنهنجي پيءُ کي ڇڏي نہ سگهندو، ڇالاءِجو
جيڪڏهن هو ائين ڪندو تہ پڻس مري ويندو.‘ 23 پر اوهان پنهنجن
ٻانهن کي چيو هو تہ ’جيستائين اوهين پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي پاڻ
سان نہ آڻيندا، تيستائين اوهين منهنجي سامهون نہ اچجو.‘
24 جڏهن اسين تنهنجي ٻانهي پنهنجي پيءُ وٽ وياسين تڏهن
جيڪي ڪجهہ اسان جي آقا چيو هو سو کيس ٻڌايوسون. 25 پوءِ
اسان جي پيءُ چيو تہ ’اوهين وري وڃو ۽ اسان جي لاءِ ڪجهہ
کاڌو خريد ڪري اچو.‘ 26 پر اسان چيو تہ ’اسين ائين وڃي نہ ٿا
سگهون. جيڪڏهن اسان جو سڀني کان ننڍو ڀاءُ اسان سان هلندو

تہ پوءِ اسين ويندا سين، چالاءِجو جيستائين اسان جو ننڍو ڀاءُ اسان
سان نہ هوندو، تيستائين اسين انهيءَ ماڻهوءَ جي سامهون وڃي
نہ سگهنداسين.’ 27 تڏهن اوهان جي ٻانهي منهنجي پيءُ اسان کي
چيو تہ ‘اوهان کي خبر آهي تہ منهنجيءَ زال راحيل کي مون مان
ٻہ ئي پٽ ڄاوا. 28 انهن مان هڪڙو تہ مون کي ڇڏي هليو ويو.
مون چيو تہ هن کي ضرور ڪنهن جهنگلي جانور ڦاڙي کائي ڇڏيو
هوندو، ڇوتہ وري ڪيس ڪونہ ڏٺو اٿم. 29 جيڪڏهن اوهين هن کي
بہ مون وٽان وٺي ويندا ۽ مٿس ڪا آفت آئي تہ پوءِ اوهين مون
پيرسن ماڻهوءَ کي انهيءَ غم ۾ قبر داخل ڪندا.’

30–31 سو هاڻي جيڪڏهن آءٌ اوهان جي ٻانهي پنهنجي پيءُ وٽ
ويندس ۽ ڇوڪر اسان سان نہ هوندو تہ جڏهن منهنجو پيءُ، جنهن
جو هن ڇوڪر ۾ ساهہ آهي، سو ڏسندو تہ ڇوڪر اسان سان ڪونهي
تڏهن هو مري ويندو. پوءِ اسين توهان جا ٻانها پنهنجي پيرسن پيءُ
اوهان جي ٻانهي کي انهيءَ غم ۾ قبر داخل ڪنداسون. 32 ٻي
ڳالهہ هيءَ آهي تہ آءٌ اوهان جو ٻانهو انهيءَ ڇوڪر جي لاءِ پنهنجي
پيءُ وٽ ضامن پيو هوس. مون کيس چيو هو تہ ‘جيڪڏهن آءٌ
هن کي موٽائي توهان وٽ نہ آڻيان تہ پوءِ آءٌ عمر ڀر توهان جو
ڏوهاري ٿيندس.’ 33 تنهنڪري هاڻي منهنجو عرض آهي تہ آءٌ اوهان
جو ٻانهو هن ڇوڪر جي عيوض پنهنجي آقا جو غلام ٿي رهان ۽
ڇوڪر پنهنجن ڀائرن سان موٽي وڃي. 34 ڇالاءِجو جيڪڏهن ڇوڪر
مون سان نہ هوندو تہ پوءِ آءٌ ڪهڙو منهن کڻي پنهنجي پيءُ وٽ
ويندس؟ خدا نہ ڪري جو مون کي اها مصيبت ڏسڻي پوي جيڪا
منهنجي پيءُ تي ايندي.”

## يوسف جو پاڻ کي ظاهر ڪرڻ

45 1 يوسف پنهنجن نوڪرن جي اڳيان پاڻ کي جهلي نہ
سگهيو ۽ رڙ ڪري کين چيائين تہ “سڀيئي ٻاهر هليا وڃو.”
سو جڏهن يوسف پاڻ کي پنهنجن ڀائرن ۾ ظاهر ڪيو، تڏهن اتي ٻيو
ڪوبہ ماڻهو موجود ڪونہ هو. 2 يوسف ايترو تہ زور سان رنو جو
مصرين ٻڌي ورتو ۽ اها خبر وڃي مصر جي بادشاهہ جي محلات
۾ پهتي. 3 يوسف پنهنجن ڀائرن کي چيو تہ “آءٌ يوسف آهيان. ڇا
منهنجو پيءُ اڃا جيئرو آهي؟” پر سندس ڀائر ڪابہ ورندي ڏيئي نہ
سگهيا، ڇوجو هو سندس اڳيان گهٻرائجي ويا.

4 پوءِ يوسف پنهنجن ڀائرن کي چيو تہ “ڀلائي ڪري منهنجي
ويجها اچو.” جڏهن هو ويجها آيس تڏهن چيائين تہ “آءٌ اوهان جو
ڀاءُ يوسف آهيان جنهن کي اوهان وڪڻي مصر ۾ پهچائي ڇڏيو.
5 هاڻي فڪر نہ ڪريو، نڪي پنهنجيءَ دل ۾ پريشان ٿيو تہ اوهان
مون کي هيڏانهن وڪيو. اصل ۾ خدا ئي مون کي اوهان کان اڳ
۾ اوهان جي جان بچائڻ لاءِ هتي موڪليو. 6 هي ڏڪار جو اجا ٻيو
سال آهي، پر اڃا پنج سال ٻيا بہ اهڙا آهن جن ۾ نڪو هر هلندو، نڪو
لابارو پوندو. 7 تنهنڪري خدا مون کي اوهان کان اڳ ۾ موڪليو
تہ جيئن هو اوهان کي هن عجيب وَ غريب نموني سان حياتي بخشي
۽ زمين تي اوهان لاءِ باقي بچيل نسل قائم رکي. 8 سو اوهان نہ
پر خدا مون کي هيڏانهن موڪليو. هن مون کي بادشاهہ جو هڪ
اعليٰ عملدار بڻايو. هن مون کي بادشاهہ جي سڄي گهر جو مالڪ
۽ مصر جي سڄي ملڪ تي حاڪم ڪيو آهي.

9 هاڻي اوهين جلد منهنجي پيءُ ڏانهن وڃو ۽ کيس هي پيغام
ڏيو: اوهان جو پٽ يوسف چوي ٿو تہ ‘خدا مون کي سڄي مصر
جو مالڪ ڪيو آهي. بنا دير جي مون وٽ هليا اچو. 10 توهين گُشن
جي علائقي ۾ اچي رهو تہ جيئن توهين، توهان جا پٽ، پوٽا، توهان
جون رڍون ٻڪريون، ڍور ڍڳا ۽ ٻيو جيڪي ڪجهہ بہ توهان وٽ آهي
سو مون کي ويجهو ٿئي. 11 اتي آءٌ اوهان جي سنڀال پيو لهندس.
جيئن تہ اڃا ڏڪار جا پنج سال ٻيا بہ آهن، سو متان توهين، توهان
جو خاندان ۽ ٻيا جيڪي توهان وٽ آهن سي ڪنگال ٿي پئو.’”

12 يوسف پنهنجي ڀائرن کي وڌيڪ چيو تہ “هاڻ اوهين ۽ منهنجو
ڀاءُ بنيامين پنهنجين اکين سان ڏسو ٿا تہ آءٌ يوسف ئي اوهان سان
ڳالهايان ٿو. 13 مصر ۾ جيڪو منهنجو شان وَ شوڪت آهي ۽ ٻيو
بہ جيڪي ڪجهہ ڏٺو اٿوَ، سو سڀ منهنجي پيءُ کي بيان ڪري
ٻڌائجو. هاڻ اوهين جلدي وڃو ۽ منهنجي پيءُ کي هتي وٺي اچو.”
14 پوءِ يوسف پنهنجي ڀاءُ بنيامين کي ڀاڪر پائي رنو ۽ بنيامين بہ
کيس ڀاڪر پائي رنو. 15 هو پنهنجن سڀني ڀائرن سا روئي مليو ۽
کين چميائين. تنهن کان پوءِ سندس ڀائر ساڻس ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

16 جڏهن اها خبر بادشاهہ جي محلات پهتي تہ يوسف جا ڀائر
آيا آهن، تڏهن بادشاهہ ۽ سندس عملدار ڏاڍا خوش ٿيا. 17 بادشاهہ
يوسف کي چيو تہ “تون پنهنجن ڀائرن کي چئُہ تہ هو پنهنجا وهٽ
لڏي جلدي ڪنعان جي ملڪ ڏانهن موٽي وڃن. 18 پنهنجي پيءُ ۽
پنهنجن گهر وارن کي هتي وٺي اچن. آءٌ انهن کي مصر جي ملڪ
جون ڀلي ۾ ڀليون شيون ڏيندس ۽ اهي هن ملڪ ۾ مزي سان زندگي
گذاريندا. 19 تون هنن کي هي بہ چئُہ تہ هو پنهنجين زالن ۽ ٻارن لاءِ
مصر جي ملڪ مان گاڏيون ڪاهي وڃن ۽ پنهنجي پيءُ کي بہ ساڻ
وٺي موٽي اچن. 20 اهي پنهنجي مال ملڪيت جو فڪر نہ ڪن، ڇوتہ
مصر ملڪ جون سموريون ڀلي ۾ ڀليون شيون انهن جي لاءِ آهن.”

21 سو يعقوب جي پٽن ائين ئي ڪيو. يوسف فرعون جي حڪم
موجب کين گاڏيون ۽ رستي جي لاءِ سمر ڏنو. 22 هن انهن مان
هر هڪ کي هڪ هڪ ڪپڙن جو وڳو ڏنو، پر بنيامين کي *ٽي سؤ
چانديءَ جا سڪا ۽ پنج وڳا ڏنائين. 23 هن پنهنجي پيءُ ڏانهن مصر

---

*ٽي سؤ چانديءَ جا سڪا: اٽڪل ساڍا ٽي ڪلوگرام چاندي.

1:45 رس 13:7    11–9:45 رس 14:7

جي عمدين شين سان لڏيل ڏهہ گڏهہ ۽ سندس مسافريءَ لاءِ اناج،
روٽ ۽ سيڌي سامان سان لڏيل ڏهہ گڏهيون موڪليون. 24 پوءِ هن
پنهنجن ڀائرن کي روانو ڪيو. رواني ٿيڻ وقت کين چيائين تہ ”ڏسو،
متان رستي تي پاڻ ۾ وڙهو.“

25 سو هو مصر مان روانا ٿيا ۽ ڪنعان جي ملڪ ۾ پنهنجي
پيءُ يعقوب وٽ پهتا. 26 هنن کيس ٻڌايو تہ ”يوسف اڃا جيئرو
آهي ۽ مصر جي سڄي ملڪ جو حاڪم آهي.“ اهو ٻڌي يعقوب
وائڙو ٿي ويو ۽ کيس هنن جي ڳالهين تي يقين نہ آيو. 27 پر جڏهن
هنن اهي سڀ ڳالهيون جيڪي يوسف کين چيون هيون سي کيس
ٻڌايون ۽ جڏهن هن اهي گاڏيون ڏٺيون جيڪي يوسف کيس وٺي اچڻ
لاءِ موڪليون هيون، تڏهن سندن پيءُ يعقوب ۾ وري ساهہ پيو.
28 يعقوب چيو تہ ”هاڻي مون کي خاطري ٿي تہ منهنجو پٽ يوسف
اڃا جيئرو آهي. هاڻي آءٌ مرڻ کان اڳي ئي وڃي کيس ڏسندس.“

## يعقوب ۽ سندس ڪٽنب جو مصر ڏانهن وڃڻ

46 1 پوءِ يعقوب پنهنجو سڀ ڪجهہ کڻي اتي روانو ٿيو.
جڏهن هو بيرسبع ۾ آيو تڏهن پنهنجي پيءُ اسحاق جي خدا
لاءِ قربانيون پيش ڪيائين. 2 تڏهن خدا يعقوب سان رات جي وقت
رويا ۾ ڳالهايو. هن کيس چيو تہ ”اي يعقوب! اي يعقوب!“ هن
جواب ڏنو تہ ”اِجهو، آءٌ حاضر آهيان.“ 3 تڏهن هن چيس تہ ”آءٌ
خدا آهيان، تنهنجي پيءُ جو خدا. تون مصر وڃڻ کان نہ گهٻراءِ،
ڇوتہ آءٌ اتي تو منجهان هڪڙي وڏي قوم پيدا ڪندس. 4 آءٌ تو
سان گڏ مصر هلندس ۽ آءٌ ئي وري تو کي موٽائي آڻيندس ۽ يوسف
پنهنجن هٿن سان تنهنجيون اکيون بند ڪندو.“

5 پوءِ يعقوب بيرسبع مان روانو ٿيو. سو يعقوب جي پٽن پنهنجي
پيءُ، پنهنجن ٻارن ۽ پنهنجين زالن کي انهن گاڏين ۾ چاڙهيو جيڪي
فرعون يعقوب کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليون هيون. 6 هنن پنهنجو
چوپايو مال ۽ ٻيو سمورو سامان جيڪو ڪنعان جي ملڪ ۾ گڏ ڪيو
هئائون، سو سڀ کڻي مصر ۾ آيا. يعقوب سان پنهنجو سمورو اولاد
گڏ هو. 7 هو پنهنجي ڌيءَ، پٽن، پوٽن ۽ پوٽين، مطلب تہ پنهنجي
سڄي اولاد کي پاڻ سان گڏ مصر ۾ وٺي آيو.

## يعقوب جو اولاد

8 اسرائيل يعني يعقوب جا پٽ جيڪي ساڻس گڏ مصر ۾ آيا،
تن جا نالا هي آهن. سندس وڏو پٽ روبن هو 9 جنهن جا پٽ هي
هئا: حنُوڪ، فلو، حصرون ۽ ڪرمي. 10 سندس ٻيو پٽ شمعون هو
جنهن جا پٽ هي هئا: يموايل، يمين، اُهد، يڪين، صُحر ۽ شاؤل
جيڪو هڪڙي ڪنعاني عورت مان پيدا ٿيو هوس. 11 سندس ٽيون پٽ
لاوي هو جنهن جا پٽ هي هئا: گيرشون، قهات ۽ مراري. 12 سندس
چوٿون پٽ يهوداه هو جنهن جا پٽ هي هئا: شيلاه، فارص ۽ زارح.
پر يهوداه جا ٻہ ٻيا پٽ عير ۽ اونان اڳ ۾ ئي ڪنعان جي ملڪ ۾
مري ويا هئا. فارص جا پٽ حصرون ۽ حمول هئا. 13 سندس پنجون
پٽ اِسڪار هو جنهن جا پٽ هي هئا: تولع، فووه، يسوب ۽ شمرون.
14 سندس ڇهون پٽ زبولون هو جنهن جا پٽ هي هئا: سرد، اَيلون ۽
يحليل. 15 اهي سڀيئي لياه جو اولاد آهن جيڪي کيس فدان‌ارام ۾
سندس ڌيءَ ديناه سوڌا يعقوب مان ڄاوا. اهي جملي ٽيٽيهہ ڄڻا هئا.
16 يعقوب کي لياه جي ٻانهيءَ مان ٻيا پٽ بہ هئا. سندس پهريون
پٽ گد هو جنهن جا پٽ هي هئا: صفيان، حگي، سوني، اصبان،
عيري، ارودي ۽ اريلي. 17 سندس ٻيو پٽ آشر هو جنهن جا پٽ هي
هئا: يمنہ، اِشواه، اِشوي، بريعاه ۽ سندن ڀيڻ سره. بريعاه جا پٽ
حبر ۽ ملڪي‌ايل هئا. 18 اهي سڀيئي زِلفاه جو اولاد آهن، جيڪا لابن
پنهنجي ڌيءَ لياه کي ٻانهي ڪري ڏني هئي. اهي جملي سورهن
ڄڻا هئا.
19 يعقوب کي سندس زال راخل مان يوسف ۽ بنيامين نالي پٽ هئا.
20 مصر جي ملڪ ۾ يوسف کي اون شهر جي مذهبي اڳواڻ فوطيفرع
جي ڌيءَ آسنات مان منسي ۽ افرائيم ڄاوا. 21 بنيامين جو اولاد هي
هو: بلع، بڪر، اشبيل، گيرا، نعمان، اخي، روش، مفيم، حُفيم ۽
آرد. 22 اهي جملي چوڏهن ڄڻا راخل مان يعقوب جو اولاد هئا.
23 يعقوب کي راخل جي ٻانهيءَ مان ٻيا پٽ بہ هئا. سندس پهريون
پٽ دان هو جنهن جو پٽ حُشام هو. 24 سندس ٻيو پٽ نفتالي هو
جنهن جا پٽ هي هئا: يحصي‌ايل، گوني، يصر ۽ شليم. 25 اهي پٽ
بلهاه مان آهن، جيڪا لابن پنهنجي ڌيءَ راخل کي ٻانهي ڪري ڏني
هئي. اهي جملي ست ڄڻا هئا.
26 يعقوب جي نُنهُن کان سواءِ سندس پنهنجو اولاد جو ساڻس
گڏ مصر ۾ آيو، سي جملي ڇاهٺ ڄڻا هئا. 27 يوسف کي ٻہ پٽ
مصر ۾ ڄاوا هئا. اهڙيءَ طرح يعقوب جي ڪٽنب جا سڀيئي ماڻهو
جيڪي مصر ۾ آيا سي ستر ڄڻا هئا.

## يعقوب ۽ سندس ڪٽنب جو مصر ۾ پهچڻ

28 يعقوب پاڻ کان اڳي يهوداه کي يوسف ڏانهن موڪليو تہ گُشن
جو رستو معلوم ڪري اچي. پوءِ جڏهن اهي گُشن جي علائقي ۾
اچي پهتا، 29 تڏهن يوسف بہ پنهنجي گاڏي تيار ڪرائي پنهنجي
پيءُ سان ملڻ لاءِ گُشن ڏانهن ويو. جڏهن يوسف کيس ڏٺو تہ ڀاڪر
کڻي وڏائينس ۽ ڪجھ دير تائين پيئي رنو. 30 تڏهن يعقوب يوسف کي
چيو تہ ”مون تو کي جيئرو جاڳندو اچي ڏٺو آهي، سو هاڻي منهنجو
موت اچي تہ ڀلي اچي.“
31 پوءِ يوسف پنهنجن ڀائرن ۽ پنهنجي پيءُ جي باقي خاندان کي
چيو تہ ”آءٌ وڃي ٿو فرعون بادشاهہ کي ٻڌايان تہ ’منهنجا ڀائر ۽

6:46 رس 15:7 — 20:46 پيد 50:41–52 — 27:46 رس 14:7

منهنجي پيءُ جو خاندان، جيڪي ڪنعان جي ملڪ ۾ رهندا هئا سي
مون وٽ اچي ويا آهن. 32 اهي ماڻهو ڌنار آهن ۽ مال چاريندا آهن.
انهن پنهنجا ڍور ڍڳا، رڍون ٻڪريون ۽ ٻيو به جيڪي وٽن هو سو
آندو آهي.‘ 33 جڏهن فرعون اوهان کي سڏائي ۽ پڇي ته ’اوهان
جو ڌنڌو ڪهڙو آهي؟‘ 34 تڏهن اوهين جواب ۾ چئجوس ته ’اسين
توهان جا ٻانها پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر ننڍپڻ کان وٺي اڄ ڏينهن
تائين مال چاريندا رهيا آهيون.‘ پوءِ هو اوهان کي گشن جي علائقي
۾ رهڻ ڏيندو.“ انهيءَ جو سبب هي آهي جو مصر جا ماڻهو ڌنارن
کان ڪراهت ڪندا هئا.

47
1 سو يوسف پنهنجن ڀائرن مان پنجن ڄڻن کي ساڻ ڪري
فرعون وٽ آيو ۽ اندر وڃي کيس ٻڌايائين ته ”منهنجو
پيءُ، منهنجا ڀائر، سندن ڍور ڍڳا، رڍون ٻڪريون ۽ ٻيو جيڪي وٽن
آهي، تنهن سوڌا ڪنعان جي ملڪ مان آيا آهن ۽ هاڻي هو گشن جي
علائقي ۾ آهن.“ 2 پوءِ هن پنهنجن ڀائرن کي وٺي اچي فرعون جي
اڳيان حاضر ڪيو. 3 فرعون يوسف جي ڀائرن کان پڇيو ته ”اوهان
جو ڌنڌو ڪهڙو آهي؟“ هنن فرعون کي جواب ڏنو ته ”اسين تنهنجا
ٻانها پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر ڌنار آهيون.“ 4 هنن فرعون کي ائين
به چيو ته ”اسين هن ملڪ ۾ ڪجهه وقت رهڻ لاءِ آيا آهيون،
ڇوته ڪنعان جي ملڪ ۾ سخت ڏڪار آهي ۽ اُتي توهان جن ٻانهن
جي ڌڻن لاءِ چارو ڪونهي. تنهنڪري هاڻي مهرباني ڪري پنهنجن
ٻانهن کي گشن جي علائقي ۾ رهڻ جي اجازت ڏي.“
5 تڏهن فرعون يوسف کي چيو ته ”تنهنجو پيءُ ۽ تنهنجا ڀائر تو
وٽ اچي ويا آهن. 6 مصر جو ملڪ پنهنجو اٿئي. ڀلي ته هو گشن
جي علائقي ۾ رهن، جيڪو ملڪ جو ڀلي ۾ ڀلو ڀاڱو آهي. جيڪڏهن
منجهن ڪي هوشيار ماڻهو هجن ته انهن کي منهنجي چوپائي مال
جي سنڀال لاءِ مقرر ڪج.“
7 پوءِ يوسف پنهنجي پيءُ يعقوب کي اندر وٺي آيو فرعون جي
اڳيان بيهاريو. يعقوب فرعون لاءِ خير جي دعا گهري. 8 فرعون
يعقوب کان پڇيو ته ”تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟“ 9 يعقوب فرعون
کي جواب ڏنو ته ”منهنجي زندگيءَ جي سفر جا ڏينهن هڪ سؤ ٽيهه
سال آهن. منهنجي زندگيءَ جا ڏينهن ٿورا ۽ ڏکيا گذريا آهن. جيترا
ڏينهن منهنجي ابن ڏاڏن زندگيءَ جي سفر ۾ گذاريا اوترا اڃا منهنجا
ڪين ٿيا آهن.“ 10 پوءِ يعقوب موڪلائڻ وقت فرعون لاءِ خير جي
دعا گهري وٽانئس ٻاهر نڪري آيو. 11 يوسف پنهنجي پيءُ ۽ ڀائرن
کي فرعون جي حڪم موجب مصر جي ملڪ ۾ سڀ کان ڀلي زمين
يعني رعمسيس شهر ۾ آباد ڪيو ۽ اها زمين سندن قبضي ۾ ڏنائين.
12 يوسف پنهنجي پيءُ، پنهنجن ڀائرن ۽ پنهنجي پيءُ جي سڄي
خاندان ۽ سند ن ٻارن آهر کاڌ خوراڪ ڏيئي سندن پرورش ڪرڻ لڳو.

## ڏڪار

13 ڏڪار ايترو ته سخت ٿي ويو جو سڄي ملڪ ۾ کائڻ لاءِ به
ڪجهه نه بچيو. ڏڪار جي ڪري مصر ۽ ڪنعان ٻنهي ملڪن جا
ڏاڍا برا حال اچي ٿيا. 14 مصر ۽ ڪنعان ملڪ کي جيڪو اناج وڪيو
ويو هو، تنهن جي سموري رقم گڏ ڪري يوسف فرعون جي محل
۾ آڻي جمع ڪئي. 15 جڏهن مصر ۽ ڪنعان جي ماڻهن وٽان پيسو
کٽي ويو، تڏهن سڀ مصري يوسف وٽ آيا ۽ چيائونس ته ”اسان کي
کاڌو ڏي. توهان جي هوندي اسين ڇو مرون؟ اسان وٽان پيسو کپي
ويو آهي.“ 16 تڏهن يوسف چيس ته ”جيڪڏهن اوهان وٽان پيسو کپي
ويو آهي ته پوءِ پنهنجو چوپايو مال ڪاهي اچو. آءٌ اوهان کي انهيءَ
جي بدلي ۾ اناج ڏيندس.“ 17 سو هو پنهنجو چوپايو مال يوسف وٽ
ڪاهي آيا. هن کين سندن گهوڙن، گڏهن، ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين
جي بدلي کاڌو ڏنو. اهو سڄو سال هو سندن سموري چوپائي مال
جي عيوض انهن جي کاڌ خوراڪ جو پورائو ڪندو رهيو.
18 جڏهن اهو سال پورو ٿيو ته ٻئي سال هو وري وٽس آيا. هنن
کيس چيو ته ”اسين پنهنجي آقا کان اها ڳالهه نه ٿا لڪايون ته اسان
وٽان سمورو پيسو کپي ويو آهي ۽ اسان جو چوپايو مال به اوهان جو
ٿي ويو آهي. هاڻ اسان وٽ اوهان لاءِ اسان جي سرن ۽ زمينن کان
سواءِ ٻيو ڪجهه به نه بچيو آهي. 19 سو اوهان جي هوندي اسين ڇو
مرون ۽ اسان جي زمين ڇو ناس ٿي وڃي. اسان کي ۽ اسان جي زمين
کي کاڌي جي عيوض خريد ڪر. اسين فرعون جا غلام ٿينداسين ۽
اسان جي زمين جو مالڪ به اُهو ئي ٿيندو. اسان کي اناج ڏيو ته
مرڻ کان بچون ۽ ٻج ڏيو ته جيئن اسان جي زمين ويران نه ٿئي.“
20 سو يوسف مصر جي ساري زمين فرعون جي نالي تي خريد
ڪئي، ڇالاءِجو مصرين مان هر ڪنهن پنهنجي زمين وڪڻي ڇڏي،
ڇوجو ڏڪار کين ڏاڍو هلاڪ ڪيو هو. اهڙيءَ طرح سڄي زمين به
فرعون جي ٿي ويئي. 21 باقي رهيا ماڻهو، تن کي هن مصر جي
هڪڙيءَ ڪنڊ کان وٺي ٻيءَ ڪنڊ تائين غلام بڻائي ڇڏيو. 22 پر
مذهبي اڳواڻن جي زمين هن خريد نه ڪئي، ڇالاءِجو مذهبي اڳواڻ
کي فرعون کان وظيفو ملندو هو ۽ هو انهيءَ تي گذران ڪندا هئا.
سو انهن کي پنهنجي زمين وڪڻڻ جي ضرورت پيش نه آئي. 23 پوءِ
يوسف ماڻهن کي چيو ته ”اوهين ڏسو ٿا ته اڄ مون اوهان کي ۽
اوهان جي زمينن کي فرعون جي نالي تي خريد ڪيو آهي. سو اوهين
پنهنجي لاءِ هتان هي ٻج وٺو ۽ وڃي زمين ۾ پوکيو. 24 جڏهن فصل
ڪٽو تڏهن پنجون حصو فرعون کي ڏجو. باقي ٻيا چار حصا ٻنين
جي ٻج لاءِ، اوهين پنهنجي لاءِ، پنهنجي گهراڻي لاءِ ۽ پنهنجن
ٻارن جي کاڌ خوراڪ لاءِ رکجو.“ 25 هنن وراڻيو ته ”توهان اسان
جي جان بچائي آهي. اسان جي آقا جي اسان تي مهربانيءَ جي نظر
رهي، اسين فرعون جا غلام رهنداسين.“ 26 سو يوسف مصر جي
ملڪ لاءِ اهو قانون ٺاهي ڇڏيو ته فصل جو پنجون حصو فرعون

بادشاهه کي ملي. اهو قانون اڄ ڏينهن تائين هلندو ٿو اچي. رڳو
مذهبي اڳواڻن جي زمين فرعون جي ڪانه ٿي.
27 بني اسرائيل مصر ملڪ جي گُشن علائقي ۾ رهي پيا. اتي
هنن ملڪيت ٺاهي ۽ وڌندا ويجهندا ويا. 28 يعقوب مصر جي ملڪ
۾ سترهن سال جيئرو رهيو. سو يعقوب جي ڪل عمر هڪ سؤ
ستيتاليهه سال هئي. 29 جڏهن يعقوب جي وفات جو وقت ويجهو آيو
تڏهن پنهنجي پٽ يوسف کي پاڻ وٽ گهرائي چيائين ته "جيڪڏهن
تنهنجي مهربانيءَ جي نظر مون تي آهي ته پنهنجو *هٿ منهنجي
ران جي هيٺان رکي چئُه ته تون مون سان مهرباني ۽ وفاداريءَ جو
سلوڪ ڪندي مون کي مصر ۾ دفن نه ڪندين. 30 پر جڏهن آءٌ وڃي
پنهنجن وڏن سان ملان، تڏهن مون کي مصر مان ڪڍي وڃي اتي
دفن ڪجانءِ جتي هو دفن ٿيل آهن." يوسف جواب ڏنس ته "جيئن
اوهين چئو ٿا تيئن ئي ڪندس." 31 يعقوب چيس ته "مون سان قسم
کڻ،" تڏهن يوسف ساڻس قسم کنيو. پوءِ يعقوب پنهنجي کٽ جي
سيرانديءَ تي مٿو جهڪائي سجدو ڪيو.

## منسي ۽ افرائيم کي دعا

48 1 ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪنهن اچي يوسف کي ٻڌايو ته
"تنهنجو پيءُ بيمار آهي." سو هو پنهنجا ٻيئي پٽ منسي
۽ افرائيم پاڻ سان وٺي يعقوب سان ملڻ ويو. 2 جڏهن يعقوب
کي ٻڌايو ويو ته "توهان جو پٽ يوسف توهان وٽ اچي ٿو،" تڏهن
يعقوب همت ڪري هنڌ تي اٿي ويٺو. 3 يعقوب يوسف کي چيو
ته "قادرِمطلق خدا ڪنعان جي ملڪ ۾ لوز شهر وٽ مون کي
ڏيکاري ڏيئي برڪت ڏني هئي. 4 مون کي چيو هئائين ته 'آءٌ تو
کي گهڻو اولاد ڏيندس، ايترو جو تنهنجو اولاد گهڻيون ئي قومون
ٿي پوندو. آءٌ تو کان پوءِ هيءَ زمين تنهنجي اولاد کي هميشه لاءِ
ڏيئي ڇڏيندس.'"
5 يعقوب وڌيڪ چيس ته "هاڻي تنهنجا ٻه پٽ افرائيم ۽ منسي
جيڪي مصر جي ملڪ ۾ منهنجي اچڻ کان اڳ ۾ تو کي ڄاوا، سي
منهنجا آهن. اهي روبن ۽ شمعون وانگر منهنجا آهن. 6 پر هنن کان
پوءِ جيڪي ٻار تو کي ڄمندا سي تنهنجا ٿيندا. اهي پنهنجي ڀائرن
منسي ۽ افرائيم جي نالي واري ميراث ۾ شامل هوندا. 7 افرائيم
۽ منسي انهيءَ لاءِ منهنجا ٿيندا جو آءٌ جڏهن فدان‌ارام مان آيس
پئي ۽ اڃا فرات کان ٿورو پريرو هوس ته اتي ڪنعان جي ملڪ ۾
منهنجي ڏسندي راحل واٽ ۾ ئي وڌيڪ ڪنهن ٻار ڄڻڻ بنا مري
ويئي. سو مون کيس اِفرات واري رستي تي دفن ڪيو." اِفرات کي
بعد ۾ بيت‌لحم سڏيو ويو.

8 پوءِ يعقوب جڏهن يوسف جي پٽن کي ڏٺو تڏهن پڇيائينس ته
"هي ڇوڪرا ڪير آهن؟" 9 يوسف ورندي ڏنس ته "هي منهنجا پٽ
آهن، جيڪي خدا مون کي هتي مصر ۾ ڏنا آهن." يعقوب چيس ته
"انهن کي مون وٽ وٺي اچ ته ڪين خير جي دعا ڏيان." 10 جيئن ته
يعقوب جي ديد سندس عمر جي ڪري گهٽجي ويئي هئي، سو هو
چڱيءَ طرح ڏسي نه ٿي سگهيو. تنهنڪري يوسف ڇوڪرن کي وٽس
ويجهو وٺي آيو ۽ هن ڪين ڀاڪر پائي چميو. 11 پوءِ يعقوب يوسف
کي چيو ته "مون کي ته تنهنجي به منهن ڏسڻ جي اميد ڪانه هئي
پر ڏس، خدا مون کي تنهنجو اولاد به ڏيکاريو." 12 تڏهن يوسف
انهن کي سندس گوڏن تان پري ڪيو ۽ پاڻ سندس اڳيان زمين تائين
جهڪيو. 13 پوءِ يوسف افرائيم کي پنهنجي ساڄي هٿ سان وٺي
يعقوب جي کاٻي پاسي بيهاريو ۽ منسيءَ کي پنهنجي کاٻي هٿ
سان وٺي يعقوب جي ساڄي پاسي آڻي بيهاريو. 14 پر يعقوب پنهنجو
ساڄو هٿ ڊگهيري افرائيم جي مٿي تي رکيو، توڙي جو هو ننڍو هو
۽ پنهنجو کاٻو هٿ ڦيري منسيءَ جي مٿي تي رکيائين، توڙي جو
منسي وڏو هو. 15 هن †يوسف کي خير جي دعا ڏيندي چيو ته
"اهو خدا جنهن جي راهه تي
منهنجو پيءُ اسحاق ۽ منهنجو ڏاڏو ابراهيم هلندا رهيا آهن،
اُهو خدا جنهن اڄ ڏينهن تائين
عمر ڀر منهنجي نگهباني پئي ڪئي آهي،
16 سو شال هنن ڇوڪرن کي پنهنجي برڪت عطا ڪري!
شل خداوند جو ملائڪ مون جيان ڪين هر مصيبت کان بچائي!
شل منهنجو ۽ منهنجي پيءُ ڏاڏي اسحاق ۽ ابراهيم جو نالو
هنن جي وسيلي قائم رهي،
شل هو ڌرتيءَ تي وڏي راڄ ٿين!"

17 جڏهن يوسف ڏٺو ته سندس پيءُ پنهنجو ساڄو هٿ افرائيم جي
مٿي تي رکيو آهي، تڏهن هو ناراض ٿيو. هن پنهنجي پيءُ جي هٿ
کي ورتو، انهيءَ لاءِ ته اهو افرائيم جي مٿي تان ڪڍي منسيءَ جي
مٿي تي رکي. 18 انهيءَ سان گڏ پنهنجي پيءُ کي چيائين ته "ائين
نه بابا! پنهنجو ساڄو هٿ هن جي مٿي تي رک ڇوته هي وڏو آهي."
19 پر پٽس انڪار ڪندي چيو ته "آءٌ ڄاڻان ٿو منهنجا پٽ! آءٌ
ڄاڻان ٿو. منسيءَ به وڏي راڄ وارو ٿيندو، هي به سردار ٿيندو.
تڏهن به سندس ننڍو ڀاءُ افرائيم کانئس وڌيڪ ٿيندو ۽ هن جي اولاد
مان گهڻيون ئي قومون پيدا ٿينديون." 20 سو هن انهيءَ ڏينهن کين
هي چوندي خير جي دعا ڏني ته "بني اسرائيل ٻين لاءِ خير جي دعا
گهرڻ مهل هيئن چوندا ته 'شل خدا تو کي افرائيم ۽ منسيءَ جهڙو

*هٿ منهنجي ران جي هيٺان رکي چئُه: انهيءَ دور ۾ اهڙيءَ طرح پڪو قسم کنيو ويندو هو.

†يوسف کي خير جي دعا ڏيندي: افرائيم ۽ منسيءَ کي دعا ڏيندي يعقوب ڄڻ ته يوسف کي دعا ڏيئي رهيو هو.

30–29:47 پيد 49:29–32، 50:6   4–3:48 پيد 28:13–14   7:48 پيد 35:16–19   20:48 عبر 11:21

ڪري!‘ ” سو هن افرائيم کي منسيءَ تي اوليت ڏني. 21 پوءِ يعقوب
يوسف کي چيو ته ”ڏس، هاڻي آءٌ مرڻ تي آهيان. پر خدا اوهان سان
هوندو ۽ هو اوهان کي وري پنهنجن ابن ڏاڏن جي ملڪ ۾ موٽائي
وٺي ويندو. 22 پيو ته آءٌ تنهنجي ڀائرن کان تو کي هڪڙي واڌاري
حصي طور زمين جي اُها پٽي ڏيان ٿو جيڪا مون جنگ وسيلي
امورين کان کسي هئي.“

## يعقوب جون آخري ڳالهيون

49 1 يعقوب پنهنجن پٽن کي سڏائي چيو ته ”اوهين اچي گڏ
ٿيو ته آءٌ اوهان کي ٻڌايان ته اچڻ وارن ڏينهن ۾ اوهان
سان ڇا ڇا ٿيندو.

2 اي مون يعقوب جا پٽؤ! اچو، گڏ ٿي ٻڌو،
هائو، پنهنجي پيءُ اسرائيل ڏانهن ڪن ڏيو.

3 اي روبن! تون منهنجو پهريتو پٽ آهين،
هائو، تون منهنجي قوت ۽ طاقت جي ابتدا آهين.
تون وڏي عزت وارو ۽ وڏي طاقت وارو آهين.
4 تنهن هوندي به تون ٻوڏ جي پاڻيءَ وانگر ڇڙواڳ آهين،
سو تو کي وڏائي ڪڏهن به حاصل ڪين ٿيندي،
ڇوته تو منهنجي هنڌ تي،
هائو، پنهنجي پيءُ جي هنڌ تي چڙهي ان کي پليت ڪيو آهي.

5 اي شمعون ۽ لاوي! اوهين ڀيئي ان ڳالهه ۾ به ڀائر آهيو،
جو اوهان جون تلوارون ظلم جا هٿيار آهن.
6 آءٌ ڪڏهن به اوهان جي صلاح تي نه هلندس،
هائو، اوهان جي منصوبن ۾ هرگز شامل نه ٿيندس،
ڇوته ڪاوڙ ۾ اوهان ماڻهن کي قتل ڪيو آهي،
۽ پنهنجي خودسريءَ ۾ ڍڳن کي جڏو ڪيو اٿوَ.
7 لعنت هجي اوهان جي ڪاوڙ تي، جيڪا ڏاڍي تيز هئي.
هائو، لعنت هجي اوهان جي ڇڙ تي، جيڪا بيحد سخت هئي.
اوهان جو اولاد پنهنجي سڄيءَ قوم ۾ ڪٽو ڪٽو ڪيو ويندو،
هائو، سندن ئي ملڪ ۾ ڪين ڇڙوڇڙ ڪيو ويندو.

8 اي يهوداه! تنهنجا ڀائر تنهنجي واکاڻ پيا ڪندا،
بلڪ تنهنجي بابي جو اولاد تنهنجي آڏو سر نوائيندو.
تنهنجي دشمنن جي گردن ۾ تنهنجا هٿ هوندا.

9 بيشڪ اي منهنجا پٽ يهوداه! تون اهڙو جوان شينهن آهين،
جيڪو شڪار کي ماري اتان هليو ٿو اچين،
۽ ليٽي ڪري سمهين ٿو رهين،
هاڻ ڪير آهي جيڪو تو کي اٿاري سگهي؟
10 تنهنجي اولاد مان بادشاهي ڪڏهن ختم ڪين ٿيندي،
اهي پيڙهي به پيڙهي پيا راڄ ڪندا،
۽ انهيءَ جي تڪميل سندن حقيقي حاڪم جي اچڻ سان ٿيندي،
جنهن جي اڳيان قومن جو سر جهڪندو.
11 تنهنجي اولاد جي انگورن جون عمديون وليون
ايتريون ته جهجهيون ٿينديون،
جو اهي لاپرواهيءَ سان پنهنجا بڪايل گڏهه
انهن ولين سان ٻڌي ڇڏيندا.
بلڪ وٽن ڊاک جي ڳاڙهي رس ايتري ته جهجهي هوندي،
جو اهي پنهنجو لباس انهيءَ سان ڌوئي ڇڏيندا.
12 گهڻي مئي جي پيئڻ ڪري انهن جا نيڻ چمڪندڙ هوندا،
۽ گهڻي کير جي پيئڻ ڪري انهن جا ڏند صفا اڇا هوندا.

13 اي زبولون! تنهنجو اولاد سمنڊ جي ڪناري تي پيو رهندو،
هائو، انهيءَ ڪناري تي جيڪو جهازن جو بندرگاهه ٿيندو.
سندن علائقي جي سرحد وڏي صيدا تائين وڃي پهچندي.

14 اي اِسڪار! تنهنجو اولاد اهڙي مضبوط گڏهه جيان ٿيندو،
جنهن جي پٺيءَ تي ٻورا هجن تڏهن به اهو ليٽيل رهي.
15 پر جڏهن هو ڪا چڱي آرامگاهه يا ڪا دلپسند زمين ڏسندا،
تڏهن ڪلهي تي بار کڻڻ لاءِ پنهنجو ڪلهو جهڪائيندا،
توڙي جو ڪين غلام بڻجي مجبوراً ڪم ڪرڻو پوي.

16 اي *دان! تنهنجو اولاد مون اسرائيل جي ٻين قبيلن وانگر،
پنهنجي ماڻهن جي عدالت پاڻ ڪندو.
17 جيتوڻيڪ تنهنجو اولاد شمار ۾ ڪٽي گهٽ هوندو،
پر اهو نانگ، هائو، اهڙي ڪپر نانگ جيان خطرناڪ ٿيندو،
جيڪو رستي ويندڙ گهوڙي کي پٺيان اهڙو ڏنگ ٿو هڻي،
جو ان جو سوار وڃي پٺتي ٿو ڪري.

18 اي خداوند! ڇڏائجڻ لاءِ
آءٌ تنهنجي ئي راهه پيو نهاريان.

---

*دان: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”عدالت“.

4:49 پيد 22:35 5:49 پيد 34:25–30 9:49 گا 24:9، مڪا 5:5

19 اي *گد! تنهنجي اولاد تي ڌاڙيل اچي حملو ڪندا،
پر هو ڦري سندن مٿان ئي حملو ڪري کين پڇائي ڪيندا.

20 اي آشر! تنهنجي اولاد جي ڀني عمدو اناج پيدا ڪندي.
هو اهڙو لذيذ طعام مهيا ڪندا،
جيڪو بادشاهن جي کائڻ لائق هوندو.

21 اي نفتالي! تنهنجو اولاد ان آزاد هرڻ جيان ٿيندو،
جيڪو ٺاهوڪا ٻچڙا ڄڻيندو رهي ٿو.

22 اي يوسف! تون اهڙي ڦلدار وڻ جيان آهين،
جيڪو پاڻيءَ جي چشمي پرسان بيٺل هجي،
۽ جنهن جون ٽاريون ڀت جي مٿان پکڙجي ويون هجن.
23 دشمن تيرانداز تنهنجي اولاد تي حملو ڪندا،
۽ تير هڻي هڻي هنن کي ڏاڍو ستائيندا.
24 پر ڏس، انهن دشمنن تي هنن جا تيرڪمان غالب ايندا،
ڇوجو مون يعقوب جي قادر هٿان کين طاقت عطا ٿيندي.
هائو، کين انهيءَ ريڍار کان قوت ملندي،
جيڪو بني اسرائيل جو محافظ آهي.
25 اي يوسف! اهو منهنجو خدا ئي آهي،
جيڪو تنهنجي اولاد جي مدد پيو ڪندو.
هائو، قادرِمطلق خدا مٿان آسمان مان برسات،
۽ هيٺان زمين مان کين چشمن جو پاڻي عطا ڪندو.
هو ٻارن توڙي چوپائي مال ۾
کين جهجهيون برڪتون عطا ڪندو.
26 اي منهنجا پٽ! قائم ۽ دائم جبلن جي برڪتن کان به وڌيڪ
منهنجيون تو لاءِ خير ۽ برڪت جون دعائون آهن.
شال اهي برڪتون تو يوسف مٿان اچي نازل ٿين،
جنهن کي پنهنجن ڀائرن مان اعليٰ ڪري چونڊيو ويو آهي.

27 اي بنيامين! تنهنجو اولاد بگهڙ جيان خطرناڪ ٿيندو.
صبح جو هو دشمنن کي چيري ڦاڙي ناس ڪندو،
۽ سانجهيءَ جو لُٽ جو مال ورهائيندو.“

28 بني اسرائيل جا ٻارهن قبيلا اهي ئي آهن ۽ سندن وڏن مان هر
هڪ کي يعقوب سندس لاءِ مناسب دعا ڏيندي اهي ئي ڳالهيون
چيون.

## يعقوب جي وصيت

29 پوءِ يعقوب پنهنجي پٽن کي تاڪيد ڪري چيو ته ”هاڻي آءٌ
وڃي پنهنجن سان گڏجڻ وارو آهيان. سو مون کي منهنجي ابن ڏاڏن
وٽ انهيءَ غار ۾ دفن ڪجو جيڪا عِفرون حِتيءَ جي ٻنيءَ ۾ آهي.
30 هائو، انهيءَ غار ۾ دفن ڪجو، جيڪا ڪنعان جي ملڪ ۾ ممريءَ
جي ڀرسان مڪفيلاه جي ٻنيءَ ۾ آهي. اها غار ڏاڏي ابراهيم
ٻنيءَ سوڌي عِفرون حِتيءَ کان قبرستان جي لاءِ خريد ڪري انهيءَ جو
قبضو ورتو هو. 31 اتي ڏاڏي ابراهيم ۽ ڏاڏيءَ ساره کي دفنايو ويو،
اتي ئي بابي اسحاق ۽ اما ربقه کي دفنايو ويو ۽ اتي ئي مون پنهنجي
زال لياه کي به دفن ڪيو. 32 انهيءَ ٻنيءَ واري غار ۾ مون کي
دفن ڪجو، جيڪا حِتي قوم کان خريد ڪئي ويئي هئي.“ 33 جڏهن
يعقوب پنهنجن پٽن کي وصيت ڪري چڪو، تڏهن هن پنهنجون
ٽنگون هنڌ ۾ ڇڪيون ۽ دم ڏنائين. ائين هو وڃي پنهنجن سان گڏيو.

## يعقوب جي تدفين

50 1 تڏهن يوسف پنهنجي پيءُ تي ڪري روئڻ لڳو ۽ کيس
چميائين. 2 پوءِ يوسف ملازم حڪيمن کي حڪم ڏنو
ته ”منهنجي پيءُ کي سرهاڻيون لايو.“ سو حڪيمن يعقوب کي
†سرهاڻيون لاتيون. 3 انهيءَ ۾ پورا چاليهه ڏينهن لڳي ويا، ڇوته
سرهاڻيون لائڻ ۾ ايترا ئي ڏينهن لڳندا هئا. مصرين هن جي لاءِ
ستر ڏينهن سوڳ ملهايو.
4 جڏهن سوڳ جا ڏينهن پورا ٿيا، تڏهن يوسف فرعون جي
محلات جي عملدارن کي چيو ته ”جيڪڏهن مون تي اوهان جي
مهربانيءَ جي نظر آهي ته مهرباني ڪري هيءَ ڳالهه فرعون جي
ڪن ۾ وجهو: 5 يوسف جي پيءُ کيس قسم کڻائي چيو هو ته
’جيئن ته آءٌ مرڻ تي آهيان، سو مون کي انهيءَ قبرستان ۾ دفن
ڪجانءِ جيڪو مون ڪنعان جي ملڪ ۾ پنهنجي لاءِ خريد ڪري
ڇڏيو آهي.‘ تنهنڪري مهرباني ڪري يوسف کي اجازت ڏيو ته
وڃي پنهنجي پيءُ کي دفن ڪري موٽي اچي.“ 6 فرعون چيو ته
”ڀلي وڃي پنهنجي پيءُ کي دفن ڪري، جيئن سندس پيءُ کيس
قسم کڻايو هو.“
7 تڏهن يوسف پنهنجي پيءُ کي دفن ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. فرعون
جا سڀ عملدار، سندس محلات جا ناظم ۽ مصر ملڪ جا سڀ اڳواڻ
يوسف سان گڏجي هليا. 8 يوسف جو سمورو خاندان، سندس ڀائر
۽ سندس پيءُ جي گهر جا باقي ڀيا ڀاتي به ساڻس گڏجي هليا. هنن
فقط پنهنجا ٻار، رڍون، ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا ئي گُشن جي علائقي ۾

*گد: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”حملو ڪرڻ“.

† سرهاڻيون لاتيون: انهن ڏينهن ۾ مصر ۾ ڪي خاص سرهاڻيون تيار ڪري لاش کي لاتيون وينديون هيون، جنهن سان اهو صدين تائين محفوظ ٿي رهيو.

30:49 پيد 3:23–20    31:49 پيد 9:25–10، 29:35    33:49 رس 15:7    5:50 پيد 29:47–31

چڙيا. 9 گاڏين وارا ۽ گهوڙي سوار سپيئي ساڻس گڏ ويا. سو هڪ
وڏو انبوهہ يوسف سان روانو ٿيو. 10 جڏهن اهي اتد علائقي جي ڳاهہ
ڳاهڻ واريءَ جاءِ وٽ پهتا، جا اردن درياءَ جي پرينءَ پر آهي، تڏهن
اُتي هو دل ڏاريندڙ وڏي آواز ۾ رنا. يوسف اُتي پنهنجي پيءُ جي
لاءِ ست ڏينهن سوڳ ڪيو. 11 جڏهن ڪنعان ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهن
اهو اتد جي ڳاهہ ڳاهڻ واري جاءِ وارو سوڳ ڏٺو، تڏهن چوڻ لڳا تہ
”مصري ڪيڏو نہ سخت سوڳ ڪن ٿا!“ انهيءَ سبب انهيءَ جاءِ جو
نالو *ابيل‌مصرئيم پئجي ويو. اها جاءِ اردن درياءَ جي پرينءَ پر آهي.
12 سو يعقوب جي پٽن ائين ئي ڪيو جيئن هن ڪين حڪم ڏنو
هو. 13 هو سندس لاش کي ڪنعان جي ملڪ ۾ کڻي ويا. هنن کيس
ممري جي اوڀر ۾ مڪفيلاہ جي ٻنيءَ واري غار ۾ دفن ڪيو، جا
ابراهيم ٻنيءَ سوڊي عِفرون حِتيءَ کان قبرستان جي لاءِ خريد ڪئي
هئي. 14 يوسف پنهنجي پيءُ کي دفن ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن ڀائرن
۽ ٻيا جيڪي سندس پيءُ کي دفن ڪرڻ لاءِ ساڻس گڏ ويا هئا، تن
سميت موٽي مصر ۾ آيو.

## يوسف جو خاطري ڏيڻ

15 جڏهن يوسف جي ڀائرن ڏٺو تہ سندن پيءُ مري ويو آهي، تڏهن
چوڻ لڳا تہ ”شايد هاڻي يوسف اسان سان دشمني ڪندو ۽ جيڪا
بڇڙائي اسان هن سان ڪئي هئي تنهن جو اسان کان بدلو وٺندو.“
16 تنهنڪري هنن يوسف ڏانهن هڪڙو پيغام موڪليو تہ ”توهان
جي پيءُ مرڻ کان اڳ ۾ توهان لاءِ هڪڙي وصيت ڪئي هئي تہ
17 ’تنهنجي ڀائرن تو سان بڇڙائي ڪندي جيڪو قصور ۽ ڏوهہ ڪيو
هو سو هاڻي ڀلائي ڪري ڪين بخشي ڇڏ.‘ تنهنڪري هاڻي مهرباني
ڪري اسان جو ڏوهہ معاف ڪريو، جيڪو اسان توهان جي پيءُ جي
خدا جي ٻانهن ڪيو آهي.“ جڏهن يوسف کي اهو نياپو رسيو تہ هن
روئي ڏنو. 18 پوءِ هن جي ڀائرن بہ پاڻ وڃي سندس اڳيان مٿا ٽيڪيا
۽ کيس چيائون تہ ”اسين توهان جا غلام آهيون.“
19 پر يوسف کين چيو تہ ”ڊڄو نہ، آءٌ ڪو خدا آهيان ڇا؟ 20 اوهان
برابر مون سان برائي ڪرڻ جو ارادو تہ ڪيو هو پر خدا انهيءَ کي
ڀلائيءَ ۾ بدلائي ڇڏيو، انهيءَ لاءِ تہ هو گهڻن ئي ماڻهن جي جان
بچائي، جيئن اڄڪلهہ ٿي رهيو آهي. 21 سو هاڻي ڊڄو نہ. آءٌ اوهان
جي ۽ اوهان جي ٻارن جي پرورش ڪندو رهندس.“ اهڙيءَ طرح هن
کين خاطري ۽ دلداري ڏني.

## يوسف جي وفات

22 يوسف پنهنجي پيءُ جي سڄي خاندان سميت مصر ۾ ئي رهڻ
لڳو. هو هڪ سؤ ڏهہ سال جيئرو رهيو. 23 يوسف پنهنجي ننڍي
پٽ افرائيم جا پٽ پوٽا بہ ڏٺا ۽ پنهنجي وڏي پٽ منسيءَ جي پٽ
مڪير جا ٻار بہ سندس هنج ۾ پليا. 24 آخرڪار هڪ ڏينهن يوسف
پنهنجي ڀائرن کي چيو تہ ”هاڻي آءٌ مرڻ تي آهيان. پر خدا ضرور
اوهان جي سار لهندو ۽ اوهان کي هن ملڪ مان ڪڍي انهيءَ ملڪ
۾ پهچائيندو جنهن جي ڏيڻ جو هن ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب سان
قسم کنيو هو.“ 25 پوءِ يوسف انهن کي قسم کڻائي چيو تہ ”اوهين
مون سان واعدو ڪريو تہ جڏهن خدا اوهان کي ان ملڪ ڏانهن وٺي
وڃي تڏهن اوهين منهنجا هڏا هتان پاڻ سان کڻي ويندءُ.“ 26 اهڙيءَ
طرح يوسف هڪ سؤ ڏهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. هنن سندس
لاش کي صدين تائين محفوظ رکڻ لاءِ سرهاڻيون لائي تابوت ۾
وجهي مصر ۾ رکيو.

---

*ابيل‌مصرئيم: يعني ”مصر جو سوڳ“.

13:50 رس 16:7    25:50 خر 19:13، يش 32:24، عبر 22:11

# خروج

## توريت شريف جو پيو ڪتاب

### تعارف

"خروج" لفظ جو مطلب آهي "روانگي". اهو لفظ بني اسرائيل جي تواريخ ۾ هڪ اهم واقعي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. اهو واقعو خدا جو بني اسرائيل کي غلاميءَ مان آزاد ڪرائي مصر ملڪ مان روانو ڪرڻ آهي.

هن مقدس ڪتاب ۾ چار اهم ڳالهيون بيان ڪيل آهن: 1. بني اسرائيل جو غلاميءَ مان آزاد ٿيڻ. 2. انهن جو سينا جبل ڏانهن سفر ڪرڻ. 3. خدا جو بني اسرائيل سان سينا جبل تي عهد ڪرڻ، جنهن عهد کين زندگي گذارڻ لاءِ اخلاقي، معاشرتي ۽ مذهبي قانون ڏنا. 4. بني اسرائيل جي پهرين عبادت‌گاهہ يعني مقدس خيمي جي تعمير ۽ آرائش ۽ مقدس خيمي جي خدمتگار ڪاهنن ۽ خدا جي عبادت متعلق قاعدن ۽ قانون جو بيان. ("مقدس خيمو" ۽ "ڪاهن" بابت وضاحت "خاص لفظن جي سمجهاڻي" ۾ ڏسو.)

سيني ڳالهين کان بالاتر، هي ڪتاب اهو بيان ڪري ٿو تہ خدا غلام بڻايل بني اسرائيل کي آزادي ڏياري، کين هڪ قوم بڻايو ۽ کين مستقبل متعلق اميد ڏياري.

هن ڪتاب ۾ مرڪزي انساني شخصيت حضرت موسيٰ جي آهي، جنهن کي خدا انهيءَ لاءِ چونڊيو تہ سندس وسيلي پنهنجي قوم کي مصر مان ڪڍي ۽ انهيءَ جي ئي وسيلي کين پنهنجي شريعت عطا ڪري. هن ڪتاب جون گهڻي ڀاڱي مشهور آيتون اهي آهن جن ۾ شريعت جا ڏهہ حڪم لکيل آهن. اهي آيتون باب 20 ۾ آهن.

### سِٽاءُ


بني اسرائيل جو مصر مان آزاد ٿيڻ 1:1–21:15
1. مصر ۾ غلامي 1:1–22
2. حضرت موسيٰ جو ڄمڻ ۽ سندس ننڍپڻ 1:2–31:4
3. حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون جو مصر جي بادشاهہ سان مهاڏو اٽڪائڻ 1:5–10:11
4. پهرين عيد فصح ۽ مصر مان روانگي 1:12–21:15
ڳاڙهي سمنڊ کان سينا جبل تائين سفر 22:15–27:18
شريعت ۽ عهد 1:19–18:24
مقدس خيمو ۽ عبادت لاءِ نصيحتون 1:25–38:40

## بني اسرائيل تي مصر ۾ ظلم

1 (1) اسرائيل يعني يعقوب جا پٽ، جيڪي پنهنجي پنهنجي ڪٽنب
ڪي وٺي ساڻس گڏجي مصر ۾ آيا، تن جا نالا هي آهن: (2) روبن،
شمعون، لاوي ۽ يهوداه، (3) اِسڪار، زبولون ۽ بنيامين، (4) دان،
نفتالي، گد ۽ آشر. (5) اهي سڀ ماڻهو جيڪي يعقوب جي نسل مان
پيدا ٿيا سي ستر هئا. سندس پٽ يوسف اڳ ۾ ئي مصر ۾ هو.
(6) وقت گذرڻ سان يوسف، سندس ڀائر ۽ انهيءَ پيڙهيءَ جا سڀيئي
ماڻهو فوت ٿي ويا. (7) پر سندن نسل يعني اسرائيل جو اولاد ڦلدار
ٿيندو ۽ گهڻو وڌندو رهيو. هو نهايت طاقت وارو ٿيو ۽ اهو ملڪ
انهن سان ڀرجي ويو.
(8) تڏهن مصر ۾ ٻئي *فرعون بادشاهہ زور ورتو، جيڪو يوسف
جي باري ۾ ڪجهہ نہ ڄاڻيندو هو. (9) هن پنهنجي ماڻهن کي چيو
تہ ”ڏسو، بني اسرائيل جي قوم اسان کان شمار ۽ زور ۾ گهڻي وڌي
ويئي آهي. (10) تنهنڪري اچو تہ ساڻن چالاڪيءَ سان هلون، متان
اهي اجا بہ وڌي وڃن ۽ پوءِ جڏهن ڪا جنگ لڳي تڏهن اهي وڃي
اسان جي دشمنن سان گڏجي اسان سان وڙهن ۽ ملڪ مان نڪري
وڃن.“ (11) سو مصرين کين پيڙڻ لاءِ مٿن رکوالا مقرر ڪيا تہ جيئن
اهي کين بيگر ۾ وهائين. اهڙيءَ طرح هنن فرعون جي لاءِ ذخيري
ڪرڻ جا شهر پتوم ۽ رعمسيس اڏيا. (12) پر جيئن جيئن مصري کين
وڌيڪ تڪليفون ڏيڻ لڳا، تيئن تيئن اهي وڌندا ۽ ملڪ ۾ پکڙجندا
ويا، ايتري قدر جو مصري بني اسرائيل کان ڊڄڻ لڳا. (13) تڏهن هو
بني اسرائيل کان سخت پورهيو ڪرائڻ لڳا. (14) انهن کان گاري ۽ سرن
ٺهرائڻ جو ڪم ۽ پنهنجين ٻنين ۾ هر قسم جو ڪم سخت محنت
سان ڪرائي، کين سندن حياتيءَ کان بيزار ڪري ڇڏيائون. انهن کان
جيڪو بہ پورهيو ٿي ڪرايائون سو سخت ظلم سان ٿي ڪرايائون.
(15) تڏهن مصر جي بادشاهہ فرعون †عبراني عورتن جي داين کي
پاڻ وٽ سڏايو، جن مان هڪڙيءَ جو نالو سفره ۽ ٻيءَ جو پوعاه
هو. (16) کين حڪم ڏنائين تہ ”جڏهن اوهين عبراني عورتن کي ويم
ڪرايو تڏهن اوهين ڏسو، جيڪڏهن پٽ ڄمي تہ انهيءَ کي ماري
ڇڏجو ۽ جي ڌيءَ ڄمي تہ انهيءَ کي جيئرو ڇڏجو.“ (17) پر دايون خدا
کان ڊڄيون ۽ جيئن بادشاهہ حڪم ڏنو هون تيئن نہ ڪيائون ۽ پٽن
کي بہ جيئرو ڇڏي ڏنائون. (18) تڏهن فرعون داين کي گهرائي چيو تہ
”توهان ائين ڇو ڪيو جو پٽن کي بہ جيئرو ڇڏي ڏنوَ؟“ (19) تنهن تي
داين فرعون کي وراڻيو تہ ”عبراني عورتون مصر جي عورتن وانگر
نہ آهن. اُهي اهڙيون تہ صحتمند آهن جو داين جي اچڻ کان اڳ ۾
ئي ويم ڪريو ڇڏين.“ (20-21) انهيءَ ڳالهہ جي ڪري خدا داين سان
ڀلائي ڪئي ۽ سندن گهر آباد ڪيا، جو اهي خدا کان ڊڄيون هيون. سو
ائين بني اسرائيل جي قوم وڌندي ۽ تمام گهڻي ٿيندي رهي. (22) تنهن
کان پوءِ فرعون پنهنجي سڀني ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ ”عبرانين ۾
جيڪو پٽ ڄمي تنهن کي درياءَ ۾ اڇلايو ۽ جيڪا ڌيءَ ڄمي تنهن
کي جيئرو ڇڏي ڏيو.“

## موسيٰ جو ننڍپڻ

2 (1) ان عرصي ۾ لاوي قبيلي جي هڪڙي ماڻهوءَ وڃي پنهنجي
قبيلي جي هڪڙيءَ عورت سان شادي ڪئي. (2) اها عورت پيٽ
سان ٿي ۽ کيس پٽ ڄائو. جڏهن هن ڏٺو تہ ٻار سهڻو آهي تڏهن
کيس لڪائي رکيائين. ائين کيس ٽي مهينا گذري ويا. (3) پر جڏهن
کيس وڌيڪ لڪائي نہ سگهي، تڏهن ڪانن جو هڪڙو ٽوڪرو ٺاهيائين
جنهن کي رال ۽ ڏامر لڳائي ٻار کي انهيءَ ۾ رکي اهو درياءَ جي
ڪناري تي ٻوڙن ۾ رکي ڇڏيائين. (4) انهيءَ ٻار جي ڀيڻ پري کان
بيهي ڏسندي رهي تہ هن سان ڇا ٿو ٿئي.
(5) ان وقت فرعون جي ڌيءَ درياءَ تي وهنجڻ آئي. سندس ٻانهيون
درياءَ جي ڪناري تي گهمڻ لڳيون. اوچتو فرعون جي ڌيءَ جي نظر
انهيءَ ٽوڪري تي پيئي. هن پنهنجي ٻانهيءَ کي موڪليو تہ اهو
ڪڍي اچي. (6) جڏهن هن اهو کوليو تہ ڏٺائين تہ ان ۾ هڪ ڇوڪرو
هو جيڪو رنو پئي. کيس انهيءَ ٻار تي رحم آيو ۽ چوڻ لڳي تہ
”هي ڪنهن عبرانيءَ جو ٻار آهي.“
(7) تڏهن ٻار جي ڀيڻ فرعون جي ڌيءَ کي چيو تہ ”جيڪڏهن توهان
چئو تہ آءٌ وڃي عبراني عورتن مان ڪنهن ٿڃ ڌارائيندڙ دائيءَ کي
توهان وٽ وٺي اچان، جيڪا توهان جي لاءِ هن ٻار کي کير پيئاري.“
(8) فرعون جي ڌيءَ چيس تہ ”ڀلي وڃ.“ تڏهن اها ڇوڪري ويئي ۽
انهيءَ ٻار جي ماءُ کي سڏي آئي. (9) فرعون جي ڌيءَ هن کي چيو
تہ ”هن ٻار کي کڻي وڃي منهنجي طرفان نپاءِ. آءٌ تو کي انهيءَ جو
اجورو ڏيندس.“ سو اها عورت انهيءَ ٻار کي کڻي ويئي ۽ کيس
نپايائين. (10) پوءِ جڏهن ٻار وڏو ٿيو تڏهن هوءَ کيس فرعون جي ڌيءَ
وٽ وٺي آئي. هن کيس پنهنجو پٽ بڻايو ۽ سندس نالو ‡موسيٰ
رکيائين، جو چيائين تہ ”مون هن کي پاڻيءَ مان ڪڍيو آهي.“

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.
†عبراني: بني اسرائيل کي ”عبراني“ بہ سڏيو ويندو آهي.
‡موسيٰ: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ڪڍڻ“.

4–1:1 پيد 27–8:46 7:1 رس 17:7 8:1 رس 18:7 10:1 رس 19:7 22:1 رس 19:7 2:2 رس 20:7، عبر 23:11
10:2 رس 21:7

## موسيٰ جو مديان ڏانهن ڀڄي وڃڻ

11 پوءِ جڏهن موسيٰ وڏو ٿيو ته هڪ ڏينهن ٻاهر پنهنجي همقوم
عبرانين وٽ ويو، جتي سندن تڪليفون ڏٺائين. هن ڏٺو ته هڪڙو
مصري سندس هڪ عبراني ڀاءُ کي ماري رهيو هو. 12 موسيٰ هيڏانهن
هوڏانهن نهاريو. جڏهن ڏٺائين ته اتي ٻيو ڪو ماڻهو ڪونهي تڏهن
انهيءَ مصريءَ کي ماري سندس لاش واريءَ ۾ لڪائي ڇڏيائين.
13 ٻئي ڏينهن جڏهن وري ٻاهر نڪتو تڏهن ٻن عبرانين کي پاڻ ۾
وڙهندو ڏٺائين. انهن مان جيڪو ناحق تي هو تنهن کي چيائين ته
”تون پنهنجي قوم واري کي ڇو ٿو مارين؟“ 14 هن چيس ته ”ڪنهن
تو کي اسان جي مٿان حاڪم يا منصف مقرر ڪيو آهي؟ تون مون کي
انهيءَ مصريءَ وانگر مارڻ ٿو چاهين ڇا؟“ اهو ٻڌي موسيٰ ڊڄي ويو
۽ دل ۾ چيائين ته ”ضرور اها ڳالهه ظاهر ٿي چڪي آهي.“ 15 فرعون
جڏهن اها ڳالهه ٻڌي تڏهن موسيٰ کي مارائڻ جو ارادو ڪيائين. پر
موسيٰ فرعون وٽان ڀڄي ويو ۽ وڃي مديان جي علائقي ۾ رهڻ لڳو.
هڪ ڏينهن جڏهن موسيٰ هڪڙي کوهه وٽ ويٺو هو 16 ته اتي
مديان جي مذهبي اڳواڻ يٿرو جون ست ئي ڌيئرون آيون. اهي کوهه
مان پاڻي ڪڍي ڪونارين کي ڀرڻ لڳيون ته جيئن پنهنجي پيءُ جي
ڌڻ کي پاڻي پيئارين. 17 ان وقت ڪجهه ڌنار اچي هنن کي اتان
هٽائڻ لڳا. تڏهن موسيٰ اُٿي سندن مدد ڪئي ۽ سندن ڌڻ کي پاڻي
پيئاريائين. 18 جڏهن اهي پنهنجي پيءُ وٽ موٽي آيون تڏهن هن پڇين
ته ”اڄ اوهين ايترو جلد ڪيئن آيون آهيو؟“ 19 هنن ٻڌايس ته ”هڪڙي
مصريءَ اسان کي ڌنارن جي هٿان ڇڏايو ۽ اسان جي لاءِ پاڻي ڪڍي
ڌڻ کي پيئاريائين.“ 20 تڏهن هن پنهنجي ڌيئرن کي چيو ته ”اهو
ماڻهو ڪٿي آهي؟ اوهين ڇو انهيءَ کي ڇڏي آيون آهيو؟ سڏي اچوس
ته ماني کائي.“ 21 پوءِ موسيٰ يٿرو جي گهر ۾ رهڻ لڳو.
يٿرو پنهنجي ڌيءَ صفوره موسيٰ کي پرڻائي ڏني 22 ۽ انهيءَ مان
موسيٰ کي هڪڙو پٽ ڄائو جنهن جو نالو *گيرشوم رکيائين، جو
چيائين ته ”آءٌ غير ملڪ ۾ ڌاريو هوس.“
23 گهڻي عرصي گذرڻ کان پوءِ مصر جو اهو فرعون بادشاهه مري
ويو ۽ ٻيو فرعون بادشاهه ٿيو. پر بني اسرائيل اڃا تائين غلاميءَ جي
ڪري آهون ڀريندا ۽ روئندا ٿي رهيا. سندن روئڻ جيڪو غلاميءَ جي
مصيبت جي ڪري هو، سو خدا تائين وڃي پهتو. 24 تڏهن خدا سندن
دانهون ٻڌي پنهنجي انهيءَ عهد کي ياد ڪيو، جيڪو هن ابراهيم،
اسحاق ۽ يعقوب سان ڪيو هو. 25 خدا بني اسرائيل تي نظر ڪئي ۽
سندن سار لڌائين.

## خدا جو موسيٰ کي سڏڻ

3 1 موسيٰ پنهنجي سهري يٿرو جا ڌڻ چاريندو هو، جيڪو مديان
جو مذهبي اڳواڻ هو. هڪ ڏينهن هو ڌڻ کي هڪليندو بيابان
جي پرئين پاسي خدا جي جبل سينا وٽ اچي پهتو. 2 هن کي اتي
اوچتو خداوند جو وجود هڪڙي ٻوڙي جي وچ مان باهه جي شعلي
وانگر نظر آيو. هن نهاري ڏٺو ته ٻوڙي ۾ باهه پيئي ٻري، پر تڏهن
به ٻوڙو سڙي رک نه ٿو ٿئي. 3 تڏهن موسيٰ سوچيو ته ”آءٌ ويجهو
وڃي اهو عجيب نظارو ڏسان ته ھي ٻوڙو سڙي رک ڇو نه ٿو ٿئي.“
4 جڏهن خداوند ڏٺو ته هو ڏسڻ لاءِ ويجهو ٿو اچي، تڏهن خدا
ٻوڙي منجهان کيس سڏي چيو ته ”اي موسيٰ! اي موسيٰ!“
موسيٰ وراڻيو ته ”اِجهو، آءٌ حاضر آهيان.“ 5 خدا چيس ته ”وڌيڪ
ويجهو نه اچ. پنهنجي پيرن مان جتي لاهه، ڇالاءِ جو جنهن جاءِ تي
تون بيٺو آهين سا پاڪ زمين آهي.“ 6 وري چيائينس ته ”آءٌ تنهنجي
پيءُ جو خدا ۽ ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب جو خدا آهيان.“ اهو ٻڌي
موسيٰ پنهنجو منهن ڪٽي لڪايو، ڇالاءِ جو هو خدا ڏانهن نهارڻ کان
ڊنو ٿي.
7 پوءِ خداوند چيس ته ”منهنجي قوم جيڪا مصر ۾ آهي، تنهن
جي سخت مصيبت مون ڏٺي آهي. سندن رکوالن جي سختيءَ جي
ڪري سندن ڪيل دانهن ٻڌي اٿم. مون کي هنن جي ڏکن جي خبر
آهي. 8 انهيءَ لاءِ ئي آءٌ نازل ٿيو آهيان ته هنن کي مصرين جي
هٿان ڇڏائي، سندن ملڪ مان ڪڍي ڪين ٻئي ڪنهن چڱي ۽ وڏي
ملڪ ۾ پهچايان جيڪو آسودو ۽ خوشحال هجي، يعني ڪنعانين،
حتين، امورين، فرزين، حوين ۽ يبوسين جي ملڪ ۾. 9 ڇاڪاڻته
بني اسرائيل جي دانهن مون تائين پهتي آهي ۽ جيڪو ظلم مصري
هنن سان ڪري رهيا آهن سو به ڏٺو اٿم. 10 تنهنڪري هاڻي اچ ته
آءٌ تو کي فرعون ڏانهن موڪليان ته جيئن تون منهنجي قوم بني
اسرائيل کي مصر مان ڪڍي اچين.“
11 پر موسيٰ خدا کي چيو ته ”آءٌ ڪير ٿيندو آهيان جو فرعون وٽ
وڃان ۽ بني اسرائيل کي مصر مان ڪڍي اچان؟“ 12 خدا وراڻيس ته
”تون يقين ڪري ڄاڻ ته آءٌ تو سان گڏ هوندس. ان جي نشاني ته
مون ئي تو کي موڪليو آهي اها هوندي، ته جڏهن تون انهن ماڻهن
کي مصر مان ڪڍي ايندين، تڏهن تون هن جبل تي مون خدا جي
عبادت ڪندين.“
13 تنهن تي موسيٰ خدا کي چيو ته ”پر جڏهن آءٌ بني اسرائيل وٽ
ويندس ۽ کين چوندس ته ‘اوهان جي ابن ڏاڏن جي خدا مون کي
اوهان ڏانهن موڪليو آهي،’ تڏهن هو مون کان پڇندا ته ‘انهيءَ

*گيرشوم: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”ڌاريو“ يا ”مسافر“.

2:11 عبر 11:24    2:11–14 رس 7:23–28    2:15 رس 7:29، عبر 11:27    2:24 پيد 15:13–14    3:2–10 رس 7:30–34
3:13 خر 6:2–3

جو نالو ڇا آهي؟' پوءِ آءٌ انهن کي ڇا ٻڌايان؟" 14 خدا موسيٰ کي
چيو تہ *"آءٌ جيڪو حاضر آهيان، سو ئي آهيان. تنهنڪري تون بني
اسرائيل کي هيئن چئج تہ 'جيڪو چوي ٿو تہ "آءٌ حاضر آهيان،"
تنهن مون کي اوهان ڏانهن موڪليو آهي.' 15 تون بني اسرائيل کي
هيئن بہ چئج تہ 'مون کي خداوند، اوهان جي ابن ڏاڏن جي خدا
۽ ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب جي خدا اوهان ڏانهن موڪليو آهي.'
ڏس، هميشہ تائين منهنجو نالو اهو ئي آهي ۽ سيني پيڙهين ۾ مون
کي انهيءَ نالي سان ئي ياد ڪيو ويندو. 16 هاڻي تون وڃ ۽ وڃي
بني اسرائيل جي اڳواڻن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪر ۽ کين ٻڌاءِ تہ مون
خداوند سندن ابن ڏاڏن جي خدا ۽ ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب جي
خدا تو کي ڏيکاري ڏيئي سندن لاءِ هي پيغام ڏنو آهي تہ 'سچپچ
مون اوهان جي سار لڌي آهي ۽ مصر ۾ جيڪي اوهان سان ٿي رهيو
آهي سو ڏٺو اٿم. 17 مون فيصلو ڪيو آهي تہ اوهان کي مصر وارن
جي مصيبت مان ڪڍي، ڪنعانين، حتين، امورين، فرزين، حوين ۽
يبوسين جي ملڪ ۾ آڻيندس، جيڪو آسودو ۽ خوشحال آهي.'
18 اهي تنهنجي ڳالهہ ٻڌندا. پوءِ تون ۽ بني اسرائيل جا اڳواڻ
مصر جي بادشاهہ وٽ وڃجو. کيس چئجو تہ 'خداوند، عبرانين
جي خدا، اسان کي ڏيکاري ڏني آهي. سو هاڻي توهان اسان کي
ٽن ڏينهن جي پنڌ تي بيابان ۾ وڃڻ ڏيو، تہ اسين خداوند پنهنجي
خدا جي لاءِ قربانيون ڪريون.' 19 آءٌ ڄاڻان ٿو تہ مصر جو بادشاهہ
زبردستيءَ کان سواءِ اوهان کي وڃڻ ڪين ڏيندو. 20 پر آءٌ پنهنجو
هٿ ڊگهيريندس ۽ انهن عجيب ڪمن سان، جيڪي آءٌ ڪندس مصر
ملڪ کي سزا ڏيندس. ان کان پوءِ هو اوهان کي وڃڻ ڏيندو. 21 آءٌ هن
قوم کي مصرين جي نظر ۾ عزت ڏيندس پوءِ جڏهن اوهين نڪرندا
تہ خالي هٿين ڪين نڪرندا. 22 پر اوهان جي هر ڪا عورت پنهنجي
پاڙي واريءَ کان ۽ گهر ۾ رهندڙ مهمان عورت کان چانديءَ ۽ سون
جا زيور ۽ ڪپڙا گهري وٺندي. اهي اوهين پنهنجي پٽن ۽ ڌيئرن کي
پارائيندا. اهڙيءَ طرح اوهين مصرين کي لُٽي ڇڏيندا."

## موسيٰ کي معجزي جي طاقت ملڻ

4 1 تڏهن موسيٰ خداوند کي ورندي ڏيئي چيو تہ "جيڪڏهن هو
مون تي اعتبار نہ ڪن، نڪي منهنجي ڳالهہ مڃين، بلڪ ائين
چون تہ 'خداوند تو کي ڏيکاري ڪانہ ڏني آهي،' تہ پوءِ آءٌ ڇا
ڪريان؟" 2 تنهن تي خداوند موسيٰ کان پڇيو تہ "تنهنجي هٿ ۾ ڇا
آهي؟" موسيٰ وراڻيو تہ "لٺ آهي." 3 خداوند چيس تہ "اها زمين
تي اڇلاءِ." هن اها زمين تي اڇلائي تہ نانگ ٿي پيئي. موسيٰ انهيءَ
کان ڀڄي پري ٿيو. 4 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ "پنهنجو
هٿ ڊگهيري هن کي پڇ کان جهل." موسيٰ هٿ ڊگهيري هن کي پڇ
کان جهليو تہ اهو سندس هٿ ۾ لٺ ٿي پيو. 5 پوءِ خداوند چيس تہ
"انهيءَ سان بني اسرائيل اعتبار ڪندا تہ آءٌ خداوند، انهن جي ابن
ڏاڏن جي خدا ۽ ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب جي خدا تو کي ڏيکاري
ڏني آهي."
6 خداوند وري چيس تہ "هاڻي پنهنجو هٿ چولي جي اندر پنهنجي
سيني تي رک." هن پنهنجو هٿ چولي جي اندر پنهنجي سيني تي
رکيو ۽ جڏهن اهو ٻاهر ڪڍيائين تہ ڇا ڏسي تہ سندس هٿ ڪوڙهہ
جي بيماريءَ وانگر بلڪل اڇو ٿي پيو هو. 7 خداوند چيس تہ "پنهنجو
هٿ ٻيهر چولي جي اندر پنهنجي سيني تي رک." هن وري پنهنجو
هٿ چولي جي اندر پنهنجي سيني تي رکيو ۽ جڏهن ٻاهر ڪڍيائين
تہ ڇا ڏسي تہ اهو سندس باقي بدن جهڙو ٿي پيو هو. 8 خداوند
چيس تہ "جيڪڏهن اهي تو تي اعتبار نہ ڪن ۽ پهرئين معجزي کي
بہ نہ مڃين تہ پوءِ شايد ٻئي معجزي تي ضرور اعتبار ڪن. 9 پر
جيڪڏهن هو انهن ٻنهي معجزن تي اعتبار نہ ڪن ۽ تنهنجي ڳالهہ
نہ مڃين تہ پوءِ تون نيل درياءَ جو ٿورو پاڻي ڪٽي سڪيءَ زمين
تي هاري ڇڏج. اهو پاڻي جيڪو تون درياءَ مان ڪڍندين سو سڪيءَ
زمين تي رت ٿي پوندو."
10 تڏهن موسيٰ خداوند کي چيو تہ "اي مالڪ! مون کي نہ موڪل.
آءٌ ڳالهائڻ ۾ هوشيار نہ آهيان، نہ هن کان اڳي هوس ۽ نہ هاڻي،
جڏهن کان تو پنهنجي ٻانهي سان ڳالهايو آهي. ڇالاءِجو منهنجي
زبان ۾ ڍرائي آهي ۽ آءٌ ڳالهائڻ ۾ هبڪندو آهيان." 11 تنهن تي
خداوند چيس تہ "ماڻهوءَ کي وات ڪنهن ڏنو آهي؟ ماڻهوءَ کي
گونگو يا ٻوڙو، انڌو يا سڄو ڪير ٿو ڪري؟ ڇا اهو آءٌ نہ ٿو
ڪريان جيڪو خداوند آهيان؟ 12 تنهنڪري هاڻي تون وڃ، آءٌ ڳالهائڻ
۾ تنهنجي مدد ڪندس. جيڪو ڪجهہ تو کي چوڻو هوندو سو آءٌ
تو کي سيکاريندس." 13 پر موسيٰ وراڻيو تہ "اي مالڪ! آءٌ تو کي
عرض ٿو ڪريان تہ انهيءَ ڪم لاءِ ڪنهن ٻئي کي موڪل."
14 انهيءَ تي خداوند موسيٰ تي تمام گهڻو ڪاوڙيو ۽ چيائينس تہ
"ڇا لاوي قبيلي جو هارون تنهنجو ڀاءُ نہ آهي؟ مون کي خبر آهي
تہ هو چڱيءَ طرح ڳالهائي ٿو سگهي. ڏس، هو بہ تو سان ملڻ
لاءِ اچي رهيو آهي ۽ تو کي ڏسي دل ۾ خوش ٿيندو. 15 تون ساڻس
گفتگو ڪري کيس ٻڌائج تہ هن کي ڇا چوڻو آهي. آءٌ ڳالهائڻ ۾
اوهان ٻنهي جي مدد ڪندس ۽ اوهان کي ٻڌائيندس تہ ڇا ڇا ڪريو.
16 تنهنجي بدران هو ماڻهن سان ڳالهائيندو. هو تنهنجي لاءِ ڄڻ تہ

---

*آءٌ جيڪو حاضر آهيان، سو ئي آهيان: عبراني ٻوليءَ ۾ هي خدا جو پاڪ نالو سمجهيو وڃي ٿو، جنهن لاءِ بائيبل جي هن سنڌي ترجمي ۾ اڪثر ڪري لفظ "خداوند" استعمال ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ جو واسطو ڪنهن ٻئي عبراني لفظ سان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "آءٌ آهيان". سو انهيءَ پاڪ نالي جو مطلب گهڻو ڪري هي آهي تہ "آءٌ آهيان ئي آهيان" يا "آءٌ هوندس ئي هوندس" يا "آءٌ اهو آهيان جيڪو هر شيءِ کي وجود ۾ آڻيان ٿو."

14:3 مڪا 8،4:1   22–21:3 خر 36–35:12

واٽ هوندو ۽ تون هن جي لاءِ ڄڻ تہ خدا ٿيندين. 17 تون هيءَ لٺ
پنهنجي هٿ ۾ کڻج، انهيءَ سان تون معجزا ڏيکاريندين."

## موسيٰ جو مصر ڏانهن موٽڻ

18 تنهن کان پوءِ موسيٰ موٽي پنهنجي سهري يٿرو وٽ آيو ۽
چيائينس تہ "مهرباني ڪري مون کي موڪل ڏي تہ آءٌ موٽي پنهنجن
ڀائرن وٽ وڃان، جيڪي مصر ۾ آهن. اتي آءٌ وڃي ڏسان تہ اهي
اڃا جيئرا آهن يا نہ." يٿرو موسيٰ کي چيو تہ "سلامتيءَ سان وڃ."
19 موسيٰ اڃا مديان ۾ ئي هو تہ خداوند چيس تہ "مصر ڏانهن موٽي
وڃ، ڇالاءِجو جن ماڻهن تو کي مارڻ ٿي گهريو سي مري ويا آهن."
20 تڏهن موسيٰ پنهنجيءَ زال ۽ پنهنجن پٽن کي هڪڙي گڏهہ تي
ويهاريو ۽ مصر ڏانهن روانو ٿيو. موسيٰ اها لٺ پنهنجي هٿ ۾ کنئي
جنهن لاءِ خدا چيو هوس.
21 خداوند وري موسيٰ کي فرمايو تہ "جڏهن تون مصر ۾ موٽي
وڃين تڏهن اهي سڀ معجزا جيڪي مون تنهنجي هٿ ۾ ڏنا آهن،
سي وڃي فرعون جي اڳيان ڏيکارج. آءٌ فرعون جي دل کي سخت
ڪندس ۽ هو انهن ماڻهن کي وڃڻ نہ ڏيندو. 22 تڏهن تون فرعون
کي مون خداوند جو هي فرمان ٻڌاءِ تہ 'بني اسرائيل منهنجو پهريتو
پٽ آهي. 23 سو آءٌ تو کي چوان ٿو تہ منهنجي پٽ کي وڃڻ ڏي تہ
وڃي منهنجي عبادت ڪري. جيڪڏهن تون هن کي وڃڻ نہ ٿو ڏين
تہ پوءِ ياد رک، آءٌ تنهنجي پهريتي پٽ کي ماري ڇڏيندس.'"
24 مصر ڏانهن ويندي رستي ۾ هڪڙيءَ منزل تي خداوند موسيٰ
کي گڏيو ۽ کيس مارڻ گهريائين. 25 تڏهن سندس زال صفوره هڪدم
هڪڙو تکو پٿر کڻي پنهنجي پٽ جو طهر ڪيو ۽ وڍيل کل جي ٽڪر
سان موسيٰ جي پيرن کي ڇهي چيائين تہ "بيشڪ تون منهنجي لاءِ
رت وارو گهوٽ آهين." 26 سو جڏهن هن طهر واريءَ اها رسم ادا
ڪئي تڏهن خدا موسيٰ کي ڇڏي ڏنو.
27 انهيءَ وچ ۾ خداوند هارون کي فرمايو تہ "بيابان ۾ وڃي
موسيٰ سان مل." سو هو انهيءَ سان ملڻ لاءِ خدا جي جبل تي ويو
۽ ساڻس ملي کيس چميائين. 28 تڏهن موسيٰ اهي ڳالهيون جيڪي
خدا کيس ٻڌائي روانو ڪيو هو ۽ اهي معجزا جيڪي ڪرڻ لاءِ کيس
ٻڌايا هئائين، سي سڀ هارون کي بيان ڪري ٻڌايا. 29 پوءِ موسيٰ ۽
هارون مصر ويا ۽ بني اسرائيل جي سڀني اڳواڻن کي هڪ هنڌ گڏ
ڪيائون. 30 هارون اهي سموريون ڳالهيون جيڪي خداوند موسيٰ کي
ٻڌايون هيون سي انهن کي بيان ڪيون. اتي موسيٰ ماڻهن جي اڳيان
معجزا بہ ڪري ڏيکاريا. 31 تڏهن ماڻهن انهن تي يقين ڪيو. وري
جڏهن هنن ٻڌو تہ خداوند بني اسرائيل جي سار لڌي آهي ۽ انهن
جي مصيبت ڏٺي اٿس، تڏهن زمين تي جهڪي سجدو ڪيائون.

## موسيٰ ۽ هارون فرعون جي اڳيان

5 1 انهيءَ کان پوءِ موسيٰ ۽ هارون فرعون وٽ آيا ۽ چيائونس
تہ "خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو فرمان آهي تہ 'منهنجي
قوم کي وڃڻ ڏي، تہ بيابان ۾ وڃي اهي منهنجي شان ۾ عيد
ڪن.'" 2 پر فرعون چيو تہ "اهو خداوند ڪير آهي، جو آءٌ سندس
ڳالهہ مڃي بني اسرائيل کي وڃڻ ڏيان؟ آءٌ خداوند کي ڪونہ ٿو
سڃاڻان ۽ نہ ئي وري بني اسرائيل کي وڃڻ ڏيندس." 3 تڏهن هنن
چيس تہ "عبرانين جو خدا اسان کي گڏيو آهي. سو اسان کي موڪل
ڏي تہ اسين ٽن ڏينهن جي پنڌ تي بيابان ۾ وڃي خداوند پنهنجي
خدا جي لاءِ قرباني ڪريون. جيڪڏهن ائين نہ ڪنداسين تہ متان هو
اسان ۾ وبا موڪلي يا اسان کي جنگ ۾ مارائي ڇڏي." 4-5 تنهن
تي مصر جي بادشاهہ هنن کي چيو تہ "اي موسيٰ ۽ هارون! اوهين
هنن ماڻهن کي سندن ڪمن کان ڇو ٿا روڪيو؟ اوهين چاهيو ٿا تہ
هن ملڪ ۾ اڪثريت وارا هيترا سارا ماڻهو ڪم کان رڪجي وڃن؟
کين ڇڏي ڏيو تہ وڃي پنهنجو ڪم ڪن."
6 اُتلندو انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي فرعون انهن ماڻهن جي رکوالن
۽ سندن بني اسرائيل جي عملدارن کي حڪم ڏيئي چيو تہ 7 "هاڻي
اڳتي اوهين هنن ماڻهن کي سرون ٺاهڻ لاءِ ٻُهہ نہ ڏجو، جيئن هاڻي
تائين ڏيندا رهيا آهيو. ڀلي تہ هو پنهنجي لاءِ پاڻيهي وڃي ٻُهہ گڏ
ڪن. 8 هنن کان اوترين ئي سرون ٺهرائجو جيتريون هو هاڻي تائين
ٺاهيندا رهيا آهن. اوهين انهيءَ ۾ ڪي بہ گهٽ نہ ڪجو. ڇالاءِجو
هو نڪما آهن، تنهنڪري دانهون ڪري ٿا چون تہ 'اسان کي ڇڏ تہ
وڃي پنهنجي خدا جي لاءِ قرباني ڪريون.' 9 اوهين هنن تي ڳرو
ڪم رکو تہ هو مشغول رهن ۽ اجاين ڪوڙين ڳالهين ڏانهن ڌيان نہ
ڏين."
10 ان کان پوءِ انهن ماڻهن جا رکوالا ۽ عملدار اتان روانا ٿيا ۽ انهن
ماڻهن کي اچي چيائون تہ "فرعون جو فرمان آهي تہ اڳتي اوهان کي
ٻُهہ ڪونہ ڏنو ويندو. 11 سو جتان بہ اوهان کي ٻُهہ ملي اتان پاڻ
وڃي کڻي اچو. پر اوهان جو مقرر پورهيو بلڪل گهٽ نہ ڪيو ويندو."
12 تڏهن اهي ماڻهو مصر جي سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويا ۽ ٻُهہ جي
ٺاهڻ لاءِ سنيا گڏ ڪرڻ لڳا. 13 سندن رکوالا مٿن زور رکندا هئا ۽
چوندا هئا تہ "اوهين روزانو اوترين ئي سرون ٺاهيو جيتريون ٻُهہ ملڻ
وقت ٺاهيندا هئا." 14 فرعون جا رکوالا انهن مٿان مقرر ڪيل بني
اسرائيل جي عملدارن کي مار ڏيئي چوڻ لڳا تہ "اوهان ڪالهہ ۽ اڄ
سرن ٺاهڻ جو اوترو ڪم ڇو نہ ڪرايو آهي جيترو اڳي ڪرائيندا هئا."
15 تڏهن بني اسرائيل جا عملدار فرعون وٽ آيا ۽ دانهون ڪري
چوڻ لڳا تہ "اوهان پنهنجي ٻانهن سان اهڙي هلت ڇو ٿا ڪريو.
16 اوهان جي ٻانهن کي ٻُهہ ڪونہ ٿو ڏنو وڃي، تڏهن بہ هو چون ٿا

---

23:4 خر 29:12

تہ ’پوريون سرون ناهيو.‘ سو هاڻي اوهان جي ٻانهن کي ماريو پيو
وڃي ۽ اوهان جي قوم کان بي‌انصافي ٿي رهي آهي.“
17 تنهن تي فرعون چين تہ ”اوهين ہاڻ نڪما آهيو، تنهنڪري چئو
ٿا تہ ’اسان کي ڇڏ تہ وڃي خداوند جي لاءِ قرباني ڪريون.‘ 18 سو
هاڻي اوهين وڃي ڪم ڪريو. اوهان کي ٻُهہ ڪونہ ملندو پر سرون
اوهان کي اوتريون ئي ناهي ڏيڻيون پونديون.“ 19 هاڻي جڏهن بني
اسرائيل جي عملدارن کي چيو ويو تہ ”اوهين پنهنجي روزانو جي
ڪم موجب سرن جي مقرر ڪيل انداز کان ڪجهہ بہ نہ گهٽايو،“
تڏهن کين معلوم ٿيو تہ هو ڪهڙيءَ مصيبت ۾ اچي ڦاٿا آهن.
20 هو فرعون وٽان جڏهن واپس اچي رهيا هئا تہ رستي تي کين
موسيٰ ۽ هارون مليا جيڪي سندن انتظار ڪري رهيا هئا. 21 بني
اسرائيل جي عملدارن کين چيو تہ ”شل خداوند اوهان کي ڏسي ۽
اوهان کي سزا ڏئي، جو اوهان اسان کي فرعون ۽ سندس نوڪرن جي
نظر ۾ نفرتي ڪري ڇڏيو آهي. ڄڻ تہ هنن جي هٿن ۾ تلوار ڏني اٿوَ
تہ اسان کي قتل ڪري ڇڏين.“
22 تڏهن موسيٰ موٽي خداوند وٽ آيو ۽ چيائينس تہ ”اي مالڪ!
تو ڇو هن قوم کي مصيبت ۾ وڌو آهي ۽ ڇو مون کي هتي موڪليو
اٿيئي؟ 23 ڇالاءِجو جڏهن کان آءٌ تنهنجو پيغام پهچائڻ لاءِ فرعون
وٽ آيو آهيان تڏهن کان هو هن قوم کي وڌيڪ ٿو ستائي. پر تو
پنهنجيءَ قوم کي بچائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي.“

## خدا جو ڇوٽڪاري لاءِ واعدو ڪرڻ

6 1 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”هاڻي تون ڏسجانءِ تہ آءٌ
فرعون سان ڇا ٿو ڪريان. آءٌ ساڻس زبردستي ڪندس، تڏهن
هو منهنجي قوم کي وڃڻ ڏيندو ۽ زبردستيءَ جي ڪري ئي هو کين
پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍي ڇڏيندو.“ 2 خدا موسيٰ کي فرمايو تہ
”آءٌ خداوند حاضر آهيان. 3 جڏهن مون ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب
کي ڏيکاري ڏني، تڏهن اهي مون کي خدا قادرِمطلق ڪري ڄاڻيندا
هئا. مون پنهنجو نالو *’خداوند‘ مٿن ظاهر نہ ڪيو هو. 4 مون
انهن سان پنهنجو عهد ڪيو هو تہ ڪنعان جو ملڪ، جنهن ۾ هو
ڌارين وانگر رهندا هئا سو کين ڏيندس. 5 هينئر جڏهن تہ مون بني
اسرائيل جون دانهون ٻڌيون آهن، جن کي مصرين پنهنجيءَ غلاميءَ
۾ رکيو آهي، تڏهن مون پنهنجو عهد ياد ڪيو آهي. 6 تنهنڪري
تون بني اسرائيل کي چئُہ تہ ’آءٌ خداوند آهيان. آءٌ اوهان کي مصرين
جي بار کان ڇڏائيندس ۽ سندن غلاميءَ کان آزاد ڪندس. آءٌ پنهنجو
زورآور هٿ وڌائي هنن کي سخت سزائون ڏيئي اوهان کي هنن کان
ڇڏائيندس. 7 آءٌ اوهان کي پنهنجي قوم بڻائيندس ۽ اوهان جو خدا
ٿيندس. جڏهن مون اوهان کي مصرين جي غلاميءَ مان ڇڏايو تڏهن
اوهين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان. 8 آءٌ اوهان کي
انهيءَ ملڪ ۾ پهچائيندس جنهن بابت مون قسم کڻي واعدو ڪيو
هو تہ اهو ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب کي ڏيندس. آءٌ اوهان کي اهو
ملڪ ميراث ڪري ڏيندس. آءٌ خداوند آهيان.‘“ 9 پوءِ موسيٰ اهي
سڀ ڳالهيون بني اسرائيل کي ٻڌايون، پر انهن دل جي نااميديءَ ۽
غلاميءَ جي ظلم ڪري موسيٰ ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنو.
10 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 11 ”تون مصر جي بادشاهہ
فرعون کي وڃي چئُہ تہ بني اسرائيل کي پنهنجي ملڪ مان ٻاهر وڃڻ
ڏي.“ 12 تنهن تي موسيٰ خداوند کي عرض ڪري چيو تہ ”جڏهن
بني اسرائيل ئي منهنجي ڳالهہ نہ ٻڌي تڏهن فرعون منهنجي ڳالهہ
ڪيئن ٻڌندو؟ خاص ڪري جڏهن تہ آءٌ ڳالهائڻ ۾ هبڪندو بہ آهيان.“
13 پوءِ خداوند موسيٰ ۽ هارون کي حڪم ڏنو تہ ”توهين بني اسرائيل
۽ مصر جي بادشاهہ فرعون کي وڃي ٻڌايو تہ مون خداوند بني
اسرائيل کي مصر ملڪ مان ٻاهر ڪڍي اچڻ لاءِ توهان کي اڳواڻ
مقرر ڪيو آهي.“

## موسيٰ ۽ هارون جو شجرو

14 موسيٰ ۽ هارون جي اباڻن خاندانن جا وڏا هي هئا. يعقوب جي
پهريتي پٽ روبن کي چار پٽ هئا: حنُوڪ، فلو، حصرون ۽ ڪرمي.
انهن جي نالن تي روبن جا گهراڻا هئا. 15 شمعون کي ڇهہ پٽ هئا:
يموايل، يامين، اُهد، يڪين، صُحر ۽ شائول، جيڪو هڪڙيءَ ڪنعاني
عورت جو پٽ هو. انهن جي نالن تي شمعون جا گهراڻا هئا. 16 لاويءَ
کي ٽي پٽ هئا: گيرشون، قهات ۽ مراري. انهن جي نالن تي لاويءَ
جا گهراڻا هئا. لاويءَ جي عمر هڪ سؤ ستٽيهہ سال هئي. 17 گيرشون
کي بہ پٽ هئا: لبني ۽ شمعي. انهن مان ٻيا بہ گهراڻا پيدا ٿيا.
18 قهات کي چار پٽ هئا: عمرام، اضهار، حبرون ۽ عزي‌ايل. قهات
جي عمر هڪ سؤ ٽيٽيهہ سال هئي. 19 مراريءَ کي بہ پٽ هئا: محلي
۽ موشي. لاويءَ جي ٽنهي پٽن مان لاويءَ جي گهراڻن جو نسل وڌيو.
20 عمرام پنهنجي ڦڦيءَ يوڪبد سان شادي ڪئي. انهيءَ مان کيس
بہ پٽ هارون ۽ موسيٰ پيدا ٿيا. عمرام جي عمر هڪ سؤ ستٽيهہ سال
هئي. 21 اضهار کي ٽي پٽ هئا: قوراح، نفگ ۽ زڪري. 22 عزي‌ايل
کي بہ ٽي پٽ هئا: ميشاايل، اليصافن ۽ ستري. 23 هارون اليشبع
سان شادي ڪئي، جيڪا نحسون جي ڀيڻ ۽ عميناداب جي ڌيءَ هئي.
انهيءَ مان کيس چار پٽ ڄاوا: ندب، ابيهو، اليعزر ۽ اتمر. 24 قوراح
کي ٽي پٽ هئا: اسير، القاناه ۽ ابياسف. انهن جي نالن سان قوراح
جا گهراڻا وڌيا. 25 هارون جي پٽ اليعزر، فوطي‌ايل جي ڌيئرن مان
هڪڙيءَ سان شادي ڪئي. انهيءَ مان کيس فينحاس پيدا ٿيو. اهي

*’خداوند‘: ڏسو خروج 3:14 ۾ خاص لفظن جي سمجهاڻيءَ ۾.

6:2–3 پيد 17:1، 28:3، 35:11، خر 3:13–15 6:6–19 گا 3:17–20، 26:57–58، 1.تو 6:16–19

سپ لاوي قبيلي جي ابن ڏاڏن جي گهراڻن جا وڏا هئا جن جي نالن
سان گهراڻا ٿيا.
26 هي اهي هارون ۽ موسيٰ آهن، جن کي خداوند فرمايو ته ”بني
اسرائيل جي پوريءَ قوم کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي اچو.“ 27 هي
اهي ئي آهن، جن مصر جي بادشاهه فرعون کي چيو ته ”اسين بني
اسرائيل کي مصر مان ڪڍي وينداسون.“

## فرعون جي آڏو پهريون معجزو

28 هاڻي جڏهن خداوند مصر جي ملڪ ۾ موسيٰ سان ڳالهايو،
29 تڏهن کيس چيائين ته ”آءٌ خداوند آهيان، جيڪي آءٌ تو کي چوان
ٿو، سو سڀ تون مصر جي بادشاهه فرعون کي ٻڌائج.“ 30 پر موسيٰ
خداوند کي وراڻيو ته ”تون ڄاڻين ٿو ته آءٌ ڳالهائڻ ۾ هٻڪندو آهيان.
سو فرعون ڪيئن منهنجي ڳالهه مڃيندو؟“

7 1 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو ته ”تو کي معلوم هئڻ گهرجي
ته مون تو کي فرعون جي لاءِ ڄڻ ته خدا ڪيو آهي ۽ تنهنجو ڀاءُ
هارون تنهنجو پيغمبر ٿيندو. 2 جيڪو به حڪم آءٌ تو کي ڏيان ٿو سو
تون هارون کي ٻڌائج. تنهنجو ڀاءُ هارون فرعون کي چوي ته هو بني
اسرائيل کي پنهنجي ملڪ مان وڃڻ ڏي. 3 آءٌ فرعون جي دل سخت
ڪندس. جيتوڻيڪ آءٌ پنهنجا معجزا ۽ عجيب ڪم مصر جي ملڪ ۾
وڏائيندس، 4 پر فرعون توهان جي ڳالهه نه ٻڌندو. تڏهن آءٌ پنهنجو
هٿ مصر تي ڊگهيريندس ۽ هن کي وڏيون سزائون ڏيئي پنهنجي قوم
بني اسرائيل کي مصر جي ملڪ مان ٻاهر آڻيندس. 5 جڏهن آءٌ پنهنجو
هٿ مصرين جي خلاف ڊگهيريندس ۽ بني اسرائيل کي سندن وچ مان
ڪڍي ايندس، تڏهن مصرين کي خبر پوندي ته آءٌ خداوند آهيان.“
6 پوءِ موسيٰ ۽ هارون ائين ئي ڪيو، جيئن خداوند کين حڪم ڏنو
هو. 7 سو جنهن وقت هنن فرعون وٽ وڃي ساڻس ڳالهايو، تنهن
وقت موسيٰ جي عمر اسي سال ۽ هارون جي ٽياسي سال هئي.
8 خداوند موسيٰ ۽ هارون کي فرمايو ته 9 ”جيڪڏهن فرعون اوهان
کي چوي ته ’اوهين پنهنجي ثابتيءَ لاءِ ڪو معجزو ڏيکاريو،‘ تڏهن
تون هارون کي چئج ته هو پنهنجي لٺ فرعون جي اڳيان اڇلائي،
جيڪا نانگ ٿي پوندي.“ 10 پوءِ موسيٰ ۽ هارون فرعون وٽ آيا ۽ ائين
ئي ڪيائون جيئن خداوند کين حڪم ڏنو هو. هارون جڏهن پنهنجي
لٺ فرعون ۽ سندس درٻارين جي اڳيان اڇلائي ته اها نانگ ٿي
پيئي. 11 تڏهن فرعون به ڏاهن ۽ جادوگرن کي گهرايو. انهن مصر
جي جادوگرن به پنهنجي جادوءَ سان ائين ئي ڪيو. 12 انهن مان هر
هڪ پنهنجي لٺ هيٺ اڇلائي ته اهي نانگ ٿي پيون. پر هارون جي
لٺ انهن جي لٺين کي ڳڙڪائي ويئي. 13 پر فرعون جي دل سخت ٿي
ويئي. سو جيئن خداوند اڳي ئي فرمايو هو تيئن هن موسيٰ ۽ هارون
جي ڳالهه نه مڃي.

## پهرين آفت، پاڻيءَ جو رت بنجڻ

14 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو ته ”فرعون جي دل سخت ٿي
چڪي آهي سو هو منهنجي قوم کي وڃڻ نه ٿو ڏئي. 15 هاڻي تون
صبح جو سوير فرعون وٽ وڃجانءِ. هو انهيءَ مهل درياءَ تي ويندو.
سو تون ساڻس ملڻ لاءِ درياءَ جي ڪناري تي وڃي بيهجانءِ ۽ جيڪا
لٺ بدلجي نانگ ٿي پيئي هئي سا پنهنجي هٿ ۾ کڻي وڃجانءِ.
16 پوءِ فرعون کي چئجانءِ ته ’خداوند عبرانين جي خدا مون کي تو
ڏانهن موڪليو آهي ۽ چيو اٿائين ته ”منهنجي قوم کي وڃڻ ڏي
ته هو بيابان ۾ وڃي منهنجي عبادت ڪن. پر ڏس، تو اڃا تائين
منهنجو چوڻ نه مڃيو آهي. 17 هاڻي آءٌ خداوند چوان ٿو ته هيئنر
تو کي خبر پوندي ته آءٌ خداوند آهيان.“ سو ڏس، هيءَ لٺ جيڪا
منهنجي هٿ ۾ آهي، سا آءٌ پاڻيءَ تي هڻندس ته درياءَ جو سمورو
پاڻي بدلجي رت ٿي پوندو. 18 درياءَ ۾ جيڪي به مڇيون آهن سي
سڀ مري وينديون ۽ درياءَ ۾ اهڙي ته بدبوءِ ٿي پوندي جو مصرين
کي درياءَ جو پاڻي پيئڻ کان ڪراهت ايندي.‘“
19 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو ته ”هارون کي چئُه ته هو پنهنجي
لٺ کڻي مصر جي سڀني ندين، نهرن، تلائن ۽ حوضن تي پنهنجو
هٿ ڊگهيري ته جيئن اهي رت ٿي پون. پوءِ مصر جي ساري ملڪ
۾، ڪاٺ توڙي پٿر جي ٿانون ۾ به رت ئي رت هوندو.“
20 تڏهن موسيٰ ۽ هارون ائين ئي ڪيو، جيئن خداوند کين حڪم
ڏنو هو. هارون لٺ کڻي فرعون ۽ سندس نوڪرن جي روبرو درياءَ جي
پاڻيءَ تي هڻي ته درياءَ جو سارو پاڻي بدلجي رت ٿي پيو. 21 درياءَ
۾ جيڪي مڇيون هيون سي سڀ مري ويون ۽ درياءَ بدبودار ٿي پيو.
مصر جا ماڻهو درياءَ جو پاڻي پي نه سگهيا ۽ مصر جي ساري ملڪ
۾ رت ئي رت ٿي پيو. 22 تڏهن مصر جي جادوگرن به پنهنجي جادوءَ
سان ائين ئي ڪيو. سو فرعون جي دل سخت ٿي ويئي ۽ جيئن خداوند
اڳ ئي فرمايو هو تيئن هن موسيٰ ۽ هارون جي ڳالهه نه مڃي. 23 پوءِ
فرعون موٽي پنهنجي گهر هليو ويو ۽ انهيءَ ڳالهه جو به سندس
دل تي ڪو اثر نه ٿيو. 24 سڀني مصرين درياءَ جي آس‌پاس پيئڻ
جي پاڻيءَ لاءِ کڏون کوٽيون، ڇالاءِجو هو درياءَ جو پاڻي پي نه ٿي
سگهيا. 25 درياءَ تي خداوند جي آفت آڻڻ کي ست ڏينهن گذري ويا.

## ٻي آفت، ڏيڏر

8 1 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو ته ”فرعون وٽ وڃ ۽ کيس
مون خداوند جو هي فرمان ٻڌاءِ ته ’منهنجي قوم کي وڃڻ ڏي
ته اهي وڃي منهنجي عبادت ڪن. 2 جيڪڏهن تون انهن کي وڃڻ
نه ڏيندين ته آءٌ تنهنجي ساري ملڪ تي ڏيڏرن جي آفت آڻيندس.
3 درياءَ ۾ ايترا ته ڏيڏر پيدا ٿيندا جو اهي ٻاهر نڪري تنهنجي گهر

3:7 رس 36:7 17:7 مڪا 4:16

۾، تنهنجي آرامگاهہ ۾، تنهنجي هنڌ تي ۽ تنهنجي نوڪرن جي
گهرن ۾ گهري ويندا. اُهي تنهنجيءَ رعيت تي، تنهنجي تنورن ۾
۽ تنهنجي اٽي ڳوهڻ جي ٿالهن ۾ بہ ڪاهي پوندا. 4 اهي تو تي،
تنهنجي ماڻهن تي ۽ تنهنجي نوڪرن تي بہ ڪاهي پوندا.”
5 خداوند موسيٰ کي هي بہ فرمايو تہ ”هارون کي چئُہ تہ هو
پنهنجو هٿ لٺ سوڌو ندين، نهرن ۽ حوضن تي ڊگهيري تہ ڏيڏر
مصر جي ملڪ تي ڪاهي اچن.“ 6 سو مصر ۾ جيترو بہ پاڻي هو،
تنهن تي هارون پنهنجو هٿ ڊگهيريو تہ ڏيڏر ٻاهر نڪري آيا ۽ مصر
جي ساري زمين کي ڍڪي ڇڏيائون. 7 جادوگرن بہ پنهنجي جادوءَ
سان ائين ئي ڪيو ۽ مصر جي ملڪ تي ڏيڏر ڪاهي آندائون. 8 تڏهن
فرعون موسيٰ ۽ هارون کي گهرائي چيو تہ ”خداوند کان دعا گهرو
تہ هي ڏيڏر مون تان ۽ منهنجي رعيت تان دفع ڪري، تہ آءٌ اوهان
جي ماڻهن کي ڇڏيندس تہ وڃي خداوند لاءِ قرباني ڪن.“
9 موسيٰ ورندي ڏنس تہ ”آءٌ خوشيءَ سان تنهنجي لاءِ دعا
گهرندس. هاڻي وقت مقرر ڪري ٻڌاءِ تہ ڪڏهن آءٌ تنهنجي، تنهنجي
نوڪرن ۽ تنهنجي رعيت جي لاءِ دعا گهران تہ هي ڏيڏر تو تان ۽
تنهنجي گهرن تان دفع ٿين ۽ رڳو درياءَ ۾ وڃي رهن.“ 10 فرعون
جواب ڏنس تہ ”مون لاءِ سڀاڻي دعا گهُر.“ تڏهن موسيٰ چيس تہ
”جيئن تون چوين ٿو تيئن ئي ٿيندو، انهيءَ لاءِ تہ تو کي خبر پوي
تہ خداوند اسان جي خدا جهڙو ٻيو ڪوبہ ڪونهي. 11 اهي ڏيڏر تو
وٽان، تنهنجي گهرن مان، تنهنجي نوڪرن ۽ تنهنجيءَ رعيت وٽان
پري هليا ويندا. اهي رڳو درياءَ ۾ وڃي رهندا.“ 12 پوءِ موسيٰ ۽
هارون فرعون وٽان هليا ويا. موسيٰ وڃي انهن ڏيڏرن کي هٽائڻ
لاءِ خداوند کان دعا گهري، جيڪي خداوند فرعون تي موڪليا هئا.
13 تڏهن خداوند ائين ئي ڪيو جيئن موسيٰ عرض ڪيو هوس. سو
جيڪي ڏيڏر گهرن ۾، اڱڻن ۾ ۽ ٻنين ۾ هئا سي سڀ مري ويا.
14 ماڻهن اُهي ميڙي ڪٺي ڍير ڪري ڇڏيا، تہ بہ زمين مان بدبوءِ ٿي
آئي. 15 هاڻي جڏهن فرعون ڏٺو تہ کيس ڏيڏرن کان ڇوٽڪارو ملي
چڪو آهي، تڏهن پنهنجيءَ دل کي وري سخت ڪيائين ۽ موسيٰ ۽
هارون جي ڳالهہ نہ مڃيائين، جيئن خداوند اڳي ئي فرمايو هو.

## ٽين آفت، مَنهان مڇر

16 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”هارون کي چئُہ تہ هو پنهنجي
لٺ ڊگهي ڪري زمين تي هڻي، تہ مصر جي ساري زمين جي مٽي
ڦري مَنهان مڇر ٿي پوي.“ 17 هنن ائين ئي ڪيو. هارون پنهنجي لٺ
هٿ ۾ کڻي زمين تي هنئي تہ مصر جي ساري مٽي ڦري مَنهان مڇر
ٿي پيئي. انهن مڇرن سان انسان ۽ جانور ڍڪجي ويا. 18 سو انسانن
۽ جانورن تي مڇر ئي مڇر هئا. جادوگرن بہ ڪوشش ڪئي تہ هو
پنهنجي جادوءَ سان مڇر پيدا ڪن، پر هو ائين ڪري نہ سگهيا.
19 تڏهن جادوگرن فرعون کي چيو تہ ”هن ۾ خدا جو هٿ آهي.“ پر
فرعون جي دل سخت ٿي ويئي ۽ هن موسيٰ ۽ هارون جي ڳالهہ نہ
مڃي، جيئن خداوند اڳي ئي فرمايو هو.

## چوٿين آفت، مکيون

20 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”سڀاڻي صبح جو سوير جڏهن
فرعون درياءَ تي اچي تہ اڳ وٺي ساڻس ملجانءِ. کيس مون خداوند
جو هي فرمان ٻڌائجانءِ تہ ’منهنجي قوم کي وڃڻ ڏي تہ اهي وڃي
منهنجي عبادت ڪن. 21 آءٌ تو کي خبردار ٿو ڪريان تہ جيڪڏهن تون
منهنجي قوم کي وڃڻ نہ ڏيندين تہ آءٌ تو تي، تنهنجي نوڪرن تي،
تنهنجيءَ رعيت تي ۽ تنهنجي گهرن ۾ مکين جا ميڙ موڪليندس.
پوءِ مصرين جا گهر ۽ جنهن زمين تي هو رهن ٿا، سا سموري مکين
سان ڀرجي ويندي. 22 پر آءٌ انهيءَ ڏينهن گُشن جي علائقي کي ڌار
ڪندس، جتي منهنجي قوم ٿي رهي. اتي مکين جا ميڙ نہ هوندا،
انهيءَ لاءِ تہ جيئن تو کي خبر پوي تہ هن ملڪ جو مالڪ حقيقت
۾ آءٌ ئي آهيان. 23 آءٌ پنهنجي ۽ تنهنجي قوم جي وچ ۾ تفاوت
رکندس. اها نشاني سڀاڻي ظاهر ٿيندي.‘“ 24 سو خداوند ائين ئي
ڪيو. فرعون جي محل ۾، سندس نوڪرن جي گهرن ۾ ۽ مصر جي
سڄي ملڪ ۾ مکين جا ميڙ اچي ڳڙ ٿيا. انهن مکين جي ميڙن جي
ڪري ملڪ جو خانو خراب ٿي ويو.
25 تڏهن فرعون موسيٰ ۽ هارون کي گهرائي چيو تہ ”اوهين وڃي
هن ئي ملڪ ۾ پنهنجي خدا جي لاءِ قرباني ڪريو.“ 26 پر موسيٰ
وراڻيس تہ ”ائين ڪرڻ مناسب نہ آهي، ڇالاءِجو اسين خداوند
پنهنجي خدا جي لاءِ جانورن جي قرباني ڪنداسين، جنهن کان
مصرين کي ڪراهت ٿي اچي. سو جيڪڏهن اسين مصرين جي اکين
اڳيان جانورن جي قرباني ڪنداسين، جنهن کان هنن کي ڪراهت ٿي
اچي، تہ پوءِ ڇا هو اسان کي سنگسار نہ ڪري ڇڏيندا؟ 27 اسان
کي ٽن ڏينهن جي پنڌ تي بيابان ۾ وڃڻو پوندو ۽ اتي جيئن خداوند
اسان جي خدا حڪم ڏنو آهي، تيئن سندس لاءِ قرباني ڪنداسين.“
28 تڏهن فرعون چيو تہ ”آءٌ اوهان کي وڃڻ ڏيندس تہ ڀلي وڃي
خداوند پنهنجي خدا جي لاءِ قرباني ڪريو. پر تمام پري نہ وڃجو ۽
منهنجي لاءِ بہ دعا گهرجو.“
29 موسيٰ وراڻيس تہ ”ڏس، آءٌ تو وٽان ٻاهر وڃان ٿو ۽ وڃي خداوند
کان دعا گهران ٿو تہ سڀاڻي اهي مکيون تو وٽان، تنهنجي نوڪرن
وٽان ۽ تنهنجيءَ رعيت وٽان هليون وڃن. پر ائين نہ ٿئي تہ تون وري
اسان سان دغا ڪرين ۽ هنن ماڻهن کي خداوند جي لاءِ قرباني ڪرڻ
واسطي وڃڻ نہ ڏين.“ 30 ان کان پوءِ موسيٰ فرعون وٽان هليو ويو ۽
وڃي خداوند کان دعا گهريائين. 31 تڏهن خداوند ائين ئي ڪيو، جيئن
موسيٰ عرض ڪيو هوس. هن فرعون وٽان، سندس نوڪرن وٽان ۽

19:8 لو 20:11

سندس رعيت وٽان مکين جا ميڙ هٽائي ڇڏيا ۽ هڪڙي به مک ڪانه
رهي. 32پر فرعون هن ڀيري به پنهنجي دل سخت ڪئي ۽ وري به
ماڻهن کي وڃڻ نه ڏنائين.

## پنجين آفت، چوپائي مال جو مرڻ

9 1خداوند وري موسيٰ کي فرمايو ته ”تون فرعون وٽ وڃي
ڪيس مون خداوند عبرانين جي خدا جو هي فرمان ٻڌاءِ ته
’منهنجي قوم کي وڃڻ ڏي ته اهي وڃي منهنجي عبادت ڪن.
2جيڪڏهن تون وري انڪار ڪري هنن کي وڃڻ نه ڏيندين ۽ اڃا
به کين روڪيندين، 3ته ياد رک، آءٌ تنهنجي چوپائي مال، جيڪو
جهنگ ۾ آهي، يعني تنهنجا گهوڙا، گڏهه، اٺ، ڍور ڍڳا ۽ رڍون
ٻڪريون، تن ۾ اهڙو هٿ وجهندس جو منجهن سخت وبا پوندي.
4پر آءٌ بني اسرائيل جي مال کي مصرين جي مال کان ڌار ڪندس.
بني اسرائيل جي مال مان ڪوبه ڪونه مرندو. 5آءٌ خداوند، ائين
ڪرڻ لاءِ سڀاڻي جو ڏينهن مقرر ڪريان ٿو.‘“

6ٻئي ڏينهن خداوند ائين ئي ڪيو جيئن چيو هئائين. سو مصرين
جو سمورو چوپايو مال مري ويو، پر بني اسرائيل جي مال مان هڪڙو
به ڪونه مئو. 7فرعون جي پڇا ڪرڻ تي جڏهن کيس ٻڌايو ويو ته
”بني اسرائيل جي مال مان هڪڙو به ڪونه مئو آهي،“ تڏهن سندس
دل سخت ٿي ويئي ۽ هن بني اسرائيل کي وڃڻ نه ڏنو.

## ڇهين آفت، ڦرڙيون

8پوءِ خداوند موسيٰ ۽ هارون کي فرمايو ته ”اوهين ٻئي ڪُوري
جي رک مان مُٺيون ڀري کڻو ۽ موسيٰ ان کي فرعون جي روبرو آسمان
ڏانهن اڇلائي. 9اها رک سنهي مٽي ٿي مصر جي ملڪ ۾ پکڙجي
ويندي ۽ مصر جي ساري ملڪ ۾ ماڻهن توڙي جانورن جي بدن تي
ڦرڙيون ۽ ڦوڦينڊا ٿي نڪرندي.“

10سو هنن ٻنهي ڪُوري جي رک کنئي ۽ فرعون جي اڳيان وڃي
بيٺا. موسيٰ اها آسمان ڏانهن اڇلائي ته اها ماڻهن توڙي جانورن جي
بدن تي ڦرڙيون ۽ ڦوڦينڊا بڻجي ويئي. 11جادوگر انهن ڦرڙين جي
ڪري موسيٰ جي اڳيان بيهي نه سگهيا، ڇالاءِجو ٻين سڀني مصرين
وانگر سندن بدن تي به ڦرڙيون نڪتيون هيون. 12پر خداوند فرعون
جي دل سخت ڪئي. سو هن موسيٰ ۽ هارون جي ڳالهه نه مڃي،
جيئن خداوند اڳي ئي موسيٰ کي فرمايو هو.

## ستين آفت، ڳڙا

13پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو ته ”سڀاڻي صبح جو سوير اٿي
فرعون جي اڳيان وڃي بيهه ۽ کيس مون خداوند، عبرانين جي خدا
جو هي فرمان ٻڌاءِ ته ’منهنجي قوم کي وڃڻ ڏي ته اهي وڃي
منهنجي عبادت ڪن. 14هن دفعي آءٌ نه رڳو تنهنجي نوڪرن ۽
تنهنجيءَ رعيت تي، بلڪ تنهنجي مٿان به تمام گهڻيون مصيبتون
موڪليندس، انهيءَ لاءِ ته تو کي خبر پوي ته ساريءَ دنيا ۾ مون
جهڙو ٻيو ڪوبه ڪونهي. 15جيڪڏهن آءٌ پنهنجو هٿ ڊگهيري تو
کي ۽ تنهنجيءَ رعيت کي وبا سان ماري ڇڏيان ها ته تون زمين تان
بلڪل ميٽجي وڃي ها. 16پر حقيقت ڪري مون تو کي رڳو انهيءَ
سبب جيئرو رهڻ ڏنو آهي ته جيئن تو کي پنهنجي قدرت ڏيکاريان
۽ انهيءَ سان منهنجو نالو سڄيءَ دنيا ۾ روشن ٿئي. 17تون اڃا به
پاڻ کي منهنجي قوم کان مٿي ٿو سمجهين ۽ کين وڃڻ نه ٿو ڏين.
18سو سڀاڻي هن ئي مهل آءٌ اهڙا سخت ڳڙا وسائيندس، جن جهڙا
مصر ۾، ملڪ جي بنياد پوڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين نه پيا هوندا.
19تنهنڪري هاڻي ماڻهو موڪلي پنهنجو چوپايو مال ۽ ٻيو سامان
جيڪو کليل ميدان ۾ هجيئي سو اندر ڪري وٺ، ڇالاءِجو جيڪو
به ماڻهو يا جانور کليل ميدان ۾ هوندو ۽ گهر جي اندر نه آندو ويو
هوندو تنهن تي ڳڙا اچي ڪڙڪندا ۽ اهي سڀ مري ويندا.‘“

20تڏهن فرعون جي رعيت مان جنهن کي به خدا جي چيل ڳالهين
جو ڊپ هو، تنهن پنهنجا نوڪر ۽ چوپايو مال ڀڄائي گهر ۾ اندر
آندو. 21پر جنهن خداوند جي ڳالهين تي ڌيان ڪونه ڏنو، تنهن
پنهنجا نوڪر ۽ پنهنجو چوپايو مال کليل ميدان ۾ ئي ڇڏي ڏنو.

22پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو ته ”پنهنجو هٿ آسمان ڏانهن
ڊگهير ته سڄي مصر جي ملڪ تي ماڻهن، جانورن ۽ ٻنيءَ جي
سموري ساوڪ جيڪا مصر ملڪ ۾ آهي، تنهن تي ڳڙا پون.“ 23سو
موسيٰ پنهنجي لٺ آسمان ڏانهن بلند ڪئي ته خداوند گجگوڙ ۽ ڳڙا
موڪليا. زمين تي وڄ ڪرڻ لڳي ۽ مصر جي ملڪ تي 24سخت ڳڙا
وسڻ شروع ٿيا، جن سان گڏ وڄ جا پڙڪندڙ شعلا به هئا. ڳڙا اهڙا
ته بدترين هئا جو مصر جي آباد ٿيڻ کان وٺي ملڪ ۾ اڳي ڪڏهن
ڪين وسيا هئا. 25مصر جي ساري ملڪ ۾ جيڪي به کليل ميدان ۾
هو، ماڻهو توڙي جانور تن سڀني کي ڳڙن ماري وڌو. ڳڙن جي ڪري
ٻنين جي ساري ساوڪ برباد ٿي ويئي ۽ سڀ وڻ ڀڄي پيا. 26پر گُشن
جو علائقو جنهن ۾ بني اسرائيل رهندا هئا، سو ئي اهڙي جاءِ هئي
جتي ڳڙو ڪونه پيو.

27تڏهن فرعون ماڻهو موڪلي موسيٰ ۽ هارون کي گهرايو ۽ چيائين
ته ”هن ڀيري مون برابر گناهه ڪيو آهي. خداوند حق تي آهي ۽ آءٌ
۽ منهنجي قوم قصوروار آهيون. 28اوهين خداوند کان دعا گهرو،
ڇالاءِجو هاڻ ڪافي گجگوڙ ۽ ڳڙا پيا آهن. آءٌ واعدو ٿو ڪريان ته
اوهان کي وڃڻ ڏيندس. هاڻي اوهان کي هتي وڌيڪ ترسڻو نه پوندو.“

29تڏهن موسيٰ چيس ته ”آءٌ شهر کان ٻاهر نڪرڻ شرط دعا لاءِ
پنهنجا هٿ خداوند ڏانهن کڻندس. گجگوڙ بند ٿي ويندا ۽ ڳڙا وڌيڪ
نه وسندا، انهيءَ لاءِ ته ان مان تو کي خبر پوي ته ساري ڌرتي

10:9 مڪا 2:16   16:9 رو 17:9   24:9 مڪا 8:7، 21:16

خداوند جي ئي آهي. 30 باقي تنهنجي ۽ تنهنجي رعيت جي مون کي
خبر آهي، تہ اڃا بہ اوهان کي خداوند خدا جو خوف ڪونہ آهي."
31 ڳڙن جي ڪري سڻيءَ ۽ جوَن جو فصل برباد ٿي ويو، ڇالاءِجو
جوَن سنگ ڪيا هئا ۽ سڻيءَ گل ڪڍيا هئا. 32 پر عام ڪڻڪ ۽ اعليٰ
قسم جي ڪڻڪ جو فصل برباد ڪين ٿيو، ڇالاءِجو انهن اڃا سنگ
ئي ڪين ڪيا هئا.
33 پوءِ موسيٰ فرعون وٽان نڪري شهر کان ٻاهر آيو ۽ دعا لاءِ
پنهنجا هٿ خداوند ڏانهن کنيائين. تڏهن اوچتو گجگوڙ، ڳڙا ۽ مينهن
سڀ بند ٿي ويا. 34 جڏهن فرعون ڏٺو تہ مينهن، ڳڙا ۽ گجگوڙ بند
ٿي ويا آهن، تڏهن هن پنهنجي رعيت سميت وري اڳي وانگر پنهنجي
دل سخت ڪئي ۽ پنهنجي هوڏ تي قائم رهيو. 35 سو هن بني اسرائيل
کي وڃڻ نہ ڏنو، جيئن خداوند اڳي ئي موسيٰ جي معرفت فرمايو هو.

## اٺين آفت، ماڪڙ

10 1 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ "تون فرعون وٽ وڃ،
ڇالاءِجو مون ئي هن جي دل کي ۽ سندس نوڪرن جي دلين
کي سخت ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ هنن جي وچ ۾ پنهنجا اهي
معجزا ڏيکاريان. 2 هن ڪري بہ تہ تون پنهنجي پٽ ۽ پوٽي کي
ٻڌائي سگهين تہ مون مصر ۾ ڪهڙا نہ ڪم ڪيا ۽ اتي جي ماڻهن
کي ڪهڙا معجزا ڏيکاريا اٿم، انهيءَ لاءِ تہ اوهان سڀني کي خبر
پوي تہ آءٌ ئي خداوند آهيان."
3 پوءِ موسيٰ ۽ هارون فرعون وٽ آيا ۽ چيائونس تہ "خداوند
عبرانين جو خدا فرمائي ٿو تہ 'ڪيستائين تون منهنجي آڏو عاجز ٿيڻ
کان انڪار ڪندين؟ منهنجي قوم کي وڃڻ ڏي تہ اهي وڃي منهنجي
عبادت ڪن. 4 جيڪڏهن تون منهنجي قوم کي وڃڻ نہ ڏيندين تہ
ياد رک، سڀاڻي آءٌ تنهنجي ملڪ ۾ ماڪڙ موڪليندس. 5 اها ايتري
تہ گهڻي هوندي جو زمين کي پوريءَ طرح ڍڪي ڇڏيندي. ماڪڙ
اوهان جي هر اها شيءِ کائي ويندي جيڪا ڳڙن جي آفت کان بچي
ويئي آهي. توهان جا اُهي وڻ جيڪي ٻنين ۾ اُڀريا آهن، تن سڀني
کي بہ کائي چٽ ڪري ڇڏيندي. 6 تنهنجا محلات، تنهنجي سڀني
عملدارن جا گهر ۽ سڀني مصرين جا گهر انهيءَ سان ڀرجي ويندا.
اها اهڙي تہ خراب هوندي جو اوهان جي ابن ڏاڏن مان ڪنهن بہ
پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هوندي.'" ائين چئي موسيٰ
فرعون کان منهن ڦيري موٽي هليو ويو.
7 تڏهن فرعون جي عملدارن کيس چيو تہ "هي شخص ڪيستائين
اسان کي مصيبت ۾ پيو وجهندو رهندو؟ انهن ماڻهن کي ڇڏي ڏيو
تہ وڃي خداوند پنهنجي خدا جي عبادت ڪن. ڇا توهان کي اڃا
تائين اها خبر نہ پئي آهي تہ مصر برباد ٿي ويو آهي؟" 8 تنهن تي
موسيٰ ۽ هارون کي وري فرعون وٽ گهرايو ويو. فرعون کين چيو
تہ "وڃو، وڃي خداوند پنهنجي خدا جي عبادت ڪريو، پر ڪهڙا
ڪهڙا ماڻهو ويندا؟" 9 موسيٰ وراڻيس تہ "اسين سڀ پنهنجن ننڍن
۽ وڏن سوڌا، پنهنجن پٽن ۽ ڌيئرن سوڌا، پنهنجين رڍن ٻڪرين ۽
ڍورن ڍڳن سوڌا وينداسين، ڇالاءِجو اسان کي خداوند جي شان ۾
عيد ملهائڻي آهي." 10 تڏهن فرعون کين چيو تہ "هرگز نہ، خداوند
اوهان سان هجي بہ تہ آءٌ اوهان کي پنهنجن ٻارن ٻچن سوڌو وڃڻ نہ
ڏيندس، جڏهن تہ انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اوهان جي نيت خراب
آهي. 11 سو ائين نہ ٿيندو، اوهين رڳو مرد ماڻهو ئي وڃي خداوند
جي عبادت ڪريو، ڇالاءِجو اوهان جي اها ئي مرضي هئي." ان کان
پوءِ موسيٰ ۽ هارون کي فرعون وٽان ڌڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍيو ويو.
12 پوءِ خداوند موسيٰ ۽ هارون کي فرمايو تہ "پنهنجو هٿ مصر
جي ملڪ تي ڊگهير تہ جيئن ملڪ تي ماڪڙ اچي. اها ماڪڙ هر قسم
جي ساوڪ ۽ هر ڪا شيءِ جيڪا ڳڙن کان بچي ويئي آهي سان کائي
ويندي." 13 تڏهن موسيٰ پنهنجي لٺ مصر ملڪ جي مٿان ڊگهيري
تہ خداوند اهو سارو ڏينهن ۽ ساري رات اوڀر جو واءُ گهلايو. جڏهن
صبح ٿيو تہ انهيءَ اوڀر جي واءُ پاڻ سان ماڪڙ آندي. 14 ماڪڙ وڏي
ولر جي صورت ۾ آئي ۽ ساري مصر جي ملڪ جي مٿان ڇانئجي
ويئي. اها ايتري تہ بيشمار هئي جو اهڙي ماڪڙ نڪي انهيءَ کان
اڳي ڪڏهن آئي هئي ۽ نڪي ان کان پوءِ ايندي. 15 انهيءَ ساري
زمين کي ڍڪي ڇڏيو، ايتري قدر جو زمين ڪاري ٿي ويئي. انهيءَ
سموري ساوڪ ۽ وڻن جا ميوا جيڪي ڳڙن کان بچي ويا هئا سي
کائي ڇڏيا، ايتري قدر جو ساري مصر جي ملڪ ۾ وڻن ۽ ٻوٽن تي
ڪابہ ساوڪ باقي نہ رهي.
16 تڏهن فرعون جلدي موسيٰ ۽ هارون کي گهرائي چيو تہ "بيشڪ
آءٌ خداوند اوهان جي خدا جو ۽ اوهان جو گنهگار آهيان. 17 تنهنڪري
هاڻي آءٌ عرض ٿو ڪريان تہ هڪڙو دفعو وري بہ منهنجو گناهہ معاف
ڪريو ۽ خداوند پنهنجي خدا کان دعا گهرو تہ هيءَ موتمار سزا مون
تان هٽائي." 18 تڏهن موسيٰ فرعون وٽان نڪري آيو ۽ اچي خداوند
کان دعا گهريائين. 19 پوءِ خداوند اولهہ کان تمام تيز واءُ گهلايو،
جنهن ماڪڙ کي اڏاري ڪڻي وڃي ڳاڙهي سمنڊ ۾ وڌو. اهڙيءَ طرح
مصر جي ساري ملڪ ۾ هڪڙو مڪڙ بہ باقي نہ رهيو. 20 پر خداوند
فرعون جي دل کي سخت ڪيو ۽ هن بني اسرائيل کي وڃڻ نہ ڏنو.

## نائين آفت، اوندهہ

21 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ "پنهنجو هٿ آسمان ڏانهن
ڪڻ تہ مصر جي ملڪ تي اوندهہ ڇانئجي وڃي، اهڙي اوندهہ جو
ماڻهو هٿوراڙيون هڻن." 22 موسيٰ پنهنجو هٿ آسمان ڏانهن ڪنيو تہ
ساري مصر جي ملڪ ۾ ٽن ڏينهن تائين تمام گهاٽي اوندهہ ڇانيل
رهي. 23 ٽن ڏينهن تائين نہ تہ ماڻهو هڪٻئي کي ڏسي ٿي سگهيا ۽

15–14:10 مڪا 9:2–3 22:10 زب 28:105، مڪا 10:16

نہ ئي وري منجهائن ڪو انهن ڏينهن ۾ پنهنجيءَ جاءِ تان اٿيو. پر
بني اسرائيل جي ساري علائقي ۾ روشني هئي.
24 تڏهن فرعون موسيٰ ۽ هارون کي گهرائي چيو تہ ”اوهين وڃو،
وڃي پنهنجي خداوند جي عبادت ڪريو. اوهان جا ٻار ٻچا بہ پلي
اوهان سان گڏ وڃن. پر اوهين پنهنجون رڍون ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا
هتي ڇڏي وڃو.“ 25 پر موسيٰ وراڻيس تہ ”اسان کي قربانين ۽ ساڙڻ
وارين قربانين ڪرڻ لاءِ تو کي اسان جا جانور بہ ڏيڻا پوندا، تہ
جيئن اهي اسين خداوند پنهنجي خدا جي آڏو قربان ڪريون. 26 سو
اسان جو چوپايو مال بہ اسان سان گڏ هلندو. انهن جو هڪڙو کُر بہ
پوئتي نہ رهندو، ڇالاءِجو انهن مان ئي اسين خداوند پنهنجي خدا
جي عبادت ۾ ڪم آڻينداسين. اهو ئي سبب آهي جو جيستائين اسين
اتي نہ وڃون تيستائين اسان کي خبر ڪانهي تہ ڪهڙا ڪهڙا جانور
خداوند جي عبادت جي ڪم ايندا.“
27 پر خداوند فرعون جي دل کي سخت ڪري ڇڏيو ۽ هن کين وڃڻ
نہ ڏنو. 28 پوءِ فرعون موسيٰ کي چيو تہ ”مون وٽان نڪري وڃ.
خبردار، متان وري مون کي پنهنجو منهن ڏيکارين، جنهن ڏينهن
مون تنهنجو منهن ڏٺو، تنهن ڏينهن ماريو ويندين.“ 29 تڏهن موسيٰ
وراڻيس تہ ”تو صحيح ڳالهہ ڪئي آهي، تون مون کي وري ڪين
ڏسندين.“

## ڏهين آفت جو دڙڪو ڏيڻ

11 1 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”آءٌ فرعون ۽ مصر تي
هڪڙي آخري آفت اڃا بہ آڻيندس. ان کان پوءِ هو اوهان
کي هتان وڃڻ ڏيندو. هو پڪ اوهان سڀني کي هتان ڪڍي ڇڏيندو.
2 سو هاڻي تون وڃي پنهنجن ماڻهن کي چئُہ تہ هر ڪو مرد پنهنجي
پاڙيسريءَ کان ۽ هر ڪا عورت پنهنجي پاڙيسرڻ کان چانديءَ ۽ سون
جا زيور گهري وٺي.“ 3 خداوند بني اسرائيل جي ماڻهن کي مصرين
جي نظر ۾ عزت بخشي. اهڙيءَ طرح مصر جي ملڪ ۾ فرعون جا
عملدار ۽ سندس ماڻهو موسيٰ کي وڏو بزرگ سمجهڻ لڳا.
4 پوءِ موسيٰ فرعون کي چيو تہ ”خداوند فرمائي ٿو تہ ’اڌ رات
ڌاري آءٌ مصر ملڪ جي وچ مان لنگهندس. 5 ان وقت مصر جي ملڪ
۾ سڀ پهريتا پٽ مري ويندا، فرعون جيڪو تخت تي ويٺو آهي، تنهن
جي پهريتي پٽ کان وٺي انهيءَ ٻانهيءَ جي پهريتي پٽ تائين جيڪا
جنڊ تي پيهي. ان کان سواءِ چوپائي مال جا بہ سڀ پهريتا نر ٻچا
مري ويندا. 6 مصر جي سڄي ملڪ ۾ اهڙو تہ ماتم مچي ويندو، جو
اهڙو نہ ڪڏهن اڳي ٿيو ۽ نہ وري هن کان پوءِ ڪڏهن ٿيندو. 7 پر
بني اسرائيل مان ڪنهن بہ ماڻهوءَ يا جانور تي ڪو ڪتو بہ ڪين
پونڪندو. تڏهن اوهان کي خبر پوندي تہ آءٌ، جيڪو خداوند آهيان
سو مصرين ۽ بني اسرائيل جي وچ ۾ فرق ڪريان ٿو.’“ 8 آخر ۾
موسيٰ چيس تہ ”تنهنجا هي سڀ عملدار مون وٽ ايندا ۽ منهنجي
اڳيان ڪنڌ جهڪائي منٿ ڪندا تہ ’تون پنهنجي پوئلڳن کي وٺي
هليو وڃ.‘ انهيءَ کان پوءِ آءٌ هليو ويندس.“ ائين چئي موسيٰ ڏاڍيءَ
ڪاوڙ مان فرعون وٽان نڪري ويو.
9 خداوند موسيٰ کي فرمايو هو تہ ”فرعون تنهنجي ڳالهہ نہ
مڃيندو. انهيءَ جو سبب هي آهي تہ جيئن آءٌ پنهنجا تمام گهڻا
معجزا مصر جي ملڪ ۾ ڏيکاريان.“ 10 سو موسيٰ ۽ هارون اهي
سڀ معجزا فرعون جي اڳيان ڪري ڏيکاريا. پر خدا فرعون جي دل
سخت ڪئي ۽ هن بني اسرائيل کي پنهنجي ملڪ مان وڃڻ نہ ڏنو.

## فصح جي عيد

12 1 پوءِ مصر جي ملڪ ۾ ئي خداوند موسيٰ ۽ هارون کي
فرمايو تہ 2 ”هي مهينو اوهان جي لاءِ سال جو پهريون
مهينو ٿيندو. 3 اوهين بني اسرائيل جي سڄيءَ قوم کي هدايت ڏيو
تہ هن مهيني جي ڏهين تاريخ، هر ڪنهن ڪٽنب جو وڏو پنهنجي
پنهنجي گهر لاءِ هڪڙو گهيٽو چوندي. 4 جيڪڏهن سندس ڪٽنب
ايترو ننڍو هجي جو سڄو گهيٽو کائي نہ سگهي، تہ پوءِ هو پنهنجي
ويجهي پاڙيسريءَ سان گڏجي ڀاتين جي تعداد موجب هڪ گهيٽو
چوندي. هر هڪ ماڻهوءَ جي کائڻ جي مقدار موجب گهيٽي جو حساب
ڪيو وڃي. 5 انهيءَ لاءِ رڍن مان گهيٽو چونڊيو وڃي يا ٻڪرين مان
ڇيلو، پر اهو هڪ سال جو، نر ۽ بي‌عيب هئڻ گهرجي. 6 هر ڪٽنب ان
کي ساڳئي مهيني جي چوڏهين تاريخ تائين پاڻ وٽ حفاظت ۾ رکي.
پوءِ انهيءَ ڏينهن شام جي وقت بني اسرائيل جو هر ڪٽنب انهيءَ کي
ذبح ڪري. 7 هو انهيءَ جو ٿورو رت ڪٽي جن گهرن ۾ اهو کاڌو وڃي
تن جي درن جي پاسن وارين ٻانهين ۽ سردرن تي لڳائين. 8 انهيءَ
ئي رات هو ان جي گوشت کي باهہ تي رکي پچائي، اهو بي‌خميري
مانيءَ ۽ ڪؤڙي ڀاڄيءَ سان گڏ کائين. 9 ڪوبہ انهيءَ گوشت کي
ڪچو نہ کائي، نہ ئي وري ان کي پاڻيءَ ۾ اوٻاري کائي. پر انهيءَ
کي منڍيءَ، پاون ۽ آنڊن سميت باهہ تي رکي پچائي کاڌو وڃي.
10 انهيءَ مان صبح تائين ڪجهہ بہ نہ بچايو وڃي. پر جيڪڏهن
ڪجهہ بچي پوي تہ اهو ساڙي ڇڏجي. 11 بني اسرائيل مان هر ڪو
اهو هن طرح کائي جو سفر لاءِ سندس سندرو ٻڌل هجي، سندس پيرن
۾ جتي هجي ۽ هٿ ۾ لٺ هجيس. هر ڪو اهو تڪڙ ۾ کائي وٺي.
اها *فصح نالي پاڪ عيد آهي، جيڪا آءٌ خداوند مقرر ڪريان ٿو.
12 انهيءَ ئي رات آءٌ مصر جي ملڪ مان لنگهندس ۽ مصر جي
ملڪ ۾ جيڪي بہ ماڻهن جا پهريتا پٽ يا جانورن جا پهريتا نر ٻچا
هوندا، تن سڀني کي ماري ڇڏيندس. مصر جي سڀني ديوتائن کي

*فصح: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جي معنيٰ آهي ”ڇڏي لنگهي وڃڻ“.

1:12–13 لاو 5:23، گا 1:9–5، 16:28، شر 1:16–2

بہ سزا ڏيندس. آءٌ خداوند آهيان. 13 جن گهرن ۾ بني اسرائيل وارا
رهن ٿا، تن جي دروازن تي لڳل اهو رت هڪڙو نشان هوندو. آءٌ اهو
رت ڏسي کين ڇڏي لنگهي ويندس. جڏهن آءٌ مصر جي ملڪ وارن
کي ماريندس، تڏهن ڪابہ آفت بني اسرائيل کي برباد ڪرڻ لاءِ مٿن
نہ ايندي. 14 اهو ڏينهن بني اسرائيل کي هميشہ ياد رهي، بلڪ هو
ان کي مون خداوند جي عيد جو ڏينهن سمجهي ملهائين ۽ هر سال
پيڙهي بہ پيڙهي انهيءَ ڏينهن تي عيد ڪندا رهن.“

## بي‌خميري مانيءَ جي عيد لاءِ حڪم

15 خداوند کين بني اسرائيل لاءِ وڌيڪ فرمايو تہ ”انهيءَ ئي ڏينهن
کان وٺي ستن ڏينهن تائين اوهين بي‌خميري ماني کائجو. اوهين عيد
جي پهرين ئي ڏينهن خمير پنهنجن گهرن مان ڪڍي ڇڏجو، ڇالاءِجو
جيڪو ماڻهو پهرين ڏينهن کان وٺي ستين ڏينهن تائين ڪڏهن بہ
خميري ماني کائيندو، تہ انهيءَ کي بني اسرائيل قوم مان خارج ڪيو
ويندو. 16 پهرين ڏينهن تي ۽ وري ستين ڏينهن تي عبادت لاءِ اوهان
جي گڏجاڻي ٿيندي. انهن ٻنهي ڏينهن تي ڪاڌي تيار ڪرڻ کان سواءِ
ٻيو ڪنهن بہ قسم جو ڪم نہ ڪيو وڃي. 17 اها بي‌خميري مانيءَ
جي عيد اوهين هميشہ ڪندا رهجو، ڇالاءِجو انهيءَ خاص ڏينهن
تي مون اوهان جي سڀني قبيلن کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي ٻاهر
آندو. تنهنڪري اوهين پيڙهي بہ پيڙهي انهيءَ ڏينهن کي عيد جو
ڏينهن ڪري ملهائيندا رهجو. 18 پهرين مهيني جي چوڏهين تاريخ
شام کان وٺي ايڪيهين تاريخ شام تائين اوهين جيڪا ماني کائو،
تنهن ۾ خمير بلڪل نہ هجي. 19–20 ستن ڏينهن تائين اوهان جي
گهرن ۾ رڳو بي‌خميري ماني ئي کاڌي وڃي، بلڪ خمير جو نالو ئي
نہ هجي، ڇالاءِجو جيڪو بہ ماڻهو ڪا خميري شيءِ کائيندو، تنهن
کي بني اسرائيل قوم مان خارج ڪيو ويندو، پوءِ اهو بني اسرائيل
قوم وارو هجي توڙي اوهان جي قوم ۾ شامل ٿيل ڪو ڌاريو هجي.“

## پهرين عيد فصح

21 ان کان پوءِ موسيٰ بني اسرائيل جي سڀني اڳواڻن کي گهرائي
چيو تہ ”اوهان مان هر هڪ پنهنجي ڪٽنب مطابق هڪ هڪ گهيٽو
چونڊي ۽ انهيءَ کي فصح جي عيد ملهائڻ لاءِ وڃي ذبح ڪري.
22 انهيءَ جو رت ٿالهہ ۾ رکي اوهين زوفا ٻوٽي جو هڪڙو ڇڳو
انهيءَ رت مان ٻوڙي پنهنجي پنهنجي ٻاهرين در جي ٻانهين ۽ سردرن
تي لڳائجو. پوءِ صبح تائين اوهان مان ڪوبہ پنهنجي گهر جي در
کان ٻاهر نہ نڪري. 23 جڏهن خداوند مصرين کي مارڻ لاءِ ملڪ
مان لنگهندو ۽ در جي ٻنهي ٻانهين ۽ سردرن تي رت ڏسندو، تڏهن
خداوند انهيءَ در کي ڇڏي لنگهي ويندو. هو موت جي فرشتي کي
اوهان جي گهرن ۾ اوهان کي مارڻ لاءِ اچڻ ڪين ڏيندو. 24 اوهين ۽
اوهان جو اولاد عيد جي انهيءَ دستور تي هميشہ عمل ڪندا رهجو.
25 جڏهن اوهين انهيءَ ملڪ ۾ داخل ٿيو، جنهن جي ڏيڻ جو خداوند
اوهان سان واعدو ڪيو هو، تڏهن اوهين اها رسم ادا ڪندا رهجو.
26 پوءِ جڏهن اوهان جو اولاد اوهان کان پڇي تہ ’انهيءَ رسم مان
اوهان جو ڪهڙو مقصد آهي؟‘ 27 تڏهن اوهين کين ٻڌائجو تہ ’هيءَ
خداوند واسطي *فصح جي قرباني آهي، ڇالاءِجو هو مصر ۾ مصرين
کي ماريندي وقت اسان بني اسرائيل جي گهرن وٽان لنگهي ويو ۽
اسان کي ڇڏي ڏنائين.‘“
تڏهن بني اسرائيل جي ماڻهن زمين تي جهڪي خداوند آڏو سجدو
ڪيو. 28 پوءِ بني اسرائيل وڃي ائين ئي ڪيو، جيئن خداوند موسيٰ
۽ هارون کي حڪم ڏنو هو.

## ڏهين آفت، پهريتن جو موت

29 جڏهن اڌ رات ٿي تہ خداوند مصر وارن جي سڀني پهريتن پٽن
کي، فرعون جيڪو تخت تي وينو هو تنهن جي پهريتي پٽ کان وٺي
انهيءَ قيديءَ جي پهريتي پٽ تائين جيڪو قيدخاني ۾ هو ماري
ڇڏيو. خداوند چوپائي مال جي پهريتن نر ٻچن کي بہ ماري ڇڏيو.
30 انهيءَ رات فرعون، سندس عملدار ۽ سڀيئي مصري جاڳي اٿيا ۽
مصر ۾ ڏاڍو ماتم مچي ويو، ڇالاءِجو ڪو گهر اهڙو ڪونہ هو جنهن
۾ موت نہ ٿيو هجي. 31 تڏهن ساڳيءَ رات جو ئي فرعون موسيٰ ۽
هارون کي گهرائي چيو تہ ”هليا وڃو، اوهين ٻئي بني اسرائيل جي
ماڻهن کي وٺي منهنجي ماڻهن منجهان نڪري وڃو. جيئن اوهان
چيو پئي تيئن وڃي پنهنجي خداوند جي عبادت ڪريو. 32 جيئن اوهان
چيو پئي تيئن پنهنجون رڍون، ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا بہ ڪاهي وڃو.
منهنجي لاءِ بہ برڪت گهرجو.“
33 مصرين انهن ماڻهن تي جلد کان جلد ملڪ مان نڪري وڃڻ
تي زور ٿي لاتو. هنن کين چيو ٿي تہ ”جيڪڏهن اوهين نہ نڪرندا
تہ اسين سڀ مري وينداسين.“ 34 سو انهن ماڻهن پنهنجو ڳوهيل
اٽو، خمير تي وجهڻ کان اڳ ٿالهن سميت پنهنجن ڪپڙن ۾ ٻڌي
پنهنجن ڪلهن تي کنيو. 35 بني اسرائيل جي ماڻهن موسيٰ جي چوڻ
موجب مصرين کان سون ۽ چانديءَ جا زيور ۽ ڪپڙا گهري ورتا هئا.
36 خداوند انهن ماڻهن کي مصرين جي نظر ۾ اهڙي حشمت بخشي
جو هنن جيڪي بہ گهريو سو کين ڏنائون. اهڙيءَ طرح بني اسرائيل
جي ماڻهن مصرين کي جڻ ڦريو لٽيو.

*فصح: ڏسو آيت 11 جي پيرايو.

20–14:12 خر 15:23، 18:34، لاو 6:23–8، ڳا 17:28–25، شر 3:16–8 23:12 عبر 28:11 29:12 خر 4:22–32 36–35:12 خر 3:21–22

## بني اسرائيل جو مصر مان روانو ٿيڻ

37 پوءِ بني اسرائيل رعمسيس شهر کان سُڪات ڏانهن پيادل سفر
ڪيو. انهن ۾ عورتن ۽ ٻارن کان سواءِ رڳو مردن جو تعداد ڇهه
لک هو. 38 ٻين قومن جو هڪ وڏو انبوهه به ساڻن گڏ روانو ٿيو. ان
کان سواءِ گهڻيون ئي رڍون، ٻڪريون ۽ ٻيو چوپايو مال ساڻن گڏ هو.
39 انهن جيڪو ڳوهيل اٽو مصر مان آندو هو، تنهن مان بيخميري
ماني پچايائون، ڇالاءِجو اهو اٽو خمير ٿيل نه هو. جيئن ته هنن کي
اوچتو مصر مان زبردستيءَ ڪڍيو ويو هو، سو ڪين خمير ملائڻ جو
به وقت نه مليو، نڪي پنهنجي لاءِ ڪو کاڌو تيار ڪري سگهيا.
40 بني اسرائيل کي مصر ۾ رهندي چار سؤ ٽيهه سال گذري ويا
هئا. 41 انهن چار سؤ ٽيهن سالن گذرڻ کان پوءِ انهيءَ ساڳئي ڏينهن
تي خداوند جي قوم جا سڀ قبيلا مصر جي ملڪ مان نڪري ٻاهر
ٿيا. 42 اها ئي رات هئي جڏهن خداوند بني اسرائيل کي پنهنجي
نگهبانيءَ ۾ مصر جي ملڪ مان ڪڍي ٻاهر آندو. هيءَ ئي رات آهي
جا خداوند لاءِ وقف ٿيل آهي ۽ اها ساري بني اسرائيل کي سندن
سيني پيڙهين تائين ملهائڻي آهي.

## عيد فصح بابت قاعدا

43 پوءِ خداوند موسيٰ ۽ هارون کي فرمايو ته ”عيد فصح جا قاعدا
هي آهن. بني اسرائيل کان سواءِ ٻيو ڪوبه ماڻهو عيد فصح جي
ماني نه کائي. 44 پر اوهان جو هر اهو زرخريد غلام جنهن جو طهر
ٿيل هجي، سو اها کائي سگهي ٿو. 45 ٻاقي ڪوبه ڌاريو، توڙي
اوهان جو پگهاردار نوڪر ئي ڇو نه هجي سو اها اصل نه کائي.
46 عيد فصح جي ماني جنهن گهر ۾ تيار ڪئي وڃي، سموري اتي
ئي کائجي. انهيءَ جي گوشت مان ڪجهه به گهر کان ٻاهر ڪڍي نه
وڃجي، نڪي انهيءَ جو ڪو هڏو ڀڃجي. 47 بني اسرائيل جي ساري
قوم هيءَ عيد ملهائي. 48 جيڪڏهن ڪو ڌاريو توهان وٽ رهي ٿو ۽
هو خداوند جي هن عيد فصح ۾ شامل ٿيڻ چاهي ٿو، ته پهريائين
سندس گهر جا سڀيئي مرد طهر ڪرائين، پوءِ هو ويجها اچي عيد
فصح ۾ شامل ٿين. اهڙيءَ طرح هو اوهان جي ملڪ ۾ ڄاول ماڻهوءَ
جهڙا ليکجڻ ۾ ايندا. پر ڪوبه اڻطهريل ماڻهو عيد فصح جي ماني
کائي نه ٿو سگهي. 49 اوهان جي ملڪ ۾ ڄاول ماڻهوءَ لاءِ توڙي
ڌاريءَ لاءِ، جيڪو اوهان ۾ رهي ٿو، ساڳيا ئي قاعدا لاڳو آهن.“
50 سو ساري بني اسرائيل ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ ۽
هارون کي حڪم ڏنو هو. 51 انهيءَ ساڳئي ڏينهن خداوند بني اسرائيل
جي سموري قوم کي مصر جي ملڪ مان ٻاهر آندو.

## پهريتا وقف ڪرڻ

13 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 2 ”بني اسرائيل ۾ جيڪي
پهريتا پٽ ڄمن، سي سڀ منهنجي لاءِ وقف ڪج. ماڻهن
جا پهريتا پٽ توڙي جانورن جا پهريتا نر ٻچا، اهي سڀ منهنجا آهن.“

## بيخميري مانيءَ جي عيد

3 پوءِ موسيٰ ماڻهن کي چيو ته ”هن ڏينهن کي ياد رکجو. هن
ئي ڏينهن اوهين مصر کان ٻاهر آيا، انهيءَ جاءِ کان جتي اوهين غلام
هئا. هي اهو ئي ڏينهن آهي جڏهن خداوند پنهنجي زبردست قدرت
سان اوهان کي اتان ٻاهر ڪڍي آيو. سو هن ڏينهن ڪابه خميري
ماني کائڻ ۾ نه اچي. 4 اوهين *ابيب مهيني جي اڄوڪي ڏينهن
مصر مان ٻاهر نڪتا آهيو.
5 جنهن ملڪ جي ڏيڻ جو خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن سان قسم
کنيو هو ۽ جنهن ۾ آسودگي ۽ خوشحالي آهي، جڏهن خداوند اوهان
کي انهيءَ ڪنعانين، حتين، امورين، حوين ۽ يبوسين جي ملڪ ۾
پهچائي تڏهن اوهين ساڳئي ئي مهيني ۾ اها رسم ادا ڪندا رهجو.
6 ستن ڏينهن تائين اوهين جيڪا ماني کائو، تنهن ۾ خمير بلڪل
نه هجي ۽ ستين ڏينهن خداوند لاءِ عيد ملهائجو. 7 انهن ستن ئي
ڏينهن ۾ بيخميري ماني کائجو. خمير واري ماني اوهان وٽ ڏسڻ
۾ به نه اچي ۽ نڪي اوهان جي سرحدن اندر ڪٿي ڪو خمير نظر
اچي. 8 عيد جي ڏينهن اوهان مان هر ڪو پنهنجي پنهنجي پٽ
کي ٻڌائي ته ’هي ڏينهن آءٌ انهيءَ ڪم جي يادگار لاءِ ملهائيندو
آهيان جيڪو خداوند منهنجي لاءِ ان وقت ڪيو جڏهن آءٌ مصر مان
نڪري رهيو هوس.‘ 9 اها رسم توهان وٽ ڄڻ ته توهان جي هٿ ۾
هڪڙي نشاني ٿيندي ۽ توهان جي اکين اڳيان هڪڙي يادگار رهندي،
انهيءَ لاءِ ته خداوند جي شريعت توهان جي زبان تي هجي. ڇالاءِجو
خداوند پنهنجي طاقتور هٿ سان توهان کي مصر مان ڪڍي آندو
آهي. 10 تنهنڪري توهين انهيءَ قانون تي مقرر ڪيل وقت تي هر
سال عمل ڪندا رهجو.

## پهريتن لاءِ قاعدو

11 پوءِ جڏهن خداوند اوهان کي ڪنعانين جي ملڪ ۾ پهچائي اهو
اوهان کي عطا ڪري، جنهن جي ڏيڻ جو هن اوهان سان ۽ اوهان
جي ابن ڏاڏن سان قسم کڻي واعدو ڪيو هو، 12 تڏهن جيڪو به
پهريتو پٽ پيٽ مان نڪري سو اوهين خداوند لاءِ ڌار ڪجو. اوهان
جي چوپائي مال جا به سڀ پهريتا نر ٻچا خداوند جا ٿيندا. 13 پر
گڏهه جي پهريتي ٻچي جي بدران هڪڙو گهيٽو يا ڇيلو عيوضي طور

---

*ابيب: عبرانين جي سال جو پهريون مهينو، جيڪو بهار جي موسم ۾ ايندو آهي.

12:40 پيد 15:13، گل 3:17 — 12:46 گا 9:12، يو 19:36 — 13:2 گا 3:13، لو 2:23 — 13:12 خر 34:19–20، لو 2:23

ڏجو. جيڪڏهن اوهين انهيءَ جي لاءِ عيوضو نہ ڏيو تہ انهيءَ جي
ڳچي ڀڃي ڇڏجو. اوهان کي پنهنجي پٽن مان هر هڪ پهريتي پٽ
جو عيوضو ڏيڻو پوندو. 14 ايندڙ وقت ۾ جڏهن اوهان جو پٽ اوهان
کان پڇي تہ ’هن رسم جو ڪهڙو مطلب آهي؟‘ تڏهن اوهين هن
کي ٻڌائجو تہ ’خداوند اسان کي مصر ملڪ مان، جتي اسين غلام
هئاسين، پنهنجي طاقتور هٿ سان ڪڍي ٻاهر آندو. 15 جڏهن فرعون
جي دل سخت هئي ۽ هن اسان کي وڃڻ نہ ٿي ڏنو، تڏهن خداوند
مصر جي ملڪ ۾ ماڻهن توڙي چوپائي مال جي سڀني پهريتن نر
ٻچن کي ماري ڇڏيو. اهو ئي سبب آهي جو اسين چوپائي مال جي
پهريتن نر ٻچن کي قربان ڪريون ٿا. پر پنهنجن پهريتن پٽن جي بدران
عيوضو ڏيون ٿا. 16 تنهنڪري اها رسم جڻ تہ توهان جي هٿ ۾
هڪڙي نشاني ٿيندي ۽ توهان جي اکين اڳيان هڪڙي يادگار رهندي،
تہ خداوند پنهنجي طاقتور هٿ سان اسان کي مصر مان ڪڍي آيو.‘“

## ڪڪر ۽ باهہ جو ٿنڀو

17 جڏهن فرعون انهن ماڻهن کي وڃڻ ڏنو، تڏهن خدا کين فلستين
جي علائقي واري رستي کان نہ وٺي ويو، جيتوڻيڪ اهو ويجهو هو.
هن ڪري جو خدا فرمايو هو تہ ”متان هي ماڻهو جنگ جهيڙو ڏسي
پشيمان ٿين ۽ مصر ڏانهن موٽي وڃن.“ 18 پر خدا انهن ماڻهن کي
بيابان منجهان ڳاڙهي سمنڊ ڏانهن وٺي آيو. بني اسرائيل مصر جي
ملڪ مان هٿيار ٻڌي نڪتا هئا.
19 موسيٰ يوسف جا هڏا پاڻ سان کنيا، ڇالاءِجو يوسف بني اسرائيل
کي قسم ڏيئي چيو هو تہ ”خداوند ضرور اوهان جي سار لهندو،
تڏهن اوهين منهنجا هڏا هتان پاڻ سان کڻي وڃجو.“ 20 پوءِ بني
اسرائيل سُڪات کان روانا ٿيا ۽ بيابان جي حد وٽ ايتام ۾ اچي منزل
ڪيائون. 21 ڏينهن جي وقت خداوند انهن جي اڳيان ڪڪر واري
ٿنڀي جي وسيلي کين رستو ڏيکاريندو هلندو هو ۽ رات جي وقت
باهہ واري ٿنڀي جي وسيلي کين روشني ڏيندو اڳيان هلندو رهندو
هو، انهيءَ لاءِ تہ اهي ڏينهن رات پنڌ ڪري سگهن. 22 ڏينهن جي
وقت اهو ڪڪر جو ٿنڀو ۽ رات جي وقت باهہ جو ٿنڀو، انهن ماڻهن
جي اڳيان ڪڏهن بہ گم ڪونہ ٿيندو هو.

## ڳاڙهو سمنڊ پار ڪرڻ

14 1 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”بني اسرائيل کي
حڪم ڏي تہ اهي پٺتي موٽي مگدال ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي
وچ تي فيهخيروت وٽ بعل‌صفون جي اڳيان سمنڊ جي ڪناري تي
منزل ڪن. 3 فرعون بني اسرائيل جي باري ۾ چوندو تہ اهي بيابان ۾
گهيرجي پيا آهن ۽ اتي ڦاسي پيا آهن. 4 آءٌ فرعون جي دل کي سخت
ڪندس ۽ هو اوهان جي پٺيان پوندو. تڏهن فرعون ۽ سندس ساري
لشڪر تي منهنجي فتح سان منهنجو جلال ظاهر ٿيندو ۽ مصرين کي
خبر پوندي تہ آءٌ خداوند آهيان.“ سو بني اسرائيل ائين ئي ڪيو.
5 جڏهن مصر جي بادشاهہ کي اها خبر پيئي تہ اهي ماڻهو ڀڄي
ويا آهن، تڏهن فرعون ۽ سندس نوڪرن جي دل انهن ماڻهن جي خلاف
ڦيرو کاڌو ۽ هو چوڻ لڳا تہ ”اسان هي ڇا ڪيو جو بني اسرائيل کي
پنهنجي غلاميءَ مان نڪري وڃڻ ڏنوسين؟“ 6 سو فرعون پنهنجي
گاڏي تيار ڪرائي ۽ پنهنجي فوج کي پاڻ سان کنيائين. 7 هن
ڇهہ سؤ چونڊيل جنگي گهوڙي گاڏين سان گڏوگڏ مصر جون ٻيون
سموريون عام جنگي گهوڙي گاڏيون بہ پاڻ سان کنيون، جن تي
فوجي سالار نگران هئا. 8 خداوند مصر جي بادشاهہ فرعون جي دل
سخت ڪئي. سو هو بني اسرائيل جي پٺيان ڪاهي پيو، ڇالاءِجو اهي
سندس وٽان بيپرواهيءَ سان نڪري ويا هئا. 9 مصري فوج فرعون
جي سڀني گهوڙن، گاڏين ۽ سوارن سميت انهن جي پٺيان پيئي. هو
اتي اچي پهتا جتي بني اسرائيل سمنڊ جي ڪناري تي فيهخيروت
وٽ، بعل‌صفون جي سامهون منزل ڪيو ويٺا هئا.
10 جڏهن فرعون ويجهو اچي پهتو ۽ بني اسرائيل ڏٺو تہ مصري
سندن پٺيان ڪاهيندا پيا اچن، تڏهن هو ڏاڍا اچي ڊنا ۽ خداوند کي
مدد لاءِ پڪارڻ لڳا. 11 هنن موسيٰ کي چيو تہ ”مصر ۾ قبرون
ڪين هيون ڇا جو تون اتان اسان کي هن رڻپٽ ۾ مرڻ لاءِ وٺي آيو
آهين؟ تو اسان سان هي ڇا ڪيو جو اسان کي مصر مان ڪڍي آئين.
12 اسان تو کي مصر ۾ ائين ڪين چيو هو ڇا تہ اسان کي ڇڏي ڏي
تہ پلي پيا مصرين جي غلامي ڪريون؟ ڇالاءِجو اسان جي لاءِ هن
رڻپٽ ۾ مرڻ کان مصرين جي غلامي ڪرڻ بهتر ٿئي ها.“ 13 تڏهن
موسيٰ ماڻهن کي چيو تہ ”ڊڄو نہ، بيٺا رهو ۽ خداوند جو ڇوٽڪارو
ڏسو جيڪو اڄ اوهان کي ملندو. اوهين جن مصرين کي اڄ ڏسي
رهيا آهيو، تن کي وري ڪڏهن بہ ڪين ڏسندا. 14 خداوند اوهان جي
طرفان پاڻ جنگ ڪندو. اوهين ماٺ ڪري ويٺا هجو.“
15 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”تون منهنجي آڏو مدد لاءِ ڇو
ٿو پڪارين؟ بني اسرائيل کي چئُہ تہ اهي اڳتي هلن. 16 تون پنهنجي
لٺ کڻي پنهنجو هٿ سمنڊ تي ڊگهير تہ پاڻي ٻن حصن ۾ ورهائجي
وڃي، تہ جيئن بني اسرائيل سمنڊ جي وچ مان سڪيءَ زمين تان
لنگهي وڃن. 17 آءٌ مصرين جي دلين کي سخت ڪندس ۽ اهي سندن
پٺيان ڪاهي ايندا. تڏهن فرعون تي، سندس ساري لشڪر تي، سندس
جنگي گهوڙي گاڏين تي ۽ سندس گهوڙي سوارن تي منهنجي فتح
سان منهنجو جلال ظاهر ٿيندو. 18 جڏهن آءٌ انهن تي فتح حاصل
ڪندس، تڏهن مصرين کي خبر پوندي تہ آءٌ خداوند آهيان.“
19 تنهن کان پوءِ خدا جو ملائڪ جيڪو بني اسرائيل جي لشڪر جي
اڳيان هلندو رهندو هو، سو ڦري انهن جي پٺيان هلڻ لڳو. ڪڪر جو
ٿنڀو بہ هنن جي اڳ کان نڪري سندن پٺيان آيو. 20 اهو مصرين جي

---

19:13 پيد 25:50، يش 32:24

لشڪر ۽ بني اسرائيل جي لشڪر جي وچ ۾ وڃي بيٺو. اهو مصرين
جي لاءِ اونداهو ڪڪر هو، پر بني اسرائيل جي لاءِ رات جو روشني
ڏيندڙ هو. تنهنڪري ساري رات ٻئي لشڪر هڪٻئي ڪي ويجهو اچي
نہ سگهيا.
21 موسيٰ پنهنجو هٿ سمنڊ تي ڊگهيريو تہ خداوند ساري رات
اوڀر جو تيز واءُ گهلايو ۽ سمنڊ کي پوئتي هٽائي ڇڏيو، ايتري قدر
جو اهو سڪي زمين ٿي پيو ۽ پاڻي ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. 22 بني
اسرائيل سمنڊ جي وچ مان سڪيءَ زمين تان لنگهي ويا. هنن جي
ٻنهي پاسن کان پاڻي پٽ وانگر ٿي پيو. 23 مصري بہ انهن جي پٺيان
ڪاهي پيا ۽ فرعون جا سڀ گهوڙا، گاڏيون ۽ سوار سندن پٺيان سمنڊ
جي وچ ۾ آيا. 24 صبح جو پرهہ ڦٽڻ کان اڳ خداوند باهہ ۽ ڪڪر
جي ٿنڀي منجهان مصرين جي لشڪر ڏانهن نهاريو ۽ انهن جي لشڪر
کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيائين. 25 هنن جي گاڏين جا ڦيٿا ڦاسائي
ڇڏيائين، جنهنڪري اهي تمام مشڪل سان ٿي هليون. تڏهن مصري
چوڻ لڳا تہ ”اچو تہ بني اسرائيل کان پڇي نڪرون، ڇالاءِجو خداوند
انهن جي پاران اسان سان وڙهي ٿو.“
26 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”پنهنجو هٿ سمنڊ جي مٿان
ڊگهير تہ پاڻي موٽي مصرين، سندن گاڏين ۽ سوارن جي مٿان اچي.“
27 موسيٰ پنهنجو هٿ سمنڊ تي ڊگهيريو ۽ پرهہ ڦٽڻ وقت سمنڊ ڦري
پنهنجي اصلي حالت تي اچي بيٺو. مصرين پاڻيءَ کان بچي نڪرڻ
جي ڪوشش ڪئي، پر خداوند کين سمنڊ جي وچ ۾ ٻوڙي ڇڏيو.
28 سو پاڻي موٽي آيو ۽ گاڏين، سوارن ۽ فرعون جي ساري لشڪر
کي، جيڪو هنن جي پٺيان ڪاهي سمنڊ جي وچ ۾ آيو هو ٻوڙي
ڇڏيائين. انهن منجهان هڪڙو بہ ڪونہ بچيو. 29 پر بني اسرائيل
سمنڊ جي وچ ۾ بہ سڪيءَ زمين تي پنڌ ڪيو ۽ پاڻي هنن جي ٻنهي
پاسن کان پٽ وانگر بيٺو هو.
30 اهڙيءَ طرح خداوند انهيءَ ڏينهن بني اسرائيل کي مصرين جي
هٿان بچايو ۽ بني اسرائيل مصرين کي سمنڊ جي ڪناري تي مئل
ڏٺو. 31 جڏهن بني اسرائيل اها عظيم قدرت، جيڪا خداوند مصرين
تي ظاهر ڪئي سا ڏٺي، تڏهن اهي خداوند کان ڊنا. انهيءَ سبب هنن
خداوند تي ۽ سندس ٻانهي موسيٰ تي ڀروسو ڪيو.

## موسيٰ جو فتح جو گيت ڳائڻ

15 1 ان وقت موسيٰ ۽ بني اسرائيل جي ماڻهن خداوند جي
شان ۾ هي گيت ڳايو تہ

”آءٌ خداوند جو حمد وَ ثنا ڳائيندس،
ڇالاءِجو هن وڏي شاندار فتح ماڻي آهي،
هن گهوڙن کي سوارن سوڌو سمنڊ ۾ اڇلائي وڌو آهي.
2 منهنجي طاقت ۽ قوت خداوند آهي،
هو ئي منهنجو بچائيندڙ آهي.
آءٌ سندس تعريف ڪندس، جو هو ئي منهنجو خدا آهي،
بلڪ منهنجي پيءُ جو بہ اهو ئي خدا آهي،
آءٌ سندس واکاڻ ڳائيندس.
3 خداوند جنگ جو سورهيہ آهي،
سندس ئي نالو خداوند آهي.

4 هن فرعون جي لشڪر ۽ گاڏين کي
ڳاڙهي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو،
ساڻس گڏ انهيءَ جا چونڊ فوجي سالار بہ سمنڊ ۾ غرق ٿي ويا.
5 سمنڊ جي اونهاين انهن کي ڍڪي ڇڏيو،
اهي پٿر وانگر هيٺ سمنڊ جي تري ۾ وڃي پيا.
6 اي خداوند! تنهنجو هٿ طاقت ۾ اعليٰ آهي،
اي خداوند! تنهنجي زورآور هٿ دشمن کي
پڃي پورا پورا ڪيو.
7 تو پنهنجي وڏيءَ عظمت سان مخالفن کي برباد ڪيو،
تو مٿن پنهنجو غضب نازل ڪيو،
جنهن کين ائين ساڙي ڇڏيو جيئن ٻُهہ ساڙيو ويندو آهي.

8 تنهنجي قهر واري ڦوڪ سان پاڻي ڍڳن مٿان ڍڳ ٿيو،
۽ اهو وهندڙ پاڻي پٽ جيان بيهي رهيو.
هائو، سمنڊ جي وچ ۾ اونهو پاڻي ڄمي بيهي رهيو.
9 دشمن چيو هو تہ ’آءٌ پٺيان پئي انهن کي پڪڙيندس،
۽ ڪاڻن لُٽيل مال ورهائي آءٌ پنهنجي دل ٺاريندس.
پوءِ مياڻ مان تلوار ڪڍي آءٌ کين برباد ڪري ڇڏيندس.‘
10 تڏهن اي خداوند! تو پنهنجو واءُ گهُلايو
تہ سمنڊ انهن کي ڍڪي ڇڏيو.
اهي زور واري پاڻيءَ اندر شيهي وانگر غرق ٿي ويا.

11 اي خداوند! معبودن ۾ تو جهڙو ٻيو ڪير آهي؟
پاڪيزگيءَ ۾ اعليٰ ۽ افضل تو جهڙو ٻيو ڪير آهي؟
حمد وَ ثنا ۾ هيبتناڪ ۽ معجزن ڪرڻ وارو ٻيو ڪير آهي؟
12 جڏهن تو پنهنجو زورآور هٿ هنن مٿان ڊگهيريو هو،
تڏهن تنهنجي دشمنن کي ڌرتي ڳهي ويئي هئي.
13 جن کي تو ڇڏايو هو تن جي تو دائمي ٻاجهہ سان رهبري ڪئي،
تو پنهنجي طاقت سان کين پنهنجي مقدس جاءِ اندر پهچايو.

14 فرعون جي حشر بابت ٻڌي قومون خوف وچان ڏڪي ويون،

22:14 1.ڪر 10:1–2، عبر 29:11   1:15 مڪا 3:15   2:15 زب 14:118، يس 2:12

فلستيءَ جي رهاڪن کي پڻ ڊپ جي عذابن آٽي وڪوڙيو.
15 *ادوم جي اڳواڻن کي پڻ دهشت اچي ورتو،
موآبي اڳواڻن کي ٻہ بيحد ڏڪڻيءَ اچي ورايو،
۽ ڪنعان جو هر ڪو رهاڪو همت هاري ويٺو.
16 هائو، انهن سڀني تي خوف ۽ دهشت اچي ڪڙڪي.
تنهنجي قدرت جي حشمت ڏسي اهي پٿر جا بت بڻجي ويا،
جيستائين اي خداوند!
تنهنجي ڇڏايل قوم وٿائن لنگهي نہ ويئي.

17 اي خداوند! تون پنهنجي قوم کي آڻي
پنهنجي انهيءَ چونڊيل پهاڙ تي وڻ وانگر پوکيندين،
جيڪو تو پنهنجي رهڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي.
هائو، اي مالڪ! اها مقدس جاءِ تنهنجي هٿن تيار ڪئي آهي.
18 بيشڪ اي خداوند! ازل کان ابد تائين،
رڳو تنهنجي بادشاهي آهي."

## مريم جو گيت

19 سو بني اسرائيل سمنڊ جي وچ مان سڪيءَ زمين تان لنگهي
ويا. پر جڏهن فرعون جون گهوڙي گاڏيون، گهوڙن ۽ سوارن سميت
سمنڊ ۾ گهڙي ويون، تڏهن خداوند سمنڊ جو پاڻي موٽائي مٿن آندو.
20 تڏهن هارون جي ڀيڻ مريم جيڪا نبياڻي هئي، تنهن پنهنجي هٿ
۾ دف کنيو ۽ سڀ عورتون دف ڪٽي نچنديون سندس پٺيان هليون.
21 مريم هنن جي گيت جي جواب ۾ هي ڳايو تہ
"اوهين خداوند جو حمد وَ ثنا ڳايو،
ڇالاءِجو هن جلال واري فتح ماڻي آهي،
هن گهوڙن کي سوارن سوڌو سمنڊ ۾ اڇلائي وڌو آهي."

## ڪؤڙو پاڻي

22 پوءِ موسيٰ بني اسرائيل کي ڳاڙهي سمنڊ کان پرتي وٺي هليو
۽ هو شور جي بيابان ۾ آيا. هو ٽن ڏينهن تائين بيابان ۾ پنڌ ڪندا
رهيا پر پاڻي ڪٿي بہ نہ ملين. 23 پوءِ هو هڪ جاءِ تي اچي پهتا، پر
اُتان جو پاڻي پي نہ سگهيا، ڇالاءِجو اهو ڪؤڙو هو. انهيءَ ڪري
ان جاءِ جو نالو †"ماره" پئجي ويو. 24 تڏهن ماڻهو موسيٰ جي خلاف
ڪرڪڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ "اسين ڇا پيئون؟" 25 تنهن تي موسيٰ
مدد لاءِ خداوند کي ٻاڏايو. خداوند کيس هڪڙو وڻ ڏيکاريو، جنهن
کي هن پاڻيءَ ۾ وڌو تہ اهو مٺو ٿي پيو.

اُتي خداوند هنن جي رهڻ لاءِ قاعدا قانون ٺاهيا ۽ اتي ئي کين
آزمايائين. 26 خداوند فرمايو تہ "جيڪڏهن اوهين مون خداوند پنهنجي
خدا جي آواز کي پوريءَ طرح ڌيان سان ٻڌندا ۽ جيڪي منهنجي نظر
۾ صحيح آهي سو ڪندا، منهنجي حڪمن تي عمل ڪندا ۽ منهنجي
سڀني قانونن تي هلندا تہ جيڪي بيماريون مون مصرين تي موڪليون
آهن تن مان ڪابہ اوهان تي ڪين موڪليندس. ڇالاءِجو آءٌ خداوند
آهيان، جيڪو اوهان کي صحت ٿو ڏيان."
27 پوءِ هو ايليم ۾ اچي پهتا، جتي ٻارهن چشما ۽ کجين جا ستر
وڻ هئا. اُتي ئي پاڻيءَ جي پرسان هنن پنهنجا تنبو کوڙيا.

## مَنَ ۽ ٻٽيرا

16 1 پوءِ بني اسرائيل جي ساري قوم ايليم مان رواني ٿي.
مصر جي ملڪ مان نڪرڻ کان پوءِ اهي ٻئي مهيني جي
پندرهين تاريخ تي سين جي بيابان ۾ اچي پهتا، جيڪو ايليم ۽ سينا
جي وچ ۾ آهي. 2 اُتي بيابان ۾ اهي سڀ موسيٰ ۽ هارون جي خلاف
ڪرڪڻ لڳا. 3 کين چوڻ لڳا تہ "جيڪر اسين مصر جي ملڪ ۾
ئي خداوند جي هٿان مري وڃون ها تہ چڱو، جتي اسين گوشت جي
ديڳڙن وٽ ويهندا ۽ پيٽ ڀري ماني کائيندا هئاسين. اوهان تہ اسان
کي هن رڻپٽ ۾ انهيءَ لاءِ وٺي آيا آهيو تہ هن ساريءَ قوم کي
بکن ۾ ماريو."
4 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ "ڏس، هاڻي آءٌ اوهان سڀني
لاءِ مانين جو مينهن وسائيندس. ماڻهو هر روز ٻاهر نڪري، رڳو
هڪڙي هڪڙي ڏينهن جو حصو گڏ ڪندا، انهيءَ لاءِ تہ آءٌ کين
آزمايان تہ هو منهنجي حڪمن تي هلن ٿا يا نہ. 5 ڇهين ڏينهن تي
هو روزاني کان ٻيڻو آڻي تيار ڪندا."
6 تڏهن موسيٰ ۽ هارون بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي چيو تہ
"اڄ شام جو اوهان کي معلوم ٿيندو تہ اهو خداوند ئي هو جنهن
اوهان کي مصر مان ڪڍي ٻاهر آندو. 7 صبح جو اوهين خداوند جو
جلوو ڏسندا، ڇالاءِجو خداوند پنهنجي خلاف اوهان جون شڪايتون
ٻڌيون آهن. سو اسين ڪير ٿيندا آهيون جو اوهين اسان جي خلاف
ڪُرڪو ٿا؟" 8 موسيٰ وڌيڪ چين تہ "شام جي وقت خداوند اوهان
کي کائڻ لاءِ گوشت ڏيندو ۽ صبح جو ڍءُ تي ماني ڏيندو، ڇالاءِجو
اوهين خداوند جي خلاف جيڪي شڪايتون ڪريو ٿا سي هو ٻڌي ٿو.
سو اسين ڪير ٿيندا آهيون؟ اوهان جي شڪايت اسان جي خلاف نہ
پر خداوند جي خلاف آهي."
9 پوءِ موسيٰ هارون کي چيو تہ "بني اسرائيل جي ساري قوم
کي چئُہ تہ 'اوهين خداوند وٽ اچي حاضر ٿيو، ڇالاءِجو هن اوهان

*ادوم ۽ موآب: اهي علائقا ڪنعان ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.
†"ماره": عبراني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ڪؤڙو".

4:16 يو 31:6

جي شڪايت ٻڌي آهي.‘ ” 10 جڏهن هارون بني اسرائيل قوم کي ائين
چئي رهيو هو، تڏهن انهن بيابان ڏانهن نظر ڪئي تہ اوچتو ڪڪر ۾
کين خداوند جو جلوو ڏسڻ ۾ آيو. 11 انهيءَ وقت خداوند موسيٰ سان
ڳالهائيندي فرمايو تہ 12 ”مون بني اسرائيل جون شڪايتون ٻڌيون
آهن. تون هنن کي چئُہ تہ شام جي وقت اوهين گوشت کائيندا ۽
صبح جو اوهان کي ڍءَ تي ماني ملندي. پوءِ اوهان کي خبر پوندي
تہ آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان.“

13 جڏهن شام جو وقت ٿيو تہ ايترا ٻٽيرا اڏامندا آيا جو
خيمي‌گاهہ کي ڍڪي ڇڏيائون. صبح جي وقت خيمي‌گاهہ جي
آس‌پاس ماڪ پيئي هئي. 14 جڏهن ماڪ گم ٿي ويئي، تڏهن ڇا ڏسن
تہ بيابان ۾ هڪڙي سنهي گول گول شيءِ، پاري جي داڻن جهڙي
زمين تي پيئي آهي. 15 جڏهن بني اسرائيل اها ڏٺي، تڏهن هڪ ٻئي
کي چوڻ لڳا تہ ”هي ڇا آهي؟“ ڇالاءِجو انهن کي خبر ڪانہ هئي
تہ اهو ڇا آهي. تڏهن موسيٰ کين چيو تہ ”هيءَ اها ماني آهي جيڪا
خداوند اوهان کي کائڻ جي لاءِ ڏني آهي. 16 سو خداوند جو حڪم
هي آهي تہ اوهان مان هر ڪو ڄڻو اها پنهنجي کائڻ جيتري گڏ
ڪري، يعني جيترا ڀاتي تنبوءَ ۾ آهن، تن جي شمار موجب، هر هڪ
ڄڻي واسطي *ٻہ ڪلوگرام گڏ ڪري.“

17 بني اسرائيل ائين ئي ڪيو. پر انهن مان ڪن گهڻي ۽ ڪن ٿوري
گڏ ڪئي. 18 جڏهن هنن اها اتڪل ٻہ ڪلوگرام واري ماپي سان ماپي
ڏٺي، تڏهن جنهن گهڻو گڏ ڪيو هو تنهن وٽ وڌيڪ نہ بچيو ۽ جنهن
ٿورو گڏ ڪيو هو تنهن وٽ گهٽتائي ڪانہ ٿي. انهن مان هر ڪنهن
پنهنجي کائڻ جيترو گڏ ڪيو. 19 موسيٰ انهن کي چيو تہ ”ڪوبہ
ڄڻو انهيءَ مان صبح تائين ڪجهہ بہ بچائي نہ رکي.“ 20 پر انهن
مان ڪن موسيٰ جي ڳالهہ نہ مڃي ۽ صبح تائين انهيءَ مان ڪجهہ
بچائي رکيائون. صبح جو انهيءَ ۾ ڪينئان پئجي ويا ۽ اها ڪني
ٿي ويئي. تڏهن موسيٰ انهن تي ڏاڍو ناراض ٿيو. 21 پوءِ هر ڪو ڄڻو
روزانو صبح جو اها پنهنجي کائڻ جيتري گڏ ڪندو هو. جڏهن
تکي اُس نڪرندي هئي، تڏهن جيڪا زمين تي بچيل هوندي هئي سا
ڳري ويندي هئي.

22 ڇهين ڏينهن انهن ٻيڻي ماني گڏ ڪئي، يعني هر هڪ لاءِ چار
چار ڪلوگرام. پوءِ بني اسرائيل جي سڀني اڳواڻن اچي موسيٰ کي
اها خبر ڏني. 23 تڏهن موسيٰ کين چيو تہ ”خداوند جو حڪم اهو
ئي آهي تہ سڀاڻي خاص آرام جو ڏينهن يعني خداوند جو پاڪ سبت
آهي. اوهان کي اڄ جيڪي پچائڻو آهي سو پچايو ۽ جيڪي رڌڻو آهي
سو رڌيو. جيڪي بہ باقي بچي پوي سو سڀاڻي لاءِ رکي ڇڏيو.“
24 سو جيئن موسيٰ کين چيو هو تيئن هنن ٻئي ڏينهن تائين اها بچائي
رکي. اها نڪي خراب ٿي، نڪي منجهس ڪينئان پيا. 25 موسيٰ چيو
تہ ”اڄ اها ئي بچيل ماني کائو، ڇالاءِجو اڄ خداوند جو سبت آهي،
تنهنڪري اڄ اها ماني اوهان کي ميدان ۾ ڪونہ ملندي. 26 ڇهہ
ڏينهن اوهين اها ماني گڏ ڪندا، پر ستين ڏينهن سبت جو ڏينهن
آهي. انهيءَ ڏينهن اها ڪانہ هوندي.“

27 ستين ڏينهن ڪي ماڻهو اها گڏ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتا، پر ڪجهہ
بہ نہ لڌائون. 28 تڏهن خداوند موسيٰ کي چيو تہ ”ڪيستائين اوهين
منهنجي حڪمن ۽ منهنجي فيصلن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندا؟
29 ياد رکو، تہ مون خداوند، اوهان کي سبت جو ڏينهن ڏنو آهي.
تنهنڪري آءٌ ڇهين ڏينهن هميشہ اوهان کي ٻن ڏينهن جي ماني
ڏيندس. اوهان مان هر ڪو ماڻهو پنهنجي گهر ۾ رهي. ستين ڏينهن
ڪوبہ ماڻهو پنهنجي گهر کان ٻاهر نہ نڪري.“ 30 تنهنڪري ستين
ڏينهن ماڻهن آرام ڪيو.

31 بني اسرائيل انهيءَ مانيءَ جو نالو †”مَنَ“ رکيو. اها ڌاڻن جي
ٻج جهڙي ۽ اڇي هئي ۽ انهيءَ جو سواد ماکيءَ سان ٺاهيل بسڪوٽن
جهڙو هو. 32 موسيٰ چيو تہ ”خداوند هي حڪم ڏنو آهي تہ ’انهيءَ
مان ٻہ ڪلوگرام ڀري پنهنجين پيڙهين جي لاءِ رکي ڇڏيو، تہ ڀلي هو
ڏسن تہ جڏهن مون اوهان کي مصر جي ملڪ مان ٻاهر ڪڍي آندو،
تڏهن بيابان ۾ مون اوهان کي اها ماني کارائي.‘ ” 33 پوءِ موسيٰ
هارون کي بہ چيو تہ ”هڪڙو ٿانوُ ڪٽي، انهيءَ ۾ مَنَ جا ٻہ ڪلوگرام
ڀري وجهہ ۽ اهو خداوند جي حضور ۾ آڻي رک تہ اهو اوهان جي
پيڙهين لاءِ محفوظ رکيو هجي.“ 34 سو جيئن خداوند موسيٰ کي
حڪم ڏنو هو، تيئن هارون اهو عهد واري صندوق جي اڳيان آڻي
رکيو، تہ جيئن اهو حفاظت سان رکيو هجي. 35 بني اسرائيل چاليهہ
سالن تائين مَنَ کائيندا رهيا، جيستائين هو آباد ملڪ ۾ آيا، يعني
جيستائين هو ڪنعان ملڪ جي حد تائين نہ آيا تيستائين مَنَ پئي
کاڌائون.

36 انهن ڏينهن ۾ ٻہ ڪلوگرام وزن کي عومر چوندا هئا، جيڪو
ماپ جي لحاظ کان هڪڙي عيفا جو ڏهون حصو هو.

## ٽڪريءَ مان پاڻي نڪرڻ
(ڳاڻاٽو 20:1–13)

17 1 پوءِ بني اسرائيل جي ساري قوم سين جي بيابان مان
رواني ٿي ۽ خداوند جي حڪم موجب مسافري ڪندي
رفيديم ۾ اچي منزل ڪيائون. اتي ماڻهن جي پيئڻ لاءِ پاڻي ڪونہ
هو. 2 تنهنڪري ماڻهو موسيٰ سان وڙهڻ لڳا ۽ چيائونس تہ ”اسان
کي پاڻي ڏي تہ پيئون.“ تڏهن موسيٰ کين چيو تہ ”اوهين مون سان

*ٻہ ڪلوگرام: عبرانيءَ ۾ هڪ ”عومر“ لکيل آهي جيڪو اٽڪل ٻن ڪلوگرامن جي برابر آهي.

†”مَنَ“: هن لفظ جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”هي ڇا آهي؟“

15:16 1.ڪر 3:10 18:16 2.ڪر 15:8 23:16 خر 20:8‐11 31:16 ڳا 11:7‐8 33:16 عبر 4:9 35:16 يش 12:5

چو ٿا وڙهو؟ چو ٿا خداوند کي آزمايو؟" 3 پر ماڻهو تمام اڃايل هئا،
تنهنڪري موسيٰ جي خلاف ڪرڪڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته "تو اسان
کي مصر کان هتي انهيءَ لاءِ آندو آهي ڇا ته اسين، اسان جا ٻار ۽
اسان جو چوپايو مال اُڃ جي ڪري مرون؟" 4 تڏهن موسيٰ خداوند
کي پڪاري چيو ته "آءٌ هنن ماڻهن سان ڇا ڪريان؟ اهي ته مون کي
ذري گهٽ سنگسار ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن."
5 خداوند موسيٰ کي وراڻيو ته "بني اسرائيل جي ڪجهه اڳواڻن
کي پاڻ سان ڪڻ ۽ پنهنجي اها لٺ، جيڪا تو نيل درياءَ تي هنئي
هئي، سا به پنهنجي هٿ ۾ کڻي ماڻهن جي اڳيان ٿي هل. 6 آءٌ اتي
سينا جبل جي پرسان ٽڪريءَ تي تنهنجي سامهون بيٺو هوندس. تون
انهيءَ ٽڪريءَ کي اچي ڌڪ هڻجانءِ ته انهيءَ مان ماڻهن جي پيئڻ
لاءِ پاڻي نڪرندو." سو موسيٰ بني اسرائيل جي اڳواڻن جي روبرو
ائين ئي ڪيو. 7 انهيءَ سبب هن انهيءَ جاءِ جو نالو *مساه ۽ مريباه
رکيو، ڇالاءِجو بني اسرائيل اتي ساڻس وڙهيا هئا ۽ ائين چئي خداوند
کي آزمايو هئائون ته "ڏسون ته خداوند اسان جي وچ ۾ آهي يا نه؟"

## عماليقين تي فتح

8 اهي اڃا رفيديم ۾ ئي هئا ته عماليق قوم وارا آيا ۽ بني اسرائيل
سان اچي جنگ ڪيائون. 9 موسيٰ يشوع کي چيو ته "اسان مان
ڪجهه ماڻهو چونڊي کڻ ۽ وڃي عماليقين سان وڙهه. سڀاڻي آءٌ خدا
جي لٺ پنهنجي هٿ ۾ کڻي انهيءَ ٽڪر جي چوٽيءَ تي بيهندس."
10 سو يشوع ائين ئي ڪيو جيئن موسيٰ حڪم ڏنو هوس. هن وڃي
عماليقين سان ويڙهه ڪئي. انهيءَ مهل موسيٰ، هارون ۽ حور ٽڪر
جي چوٽيءَ تي چڙهي ويا. 11 جيستائين موسيٰ پنهنجو هٿ مٿي ڪنيو
ٿي رهيو، تيستائين بني اسرائيل غالب پئي ٿيا، پر جڏهن هن پنهنجو
هٿ هيٺ ٿي ڪيو، تڏهن عماليقي غالب پئي ٿيا. 12 سو جڏهن موسيٰ
جا هٿ ٿڪجڻ لڳا، تڏهن هارون ۽ حور هڪڙو پٿر کڻي آيا ۽ موسيٰ
انهيءَ تي ويهي رهيو. پوءِ هو ٻئي سندس هٿ جهلي بيٺا، هڪڙو
هڪڙي پاسي کان ۽ ٻيو ٻئي پاسي کان. اهڙيءَ طرح سج لٿي تائين
هن جا هٿ مٿي ئي رهيا. 13 تنهنڪري عماليقين کي يشوع تلوار جي
ڌار سان شڪست ڏني.
14 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو ته "انهيءَ فتح جو احوال لکي
ڇڏ ۽ يشوع کي ٻڌائي ڇڏ ته آءٌ عماليقين جو نالو نشان هن دنيا مان
مٽائي ڇڏيندس." 15 اتي موسيٰ هڪڙي قربانگاهه ٺائي، جنهن جو
نالو "خداوند منهنجو جهنڊو" رکيائين. 16 موسيٰ چيو ته "عماليقين
خداوند جي تخت جي برخلاف هٿ کنيو هو، سو خداوند ساڻن پيڙهي
به پيڙهي جنگ ڪندو رهندو."

## يترو ۽ موسيٰ جي ملاقات

18 1 موسيٰ جي سهري يترو، جيڪو مديان جو مذهبي اڳواڻ
هو، تنهن اهي سڀ ڳالهيون ٻڌيون ته خدا موسيٰ ۽ پنهنجي
قوم بني اسرائيل لاءِ ڇا ڇا ڪيو آهي ۽ ڪيئن خداوند بني اسرائيل
کي مصر مان ڪڍي ٻاهر آندو. 2 تڏهن موسيٰ جو سهرو يترو، موسيٰ
جي زال صفوره کي ساڻ ڪري وٽس آيو، جنهن کي اڳي ئي پيڪن
ڏانهن موڪليو ويو هو. 3 هن سندس ٻن پٽن کي به ساڻ ڪنيو.
انهن مان هڪڙي جو نالو، موسيٰ هي چوندي †"گيرشوم" رکيو هو
ته "آءٌ ڌارئي ملڪ ۾ مسافر ٿي پيو گذاريان." 4 هن ٻئي پٽ جو
نالو ‡"اليعزر" هي چئي رکيو هو ته "منهنجي پيءُ جو خدا منهنجو
مددگار ٿيو آهي ۽ هن مون کي فرعون جي تلوار کان بچايو آهي."
5 موسيٰ جو سهرو يترو، موسيٰ جي زال ۽ پٽن کي ساڻ وٺي
موسيٰ وٽ انهيءَ بيابان ۾ آيو جتي هو خدا جي جبل وٽ منزل ڪيو
لٿو پيو هو. 6 هن موسيٰ ڏانهن چوائي موڪليو هو ته "آءٌ تنهنجو
سهرو يترو تنهنجيءَ زال ۽ تنهنجي پٽن سميت تو وٽ اچي رهيو
آهيان." 7 تڏهن موسيٰ پنهنجي سهري جي استقبال لاءِ ٻاهر نڪتو
۽ جهڪي نياز سان هن کي چميائين. پنهي هڪ ٻئي جي خيرعافيت
پڇي، پوءِ هو گڏجي تنبوءَ ۾ آيا. 8 موسيٰ سارو احوال پنهنجي
سهري کي ٻڌايو ته خداوند بني اسرائيل خاطر، فرعون ۽ مصرين
سان ڇا ڇا ڪيو. هن کيس اهو به ٻڌايو ته رستي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون
مصيبتون آيون ۽ ڪيئن خداوند کين بچايو. 9 يترو خداوند
جي انهن ڀلاين جي ڪري ڏاڍو خوش ٿيو، جيڪي هن بني اسرائيل
سان ڪيون ۽ کين مصرين جي هٿان ڇڏايو. 10 سو هن چيو ته "سڳورو
آهي خداوند، جنهن اوهان کي فرعون ۽ مصرين جي هٿان ڇڏايو.
سڳورو آهي خداوند، جنهن پنهنجي قوم کي مصرين جي غلاميءَ
مان ڇڏايو، 11 جڏهن مصرين انهيءَ ڳالهه ۾ مغروريءَ سان بني
اسرائيل جي برخلاف ڪم ٿي ڪيو. هاڻي مون کي خبر پيئي آهي ته
خداوند سڀني معبودن کان وڏو آهي." 12 پوءِ موسيٰ جي سهري يترو،
خدا جي لاءِ هڪڙي ساڙڻ واري قرباني ڪئي ۽ ڪجهه ٻيون قربانيون
ڪيون. هارون ۽ بني اسرائيل جا سڀ اڳواڻ موسيٰ جي سهري سان
گڏ اها قربانيءَ واري ماني کائڻ لاءِ خدا جي حضور ۾ آيا.

---

*مساه ۽ مريباه: عبراني لفظ آهن جن مان مساه جي معنيٰ آهي "آزمائيندي" ۽ مريباه جي معنيٰ آهي "جهيڙو ڪندي".

†"گيرشوم": هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ڌاريو".

‡"اليعزر": هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "خدا منهنجو مددگار".

14:17 شر 17:25–19، 1.سم 15:2–9   3–2:18 خر 21:2–22   3:18 رس 29:7

## جج مقرر ڪرڻ
(شريعت جو دور 1:9–18)

13 ٻئي ڏينهن موسيٰ ماڻهن جا فيصلا ڪرڻ وينو ۽ ماڻهو صبح
کان وٺي سانجهيءَ تائين سندس چوڌاري بيٺا رهيا. 14 جڏهن موسيٰ
جي سهري اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو جيڪو موسيٰ ماڻهن لاءِ ڪيو، تڏهن
چيائينس تہ ”تون ماڻهن سان هي ڇا ٿو ڪرين؟ تون ڇو پاڻ اڪيلو ٿي
ويهين ٿو ۽ ٻيا سڀيئي ماڻهو صبح کان وٺي سانجهيءَ تائين تنهنجي
چوڌاري بيٺا آهن؟“
15 موسيٰ پنهنجي سهري کي وراڻيو تہ ”انهيءَ جو سبب هي آهي
تہ ماڻهو خدا جي مرضيءَ بابت پڇاڳاڇا ڪرڻ لاءِ مون وٽ ٿا اچن.
16 تنهن کان سواءِ جڏهن هنن ۾ ڪو جهيڙو ٿو ٿئي تڏهن بہ هو مون
وٽ ٿا اچن. آءٌ انهن ٻنهي جو فيصلو ٿو ڪريان ۽ کين خدا جي
قاعدن قانونن مان واقف ٿو ڪريان.“
17 تڏهن موسيٰ جي سهري کيس چيو تہ ”اهو ڪم تون صحيح
طريقي سان نہ ٿو ڪرين. 18 ائين تہ تون پاڻ ۽ هي ماڻهو، جيڪي
تو سان آهن، سڀ سڀ ضرور ٿڪجي پوندا. هي ڪم تنهنجي لاءِ
تمام ڳؤرو آهي، تون اڪيلي سر اهو ڪري ڪين سگهندين. 19 هاڻي
منهنجي ڳالهہ ٻڌ، آءٌ تو کي سٺي صلاح ٿو ڏيان، تہ جيئن خدا تو
ساڻ هجي. تنهنجي لاءِ چڱو آهي تہ تون ماڻهن جي پاران خدا ڏانهن
عيوضي ٿي ويندو ڪر ۽ انهن جا سڀ معاملا خدا جي آڏو پيش ڪندو
ڪر. 20 انهيءَ سان گڏ تون ڀلي هنن کي خدا جي حڪمن ۽ فيصلن
جي باري ۾ سيکار. جنهن رستي تي کين هلڻ گهرجي ۽ جيڪو ڪم
کين ڪرڻ گهرجي، سو سيکارين. 21 انهيءَ کان سواءِ تون انهن مان
کي اهڙا لائق ماڻهو چونڊي ڪڍ جن کي خدا جو خوف هجي، جي
سچار هجن ۽ کين ناجائز ڪمائيءَ کان نفرت هجي. انهن کي هزارن
هزارن، سون سون، پنجاهن پنجاهن ۽ ڏهن ڏهن ماڻهن جي مٿان
حاڪم مقرر ڪر. 22 پوءِ اهي ڀلي هر وقت ماڻهن جا فيصلا ڪندا
رهن. انهن کي گهرجي تہ منجهيل فيصلا هو تو وٽ آڻين ۽ سولا
فيصلا پاڻ هلائين. ائين ڪرڻ سان تنهنجي لاءِ بہ وڌيڪ سولائي
ٿيندي ۽ انهيءَ بار کڻڻ ۾ هو تو سان ڀائيوار بہ ٿيندا. 23 جيڪڏهن
تون اهڙيءَ طرح ڪم ڪندين جيئن خدا تو کي حڪم ڏئي ٿو، تہ پوءِ
تون پوريءَ طرح پنهنجون ذميواريون برداشت ڪري سگهندين ۽ هي
سڀ ماڻهو بہ اطمينان سان پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويندا.“
24 سو موسيٰ پنهنجي سهري جي ڳالهہ مڃي ۽ جيئن هن چيو
هوس تيئن ئي ڪيائين. 25 موسيٰ ساري بني اسرائيل منجهان لائق
ماڻهو چونڊي ڪڍيا ۽ انهن مان هر هڪ کي هزارن هزارن، سون
سون، پنجاهن پنجاهن يا ڏهن ڏهن ماڻهن تي حاڪم مقرر ڪيائين.
26 اهي ماڻهن جا فيصلا ڪندا رهندا هئا. منجهيل فيصلو موسيٰ وٽ
آڻيندا هئا ۽ سولو فيصلو هو پاڻ ڪندا هئا. 27 پوءِ موسيٰ پنهنجي
سهري کي موڪل ڏني ۽ هو پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ٿي ويو.

## سينا جبل تي خدا جو لهي اچڻ

19 1 بني اسرائيل مصر جي ملڪ مان نڪري ٽين مهيني جي
پهرين ڏينهن تي سينا جي بيابان ۾ آيا. 2 هو رفيديم مان
روانا ٿي سينا جي بيابان ۾ پهتا هئا ۽ اتي ئي جبل جي پرسان هنن
پنهنجا تنبو کوڙيا. 3 پوءِ موسيٰ خدا سان ملڻ لاءِ مٿي جبل تي
چڙهي ويو. خداوند جبل تان ڳالهائيندي کيس فرمايو تہ ”تون يعقوب
جي خاندان يعني بني اسرائيل کي هيئن چئُہ تہ 4 ’اوهان ڏٺو تہ مون
خداوند مصرين سان ڇا ڇا ڪيو. جيئن ڪو عقاب پنهنجي ٻچي کي
پرن تي کڻندو آهي، تيئن اوهان کي اتان کڻي پاڻ وٽ آندو اٿم. 5
هاڻي جيڪڏهن اوهين منهنجي فرمانبرداري ڪندا ۽ منهنجي عهد تي
قائم رهندا، تہ اوهين سڀني قومن منجهان منهنجي خاص ملڪيت
ٿيندا. جيتوڻيڪ سڄي دنيا منهنجي آهي، 6 پر اوهين منهنجي لاءِ
مخصوص ٿيلن جي هڪ بادشاهت ۽ منهنجي لاءِ وقف ٿيل قوم
ٿيندا.‘ اهي ڳالهيون تون بني اسرائيل کي بيان ڪري ٻڌاءِ.“
7 تڏهن موسيٰ هيٺ لهي آيو ۽ بني اسرائيل جي اڳواڻن کي پاڻ
وٽ سڏي، جيڪي ڳالهيون خداوند فرمايون هيس، سي سڀ کين
بيان ڪري ٻڌايائين. 8 تنهن تي سڀني ماڻهن گڏجي ورندي ڏني تہ
”جيڪي خداوند فرمايو آهي سو سڀ اسين ڪنداسين.“ موسيٰ ماڻهن
جو اهو جواب خداوند کي ٻڌائڻ ويو. 9 اتي خداوند موسيٰ کي فرمايو
تہ ”ڏس، آءٌ تو وٽ هڪڙي گهاٽي ڪڪر ۾ ايندس، انهيءَ لاءِ تہ
ماڻهو مون کي تو سان ڳالهيون ڪندي ٻڌن ۽ سدائين تو تي اعتبار
ڪندا رهن.“ تڏهن موسيٰ ماڻهن جون ڳالهيون خداوند کي ٻڌايون.
10 پوءِ خداوند موسيٰ کي وڌيڪ فرمايو تہ ”ماڻهن وٽ وڃ ۽ کين
ٻڌاءِ تہ اهي اڄ ۽ سڀاڻي پاڻ کي پاڪ ڪن. هو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي
صاف ڪن. 11 ٽئين ڏينهن تائين هو تيار ٿين، ڇالاءِجو انهيءَ ڏينهن
آءٌ خداوند سينا جبل تي لهي ايندس، جتي سڀيئي ماڻهو مون کي ڏسي
سگهندا. 12 تون ماڻهن جي لاءِ جبل جي چوڌاري حد مقرر ڪري،
انهن کي چئُہ تہ ’خبردار رهو، ڪوبہ ماڻهو انهيءَ حد کان لنگهي
جبل تي نہ چڙهي، نڪي جبل جي ڪناري کي ڇهي. جيڪو بہ جبل
کي ڇهندو، سو ضرور ماريو ويندو.‘ 13 سو جيڪو ائين ڪري تنهن
کي سنگسار ڪيو وڃي، يا تيرن سان ماريو وڃي، پر کيس هٿ بلڪل
نہ لاتو وڃي، پوءِ اهو حيوان هجي توڙي انسان، تنهن کي جيئرو نہ
ڇڏيو وڃي. پر جڏهن نفيل جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي تڏهن انهن کي جبل
وٽ اچڻ جي اجازت آهي.“ 14 پوءِ موسيٰ جبل تان لهي ماڻهن وٽ
آيو ۽ انهن کي پاڪ ڪيائين. سو هنن پنهنجا ڪپڙا ڌوتا. 15 موسيٰ

5:19 شر 20:4، 6:7، 2:14، 18:26، طيط 14:2    6–5:19 1.پط 9:2    6:19 مڪا 6:1، 10:5    13–12:19 عبر 18:12–20

ماڻهن کي هي بہ چيو تہ ”ٽئين ڏينهن تائين تيار ٿيو. انهن ڏينهن
۾ ڪوبہ ماڻهو عورت جي ويجهو نہ وڃي.“
16 جڏهن ٽئين ڏينهن جو صبح ٿيو تہ گجگوڙ ٿيڻ لڳي ۽ وڄ
چمڪڻ لڳي. پوءِ هڪڙو گهاٽو ڪڪر جبل جي مٿان آيو ۽ نفيل جو
اهڙو تہ تمام وڏو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جو خيمي گاهہ جا سڀيئي ماڻهو
ڏڪي ويا. 17 تڏهن موسيٰ ماڻهن کي خدا سان ملائڻ لاءِ خيمن کان
ٻاهر وٺي آيو ۽ اهي جبل جي پاڙ ۾ اچي بيٺا. 18 سارو سينا جبل
دونهين سان ڍڪجي ويو، ڇالاءِجو خداوند باهہ جي وچ ۾ انهيءَ تي
لٿو. اهو دونهون ڪُوري جي دونهين وانگر مٿي چڙهڻ لڳو ۽ سارو
جبل زور سان ڏڏڻ لڳو. 19 نفيل جو آواز جيئن پوءِ تيئن وڌندو ٿي ويو.
موسيٰ ڳالهايو ٿي ۽ خدا گجگوڙ سان جواب ٿي ڏنو. 20 پوءِ خداوند
سينا جبل جي چوٽيءَ تي لهي آيو ۽ موسيٰ کي جبل جي چوٽيءَ تي
سڏيائين. سو موسيٰ مٿي چڙهي ويو. 21 تڏهن خداوند موسيٰ کي
فرمايو تہ ”هيٺ لهي وڃي ماڻهن کي تاڪيد ڪر تہ مون کي ڏسڻ
لاءِ حد نہ اورانگهين، نہ تہ انهن مان گهڻا مري ويندا. 22 مذهبي
اڳواڻ بہ، جيڪي مون وٽ اچن ٿا سي پاڻ کي پاڪ ڪن، تہ ائين
نہ ٿئي جو آءٌ مٿن اچي ڪڙڪان.“ 23 تڏهن موسيٰ خداوند کي چيو
تہ ”ماڻهو جبل تي چڙهي نہ ٿا سگهن، ڇالاءِجو تو اسان کي حڪم
ڏنو هو تہ ’جبل جي چوڌاري حد مقرر ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ کي پاڪ
رکو.‘“ 24 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”هيٺ لهي وڃي هارون کي
پاڻ سان مٿي وٺي اچ. پر مذهبي اڳواڻ ۽ ٻيا ماڻهو حد اورانگهي
مون وٽ مٿي نہ اچن، تہ ائين نہ ٿئي جو آءٌ مٿن اچي ڪڙڪان.“
25 سو موسيٰ هيٺ لهي ماڻهن وٽ آيو ۽ اهي ڳالهيون کين ٻڌايائين.

## شريعت جا ڏهہ حڪم

(شريعت جو دور 5:1–21)

20 1 پوءِ خدا هي سڀ ڳالهيون فرمايون تہ 2 ”آءٌ خداوند اوهان
جو خدا آهيان، جنهن اوهان کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي
ٻاهر آندو، جتي اوهين غلام هئا.
3 مون کان سواءِ اوهان جي لاءِ ٻيو ڪوبہ معبود نہ هجي.
4 اوهين پنهنجي لاءِ ڪابہ تراشيل مورت يا ڪنهن بہ شيءِ جي
صورت نہ جوڙيو، جيڪا آسمان ۾، زمين تي يا زمين جي هيٺان
پاڻيءَ ۾ آهي. 5 اوهين انهن جي پوڄا نہ ڪريو، نڪي جهڪي انهن
کي ڪو سجدو ئي ڪريو، ڇالاءِجو آءٌ خداوند اوهان جو خدا، غيرت
وارو خدا آهيان. جيڪي مون سان دشمني رکندا آهن، تن جي اولاد
کي ٽينءَ ۽ چوٿينءَ پيڙهيءَ تائين آءٌ سندن ابن ڏاڏن جي بدڪارين جي
سزا ڏيندو آهيان. 6 پر جيڪي مون کي پيار ڪندا آهن ۽ منهنجي
حڪمن تي عمل ڪندا آهن، تن تي هزارين پيڙهين تائين آءٌ پنهنجي
لافاني شفقت ڪندو آهيان.
7 اوهين منهنجو نالو خراب مقصدن لاءِ استعمال نہ ڪريو،
ڇالاءِجو آءٌ خداوند اوهان جو خدا هر انهيءَ کي سزا ڏيندس جيڪو
منهنجو نالو خراب مقصدن لاءِ استعمال ڪري ٿو.
8 اوهين *سبت ملهايو ۽ ان کي رڳو خدا لاءِ وقف ڪري ڇڏيو.
9 ڇهہ ڏينهن اوهين محنت ڪري پنهنجو سڀ ڪاروبار ڪريو. 10 پر
ستون ڏينهن آرام جو ڏينهن آهي، جيڪو خداوند اوهان جي خدا لاءِ
وقف ٿيل آهي. انهيءَ ڏينهن ڪوبہ ڪم نہ ڪري، نہ اوهين، نہ
اوهان جو پٽ، نہ اوهان جي ڌيءَ، نہ اوهان جو ٻانهو، نہ اوهان
جي ٻانهي، نہ اوهان جا ڍور ڍڳا ۽ نہ اوهان جي ملڪ ۾ رهندڙ ڪو
ڌاريو. 11 مون خداوند، ڇهن ڏينهن ۾ آسمان، زمين، سمنڊ ۽ سڀ‌ڪا
شيءِ جيڪا انهن ۾ آهي سا جوڙي، پر ستين ڏينهن مون آرام ڪيو.
اهو ئي سبب آهي جو مون خداوند، سبت جي ڏينهن کي برڪت ڏني
آهي ۽ انهيءَ کي رڳو پنهنجي لاءِ وقف ڪيو آهي.
12 اوهين پنهنجي ماءُپيءُ جي عزت ڪريو، تہ جيئن انهيءَ ملڪ
۾، جيڪو آءٌ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏيندس، اوهين وڏي
عرصي تائين رهو.
13 اوهين خون نہ ڪريو.
14 اوهين زنا نہ ڪريو.
15 اوهين چوري نہ ڪريو.
16 اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ تي ڪوڙي شاهدي نہ ڏيو.
17 اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ جي گهر جي لالچ نہ ڪريو، نہ سندس
زال جي لالچ ڪريو، نڪي سندس ٻانهي، سندس ٻانهيءَ، سندس
ڍڳن، سندس گڏهہ ۽ نڪي پنهنجي پاڙيسريءَ جي ڪنهن ٻيءَ شيءِ
جي لالچ ڪريو.“

## ماڻهن جو ڊڄڻ

(شريعت جو دور 5:22–33)

18 پوءِ جڏهن سڀني ماڻهن گجگوڙ ۽ نفيل جو آواز ٻڌو ۽ وڄ ۽ جبل
تان دونهون اٿندي ڏٺو، تڏهن خوف کان ڏڪي ويا ۽ پري وڃي بيٺا.

---

*سبت: يعني آرام جو ڏينهن.

16:19 مڪا 5:4 18–16:19 شر 12–11:4 5–4:20 خر 17:34، لاو 4:19، 1:26، شر 18–15:4، 15:27 6–5:20 خر 7–6:34، ڳا 18:14، شر
10–9:7 7:20 لاو 12:19 8:20 خر 30–23:16، 14–12:31 10–9:20 خر 12:23، 15:31، 21:34، 2:35، لاو 3:23 11:20 پيد 3–1:2،
خر 17:31 12:20 شر 16:27، مت 4:15، 19:19، مر 10:7، 19:10، لو 20:18، اف 2:6، 3 13:20 پيد 6:9، لاو 17:24، مت 21:5، 18:19، مر
19:10، لو 20:18، رو 9:13، يع 11:2 14:20 لاو 10:20، مت 27:5، 18:19، مر 19:10، لو 20:18، رو 9:13، يع 11:2 15:20 لاو 11:19، مت
18:19، مر 19:10، لو 20:18، رو 9:13 16:20 خر 1:23، مت 18:19، مر 19:10، لو 20:18 17:20 رو 7:7، 9:13 19–18:20 عبر 19–18:12

19 هنن موسيٰ کي چيو تہ ”توهين اسان سان ڳالهايو تہ اسين ٻڌون،
پر خدا اسان سان نہ ڳالهائي، متان اسين مري وڃون.“ 20 موسيٰ کين
وراڻيو تہ ”ڊڄو نہ، خدا اوهان جي رڳو آزمائش وٺڻ آيو آهي، انهيءَ
لاءِ تہ اوهين سندس فرمانبرداري ڪندا رهو ۽ گناهہ نہ ڪريو.“
21 پر تڏهن بہ ماڻهو پري ئي بيٺا رهيا ۽ موسيٰ پاڻ انهيءَ گهاٽي
ڪڪر جي ويجهو ويو، جنهن ۾ خدا هو.

## قربان‌گاهہ بابت قانون

22 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”تون بني اسرائيل کي چئُہ تہ
’اوهان پاڻ ڏٺو آهي تہ مون خداوند، آسمان مان اوهان سان ڳالهايو
آهي. 23 اوهين پنهنجي لاءِ سون يا چانديءَ جا معبود نہ ٺاهي، انهن
کي مون سان گڏ شريڪ نہ ڪريو. 24 اوهين منهنجي لاءِ مٽيءَ جي
هڪڙي قربان‌گاهہ ٺاهجو. انهيءَ تي پنهنجين ساڙڻ وارين قربانين ۽
پنهنجي سلامتيءَ جي قربانين ڪرڻ واسطي پنهنجون رڍون ٻڪريون
۽ ڍاند ڳئون قربان ڪجو. هر انهيءَ جاءِ تي جيڪا آءٌ پنهنجي عبادت
لاءِ مقرر ڪندس، اُتي آءٌ اوهان وٽ ايندس ۽ اوهان کي برڪت
ڏيندس. 25 جيڪڏهن اوهين منهنجي لاءِ پٿر جي قربان‌گاهہ ٺاهيو،
تہ گهڙيل پٿر جي نہ ٺاهجو، ڇالاءِجو جڏهن اوهين پٿر تي ڇيڻي
وهائيندا تہ انهيءَ کي ناپاڪ ڪري وجهندا. 26 منهنجي قربان‌گاهہ
تي اوهين ڏاڪڻ تي چڙهي نہ وڃجو، متان اوهان جي اوگهڙ انهيءَ
تي ظاهر ٿئي.‘“

## غلامن بابت قانون

(شريعت جو دور 15:12–18)

21 1 خداوند موسيٰ کي وڌيڪ فرمايو تہ ”جيڪي قانون تون
بني اسرائيل کي ٻڌائيندين سي هي آهن. 2 جيڪڏهن اوهان
مان ڪو پنهنجي همقوم عبرانيءَ کي غلام طور خريد ڪري ٿو تہ
اهو ڇهن سالن تائين سندس خدمت ڪندو. ستين سال هو مفت ۾
آزاد ٿي ويندو. 3 جيڪڏهن اوهان جو غلام ٿيڻ وقت هو پرڻيل نہ
هو، تہ آزاد ٿيڻ وقت هو اڪيلو ئي ويندو. پر جيڪڏهن هو تنهنجو
غلام ٿيڻ وقت پرڻيل هو تہ آزاد ٿيڻ وقت سندس زال بہ ساڻس گڏ
ويندي. 4 جيڪڏهن هن جي مالڪ کيس شادي ڪرائي هجي ۽ انهيءَ
عورت مان کيس پٽ ۽ ڌيئر ڄاول هجن، تہ هن جي زال ۽ ٻار سندس
مالڪ جا آهن. هو پاڻ اڪيلو هليو ويندو. 5 پر جيڪڏهن اهو غلام
صاف طرح چوي ٿو تہ ’آءٌ پنهنجي مالڪ، پنهنجيءَ زال ۽ پنهنجن
ٻارن کي پيار ٿو ڪريان ۽ آءٌ آزاد ٿيڻ نہ ٿو گهران،‘ 6 تڏهن هن جو
مالڪ مون خدا کي شاهد بڻائي انهيءَ غلام کي در تي يا در جي
چانئٺ تي آڻي بيهاريندو ۽ آر سان هن جي ڪن ۾ سوراخ ڪندو.
پوءِ هو سڄي حياتيءَ لاءِ سندس غلام ٿي رهندو.
7 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڌيءَ کي ٻانهي ڪري وڪڻندو
تہ هوءَ مرد ٻانهن وانگر آزاد نہ ٿيندي. 8 جيڪڏهن هن جي مالڪ
ساڻس مڱڻو ڪيو هجي پر هاڻي کيس اها نہ ٿي وڻي، تہ پوءِ هو
انهيءَ ٻانهيءَ کي سندس ئي خاندان ۾ وڪڻي ڇڏي. مالڪ کي
اهو اختيار ڪونهي تہ هو کيس ڌارين ماڻهن ۾ وڪڻي، ڇالاءِجو
هن انهيءَ سان دوکو ڪيو آهي. 9 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻانهي خريد
ڪري انهيءَ سان پنهنجي پٽ جو مڱڻو ٿو ڪري تہ پوءِ هو انهيءَ
سان پنهنجي ڌيئرن جهڙو سلوڪ ڪري. 10 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻي
زال ٿو پرڻجي، تہ هو پهرينءَ زال جي کاڌي، ڪپڙي ۽ زال جي حق
ادا ڪرڻ ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ڪري. 11 پر جيڪڏهن هو پهرينءَ زال
جا اهي ٽيئي حق پورا نہ ٿو ڪري، تہ پوءِ هو انهيءَ کي پيسن وٺڻ
کان سواءِ مفت آزاد ڪري ڇڏي.“

## خون بابت قانون

12 ”جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ کي اهڙو ڌڪ هڻي جو هو مري وڃي،
تہ انهيءَ کي ضرور ماريو وڃي. 13 پر جيڪڏهن هن جو مارڻ جو
ارادو نہ هو، مگر انهيءَ واقعي ۾ مون خدا جي مرضي ائين هئي،
تہ پوءِ آءٌ هڪڙي جڳهہ مقرر ڪندس، جتي هو وڃي پناهہ وٺي.
14 پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڄاڻي‌واڻي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ماري
ٿو وجهي، تہ پوءِ توڙي اهو منهنجي قربان‌گاهہ وٽ پناهہ وڃي وٺي
تہ بہ کيس اتان پري ڪيو وڃي تہ جيئن کيس ماريو وڃي.
15 جيڪو پنهنجي پيءُ يا ماءُ کي ماري، سو ضرور ماريو وڃي.
16 جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ کي اغوا ڪري ڪٽي وڃي وڪڻي، يا اهو
وٽائنس لڀي پوي، تہ اهو ضرور ماريو وڃي.
17 جيڪو پنهنجي پيءُ يا ماءُ تي لعنت ڪري، سو ضرور ماريو
وڃي.
18 جيڪڏهن بہ ماڻهو پاڻ ۾ جهيڙو ڪن ۽ هڪڙو ٻئي کي پٿر يا
ٺونشو هڻي ۽ هو مري نہ وڃي پر بستري داخل ٿئي، 19 پوءِ جيڪڏهن
اهو وري اُٿي ۽ پنهنجيءَ لٺ تي ٻاهر گهمي ڦري، تہ جنهن ڌڪ
هنيو هجي تنهن کي ڇڏي ڏجي. پر هو ڌڪيءَ جو رڳو ٽيل نقصان
پري ڏئي ۽ سندس پوريءَ طرح علاج ڪرائي.
20 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ٻانهي يا ٻانهيءَ کي لٺ سان اهڙو
ماري جو هو سندس هٿان مري پوي، تہ انهيءَ کي ضرور سزا ملڻ
گهرجي. 21 پر جي مار کان پوءِ بہ غلام ڏينهن ٻہ جيئرو هجي، تہ
مالڪ کي ڀي سزا نہ ملڻ گهرجي، ڇالاءِجو انهيءَ غلام جو مرڻ
سندس ئي ملڪيت جو نقصان آهي.

---

25:20 شر 5:27–7، يش 31:8    2:21–6 لاو 25:39–46    12:21 لاو 17:24    13:21 ڳا 35:10–34، شر 19:1–13، يش 20:1–9
16:21 شر 24:7    17:21 لاو 20:9، مت 15:4، مر 7:10

22 جيڪڏهن ماڻهو پاڻ ۾ وڙهن ۽ ڪنهن پيٽ واريءَ عورت کي
اهڙو ڌڪ هڻن جو ڪيس وقت کان اڳ ٻار پيدا ٿئي، مگر ٻيو ڪو
نقصان نہ ٿئي، تہ ڌڪ هڻندڙ کي ايترو ڏنڊ ڀري ڏيڻو پوندو جيترو
انهيءَ عورت جو مڙس مٿس رکي ۽ جج منظوري ڏين. 23 پر جيڪڏهن
ڌڪ مان ڪو ٻيو نقصان رسي تہ ان جو عيوضو هن ريت ٿئي، يعني
ڌڪ هڻندڙ ساهہ جي عيوض ساهہ ڏئي. 24 هو اک جي عيوض اک،
ڏند جي عيوض ڏند، هٿ جي عيوض هٿ ۽ پير جي عيوض پير ڏئي.
25 هن کي ساڙڻ جي عيوض ساڙڻ، زخم جي عيوض زخم ۽ ڌڪ
جي عيوض ڌڪ جي سزا ملي.
26 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ٻانهي يا ٻانهيءَ کي ڌڪ هڻي هن
جي اک ڪڍي وجهي، تہ هو سندس اک جي عيوض ۾ ڪيس آزاد
ڪري ڇڏي. 27 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ٻانهي يا ٻانهيءَ کي
ڌڪ هڻي هن جو ڏند ڀڃي وجهي، تہ هو سندس ڏند جي عيوض ۾
ڪيس آزاد ڪري ڇڏي.“

## مالڪن جي ذميواري

28 ”جيڪڏهن ڪو ڏاند ڪنهن مرد يا عورت کي سڱ هڻي ماري
وجهي، تہ انهيءَ ڏاند کي ضرور سنگسار ڪيو وڃي ۽ ان جو گوشت
نہ کاڌو وڃي. پر ڏاند جو مالڪ بي گناهہ آهي. 29 پر جيڪڏهن انهيءَ
ڏاند کي اڳي سڱن هڻڻ جي عادت هجي ۽ ان بابت سندس مالڪ کي
ٻڌايو بہ ويو هجي، تڏهن بہ هن ڪيس ٻڌي نہ ڇڏيو هجي ۽ پوءِ جي
اهو ڪنهن مرد يا عورت کي ماري وجهي، تہ انهيءَ ڏاند کي ضرور
سنگسار ڪيو وڃي ۽ انهيءَ جو مالڪ بہ ماريو وڃي. 30 جيڪڏهن
هن تي خون جو عيوضو رکڻ ۾ اچي، تہ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ
جيڪي مٿس رکيو وڃي سو هو ڀري ڏئي. 31 جيڪڏهن ڏاند ڪنهن
ڇوڪري يا ڇوڪريءَ کي سڱ هڻي ماريو هجي، تڏهن بہ ساڳئي
ئي حڪم موجب ڏاند ۽ مالڪ سان سلوڪ ڪيو وڃي. 32 جيڪڏهن
ڪو ڏاند ڪنهن جي ٻانهي يا ٻانهيءَ کي سڱ هڻي ماري وجهي،
تہ ڏاند جو مالڪ ٻانهي جي مالڪ کي *چانديءَ جا ٽيهہ سڪا ڀري
ڏئي ۽ ڏاند کي سنگسار ڪيو وڃي.
33 جيڪڏهن ڪو ماڻهو کڏ کولي يا نئين کڏ کوٽي ۽ انهيءَ کي
ڍڪي نہ ڇڏي ۽ ڪو ڏاند يا ڪو گڏهہ انهيءَ ۾ ڪري پوي، 34 تہ
انهيءَ کڏ جو مالڪ ان جو نقصان ڀري ڏئي. هو جانور جي مالڪ
کي هن جي قيمت ڏئي ۽ مئل جانور پاڻ ڪٽي.
35 جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو ڏاند ٻئي جي ڏاند کي اهڙو ڌڪ
هڻي جو هو مري پوي، تہ هو جيئرو ڏاند وڪڻن ۽ انهيءَ جي رقم ٻئي
پاڻ ۾ ورهائي ڪڻن. هو انهيءَ مئل ڏاند کي بہ ائين ورهائين. 36 پر
جيڪڏهن اها خبر پئجي وڃي تہ انهيءَ ڏاند کي اڳي بہ سڱن هڻڻ جي
عادت هئي ۽ سندس مالڪ ان کي ٻڌي نہ ڇڏيو هو، تہ پوءِ هو ضرور
ان ڏاند جي عيوضي ۾ جيئرو ڏاند ڀري ڏئي. مئل ڏاند هو پاڻ ڪٽي.“

## عيوضي ڏيڻ بابت قانون

22 1 ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڏاند يا رڍ چورائي ۽ انهيءَ کي
ڪهي يا وڪڻي ڇڏي، تہ اهو هڪڙي ڏاند جي عيوض پنج
ڏاند ۽ هڪڙيءَ رڍ جي عيوض چار رڍون ڀري ڏئي. 2-4 پر جيڪڏهن
چورايل چوپايو مال هن وٽان جيئرو نڪري، پوءِ اهو ڏاند هجي، گڏهہ
هجي يا رڍ هجي، تہ چور اهو ٻيڻو ڀري ڏئي. مطلب تہ چورايل مال
جو عيوضو چور ڀري ڏئي. پر جيڪڏهن وٽس ڪجهہ بہ ڪونہ هجي
تہ کيس چوريءَ جي ڪري وڪڻي ڇڏڻ گهرجي.
جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن چور کي رات جو ڪاٽ هڻندي پڪڙي
۽ ڌڪ لڳڻ سان هو مري پوي، تہ انهيءَ جي خون جو ڏوهہ مٿس
نہ رکيو وڃي. پر جيڪڏهن سج اڀرڻ کان پوءِ ڪيس چوري ڪندي
پڪڙي ۽ ماري وجهيس تہ مٿس خون جو ڏوهہ رکيو وڃي.
5 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي چوپائي مال کي ٻنيءَ يا انگورن
جي باغ ۾ چرڻ لاءِ ڇوڙي ڇڏي، پر اهو وڃي ڪنهن جي ٻنيءَ کي
ڀيلي ڇڏي، تہ ڪيس پنهنجي ٻنيءَ يا انگورن جي باغ جي ڀلي ۾
ڀلي پيداوار مان عيوضو ڀري ڏيڻو پوندو.
6 جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي ٻاريل باهہ پڙڪو کائي ڪنڊن کي
وڃي لڳي، جنهن ڪري ڪنهن جا اناج جا انبار يا سندس اناج جي
بيٺل پوک يا سڄو فصل سڙي وڃي، تہ جنهن اها باهہ ٻاري هجي
سو انهيءَ جو عيوضو ڀري ڏئي.
7 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي پاڙيسريءَ کي ڪي روڪ پيسا يا
ڪو ٻيو سامان امانت‌طور رکڻ لاءِ ڏئي ۽ اهي انهيءَ ماڻهوءَ جي گهر
مان چورائجي وڃن، تہ پوءِ جيڪڏهن چور هٿ اچي تہ اهو چور انهيءَ
کان ٻيڻو عيوضو ڀري ڏئي. 8 پر جيڪڏهن چور هٿ نہ اچي تہ اهو
ماڻهو جنهن وٽ سامان رکيل هو، سو مون خدا کي شاهد بڻائي قسم
کڻي تہ هن پنهنجي پاڙيسريءَ جي مال کي هٿ ڪونہ لاتو آهي.
9 خيانت واري هر ڪنهن معاملي ۾ توڙي اهو ڍڳي جو هجي يا
گڏهہ جو، رڍ جو هجي يا ڪپڙن جو يا وري ڪنهن ٻيءَ گم ٿيل
شيءِ جو، جنهن بابت ٻن ماڻهن مان هر ڪو چوي تہ ’هيءَ منهنجي
آهي،‘ تنهن لاءِ ٻئي ڄڻا مون خدا کي شاهد بڻائي قسم کڻن. انهن
مان جنهن کي آءٌ ڏوهاري ٺهرائيندس سو پنهنجي پاڙيسريءَ کي ٻيڻو
عيوضو ڀري ڏيندو.
10 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي پاڙيسريءَ کي ڪو ڍڳو يا گڏهہ،
يا رڍ، يا ڪو ٻيو جانور امانت‌طور رکڻ لاءِ ڏئي ۽ ڪنهن شاهد جي
ڏسڻ کان سواءِ اهو مري وڃي، يا ڌڪجي پوي، يا چورائجي وڃي،

*چانديءَ جا ٽيهہ سڪا: اٽڪل ٽي سؤ گرام چاندي.

24:21 لاو 24:19–20، شر 19:21، مت 5:38

11 تہ انهن جي وچ ۾ مون خداوند کي شاهد بڻائي قسم سان فيصلو
ڪيو وڃي، تہ هن پنهنجي پاڙيسريءَ جي مال کي هٿ نہ لاتو آهي.
مالڪ اهو قسم قبول ڪندو ۽ اهو ماڻهو عيوضو نہ ڀريندو. 12 پر
جيڪڏهن جانور هن وٽان چورائجي ويو هجي، تہ پوءِ هو انهيءَ
جي مالڪ کي عيوضو ڀري ڏيندو. 13 جيڪڏهن انهيءَ کي جهنگلي
جانورن ماري ڇڏيو هجي، تہ ان جو بچيل حصو شاهديءَ جي لاءِ
کڻي اچي، پوءِ انهيءَ جي لاءِ ڪيس عيوضو ڀرڻو نہ پوندو.
14 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي پاڙيسريءَ کان ڪو جانور اڌارو
وٺي ۽ مالڪ جي غير حاضريءَ ۾ اهو ڏڪجي پوي يا مري وڃي
تہ اهو ماڻهو انهيءَ جو عيوضو ضرور ڀري ڏيندو. 15 پر جيڪڏهن
انهيءَ جو مالڪ ساڻس گڏ هوندو تہ پوءِ هن کي عيوضو ڀرڻو نہ
پوندو. جيڪڏهن اهو جانور ڀاڙي تي آندل هجي تہ انهيءَ جو نقصان
سندس ڀاڙي ۾ اچي ويو."

## اخلاقي ۽ مذهبي قانون

16 "جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪنواري ڇوڪريءَ کي جيڪا
مڱيل نہ هجي، ڏُتاري وڃي ساڻس سمهي، تہ هو ضرور انهيءَ لاءِ
ڏاج ڏيئي ساڻس شادي ڪري. 17 جيڪڏهن انهيءَ ڇوڪريءَ جو ڀيءُ
ڪيس انهيءَ جي ڀانهن ڏيڻ لاءِ بلڪل راضي نہ ٿئي، تہ هو ڪنوارين
ڇوڪرين جي ڏاج جيترا پيسا ڪيس ڏئي.
18 اوهين ڪنهن بہ جادوگرياڻيءَ کي جيئرو نہ ڇڏجو.
19 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن جانور سان بدفعلي ڪري تہ اهو
ضرور ماريو وڃي.
20 جيڪو مون هڪڙي خداوند کان سواءِ ڪنهن ٻئي معبود جي لاءِ
قرباني ڪري، تنهن کي بلڪل تباهہ ڪيو وڃي.
21 اوهين ڪنهن ڌارئي کي نہ ستائجو، نڪي انهيءَ تي ڪو ظلم
ڪجو، ڇالاءِجو اوهين پاڻ بہ مصر جي ملڪ ۾ ڌاريا هئا. 22 اوهين
ڪنهن رنڙال يا يتيم کي نہ ڏکوئجو. 23 جيڪڏهن اوهين انهن کي
ڪنهن بہ طرح ڏکوئيندا ۽ اهي مون کي پڪاريندا، تہ آءٌ خداوند
ضرور سندن پڪار ٻڌندس. 24 سو منهنجو قهر جوش ۾ ايندو ۽ آءٌ
اوهان کي جنگ ۾ مارائي ڇڏيندس. تڏهن اوهان جون زالون بيواهون
۽ ٻار يتيم ٿي ويندا.
25 جيڪڏهن اوهين منهنجي قوم مان ڪنهن غريب کي جيڪو
اوهان وٽ رهي ٿو، ڪي پيسا اڌارا ڏيو، تہ لهڻيدار وانگر انهيءَ کي
ڇڪ نہ ڪجو، نڪي ڪانئس وياج وٺجو. 26 جيڪڏهن اوهين پنهنجي
پاڙيسريءَ جي چادر گروي رکو بہ تہ سج لهڻ کان اڳ ۾ ڪيس
موٽائي ڏجو، 27 ڇالاءِجو اهو ئي رڳو هن جي بدن جو اوڇڻ آهي. پوءِ
هو ڇا ۾ سمهندو؟ سو جيڪڏهن هن مون کي پڪاريو تہ آءٌ سندس
فرياد ٻڌندس، ڇاڪاڻتہ آءٌ مهربان آهيان.
28 اوهين مون خدا بابت ڪفر نہ بڪو، نڪي پنهنجي قوم جي
ڪنهن اڳواڻ جي گلا ڪجو. 29 اوهين پنهنجي فصل ۽ ميون جي
رس مان مون کي نذراني ڏيڻ ۾ دير نہ ڪجو. اوهين پنهنجن پٽن
مان پهريتو پٽ مون کي ڏجو. 30 اوهين پنهنجن ڏاندن ۽ رڍن سان بہ
ائين ئي ڪجو. ست ڏينهن اهو ٻچو پنهنجيءَ ماءُ سان هجي ۽ اٺين
ڏينهن اهو مون کي ڏجو. 31 اوهين منهنجي ئي قوم آهيو، تنهنڪري
جهنگلي جانورن جو ڦاڙيل گوشت نہ کائجو، بلڪ اهو ڪتن کي
اڇلائي ڏجو."

## انصاف ۽ سچائيءَ سان هلڻ

23 1 "اوهين ڪوڙي خبر نہ ڦهلائيو، نڪي ڪوڙي شاهدي ڏيئي
بڇڙي ماڻهوءَ جا ساٿي ٿيو. 2 اوهين بڇڙائي ڪرڻ ۾ ماڻهن
جي انبوهہ جي پيروي نہ ڪريو، نڪي ڪنهن معاملي ۾ ناحق ڪرڻ
لاءِ گهڻن ماڻهن جو طرف وٺي پنهنجي شاهدي ڦيرايو. 3 اوهين
ڪنهن غريب ماڻهوءَ جي معاملي ۾ بہ سندس ناجائز طرفداري نہ
ڪريو.
4 جيڪڏهن اوهين پنهنجي دشمن جو ڏاند يا گڏهہ رلندو ڏسو،
تہ اهو ضرور ورائي آڻي انهيءَ کي ڏيو. 5 جيڪو ماڻهو اوهان کي
ڌڪاري ٿو، جيڪڏهن اوهين انهيءَ جو گڏهہ بار هيٺ دٻيل ڏسو، تہ
ڪيس ڇڏي هليا نہ وڃو، بلڪ ضرور سندس مدد ڪريو.
6 اوهين ڪنهن غريب سان سندس معاملي ۾ ناحق نہ ڪريو.
7 ڪوڙيءَ تهمت کان پاڻ کي پري رکو. بيگناهہ ۽ سچار کي قتل
نہ ڪريو، ڇالاءِجو آءٌ بڇڙي کي بيڏوهي نہ ٺهرائيندس. 8 اوهين
رشوت نہ وٺو، ڇالاءِجو رشوت سڄڻ کي انڌو ڪريو ڇڏي ۽ سچارن
جي ڳالهين کي ڦيرائي ٿي ڇڏي. 9 اوهين ڌارئي تي ظلم نہ ڪريو،
ڇالاءِجو اوهان کي ڌارئي جي دل جي خبر آهي، ڇالاءِجو اوهين پاڻ
بہ مصر جي ملڪ ۾ ڌاريا هئا."

## ستين سال ۽ ستين ڏينهن بابت

10 "ڇهہ سال اوهين پنهنجيءَ زمين ۾ پوک ڪريو ۽ انهيءَ جو
فصل گڏ ڪريو. 11 پر ستين سال انهيءَ کي ساهي ڏيو ۽ منجهس
پوک نہ ڪريو، انهيءَ لاءِ تہ اوهان جي قوم جا غريب پاڻمرادو ٿيل

---

22:16–17 شر 22:28–29   22:18 شر 18:10،11   22:19 لاو 18:23، 20:15–16، شر 27:21   22:20 شر 17:2–7
22:21–22 خر 23:9، لاو 19:33–34، شر 24:17–18، 27:19   22:25 لاو 25:35–38، شر 15:7–11، 23:19–20   22:26–27 شر 24:10–13
22:28 رس 23:5   22:31 لاو 17:15   23:1 خر 20:16، لاو 19:11–12، شر 5:20   23:3 لاو 19:15   23:4–5 شر 22:1–4
23:6–8 لاو 19:15، شر 16:19   23:9 خر 22:21، لاو 19:33–34، شر 24:17–18، 27:19   23:10–11 لاو 25:1–7

فصل ڪائي ڏءُ ڪن ۽ جيڪي باقي بچائين سو جهنگ جا جانور چرن.
اوهين پنهنجي انگورن ۽ زيتونن جي باغ سان به ائين ئي ڪريو.
12 ڇهه ڏينهن اوهين پنهنجو ڪم ڪار ڪريو، پر ستين ڏينهن
آرام ڪريو، انهيءَ لاءِ ته اوهان جي ڏاندن ۽ گڏهن کي به آرام
ملي. ساڳئي نموني اوهان جا غلام ۽ ڌاريا به آرام وٺي تازا توانا
ٿين. 13 جيڪي ڳالهيون مون اوهان کي چيون آهن، تن تي خبرداريءَ
سان عمل ڪريو. غير معبودن جي پوڄا نه ڪريو بلڪ انهن جي نالي
جو ذڪر به نه ڪريو.“

## سال جون ٽي وڏيون عيدون

(خروج 34:18–26، شريعت جو دور 16:1–17)

14 ”اوهين سال ۾ ٽي دفعا منهنجي لاءِ عيد ملهايو. 15 اوهين
بي‌خميري مانيءَ جي عيد ياد ڪري ملهايو. ابيب مهيني جي مقرر
ڪيل وقت تي، جيئن مون اوهان کي حڪم ڪيو آهي، تيئن ست
ڏينهن جيڪا ماني کائو تنهن ۾ خمير بلڪل نه هجي. ڇالاءِجو انهيءَ
مهيني ۾ اوهين مصر مان ٻاهر نڪتا. ڪوبه منهنجي حضور ۾ هٿين
خالي نه اچي. 16 لاباري جي عيد، يعني جيڪي اوهين پنهنجي پنيءَ
۾ پوکيو تنهن جي پهرين پيداوار جي عيد ملهايو. سال جي پڇاڙيءَ
۾ جڏهن اوهين پنهنجي پنيءَ ۾ ڪيل پورهئي جو ڦل گڏ ڪريو،
تڏهن تنبن جي عيد ملهايو. 17 سال ۾ ٽي دفعا اوهان جا سڀ مرد
مون خداوند پنهنجي مالڪ جي آڏو اچي حاضر ٿين.
18 اوهين منهنجي لاءِ جيڪا جانورن جي قرباني ڪريو، تنهن جو
رت، خميري مانيءَ سان گڏ نذر نه ڪريو، نڪي منهنجي عيد جي
ڇربي صبح تائين باقي رهڻ ڏيو.
19 اوهين پنهنجي زمين جي پهرين پيداوار جو بهترين ڀاڱو مون
خداوند پنهنجي خدا جي گهر ۾ آڻيو.
اوهين ڇيلي کي سندس ماءُ جي کير ۾ نه رڌيو.“

## واعدا ۽ هدايتون

20 ”ڌيان سان ٻڌو، آءٌ هڪڙو فرشتو اوهان جي اڳيان ٿو موڪليان
ته رستي ۾ اوهان جي نگهباني ڪري. هو اوهان کي انهيءَ جاءِ ۾
پهچائيندو جيڪا مون تيار ڪئي آهي. 21 اوهين انهيءَ ڏانهن پورو
ڌيان ڏيو ۽ سندس چيو مڃو. هن سان سرڪشي نه ڪريو، ڇالاءِجو
ڪيس منهنجي اختياري هوندي، سو هو اوهان جي خطا معاف نه
ڪندو. 22 پر جيڪڏهن اوهين سچپچ هن جو چيو مڃيندا ۽ جيڪي
ڪجهه آءٌ چوان ٿو سو سڀ ڪندا، ته پوءِ آءٌ اوهان جي دشمنن
جو دشمن ٿيندس ۽ اوهان جي مخالفن جو مخالف ٿيندس. 23 جڏهن
منهنجو فرشتو اوهان جي اڳيان هلندو رهندو ۽ اوهان کي امورين،
حتين، فرزين، ڪنعانين، حوين ۽ يبوسين جي ملڪ اندر وٺي ويندو
تڏهن آءٌ انهن کي بلڪل ڇٽ ڪري ڇڏيندس. 24 اوهين انهن جي
معبودن جي پوڄا نه ڪريو، نڪي جهڪي انهن کي ڪو سجدو ئي
ڪريو، نڪي انهن جهڙا ڪم ڪريو، بلڪ اوهين انهن کي اصل ڊاهي
ڇڏيو ۽ انهن جا ٿنڀي جيان کوڙيل پوڄا وارا پٿر ڀڃي پورا پورا ڪري
ڇڏيو.
25 مون خداوند پنهنجي خدا جي عبادت ڪريو ته آءٌ اوهان جي
کاڌي پيتي ۾ برڪت وجهندس. آءٌ اوهان جي وچان بيماريون ڪڍي
ڇڏيندس. 26 اوهان جي ملڪ ۾ ڪنهن به عورت جو حمل نه ڪرندو،
نه وري ڪا سنڍ ٿيندي. آءٌ اوهان جي عمر جي ڏينهن جو شمار پورو
ڪندس.
27 آءٌ اوهان جي دشمنن جي دلين ۾ پنهنجي دهشت اڳ ۾ ئي
وجهي ڇڏيندس. پوءِ جن ماڻهن تي اوهين حملو ڪندا تن سڀني کي آءٌ
شڪست ڏيندس. اوهان جي سڀني دشمنن کي آءٌ اوهان جي سامهون
پٺي ڏياري ڀڄائيندس. 28 آءٌ اوهان کان اڳ ۾ حوين، ڪنعانين ۽
حتين ۾ اهڙو ڏاڪوڙو وجهندس جو اهي اوهان جي اڳيان پنهنجو ملڪ
ڇڏي ڀڄي نڪرندا. 29 آءٌ انهن کي هڪڙي ئي سال ۾ اوهان کان پري
نه هٽائي ڇڏيندس، ڇوته متان زمين ويران ٿي پوي ۽ جهنگلي جانور
وڌي وڃن ۽ اوهان کي ستائين. 30 سو ٿورا ٿورا ڪري آءٌ اهي ڀڄائي
ڪيندس، جيستائين اوهين وڌي وڃو ۽ زمين جا وارث ٿيو.
31 آءٌ ڳاڙهي سمنڊ کان وٺي فلستين جي سمنڊ تائين ۽ بيابان کان
وٺي فرات نديءَ تائين اوهان جي حد مقرر ڪندس. هن ڪري جو آءٌ
انهيءَ ملڪ جا رهاڪو اوهان جي حوالي ڪندس ۽ اوهين انهن کي
اتان ڀڄائي ڪيندا. 32 اوهين انهن سان يا انهن جي معبودن سان
ڪوبه عهد نه ڪريو. 33 انهن ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ نه
ڏيو. متان هو اوهان کان منهنجي خلاف گناهه ڪرائين، ڇالاءِجو
جيڪڏهن اوهين انهن جي معبودن جي پوڄا ڪندا ته اهو اوهان جي
لاءِ هڪڙو ڦندو ٿيندو.“

## عهد جي تصديق

24 1 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو ته ”تون هارون، ندب،
ابيهو ۽ بني اسرائيل جي ستر اڳواڻن کي وٺي مون وٽ مٿي
چڙهي اچ. اوهين ڪجهه مفاصلي تي بيهي سجدو ڪريو. 2 پوءِ
تون اڪيلو ئي منهنجي ويجهو اچ، پر ٻيا ويجهو نه اچن. تو سان
گڏ قوم جو ڪوبه ماڻهو مٿي چڙهي نه اچي.“
3 تڏهن موسيٰ ماڻهن وٽ اچي ڪين خداوند جون سموريون
ڳالهيون ۽ سڀيئي حڪم ٻڌايا. سڀني ماڻهن هم‌آواز ٿي جواب
ڏنو ته ”جيڪي به ڳالهيون خداوند فرمايون آهن، سي سڀ اسين

---

12:23 خر 9:20–11، 15:31، 21:34، 2:35، لاو 3:23، شر 5:13–14 15:23 خر 12:14–20، لاو 6:23–8، ڳا 17:28–25
16:23 لاو 15:23–21،39–43، ڳا 26:28–31 19:23 خر 26:34، شر 21:14، 2:26

مجينداسين." 4 پوءِ موسيٰ خداوند جون سڀئي ڳالهيون لکيون ۽
ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اٿي جبل جي تري وٽ هڪڙي قربان‌گاهه
ٺاهي ۽ بني اسرائيل جي ٻارهن قبيلن جي واسطي يادگار طور ٿنڀي
جيان ٻارهن پٿر کوڙيائين. 5 هن بني اسرائيل جي ڪن جوانن کي
موڪليو، جن ساڙڻ واريون قربانيون ڪيون ۽ خداوند جي لاءِ ڍاندن
کي ڪهي سلامتيءَ جون قربانيون ڪيون. 6 موسيٰ رت جو اڌ ڪٽي
ٿالهن ۾ وڌو ۽ ٻيو اڌ قربان‌گاهه تي ڇٽڪاريو. 7 پوءِ هن عهدنامي
وارو ڪتاب ڪٽي ماڻهن کي پڙهي ٻڌايو. انهن چيو ته "جيڪي به
خداوند فرمايو آهي سو سڀ اسين ڪنداسين ۽ تابعدار رهنداسين."
8 تڏهن موسيٰ اهو ٿالهن وارو رت ڪٽي ماڻهن تي ڇٽڪاريو ۽ چيائين
ته "ياد رکو، هي انهيءَ عهد جو رت آهي جيڪو خداوند هنن سڀني
ڳالهين مطابق اوهان سان ڪيو آهي." 9 پوءِ موسيٰ، هارون، ندب،
ابيهو ۽ بني اسرائيل جا ستر اڳواڻ مٿي چڙهي ويا. 10 انهن بني
اسرائيل جي خدا کي ڏٺو. سندس پيرن جي هيٺان ڄڻ ته نيلم جي
پٿر جهڙو فرش لڳل هو، اهو اهڙو ته صاف هو جهڙو آسمان. 11 خدا
بني اسرائيل جي اڳواڻن کي نقصان ڪين پهچايو. هنن خدا کي ڏٺو
۽ کاڌائون پيتائون.

## موسيٰ سينا جبل تي

12 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو ته "تون جبل تي چڙهي مون وٽ
اچ ۽ تيستائين هتي رهه جيستائين آءٌ تو کي پٿر جون تختيون نه ڏيان.
انهن تختين تي اها شريعت ۽ اُهي حڪم لکيا اٿم جيڪي ماڻهن جي
هدايت لاءِ آهن." 13 تڏهن موسيٰ ۽ سندس خادم يشوع اٿيا ۽ موسيٰ
خدا جي جبل تي چڙهڻ لاءِ روانو ٿيڻ کان اڳ 14 اڳواڻن کي چيو ته
"جيستائين اسين موٽي اچون تيستائين اوهين هتي اسان جو انتظار
ڪجو. هارون ۽ حور اوهان سان گڏ آهن، سو جيڪڏهن ڪنهن کي
به ڪو معاملو هجي ته اهو هنن وٽ کڻي وڃي."
15 پوءِ موسيٰ جبل تي چڙهي ويو ۽ ڪڪر جبل کي ڍڪي ڇڏيو.
16 خداوند جو جلال سينا جبل تي اچي لٿو ۽ ڪڪر انهيءَ کي ڇهن
ڏينهن تائين ڍڪي رکيو. آخر ستين ڏينهن خداوند ڪڪر جي اندران
موسيٰ کي سڏيو. 17 بني اسرائيل کي جبل جي چوٽيءَ تي خداوند
جي جلال جو نظارو، ساڙيندڙ باهه وانگر ڏسڻ ۾ ٿي آيو. 18 تڏهن
موسيٰ ڪڪر جي اندر گهڙي، جبل تي چڙهي ويو. هو جبل تي چاليهه
ڏينهن ۽ چاليهه راتيون رهيو.

## عبادت‌گاهه لاءِ نذرانا

(خروج 35:4–9)

25 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 2 "بني اسرائيل کي چئُه ته
اهي منهنجي لاءِ نذرانو آڻين. هر هڪ ماڻهو پنهنجي دل
جي خوشيءَ سان جيڪو به نذرانو آڻي، سو تون منهنجي لاءِ هن کان
وٺ. 3 جيڪي شيون تون نذراني طور هنن کان وٺندين سي هي آهن:
سون، چاندي ۽ پتل، 4 آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جا ڌاڳا،
سنهي وٽيل سٽيءَ جو ڪپڙو ۽ ڏاس، 5 گهيٽن جون ڳاڙهيون رڱيل
کلون، ڊالفن دريائي جانور جون کلون ۽ ٻبر جو ڪاٺ، 6 ڏيئن لاءِ
تيل، مسح ڪرڻ جي تيل لاءِ ۽ لوبان لاءِ مصالحا، 7 مذهبي فراڪ
۽ سينابند ۾ جڙڻ لاءِ سليماني پٿر ۽ هيرا جواهر. 8 هو منهنجي لاءِ
هڪڙو مقدس خيمو ٺاهين، جو آءٌ سندن وچ ۾ رهندس. 9 انهيءَ
خيمي ۽ ان جي ٻئي سامان جو جيڪو نمونو آءٌ تو کي ڏيکاريندس
تنهن موجب اهي ٺاهجو."

## عهد واري صندوق

(خروج 37:1–9)

10 "تون ٻبر جي ڪاٺ جي هڪڙي صندوق ٺهرائج، جنهن جي
ڊيگهه اڍائي هٿ، ويڪر ڏيڍ هٿ ۽ اوچائي به ڏيڍ هٿ هجي. 11 تون
انهيءَ تي اندران ۽ ٻاهران نج سون جو پٽ چاڙهائج ۽ انهيءَ جي مٿان
چوڌاري سون جو ڇٽ ٺهرائج. 12 تون انهيءَ جي لاءِ سون جا چار
ڪڙا پلٽي ٺهرائج ۽ اهي صندوق جي چئني پاون تي هڻائج. ٻه ڪڙا
هڪڙي پاسي هڻائج ۽ ٻه ٻئي پاسي. 13 تون ٻبر جي ڪاٺ جون ٻه
ٻانهيون ٺهرائي، انهن تي سون جو پٽ چاڙهائج. 14 اهي ٻئي ٻانهيون
صندوق جي ٻنهي پاسن تي انهن ڪڙن ۾ وجهائج، ته جيئن صندوق
کي کڻي سگهجي. 15 اهي ٻانهيون صندوق جي ڪڙن ۾ ئي پيون
هجن ۽ انهن مان اصل نه ڪڍيون وڃن. 16 عهد واريون ٻئي تختيون
جيڪي آءٌ تو کي ڏيندس سي تون انهيءَ صندوق ۾ رکج.
17 تون نج سون مان صندوق جي ڍڪڻ لاءِ رحمت جو پوش ٺهرائج،
جنهن جي ڊيگهه اڍائي هٿ ۽ ويڪر ڏيڍ هٿ هجي. 18 تون رحمت
جي پوش جي ٻنهي ڇيڙن تي سون کي گهڙي پردار آسماني مخلوق جا
ٻه مجسما ٺهرائج. 19 هڪڙو مجسمو هڪڙي ڇيڙي تي ۽ ٻيو مجسمو
ٻئي ڇيڙي تي ٺهرائج. تون رحمت جي پوش ۽ ان جي ٻنهي ڇيڙن وارن
مجسمن کي هڪڙي ئي ٽڪري مان ٺهرائج. 20 اهي مجسما اهڙيءَ
طرح مٿي پر پکيڙي بيهن جو سندن پرن سان رحمت جو پوش ڍڪجي
وڃي. ٻيئي مجسما هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي رحمت جي
پوش ڏانهن ڏسندا هجن. 21 تون عهد واريون ٻئي تختيون، جيڪي
آءٌ تو کي ڏيندس سي انهيءَ صندوق ۾ رکج ۽ رحمت جو اهو پوش
صندوق جي مٿان رکج. 22 اُتي آءٌ تو سان ملندس. رحمت جي پوش
مٿان ۽ عهد واري صندوق تي جيڪي ٻه مجسما هوندا تن جي وچ
مان آءٌ انهن سڀني حڪمن جي باري ۾ جيڪي بني اسرائيل کي ڏيڻا
هوندم، تو سان ڳالهائيندس."

8:24 مت 28:26، مر 24:14، لو 20:22، 1.ڪر 25:11، عبر 19:9–20، 29:10 18:24 شر 9:9 17:25 عبر 5:9

## نذراني جي روٽن لاءِ ميز
(خروج 37:10–16)

23 ”تون ٻٻر جي ڪاٺ جي هڪڙي ميز ٺهرائج، جنهن جي ڊيگهه
ٻه هٿ، ويڪر هڪ هٿ ۽ اوچائي ڏيڍ هٿ هجي. 24 انهيءَ تي نج
سون جو پٽ چاڙهائج ۽ ان جي چوڌاري سون جو ڇٽ ٺهرائج. 25 ميز
جي چوگرد چار آڱر اُڀي ڪناري ٺهرائج ۽ ڪناريءَ جي مٿان ٻه
چوڌاري سون جو ڇٽ ٺهرائج. 26 انهيءَ جي لاءِ سون جا چار ڪڙا
ٺهرائي، اهي ميز جي چئني پاون تي لڳرائج. 27 اهي ڪڙا ڪناريءَ
جي ويجهو هجن، ته جيئن ميز کي کڻڻ جي لاءِ ٻانهين وجهڻ جي
جاءِ رهي. 28 تون ٻٻر جي ڪاٺ مان ٻه ٻانهيون ٺهرائي، انهن تي
سون جو پٽ چاڙهائج، جيئن انهن سان اها ميز کڻجي. 29 تون ميز تي
رکڻ لاءِ ٿالهيون، پيالا، وٽا ۽ اوتڻ واري نذراني لاءِ جڳ ٺهرائج.
اهي سڀ نج سون جا ٺهرائج. 30 انهيءَ ميز تي تون منهنجي حضور
۾ نذراني وارا روٽ هميشه رکندو رهج.“

## شمعدان
(خروج 37:17–24)

31 ”تون نج سون کي گهڙائي هڪڙو شمعدان ٺهرائج، جيڪو تري،
شاخن، ڏياٽين، بونبن ۽ گلن سميت هڪڙي ئي ٽڪر مان ٺهيل هجي.
32 شمعدان جي وچين ڏانڊيءَ جي ٻنهي پاسن کان ڇهه شاخون ٻاهر
نڪتل هجن، ٽي شاخون هڪڙي پاسي کان ۽ ٽي ٻئي پاسي کان.
33 انهن ڇهن ئي شاخن مان هر هڪ ۾ باداميءَ جي گلن جي شڪل
وارا ٽي ٽي گل پنهنجي بونبن ۽ پتين سميت هجن. 34 شمعدان جي
وچين ڏانڊيءَ ۾ چار باداميءَ جي گلن جي شڪل وارا گل پنهنجن
بونبن ۽ پتين سميت هجن. 35 انهن چئن گلن مان هڪ پهرين ٻن شاخن
جي هيٺان هجي، ٻين ٻن شاخن جي هيٺان ٻه هڪ گل هجي ۽ ٽين ٻن
شاخن جي هيٺان ٻه هڪ گل هجي. 36 اهڙيءَ طرح گلن ۽ شاخن سميت
پورو شمعدان نج سون جي هڪڙي ئي ٽڪري مان گهڙي ٺاهيل هجي.
37 تون شمعدان جي مٿين گلن وارين ستن ڏياٽين لاءِ ست ڏيئا
ٺهرائج. اهي ڏيئا شمعدان تي اهڙيءَ طرح رکائج جو انهن جي روشني
سامهون هجي. 38 تون ڏيئن جا ڦلا لاهي رکڻ لاءِ چمٽا ۽ منگالا
نج سون مان ٺهرائج. 39 شمعدان سموري سامان سميت چوٽيهه
ڪلوگرام نج سون جو هجي. 40 ڌيان رکج، اهي سڀ شيون اهڙي ئي
نموني ٺهرائج، جيڪو مون تو کي جبل تي ڏيکاريو آهي.“

## مقدس خيمي جي قنات ۽ پال
(خروج 36:8–13)

26 1 ”تون مقدس خيمي جي قنات ۽ پال لاءِ ڏهه پردا سنهي
وٽيل سڻيءَ جي ڪپڙي جا ٺهرائج، جن ۾ آسماني، واڱڻائي
۽ لال ڳاڙهي رنگ جا ڌاڳا هجن. انهن تي ڪاريگريءَ سان پردار
آسماني مخلوق جون شڪليون اُڻيل هجن. 2 هر هڪ پردي جي ڊيگهه
ٻارهن ميٽر ۽ ويڪر ٻه ميٽر هجي. سڀئي پردا هڪڙيءَ ئي ماپ
جا هجن. 3 پنج پردا ويڪر ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هجن ۽ ٻيا پنج
پردا ٻه ساڳيءَ طرح ويڪر ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هجن. 4 ڊيگهه
واري پاسي کان جتي هي ٻئي وڏا پردا ڳنڍيا وڃن، اتي هڪڙي پاسي
واري وڏي پردي جي ڪناري تي آسماني رنگ جي ڌاڳن سان سوراخ
ٺهرائج. ساڳيءَ طرح ٻئي وڏي پردي جي ڪناري تي ٻه اهڙا ئي
سوراخ ٺهرائج. 5 پنجاهه سوراخ هڪڙي وڏي پردي جي ڪناري تي
۽ پنجاهه ٻئي وڏي پردي جي ڪناري تي ٺهرائج. اهي سوراخ هڪ
ٻئي جي آمهون سامهون هجن. 6 پنجاهه سون جا ڪُنڊا ٺهرائج ۽
ٻنهي وڏن پردن کي انهن ڪُنڊن سان ڳنڍائي ڇڏج. اهڙيءَ طرح سڄي
قنات ۽ پال هڪ ٿي پوندي.“

## مقدس خيمي جو ڍڪ
(خروج 36:14–19)

7 ”خيمي کي مٿان ڍڪڻ لاءِ ٻڪرين جي ڏاس جا يارهن پردا
ٺهرائج. 8 هر هڪ پردي جي ڊيگهه تيرهن ميٽر ۽ ويڪر ٻه ميٽر
هجي. اهي يارهن ئي پردا هڪڙيءَ ماپ جا هجن. 9 پنج پردا ويڪر
۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍي هڪ ٽڪرو ٺهرائج. باقي ڇهه پردا ڌار ويڪر
۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍي هڪ ٻيو ٽڪرو ٺهرائج، جنهن جو ڇهون پردو،
خيمي جي در مٿان ٻيٽو ڪرائي ڇڏج. 10 هنن ٽڪرن کي ڊيگهه واري
پاسي کان جن ڪنارن وٽان ڳنڍيو وڃي تن ڪنارن تي پنجاهه پنجاهه
سوراخ ٺهرائج. 11 پوءِ تون پنجاهه پتل جا ڪنڊا ٺهرائي انهن سوراخن
۾ وجهائي خيمي کي مٿان ڳنڍائي هڪ ڪرائي ڇڏج. 12 خيمي جي
انهيءَ ڍڪ جو باقي حصو جيڪو بچي پوي سو خيمي جي پٺئين
پاسي پلي زمين تي پيو رهي. 13 ڍڪ جي ٻنهي پاسن ۾ جيڪو اڌ اڌ
ميٽر قنات کان وڌيڪ آهي، سو پلي خيمي جي ٻنهي پاسن ۾ قنات
جي ٻاهران لڙڪيل هجي ته جيئن خيمو پوريءَ طرح ڍڪيل رهي.
14 خيمي جي مٿان وجهڻ لاءِ ٻه غلاف ٻيا ٻه ٺهرائج، هڪڙو گهٽن
جي ڳاڙهين رڱيل کلن مان ۽ ٻيو ڊالفن دريائي جانور جي کلن مان.

---

30:25 لاو 24:5–8 40:25 رس 44:7، عبر 5:8

## مقدس خيمي جا فريم
(خروج 36:20–34)

15 ٻٻر جي ڪاٺ جا فريم ٺهرائج، جيڪي خيمي کي ٽيڪ ڏيارڻ
لاءِ اُڀا بيهاريا وڃن. 16 هر هڪ فريم جي ڊيگهه ڏهه هٿ ۽ ويڪر
ڏيڍ هٿ هجي. 17 هر فريم ۾ آمهون سامهون ٻه ٻه چوڙون هجن،
جيئن اهي هڪ ٻئي سان ڳنڍي سگهجن. تون خيمي جا سڀيئي فريم
ائين ئي ٺهرائج. 18 خيمي جي لاءِ تون جيڪي فريم ٺهرائين تن مان
ويهه فريم ڏاکڻي پاسي لاءِ هجن. 19 انهن ويهن فريمن جي هيٺان
چانديءَ جا چاليهه پاوا ٺهرائج. هر هڪ فريم جي ٻنهي چوڙن جي
هيٺان هڪ هڪ پائو هجي. 20 خيمي جي ٻئي پاسي يعني اتر طرف
لاءِ ٻه ويهه فريم ٺهرائج، 21 جن جي لاءِ چانديءَ جا چاليهه پاوا
ٺهرائج. هر هڪ فريم جي هيٺان ٻه ٻه پاوا هجن.
22 خيمي جي پٺئين پاسي يعني اولهه طرف لاءِ ڇهه فريم ٺهرائج.
23 انهيءَ پٺئين پاسي ۾ خيمي جي ڪنڊن لاءِ ٻه ٻه فريم ٺهرائج،
24 جيڪي هيٺان کان چوٽيءَ تائين ٻٽا هجن ۽ اچي اهي هڪڙي ڪڙي
۾ ڳنڍجي وڃن. ٻئي فريم اهڙي نموني جا هجن. اهي ٻنهي ڪنڊن
جي لاءِ هجن. 25 سو اهڙا اٺ فريم هجن ۽ انهن جي لاءِ چانديءَ
جا سورهن پاوا هجن، يعني هر هڪ فريم جي هيٺان ٻه ٻه پاوا.
26 تون ٻٻر جي ڪاٺ جا پنج پنج گز خيمي جي اتر ۽ ڏکڻ وارن
فريمن لاءِ ٺهرائج. 27 ٻيا پنج گز خيمي جي اولهه يعني پٺئين پاسي
وارن فريمن لاءِ ٺهرائج. 28 انهن ٽنهي پاسن جي فريمن جي وچ وارو
گز هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين پهچي. 29 تون انهن فريمن تي
سون جو پٽ چاڙهائج. گزن لاءِ سون جا ڪڙا ٺهرائج ۽ گزن تي ٻه
سون جو پٽ چاڙهائج. 30 خيمي کي تون انهيءَ نموني موجب کڙو
ڪرائي بيهارج، جيڪو مون تو کي جبل تي ڏيکاريو هو.

## مقدس ترين جاءِ جو پردو
(خروج 36:35–36)

31 تون سنهي وٽيل سڻيءَ جي ڪپڙي جو هڪڙو پردو ٺهرائج، جنهن
۾ آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جا ڌاڳا هجن. انهيءَ پردي
تي ڪاريگريءَ سان پردار آسماني مخلوق جون شڪليون اُڻيل هجن.
32 انهيءَ پردي کي سون سان مڙهيل ٻٻر جي چئن ٿنڀن تي ٽنگائي
ڇڏج. انهن جا ڪُنڍا سون جا ۽ پاوا چانديءَ جا هجن. 33 اهو پردو
تون وڏن پردن جي ڪُنڍن جي هيٺان لٽڪرائي ڇڏج. پوءِ اها عهد واري
صندوق، انهيءَ پردي جي اندر آڻي رکائج. هي پردو اوهان جي لاءِ
مقدس جاءِ کان مقدس ترين جاءِ کي الڳ ڪندو. 34 تون رحمت جو
پوش مقدس ترين جاءِ ۾ عهد واري صندوق مٿان رکائج. 35 مقدس
ترين جاءِ جي پردي جي ٻاهران ميز رکائج. شمعدان ميز جي سامهون
خيمي جي ڏکڻ واري پاسي رکائج، جيئن ميز اتر واري پاسي رهي.

## مقدس خيمي جي در وارو پردو
(خروج 36:37–38)

36 خيمي جي در لاءِ هڪڙو پردو ٺهرائج، جيڪو سنهي وٽيل سڻيءَ
جي ڪپڙي جو هجي، جنهن ۾ آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ
جا ڌاڳا هجن ۽ جيڪو ڪاريگريءَ سان اُڻيل هجي. 37 انهيءَ پردي
جي لاءِ ٻٻر جا پنج ٿنڀا ٺهرائج ۽ انهن تي سون جو پٽ چاڙهائج. انهن
جا ڪنڍا سون جا هجن. انهن جي لاءِ پتل جا پنج پاوا پلٽائي ٺهرائج.

## ساڙڻ وارين قربانين جي قربان‌گاهه
(خروج 38:1–7)

27 1 تون ٻٻر جي ڪاٺ جي قربان‌گاهه ٺهرائج. اها قربان‌گاهه
چورس هجي. انهيءَ جي ڊيگهه سوا ٻه ميٽر ۽ ويڪر ٻه
سوا ٻه ميٽر هجي، انهيءَ جي اوچائي سوا ميٽر هجي. 2 انهيءَ
قربان‌گاهه جي چئن ئي ڪنڊن تي سڱ ٺهرائج. قربان‌گاهه ۽ سڱ
انهيءَ ساڳئي هڪڙي ئي ٽڪر مان ٺهيل هجن. تون انهن تي پتل
جا پٽ چاڙهائج. 3 قربان‌گاهه جي رک ڪڍڻ لاءِ تغاريون، ڪوڏرون،
ٿالهه، گوشت ٽنگڻ جا ڪنڍا ۽ منگالا ٺهرائج. اهي سڀ ٿانوَ پتل
جا ٺهرائج. 4 انهيءَ جي لاءِ پتل جو هڪڙو چاريدار آتشدان ٺهرائج.
چاريءَ جي چئن ئي ڪنڊن ۾ پتل جا چار ڪڙا ٺهرائج. 5 تون انهيءَ
کي قربان‌گاهه ۾ ڪنارن جي هيٺان اهڙيءَ طرح رکائج، جو چاري
قربان‌گاهه جي اڌ تائين پهچي. 6 قربان‌گاهه جي لاءِ ٻٻر جي ڪاٺيءَ
جون ٻه ٻانهيون ٺهرائي، انهن تي پتل جو پٽ چاڙهائج. 7 اهي
ٻانهيون ڪڙن ۾ وجهاءِ، جيڪي قربان‌گاهه جي ٻنهي پاسن تي هجن،
ته جيئن قربان‌گاهه کڻي سگهجي. 8 تون اها قربان‌گاهه تختن جي
کوکي وانگر ٺهرائج. تون اها اهڙيءَ طرح ٺهرائج جهڙيءَ طرح تو
کي جبل تي ڏيکاريو ويو آهي.

## مقدس خيمي جو اڱڻ
(خروج 38:9–20)

9 تون مقدس خيمي جو اڱڻ ٺهرائج. انهيءَ اڱڻ جي اتر توڙي ڏکڻ
پاسي کان سنهي وٽيل سڻيءَ جي ڪپڙي جي قنات هجي، جنهن جي
ڊيگهه ٻنهي پاسن تي چوئيتاليهه چوئيتاليهه ميٽر هجي. 10-11 انهيءَ
جي لاءِ ويهه ويهه پتل جا ٿنڀا هجن ۽ ٿنڀن لاءِ پتل جا ويهه ويهه
پاوا هجن. ٿنڀن جا ڪنڊا ۽ انهن جا بند چانديءَ جا هجن. 12 اولهه
واري پاسي ڏانهن اڱڻ جي ويڪر ۾ قنات جي ڊيگهه ٻاويهه ميٽر
هجي، انهيءَ جي لاءِ ڏهه ٿنڀا ۽ ڏهه پاوا هجن. 13 اوڀر واري پاسي

26:33 عبر 6:19، 9:3–5

کان بہ اڳڻ جي ويڪر ٻاويھہ ميٽر ھجي. 14-15 اتي اڳڻ جي دروازي
جي ٻنھي پاسن واري قنات لاءِ ساڍا ڇھہ ڇھہ ميٽر ڊگھا پردا ھجن.
انھن جي لاءِ بہ ٽي ٽي ٿنڀا ۽ انھن ٿنڀن جا ٽي ٽي پاوا ھجن. 16 اڳڻ
جي در لاءِ ھڪڙو نوَ ميٽر ڊگھو پردو ھجي، جيڪو سنھي وٽيل سٽيءَ
جي ڪپڙي جو ھجي ۽ جنھن ۾ آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙھي رنگ
جا ڌاڳا ھجن ۽ جيڪو ڪاريگريءَ سان اُڻيل ھجي. انھيءَ جي لاءِ
چار ٿنڀا ۽ انھن ٿنڀن جا چار پاوا ھجن. 17 اڳڻ جي چوڌاري وارا سڀ
ٿنڀا چانديءَ جي بندن سان جڪڙيل ھجن. انھن جا ڪنڊا چانديءَ جا
۽ پاوا پتل جا ھجن. 18 سو اڳڻ جي ساري قنات سنھي وٽيل سٽيءَ
جي ھجي، جنھن جي ڊيگھہ چوئيتاليھہ ميٽر، ويڪر ٻاويھہ ميٽر ۽
اوچائي سوا بہ ميٽر ھجي. انھيءَ جي ٿنڀن جا پاوا پتل جا ھجن.
19 خيمي ۾ استعمال ٿيندڙ ھر قسم جا ٿانوَ، خيمي جون ڪليون ۽
اڳڻ جون ڪليون اھي سڀ پتل جا ھجن.“

## شمعدان جو تيل

(لاوي سرشتو 24:1–4)

20 ”تون بني اسرائيل کي حڪم ڪج، تہ اُھي روشني ڪرڻ لاءِ
ڪُٽيل زيتون جو نج تيل تو وٽ آڻين، تہ جيئن ھر رات ڏيئو ٻرندو
رھي. 21 مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ انھيءَ پردي جي
ٻاھران جيڪو عھد واري صندوق اڳيان ھوندو، ھارون ۽ سندس پٽَ
سانجھيءَ کان صبح تائين شمعدان کي منھنجي حضور ۾ ٻريل رکن.
اھو قاعدو بني اسرائيل جي لاءِ پيڙھي بہ پيڙھي ھميشہ تائين جاري
رھندو.“

## ڪاھنن لاءِ خاص پوشاڪ

(خروج 39:1–7)

28 1 ”تون بني اسرائيل مان پنھنجي ڀاءُ ھارون ۽ سندس پٽن
ندب، ابيھو، اليعزر ۽ اتمر کي پاڻ وٽ سڏاءِ تہ جيئن اُھي
منھنجي لاءِ *ڪاھن ٿين. 2 تون پنھنجي ڀاءُ ھارون جي عزت ۽
زينت جي لاءِ ھڪڙي خاص پوشاڪ ٺھرائج. 3 تون انھن سڀني ماھر
ڪاريگرن، جن کي مون حڪمت جي روح سان ڀرپور ڪيو آھي، تن
کي چئُہ تہ ھارون جي لاءِ خاص پوشاڪ ٺاھين، انھيءَ لاءِ تہ ھو
مخصوص ٿي منھنجي لاءِ ڪاھن ٿئي ۽ اھا پوشاڪ پائي. 4 جيڪا
پوشاڪ ھو ٺاھيندا سا ھيءَ آھي: ھڪڙو سينابند، ھڪڙو مذھبي
فراڪ، ھڪڙو جبو، ھڪڙو چونڪڙين وارو پھراڻ، ھڪڙي پڳ ۽ ھڪڙو
پٽو. ھو تنھنجي ڀاءُ ھارون ۽ سندس پٽن لاءِ اھا خاص پوشاڪ ٺاھين،
تہ جيئن اھي منھنجي لاءِ ڪاھن بڻجي اھا پوشاڪ پائين. 5 اھي
ماڻھو انھيءَ پوشاڪ لاءِ آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙھي رنگ جا
ڌاڳا، سنھي وٽيل سٽيءَ جو ڪپڙو ۽ سون استعمال ڪن.

6 ھو آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙھي رنگ جي ڌاڳن، سنھي
وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي ۽ سون سان مذھبي فراڪ ٺاھين، جنھن تي
ڪاريگريءَ سان ڪم ٿيل ھجي. 7 انھيءَ کي ڪلھن وٽ بہ پٽيون
ھجن، جيڪي انھيءَ جي ٻنھي ڇيڙن سان ڳنڍيل ھجن، جيئن اھا
ھڪڙي پوشاڪ ٿي پوي. 8 انھيءَ مذھبي فراڪ سان ڳنڍيل ڪمربند
تي بہ انھيءَ پوشاڪ جھڙو ڪاريگريءَ وارو ڪم ٿيل ھجي. اھو
ساڳئي ئي آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙھي رنگ جي ڌاڳن، سنھي
وٽيل سٽيءَ ۽ سون مان ڪاريگريءَ سان ٺھيل ھجي. 9 تون ٻہ
سليماني پٿرن تي يعقوب جي ٻارھن پٽن جا نالا اُڪرائج. 10 انھن
مان ڇھہ نالا ھڪڙي پٿر تي ۽ باقي ڇھہ ٻئي پٿر تي، سندن پيدائش
جي ترتيب موجب اُڪرائج. 11 تون انھن ٻنھي پٿرن تي، جيئن جوھري
منڊيءَ تي نقش اُڪريندو آھي تيئن يعقوب جي پٽن جا نالا اُڪرائج ۽
انھن ٻنھي پٿرن کي سون جي خانن ۾ جڙائي ڇڏج. 12 تون اھي ٻئي
پٿر مذھبي فراڪ جي ڪلھن وارين پٽين تي بني اسرائيل جي ٻارھن
قبيلن کي ياد رکڻ لاءِ لڳرائج. ھارون انھن جا نالا مون خداوند جي
يادگيريءَ لاءِ پنھنجي ٻنھي ڪلھن تي کڻندو. 13 تون سون جا بہ ڀيا
خانا ٺھرائج. 14 نج سون جون بہ زنجيرون، وٽيل رسيءَ وانگر ٺھرائج
۽ ٻنھي وٽيل زنجيرن کي تون انھن ٻنھي خانن سان لٽڪرائي ڇڏج.“

## سينابند

(خروج 39:8–21)

15 ”مون خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ وقت پائڻ لاءِ تون ھڪڙو
سينابند ٺھرائج، جيڪو مذھبي فراڪ وانگر ڪاريگريءَ سان ٺھيل
ھجي. اھو آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙھي رنگ جي ڌاڳن واري
سنھي وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي ۽ سون مان ٺھرائج. 16 اھو چورس
۽ ٻٽو ھجي. انھيءَ جي ڊيگھہ ھڪڙي گرانٺ ۽ ويڪر بہ ھڪڙي
گرانٺ ھجي. 17 تون انھيءَ ۾ قيمتي ھيرا جواھر جڙائج، جن جون چار
قطارون ھجن. پھرينءَ قطار ۾ لعل، پکراج ۽ شبچراغ ھجن. 18 ٻيءَ
قطار ۾ زمرد، نيلم ۽ ھيرو ھجي. 19 ٽينءَ قطار ۾ سنبلي، عقيق
۽ ياقوت ھجي. 20 چوٿينءَ قطار ۾ فيروزو، سليماني پٿر ۽ زبرجد
ھجي. اھي سون جي خانن ۾ جڙيا وڃن. 21 اھي ھيرا جواھر يعقوب
جي پٽن جي نالن مطابق تعداد ۾ ٻارھن ھجن. جيئن منڊي اُڪربي
آھي، تيئن اھي نالا جيڪي ٻارھن قبيلن جا نالا ھوندا، سي ھر ھڪ
ھيري جواھر تي جدا جدا اُڪريل ھجن. 22 تون سينابند جي لاءِ وٽيل
رسيءَ جھڙيون نج سون جون بہ زنجيرون ٺھرائج. 23 سينابند جي لاءِ
سون جا بہ ڇلا ٺھرائج، جيڪي ٻئي سينابند جي ٻنھي مٿين ڇيڙن تي
ھجن. 24 اھي ٻئي سونيون وٽيل زنجيرون، سينابند جي ٻنھي ڇيڙن
تي لڳل انھن ٻن ڇلن ۾ وجھائي ڇڏج. 25 انھن ٻنھي زنجيرن جا ڀيا

*ڪاھن: يعني بني اسرائيل جا مذھبي اڳواڻ، وڌيڪ تفصيل ’خاص لفظن جي سمجھاڻي‘ ۾ ڏسو.

۽ چيڙا، سون جي ٻنهي خانن ۾ جڙائي ڇڏج، جيڪي مذهبي فراڪ
جي ڪلهي وارين پٽين تي انهيءَ جي اڳ واري پاسي کان هجن.
26 تون سون جا ٻيا ٻہ ٻہ ڇلا ٺهرائي اهي سينابند جي هيٺين ٻنهي
ڇيڙن وارن ڪنارن ۾ وجهائي ڇڏج. اهي مذهبي فراڪ مٿان سينابند
جي اندرئين پاسي پيل رهن. 27 سون جا ٻہ ٻيا ٻہ ڇلا ٺهرائج. اهي
مذهبي فراڪ جي ٻنهي ڪلهن وارين پٽين تي اڳ واري پاسي تي
لڳرائج، جتي اهي هيٺئين پاسي مذهبي فراڪ سان ڳنڍيل آهن ۽ جتي
ڪاريگريءَ سان ٺهيل ڪمربند مذهبي فراڪ سان ڳنڍيل آهي. 28 پوءِ
سينابند جي ڇلن کي مذهبي فراڪ جي ڇلي سان گڏ هڪڙي آسماني
رنگ جي ڏوريءَ سان ٻڌائي ڇڏج، تہ جيئن اهو مذهبي فراڪ جي
ڪاريگريءَ سان ٺهيل ڪمربند تي رهي ۽ سينابند مذهبي فراڪ تان
هٽي نہ وڃي.
29 سو هارون بني اسرائيل جي قبيلن جا نالا انهيءَ سينابند تي
پنهنجيءَ دل جي مٿان هٽي، مقدس جاءِ ۾ داخل ٿيڻ وقت مون
خداوند جي آڏو پاتل رهي، انهيءَ لاءِ تہ آءٌ انهن کي هميشہ ياد
رکان. 30 مون خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ تون سينابند ۾ *اُوريم
۽ ٿُميم وجهائي ڇڏج. جڏهن هارون مون خداوند جي آڏو حاضر
ٿئي تڏهن اهي سندس دل جي مٿان هجن. اهڙيءَ طرح هارون بني
اسرائيل بابت منهنجي مرضيءَ معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجيءَ دل جي
مٿان هميشہ مون خداوند جي آڏو کنيو رهي.“

## ڪهانت جون ٻيون پوشاڪون
(خروج 39:22–31)

31 ”تون مذهبي فراڪ جي هيٺان پائڻ وارو جبو سڄو آسماني رنگ
جو ٺهرائج. 32 انهيءَ کي وچ ۾ مٿي وجهڻ لاءِ سوراخ هجي. انهيءَ
سوراخ جي چوڌاري گريبان وانگر هڪڙي اُٽيل پٽي هجي، انهيءَ لاءِ
تہ اهو ڦاٽي نہ پوي. 33–34 تون انهيءَ جبي جي دامن تي چوڌاري
آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جا ڏاڙهون ٺهرائج ۽ هر هڪ
ڏاڙهونءَ کان پوءِ هڪ هڪ سون جي گهنڊڙي ٻڌائج. 35 سو هارون
اهو جبو منهنجي خدمت جي وقت پائي، انهيءَ لاءِ تہ جڏهن بہ هو
مقدس جاءِ ۾ مون خداوند جي آڏو اچي ۽ اتان ٻاهر نڪري، تڏهن
انهيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي، تان‌تہ هو مري نہ وڃي.
36 تون نج سون جي هڪڙي تختي ٺهرائج ۽ جيئن مندي اُڪربي آهي
تيئن انهيءَ تي هي اکر اُڪرائي ڇڏج، ’خداوند جي لاءِ مخصوص.‘
37 تون اها آسماني رنگ جي ڏوريءَ سان ٻڌائي پڳ جي سامهون
واري پاسي هٽائي ڇڏج. 38 اها هارون جي پيشانيءَ تي هجي، انهيءَ
لاءِ تہ جيڪي شيون بني اسرائيل پنهنجي پاڪ نذرانن جي وسيلي
وقف ڪندا، تن شين ۾ رهجي ويل خاميءَ جا ڏوهہ هارون کڻندو.
اها تختي هميشہ سندس پيشانيءَ تي رهندي، انهيءَ لاءِ تہ اهي
نذرانا مون خداوند جي حضور ۾ قبول پون. 39 تون سنهي سٽيءَ
جي ڪپڙي جو چونڪڙين وارو پهراڻ، سنهي سٽيءَ جي ڪپڙي جي
هڪڙي پڳ ۽ پرت پريل هڪڙو پٽو ٺهرائج.
40 تون هارون جي پٽن واسطي بہ سندن عزت ۽ زينت جي لاءِ
پهراڻ، پٽا ۽ ٽوپيون ٺهرائج. 41 اها پوشاڪ تون پنهنجي ڀاءُ هارون ۽
سندس پٽن کي پارائج. انهن کي مسح ڪري مخصوص ڪج تہ جيئن
هو وقف ٿي منهنجي حضور ۾ ڪاهن بڻجي خدمت ڪن. 42 تون انهن
لاءِ سٽيءَ جي ڪپڙي جون سٿڻون ٺهرائج، تہ هو پنهنجو اگهاڙو بت
ڍڪين. اهي سٿڻون چيلهہ کان وٺي رانن تائين هجن. 43 جڏهن بہ
هارون ۽ سندس پٽ مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ داخل ٿين،
يا انهيءَ جي اڱڻ ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ قربان‌گاهہ جي ويجهو وڃن،
تڏهن اهي سندن بت تي هجن، تہ مٿان ائين نہ ٿئي جو هو ڏوهاري
ٺهرجن ۽ مري پون. اهو قانون هارون ۽ ڪانئس پوءِ سندس اولاد لاءِ
هميشہ تائين قائم رهندو.“

## ڪاهنن جو مخصوص ٿيڻ
(لاوي سرشتو 8:1–36)

29 1 ”منهنجي لاءِ ڪاهن بڻجي خدمت ڪرڻ واسطي هنن کي
مخصوص ڪرڻ لاءِ تون هيئن ڪج، تون هڪڙو وهڙو ۽ ٻہ
بي‌عيب گهٽا وٺج. 2 بي‌خميري ماني، تيل ۾ ڳوهيل بي‌خميرا ڍوڍا
۽ تيل مکيل بي‌خميري ٽڪيون، اهي سڀ ميدي مان ٺهرائج. 3 اهي
هڪڙيءَ ٽوڪريءَ ۾ وجهائي، اها ٽوڪري انهيءَ وهڙي ۽ ٻن گهٽن
سان گڏ ڪٺائي اچي نذر ڪج.
4 هارون ۽ سندس پٽن کي مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي
در وٽ وٺي آڻي تڙ ڪرائج. 5 پوءِ تون خاص پوشاڪ ڪٺائي اچي
هارون کي پهراڻ، مذهبي فراڪ جي هيٺان پائڻ وارو جبو، مذهبي
فراڪ ۽ سينابند پارائج. ڪاريگريءَ سان ٺهيل مذهبي فراڪ وارو
ڪمربند سندس چيلهہ سان ٻڌج. 6 سندس مٿي تي پڳ رکج ۽ پڳ
جي مٿان ڪهانت جي مخصوصيت واري سوني تختي رکج. 7 پوءِ
مسح ڪرڻ وارو تيل کڻي، سندس مٿي ۾ وجهي کيس مخصوص
ڪج. 8 تنهن کان پوءِ سندس پٽن کي ويجهو وٺي اچي کين پهراڻ
ڍڪائج. 9 تون هارون ۽ سندس پٽن کي چيلهہ تي پٽا ٻڌج ۽ ٽوپيون
پارائج.
اهڙيءَ طرح تون هارون ۽ سندس پٽن کي مخصوص ڪري ڇڏج،
تہ جيئن کين ڪهانت جو هميشہ جي لاءِ حق حاصل ٿئي.

*اُوريم ۽ ٿُميم: هي پٿر جهڙيون ٻہ ننڍڙيون شيون هيون، جن کي ڪاهن خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو هو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“ ڏسو.

30:28 ڳا 27:21، شر 33:8، عز 2:63، نحم 7:65

10 پوءِ تون اهو وهڙو مون سان ملاقات واري خيمي جي سامهون
آڻج. هارون ۽ سندس پٽ ان وهڙي جي مٿي تي پنهنجا هٿ رکن.
11 پوءِ تون اهو وهڙو مون خداوند جي آڏو مون سان ملاقات واري
خيمي جي اڳڻ واري در وٽ ذبح ڪج. 12 وهڙي جو ٿورو رت ڪٺي
پنهنجيءَ آڱر سان قربانگاهه جي سڱن تي لائج ۽ باقي سمورو رت
قربانگاهه جي پاڙ ۾ هاري ڇڏج. 13 پوءِ اها سموري چربي جيڪا آنڊن
۽ اوجهريءَ جي مٿان هوندي آهي ۽ جيري جو پردو، ٻئي بڪيون ۽ مٿن
لڳل چربي ڪٺي قربانگاهه تي ساڙي ڇڏج. 14 پر وهڙي جو گوشت،
کل ۽ سندس اوجهه خيميگاهه کان ٻاهر ساڙيا وڃن، ڇالاءِجو اها
پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني آهي.

15 پوءِ تون هڪڙي گهٽي کي ويجهو آڻج. هارون ۽ سندس پٽ
انهيءَ گهٽي جي مٿي تي پنهنجا هٿ رکن. 16 پوءِ انهيءَ گهٽي
کي تون ذبح ڪري، ان جو رت ڪٺي قربانگاهه جي چئني پاسن تي
ڇٽڪاري ڇڏج. 17 گهٽي جا عضوا وڍي ڌار ڪري، انهيءَ جا آنڊا،
اوجهري ۽ پاوا ڌوئي انهيءَ جي عضون ۽ منڍيءَ سان گڏ رکج.
18 تون اهو سڄو گهٽو قربانگاهه تي ساڙج. اها مون خداوند جي
لاءِ ساڙڻ واري قرباني آهي. اها مون لاءِ هڪ وڻندڙ خوشبوءِ واري
قرباني آهي، جنهن کي ساڙيو وڃي ٿو.

19 پوءِ تون ٻيو گهٽو آڻج، جيڪو مخصوصيت جو گهٽو آهي. هارون
۽ سندس پٽ انهيءَ گهٽي جي مٿي تي پنهنجا هٿ رکن. 20 تڏهن
انهيءَ گهٽي کي ذبح ڪري، ان جو ڪجهه رت ڪٺي، هارون ۽ سندس
پٽن جي ساڄي ڪن جي پاپڙين تي، سندن ساڄي هٿ جي آڱوٺن تي
۽ سندن ساڄي پير جي آڱوٺن تي لائج. باقي سمورو رت قربانگاهه
جي چئني پاسن تي ڇٽڪاري ڇڏج. 21 قربانگاهه تي پيل رت مان
۽ مسح ڪرڻ واري تيل مان ڪجهه ڪٺي هارون تي ۽ سندس خاص
پوشاڪ تي ۽ ان سان گڏ سندس پٽن تي ۽ انهن جي خاص پوشاڪ تي
ڇٽڪاري ڇڏج. اهڙيءَ طرح هارون پنهنجي پوشاڪ سميت ۽ ساڻس
گڏ هن جا پٽ پنهنجي پنهنجي پوشاڪ سميت مخصوص ٿي ويندا.

22 تون گهٽي جي چربي، سندس دنب، ٻي چربي جيڪا سندس
آنڊن ۽ اوجهريءَ تي هوندي آهي، جيري جو پردو، ٻئي بڪيون، انهن
تي لڳل چربي ۽ ان جي ساڄي ران ڪٺج. 23 بيخميري مانين واري
ٽوڪري، جيڪا مون خداوند جي آڏو رکيل هوندي، تنهن مان هڪڙي
ماني، هڪڙو تيل ۾ ڳوهيل ڍوڍو ۽ هڪڙي ٽڪي کڻج. 24 اُهي سڀ
هارون ۽ سندس پٽن جي هٿن تي رکج. اهي انهن کي مون خداوند
جي آڏو هٿن تي بلند ڪن، انهيءَ لاءِ ته اها هٿن تي بلند ڪرڻ
واري قرباني ٿئي. 25 پوءِ تون اهي سندن هٿن مان وٺي، قربانگاهه
تي ساڙڻ واري قربانيءَ جي مٿان رکي ساڙي ڇڏج، انهيءَ لاءِ ته
وڻندڙ خوشبوءِ مون خداوند جي آڏو هجي. اها مون خداوند جي لاءِ
ساڙي ويندڙ قرباني آهي.

26 تون هارون جي مخصوصيت واري گهٽي جو سينو ڪڍي، اهو
مون خداوند جي حضور ۾ هٿن تي بلند ڪج، انهيءَ لاءِ ته اها هٿن
تي بلند ڪرڻ واري قرباني ٿئي. اهو حصو خاص تنهنجو ٿيندو.
27 انهيءَ کان علاوه ڪاهن جي مخصوص ٿيڻ وقت گهٽي جو هٿن
تي بلند ڪرڻ واري قربانيءَ جو سينو ۽ دستي، انهن ٻنهي کي خاص
قربانيءَ طور ڪاهنن لاءِ مخصوص ڪيو وڃي. 28 هن ڪري جو اهو
بني اسرائيل جي طرفان هميشه جي لاءِ ڪاهنن جو حق ٿئي. سو
بني اسرائيل جي طرفان اهو سندن سلامتيءَ جي قربانين مان خاص
قرباني ٿيندو، جيڪو سندن طرفان مون خداوند لاءِ آهي.

29 هارون جي خاص پوشاڪ ڪانئس پوءِ سندس پٽن جي ٿيندي،
انهيءَ لاءِ ته ان ۾ ئي ڪين مسح ڪري مخصوص ڪيو وڃي.
30 جيڪو پٽ سندس جاءِ تي ڪاهن ٿيندو، سو جڏهن مقدس جاءِ ۾
خدمت ڪرڻ لاءِ مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ داخل ٿئي،
تڏهن ست ڏينهن اهي ڪپڙا پائي.

31 مخصوصيت واري گهٽي جو گوشت ڪٺي وڃي ڪنهن پاڪ جاءِ
تي پچايو وڃي. 32 پوءِ هار ون ۽ سندس پٽ، انهيءَ گهٽي جو گوشت
۽ ٽوڪريءَ ۾ جيڪا ماني هجي، سا مون خدا سان ملاقات واري
خيمي جي اڳڻ ۾ ويهي کائين. 33 ڪين مقرر ۽ مخصوص ڪرڻ لاءِ
جن شين سان ڪفارو ڏنو وڃي، سي به هو کائين. پر ڪو ٻيو ماڻهو
انهن مان نه کائي، ڇالاءِجو اهي مخصوص آهن. 34 جيڪڏهن انهيءَ
مخصوصيت واري گوشت يا انهيءَ مانيءَ مان ڪجهه صبح تائين
بچي پوي ته اهو ساڙيو وڃي. اهو کائڻ ۾ نه اچي، ڇالاءِجو اهو
مخصوص آهي.

35 جيئن مون تو کي حڪم ڏنو آهي، تيئن ئي تون هارون ۽ سندس
پٽن سان ڪج ۽ ڪين ستن ڏينهن ۾ وقف ڪري ڇڏج. 36 تون هر
روز پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ هڪڙو وهڙو پنهنجي ڪفاري طور
قربان ڪري قربانگاهه کي پاڪ ڪج، پوءِ مٿس تيل مکي انهيءَ کي
مخصوص ڪج. 37 اهڙيءَ طرح ستن ڏينهن تائين تون ڪفارو ڏيندو
رهج ۽ قربانگاهه کي مخصوص ڪندو رهج، ته قربانگاهه خدا لاءِ
ئي مخصوص ٿي ويندي. پوءِ جيڪو به ماڻهو قربانگاهه کي ڇهي
يا جيڪا به شيءِ ان تي استعمال ڪئي وڃي سا ضرور مخصوص
ٿيل هجي."

## روزانو جون قربانيون

(ڳاڻاڻو 28:1–8)

38 "ڏس، ڪاهن هر روز قربانگاهه تي ٻه هڪ سالا گهيٽا هميشه
پيش ڪندا رهن. 39 انهن مان هڪڙو گهيٽو صبح جو ۽ ٻيو سانجهيءَ
جو قربان ڪن. 40 پهرئين گهيٽي سان گڏ هڪ ڪلوگرام ميدو ڏين،
جنهن ۾ هڪ ليٽر ڪُٽي ڪڍيل زيتون جو تيل مليل هجي. ان سان

18:29 اف 2:5، فل 18:4

گڏ هڪ ليٽر مئي اوتڻ واري قربانيءَ لاءِ هجي. 41 ٻيو گهيٽو هو
سانجهيءَ جو قربان ڪن ۽ انهيءَ سان گڏ بہ صبح وانگر اناج ۽
اوتڻ واري قرباني ڪن، انهيءَ لاءِ تہ اها مون خداوند جي لاءِ
وڻندڙ خوشبوءِ واري قرباني ٿئي، جا ساڙي وڃي ٿي. 42 اها ساڙڻ
واري قرباني اوهان جي سيني پيڙهين ۾ هميشہ جي لاءِ ٿيندي،
جيڪا مون سان ملاقات واري خيمي جي اڳڻ ۾ مون خداوند جي
آڏو ڪئي ويندي. اُتي آءٌ اوهان سان ڳالهائيندس ۽ اوهان سان گڏبو
رهندس. 43 اُتي آءٌ بني اسرائيل سان ملاقات ڪندس ۽ اهو خيمو
منهنجي جلوي سان پاڪ ٿي ويندو. 44 آءٌ پنهنجي ملاقات واري
خيمي ۽ قربان‌گاهہ کي پنهنجي لاءِ مخصوص ڪندس. آءٌ هارون
۽ سندس پٽن کي بہ مخصوص ڪندس، انهيءَ لاءِ تہ اُهي ڪاهن
ٿي منهنجي خدمت ڪن. 45 آءٌ بني اسرائيل جي وچ ۾ رهندس ۽
انهن جو خدا هوندس. 46 تڏهن اهي ڄاڻيندا تہ آءٌ خداوند سندن خدا
آهيان، جنهن کين مصر جي ملڪ مان ڪڍي ٻاهر آندو، انهيءَ لاءِ
تہ آءٌ سندن وچ ۾ رهان. آءٌ خداوند انهن جو خدا آهيان.”

## لوبان ساڙڻ لاءِ قربان‌گاهہ

(خروج 37:25–28)

30 1 ”لوبان ساڙڻ جي لاءِ تون هڪڙي قربان‌گاهہ ٺهرائج. تون
اها ٻبر جي ڪاٺ مان ٺهرائج. 2 اها چورس هجي، جنهن
جي ڊيگهہ ۽ ويڪر هڪڙو هڪڙو هٿ هجي. انهيءَ جي اوچائي ڏيڍ
هٿ هجي. ان جا سڱ انهيءَ ساڳئي هڪڙي ئي ٽڪر مان ٺهيل هجن.
3 تون انهيءَ تي نج سون جو پٽ چاڙهائج، جيڪو ان جي مٿان، چئن
ئي پاسن ۽ سڱن تي هجي. انهيءَ جي چوڌاري سون جي ڪناري
ٺهرائج. 4 انهيءَ ڪناريءَ جي هيٺان ٻنهي پاسن تي بہ سونا ڪڙا
ٺهرائج، انهيءَ لاءِ تہ قربان‌گاهہ کي کڻڻ لاءِ اهي ٻانهيون وجهڻ
جي جاءِ ٿين. 5 اهي ٻانهيون ٻبر جي ڪاٺيءَ مان ٺهرائج ۽ انهن جي
مٿان بہ سونو پٽ چاڙهائج. 6 تون اها قربان‌گاهہ ان پردي جي اڳيان
رکائج، جيڪو عهد واري صندوق وٽ آهي، جيئن اها رحمت جي
پوش جي سامهون رهي، جيڪو عهد واري صندوق جي مٿان آهي.
اُتي آءٌ تو سان ملندو رهندس.

7 هارون هر روز صبح جو جڏهن ڏيئن کي ٺيڪ ڪري، تڏهن
انهيءَ قربان‌گاهہ تي خوشبودار مصالحن جو لوبان ساڙيندو رهي.
8 سانجهيءَ جو بہ جڏهن هو ڏيئا ٻاري تڏهن اهو ساڙي. اهو لوبان
مون خداوند جي حضور ۾ هميشہ جي لاءِ اوهان جي سيني پيڙهين
۾ ساڙبو رهبو. 9 انهيءَ تي ٻئي ڪنهن بہ قسم جو لوبان نہ ساڙيو
وڃي، نہ ئي مٿس ساڙڻ واري قرباني يا اناج جي قرباني يا اوتڻ واري
قرباني هاري وڃي. 10 سال ۾ هڪ دفعو هارون انهيءَ قربان‌گاهہ
جي سڱن تي ڪفاري وارو رت هاري ان کي پاڪ ڪري، چالاءِجو
اها قربان‌گاهہ مون خداوند جي لاءِ ئي مخصوص آهي. اوهان جي
سيني پيڙهين تائين، سال ۾ هڪڙو دفعو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ
وارو رت، جيڪو ڪفاري واسطي آهي، تنهن سان قربان‌گاهہ کي
پاڪ ڪيو وڃي.”

## جان جو صدقو

11 خداوند موسيٰ کي وڌيڪ فرمايو تہ 12 ”جڏهن تون بني اسرائيل
جو تعداد ڄاڻڻ لاءِ سندن شمار ڪرين، تڏهن انهن مان هر ڪو مرد
شمار وقت مون خداوند جي لاءِ پنهنجيءَ جان جو صدقو ڏئي، انهيءَ
لاءِ تہ شمار ڪرڻ کان پوءِ منجهن ڪا وبا نہ پوي. 13 هر هڪ مرد
جيڪو شمار ٿيندڙن جي ٽولي ۾ شامل ٿيندو وڃي، سو عبادت‌گاهہ
جي سڪي جي تور جي حساب سان اڌ سڪو مون خداوند جي لاءِ
نذرانو ڏئي. هڪڙو سڪو چانديءَ جي ٻارهن گرامن جي برابر آهي.
14 هر مرد جيڪو شمار ٿيندڙن جي ٽولي ۾ شامل ٿيندو وڃي ۽ جنهن
جي عمر ويهہ سال يا انهيءَ کان مٿي هجي، سو مون خداوند جي
لاءِ اهو نذرانو ڏئي. 15 پنهنجي جانين جي صدقي لاءِ جڏهن هو مون
خداوند جي آڏو نذرانو ڏين، تڏهن شاهوڪار اڌ سڪي کان وڌيڪ
نہ ڏئي ۽ غريب انهيءَ کان گهٽ نہ ڏئي. 16 تون بني اسرائيل کان
صدقي جا پيسا وٺي، اهي مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي
لاءِ ڪم آڻج، انهيءَ لاءِ تہ بني اسرائيل جي طرفان سندن جانين جي
صدقي لاءِ اهي مون خداوند جي يادگيريءَ لاءِ نشاني هجن.”

## پتل جو حوض

17 خداوند وري موسيٰ کي فرمايو تہ 18 ”تون وضو ڪرڻ لاءِ هڪڙو
پتل جو حوض ۽ انهيءَ جي هيٺان رکڻ لاءِ پتل جي گهوڙي ٺهرائج.
اهو حوض مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۽ قربان‌گاهہ جي وچ
۾ رکائج ۽ ان ۾ پاڻي پرائي ڇڏج. 19 اهو هارون ۽ سندس پٽن جي
هٿن ۽ پيرن ڌوئڻ لاءِ استعمال ٿئي. 20 جڏهن بہ هو مون خدا سان
ملاقات واري خيمي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اچن، تڏهن پاڻيءَ سان وضو
ڪن، انهيءَ لاءِ تہ مري نہ پون. جڏهن هو قربان‌گاهہ تي مون
خداوند جي خدمت لاءِ ڪي بہ ساڙيون ويندڙ قربانيون ڪرڻ اچن،
تڏهن بہ ائين ئي ڪن. 21 اهڙيءَ طرح هو پنهنجا هٿ ۽ پير ڌوئي
اچن، تان‌تہ مري نہ پون. اهو هنن جي لاءِ ۽ سندن اولاد جي لاءِ،
سيني پيڙهين تائين هميشہ جي واسطي قانون ٿيندو.”

## مسح ڪرڻ جو تيل

22 انهيءَ کان پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 23 ”عبادت‌گاهہ
جي ماپي مطابق عمدا خوشبودار مصالحا، يعني خالص مُرَ جا پنج
ڪلوگرام، انهيءَ جي اڌ جيتري يعني اڍائي ڪلوگرام خوشبودار

30:13 خر 38:25–26، مت 17:24 30:18 خر 38:8 30:22–38 خر 37:29

دالچيني ۽ اڍائي ڪلوگرام خوشبودار اگر، 24 پنج ڪلوگرام املداس
۽ ساڍا ٽي ليٽر زيتون جو تيل کڻي، 25 انهن کي چڱيءَ طرح گڏي،
مسح ڪرڻ جو خاص تيل ٺاهيو وڃي، جيڪو عمدو ۽ خوشبودار هجي،
جهڙو ڪاريگر عطار ٺاهيندا آهن. اهو مسح ڪرڻ جو مخصوص تيل
ٿيندو. 26 تون انهيءَ تيل سان مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۽
عهد واري صندوق کي مسح ڪري مخصوص ڪج. 27 تون ميز کي
ان جي ٿانون سميت، شمعدان کي ان جي ٿانون سميت ۽ لوبان ساڙڻ
واريءَ قربانگاهه کي مسح ڪري مخصوص ڪج. 28 ان کان علاوه
ساڙڻ واري قربانيءَ جي قربانگاهه کي ان جي سڀني ٿانون سميت ۽
حوض ۽ انهيءَ جي گهوڙيءَ کي بہ مسح ڪري 29 مخصوص ڪج،
تہ جيئن اهي مون لاءِ ئي مخصوص ٿي وڃن. پوءِ جيڪو بہ ماڻهو
انهن کي ڇهي يا جا بہ شيءِ انهن تي استعمال ڪجي سي ضرور
مخصوص ٿيل هجن.

30 پوءِ تون هارون ۽ سندس پٽن کي مسح ڪري مخصوص ڪج،
تہ هو منهنجي لاءِ ڪاهن بڻجي خدمت ڪن. 31 تون بني اسرائيل
کي چئج تہ سندن سڀني پيڙهين تائين اهو مخصوص تيل منهنجي لاءِ
مسح ڪرڻ واسطي ئي هوندو. 32 اهو ڪنهن عام ماڻهوءَ جي بدن
تي نہ وڌو وڃي، نڪي انهيءَ جي بناوت جهڙو ڪو ٻيو تيل ٺاهيو
وڃي، ڇالاءِجو اهو پاڪ آهي. سو انهيءَ کي مخصوص ڪري ڄاتو
وڃي. 33 جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهيءَ جهڙو ڪو ٻيو تيل ٺاهيندو يا
انهيءَ مان ڪاهن کان سواءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي لائيندو تہ اهو
منهنجي قوم مان خارج ڪيو ويندو.“

## لوبان

34 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”خوشبودار مصالحن مُرَ،
مصطڪي ۽ لاون سان گڏ خالص لوبان بہ ڪنيو وڃي ۽ اهي سڀيئي
وزن ۾ هڪ جيترا هجن. 35 پوءِ انهن کي لوڻ جي رائي ڏيئي، ڪاريگر
عطار وانگر انهن مان خوشبودار، صاف ۽ پاڪ لوبان بڻايو وڃي.
36 تون انهيءَ مان ڪجهہ ڪُٽي تمام سنهو ڪج ۽ انهيءَ کي مون
خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ عهد واري صندوق جي سامهون
رکج، جتي آءٌ تو سان ملندو رهندس. اهو مون خدا لاءِ ئي مخصوص
ٿيندو. 37 جيڪو لوبان انهيءَ طريقي سان ٺاهيو وڃي، تنهن جهڙو
ٻيو لوبان پنهنجي لاءِ ڪوبہ نہ ٺاهي. اهو لوبان مون خداوند جي لاءِ
مخصوص هوندو. 38 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي سنگهڻ لاءِ انهيءَ
جهڙو ٻيو ٺاهيندو تہ اهو منهنجي قوم مان خارج ڪيو ويندو.“

## ڪاريگرن جي چونڊ

(خروج 35:30–36:1)

31 1 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”ڌيان سان ٻڌ، مون
يهوداہ جي قبيلي مان اوريءَ جي پٽ ۽ حور جي پوٽي
بصلايل کي چونڊي ڪڍيو آهي. 3 مون هن کي دانائيءَ، سمجهہ،
علم ۽ هر قسم جي ڪاريگريءَ ۾ پنهنجي روح سان ڀرپور ڪري
ڇڏيو آهي، 4 انهيءَ لاءِ تہ هو ڪاريگريءَ جا ڪم رٿي سون،
چانديءَ ۽ پتل جون شيون ٺاهي. 5 هو هيرن جواهرن کي جڙڻ لاءِ
گهڙي تيار ڪري ۽ ڪاٺ کي اُڪري. مطلب تہ هو هر قسم جي
ڪاريگريءَ جو ڪم ڪري.

6 مون دان جي قبيلي مان اخيسمڪ جي پٽ اهلياب کي بہ ساڻس
گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي. سڀني ڪاريگر ماڻهن جي دلين ۾
هنر وڌو اٿم، انهيءَ لاءِ تہ جن شين جو مون تو کي حڪم ڏنو آهي،
سي سڀ ٺاهي تيار ڪن، 7 يعني مون خدا سان ملاقات وارو خيمو،
عهد واري صندوق ۽ انهيءَ تي جيڪو رحمت جو پوش آهي سو ۽
خيمي جو سمورو سامان، 8 يعني ميز ۽ انهيءَ جو سامان، نج سون
جو شمعدان ۽ انهيءَ جا سمورا ٿانوَ، لوبان ساڙڻ واري قربانگاهه،
9 ساڙڻ واري قربانيءَ جي قربانگاهه ۽ انهيءَ جا سمورا ٿانوَ، حوض
۽ انهيءَ جي گهوڙي، 10 عمدا نهيل ڪپڙا ۽ ڪهانت جي خدمت ڪرڻ
واسطي هارون ڪاهن ۽ سندس پٽن جي لاءِ خاص پوشاڪون، 11 مسح
ڪرڻ جو تيل ۽ مقدس جاءِ لاءِ خوشبودار مصالحن جو لوبان. اهي
سڀ شيون، جيئن مون تو کي حڪم ڏنو آهي، تيئن هو تيار ڪن.“

## سبت، يعني آرام جو ڏينهن

12 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 13 ”تون بني اسرائيل کي
منهنجو هي حڪم ڏج تہ ’اوهين منهنجا سبت جا ڏينهن ضرور
ملهائيندا رهجو، ڇالاءِجو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ اوهان جي
سڀني پيڙهين تائين اها هڪڙي نشاني هوندي، انهيءَ لاءِ تہ اوهان
کي خبر پوي تہ آءٌ خداوند ئي آهيان جيڪو اوهان کي مخصوص ٿو
ڪريان. 14 تنهنڪري اوهين سبت جو ڏينهن ملهائيندا رهجو، ڇوتہ
اهو اوهان جي لاءِ پاڪ آهي. جيڪو بہ انهيءَ ڏينهن تي ڪو ڪم
ڪرڻ سان انهيءَ جي بيحرمتي ڪندو، سو ضرور بني اسرائيل قوم
مان خارج ڪري ماريو ويندو. 15 ڇهہ ڏينهن ڀلي اوهين پنهنجو ڪم
ڪار ڪريو، پر ستون ڏينهن سبت آهي تنهن تي اوهين آرام ڪريو.
اهو مون خداوند جي لاءِ مخصوص آهي. جيڪو سبت جي ڏينهن
ڪو ڪم ڪندو، سو ضرور ماريو ويندو.‘ 16 تنهنڪري بني اسرائيل
سبت جو ڏينهن ملهائيندا رهن ۽ انهيءَ کي پنهنجي سڀني پيڙهين
جي لاءِ هميشہ جو عهد سمجهي قائم رکن. 17 اها منهنجي ۽ بني

15:31 خر 20:8–11، 23:12، 34:21، 35:2، لاو 23:3، شر 5:12–14 17:31 خر 20:11

اسرائيل جي وچ ۾ هميشه جي لاءِ هڪڙي نشاني رهندي. ڇالاءِجو
ڇهن ڏينهن ۾ مون خداوند آسمان ۽ زمين کي بڻايو ۽ ستين ڏينهن
فارغ ٿي آرام ڪيم.“
18 پوءِ جڏهن خداوند سينا جبل تي موسيٰ سان ڳالهائي بس ڪئي،
تڏهن کيس عهد واريون ٻه تختيون ڏنائين. پٿر جي انهن تختين تي
خدا پنهنجي آڱر سان پنهنجا حڪم لکيا هئا.

## سوني گابي جي پوڄا
(شريعت جو دور 6:9–29)

32 1 هاڻي جڏهن ماڻهن ڏٺو ته موسيٰ جبل تان لهڻ ۾ دير
ڪئي آهي، تڏهن اهي هارون وٽ اچي گڏ ٿيا. کيس چيائون
ته ”اُٿي اسان جي لاءِ اهڙا ديوتا ٺاهه جيڪي اسان جي رهبري ڪن،
ڇالاءِجو هي شخص موسيٰ، جيڪو اسان کي مصر جي ملڪ مان ٻاهر
ڪڍي آيو آهي، خبر ناهي ته کيس ڇا ٿيو آهي.“ 2 تڏهن هارون کين
چيو ته ”پنهنجي زالن، پٽن ۽ ڌيئرن جي ڪنن مان سونيون واليون
لاهي مون وٽ کڻي اچو.“ 3 تنهن تي سڀيئي ماڻهو انهن جي ڪنن
مان سونيون واليون لاهي، اُهي هارون وٽ کڻي آيا. 4 هن اُهي سندن
هٿن مان وٺي انهن کي پگھاريو ۽ سانچي ۾ وجهي، جوهريءَ جي
اوزار سان انهيءَ مان هڪڙو گابو ٺاهيائين. تڏهن ماڻهو چوڻ لڳا ته
”اي بني اسرائيل! هي اوهان جو ديوتا آهي جنهن اوهان کي مصر
جي ملڪ مان ڪڍي ٻاهر آندو آهي.“ 5 هارون جڏهن اهو حال ڏٺو
تڏهن انهيءَ جي اڳيان هڪڙي قربان‌گاهه ٺاهيائين. پوءِ هارون پڙهو
گھمرايو ته ”سڀاڻي خداوند جي لاءِ عيد ٿيندي.“ 6 ٻئي ڏينهن اهي
صبح جو سوير اٿيا ۽ ساڙڻ واريون قربانيون ڪيائون. هنن سلامتيءَ
جي قربانيءَ لاءِ جانور ذبح ڪيا. پوءِ ماڻهن ويهي کاڌو پيتو ۽ اُٿي
عياشيءَ ۾ لڳي ويا.
7 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو ته ”هيٺ لهي وڃ، ڇالاءِجو
تنهنجا ماڻهو، جن کي تون مصر جي ملڪ مان ڪڍي آيو آهين، تن
پنهنجو خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي. 8 جنهن راهه تي هلڻ جو مون
کين حڪم ڏنو هو، تنهن کان هو جلد ڦري ويا آهن. هنن پنهنجي
لاءِ هڪڙو ڍلتيل گابو ٺاهي انهيءَ کي سجدو ڪيو آهي ۽ انهيءَ جي
لاءِ قربانيون ڪيون آهن. ان سان گڏوگڏ هنن چيو آهي ته ’اي بني
اسرائيل! هي اوهان جو ديوتا آهي، جنهن اوهان کي مصر جي ملڪ
مان ڪڍي ٻاهر آندو آهي.‘“ 9 خداوند موسيٰ کي وڌيڪ فرمايو ته
”مون هن قوم کي ڏٺو آهي ۽ ڄاڻان ٿو ته هيءَ ضدي قوم آهي.
10 تنهنڪري هاڻي تون وچ ۾ نه اچ، مون کي هنن تي سخت ڪاوڙ
آهي. آءٌ کين ساڙي رک ڪري ڇڏيندس. پر آءٌ تو منجهان هڪڙي
وڏي قوم پيدا ڪندس.“

11 تڏهن موسيٰ خداوند پنهنجي خدا کي عرض ڪري چيو ته ”اي
خداوند! تون ڇو پنهنجي انهيءَ قوم سان ايتري ڪاوڙ ٿو ڪرين،
جنهن کي تو پنهنجي وڏيءَ قدرت ۽ طاقت سان مصر جي ملڪ مان
ڪڍي ٻاهر آندو آهي؟ 12 مصرين کي ائين چوڻ جو موقعو ڇو ملي
ته تون کين ٺڳيءَ سان هتان ڪڍي ويو آهين، انهيءَ لاءِ ته هنن کي
جبلن ۾ ماري وجهين ۽ کين سڄيءَ دنيا تان مٽائي ڇڏين؟ سو تون
پنهنجي غصي کي ٺاري ڇڏ ۽ پنهنجي قوم تي اها آفت آڻڻ واري
ارادي کي ڇڏي ڏي. 13 تون پنهنجن ٻانهن ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب
کي ياد ڪر، جن کي تو پنهنجيءَ ذات جو قسم کڻي فرمايو هو ته ’آءٌ
اوهان جو اولاد آسمان جي تارن جيترو وڌائيندس ۽ هيءُ سارو ملڪ
جنهن جو مون ذڪر ڪيو آهي سو اوهان جي اولاد کي ڏيندس ۽ اهي
هميشه جي لاءِ انهيءَ جا وارث ٿيندا.‘“ 14 تڏهن خداوند پنهنجي
قوم تي اها آفت آڻڻ کان باز آيو، جنهن جو ارادو ڪيو هئائين.

## موسيٰ جو ڪاوڙجڻ

15 پوءِ موسيٰ موٽيو ۽ جبل تان هيٺ لهي آيو. خدا جي عهد جون
ٻئي تختيون سندس هٿن ۾ هيون، جيڪي ٻنهي پاسن کان لکيل
هيون. 16 ٻئي تختيون خدا جون ٺاهيل هيون. انهن تي جيڪي حڪم
لکيل هئا سي به خدا جا ئي لکيل هئا ۽ اهي تختين تي اُڪريل هئا.
17 جڏهن يشوع ماڻهن جي رڙين جو آواز ٻڌو تڏهن موسيٰ کي چيائين
ته ”خيمي‌گاهه ۾ جنگ جو آواز آهي.“ 18 تنهن تي موسيٰ وراڻيو
ته ”اهو آواز نه ته فتحمندن جي نعرن جو آهي ۽ نه وري شڪست
کائيندڙن جي دانهن جو، بلڪ جيڪو آواز آءٌ ٻڌان ٿو سو ڳائيندڙن
جو آهي.“ 19 موسيٰ جڏهن خيمي‌گاهه جي ويجهو آيو، تڏهن هن اهو
گابو ۽ ماڻهن جو ناچ ڏٺو. تنهن تي کيس ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ هن ٻئي
تختيون پنهنجي هٿن مان اڇلائي جبل جي تري وٽ ڀڃي ڇڏيون.
20 پوءِ جيڪو گابو هنن ٺاهيو هو سو ساڙي ڇڏيائين ۽ انهيءَ کي
پيهي اٽو ڪري پاڻيءَ ۾ وجهي، اهو پاڻي بني اسرائيل کي پياريائين.
21 موسيٰ هارون کي چيو ته ”هنن ماڻهن تو سان ڇا ڪيو هو جو تو
هنن کي اهڙي وڏي گناهه ۾ ڦاسائي ڇڏيو؟“ 22 هارون وراڻيو ته ”اي
آقا! مون تي ڪاوڙ نه ڪريو. اوهين هنن ماڻهن کان واقف آهيو، هنن
جو لاڙو هميشه بڇڙائيءَ ڏانهن آهي. 23 هنن مون کي چيو ته ’اسان
کي اهڙا ديوتا ٺاهي ڏي جيڪي اسان جي رهبري ڪن، ڇالاءِجو هي
شخص موسيٰ، جيڪو اسان کي مصر جي ملڪ مان ٻاهر ڪڍي آيو
آهي، خبر ناهي ته کيس ڇا ٿيو آهي.‘ 24 تڏهن مون هنن کي چيو ته
جنهن جنهن وٽ سون هجي سو اهو لاهي کڻي اچي. سو هنن اهو
مون کي آڻي ڏنو. مون اهو باهه ۾ وڌو ته هي گابو نڪري آيو.“
25 هاڻي جڏهن موسيٰ ڏٺو ته ماڻهو قابوءَ مان نڪري ويا آهن،
ڇالاءِجو هارون هنن کي ڇوٽ ڇڏي ڏنو هو ته ڀلي سندن دشمن مٿن

1:32 رس 40:7 4:32 1.با 28:12، رس 41:7 6:32 1.ڪر 7:10 11:32–14 ڳا 13:14–19 13:32 پيد 16:22–17، 8:17

نٽوليون ڪن، 26 تڏهن موسيٰ خيمي گاهہ جي در تي اچي بيٺو ۽ چوڻ
لڳو تہ ”جيڪو بہ خداوند جي پاسي آهي سو مون وٽ اچي.“ تڏهن
لاويءَ جي قبيلي جا سڀيئي ماڻهو اچي وٽس گڏ ٿيا. 27 موسيٰ کين
چيو تہ ”خداوند، بني اسرائيل جي خدا فرمايو آهي تہ اوهان مان
هر ڪو ماڻهو پنهنجي تلوار چيلهہ سان ٻڌي خيمي گاهہ ۾ در جي
اندر هر طرف گشت ڪري ۽ پنهنجي پنهنجي ڀاءُ، پنهنجي پنهنجي
دوست ۽ پنهنجي پنهنجي پاڙيسريءَ کي قتل ڪري.“ 28 لاويءَ جي
قبيلي وارن موسيٰ جي حڪم موجب ائين ئي ڪيو. سو انهيءَ ڏينهن
انهن ماڻهن مان ٽي هزار ماڻهو مارجي ويا. 29 پوءِ موسيٰ لاوي قبيلي
وارن کي چيو تہ ”اڄ اوهان پنهنجي پٽ ۽ پنهنجي ڀاءُ جي خلاف
ٿي پاڻ کي خداوند جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. اهو اڄ اوهان کي
برڪت ڏيندو.“

## موسيٰ جي سفارش

30 ٻئي ڏينهن تي موسيٰ ماڻهن کي چيو تہ ”اوهان تمام وڏو گناهہ
ڪيو آهي. سو هاڻي آءٌ خداوند وٽ مٿي چڙهي ٿو وڃان، انهيءَ لاءِ
تہ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ اوهان جي گناهہ جو ڪفارو ادا ڪريان.“
31 پوءِ موسيٰ موٽي خداوند وٽ آيو ۽ کيس چيائين تہ ”افسوس! هنن
ماڻهن وڏو گناهہ ڪيو آهي جو پنهنجي لاءِ سون جو ديوتا ٺاهيائون.
32 هاڻي جيڪڏهن تون سندن هي گناهہ معاف ڪرين تہ چڱو، جي
نہ، تہ آءٌ تو کي عرض ٿو ڪريان تہ جيڪو ڪتاب تو لکيو آهي
تنهن مان منهنجو نالو مٽائي ڇڏ.“ 33 پر خداوند موسيٰ کي وراڻيو
تہ ”جنهن منهنجو گناهہ ڪيو آهي، تنهن جو ئي نالو آءٌ پنهنجي
ڪتاب مان مٽائي ڇڏيندس. 34 هاڻي تون وڃ ۽ پنهنجيءَ قوم کي
انهيءَ جاءِ ڏانهن وٺي وڃ جيڪا مون تو کي ٻڌائي آهي ۽ منهنجو
ملائڪ تنهنجي اڳيان هلندو رهندو. پر جڏهن فيصلي جو ڏينهن ايندو
تڏهن انهن کي سندن گناهہ جي سزا آءٌ ڏيندس.“
35 سو خداوند ماڻهن تي انهيءَ سوني گابي ٺاهڻ واري گناهہ جي
ڪري آفت آندي، جيڪو هنن هارون کان ٺهرايو هو.

## سينا جبل وٽان هليو وڃڻ جو حڪم

33 1 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”روانا ٿيو. تون ۽
اهي سڀيئي ماڻهو، جن کي تون مصر جي ملڪ مان ٻاهر
ڪڍي آيو آهين، سي انهيءَ ملڪ ڏانهن وڃو جنهن بابت مون
ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب سان قسم کنيو هو تہ اهو آءٌ سندن
اولاد کي ڏيندس. 2 آءٌ اوهان جي اڳيان هڪڙو ملائڪ رهنمائيءَ لاءِ
موڪليندس. آءٌ ڪنعانين، امورين، حتين، فرزين، حوين ۽ يبوسين
کي لوڏي ڪيندس، 3 انهيءَ لاءِ تہ ان آسودي ۽ خوشحال ملڪ
۾ اوهين داخل ٿي سگهو. پر آءٌ پاڻ اوهان سان گڏ ڪين هلندس،
ڇالاءِجو اوهين ضدي ماڻهو آهيو، سو ائين نہ ٿئي جو آءٌ اوهان کي
رستي ۾ ئي ناس ڪري ڇڏيان.“
4 جڏهن ماڻهن اها هيبتناڪ خبر ٻڌي تڏهن ڏاڍا رنا ۽ رڙيا ۽
ڪنهن بہ ماڻهوءَ پاڻ کي نہ سينگاريو. 5 ان جو سبب هي هو تہ
خداوند موسيٰ کي فرمايو هو تہ ”بني اسرائيل کي منهنجو هي حڪم
ٻڌاءِ تہ ’جيئن تہ اوهين ضدي ماڻهو آهيو، سو جيڪڏهن آءٌ هڪڙو
لحظو بہ اوهان سان گڏ هلندس تہ اوهان کي ناس ڪري ڇڏيندس.
تنهنڪري هاڻي اوهين پنهنجو سينگار لاهي ڇڏيو، پوءِ آءٌ ڏسندس
تہ اوهان سان ڇا ڪريان.‘“ 6 سو بني اسرائيل سينا جبل وٽ ئي
پنهنجو سينگار لاهي روانا ٿيا.

## خدا سان ملاقات وارو تنبو

7 موسيٰ تنبو کڻائي خيمي گاهہ کان ٻاهر پرڀرو وڃي کوڙائيندو
هو. انهيءَ تنبوءَ جو نالو ”خدا سان ملاقات وارو تنبو“ رکيو هئائين.
جيڪو بہ ماڻهو خداوند جي مرضي معلوم ڪرڻ چاهيندو هو، سو
خيمي گاهہ کان ٻاهر انهيءَ تنبوءَ ڏانهن ويندو هو. 8 جڏهن موسيٰ
انهيءَ تنبوءَ ڏانهن ويندو هو تہ سڀيئي ماڻهو اُٿي پنهنجي پنهنجي
خيمي جي در تي بيهي موسيٰ جي پٺيان نهاريندا رهندا هئا، جيستائين
هو انهيءَ تنبوءَ ۾ گهڙي نہ ويندو هو. 9 پوءِ موسيٰ جڏهن تنبوءَ
۾ گهڙي ويندو هو تہ ڪڪر جو ٿنڀو لهي اچي تنبوءَ جي در تي
بيهندو هو ۽ خداوند موسيٰ سان ڳالهائيندو هو. 10 جڏهن سڀيئي
ماڻهو ڪڪر جو ٿنڀو تنبوءَ جي در تي بيهندو ڏسندا هئا تہ سمورا
ماڻهو پنهنجي پنهنجي خيمي جي در تي ئي انهيءَ کي سجدو ڪندا
هئا. 11 خداوند موسيٰ سان روبرو ائين ڳالهائيندو هو جيئن ڪو ماڻهو
پنهنجي دوست سان ڳالهائيندو آهي. پوءِ موسيٰ موٽي خيمي گاهہ ۾
ايندو هو. پر سندس خدمتگار يشوع ولد نون، جيڪو هڪڙو نوجوان
ماڻهو هو سو انهيءَ تنبوءَ جي اندر ئي رهندو هو.

## موسيٰ ۽ خداوند جو جلوو

12 موسيٰ خداوند کي چيو تہ ”بيشڪ تو مون کي چيو آهي تہ ’هنن
ماڻهن کي وٺي هل.‘ پر تو مون کي اهو ڪونہ ٻڌايو آهي تہ مون
سان گڏ ڪنهن کي موڪليندين، جيتوڻيڪ تو ائين بہ فرمايو آهي تہ
’آءٌ تو کي نالي سان سڃاڻان ٿو،‘ ۽ ’منهنجي مهربانيءَ جي نظر تو
تي آهي.‘ 13 سو منهنجو عرض آهي تہ جيڪڏهن تنهنجي مهربانيءَ
جي نظر مون تي آهي تہ هاڻي مون کي پنهنجي راهہ ڏيکار، تہ جيئن
آءٌ تنهنجي خدمت ڪندو رهان ۽ تنهنجي مهربانيءَ جي نظر مون تي
هميشہ رهي. اهو خيال پڻ رک تہ هيءَ قوم تنهنجي ئي آهي.“
14 تڏهن خداوند فرمايو تہ ”آءٌ تو سان گڏ هلندس ۽ تو کي آرام
ڏيندس.“ 15 موسيٰ چيس تہ ”جيڪڏهن تون ساڻ نہ ٿو هلين تہ پوءِ

32:32 زب 28:69، مڪا 5:3   1:33 پيد 7:12، 3:26، 13:28

اسان کي هتان اڳتي نہ وٺي هل. 16 هن ڪري جو پوءِ اها خبر ڪيئن
پوندي تہ تنهنجي مهربانيءَ جي نظر مون تي ۽ تنهنجي قوم تي
آهي؟ اها خبر انهيءَ ڳالهہ مان ئي پوندي جو تون اسان سان گڏ
هلندو رهين، تہ جيئن آءٌ ۽ تنهنجي قوم سڄيءَ دنيا جي قومن کان
ڌار ليکجون.” 17 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”آءٌ ائين بہ
ڪندس جيئن تون چوين ٿو، ڇالاءِ جو منهنجي مهربانيءَ جي نظر تو
تي آهي ۽ آءٌ تو کي نالي سان سڃاڻان ٿو.”
18 تنهن تي موسيٰ چيس تہ ”پلا مون کي پنهنجو جلوو ڏيکار.”
19 خداوند وراڻي ڏنس تہ ”آءٌ پنهنجي ساري ڀلائي تنهنجي اڳيان
ظاهر ڪندس. آءٌ تنهنجي ئي اڳيان پنهنجي نالي خداوند جو اعلان
ڪندس. جنهن تي فضل ڪرڻو هوندم تنهن تي فضل ڪندس ۽ جنهن
تي رحم ڪرڻو هوندم تنهن تي رحم ڪندس. 20 پر تون منهنجو
منهن ڏسي ڪين سگهندين، ڇالاءِ جو اهڙو ڪوبہ انسان ڪونهي،
جيڪو مون کي ڏسي ۽ جيئرو رهي.” 21 پوءِ خداوند چيس تہ ”اجها،
هيءَ جاءِ منهنجي ويجهو ئي آهي، تون انهيءَ ٽڪريءَ تي اچي بيهہ.
22 جنهن وقت منهنجو جلوو اتان لنگهندو تنهن وقت آءٌ تو کي انهيءَ
ٽڪريءَ جي ڦاٽ ۾ لڪائي رکندس. جيستائين آءٌ لنگهي نہ وڃان
تيستائين پنهنجي هٿ سان تو کي ڍڪي ڇڏيندس. 23 پوءِ جڏهن آءٌ
پنهنجو هٿ هٽائيندس تہ تون منهنجي پٺ ڏسندين، ڇالاءِ جو منهنجو
منهن نہ ڏسجي.”

## عهد واريون نيون تختيون

(شريعت جو دور 10:1–5)

34 1 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”پنهنجي لاءِ اڳين
تختين جهڙيون پٿر جون ٻيون بہ تختيون گهڙائي تيار ڪر.
آءٌ انهن تي اهي ڳالهيون لکندس جيڪي اڳين تختين تي لکيل هيون،
جن کي تو ڀڃي ڇڏيو. 2 صبح جو سوير تيار ٿي سينا جبل تي چڙهي
اچج. اُتي جبل جي چوٽيءَ تي منهنجي اڳيان اچي حاضر ٿج. 3 تو
سان گڏ ٻيو ڪوبہ مٿي نہ چڙهي. ڪوبہ ماڻهو ساري جبل تي ڏسڻ
۾ نہ اچي، ايتري قدر جو انهيءَ جبل جي اڳيان رڍون ٻڪريون ۽ ڍور
ڍڳا بہ نہ چرن.” 4 سو موسيٰ اڳين تختين جهڙيون پٿر جون ٻيون بہ
تختيون گهڙي تيار ڪيون. جيئن خداوند ڪيس فرمايو هو، تيئن هو
ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اٿيو ۽ اُهي پٿر جون تختيون پنهنجي هٿن
۾ کڻي سينا جبل تي چڙهي ويو.

5 جڏهن خداوند ڪڪر ۾ هيٺ لهي آيو ۽ موسيٰ سان اچي گڏ
بيٺو تڏهن پنهنجو نالو *”خداوند“ ٻڌايائين. 6 خداوند موسيٰ جي
اڳيان هيئن چوندي لنگهيو تہ
”آءٌ خداوند آهيان، هائو، اهو خداوند،
جيڪو رحمان ۽ رحيم خدا آهي،
لافاني شفقت ۽ وفا سان ڀرپور ۽ ڪاوڙ ڪرڻ ۾ بلڪل ڍرو.
7 آءٌ هزارين پيڙهين تائين لافاني شفقت ڪرڻ وارو آهيان.
بيشڪ آءٌ بڇڙائيءَ، خطا ۽ گناهہ جو بخشيندڙ آهيان،
پر ڏوهارين کي آءٌ انصاف کان ڀڄي نڪرڻ نہ ڏيندس.
آءٌ ابن ڏاڏن جي بدڪارين جي سزا
سندن اولاد کي ٽين ۽ چوٿين پيڙهيءَ تائين ڏيندس.”

8 تڏهن موسيٰ تڪڙو ٿي زمين تي سر جهڪائي سجدو ڪيو. 9 هو
چوڻ لڳو تہ ”اي منهنجا رب! جيڪڏهن سچپچ تنهنجي مهربانيءَ
جي نظر مون تي آهي تہ پوءِ اي مالڪ! منهنجو عرض آهي تہ تون
اسان سان گڏجي هل، ڇالاءِ جو هي ماڻهو ضدي آهن. تون اسان جا
گناهہ ۽ خطائون معاف ڪر ۽ اسان کي پنهنجي ميراث بڻائي قبول
ڪر.”

## نئين سِر عهد ڪرڻ

(خروج 23:14–19، شريعت جو دور 7:1–5، 16:1–17)

10 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”اج آءٌ پوري قوم سان
هڪ عهد ڪندس ۽ تنهنجي سڄيءَ قوم جي اڳيان اهڙا معجزا
ڏيکاريندس، جيڪي ساريءَ دنيا ۾ ڪنهن بہ قوم ۾ ڪڏهن ڪونہ
ڪيا ويا آهن. اوهان جي واسطي جيڪي هيبتناڪ ڪم آءٌ خداوند
ڪندس، سي اهي سڀ قومون ڏسي ڏڄي وينديون جن ۾ اوهين رهو
ٿا. 11 جيڪي حڪم آءٌ اوهان کي اڄ ڏيان ٿو تن تي عمل ڪجو.
ڏسو، آءٌ امورين، ڪنعانين، حتين، فرزين، حوين ۽ يبوسين کي اوهان
جي اڳيان سندن ملڪ مان لوڌي ٿو ڪڍان. 12 خبردار، جنهن ملڪ ۾
اوهين وڃو ٿا تنهن جي رهاڪن سان ڪوبہ عهد نہ ڪجو، متان اهو
اوهان لاءِ ڦندو بڻجي پوي. 13 بلڪ اوهين هنن جي قربان‌گاهن کي
ڊاهي ڇڏجو، هنن جا ٿنڀي جيان کوڙيل پوڄا وارا پٿر ڪيرائي ٽڪرا
ٽڪرا ڪري ڇڏجو ۽ هنن جون يسيره نالي مورتيون وڍي ڇڏجو.
14 اوهين ڪنهن بہ ٻئي معبود کي سجدو نہ ڪجو، ڇالاءِ جو
آءٌ خداوند، جنهن جو نالو غيور آهي، سو غيرت وارو خدا آهيان.
15 خبردار، اوهان انهيءَ ملڪ جي رهاڪن سان ڪو عهد نہ ڪجو.

*”خداوند“: عبراني ٻوليءَ ۾ هي خدا جو پاڪ نالو سمجهيو وڃي ٿو، جنهن لاءِ بائيبل جي هن سنڌي ترجمي ۾ اڪثر ڪري لفظ ”خداوند“ استعمال ڪيو وڃي ٿو.
انهيءَ جو واسطو ڪنهن ٻئي عبراني لفظ سان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”آءٌ آهيان“. سو انهيءَ پاڪ نالي جو مطلب گهڻو ڪري هي آهي تہ ”آءٌ آهيان ئي آهيان“ يا
”آءٌ هوندس ئي هوندس“ يا ”آءٌ اهو آهيان جيڪو هر شيءِ کي وجود ۾ آڻيان ٿو.“

19:33 رو 15:9 5:34 خر 14:3 6:34–7 خر 5:20–6، ڳا 18:14، شر 9:5–10، 9:7–10 13:34 شر 21:16

چالاڪِجو جڏهن اهي پنهنجن معبودن جي پنيان لڳي بدڪاري ڪن ۽
پنهنجن ديوتائن جي لاءِ قرباني ڪن، تہ متان انهن مان ڪو اوهان
کي دعوت ڏئي ۽ اوهين انهن جي قربانيءَ منجهان ڪجهہ کائو.
16 متان اوهان انهن جي ڌيئرن مان ڪي پنهنجن پٽن سان پرڻايو ۽
اهي ڇوڪريون پنهنجن معبودن جي پنيان لڳي بدڪاري ڪن ۽ اوهان
جي پٽن کي بہ پنهنجن معبودن جي پنيان لڳائي بدڪار ٺهرائين.
17 اوهين پنهنجي لاءِ ڌاتوءَ مان پلتيل معبود نہ ٺاهجو.
18 اوهين بيخميري مانيءَ جي عيد ڪندا رهجو. جيئن مون اوهان
کي حڪم ڏنو آهي تيئن ابيب مهيني ۾ مقرر ڪيل وقت تي ست
ڏينهن اوهين جيڪا ماني کائو تنهن ۾ خمير بلڪل نہ هجي، چالاڪِجو
ابيب مهيني ۾ اوهين مصر مان ٻاهر نڪتا هئا. 19 سڀيئي پهريتا
منهنجا آهن. اوهان جي چوپائي مال مان ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين
جا پهريتا نر ٻچا منهنجا آهن. 20 اوهين گڏهہ جي پهرئين ٻچي جي
عيوض ۾ هڪڙو گهيٽو يا ڇيلو ڏجو. جيڪڏهن اوهان انهيءَ جو
عيوض ڏيڻ نہ چاهيو تہ پوءِ انهيءَ جو ڪنڌ ڀڃي ڇڏجو. پر اوهين
پنهنجن سڀني پهريتن پٽن جو عيوض ضرور ڏجو. ڪوبہ مون وٽ
خالي هٿين نہ اچي.
21 ڇهہ ڏينهن اوهين پنهنجو ڪم ڪار ڪندا رهجو پر ستين ڏينهن
آرام ڪجو، پوءِ اهو هر ڪاهڻ يا لاباري ڪرڻ جو وقت ڇو نہ هجي.
22 اوهين ڪڻڪ جي پهرئين لاباري وقت لاباري جي عيد ۽ سال جي
پڇاڙيءَ ۾ تنبن واري عيد ملهائجو. 23 سال ۾ انهن ٽنهي موقعن تي
اوهان جا سڀ مرد، مون خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي حضور ۾
اچي حاضر ٿين. 24 آءٌ قومن کي اوهان جي ملڪ مان لوڌي ڪيندس
۽ اوهان جون حدون وڌائيندس. جڏهن اوهين سال ۾ اهي ٽي دفعا
مون پنهنجي خداوند خدا جي آڏو حاضر ٿيڻ لاءِ عبادت گاهہ ۾ ايندا،
تڏهن ڪوبہ ماڻهو اوهان جي زمين جي لالچ نہ ڪندو.
25 اوهين منهنجي واسطي ڪيل جانور جي قربانيءَ واري رت سان
خميري ماني گڏي نذراني طور پيش نہ ڪجو. اوهين فصح جي عيد
واري جانور جي قربانيءَ مان صبح تائين ڪجهہ بہ بچائي نہ رکجو.
26 هر سال اوهين پنهنجيءَ زمين جي پيدائش مان پهريون ڦل مون
خداوند پنهنجي خدا جي گهر ۾ آڻجو.
اوهين ڇيلي کي سندس ماءُ جي کير ۾ نہ پچائجو.“
27 پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”اهي ڳالهيون تون پاڻ لکي
ڇڏ، چالاڪِجو انهن ئي ڳالهين موجب مون تو سان ۽ بني اسرائيل
سان عهد ڪيو آهي.“ 28 موسيٰ خداوند وٽ چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ
راتيون رهيو، پر اتي نڪي ماني کاڌائين ۽ نہ پاڻي پيتائين. اتي هن
ٻنهي تختين تي انهيءَ عهد واريون ڳالهيون يعني ڏهہ حڪم لکيا.

## موسيٰ جو سينا جبل تان هيٺ اچڻ

29 موسيٰ جڏهن اهي ٻئي عهد واريون تختيون پنهنجي هٿ ۾
کڻي سينا جبل تان هيٺ لٿو پئي، تڏهن کيس اها خبر ڪانہ هئي
تہ خداوند سان ڳالهيون ڪرڻ جي ڪري سندس منهن چمڪي رهيو
آهي. 30 جڏهن هارون ۽ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن موسيٰ ڏانهن
نهاريو ۽ ڏٺائون تہ سندس منهن چمڪي رهيو آهي، تڏهن اهي سندس
ويجهو وڃڻ کان ڊڄي ويا. 31 تنهن تي موسيٰ کين سڏ ڪيو تہ هارون
۽ سڀ اڳواڻ وٽس وڏي آيا. پوءِ موسيٰ ساڻن ڳالهيون ڪرڻ لڳو.
32 ان کان پوءِ سمورا بني اسرائيل موسيٰ جي ويجهو آيا تہ موسيٰ کين
انهن سڀني ڳالهين جو حڪم ڏنو، جيڪي خداوند سينا جبل تي ساڻس
ڪيون هيون. 33 جڏهن موسيٰ انهن سان ڳالهيون ڪري بس ڪئي
تڏهن پنهنجي منهن تي نقاب وجهي ڇڏيائين. 34 پوءِ جڏهن موسيٰ
خداوند سان ڳالهائڻ لاءِ خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ داخل ٿيندو
هو تہ نقاب لاهي ڇڏيندو هو. جيڪو حڪم کيس ملندو هو سو ٻاهر
اچي بني اسرائيل کي ٻڌائيندو هو. 35 بني اسرائيل موسيٰ جي منهن
ڏانهن نهاريندا هئا تہ هنن کي سندس منهن چمڪندڙ نظر ايندو هو.
تنهنڪري موسيٰ جيستائين خدا سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ وري اندر نہ
ويندو هو، تيستائين پنهنجي منهن تي نقاب وجهي ڇڏيندو هو.

## سبت لاءِ قاعدا

35 1 پوءِ موسيٰ بني اسرائيل جي ساريءَ قوم کي گڏ ڪري
کين چيو تہ ”جن ڳالهين جي ڪرڻ جو خداوند حڪم ڏنو
آهي سي هي آهن تہ 2 ڇهہ ڏينهن اوهين پنهنجو ڪم ڪار ڪريو.
پر ستون ڏينهن اوهان جي لاءِ پاڪ ڏينهن ٿيندو ڇوتہ اهو آرام وارو
ڏينهن خداوند لاءِ وقف ٿيل سبت آهي. جيڪو انهيءَ ڏينهن ڪو ڪم
ڪندو سو ماريو ويندو. 3 سبت جي ڏينهن اوهين پنهنجن گهرن ۾
باهہ نہ ٻارجو.“

## مقدس خيمي لاءِ نذرانا
(خروج 25:1–9)

4 موسيٰ بني اسرائيل کي چيو تہ ”جنهن ڳالهہ تي عمل ڪرڻ
لاءِ خداوند حڪم ڏنو آهي سا هيءَ آهي تہ 5 اوهين پنهنجي ملڪيت
مان خداوند جي لاءِ نذرانو کڻي اچو. اوهان مان جيڪو بہ ماڻهو
خداوند جي لاءِ نذرانو آڻي سو پنهنجي دل جي خوشي ۽ فراخدليءَ
سان هي آڻي: سون، چاندي، پتل، 6 آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي
رنگ جا ڌاڳا، سنهي وٽيل سٽيءَ جو ڪپڙو، ڌاس، 7 گهٽن جون

ڳاڙهيون رڱيل کلون، ڊالفن دريائي جانور جون کلون ۽ ٻٻر جو ڪاٺ،
8 ڏيئن لاءِ تيل ۽ مسح ڪرڻ جي تيل ۽ لوبان لاءِ خوشبودار مصالحا،
9 مذهبي فراڪ ۽ سينابند ۾ جڙڻ لاءِ سليماني پٿر ۽ هيرا جواهر.

## مقدس خيمي جو سامان
(خروج 39:32–43)

10 اوهان ۾ جيڪي ڪاريگر ماڻهو آهن، سي سڀ اچي اهي شيون
ٺاهين جن جو خداوند حڪم ڏنو آهي، 11 يعني مقدس خيمو ۽ انهيءَ
جو هي سامان: خيمي جي قنات ۽ پال، انهيءَ جا ٻہ غلاف، انهيءَ
جا ڪنڊا، فريم، گز، ٿنڀا ۽ پاوا، 12 عهد واري صندوق ۽ انهيءَ
جون ٻانهيون، صندوق جو رحمت جو پوش ۽ مقدس ترين جاءِ جو
پردو، 13 ميز ۽ انهيءَ جون ٻانهيون، انهيءَ جا سڀ ٿانوَ ۽ نذراني
وارا روٽ، 14 روشنيءَ لاءِ شمعدان، انهيءَ جا ٿانوَ، انهيءَ جا ڏيئا
۽ ڏيئن ٻارڻ لاءِ تيل، 15 لوبان ساڙڻ واري قربانگاهہ ۽ انهيءَ جون
ٻانهيون، مسح ڪرڻ جو تيل، خوشبودار لوبان ۽ مقدس جاءِ جي
دروازي جو پردو، 16 ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ قربانگاهہ، انهيءَ لاءِ
پتل جو آتشدان ۽ ان جون ٻانهيون، ان جا سڀ ٿانوَ، حوض ۽ انهيءَ
جي گهوڙي، 17 اڱڻ جي قنات ۽ انهيءَ جا ٿنڀا پاون سميت ۽ اڱڻ
جي دروازي جو پردو، 18 مقدس خيمي ۽ سندس اڱڻ جي قناتن لاءِ
ڪليون ۽ انهن جا رسا، 19 مقدس جاءِ ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ عمدا ٺاهيل
ڪپڙا، يعني هارون ڪاهن لاءِ خاص پوشاڪ ۽ سندس پٽن لاءِ خاص
پوشاڪون، تہ جيئن اهي ڪاهن ٿي خدمت ڪن.“

## ماڻهن جو نذرانا آڻڻ

20 پوءِ سڀيئي ماڻهو موسيٰ وٽان هليا ويا. 21 انهن مان جن جي دلين
کين شوق ڏياريو سي خدا سان ملاقات واري خيمي جي ڪم لاءِ،
انهيءَ جي هر قسم جي خدمت لاءِ ۽ ڪاهنن جي خاص پوشاڪن لاءِ
خداوند جي حضور ۾ نذرانو ڪٺي آيا. 22 انهن مان مردن ۽ عورتن،
جن جي دل چاهيو سي ڳچيءَ ۽ ڪنن جا زيور، منڊيون، ڪنگڻ ۽ سڀ
سون جا زيور ڪٺي آيا، مطلب تہ جيڪي آيا سي سڀ خداوند جي لاءِ
سون جو نذرانو ڪٺي آيا. 23 جن ماڻهن وٽ آسماني، واڱڻائي يا لال
ڳاڙهي رنگ جو ڌاڳو يا سنهي سٽيءَ جو ڪپڙو، ٻڪرين جي ڌاس،
گهٽن جون ڳاڙهيون رڱيل کلون يا ڊالفن دريائي جانور جون کلون
هيون، سي اهي ڪٺي آيا. 24 جيڪي ماڻهو نذراني ۾ چاندي ۽ پتل ڏئي
ٿي سگهيا، سي خداوند لاءِ اهي ئي نذرانو ڪٺي آيا. جن وٽ ڪم اچڻ
جهڙو ٻٻر جو ڪاٺ هو سي اهو ڪٺي آيا. 25 جيڪي عورتون هنرمند
هيون سي پنهنجن هٿن سان آسماني، واڱڻائي يا لال ڳاڙهي رنگ جو
سٽ، سنهي سٽي 26 ۽ ٻڪرين جي ڌاس ڪتي تيار ڪري ڪٺي آيون.
27 جيڪي اڳواڻ هئا سي مذهبي فراڪ ۽ سينابند ۾ جڙڻ لاءِ سليماني
پٿر ۽ هيرا جواهر ڪٺي آيا. 28 انهن روشنيءَ ۽ مسح ڪرڻ جي لاءِ تيل
۽ مسح ڪرڻ جي تيل لاءِ ۽ خوشبودار لوبان لاءِ مصالحا بہ آندا.
29 اهڙيءَ طرح بني اسرائيل جي سڀني مردن ۽ عورتن، جن جي دل
چاهيو سي پنهنجي خوشيءَ سان خداوند جي لاءِ، انهن ڪمن واسطي
نذرانو ڪٺي آيا، جن جي ڪرڻ جو خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو.

## مقدس خيمي لاءِ ڪاريگر
(خروج 31:1–11)

30 موسيٰ بني اسرائيل کي چيو تہ ”ياد رکو، خداوند يهوداہ قبيلي
مان اوريءَ جي پٽ ۽ حور جي پوٽي بضلايل کي چونڊيو آهي.
31 انهيءَ کي دانائيءَ، سمجهہ، علم ۽ هر قسم جي ڪاريگريءَ
۾ خدا جي روح سان ڀرپور ڪري ڇڏيو آهي، 32 انهيءَ لاءِ تہ هو
ڪاريگريءَ جا ڪم رٿي ۽ سون، چانديءَ ۽ پتل جون شيون ٺاهي،
33 هيرن جواهرن کي جڙڻ لاءِ گهڙي تيار ڪري ۽ ڪاٺ کي اُڪري.
مطلب تہ هو هر قسم جي ڪاريگريءَ جو ڪم ڪري. 34 خداوند هن
کي ۽ دان جي قبيلي مان احيسمڪ جي پٽ اهلياب کي هنر سيکارڻ
جي قابليت عطا ڪئي آهي. 35 هن ٻنهي جي دلين ۾ دانائي ڀري
ڇڏي آهي تہ جيئن هو ٻئي هر قسم جي ڪاريگريءَ جو ڪم ڪن،
يعني اُڪر واري جو، ماهر نقاش جو، ڀرت جو ڪم ڪندڙ جو، جيڪو
آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جي ڌاڳن جو ۽ سنهي سٽيءَ
جي ڪپڙي تي ڀرت جو ڪم ڪري ٿو ۽ ڪپڙن اُڻڻ واري جو. مطلب
تہ اهي هر قسم جي ڪاريگريءَ جو ڪم ڪري نيون شيون رٿي تيار
ڪن.

36 1 سو بضلايل، اهلياب ۽ ٻيا سڀيئي ڪاريگر ماڻهو، جن
کي خداوند دانائي ۽ سمجهہ عطا ڪئي هئي، سي مقدس
خيمي جي ڪم جي سموري ڪاريگريءَ کي سمجهي خداوند جي
حڪم موجب ڪم ڪندا.“

2 پوءِ موسيٰ بضلايل، اهلياب ۽ انهن سڀني ماڻهن کي پاڻ وٽ
سڏيو جن کي خداوند دانائي عطا ڪئي هئي، يعني انهن سڀني کي
جن جي دلين ۾ ڪم ڪرڻ جي ترغيب پيدا ٿي. 3 تڏهن هنن اهي
سڀيئي نذراني واريون شيون، جيڪي بني اسرائيل مقدس خيمي جي
بنائڻ لاءِ آنديون هيون سي موسيٰ کان ورتيون. ماڻهو انهيءَ کان
پوءِ بہ هر روز صبح جو پنهنجي مرضيءَ سان نذرانا آڻيندا رهيا.
4 تڏهن اهي ڪاريگر، جن مقدس خيمي جي ٺاهڻ جو ڪم ٿي ڪيو،
تن موسيٰ کي اچي چيو تہ 5 ”جنهن ڪم پوري ڪرڻ جو خداوند
حڪم ڏنو آهي، ماڻهو انهيءَ جي ضرورت کان وڌيڪ شيون آڻي
رهيا آهن.“ 6 تڏهن موسيٰ حڪم ڏنو تہ خيميگاهہ ۾ پڙهو گهمايو
وڃي تہ هاڻي ڪوبہ مرد يا عورت مقدس خيمي جي نذراني جي لاءِ
وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آڻي. تنهن کان پوءِ ماڻهن نذراني آڻڻ کان بس
ڪئي. 7 هن ڪري جو جيڪي شيون آنديون ويون هيون سي سموري
ڪم پوري ڪرڻ لاءِ ڪافي بلڪ وڌيڪ هيون.

## مقدس خيمي جي قنات ۽ پال
(خروج 26:1–6)

8 سو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪي هوشيار ڪاريگر هئا، تن هٿان
مقدس خيمي جي قنات ۽ پال لاءِ سنهي وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي جا
ڏهه پردا ٺاهيا ويا، جن ۾ آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جا
ڌاڳا هئا. انهن تي پردار آسماني مخلوق جون شڪليون اُڻيون ويون.
9 هر هڪ پردي جي ڊيگهه ٻارهن ميٽر ۽ ويڪر ٻه ميٽر هئي. سڀيئي
پردا هڪڙيءَ ئي ماپ جا هئا. 10 پنج پردا ويڪر ۾ هڪ ٻئي سان
ڳنڍيا ويا ۽ ساڳيءَ طرح ٻيا پنج پردا به ويڪر ۾ هڪ ٻئي سان
ڳنڍيا ويا. 11 ڊيگهه واري پاسي کان جتي اهي ٻئي وڏا پردا ڳنڍيا
هئا اتي هڪڙي وڏي پردي جي ڪناري تي آسماني رنگ جي ڌاڳن
جا سوراخ ٺاهيا ويا. ساڳيءَ طرح ٻئي وڏي پردي جي ڪناري تي
به اهڙا سوراخ ٺاهيا ويا. 12 پنجاهه سوراخ هڪڙي وڏي پردي جي
ڪناري تي ۽ پنجاهه ٻئي وڏي پردي جي ڪناري تي ٺاهيا ويا. ٻنهي
پردن جا سوراخ هڪ ٻئي جي سامهون هئا. 13 سون جا پنجاهه ڪنڊا
ٺاهيا ويا. انهن ڪنڊن سان پردا هڪ ٻئي سان ڳنڍيا ويا. اهڙيءَ طرح
مقدس خيمي جي قنات ۽ پال هيڪاندي نهي تيار ٿي وئي.

## مقدس خيمي جو ڍڪ
(خروج 26:7–14)

14 پوءِ مقدس خيمي جي مٿان ڍڪ ٺاهڻ لاءِ ٻڪرين جي ڏاس جا
يارهن پردا ٺاهيا ويا. 15 هر هڪ پردي جي ڊيگهه تيرهن ميٽر ۽ ويڪر
ٻه ميٽر هئي. يارهن ئي پردا هڪڙيءَ ماپ جا هئا. 16 پنج پردا ويڪر
۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍي هڪ ٽڪرو ٺاهيو ويو ۽ باقي ڇهه پردا ويڪر
۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍي هڪ ٻيو ٽڪرو ٺاهيو ويو. 17 انهن ٻنهي
وڏن ٽڪرن کي ڊيگهه واري پاسي کان هڪ هڪ ڪناري تي پنجاهه
پنجاهه سوراخ ٺاهيا ويا. 18 پوءِ پتل جا پنجاهه ڪنڊا ٺاهيا ويا ته
جيئن ڍڪ کي ڳنڍي هڪ ڪري ڇڏجي. 19 ڍڪ لاءِ هڪڙو غلاف
گهٽن جي ڳاڙهين رنڱيل کلن جو ٺاهيو ويو، تنهن جي مٿان لاءِ وري
ٻيو غلاف ڊالفن دريائي جانور جي کلن جو ٺاهيو ويو.

## مقدس خيمي جا فريم
(خروج 26:15–30)

20 پوءِ خيمي جي واسطي اُڀا ڪري بيهارڻ لاءِ ٻٻر جي ڪاٺ جا
فريم ٺاهيا ويا. 21 هر هڪ فريم جي ڊيگهه ڏهه هٿ ۽ ويڪر ڏيڍ
هٿ هئي. 22 هر هڪ فريم کي ٻئي فريم سان ڳنڍڻ لاءِ هڪ ٻئي
جي سامهون ٻه ٻه چوڙون ٺاهيون ويون. خيمي جي سڀني فريمن
۾ اهڙيون چوڙون ٺاهيون ويون. 23 انهن مان ويهه فريم خيمي جي
ڏاکڻي پاسي کوڙڻ لاءِ ٺاهيا ويا. 24 انهن ويهن فريمن جي هيٺان رکڻ
لاءِ چانديءَ جا چاليهه پاوا ٺاهيا ويا، يعني هر فريم جي ٻنهي چوڙن
جي هيٺان ٻه پاوا. 25 خيمي جي ٻئي پاسي اتر طرف به ويهه فريم
ڪوڙڻ لاءِ ٺاهيا ويا. 26 انهن جي لاءِ چانديءَ جا چاليهه پاوا ٺاهيا
ويا، هر هڪ فريم جي هيٺان ٻه پاوا.
27 خيمي جي پٺئين پاسي اولهه طرف ڇهه فريم ڪوڙڻ لاءِ ٺاهيا
ويا. 28 ٻه فريم خيمي جي پٺئين پاسي جي ڪنڊن ۾ ڪوڙڻ لاءِ ٺاهيا
ويا. 29 اهي هيٺان کان چوٽيءَ تائين ٻٽا هئا ۽ هڪڙي ئي ڪڙي ۾
ڳنڍيا ويا هئا. اهڙيءَ طرح ٻنهي ڪنڊن ۾ ٻئي هڪجهڙا فريم ڪوڙڻ
لاءِ ٺاهيا ويا. 30 سو مقدس خيمي جي پٺئين پاسي لاءِ جملي اٺ
فريم هئا، جن جي لاءِ چانديءَ جا سورهن پاوا هئا يعني هر هڪ
فريم جي هيٺان ٻه پاوا.
31 مقدس خيمي جي اتر ۽ ڏکڻ وارن فريمن لاءِ ٻٻر جي ڪاٺ جا
پنج پنج گز ٺاهيا ويا. 32 پنج گز خيمي جي اولهه واري يعني پٺئين
پاسي جي فريمن لاءِ ٺاهيا ويا. 33 انهن ٽنهي پاسن جي فريمن جي وچ
وارو گز اهڙي نموني ٺاهيو ويو جيڪو هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي
تائين هو. 34 فريمن تي سون جو پٽ چاڙهيو ويو، گزن جي جاين لاءِ
سون جا ڪڙا ٺاهيا ويا ۽ گزن تي به سون جو پٽ چاڙهيو ويو.

## مقدس ترين جاءِ جو پردو
(خروج 26:31–33)

35 سنهي وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي، جنهن ۾ آسماني، واڱڻائي ۽ لال
ڳاڙهي رنگ جا ڌاڳا هئا، تنهن مان هڪڙو پردو ٺاهيو ويو، جنهن تي
ماهر ڪاريگر جي هٿان پردار آسماني مخلوق جون شڪليون به اُڻيل
هيون. 36 انهيءَ کي ٽنگڻ لاءِ ٻٻر جا چار ٿنڀا ٺاهيا ويا ۽ انهن تي
سون جو پٽ چاڙهيو ويو. ٿنڀن تي سون جا ڪنڊا لڳايا ويا ۽ چانديءَ
کي پلٽي ٿنڀن لاءِ چار پاوا ٺاهيا ويا.

## مقدس خيمي جي در وارو پردو
(خروج 26:36–37)

37 خيمي جي در جي لاءِ سنهي وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي، جنهن ۾
آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جا ڌاڳا هئا تنهن مان هڪڙو
پردو ٺاهيو ويو، جيڪو ڪاريگريءَ سان اُڻيل هو. 38 انهيءَ پردي لاءِ
پنج ٿنڀا، ڪنڊن سميت ٺاهيا ويا. انهن ٿنڀن جي چوٽين ۽ سيخن تي
سون جو پٽ چاڙهيو ويو. انهن ٿنڀن جي لاءِ پتل جا پنج پاوا ٺاهيا ويا.

## عهد واري صندوق ٺاهڻ
(خروج 25:10–22)

37 1 بصل‌ايل ٻبر جي ڪاٺ جي صندوق ٺاهي، جنهن جي
ڊيگهه اڍائي هٿ، ويڪر ڏيڍ هٿ ۽ اوچائي به ڏيڍ هٿ هئي.
2 هن انهيءَ کي اندران ۽ ٻاهران نج سون جو پٽ چاڙهيو ۽ انهيءَ
جي مٿان چوڌاري سون جو ڇٽ رکيائين. 3 سون جا چار پلتيل ڪڙا
ٺاهي انهيءَ جي چئن ئي پاون تي هٽي ڇڏيائين، ٻه ڪڙا هڪڙي پاسي

۽ ٻہ ڪڙا ٻئي پاسي. 4 هن ٻبر جي ڪاٺيءَ جون ٻہ ٻانهيون ٺاهيون
۽ انهن تي ٻہ سون جو پٽ چاڙهيائين. 5 اهي ٻانهيون صندوق جي
کڻڻ لاءِ انهيءَ جي ٻنهي پاسن وارن ڪڙن ۾ وڌائين. 6 هن صندوق
کي ڍڪڻ لاءِ رحمت جو پوش نج سون جو ٺاهيو، جنهن جي ڊيگهہ
اڍائي هٿ ۽ ويڪر ڏيڍ هٿ هئي. 7 هن سون کي گهڙي رحمت جي
پوش جي ٻنهي ڇيڙن تي پردار آسماني مخلوق جا ٻہ مجسما ٺاهيا.
8 هڪڙو مجسمو هڪڙي ڇيڙي تي ۽ ٻيو مجسمو ٻئي ڇيڙي تي هو.
هن اهي ٻئي مجسما رحمت جي پوش واري ساڳئي ٽڪري مان ٺاهيا.
9 انهن مجسمن جا پر رحمت جي پوش جي مٿان پکڙيل هئا. سندن
منهن هڪ ٻئي جي سامهون رحمت جي پوش ڏانهن هئا.

## نذراني وارن روٽن لاءِ ميز
(خروج 25:23–30)

10 پوءِ بصل‌ايل ٻبر جي ڪاٺ جي ميز بہ ٺاهي، جنهن جي ڊيگهہ
ٻہ هٿ، ويڪر هڪ هٿ ۽ اوچائي ڏيڍ هٿ هئي. 11 هن انهيءَ تي نج
سون جو پٽ چاڙهيو ۽ انهيءَ جي چوڌاري سون جو ڇٽ ٺاهيائين.
12 ميز جي چوڌاري چار آڱر اُڀي ڪناري بہ ٺاهيائين. انهيءَ ڪناريءَ
مٿان بہ چئني پاسن تي سون جو ڇٽ ٺاهيائين. 13 هن انهيءَ جي لاءِ
سون جا چار پلٽيل ڪڙا ٺاهيا. اهي ڪڙا ميز جي چئن ئي پاون تي هٽي
جڙيائين. 14 اهي ڪڙا ڪناريءَ جي ويجهو هئا، انهيءَ لاءِ تہ انهن
۾ ٻانهيون وجهي ميز کي کڻي سگهجي. 15 هن ميز جي کڻڻ لاءِ ٻبر
جي ڪاٺيءَ جون ٻانهيون ٺاهيون ۽ انهن تي سون جو پٽ چاڙهيائين.
16 هن ميز تي رکڻ لاءِ نج سون جا ٿانوَ ٺاهيا، يعني ٿالهيون، پيالا،
وٽا ۽ اوتڻ واري نذراني لاءِ جڳ.

## شمعدان ٺاهڻ
(خروج 25:31–40)

17 بصل‌ايل نج سون کي گهڙي هڪڙو شمعدان بہ ٺاهيو، جيڪو
تري، شاخن، ڏياٽين، بونبن ۽ گلن سميت نج سون جي هڪڙي ئي
ٽڪري مان ٺاهيل هو. 18 شمعدان جي وچين ڏانڊيءَ جي ٻنهي پاسن
کان ڇهہ شاخون ٻاهر نڪتل هيون، ٽي شاخون هڪڙي پاسي کان ۽
ٽي شاخون ٻئي پاسي کان. 19 انهن ڇهن ئي شاخن مان هر هڪ ۾
باداميءَ جي گلن جي شڪل وارا ٽي ٽي گل پنهنجن بونبن ۽ پتين
سميت هئا. 20 شمعدان جي وچين ڏانڊيءَ ۾ بہ باداميءَ جي گلن
جي شڪل وارا چار گل پنهنجن بونبن ۽ پتين سميت هئا. 21 انهن
چئن گلن مان هڪ پهرين ٻن شاخن جي هيٺان هو، ٻين ٻن شاخن جي
هيٺان بہ هڪ گل هو ۽ ٽين ٻن شاخن جي هيٺان بہ هڪ گل هو.
22 اهڙيءَ طرح سڀني شاخن ۽ گلن سميت اهو پورو شمعدان نج سون
جي هڪڙي ئي ٽڪري مان گهڙي ٺاهيل هو. 23 هن انهيءَ جي مٿين
گلن وارين ستن ڏياٽين لاءِ ست ڏيئا ٺاهيا. انهن ڏيئن جا ڦلا لاهي
رکڻ لاءِ چمٽا ۽ منگالا پڻ نج سون جا ٺاهيائين. 24 هن اهو شمعدان
سموري سامان سميت چوٽيهہ ڪلوگرام نج سون مان ٺاهيو.

## لوبان ساڙڻ لاءِ قربان‌گاهہ
(خروج 30:1–5)

25 بصل‌ايل ٻبر جي ڪاٺ مان لوبان ساڙڻ جي لاءِ هڪڙي
قربان‌گاهہ بہ ٺاهي، اها چورس هئي ۽ ان جي ڊيگهہ ۽ ويڪر هڪڙو
هڪڙو هٿ هئي. انهيءَ جي اوچائي ٻہ هٿ هئي. انهيءَ جا سڱ
انهيءَ ساڳئي هڪڙي ئي ٽڪر مان ٺهيل هئا. 26 هن انهيءَ قربان‌گاهہ
تي نج سون جو پٽ چاڙهيو، جيڪو انهيءَ جي مٿان، چئن ئي پاسن
۽ سڱن تي هو. انهيءَ قربان‌گاهہ جي مٿان چوڌاري سون جو ڇٽ
ٺاهيائين. 27 انهيءَ جي ڇٽ جي هيٺان ٻنهي پاسن تي هن سون جا
ٻہ ڪڙا ٻانهين وجهڻ لاءِ ٺاهيا، انهيءَ لاءِ تہ قربان‌گاهہ کي کڻي
سگهجي. 28 هن ٻبر جي ڪاٺيءَ جون ٻانهيون ٺاهيون ۽ انهن تي
سون جو پٽ چاڙهيائين.
29 هن مسح ڪرڻ وارو مخصوص تيل ۽ خوشبودار مصالحن جو
لوبان بہ ڪاريگر عطار جي هنر موجب ٺاهيو.

## ساڙڻ وارين قربانين جي قربان‌گاهہ
(خروج 27:1–8)

38 1 بصل‌ايل ساڙڻ وارين قربانين جي لاءِ ٻبر جي ڪاٺ مان
هڪڙي قربان‌گاهہ ٺاهي. انهيءَ جي ڊيگهہ سوا ٻہ ميٽر،
ويڪر بہ سوا ٻہ ميٽر ۽ اوچائي سوا ميٽر هئي. 2 هن انهيءَ جي
چئن ئي ڪنڊن تي سڱ ٺاهيا. اهي سڱ ۽ قربان‌گاهہ ساڳئي هڪڙي
ئي ٽڪر مان ٺهيل هئا. هن انهن تي پتل جو پٽ چاڙهيو. 3 هن
قربان‌گاهہ جا سمورا ٿانوَ بہ ٺاهيا، يعني رک کڻڻ لاءِ تغاريون،
ڪوڏرون، ٿالهہ، گوشت ٽنگڻ جا ڪنڍا ۽ منگالا. اهي سڀ ٿانوَ
هن پتل مان ٺاهيا. 4 هن قربان‌گاهہ جي لاءِ پتل جو هڪڙو ڄاريدار
آتشدان ٺاهيو، جيڪو قربان‌گاهہ جي ڪنارن کان هيٺ اڌ تائين ٽي
پهتو. 5 هن پتل جي آتشدان جي چئن ئي ڪنڊن تي ٻانهيون وجهڻ
جي لاءِ چار ڪڙا پلٽي ٺاهيا. 6 ٻبر جي ڪاٺيءَ جون ٻانهيون ٺاهيائين
۽ انهن تي پتل جو پٽ چاڙهيائين. 7 هن اهي ٻانهيون قربان‌گاهہ جي
ٻنهي پاسن وارن انهن ڪڙن ۾ وڌيون، تہ جيئن قربان‌گاهہ کي کڻي
سگهجي. هن اها قربان‌گاهہ تختن جي کوکي وانگر ٺاهي.
8 جيڪي عورتون خدا سان ملاقات واري خيمي جي آڏو خدمت
ڪنديون هيون، تن جي آئينن واري پتل مان هن پتل جو هڪڙو حوض
۽ انهيءَ جي لاءِ پتل جي گهوڙي ٺاهي.

29:37 خر 22:30–38    8:38 خر 18:30

## مقدس خيمي جو اڱڻ
(خروج 27:9–19)

9 پوءِ هن سنهي وٽيل سٽيءَ جي پردن سان اڱڻ جي قنات بہ ٺاهي،
جنهن جي ڊيگهہ اتر توڙي ڏکڻ واري پاسي کان چوئيتاليهہ ميٽر
هئي. 10–11 ٻنهي پاسن لاءِ ويهہ ويهہ پتل جا ٿنڀا ۽ ويهہ ويهہ ئي
پتل جا پاوا هئا. ٿنڀن جا ڪنڍا ۽ انهن جا بند چانديءَ جا هئا. 12 اولهہ
واري پاسي لاءِ ٻاويهہ ميٽر ڊگهي قنات هئي، جنهن لاءِ ڏهہ ٿنڀا ۽
ڏهہ پاوا هئا. ٿنڀن جا ڪنڍا ۽ انهن جا بند چانديءَ جا هئا. 13 اوڀر
واري پاسي جي ڊيگهہ پڻ ٻاويهہ ميٽر هئي. 14–15 انهيءَ طرف
دروازو هو، جنهن جي ٻنهي پاسن واري قنات جي پردن جي ڊيگهہ
ساڍا ڇهہ ڇهہ ميٽر هئي. انهن جي لاءِ ٽي ٽي ٿنڀا ۽ ٽي ٽي پاوا هئا.
16 اڱڻ جي چوڌاري سڀيئي پردا سنهي وٽيل سٽيءَ جا هئا. 17 ٿنڀن جا
پاوا پتل جا هئا ۽ ڪنڍا ۽ انهن جا بند چانديءَ جا هئا. ٿنڀن جي چوٽيءَ
تي چانديءَ جو پٽ چاڙهيل هو. اڱڻ جي سڀني ٿنڀن کي چانديءَ جا
بند پيل هئا. 18 اڱڻ جي دروازي وارو پردو سنهي وٽيل سٽيءَ جي
ڪپڙي جو هو، جنهن ۾ آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جا ڌاڳا
هئا ۽ اهو ڪاريگريءَ سان اُڻيل هو. اهو نوَ ميٽر ڊگهو ۽ اڱڻ جي قنات
وانگر ٻہ ميٽر اوچو هو. 19 انهيءَ جا چار ٿنڀا ۽ انهن لاءِ پتل جا چار
پاوا هئا. انهن جا ڪنڍا، بند ۽ چوٽيءَ وارو ڍڪ سڀ چانديءَ جا هئا.
20 خيمي ۽ اڱڻ جي چوڌاري قناتن واريون سڀ ڪليون پتل جون هيون.

## خيمي ۾ استعمال ٿيل ڌاتو

21 مقدس خيمي، جنهن ۾ عهد واريون تختون رکيل آهن، تنهن ۾
استعمال ٿيل ڌاتوءَ جو تفصيل ٺاهڻ لاءِ موسيٰ لاوين کي حڪم ڏنو
۽ اهو ڪم هارون ڪاهن جي پٽ اتمر جي هدايتن هيٺ ڪيو ويو.
22 يهوداه جي قبيلي مان اوريءَ جي پٽ يعني حور جي پوٽي بصل‌ايل
اهو سڀ ڪجهہ ٺاهيو جنهن بابت خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو.
23 دان جي قبيلي مان احيسمڪ جو پٽ اهلياب بہ هن جو مددگار هو،
جيڪو اُڪر جو ڪم ڪندڙ ۽ ماهر نقاش هو. هو آسماني، واڱڻائي ۽
لال ڳاڙهي رنگ جي ڌاڳن ۽ سنهي وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي تي ڀرت
جو ڪم ڪندڙ هو.

24 تفصيل مطابق اهو سمورو سون جيڪو مقدس خيمي جي ڪمن
۾ استعمال ڪرڻ لاءِ خداوند کي نذر ڪيو ويو هو، سو *عبادت‌گاهہ
جي سڪي جي تور مطابق هڪ هزار ڪلوگرام هو. 25 قوم طرفان
شمار ڪيل سموري چاندي، عبادت‌گاهہ جي سڪي جي تور مطابق
ٽي هزار، چار سؤ ويهہ ڪلوگرام هئي. 26 ويهن سالن ۽ انهيءَ کان
وڏيڪ عمر وارن ماڻهن جو شمار ڪيو ويو، جن جو تعداد ڇهہ لک،
ٽي هزار، پنج سؤ پنجاهہ هو. انهيءَ حساب سان عبادت‌گاهہ جي
سڪي جي تور مطابق هر هڪ ماڻهوءَ ڇهہ گرام چانديءَ جا ڏنا
هئا. 27 انهيءَ ٽي هزار چار سؤ ڪلوگرام چانديءَ مان مقدس خيمي
۽ وچ واري پردي جي ٿنڀن جا پاوا پلٽي ٺاهيا ويا. انهيءَ مان ڪل
هڪ سؤ پاوا يعني هر هڪ پائو چوٽيهن ڪلوگرامن مان ٺاهيو ويو.
28 باقي بچيل ويهہ ڪلوگرام چانديءَ مان ٿنڀن جا ڪنڍا ۽ انهن جا
بند ٺاهيا ويا ۽ انهن جي چوٽين تي پٽ چاڙهيا ويا. 29 نذراني ۾ ڏنل
سمورو پتل ٻہ هزار، چار سؤ ويهہ ڪلوگرام ٿيو. 30 انهيءَ مان خدا
سان ملاقات واري خيمي جي دروازي جي ٿنڀن جا پاوا، ساڙڻ وارين
قربانين واري پتل جي قربان‌گاهہ، انهيءَ جي لاءِ پتل جو آتشدان ۽
قربان‌گاهہ جا سڀ ٿانوَ ٺاهيا ويا. 31 ان کان سواءِ انهيءَ مان اڱڻ
جي چوڌاري ٿنڀن وارا پاوا، اڱڻ جي دروازي جي ٿنڀن جا پاوا، خيمي
جون سڀ ڪليون ۽ اڱڻ جون ڪليون ٺاهيون ويون.

## ڪاهنن لاءِ خاص پوشاڪ ٺاهڻ
(خروج 28:1–14)

39 1 پوءِ مقدس جاءِ ۾ خدمت ڪرڻ وارن ڪاهنن لاءِ انهن
ڪاريگرن آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جي ڌاڳن
مان عمديون پوشاڪون ٺاهيون. هارون لاءِ بہ خاص پوشاڪ ٺاهيائون.
سو هنن ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو.
2 هنن آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جي ڌاڳن، سنهي وٽيل
سٽيءَ جي ڪپڙي ۽ سون مان مذهبي فراڪ ٺاهيو. 3 هنن سون کي
ڪُٽي ڪُٽي سنها ورق ٺاهيا، جن کي ڪَٽي سنهيون تارون ٺاهيائون،
انهيءَ لاءِ تہ اهي آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جي ڌاڳن
واري سنهي وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي ۾ وڌي ڪاريگريءَ سان اُڻين.
4 مذهبي فراڪ کي ڳنڍڻ لاءِ هنن ٻہ پٽيون بہ ٺاهيون، جيڪي انهيءَ
جي ٻنهي ڇيڙن سان ڳنڍيل هيون. 5 مذهبي فراڪ تي ڪاريگريءَ
سان اُڻيل هڪڙو ڪمربند ڳنڍيو ويو. اهو بہ ساڳئي ٽڪري ۽ ساڳيءَ
ئي بناوت وارو هو، يعني اهو آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ
جي ڌاڳن، سنهي وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي ۽ سون جو هو. سو هنن
ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو.
6 هنن سليماني پٿر جا ٽڪرا گهڙي سون جي خانن ۾ جڙي ڇڏيا.
انهن تي يعقوب جي ٻارهن پٽن جا نالا اُڪريا ويا، جيئن مندي اُڪربي
آهي. 7 انهن کي مذهبي فراڪ جي ڪلهي وارين پٽين تي هنيائون،
انهيءَ لاءِ تہ اهي بني اسرائيل جي ٻارهن قبيلن جي يادگيريءَ جا پٿر
ٿين. سو هنن ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو.

*عبادت‌گاهہ جي سڪي جي تور: اٽڪل ٻارهن گرام.

26–25:38 خر 16–11:30 26:38 مت 24:17

## سينابند ٺاهڻ
(خروج 28:15–30)

8 هنن هڪڙو سينابند به ٺاهيو جيڪو مذهبي فراڪ وانگر آسماني،
واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جي ڌاڳن، سنهي وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي
۽ سون جو ٺهيل هو، جنهن تي ماهر ڪاريگر جو ڪم ٿيل هو. 9 اهو
سينابند هنن چورس ۽ ٻٽو ٺاهيو هو، جنهن جي ڊيگهه هڪڙي گرانٺ
۽ ويڪر به هڪڙي گرانٺ هئي. 10 هنن انهيءَ ۾ قيمتي هيرن جواهرن
جون چار قطارون جڙيون: پهرينءَ قطار ۾ لعل، پکراج ۽ شبچراغ،
11 ٻيءَ قطار ۾ زمرد، نيلم ۽ هيرو، 12 ٽينءَ قطار ۾ سنبلي، عقيق
۽ ياقوت 13 ۽ چوٿينءَ قطار ۾ فيروزو، سليماني پٿر ۽ زبرجد. اهي
سون جي خانن ۾ جڙيل هئا. 14 اهي هيرا جواهر يعقوب جي پٽن جي
نالن مطابق تعداد ۾ ٻارهن هئا. جيئن منڊي اُڪربي آهي تيئن انهن
ٻارهن ئي قبيلن جا نالا هر هڪ هيري جواهر تي جدا جدا اُڪريل هئا.
15 هنن سينابند تي ٻڌڻ لاءِ وٽيل رسيءَ جهڙيون نج سون جون به
زنجيرون ٺاهيون. 16 هنن سون جا به خانا ۽ به ڇلا ٺاهيا. اهي ڇلا
سينابند جي ٻنهي مٿين ڇيڙن ۾ وڌائون. 17 هنن اهي به سونيون
زنجيرون، سينابند جي ٻنهي ڇيڙن تي لڳل ٻن ڇلن ۾ وڌيون. 18 انهن
زنجيرن جا ٻيا به ڇيڙا ٻنهي خانن ۾ جڙي انهن کي مذهبي فراڪ
جي ٻنهي ڪلهن وارين پٽين تي اڳيئن پاسي کان لڳايائون. 19 هنن
سون جا به ڇلا ٻيا به ٺاهيا. اهي سينابند جي هيٺين ٻنهي پاسن تي
انهيءَ ڪناري ۾ لڳايائون، جيڪو مذهبي فراڪ مٿان سينابند جي
اندرئين پاسي ڏانهن هو. 20 هنن سون جا به ڇلا ٻيا به ٺاهيا. اهي
مذهبي فراڪ جي ٻنهي ڪلهن وارين پٽين تي اڳ واري پاسي تي
لڳايائون، جتي اهي هيٺئين پاسي مذهبي فراڪ سان ڳنڍيل هئا ۽
جتي ڪاريگريءَ سان ٺهيل ڪمربند مذهبي فراڪ سان ڳنڍيل هو.
21 هنن سينابند ۽ مذهبي فراڪ ٻنهي جا ڇلا هڪڙي آسماني رنگ
جي ڏوريءَ سان ٻڌي ڇڏيا، انهيءَ لاءِ ته سينابند مذهبي فراڪ جي
ڪاريگريءَ سان ٺهيل ڪمربند جي مٿان رهي ۽ انهيءَ تان هٽي نه
وڃي. سو هنن ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو.

## ڪاهنن واريون ٻيون پوشاڪون
(خروج 28:31–43)

22 هنن مذهبي فراڪ جي هيٺان پائڻ وارو سڄو جبو آسماني رنگ
جو ٺاهيو. 23 انهيءَ جبي جي وچ تي مٿي وجهڻ لاءِ هڪ سوراخ
ٺاهيائون. انهيءَ سوراخ جي چوڌاري گريبان وانگر هڪڙي اُٻيل پٽي
هنيائون ته جيئن اهو ڦاٽي نه پوي. 24 هنن انهيءَ جبي جي دامن
تي چوڌاري آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جي ڌاڳن ۽ سنهي
وٽيل سٽيءَ سان ڏاڙهون ٺاهيا. 25 نج سون جون گهنڊڙيون ٺاهي هنن
اُهي جبي تي دامن جي چوڌاري، انهن ڏاڙهن جي وچ ۾ ٻڌي ڇڏيون.
26 اهڙيءَ طرح عبادت وقت پهرڻ واري جبي جي دامن تي چوڌاري
هڪڙي گهنڊڙي ۽ هڪڙو ڏاڙهون، وري هڪڙي گهنڊڙي ۽ هڪڙو
ڏاڙهون هنيائون. سو موسيٰ ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس حڪم
ڏنو هو.
27 هنن هارون ۽ سندس پٽن جي لاءِ سنهي وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي
جا پهراڻ ٺاهيا. 28 اهڙيءَ طرح پڳ ۽ ٽوپيون سنهي سٽيءَ مان ۽
سنهي وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي مان سٿڻون ٺاهيائون. 29 هنن سنهي
وٽيل سٽيءَ جي ڪپڙي ۽ آسماني، واڱڻائي ۽ لال ڳاڙهي رنگ جي
ڌاڳي مان ڀرت جي ڪم سان هڪڙو پٽو ٺاهيو. سو هنن ائين ئي ڪيو
جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو.
30 هنن نج سون مان هڪڙي تختي ٺاهي ۽ جيئن منڊي اُڪربي
آهي تيئن انهيءَ تي هي اکر اُڪريائون ”خداوند جي لاءِ مخصوص.“
31 انهيءَ کي هنن هڪڙي آسماني رنگ جي ڏوريءَ سان هارون ڪاهن
جي پڳ جي مٿان ٻڌي ڇڏيو. سو موسيٰ ائين ئي ڪيو جيئن خداوند
کيس حڪم ڏنو هو.

## سارو ڪم پورو ٿيڻ
(خروج 35:10–19)

32 اهڙيءَ طرح مقدس خيمي يعني خدا سان ملاقات واري خيمي
جو سڀ ڪم پورو ٿيو. بني اسرائيل سڀ ڪجهه ائين ئي ڪيو
جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو. 33 پوءِ هنن اهو مقدس خيمو
سموري سامان سميت موسيٰ وٽ آندو. سامان ۾ هي شيون شامل
هيون: خيمي جا ڪنڊا، فريم، گز، ٿنڀا ۽ انهن جا پاوا، 34 گهٽن
جي ڳاڙهين رڱيل کلن جو غلاف، ڊالفن دريائي جانور جي کلن جو
غلاف ۽ مقدس ترين جاءِ جو پردو، 35 عهد واري صندوق، انهيءَ
جون ٻانهيون ۽ صندوق جو رحمت جو پوش، 36 ميز، انهيءَ جا سمورا
ٿانوَ ۽ نذراني وارا روٽ، 37 پاڪ شمعدان، انهيءَ تي رکڻ لاءِ ڏيئا،
انهيءَ جا سڀ ٿانوَ ۽ ڏيئن ٻارڻ جو تيل، 38 لوبان ساڙڻ واري سوني
پٽ چڙهيل قربانگاهه، مسح ڪرڻ جو تيل، خوشبودار لوبان ۽ مقدس
جاءِ جي دروازي وارو پردو، 39 ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ پٽل جي
قربانگاهه، انهيءَ جو پيتلي آتشدان، انهيءَ جون ٻانهيون، انهيءَ جا
سڀ ٿانوَ، حوض ۽ انهيءَ جي گهوڙي، 40 اڱڻ جي قنات، انهيءَ جا
ٿنڀا پاوڻ سميت، اڱڻ جي دروازي جو پردو، انهيءَ جا رسا، انهيءَ
جون ڪليون ۽ مقدس خيمي يعني خدا سان ملاقات واري خيمي جي
خدمت ڪرڻ واسطي باقي سامان، 41 مقدس جاءِ ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ
عمدا ٺاهيل ڪپڙا، يعني هارون ڪاهن جي خاص پوشاڪ، سندس
پٽن جون خاص پوشاڪون، جن کي پائي هو ڪاهن واري خدمت
ڪن. 42 مطلب ته جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو تيئن ئي
بني اسرائيل سمورو ڪم پورو ڪيو. 43 موسيٰ انهيءَ سموري ڪم
کي پنهنجيءَ نظر مان ڪڍيو ۽ ڏٺائين ته هنن سڀ ڪجهه خداوند
جي حڪم مطابق ڪيو آهي، تڏهن ڪين دعا ڪيائين.

## مقدس خيمي جو قيام

40 1پوءِ خداوند موسىٰ کي فرمايو ته 2”تون پهرئين مهيني
جي پهرئين تاريخ تي مقدس خيمو يعني مون سان ملاقات
وارو خيمو کڙو ڪرائج. 3انهيءَ خيمي اندر مقدس ترين جاءِ ۾ عهد
واري صندوق رکائج ۽ انهيءَ جي اڳيان پردو ٽنگائي ڇڏج. 4تون ميز
مقدس جاءِ ۾ آڻائي، انهيءَ جون سموريون شيون مٿس ٺاهي جوڙي
رکائج. شمعدان به اندر آڻائي رکج ۽ انهيءَ جا ڏيئا ٻارائي ڇڏج.
5عهد واري صندوق جي اڳيان پردي جي ٻئي پاسي مقدس جاءِ ۾
تون لوبان ساڙڻ لاءِ سوني پٽ چڙهيل قربان‌گاهه رکائج ۽ مقدس
جاءِ جي دروازي تي پردو ٽنگائي ڇڏج. 6مقدس خيمي جي انهيءَ
دروازي جي سامهون اڳڻ ۾ ساڙڻ وارين قربانين جي قربان‌گاهه
رکائج. 7تون مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۽ قربان‌گاهه جي وچ
۾ حوض رکائج ۽ انهيءَ ۾ پاڻي وجهائي ڇڏج. 8مقدس خيمي جي
چوڌاري اڳڻ کي قنات لڳائي اڳڻ جي دروازي تي پردو ٽنگائي ڇڏج.
9پوءِ تون مسح ڪرڻ وارو تيل کڻي مقدس خيمي ۽ انهيءَ ۾
اندر موجود سڀني شين کي مسح ڪري مخصوص ڪج. اهڙيءَ طرح
انهيءَ کي ۽ انهيءَ جي سموري سامان کي پاڪ ڪج، تڏهن اهو
مخصوص ٿي ويندو. 10ساڙڻ واري قربانيءَ جي قربان‌گاهه کي ۽
انهيءَ جي سڀني ٿانون کي به مسح ڪج. پوءِ اها قربان‌گاهه خدا
لاءِ ئي مخصوص ٿيندي. 11تون حوض ۽ انهيءَ جي گهوڙيءَ کي
به مسح ڪج، ته جيئن اهو مخصوص ٿئي.
12پوءِ تون هارون ۽ سندس پٽن کي مون خدا سان ملاقات واري
خيمي جي در وٽ آڻي، کين غسل ڪرائج. 13تون هارون کي خاص
پوشاڪ ڍڪائج. کيس مسح ڪري مخصوص ڪج، ته جيئن هو
ڪاهن بڻجي منهنجي خدمت ڪري. 14تون هارون جي پٽن کي آڻي
کين پهراڻ ڍڪائج. 15تون انهن کي به سندن پيءُ وانگر مسح ڪري
مخصوص ڪج، ته جيئن هو ڪاهن بڻجي منهنجي خدمت ڪن.
سندن اهو مسح ٿيڻ هنن جي پيڙهين ۾ هميشه جي لاءِ ڪاهنيءَ
جي نشاني ٿيندي.“ 16سو موسىٰ ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس
فرمايو هو.
17سو مصر مان نڪري اچڻ جي ٻئي سال جي پهرئين مهيني جي
پهرئين تاريخ تي مقدس خيمو کڙو ڪيو ويو. 18موسىٰ خيمي کي
کڙو ڪرڻ لاءِ پاوا هنيا، جن تي انهيءَ جا فريم رکيائين، انهن کي
گز هنيائين ۽ انهيءَ جا ٿنيا کڙا ڪيائين. 19پوءِ انهيءَ کي قنات ۽
پال لڳايائين ۽ انهيءَ جي مٿان وري ڍڪ ۽ به غلاف چاڙهيائين.
موسىٰ هي سڀ ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس حڪم ڏنو هو.
20پوءِ موسىٰ خداوند جي حڪم مطابق عهد واريون تختيون کڻي
صندوق ۾ وڌيون. هن ٻانهيون صندوق جي ڪڙن ۾ وڌيون ۽ صندوق
جي مٿان رحمت جو پوش رکيائين. 21پوءِ صندوق مقدس خيمي ۾
کڻائي آيو ۽ انهيءَ جي اڳيان پردو ٽنگائي ڇڏيائين. 22هن اتي مقدس
جاءِ ۾ اتر واري پاسي کان پردي جي ٻاهران خداوند جي حڪم مطابق
ميز رکائي. 23انهيءَ تي نذراني وارا روٽ ترتيب سان خداوند آڏو
رکايائين. 24پوءِ هن خدا سان ملاقات واري انهيءَ خيمي ۾ مقدس
جاءِ اندر ڏکڻ واري پاسي، خداوند جي حڪم مطابق ميز جي سامهون
شمعدان رکايو. 25هن اتي خداوند جي حضور ۾ ڏيئا ٻارايا. 26هن
سوني پٽ چڙهيل قربان‌گاهه مقدس جاءِ ۾ پردي جي سامهون رکائي
27۽ خداوند جي حڪم مطابق انهيءَ تي خوشبودار مصالحن وارو
لوبان ساڙيائين. 28پوءِ هن خدا سان ملاقات واري خيمي جي دروازي
تي پردو ٽنگايو.
29هن خداوند جي حڪم جي پوئواري ڪندي انهيءَ دروازي جي
سامهون اڳڻ ۾ ساڙڻ واري قربانيءَ جي قربان‌گاهه رکائي. هن
انهيءَ تي ساڙڻ واري قرباني ڪئي ۽ اناج جي قرباني ڏنائين.
30هن قربان‌گاهه ۽ خدا سان ملاقات واري خيمي جي وچ ۾ حوض
رکايو ۽ انهيءَ ۾ ڌوئڻ لاءِ پاڻي ڀرائي ڇڏيائين، 31تان‌ته انهيءَ حوض
مان موسىٰ، هارون ۽ سندس پٽ پنهنجا هٿ ۽ پير ڌوئن. 32جڏهن
به اهي خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ داخل ٿيندا هئا يا قربان‌گاهه
جي ويجهو ويندا هئا، تڏهن حوض مان پنهنجا هٿ پير ڌوئي ويندا
هئا. 33پوءِ موسىٰ خدا سان ملاقات واري خيمي ۽ قربان‌گاهه جي
چوڌاري اڳڻ جي قنات کڙي ڪرائي ۽ اڳڻ جي دروازي تي پردو
ٽنگائي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح موسىٰ هي سمورو ڪم ائين ئي پورو
ڪيو، جيئن خداوند کيس حڪم ڏنو هو.

## ڪڪر جو خيمي کي ڍڪڻ
(ڳاڻاڻو 9:15–23)

34تڏهن ڪڪر خدا سان ملاقات واري خيمي کي ڍڪي ڇڏيو ۽ اهو
مقدس خيمو خداوند جي جلوي سان ڀرجي ويو. 35موسىٰ خدا سان
ملاقات واري خيمي ۾ داخل ٿي نه سگهيو، ڇالاءِجو انهيءَ جي
مٿان ڪڪر بيٺل هو ۽ اهو خداوند جي جلوي سان ڀريل هو. 36سو
جڏهن به ڪڪر خيمي تان مٿي کڄي ويندو هو، تڏهن بني اسرائيل
پنهنجي سفر ۾ اڳتي وڌندا هئا. 37پر جيستائين اهو ڪڪر مٿي
کڄي نه ويندو هو تيستائين اهي اڳتي سفر نه ڪندا هئا. 38ڇالاءِجو
بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن جي ڏسندي سندن ساري سفر دوران،
ڏينهن جي وقت خداوند جو ڪڪر خيمي تي بيٺو رهندو هو ۽ رات
جي وقت ڪڪر ۾ باهه رهندي هئي.

34:40 1.با 10:8–11، يس 4:6، حز 43:4–5، مڪا 8:15

# لاوي سرشتو

## توريت شريف جو ٽيون ڪتاب

### تعارف

هن مقدس ڪتاب جو نالو ”لاوي سرشتو“ انهيءَ لاءِ رکيو ويو آهي، جو هن ۾ بني اسرائيل جي خاص چونڊيل لاوي قبيلي جي نظام بابت ڄاڻ ڏنل آهي. ان قبيلي کي خدا عبادت‌گاهه جي ڪم‌ڪار لاءِ چونڊيو هو. هي ڪتاب عبادت جي انهن قاعدن ۽ مذهبي رسمن تي مشتمل آهي، جيڪي آڳاٽي بني اسرائيل قوم ۾ مروج هيون. هن ڪتاب ۾ عبادت‌گاهه جي خدمتگار ڪاهنن لاءِ به قاعدا موجود آهن، جيڪي انهن هدايتن تي عمل ڪرڻ جا پابند هئا.

هن ڪتاب جو اهم موضوع خدا جي پاڪائي آهي. هي ڪتاب هدايتن جي انهن طريقن تي مشتمل آهي جن مطابق بني اسرائيل کي عبادت ڪرڻي هئي ۽ زندگي گذارڻي هئي، انهيءَ لاءِ ته خدا، جيڪو پاڪ آهي تنهن سان سندن تعلق قائم رهي سگهي.

18:19 ۾ هن ڪتاب جا مشهور لفظ لکيل آهن ته ”اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ جهڙو پيار ڪجو.“ انهن لفظن کي عيسيٰ مسيح خدا جو ٻيو وڏو حڪم سڏيو آهي (ڏسو متي 39:22).

### سِٽاءُ


نذرانن ۽ قربانين بابت قاعدا قانون 1:1–38:7
حضرت هارون ۽ سندس پٽن جي ڪاهنن طور مخصوصيت 1:8–20:10
شرعي پاڪائي ۽ ناپاڪيءَ بابت قاعدا 1:11–33:15
ڪفاري جو ڏينهن 1:16–34
پاڪيزگيءَ واري زندگيءَ ۽ عبادت متعلق قاعدا قانون 1:17–34:27


---

### ساڙڻ واري قرباني

1 (1) خداوند پنهنجي ملاقات واري خيمي مان موسيٰ کي سڏي
(2) کيس بني اسرائيل لاءِ هي حڪم ڏنو ته ”اوهان مان جيڪو
به ماڻهو مون خداوند جي لاءِ قرباني ڪري ته اهو ڍورن ڍڳن يا رڍن
ٻڪرين جي قرباني ڪري.
(3) جيڪڏهن سندس قرباني ڍورن ڍڳن جي ساڙڻ واري قرباني هجي
ته اهو ڍور نر ۽ بي‌عيب هجي. هو انهيءَ کي مون خدا سان ملاقات
واري خيمي جي اڳڻ واري در وٽ آڻي پيش ڪري ته جيئن اهو
منهنجي حضور ۾ قبول پوي. (4) هو پنهنجو هٿ انهيءَ ساڙڻ واري
قربانيءَ جي مٿي تي رکي، تڏهن اها سندس لاءِ ڪفاري طور قبول
ڪئي ويندي. (5) پوءِ هو انهيءَ وهڙي کي اتي مون خداوند جي آڏو
ذبح ڪري. هارون جا پٽ جيڪي ڪاهن آهن تن مان هڪڙو رت ڪٽي
انهيءَ قربان‌گاهه جي چئني پاسن تي ڇٽڪاري ڇڏي، جيڪا مون خدا
سان ملاقات واري خيمي جي اڳڻ ۾ در وٽ آهي. (6) ان بعد قرباني
ڪندڙ انهيءَ ساڙڻ واري قربانيءَ جي کل لاهي ۽ انهيءَ جا عضوا
وڍي ڌار ڪري. (7) پوءِ ڪاهن قربان‌گاهه تي باهه ٻاري ۽ انهيءَ باهه
جي مٿان ڪاٺيون ٺاهي رکي. (8) هو منڍي ۽ چربي ڌار ڪيل عضون
سميت قربان‌گاهه تي ٻرندڙ ڪاٺين جي مٿان ٺاهي رکي. (9) پوءِ انهيءَ
جا آنڊا، اوجهري ۽ پاوا ڌوتا وڃن ۽ ڪاهن اهي سڀ قربان‌گاهه تي
رکي ساڙي ڇڏي. اها ساڙي ويندڙ قرباني مون خداوند جي لاءِ وڻندڙ
خوشبوءِ جي قرباني آهي.
(10) جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي رڍن يا ٻڪرين جي ڌڻ مان ساڙڻ
واري قربانيءَ لاءِ ڪو جانور پيش ڪري ٿو ته اهو نر ۽ بي‌عيب
هجي. (11) انهيءَ کي هو قربان‌گاهه جي اتر واري پاسي مون خداوند
جي آڏو ذبح ڪري. ڪاهن انهيءَ جو رت قربان‌گاهه جي چئني پاسن
تي ڇٽڪاري ڇڏي. (12) پوءِ قرباني ڪندڙ انهيءَ جا عضوا وڍي ڌار
ڪري. ڪاهن انهن کي منڍيءَ ۽ چربيءَ سميت قربان‌گاهه تي ٻرندڙ
ڪاٺين جي مٿان ٺاهي رکي. (13) ان جا آنڊا، اوجهري ۽ پاوا ڌوتا وڃن

۽ ڪاهن اهي سڀ قربان‌گاهہ تي رکي ساڙي ڇڏي. اها ساڙي ويندڙ
قرباني مون خداوند جي لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ جي قرباني آهي.
14 جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون خداوند لاءِ ساڙڻ جي قرباني پکين مان
ڪري، تہ هو ڳيري يا ڪبوتر جي قرباني پيش ڪري. 15 ڪاهن انهيءَ
کي قربان‌گاهہ تي آڻي، انهيءَ جي سسي مروٽي ڇني ڌار ڪري اها
قربان‌گاهہ تي ساڙي. پوءِ انهيءَ جو رت قربان‌گاهہ جي پاسي تي
وهائي ڇڏي. 16 انهيءَ جي ڳجي ڳند سميت ڪڍي، قربان‌گاهہ جي
اوڀر پاسي رک واريءَ جاءِ تي اڇلائي ڇڏي. 17 انهيءَ کي ٻنهي
پرن کان وٺي چيري کوليو وڃي، پر ڪيس ڇني ڌار نہ ڪجي. پوءِ
ڪاهن انهيءَ کي قربان‌گاهہ تي ٻرندڙ ڪاٺين جي مٿان رکي ساڙي
ڇڏي. اها ساڙي ويندڙ قرباني مون خداوند جي لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ
جي قرباني آهي.“

## اناج جون قربانيون

2 1 ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون خداوند جي آڏو اناج جي قرباني
پيش ڪري تہ انهيءَ جي قرباني ميدي جي صورت ۾ هئڻ
گهرجي. هو انهيءَ تي تيل پٽي ۽ مٿس لوبان رکي. 2 پوءِ اهو هارون
جي پٽن وٽ کڻي اچي، جيڪي ڪاهن آهن. ڪاهن انهيءَ تيل گڏيل
ميدي مان، ساري لوبان سميت هڪڙي مٺ ڀري کڻي قربان‌گاهہ تي
رکي ساڙي، ائين ڪرڻ سان هن ڄڻ تہ سڄي قرباني ساڙي ڇڏي. اها
ساڙي ويندڙ قرباني مون خداوند جي لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ جي قرباني
آهي. 3 انهيءَ اناج جي قربانيءَ مان باقي بچيل حصو ڪاهنن جو
ٿيندو. جيئن تہ اهو حصو بہ مون خداوند جي لاءِ ساڙيون ويندڙ
قربانين مان آهي، تنهنڪري اهو مون خدا لاءِ ئي مخصوص آهي.
4 جيڪڏهن ڪو ماڻهو تنور ۾ پڪل اناج جي قرباني پيش ڪري تہ
اها تيل ۾ ڳوهيل ميدي جون بيخميريون مانيون هجن يا تيل مکيل
بيخميرا ڍوڍا هجن. 5 جيڪڏهن اها اناج جي قرباني تئي تي پڪل
هجي تہ اها تيل ۾ ڳوهيل ميدي جي بيخميري مانيءَ جي هجي.
6 هو انهيءَ کي ڀورا ڀورا ڪري مٿس تيل پٽي، تہ جيئن اها اناج
جي قرباني صحيح طرح سان پيش ٿئي. 7 جيڪڏهن اناج جي قرباني
تئيءَ ۾ تريل هجي تہ اها تيل ۾ ڳوهيل ميدي جي هجي. 8 انهن
شين مان ٺهيل اناج جي قرباني، هو مون خداوند جي آڏو آڻي ڪاهن
کي ڏئي. ڪاهن اها قربان‌گاهہ وٽ کڻي اچي. 9 پوءِ ڪاهن انهيءَ
سڄي اناج جي قربانيءَ مان ڪجهہ حصو کڻي قربان‌گاهہ تي رکي
ساڙي، ائين ڪرڻ سان هن ڄڻ تہ سڄي قرباني ساڙي ڇڏي. اها
ساڙي ويندڙ قرباني مون خداوند جي لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ جي قرباني
آهي. 10 انهيءَ اناج جي قربانيءَ مان جيڪي باقي بچي سو ڪاهنن
جو ٿيندو. اهو مون خداوند جي لاءِ مخصوص حصو آهي ڇالاءِجو
اهو منهنجي لاءِ ئي ساڙيون ويندڙ قربانين مان آهي.
11 جيڪا بہ اناج جي قرباني مون خداوند جي آڏو پيش ڪئي وڃي،
تنهن ۾ خمير اصل نہ هجي. مون خداوند جي لاءِ ساڙي ويندڙ
قربانيءَ ۾ ڪڏهن بہ خمير يا ماکي نہ ملائجي. 12 ڦرئين پيداوار
مان اهڙيون قربانيون ڀلي مون خداوند جي آڏو پيش ڪجن، مگر اهي
قربان‌گاهہ تي رکي ساڙيون نہ وڃن. 13 جيڪا بہ اناج جي قرباني
پيش ڪريو، تنهن ۾ لوڻ ضرور وجهجو، بلڪ اوهين پنهنجين سڀني
قربانين سان گڏ لوڻ پيش ڪجو، ڇالاءِجو *لوڻ اوهان جي ۽ مون
خداوند جي وچ واري عهد کي ظاهر ڪري ٿو.
14 باقي جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڦرئين پيداوار مان اناج جي
قرباني، مون خداوند جي آڏو پيش ڪري، تہ پنهنجي اناج جا تازا
سنگ باهہ تي پُچي، انهن کي مروٽي داڻا ڪڍي پيش ڪري. 15 هو
انهيءَ تي تيل پٽي مٿس لوبان رکي. تہ جيئن اها اناج جي قرباني
صحيح طرح سان پيش ٿئي. 16 پوءِ ڪاهن انهيءَ ساري قربانيءَ مان
مروٽي ڪڍيل ڪجهہ داڻا، ڪجهہ تيل ۽ سمورو لوبان ڪڍي ساڙي،
ائين ڪرڻ سان هن ڄڻ تہ سڄي قرباني ساڙي ڇڏي. اها مون خداوند
جي لاءِ ساڙي ويندڙ قرباني آهي.“

## سلامتيءَ واريون قربانيون

3 1 ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون خداوند جي آڏو پنهنجي ڍورن
ڍڳن مان سلامتيءَ واري قرباني پيش ڪري، پوءِ اهو ڍور نر
هجي توڙي مادي، پر بيعيب هجي. 2 هو قربانيءَ واري جانور جي
مٿي تي پنهنجو هٿ رکي ۽ پوءِ مون خدا سان ملاقات واري خيمي
جي اڳڻ واري در وٽ انهيءَ کي ذبح ڪري. هارون جا پٽ، جيڪي
ڪاهن آهن تن مان هڪڙو انهيءَ جو رت قربان‌گاهہ جي چئني پاسن
تي ڇٽڪاري ڇڏي. 3 هو سلامتيءَ واري قربانيءَ مان مون خداوند
جي لاءِ هي شيون ساڙي پيش ڪري: آنڊن ۽ اوجهريءَ جي مٿان
چڙهيل چربي ۽ اها سموري چربي جنهن سان اهي ڍڪيل آهن، 4 ٻئي
بڪيون ۽ انهن جي مٿان واري چربي، جيڪا ڪمر جي ٻنهي پاسن
تي ٿئي ٿي ۽ جيري جي مٿان جيڪو پردو آهي سو بڪين سميت.
5 ڪاهن انهن کي قربان‌گاهہ جي ٻرندڙ ڪاٺين تي، †ساڙڻ واري
قربانيءَ جي مٿان رکي ساڙي. اها ساڙي ويندڙ قرباني مون خداوند
جي لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ جي قرباني آهي.
6 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي رڍن ٻڪرين مان سلامتيءَ واري
قرباني پيش ڪري، پوءِ اهو نر هجي توڙي مادي، پر بيعيب هجي.
7 جيڪڏهن سندس قرباني گهيٽي جي هجي تہ هو اهو مون خداوند
جي آڏو آڻي پيش ڪري. 8 هو قربانيءَ واري انهيءَ جانور جي مٿي

*لوڻ...عهد: لوڻ انهيءَ معاشري ۾ هڪ اهڙي نشان جي حيثيت رکندو هو، جنهن مان مراد اٽٽ، دائمي يا قائم رهندڙ ورتي ويندي هئي.

†ساڙڻ واري قربانيءَ جي مٿان: جيئن تہ انهن روزانہ ساڙڻ وارين قربانين کان علاوہ ماڻهو پنهنجا جيڪي ٻيا نذرانا يا قربانيون آڻيندا هئا، سي قربان‌گاهہ تي روزانہ قربانين جي مٿان رکي ساڙيندا هئا، تہ جيئن قربان‌گاهہ تي باهہ ٻرندي رهي. ڏسو خر 38:29، لاو 13:6.

تي پنهنجو هٿ رکي ۽ پوءِ مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڱڻ
واري در وٽ انهيءَ کي ذبح ڪري. ڪاهن انهيءَ جو رت قربان‌گاهه
جي چئني پاسن تي ڇٽڪاري ڇڏي. 9 هو سلامتيءَ واري قربانيءَ
مان مون خداوند جي لاءِ هي شيون ساڙي پيش ڪري: انهيءَ جي
چربي، سڄي دنب پٺ جي هڏي تائين جدا ڪيل، آنڊن ۽ اوجهريءَ
جي مٿان چڙهيل چربي ۽ اها سموري چربي جنهن سان اهي ڍڪيل
آهن، 10 ٻئي بڪيون ۽ انهن جي مٿان واري چربي، جيڪا ڪمر جي
ٻنهي پاسن تي ٿئي ٿي، جيري جي مٿان جيڪو پردو آهي سو بڪين
سميت. 11 ڪاهن انهن کي قربان‌گاهه تي رکي ساڙي ڇڏي. اها
قربانيءَ جي خوراڪ آهي، جا مون خداوند جي لاءِ ساڙبي آهي.
12 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي قربانيءَ لاءِ ٻاڪرو ڍور آڻي ته
اهو مون خداوند جي آڏو آڻي پيش ڪري. 13 هو انهيءَ جي مٿي تي
پنهنجو هٿ رکي ۽ پوءِ مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڱڻ
واري در وٽ انهيءَ کي ذبح ڪري. ڪاهن انهيءَ جو رت قربان‌گاهه
جي چئني پاسن تي ڇٽڪاري ڇڏي. 14 هو پنهنجي انهيءَ قربانيءَ مان
مون خداوند جي لاءِ هي شيون ساڙي پيش ڪري: آنڊن ۽ اوجهريءَ
جي مٿان چڙهيل چربي ۽ اها سموري چربي جنهن سان اهي ڍڪيل
آهن، 15 ٻئي بڪيون ۽ انهن جي مٿان واري چربي، جيڪا ڪمر جي
ٻنهي پاسن تي ٿئي ٿي ۽ جيري جي مٿان جيڪو پردو آهي سو بڪين
سميت. 16 ڪاهن انهن کي قربان‌گاهه تي رکي ساڙي. هي انهيءَ
ساڙي ويندڙ قربانيءَ جي خوراڪ آهي جيڪا وڻندڙ خوشبوءِ لاءِ ڪبي
آهي. سموري چربي مون خداوند جي آهي. 17 سو بني اسرائيل جو
ڪوبه ماڻهو رت ۽ چربي هرگز نه کائي. اهو اوهان سڀني لاءِ، جتي به
اوهين رهو تا اوهان جي سڀني پيڙهين ۾ هميشه جي لاءِ قانون ٿيندو."

## بناارادي گناهن لاءِ قربانيون

(ڳاڻاڻو 15:22–29)

4 1 خداوند موسيٰ کي 2 بني اسرائيل لاءِ هي به فرمايو ته
"جيڪڏهن ڪو ماڻهو بناارادي ڪو اهڙو ڪم ڪرڻ سان گناهه
ڪري وجهي، جن ڪمن ڪرڻ جي مون خداوند منع ڪئي آهي، تنهن
لاءِ هي حڪم آهن. 3 جيڪڏهن سردار ڪاهن ڪو اهڙو گناهه ڪري
وجهي، جنهن جي ڪري سڄي قوم ڏوهاري ٿئي، ته پوءِ هو پنهنجي
ڪيل گناهه جي لاءِ هڪڙو بي‌عيب وهڙو مون خداوند جي حضور ۾
پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور آڻي پيش ڪري. 4 هو انهيءَ وهڙي
کي مون سان ملاقات واري خيمي جي اڱڻ واري در وٽ مون خداوند
جي آڏو آڻي، پوءِ پنهنجو هٿ انهيءَ جي مٿي تي رکي ۽ انهيءَ
کي اتي ذبح ڪري. 5 پوءِ اهو سردار ڪاهن انهيءَ وهڙي جي رت
مان ڪجهه کڻي مقدس جاءِ ۾ اچي. 6 هو پنهنجي آڱر انهيءَ رت
۾ ٻوڙي ۽ مون خداوند جي حضور ۾ مقدس ترين جاءِ واري پردي
جي اڳيان ست دفعا اهو رت ڇٽڪاري. 7 پوءِ اتي هو انهيءَ رت
مان ڪجهه کڻي خوشبودار لوبان ساڙڻ واري قربان‌گاهه، جيڪا مون
خداوند جي آڏو آهي، تنهن جي سڱن تي لڳائي. وهڙي جو باقي
سمورو رت هو خيمي جي سامهون اڱڻ ۾ جيڪا ساڙڻ واري قربانيءَ
جي قربان‌گاهه آهي، تنهن جي پاڙ ۾ هاري ڇڏي. 8 هو پاڪ ٿيڻ
واسطي قربانيءَ واري وهڙي جي هيءَ سموري چربي ڪڍي وٺي:
آنڊن ۽ اوجهريءَ جي مٿان چڙهيل چربي ۽ اها سموري چربي جنهن
سان اُهي ڍڪيل آهن، 9 ٻئي بڪيون ۽ انهن جي مٿان واري چربي،
جيڪا ڪمر جي ٻنهي پاسن تي ٿئي ٿي ۽ جيري جي مٿان جيڪو
پردو آهي سو بڪين سميت. 10 سردار ڪاهن اها اهڙيءَ طرح ڪڍي
جهڙيءَ طرح سلامتيءَ جي قربانيءَ واري ڳائي ڍور جي ڪڍبي آهي.
پوءِ هو انهن کي ساڙڻ واري قربانيءَ جي قربان‌گاهه تي رکي ساڙي.
11 پر وهڙي جي کل، انهيءَ جو سمورو گوشت، منڍي، پاوا، آنڊا
۽ اوجهري اوجهه سميت، 12 مطلب ته وهڙي جو باقي سڀ ڪجهه
خيمي‌گاهه کان ٻاهر انهيءَ پاڪ جاءِ تي آندو وڃي، جتي رک اڇلائبي
آهي. اتي انهيءَ کي ٻرندڙ ڪاٺين تي رکي ساڙي ڇڏجي.
13 جيڪڏهن بني اسرائيل قوم بناارادي ڪو گناهه ڪري وجهي،
جيتوڻيڪ اها ڳالهه سندن نظر کان لڪل هجي ته هنن هڪڙو اهڙو
ڪم ڪيو آهي، جنهن جي ڪرڻ جي مون خداوند منع ڪئي آهي،
تڏهن به اهي ڏوهاري ٺهربا. 14 پوءِ جڏهن کين پنهنجي ڪيل گناهه
بابت معلوم ٿي وڃي، تڏهن ساري قوم پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ
هڪڙو وهڙو آڻي مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڱڻ واري در
وٽ پيش ڪري. 15 قوم جا اڳواڻ مون خداوند جي آڏو انهيءَ وهڙي
جي مٿي تي پنهنجا هٿ رکن ۽ پوءِ اهو اتي ئي ذبح ڪيو وڃي.
16 تنهن کان پوءِ سردار ڪاهن انهيءَ وهڙي جي رت مان ڪجهه کڻي
مقدس جاءِ ۾ اچي. 17 هو پنهنجي آڱر انهيءَ رت ۾ ٻوڙي ۽ مون
خداوند جي آڏو مقدس ترين جاءِ واري پردي جي سامهون ست دفعا
اهو رت ڇٽڪاري. 18 پوءِ هو انهيءَ رت مان ڪجهه کڻي اتي رکيل
لوبان ساڙڻ واري قربان‌گاهه جي سڱن تي لڳائي. باقي رت ٻاهر
خيمي جي اڱڻ ۾ جيڪا ساڙڻ واري قربانيءَ جي قربان‌گاهه آهي،
تنهن جي پاڙ ۾ هاري ڇڏي. 19 پوءِ هو انهيءَ وهڙي جي سموري
چربي ڪڍي، انهيءَ کي قربان‌گاهه تي رکي ساڙي. 20 هو هن وهڙي
سان به ائين ئي ڪري جيئن پنهنجي پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ واري
وهڙي سان ڪبو آهي. اهڙيءَ طرح هو ماڻهن جي گناهه جو ڪفارو
ادا ڪندو ته انهن کي معافي ملندي. 21 پوءِ انهيءَ ذبح ڪيل وهڙي
کي خيمي‌گاهه کان ٻاهر آندو وڃي ۽ اتي هو ان کي اهڙيءَ طرح ئي
ساڙي جهڙيءَ طرح پهرئين وهڙي کي ساڙيو ويندو آهي. اهڙي ئي
طريقي سان قوم جي پاڪ ٿيڻ واسطي اها قرباني پيش ڪئي وڃي.
22 جيڪڏهن ڪو اڳواڻ بناارادي ڪو اهڙو گناهه ڪري ڏوهاري
ٺهريو هجي جنهن جي مون خداوند سندس خدا منع ڪئي آهي، 23 پوءِ
جڏهن ڪيس پنهنجو ڪيل گناهه معلوم ٿي وڃي، تڏهن هو پنهنجي

پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ هڪڙو بيعيب ٻڪر آڻي. 24 هو انهيءَ
ٻڪر جي مٿي تي پنهنجو هٿ رکي ۽ قربانگاهہ جي اتر پاسي جتي
ساڙڻ واري قربانيءَ جا جانور مون خداوند جي آڏو ذبح ڪبا آهن،
اتي انهيءَ کي ذبح ڪري. 25 ڪاهن انهيءَ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ
جي رت مان ڪجهہ پنهنجيءَ آڱر سان کڻي، ساڙڻ واري قربانيءَ
جي قربانگاهہ جي سڱن تي لڳائي ۽ باقي رت انهيءَ قربانگاهہ
جي پاڙ ۾ هاري ڇڏي. 26 هو انهيءَ جي سموري چرٻي سلامتيءَ جي
قربانيءَ واري چرٻيءَ وانگر قربانگاهہ تي رکي ساڙي. اهڙيءَ طرح
ڪاهن انهيءَ اڳواڻ جي گناهہ جو ڪفارو ادا ڪندو تہ پوءِ هن کي
معافي ملندي.

27 جيڪڏهن قوم مان ڪو بہ ماڻهو بناارادي ڪو اهڙو گناهہ
ڪري ڏوهاري ٿئي جنهن جي مون خداوند منع ڪئي آهي، 28 پوءِ
جڏهن کيس پنهنجو ڪيل گناهہ معلوم ٿي وڃي، تڏهن هو پنهنجي
قربانيءَ واسطي هڪڙي بيعيب ٻڪري آڻي پنهنجي ڪيل گناهہ جي
لاءِ پيش ڪري. 29 هو انهيءَ جي مٿي تي پنهنجو هٿ رکي ۽ پوءِ
پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ واري انهيءَ ٻڪريءَ کي قربانگاهہ جي
اتر پاسي جتي ساڙڻ واري قربانيءَ جا جانور ذبح ڪبا آهن، اتي
ذبح ڪري. 30 ڪاهن انهيءَ جي رت مان ڪجهہ پنهنجيءَ آڱر سان
کڻي، ساڙڻ واري قربانيءَ جي قربانگاهہ جي سڱن تي لڳائي ۽
باقي رت انهيءَ قربانگاهہ جي پاڙ ۾ هاري ڇڏي. 31 پوءِ هو انهيءَ
جي سموري چرٻي، سلامتيءَ جي قربانيءَ واري چرٻيءَ وانگر ڪڍي
وٺي. ڪاهن اها قربانگاهہ تي رکي ساڙي تہ مون خداوند جي لاءِ
وڻندڙ خوشبوءِ ٿئي. اهڙيءَ طرح ڪاهن هن جو ڪفارو ادا ڪندو تہ
پوءِ هن کي معافي ملندي.

32 جيڪڏهن هو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ رڍ پيش ڪري تہ
اها بہ بيعيب هجي. 33 هو انهيءَ جي مٿي تي پنهنجو هٿ رکي
۽ پوءِ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ واري انهيءَ رڍ کي قربانگاهہ جي
اتر پاسي جتي ساڙڻ واري قربانيءَ جا جانور ذبح ڪبا آهن، اتي ذبح
ڪري. 34 ڪاهن انهيءَ جي رت مان ڪجهہ پنهنجي آڱر سان کڻي
ساڙڻ واري قربانيءَ جي قربانگاهہ جي سڱن تي لڳائي ۽ باقي رت
انهيءَ قربانگاهہ جي پاڙ ۾ هاري ڇڏي. 35 هو انهيءَ جي سموري
چرٻي، سلامتيءَ جي قربانيءَ واري گهيٽي جي چرٻيءَ وانگر ڪڍي
وٺي. ڪاهن انهيءَ کي قربانگاهہ تي انهن *قربانين جي مٿان رکي
ساڙي، جيڪي مون خداوند جي لاءِ ساڙبيون آهن. اهڙيءَ طرح ڪاهن
هن جي گناهہ جو ڪفارو ادا ڪندو تہ پوءِ هن کي معافي ملندي."

## قرباني ڏيڻ جا ڪارڻ

5 1 "جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهو گناهہ ڪري ٿو جو جڏهن شاهدي
ڏيڻ وقت کيس قسم ڏنو وڃي، تڏهن جيڪي ٻڌو يا ڏٺو هجائين
سو نہ ٻڌائي تہ انهيءَ جو ڏوهہ مٿس پوندو. 2 يا جيڪڏهن ڪو
ماڻهو اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪنهن ناپاڪ شيءِ کي ڇهي ناپاڪ ٿي پوي، پوءِ
اهو ڪنهن ناپاڪ جهنگلي جانور جو مڙهہ هجي، يا ڪنهن ناپاڪ
ڍور جو يا وري ڪنهن ناپاڪ سرندڙ جيت جو، تڏهن بہ هو ڏوهاري
ٿي چڪو. 3 يا جيڪڏهن ڪو ماڻهو اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي
انساني غلاظت، جنهن سان هو پليت ٿئي ٿو، تنهن کي ڇهي ٿو، پوءِ
جڏهن کيس اها ڳالهہ معلوم ٿيندي تڏهن هو ڏوهاري ٿيندو. 4 يا
جيڪڏهن ڪو ماڻهو بنا سوچڻ سمجهڻ جي نيڪي يا بدي ڪرڻ لاءِ
ڪوبہ قسم کڻي ٿو وجهي، جنهن ڳالهہ جي کيس خبر نہ ٿي رهي،
تہ پوءِ جڏهن کيس اها معلوم ٿئي تڏهن هو اهڙيءَ ڳالهہ جو ڏوهاري
ٿيندو. 5 انهن ڳالهين مان ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ جڏهن هو ڏوهاري
ٺهري تہ قبول ڪري تہ 'فلاڻي ڳالهہ ۾ مون گناهہ ڪيو آهي.'
6 پوءِ هن جيڪو گناهہ ڪيو هجي تنهن جي لاءِ هو مون خداوند جي
حضور ۾ پنهنجي پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ گهيٽي يا ٻڪري آڻي
پيش ڪري، تڏهن ڪاهن سندس گناهہ جو ڪفارو ادا ڪندو.
7 پر جيڪڏهن هن کي گهيٽيءَ يا ٻڪريءَ ڏيڻ جي طاقت نہ هجي
تہ هو پنهنجي گناهہ جي لاءِ مون خداوند جي حضور ۾ ٻہ ڳيرا
يا ٻہ ڪبوتر آڻي، هڪڙو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ ۽ ٻيو ساڙڻ
واري قربانيءَ لاءِ. 8 هو اهي ٻئي ڪاهن وٽ کڻي اچي. ڪاهن
پهريائين انهن مان هڪڙو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ پيش ڪري.
هو انهيءَ جي منڍي ڳچيءَ کان مروٽي، پر ڇني ڌار نہ ڪري. 9 هو
انهيءَ جي رت مان ڪجهہ قربانگاهہ جي پاسي تي ڇٽڪاري ۽
باقي رت قربانگاهہ جي پاڙ ۾ هاري ڇڏي. 10 پوءِ ٻي پکيءَ کي
هو قاعدي موجب ساڙڻ واري قربانيءَ طور پيش ڪري. اهڙيءَ طرح
ڪاهن سندس ڪيل گناهہ جو ڪفارو ادا ڪندو تہ پوءِ هن کي معافي
ملندي.

11 پر جيڪڏهن انهيءَ ماڻهوءَ کي ٻن ڳيرن يا ٻن ڪبوترن ڏيڻ
جي بہ طاقت نہ هجي، تہ پوءِ هو پنهنجي ڪيل گناهہ لاءِ هڪ
ڪلوگرام ميدو، پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور آڻي. هو انهيءَ تي
تيل نہ وجهي، نڪي مٿس لوبان رکي، ڇالاءِجو اها پاڪ ٿيڻ واسطي
قرباني آهي، نہ اناج جي قرباني. 12 هو اهو ميدو ڪاهن وٽ کڻي
اچي ۽ ڪاهن انهيءَ مان هڪڙي مٺ ڀري ڪڍي ۽ قربانگاهہ تي
انهن †قربانين جي مٿان رکي ساڙي، جيڪي مون خداوند جي لاءِ

*قربانين جي مٿان رکي ساڙي: ڏسو لاو 5:3 تي ڏنل پيرائي ۾.

†قربانين جي مٿان رکي ساڙي: ڏسو لاو 5:3 جي پيرائي ۾.

24:4 لاو 11:1 11:5 لاو 1:2

ساڙيون آهن. ائين ڪرڻ سان هن چڻ ته سڄي قرباني ساڙي ڇڏي.
13 اهڙيءَ طرح انهن ڳالهين مان جنهن ڳالهہ ۾ هن گناهہ ڪيو
هجي، تنهن لاءِ ڪاهن سندس خاطر ڪفارو ادا ڪري ته پوءِ هن
کي معافي ملندي. باقي جيڪي ڪجهہ بچي سو اناج جي قربانيءَ
وانگر ڪاهن جو ٿيندو."

## قصور جي تلافيءَ واسطي قربانيون

14 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 15 "جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون
خداوند کي ڏيڻ وارين مخصوص شين ڏيڻ کان بنااراديءَ انحرافي
ڪري قصور ڪري وجهي، ته هو پنهنجي انهيءَ قصور لاءِ، ڌڻ
مان هڪڙو بيءعيب گهٽو مون خداوند جي حضور ۾ آڻي، جنهن
جي قيمت *عبادتگاهہ جي سڪي جي تور مطابق چانديءَ جا اوترا
سڪا هجي جيترا مقرر ڪرڻ گهرجن. اها قصور جي تلافيءَ واسطي
قرباني آهي. 16 انهيءَ مخصوص شيءِ نہ ڏيڻ جو جيڪو قصور ڪيو
هجائين تنهن جو عيوض پري ڏئي. انهيءَ ۾ پنجون حصو ٻيو وڌائي
اهو سڀ ڪاهن کي ڏئي. ڪاهن قصور جي تلافيءَ واسطي قربانيءَ
وارو اهو گهٽو هن لاءِ ڪفارو ڪري ته پوءِ هن کي معافي ملندي.
17 جيڪڏهن ڪو ماڻهو قصور ڪري ڪو اهڙو ڪم ڪري وجهي
جنهن لاءِ مون خداوند منع ڪئي آهي، پوءِ جيتوڻيڪ انهيءَ جي خبر
نہ بہ هجيس ته بہ هو ڏوهاري آهي ۽ گناهہ جو بار مٿس پوندو.
18 تنهنڪري هو هڪڙو بيءعيب گهٽو، اوتري ئي قيمت جو جيتري
مقرر ڪرڻ گهرجي، قصور جي تلافيءَ واسطي قربانيءَ طور ڪاهن
وٽ آڻي. ڪاهن سندس بنااراديءَ ڪيل قصور لاءِ سندس واسطي
ڪفارو ڪري ته پوءِ هن کي معافي ملندي. 19 اها قصور جي تلافيءَ
واسطي قرباني آهي، ڇالاءِجو هو مون خداوند جو ڏوهاري آهي."
6 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 2 "جيڪڏهن ڪو ماڻهو گناهہ
ڪري مون خداوند جي انحرافي ڪري، جو ڪنهن امانت يا
ڏيتيليتيءَ ۾ پنهنجي پاڙيسريءَ سان بيايماني ڪري، يا سندس
ڪا شيءِ ڦري يا اهڙيءَ طرح پاڙيسريءَ سان ڪا ٺڳي ڪري، 3 يا
سندس ڪا گم ٿيل شيءِ لهي ۽ پوءِ نہ مڃي ۽ ڪوڙو قسم بہ کڻي،
ته پوءِ هو انهن سڀني مان ڪنهن هڪڙيءَ ڳالهہ ڪرڻ جي ڪري
بہ گنهگار ٿيندو. 4 تنهنڪري جڏهن هو گناهہ ڪري ڏوهاري ٿيو
آهي، ته پوءِ جيڪي ڦريو اٿائين، يا جيڪي ٺڳيءَ سان ورتو اٿائين،
يا جيڪا امانت وٽس رکيل آهي يا جيڪا گم ٿيل شيءِ لڌي اٿائين،
5 يا جنهن شيءِ بابت ڪوڙو قسم کنيو اٿائين سا ذري پرزي موٽائي
ڏئي. انهيءَ سان گڏ جنهن وقت هو ڏوهاري ٺهرايو وڃي تنهن وقت
انهيءَ شيءِ جي مالڪ کي سندس شيءِ جو پنجون حصو وڌيڪ
ادا ڪري. 6 ان کان علاوه هو پنهنجي قصور جي تلافيءَ واسطي
قربانيءَ لاءِ ڌڻ مان ايتري قيمت جو هڪڙو بيءعيب گهٽو مون خداوند
جي حضور ۾ آڻي ڪاهن وٽ پيش ڪري، جيتري قيمت جو مقرر
ڪرڻ گهرجي. 7 اهڙيءَ طرح ڪاهن سندس واسطي مون خداوند جي
حضور ۾ ڪفارو ادا ڪري، ته پوءِ جنهن ڪم جي ڪرڻ ڪري هو
ڏوهاري ٿيو هوندو تنهن جي هن کي معافي ملندي."

## ساڙڻ واري قربانيءَ بابت قاعدو

8 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 9 "تون هارون ۽ سندس پٽن کي
حڪم ڪري چئُہ تہ ساڙڻ واري قربانيءَ جو قاعدو هن ريت آهي،
تہ ساڙڻ واري قرباني ساري رات ويندي صبح تائين قربانگاهہ تي
آتشدان جي مٿان رکي رهي ۽ قربانگاهہ تي باهہ ٻرندي رهي.
10 تڏهن ڪاهن پنهنجي سڻيءَ واري پوشاڪ پائي ۽ سڻيءَ جي سٿڻ
بت تي ڍڪي ۽ ساڙڻ واري قرباني جيڪا سڙي رک ٿي ويئي هجي،
سا رک کڻي هو قربانگاهہ جي هڪڙي پاسي رکي ڇڏي. 11 پوءِ
هو پنهنجي اها خاص پوشاڪ لاهي ٻي پائي ۽ اتان اها رک کڻي
خيميگاهہ کان ٻاهر ڪنهن پاڪ جاءِ تي وڃي رکي. 12 قربانگاهہ
تي باهہ ٻرندي رهي ۽ اها ڪڏهن بہ نہ وسامي. هر روز صبح جو
ڪاهن انهيءَ تي ڪاٺيون ٻاري، مٿس ساڙڻ واري قرباني ٺاهي رکي
۽ سلامتيءَ جي قربانين جي چربي بہ ساڙي. 13 قربانگاهہ تي باهہ
هميشہ ٻرندي رهي ۽ اها ڪڏهن بہ نہ وسامي.

## اناج جي قرباني

14 اناج جي قربانيءَ جو قاعدو هن ريت آهي تہ هارون جي پٽن
مان ڪو ڪاهن اها قربانگاهہ جي سامهون مون خداوند جي حضور
۾ پيش ڪري. 15 هو انهيءَ اناج جي قربانيءَ واري تيل گڏيل ميدي
مان، قربانيءَ تي رکيل سموري لوبان سميت مٺ ڀري کڻي ۽ اها
قربانگاهہ تي رکي مون خداوند جي حضور ۾ وڻندڙ خوشبوءِ جي
لاءِ ساڙي. ائين ڪرڻ سان هن چڻ تہ سڄي قرباني ساڙي ڇڏي.
16 جيڪي انهيءَ مان باقي بچي سو هارون ۽ سندس پٽ خمير ملائڻ
کان سواءِ مخصوص جاءِ تي يعني مون خدا سان ملاقات واري خيمي
جي اڱڻ ۾ ئي پچائي کائين. 17 انهيءَ ۾ خمير گڏي نہ پچايو وڃي.
مون پنهنجين ساڙيون ويندڙ قربانين مان بچائي اهو سندن حصي طور
کين ڏنو آهي ۽ اهو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ ۽ قصور جي تلافيءَ
واسطي قربانيءَ وانگر مون خدا لاءِ ئي مخصوص آهي. 18 هارون
جي اولاد مان رڳو مرد ماڻهو اهو کائين. اوهان جي سڀني پيڙهين
۾، مون خداوند جي لاءِ ساڙيون ويندڙ قربانين ۾ اهو هنن جو هميشہ
جي لاءِ حق آهي. جيڪو انهن قربانين کي ڇهي سو ضرور مخصوص
ٿيل هجي."

*عبادتگاهہ جي سڪي جي تور: اٽڪل ٻارهن گرام.

6:1–7 ڳا 5:5–8

19 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 20 ”جنهن ڏينهن هارون جي اولاد
مان ڪنهن کي ڪاهن ٿيڻ لاءِ مسح ڪري مخصوص ڪيو وڃي تنهن
ڏينهن اهو مون خداوند جي حضور ۾ باقاعدي اناج جي قربانيءَ طور
هڪ ڪلوگرام ميدو آڻي، جنهن مان اڌ صبح جو ۽ اڌ شام جو هن
ريت پيش ڪيو وڃي. 21 اهو ميدو تيل ۾ ڳوهي تئي تي پچائجي.
جڏهن پچي وڃي تڏهن اهو اندر آندو وڃي ۽ انهيءَ جا پورا پورا ڪري
اناج جي قربانيءَ طور مون خداوند جي حضور ۾ وڻندڙ خوشبوءِ جي
لاءِ پيش ڪيو وڃي. 22 هارون جي اولاد مان جيڪو سندس جاءِ تي
سردار ڪاهن هجي سو ئي اها آڻي پيش ڪري. اهو هميشه جي لاءِ
قانون آهي ته اها سموري قرباني مون خداوند جي لاءِ ساڙي ڇڏجي.
23 ڪاهن جيڪا به اناج جي قرباني آڻي سا سموري ساڙي وڃي، اها
کائڻ ۾ بلڪل نه اچي.“

## پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني

24 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 25 ”هارون ۽ سندس پٽن کي چئُه
ته پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ جو قاعدو هن ريت آهي ته قربان‌گاهه
جي اتر پاسي، جنهن جاءِ تي ساڙڻ واري قربانيءَ جو جانور ذبح ڪيو
ويندو آهي، انهيءَ ئي جاءِ تي پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ جو جانور به
مون خداوند جي حضور ۾ ذبح ڪيو وڃي، ڇوته اها خاص قرباني مون
لاءِ مخصوص آهي. 26 جيڪو ڪاهن اها قرباني پيش ڪري ٿو سو اها
مخصوص جاءِ تي يعني مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڱڻ ۾
ئي کائي. 27 جيڪو به ماڻهو انهيءَ جانور جي گوشت کي ڇهي يا جا
به شيءِ ان تي استعمال ٿئي سا ضرور مخصوص ٿيل هجي. جيڪڏهن
ڪنهن ڪپڙي تي انهيءَ جي رت جا ڇنڊا پئجي وڃن ته اهو پاڪ جاءِ
تي وڃي ڌوئجي. 28 جيڪڏهن اهو گوشت ڪنهن ٺڪر جي ٿانوَ ۾ رڌو
وڃي ته اهو ٿانوُ ڀڃي ڇڏجي. پر جيڪڏهن ڪنهن پتل جي ٿانوَ ۾
رڌو وڃي ته انهيءَ ٿانوَ کي ملي پاڻيءَ سان آگهاري صاف ڪجي.
29 ڪاهنن جي گهراڻن جا رڳو مرد انهيءَ مان کائي سگهن ٿا، ڇوته
اها خاص قرباني مون خدا لاءِ ئي مخصوص آهي. 30 پر جنهن پاڪ
ٿيڻ واسطي قربانيءَ جو رت مقدس جاءِ ۾ ڪفاري ادا ڪرڻ لاءِ آندو
وڃي، تنهن جو گوشت بلڪل نه کاڌو وڃي، بلڪ اهو ساڙيو وڃي.“

## قصور جي تلافيءَ واسطي قرباني

7 1 ”قصور جي تلافيءَ واسطي قرباني، جيڪا مون خدا لاءِ ئي
مخصوص آهي تنهن جو قاعدو هن ريت آهي. 2 قربان‌گاهه
جي اتر پاسي جنهن جاءِ تي ساڙڻ واري قربانيءَ جو جانور ذبح ڪيو
ويندو آهي، انهيءَ ئي جاءِ تي قصور جي تلافيءَ واسطي قربانيءَ
جو جانور ذبح ڪيو وڃي ۽ انهيءَ جو رت قربان‌گاهه تي چئني طرفن
کان ڇٽڪاريو وڃي. 3 ڪاهن انهيءَ جي سموري چربي پيش ڪري،
يعني دنب ۽ اها چربي جنهن سان آنڊا ۽ اوجهري ڍڪيل هوندا آهن،
4 ٻئي بڪيون ۽ انهن جي مٿان واري چربي جيڪا ڪمر جي ٻنهي
پاسن تي ٿئي ٿي ۽ جيري جي مٿان جيڪو پردو آهي سو بڪين سميت
ڪڍي وٺي. 5 ڪاهن انهن کي قربان‌گاهه تي رکي مون خداوند
جي حضور ۾ ساڙي. اهڙيءَ طرح قصور جي تلافيءَ واسطي قرباني
پيش ڪئي وڃي. 6 ڪاهنن جي گهراڻن جا رڳو مرد پلي انهيءَ مان
کائين. پر اها مخصوص جاءِ تي ئي کائجي، ڇوته اها خاص قرباني
مون لاءِ ئي مخصوص آهي.
7 پاڪ ٿيڻ واسطي ۽ قصور جي تلافيءَ واسطي قربانين جو قاعدو
هڪڙو ئي آهي، جو هي آهي ته جيڪو ڪاهن انهيءَ قربانيءَ سان
ڪفارو ادا ڪري ٿو تنهن کي ئي انهيءَ جو گوشت ملي. 8 جيڪو
ڪاهن ڪنهن ماڻهوءَ جي ساڙڻ واري قرباني پيش ڪري ٿو، قرباني
ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ جي کل ڪاهن جي ٿيندي. 9 سيڪا اناج جي
قرباني، جا تنور ۾ پڪل هوندي، يا تئي تي پڪل هوندي يا وري
تئيءَ ۾ تريل هوندي، سا انهيءَ ڪاهن جي ٿيندي جيڪو اها قرباني
پيش ڪندو. 10 ٻي سيڪا اناج جي قرباني جيڪا پڪل ناهي پوءِ اها
تيل سان گڏيل هجي توڙي خشڪ، سا هارون جي ساري اولاد جي
ٿيندي ۽ سڀني کي هڪ جيترو حصو ملندو.“

## سلامتيءَ جي قرباني

11 ”جڏهن ڪو ماڻهو مون خداوند جي حضور ۾ سلامتيءَ جي
قرباني پيش ڪري ته انهيءَ جو قاعدو هن ريت آهي. 12 جيڪڏهن
هو اها قرباني شڪرگذاريءَ جي لاءِ پيش ڪري ته جانور ذبح ڪرڻ
سان گڏ ميدي جون تيل ۾ ڳوهيل بيخميري مانيون، تيل مکيل
بيخميري ٽڪيون ۽ تيل ۾ ڳوهي پچايل ڍوڍا پيش ڪري. 13 انهيءَ
سلامتيءَ جي قربانيءَ سان گڏ هو خميري مانيءَ جا ڍوڍا به پيش
ڪري. 14 اهو ماڻهو هر ڪنهن منجهان هڪڙي هڪڙي ماني ڪڍي هڪ
خاص قربانيءَ طور مون خداوند جي حضور ۾ پيش ڪري، اها انهيءَ
ڪاهن جي ٿيندي جيڪو سلامتيءَ جي قربانيءَ جو رت قربان‌گاهه
تي ڇٽڪاريندو. 15 شڪرگذاريءَ جي لاءِ ڪيل سلامتيءَ جي قربانيءَ
جو گوشت انهيءَ ڏينهن ئي کاڌو وڃي، جنهن ڏينهن اها قرباني پيش
ڪئي وڃي. انهيءَ مان ڪجهه به صبح تائين نه بچايو وڃي.
16 جيڪڏهن ڪو ماڻهو سلامتيءَ جي قربانيءَ جو جانور ڪنهن
باسيل توڙي خوشيءَ جي قربانيءَ طور ذبح ڪري، ته انهيءَ جو
گوشت به قرباني ڪرڻ واري ڏينهن کاڌو وڃي، پر جي انهيءَ مان
ڪجهه بچي پوي ته اهو ٻئي ڏينهن کائي ڇڏجي. 17 ليڪن قربانيءَ
جي گوشت مان جيڪي ٽئين ڏينهن تائين بچي، سو ساڙيو وڃي.
18 جيڪڏهن انهيءَ گوشت مان ٽئين ڏينهن تائين ڪجهه کائبو ته
اها قرباني قبول نه پوندي، نڪي انهيءَ جو اجورو قرباني ڏيڻ واري

20:6 خر 40:29

ڪي ملندو، ڇوته اهو گوشت حرام آهي ۽ جيڪو انهيءَ مان کائيندو
تنهن جو گناهه انهيءَ جي مٿان پوندو.
19 جيڪو گوشت ڪنهن ناپاڪ شيءِ کي لڳي سو هرگز نه کائجي،
بلڪ اهو ساڙي ڇڏجي. باقي جيڪو ٻيو گوشت آهي سو هر ڪو
ماڻهو پاڪائيءَ سان ڀلي کائي. 20 جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون خداوند
جي لاءِ پيش ڪيل سلامتيءَ جي قربانيءَ جو گوشت ناپاڪيءَ جي
حالت ۾ کائيندو ته انهيءَ کي منهنجيءَ قوم مان خارج ڪيو ويندو.
21 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ناپاڪ شيءِ کي ڇهي، پوءِ اها ناپاڪ
شيءِ انسان جي هجي يا جانور جي يا ٻي ڪا ناپاڪ مڪروهه شيءِ
هجي، ته انهيءَ حالت ۾ جي هو مون خداوند جي لاءِ پيش ڪيل
سلامتيءَ جي قربانيءَ جو گوشت کائيندو ته انهيءَ کي منهنجيءَ
قوم مان خارج ڪيو ويندو.“

## ڇرٻي ۽ رت کائڻ جي منع

22 خداوند موسيٰ کي 23 بني اسرائيل لاءِ هي حڪم ڏنو ته ”اوهين
وهڙي، رڍن يا ٻڪرين جي ڇرٻي نه کائجو. 24 جيڪو جانور پاڻيهي
مري وڃي يا جنهن کي جهنگلي جانورن ڦاڙيو هجي ته انهيءَ جي
ڇرٻي ڪنهن ٻئي ڪم ۾ ڀلي آڻجو پر کائجو اصل نه. 25 جيڪو
به ماڻهو ڪنهن اهڙي جانور جي ڇرٻي کائيندو، جو مون خداوند
جي لاءِ ساڙي ويندڙ قربانيءَ طور پيش ڪيو ويو هجي، تنهن کي
منهنجيءَ قوم مان خارج ڪيو ويندو. 26 ان کان سواءِ اوهين جتي به
رهو تتي ڪنهن به قسم جو رت نه کائجو پيئجو، پوءِ اهو پکيءَ جو
هجي توڙي جانور جو. 27 بلڪ جيڪو ماڻهو ڪنهن به قسم جو رت
کائيندو پيئندو ته انهيءَ کي منهنجيءَ قوم مان خارج ڪيو ويندو.“

## ڪاهن جو حصو

28 خداوند موسيٰ کي 29 بني اسرائيل لاءِ هي فرمايو ته ”جيڪو
ماڻهو پنهنجي سلامتيءَ جي قرباني پيش ڪري، ته اهو پنهنجي
قربانيءَ مان مون خداوند جي لاءِ خاص حصو آڻي. 30 اهو هو پاڻ
پنهنجن هٿن سان مون خداوند جي لاءِ ساڙي ويندڙ قربانيءَ طور
آڻي. هو ڇرٻي سيني سميت کڻي اچي ته سينو هٿن تي بلند ڪري
نذراني طور مون خداوند جي حضور ۾ پيش ڪري. 31 ڪاهن اها
ڇرٻي قربان‌گاهه تي رکي ساڙي. پر سينو هارون ۽ سندس پٽن جو
ٿيندو. 32 ساڄي ران، خاص نذراني طور انهيءَ ڪاهن کي ڏني
وڃي، 33 جيڪو سلامتيءَ جي قربانيءَ جو رت ۽ ڇرٻي پيش ڪري.
34 ڇالاءِجو مون بني اسرائيل جي سلامتيءَ جي قربانين مان سينو
هٿن تي بلند ڪري قربانيءَ طور ۽ ران خاص نذراني طور هارون
ڪاهن ۽ سندس پٽن کي ڏنا آهن. اهو هميشه جي لاءِ بني اسرائيل
تي هنن جو حق رهندو.“
35 اهو آهي خداوند جي لاءِ ساڙيون ويندڙ قربانين مان هارون ۽
سندس پٽن جو حصو، جيڪو انهيءَ ڏينهن مقرر ڪيو ويو هو جنهن
ڏينهن کين ڪهانت جي عهدي تي خداوند جي خدمت ڪرڻ لاءِ وقف
ڪيو ويو هو. 36 انهيءَ ڏينهن خداوند کين مسح ڪرائي مخصوص
ڪيو ۽ هنن بابت اهو حڪم ڏنائين ته ”بني اسرائيل کان اهو حصو
کين ملندو رهي. اهو هميشه جي لاءِ سندن سڀني پيڙهين تائين هنن
جو حق رهندو.“
37 سو ساڙڻ واري قرباني، اناج جي قرباني، پاڪ ٿيڻ واسطي
قرباني، قصور جي تلافيءَ واسطي قرباني، مخصوصيت جي قرباني
۽ سلامتيءَ جي قربانيءَ جا قاعدا اهي آهن. 38 انهن بابت خداوند
موسيٰ کي سينا جبل تي انهيءَ ڏينهن حڪم ڏنو هو جنهن ڏينهن
موسيٰ سينا جي بيابان ۾ بني اسرائيل کي چيو هو ته هو خداوند جي
لاءِ پنهنجيون قربانيون پيش ڪن.

## هارون ۽ سندس پٽن جي ڪاهن طور مخصوصيت

(خروج 29:1–37)

8 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 2 ”تون هارون ۽ سندس پٽن کي
پاڻ سان وٺي، سندن *ڪهانت واري خاص پوشاڪ، مسح ڪرڻ
جو تيل، پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ وهڙو، ٻه گهٽا ۽ بي‌خميري
مانين جي ٽوڪري کڻي، 3 سڄيءَ قوم کي مون خدا سان ملاقات
واري خيمي جي آڏو آڻي گڏ ڪر.“ 4 سو موسيٰ ائين ئي ڪيو جيئن
خداوند حڪم ڏنو هوس. جڏهن سڄي قوم خدا سان ملاقات واري
خيمي جي آڏو اچي گڏ ٿي، 5 تڏهن موسيٰ انهن کي چيو ته ”هيئنر
آءٌ اهو ڪم ڪريان ٿو، جنهن بابت خداوند حڪم ڏنو آهي.“
6 پوءِ موسيٰ هارون ۽ سندس پٽن کي اڳتي اڱڻ ۾ آندو ۽ کين
وهنجاريائين. 7 پوءِ هن هارون کي پهراڻ پارائي پٽو ٻڌو ۽ جبو
ڍڪايائينس. انهيءَ جي مٿان مذهبي فراڪ وڌائينس ۽ ڪاريگريءَ
سان اُڻيل مذهبي فراڪ وارو ڪمربند به ڇيلهه سان ٻڌي قابو
ڪيائينس. 8 کيس سينابند پارائي، انهيءَ ۾ †اُوريم ۽ ٿُميم به
وڌائين. 9 سندس مٿي تي پڳ رکيائين ۽ پڳ جي مٿان اڳيئن پاسي
ڪهانت جي مخصوصيت واري سوني تختي رکيائين. سو موسيٰ
ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس حڪم ڏنو هو.

*ڪهانت واري خاص پوشاڪ: انهيءَ پوشاڪ جي بيان لاءِ ڏسو خروج باب 28.

†اُوريم ۽ ٿُميم: هي پٿر جهڙيون ٻه ننڍڙيون شيون هيون، جن کي ڪاهن خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو هو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“ ڏسو.

7:26–27 پيد 9:4، لاو 17:10–14، 19:26، شر 12:16،23، 15:23

10 پوءِ موسيٰ مسح ڪرڻ جو تيل کڻي مقدس خيمي ۽ انهيءَ
جي اندر جيڪي ڪجهہ هو تنهن کي مسح ڪري مخصوص ڪيو.
11 انهيءَ تيل مان ڪجهہ کڻي هن ست دفعا اڳڻ ۾ قربان‌گاهہ تي
ڇٽڪاريو. اهڙيءَ طرح هن قربان‌گاهہ ۽ انهيءَ جي سڀني ٿانون،
حوض ۽ انهيءَ جي گهوڙيءَ کي مسح ڪيو تہ جيئن مخصوص ٿين.
12 هن مسح ڪرڻ جي تيل مان ڪجهہ هارون جي مٿي تي پئٽيو ۽
کيس مسح ڪيائين تہ جيئن هو مخصوص ٿئي. 13 پوءِ موسيٰ هارون
جي پٽن کي اڳتي آندو ۽ هنن کي پهراڻ پارائي پٽا ٻڌائين ۽ کين
ٽوپيون پارايائين. موسيٰ هي سڀ ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس
حڪم ڏنو هو.

14 ان کان پوءِ هن پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ وارو وهڙو آندو.
هارون ۽ سندس پٽن پنهنجا هٿ انهيءَ جي مٿي تي رکيا. 15 تڏهن
موسيٰ انهيءَ کي ذبح ڪيو ۽ انهيءَ جو رت کڻي پنهنجيءَ آڱر سان
قربان‌گاهہ جي چئني سڱن تي لڳائي قربان‌گاهہ کي پاڪ ڪيائين.
باقي رت هن قربان‌گاهہ جي پاڙ ۾ هاري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هن
انهيءَ جو ڪفارو ڏنو تہ جيئن اها مخصوص ٿئي. 16 موسيٰ آنڊن ۽
اوجهريءَ جي مٿان واري سموري چرٻي، جيري جو پردو، ٻئي بڪيون
۽ انهن جي چرٻي ڪڍي انهن کي قربان‌گاهہ تي ساڙيو. 17 پر هن
باقي وهڙي کي سندس کل، گوشت ۽ اوجهہ سميت خيمي‌گاهہ کان
ٻاهر کڻي وڃي ساڙي ڇڏيو، جيئن خداوند کيس حڪم ڏنو هو.

18 پوءِ موسيٰ ساڙڻ واري قربانيءَ جو گهٽو اڳتي آندو ۽ هارون
۽ سندس پٽن انهيءَ جي مٿي تي پنهنجا هٿ رکيا. 19 تڏهن موسيٰ
انهيءَ کي ذبح ڪيو ۽ انهيءَ جو رت قربان‌گاهہ جي چئني پاسن تي
ڇٽڪاريائين. 20‏–21 پوءِ هن گهٽي کي وڍي چند ٽڪر ڪري، انهيءَ
جي آنڊن، اوجهري ۽ پاون کي پاڻيءَ سان ڌوتو. پوءِ منڍيءَ ۽ چرٻيءَ
سميت سموري گهٽي کي قربان‌گاهہ تي رکي ساڙيائين. اها خداوند
جي لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ جي ساڙڻ واري قرباني هئي جيڪا ساڙبي
آهي. موسيٰ هي سڀ ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس حڪم ڏنو هو.

22 ان کان پوءِ موسيٰ ٻيو گهٽو، جيڪو ڪاهنن جي مخصوصيت
جو گهٽو هو، سو اڳتي آندو. هارون ۽ سندس پٽن انهيءَ گهٽي جي
مٿي تي پنهنجا هٿ رکيا. 23 تڏهن موسيٰ انهيءَ کي ذبح ڪيو ۽
انهيءَ جو ڪجهہ رت کڻي، هارون جي ساڄي ڪن جي پاپڙيءَ تي،
سندس ساڄي هٿ جي آڱوٺي تي ۽ ساڄي پير جي آڱوٺي تي لڳايو.
24 پوءِ هن هارون جي پٽن کي اڳتي آندو ۽ ڪجهہ رت کڻي انهن جي
ساڄي ڪن جي پاپڙيءَ تي، سندن ساڄي هٿ جي آڱوٺي تي ۽ ساڄي
پير جي آڱوٺي تي لڳايو. باقي رت موسيٰ قربان‌گاهہ تي چئني پاسن
تي ڇٽڪاري ڇڏيو. 25 ان بعد هن ساڄي ران ۽ چرٻي يعني دنب، آنڊن
اوجهريءَ جي مٿان واري سموري چرٻي، جيري جو پردو، ٻئي بڪيون
۽ انهن جي چرٻي ڪنئي. 26 هن بي‌خميري مانين واري ٽوڪريءَ مان،
جيڪي خداوند جي لاءِ وقف ٿيل هيون، هڪڙي ماني، هڪڙو تيل ۾
ڳوهيل ڍوڍو ۽ هڪڙي ٽڪي ڪڍي ۽ اهي چرٻيءَ ۽ ساڄي ران جي
مٿان رکيائين. 27 تڏهن هن اهي سڀ شيون هارون ۽ سندس پٽن جي
هٿن تي رکيون ۽ ڪائن هٿن تي بلند ڪرڻ واري قربانيءَ طور اهي
خداوند جي حضور ۾ پيش ڪرايون. 28 پوءِ موسيٰ اهي سڀ شيون
هنن جي هٿن مان وٺي قربان‌گاهہ تي ساڙڻ واري قربانيءَ جي مٿان
رکي ساڙيون. اها خداوند جي لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ واري مخصوصيت
جي قرباني هئي، جا ساڙبي آهي. 29 پوءِ موسيٰ گهٽي جو سينو کڻي
هٿن تي بلند ڪرڻ واري قربانيءَ طور خداوند جي حضور ۾ پيش
ڪيو. مخصوصيت واري گهٽي مان اهو ئي موسيٰ جو حصو هو.
سو جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو هو تيئن ڪيائين.

30 ان بعد موسيٰ مسح ڪرڻ جي تيل مان ۽ قربان‌گاهہ تي پيل رت
مان ڪجهہ کڻي هارون ۽ سندس پٽن تي ۽ انهن جي خاص پوشاڪن
تي ڇٽڪاريو. اهڙيءَ طرح هن هارون ۽ سندس پٽن ۽ انهن جي خاص
پوشاڪن کي مخصوص ڪيو.

31 تڏهن موسيٰ هارون ۽ سندس پٽن کي چيو تہ ”تون ۽ تنهنجا پٽ
هي گوشت خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڳڻ ۾ رڌيو. پوءِ اهو
مخصوصيت واري قربانيءَ جي ٽوڪريءَ ۾ پيل مانين سان گڏ اتي
ئي ويهي کائو، جيئن مون خداوند جو حڪم ٻڌايو آهي تہ ’هارون ۽
سندس پٽ اهو کائين.‘ 32 انهيءَ گوشت ۽ مانين مان جيڪي بچي
سو اوهين ساڙي ڇڏيو. 33‏–34 جيئن اڄ ڪيو ويو آهي تيئن ئي خداوند
حڪم ڏنو هو تہ اوهان جي ڪفاري ڏيڻ لاءِ ڪيو وڃي. جيستائين
اوهان جي مخصوصيت جا ست ڏينهن پورا نہ ٿين تيستائين اوهين خدا
سان ملاقات واري خيمي جي اڳڻ کان ٻاهر نہ وڃجو. ستن ڏينهن ۾
هو اوهان کي مخصوص ڪري ڇڏيندو. 35 اوهين ستن ڏينهن ۽ ستن
راتين تائين خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڳڻ ۾ ويٺي خداوند جي
حڪم جي تعميل ڪندا رهجو، نہ تہ اوهين مري ويندا. خداوند مون
کي اهڙو ئي حڪم ڏنو آهي.“ 36 سو هارون ۽ سندس پٽن سڀئي ڪم
خداوند جي حڪمن موجب ڪيا جيڪي هن موسيٰ جي معرفت ڏنا هئا.

## ڪاهنن جو خدمت جو ڪم شروع ڪرڻ

9 1 مخصوصيت جي ستن ڏينهن بعد اٺين ڏينهن تي موسيٰ
هارون، سندس پٽن ۽ بني اسرائيل جي اڳواڻن کي پاڻ وٽ
سڏايو. 2 هن هارون کي چيو تہ ”تون پنهنجي پاڪ ٿيڻ واسطي
قربانيءَ لاءِ هڪڙو بي‌عيب گابو ۽ پنهنجي ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ
هڪڙو بي‌عيب گهٽو وٺ ۽ اهي خداوند جي حضور ۾ آڻي پيش
ڪر. 3 بني اسرائيل کي بہ چئُہ تہ هو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ
هڪڙو ٻڪر ۽ ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ هڪڙو گابو ۽ هڪڙو گهيٽو
آڻين. اهي ٻئي بي‌عيب ۽ يڪسالا هجن. 4 هو سلامتيءَ جي قربانيءَ
لاءِ هڪڙو ڏاند ۽ هڪڙو گهٽو خداوند جي حضور ۾ قربان ڪرڻ لاءِ
آڻين. انهيءَ سان گڏ هو اناج جي قربانيءَ وارو تيل ۾ ڳوهيل ميدو
بہ آڻين، ڇالاءِجو اڄ خداوند اوهان جي اڳيان ظاهر ٿيندو.“

5 سو اهي موسيٰ جي حڪم موجب، سڀ ڪجهه ساڻ ڪري خدا
سان ملاقات واري خيمي جي اڳيان آيا ۽ ساري قوم ويجهو اچي
خداوند جي حضور ۾ بيٺي. 6 تڏهن موسيٰ چيو تہ ”هي آهي اهو
ڪم جنهن جي ڪرڻ جو خداوند اوهان کي حڪم ڏنو آهي، انهيءَ
لاءِ تہ سندس جلوو اوهان تي ظاهر ٿئي.“ 7 پوءِ موسيٰ هارون کي
چيو تہ ”تون قربانگاهہ جي ويجهو وڃ ۽ پنهنجي پاڪ ٿيڻ واسطي
قرباني ۽ ساڙڻ واري قرباني ڪر ۽ پنهنجي لاءِ ڪفارو ادا ڪر. پوءِ
تون امت واسطي بہ قربانيون پيش ڪر ۽ انهيءَ لاءِ ڪفارو ادا ڪر،
جيئن خداوند حڪم ڏنو آهي.“
8 سو هارون قربانگاهہ وٽ ويو ۽ پنهنجي پاڪ ٿيڻ واسطي
قربانيءَ وارو ڳابو ذبح ڪيائين. 9 هارون جي پٽن انهيءَ جو رت
وٽس آڻي پيش ڪيو ۽ هن پنهنجي آڱر انهيءَ رت ۾ ٻوڙي قربانگاهہ
جي سڱن تي لڳايو ۽ باقي رت قربانگاهہ جي پاڙ ۾ هاري ڇڏيائين.
10 انهيءَ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ مان هن چربي، بڪيون ۽ جيري
جو پردو ڪڍي قربانگاهہ تي رکي ساڙيا، جيئن خداوند موسيٰ کي
فرمايو هو. 11 باقي گوشت ۽ کل هن خيميگاهہ کان ٻاهر ساڙي
ڇڏيا. 12 پوءِ هارون ساڙڻ واري قربانيءَ جو گهٽو ذبح ڪيو ۽ سندس
پٽن انهيءَ جو رت وٽس آڻي پيش ڪيو. هن اهو قربانگاهہ جي
چئني پاسن تي ڇٽڪاري ڇڏيو. 13 پوءِ هنن ساڙڻ واري قربانيءَ جي
گهٽي جا ٽڪر ان جي منڍيءَ سميت هارون کي ڏنا، جيڪي هن
قربانگاهہ تي رکي ساڙيا. 14 هن آنڊا، اوجهري ۽ پاوا ڌوتا ۽ انهن
کي بہ قربانگاهہ تي پوري قربانيءَ جي مٿان رکي ساڙيائين.
15 پوءِ هارون قوم جون قربانيون پيش ڪيون. انهيءَ لاءِ هن اهو
ٻڪر جيڪو قوم جي پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني لاءِ آندو ويو هو سو
آڻي ذبح ڪيو. هن اهو پنهنجي پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ وانگر پيش
ڪيو. 16 انهيءَ کان پوءِ هن ساڙڻ واري قربانيءَ جو ڳابو ۽ گهيٽو
اڳيان آندو ۽ قاعدي موجب انهن کي قربان ڪيائين. 17 هن اناج جي
قرباني بہ پيش ڪئي. انهيءَ مان هڪڙي مٺ ڀري، اها قربانگاهہ تي
ساڙيائين. اها قرباني صبح جو پيش ڪيل روزانہ ساڙڻ واري قربانيءَ
کان علاوه ڪئي ويئي. 18 هن قوم جي لاءِ سلامتيءَ جي قربانيءَ
طور ڏاند ۽ گهٽو بہ ذبح ڪيو. سندس پٽن انهيءَ جو رت وٽس آڻي
پيش ڪيو، جيڪو هن قربانگاهہ جي چئني پاسن تي ڇٽڪاريو. 19 ان
بعد ڏاند جي چربي، گهٽي جي چربي ۽ دنب، ٻنهي جون بڪيون
۽ جيرن جا پردا ڪڍي، 20 هنن اهي سڀ سينن تي رکي ڇڏيا. پوءِ
هارون اتان چربي کڻي قربانگاهہ تي رکي ساڙي. 21 هارون ٻئي سينا
۽ ساڄي ران کڻي، هٿن تي بلند ڪرڻ واري قربانيءَ طور خداوند جي
حضور ۾ پيش ڪيا، جيئن موسيٰ فرمايو هو.
22 اهڙيءَ طرح پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني، ساڙڻ واري قرباني ۽
سلامتيءَ جي قرباني پيش ڪرڻ بعد هارون پنهنجا هٿ ماڻهن ڏانهن
کڻي کين دعا ڪئي ۽ قربانگاهہ تان هيٺ لهي آيو. 23 پوءِ موسيٰ
۽ هارون خدا سان ملاقات واري خيمي اندر ويا ۽ جڏهن ٻاهر نڪري
آيا تہ ماڻهن کي دعا ڪيائون. تڏهن خداوند جو جلوو سڀني ماڻهن
کي ڏسڻ ۾ آيو. 24 ڏسندي ئي ڏسندي خداوند جي حضور مان باهہ
نڪتي ۽ قربانگاهہ تي جيڪا ساڙڻ واري قرباني ۽ چربي رکي هئي
تنهن کي ساڙي ڇٽ ڪري ڇڏيائين. جڏهن سڀني ماڻهن اهو حال
ڏٺو تڏهن حيرت وچان رڙيون ڪندي سجدي ۾ ڪري پيا.

## غير شرعي باهہ جي سزا

10 1 پوءِ هارون جي پٽن مان ندب ۽ ابيهو پنهنجو پنهنجو
لوبان‌دان کڻي انهيءَ تي ٽانڊا رکيا، انهن جي مٿان لوبان
وڌائون ۽ خداوند جي حضور ۾ اهڙي غير شرعي باهہ پيش ڪيائون،
جنهن جو هن حڪم ڪونہ ڏنو هو. 2 تڏهن اوچتو ئي خداوند جي
حضور مان باهہ نڪتي ۽ اهي ٻئي اتي خداوند جي سامهون سڙي
مري ويا. 3 تنهن تي موسيٰ هارون کي چيو تہ ”اها ئي ڳالهہ آهي
جا خداوند فرمائي هئي تہ
‘جيڪي منهنجي ويجهو اچن،
سي منهنجي پاڪيزگيءَ جو احترام ڪن،
بيشڪ سڀني ماڻهن جي نظر ۾ آءٌ ئي عظمت وارو هوندس.’“
تڏهن هارون خاموش رهيو.
4 پوءِ موسيٰ پنهنجي ۽ هارون جي چاچي عزي‌ايل جي پٽن
ميشايل ۽ اليصافن کي سڏي چيو تہ ”اوهين ويجها اچو ۽ پنهنجي
سوٽ جي پٽن جي لاشن کي مقدس جاءِ مان ڪڍي خيميگاهہ کان
ٻاهر کڻي وڃو.“ 5 سو هو ويجها آيا ۽ انهن جي لاشن کي پنهنجن
ڪپڙن ۾ کڻي، موسيٰ جي حڪم موجب خيميگاهہ کان ٻاهر ڪڍي
ويا. 6 پوءِ موسيٰ هارون ۽ سندس پٽن اليعزر ۽ اتمر کي چيو تہ
”اوهين پنهنجي مٿي جا وار نہ ڇوڙجو، نڪي خاص پوشاڪ ڦاڙجو،
متان اوهين مري وڃو ۽ متان پوريءَ قوم تي خداوند جو غضب نازل
ٿئي. پر بني اسرائيل مان اوهان جا ڀيا ماڻهو ڀلي انهن جي لاءِ
سوڳ ملهائين جن کي خداوند ساڙيو آهي. 7 مگر اوهين خدا سان
ملاقات واري خيمي جي اڳڻ کان ٻاهر نہ وڃو، متان اوهين مري
وڃو، ڇالاءِجو خداوند جو مسح ڪرڻ وارو تيل اوهان تي لڳل آهي.“
سو هنن موسيٰ جي چوڻ موجب عمل ڪيو.

## ڪاهنن لاءِ قاعدا قانون

8 خداوند هارون کي فرمايو تہ 9 ”تون ۽ تنهنجا پٽ مئي يا ڪا
ٻي نشي واري شيءِ پي مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ داخل نہ
ٿجو، نہ تہ اوهين مري ويندا. اوهان جي سڀني پيڙهين ۾ هميشہ جي
لاءِ اهو هڪڙو قانون هوندو. 10 ان جو سبب هي آهي تہ اوهين مون

7:9 عبر 27:7    18:9 لاو 1:3–11    22:9 گا 22:6–26

خدا لاءِ مخصوص ٿيل شين ۽ عام شين ۽ حرام ۽ حلال جي وچ ۾
فرق معلوم ڪري سگهو. (11) ان سان گڏ اوهين بني اسرائيل کي اهي
سڀ قانون سيکاريو جيڪي مون موسيٰ جي معرفت کين ٻڌايا آهن.“
(12) پوءِ موسيٰ هارون ۽ سندس باقي بچيل ٻن پٽن اليعزر ۽ اتمر
کي چيو تہ ”خداوند جي لاءِ ساڙي ويندڙ قربانيءَ مان جيڪا اناج
جي قرباني بچي آهي، سا ڪٽي بنا خمير جي پچائي قربان‌گاهہ جي
پرسان وجي کائو، ڇالاءِجو اها خدا لاءِ ئي مخصوص ٿيل آهي.
(13) اها اوهين رڳو مخصوص جاءِ ۾ کائجو، ڇوتہ خداوند جي لاءِ
ساڙي ويندڙ قربانيءَ مان اهو تنهنجو ۽ تنهنجي پٽن جو حق آهي،
جيئن تہ مون کي اهڙو ئي حڪم مليو آهي. (14) بلڪ هٿن تي بلند
ڪرڻ جي قربانيءَ جو سينو ۽ پيش ٿيل ران پڻ اوهين ڪنهن بہ پاڪ
جاءِ ۾ کائجو، تون، تنهنجا پٽ ۽ تنهنجون ڌيئر جيڪي تو سان گڏ
هجن. ڇالاءِجو اهو تنهنجو ۽ تنهنجي اولاد جو حق آهي، جيڪو بني
اسرائيل جي سلامتيءَ وارين قربانين مان اوهان کي ڏنو ويو آهي.
(15) ساڙيون ويندڙ قربانين جي چربيءَ ساڙڻ وقت اها ران ۽ اهو سينو
آندا وڃن، تہ جيئن اهي خداوند جي حضور ۾ هٿن تي بلند ڪرڻ جي
قربانيءَ طور پيش ڪيا وڃن. اهو هميشہ جي لاءِ تنهنجو ۽ تنهنجي
اولاد جو حق ٿيندو، جيئن خداوند فرمايو آهي.“
(16) پوءِ جڏهن موسيٰ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ واري ٻڪر جي
پڇاڳاڇا ڪئي تہ کيس معلوم ٿيو تہ اهو سڙي چڪو آهي، تڏهن
هو هارون جي باقي بچيل پٽن اليعزر ۽ اتمر تي ڏاڍو ڪاوڙيو. کين
سختيءَ سان چيائين تہ (17) ”اوهان پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني مخصوص
جاءِ ۾ وڃي ڪاڏي ڇو نہ؟ جڏهن تہ اها قرباني خدا لاءِ ئي مخصوص
آهي. خداوند اوهان کي ان جي ادا ڪرڻ بابت انهيءَ لاءِ فرمايو آهي
تہ جيئن قوم جا گناهہ ڪٽي، سندس حضور ۾ اهڙيءَ طرح ڪفارو ادا
ڪيو وڃي. (18) جڏهن تہ انهيءَ جو رت بہ مقدس جاءِ ۾ ڪونہ آندو
ويو هو، تڏهن اوهان کي گهربو هو تہ اها قرباني ضرور مخصوص
جاءِ ۾ کائو ها، جيئن مون حڪم ڏنو هو.“
(19) تنهن تي هارون موسيٰ کي وراڻيو تہ ”ڏس، اڄ ئي هنن خداوند
جي حضور ۾ پنهنجي پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني ۽ پنهنجي ساڙڻ واري
قرباني پيش ڪئي آهي. جڏهن تہ مون سان اهڙا حادثا ٿي گذريا آهن،
پوءِ جيڪڏهن آءٌ اڄ اها پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني کاوان ها تہ خداوند
جي نظر ۾ اهو چڱو هجي ها ڇا؟“ (20) اها ڳالهہ ٻڌي موسيٰ مطمئن
ٿيو.

## حلال ۽ حرام جانور
(شريعت جو دور 14:3–21)

**11** (1) پوءِ خداوند موسيٰ ۽ هارون کي (2) بني اسرائيل لاءِ هي
فرمايو تہ ”ڌرتيءَ جي سڀني جانورن مان جيڪي اوهان کي
کائڻ جائز آهن سي هي آهن. (3) اهڙا جانور جن جا کُر ٻن ڦاڪن ۾
چيريل آهن ۽ جيڪي اوڳارين ٿا سي سڀ اوهين کائجو. (4)–(6) پر انهن
مان جيڪي اوڳارين تہ ٿا پر انهن جا کُر چيريل نہ آهن سي اوهين
نہ کائجو، مثلاً اٺ، جهنگلي سيهڙ ۽ سهو. اهي اوهان جي لاءِ
حرام آهن. (7) بلڪ جن جا کُر تہ چيريل آهن پر اهي اوڳارين نہ ٿا
سي نہ کائجو، خاص طور سوئر. (8) انهن جانورن جو گوشت اوهين
نہ کائجو، نڪي انهن جي مڙهن کي هٿ لائجو. اهي اوهان جي لاءِ
حرام آهن. (9) پاڻيءَ جي ساهوارن مان جيڪي اوهان کي کائڻ جائز
آهن سي هي آهن. جن کي کنيڙاٽيون ۽ چلڙ آهن سي اوهين کائجو، پوءِ
اهي سمنڊ ۾ هجن توڙي ندين ۾. (10) پر انهن مان جن کي کنيڙاٽيون ۽
چلڙ نہ آهن ۽ ٻيا جانور جيڪي پاڻيءَ ۾ رهن ٿا سي سڀ اوهان جي لاءِ
حرام (11) ۽ مڪروهہ آهن. اوهين انهن جو گوشت نہ کائجو ۽ انهن جي
مڙهن کان نفرت ڪجو. (12) سو پاڻيءَ ۾ رهڻ وارن ساهوارن مان جن
کي کنيڙاٽيون ۽ چلڙ نہ آهن، سي سڀ اوهان جي لاءِ مڪروهہ آهن.
(13)–(19) پکين مان جيڪي اوهان جي لاءِ مڪروهہ آهن ۽ اوهان کي
کائڻا نہ آهن، بلڪ انهن کان نفرت ڪرڻي آهي سي پنهنجي سڀني
قسمن موجب هي آهن: عقاب، ڳجهہ، شڪرو، هِل، ڪانءُ، شترمرغ،
باز، چپرو، ڪنگ، چپ، قاز، پِيَڻ، لقلق، ٻگهہ، هُدهُد ۽ چمڙو.
(20) کنڀن وارا سڀ جيت اوهان جي لاءِ مڪروهہ آهن، (21) سواءِ انهن
جي جن جون ٽنگون ڊگهيون آهن، جن جي وسيلي هو زمين تي ٽپ ٿا
ڏين، (22) يعني مڪڙن ۽ تڏين جا سمورا قسم. (23) پر ٻيا سمورا کنڀن
وارا جيت اوهان جي لاءِ مڪروهہ آهن.
(24)–(28) جيڪو بہ ماڻهو چئن پيرن وارن جانورن مان هنن جانورن جي
مڙهن کي ڇهندو سو شام تائين ناپاڪ رهندو: اهي سڀ جانور جن
جا کُر چيريل نہ آهن يا جيڪي نہ ٿا اوڳارين ۽ اهي سڀئي جانور
جيڪي پنهنجن چنبن تي هلن ٿا. اهي سڀ اوهان جي لاءِ حرام آهن.
جيڪو بہ انهن جي مڙهن کي کڻندو سو ضرور پنهنجا ڪپڙا ڌوئي،
تنهن هوندي بہ هو شام تائين ناپاڪ رهندو.
(29) زمين تي سرندڙ جيتن مان جيڪي اوهان جي لاءِ حرام آهن سي
پنهنجي سڀني قسمن مطابق هي آهن: نور، ڪوئو، ڳوهہ، (30) ڪرڙي،
واڳون، سانڊو، ريگماهي ۽ گرگٽ. (31) جيڪو انهن جي مڙهہ کي
ڇهندو سو شام تائين ناپاڪ رهندو. (32) اهي مرڻ کان پوءِ جنهن شيءِ
تي ڪرندا سا ناپاڪ ٿيندي، پوءِ ڀلي اها ڪاٺ جي هجي يا ڪپڙي
جي، کل جي هجي يا ڪٿي جي، مطلب تہ ڪم ۾ ايندڙ ڪهڙي بہ
شيءِ هجي انهيءَ کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ گهرجي. شام تائين اها ناپاڪ
رهندي، پوءِ پاڪ ٿي ويندي. (33) جيڪڏهن انهن مان ڪو مئل جيت
ڪنهن ٺڪر جي ٿانوَ ۾ ڪري پوي تہ انهيءَ ۾ جيڪي بہ پيل هوندو
سو ناپاڪ ٿيندو ۽ اهو ٿانوُ اوهين ڀڃي ڇڏجو. (34) ڪنهن بہ کاڌي
واري شيءِ ۾ جيڪڏهن اهڙي ناپاڪ ٿيل ٿانوَ جو پاڻي پئجي ويو تہ اها

13–12:10 لاو 14:6–18    15–14:10 لاو 7:30–34    17:10 لاو 6:24–26

ناپاڪ ٿيندي ۽ انهيءَ ٿانوَ ۾ پيئڻ واري هر شيءِ ناپاڪ ٿي ويندي.
(35) جنهن بہ شيءِ تي انهن جي مڙهہ جو ڪو حصو ڪري تہ اها ناپاڪ
ٿيندي، پوءِ اهو تنور هجي يا چلهو، انهيءَ کي ڀڃي پورا پورا ڪري
ڇڏجو. اهي ناپاڪ آهن ۽ اوهان جي لاءِ بہ ناپاڪ رهندا. (36) انهيءَ
هوندي بہ ڪو چشمو يا تلاءُ جنهن ۾ گهڻو پاڻي هجي سو پاڪ
رهندو، باقي ٻي ڪابہ شيءِ انهن جي مڙهہ کي لڳندي تہ اها ناپاڪ
ٿيندي. (37) جيڪڏهن انهن جي مڙهہ جو ڪو حصو اهڙي ٻج تي ڪري،
جيڪو پوکڻ ۾ پوکڻو هجي تہ اهو ٻج پاڪ رهندو. (38) پر جيڪڏهن
ڪنهن ٻج کي پاڻيءَ ۾ پسايو ويو هجي ۽ پوءِ انهن جي مڙهہ جو
ڪو حصو انهيءَ تي ڪري، تہ اهو ٻج اوهان لاءِ ناپاڪ ٿيندو.

(39) جيڪي جانور اوهان جي لاءِ حلال آهن، تن مان جيڪڏهن ڪو
مري پوي، تہ جيڪو انهيءَ جي مڙهہ کي ڇهندو سو شام تائين
ناپاڪ رهندو. (40) جيڪو انهيءَ مئل جانور مان ڪجهہ کائي يا جيڪو
انهيءَ جي مڙهہ کي کڻي تہ اهو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ڇڏي، پر تنهن
هوندي بہ هو شام تائين ناپاڪ رهندو.

(41) زمين تي سرندڙ سڀئي جيت مڪروهہ آهن ۽ کائڻ جائز نہ آهن.
(42) انهن مان جيڪو بہ جيت پيٽ پر ٿو رڙهي يا جنهن کي چار يا ڇئن
کان وڌيڪ پير آهن سو اوهين نہ کائجو، ڇالاءِجو اهي سڀ مڪروهہ
آهن. (43) زمين تي سرندڙ جيتن سان اوهين پاڻ کي گندو نہ ڪجو،
نہ تہ اوهين پليت ٿي پوندا. (44) سو اوهين پاڻ کي انهن سان پليت
نہ ڪجو بلڪ پاڻ کي پاڪ ڪري منهنجي لاءِ مخصوص ڪريو،
ڇالاءِجو آءٌ خداوند اوهان جو خدا پاڻ پاڪ آهيان. (45) آءٌ خداوند ئي
آهيان جنهن اوهان کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو آهي، انهيءَ لاءِ
تہ آءٌ ئي اوهان جو خدا هجان. تنهنڪري اوهين پاڪ ٿيو، ڇالاءِجو
آءٌ پاڪ آهيان.

(46) جانورن، پکين، پاڻيءَ ۾ رهندڙ سڀني ساهوارن ۽ زمين تي سرندڙ
سڀني جيتن بابت اهو ئي قاعدو آهي، (47) انهيءَ لاءِ جو اوهان کي
پاڪ ۽ ناپاڪ جي وچ ۾ ۽ حلال ۽ حرام جي وچ ۾ فرق معلوم ٿئي.”

## ويم کان پوءِ عورت جي پاڪائي

12 (1) خداوند موسيٰ کي (2) بني اسرائيل لاءِ هي فرمايو تہ
”جيڪڏهن ڪا عورت پيٽ سان ٿئي ۽ پٽ ڄڻي تہ اها
ماهواريءَ جي ڏينهن وانگر ستن ڏينهن تائين ناپاڪ رهندي. (3) اٺين
ڏينهن ڇوڪر جو طهر ڪيو وڃي. (4) ان کان پوءِ اها خون کان پاڪ
ٿيڻ تائين وڌيڪ ٽيٽيهہ ڏينهن ڇلي ۾ رهي. جيستائين سندس پاڪ
ٿيڻ جا ڏينهن پورا نہ ٿين تيستائين ڪنهن بہ مخصوص شيءِ کي
هٿ نہ لائي، نڪي مون خدا سان ملاقات واري خيمي وٽ اچي.
(5) پر جيڪڏهن هوءَ ڌيءَ ڄڻي تہ پوءِ ٻن هفتن تائين ناپاڪ رهندي،
جيئن ماهواريءَ جي ڏينهن ۾ رهندي آهي. ان کان پوءِ هوءَ خون کان
پاڪ ٿيڻ تائين ڇاهٺ ڏينهن وڌيڪ ڇلي ۾ رهي.

(6) پوءِ جڏهن پٽ يا ڌيءَ جي لاءِ سندس پاڪ ٿيڻ جا مقرر ڏينهن
پورا ٿين، تڏهن هوءَ هڪڙو يڪسالو گهيٽو ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ
۽ هڪڙو ڪبوتر يا هڪڙو ڳيرو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ، مون
خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڱڻ واري در تي ڪاهن وٽ آڻي.
(7) ڪاهن مون خداوند جي حضور ۾ اها قرباني پيش ڪري ۽ هن
جي لاءِ ڪفارو ادا ڪري، تہ پوءِ هوءَ پنهنجي خون اچڻ کان پاڪ
ٿيندي. ويم واري عورت لاءِ اهو ئي قاعدو آهي، پوءِ هوءَ پٽ ڄڻي
يا ڌيءَ. (8) پر جيڪڏهن انهيءَ عورت کي گهيٽي ڏيڻ جيتري طاقت
نہ هجي تہ پوءِ هوءَ بہ ڳيرا يا بہ ڪبوتر آڻي، هڪڙو ساڙڻ واري
قربانيءَ لاءِ ۽ ٻيو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ. اهڙيءَ طرح ڪاهن
هن جي لاءِ ڪفارو ادا ڪندو تہ هوءَ پاڪ ٿي ويندي.”

## چمڙيءَ جي وچڙندڙ بيمارين بابت قانون

13 (1) خداوند موسيٰ ۽ هارون کي فرمايو تہ (2) ”جيڪڏهن
ڪنهن ماڻهوءَ جي جسم جي چمڙيءَ تي سوڄ، ڦڙي يا ڪو
اڇو چمڪندڙ داغ ٿئي ۽ اهو وڌي چمڙيءَ جو وچڙندڙ مرض معلوم
ٿئي، تہ پوءِ انهيءَ معاملي کي هارون ڪاهن وٽ يا سندس پٽ،
جيڪي ڪاهن آهن تن مان هڪڙي وٽ آندو وڃي. (3) اهو ڪاهن
انهيءَ ماڻهوءَ جي جسم جي چمڙيءَ تي ٿيل مرض کي ڇڪاسي.
جيڪڏهن مرض واري هنڌ جا وار اڇا ٿي ويا هجن ۽ اهو مرض هن
جي چمڙيءَ کان اونهو ڏسڻ ۾ اچي، تہ پوءِ اهو چمڙيءَ جو وچڙندڙ
مرض آهي ۽ ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ کي ناپاڪ ٺهرائي. (4) پر جيڪڏهن
هن جي جسم جي چمڙيءَ تي اهو اڇو چمڪندڙ داغ هن جي چمڙيءَ
کان اونهو ڏسڻ ۾ نہ اچي ۽ انهيءَ جا وار بہ اڇا نہ ٿيا هجن، تہ پوءِ
ڪاهن اهڙي مرض واري ماڻهوءَ کي ست ڏينهن بند ڪري ويهاري.
(5) ستين ڏينهن ڪاهن هن کي ڇڪاسي. جيڪڏهن سندس نظر ۾
اهو مرض هڪڙي ئي هنڌ بيٺل هجي ۽ چمڙيءَ تي پکڙيو نہ هجي،
تہ پوءِ ڪاهن انهيءَ کي وري ٻيا بہ ست ڏينهن بند ڪري ويهاري.
(6) ستين ڏينهن وري ٻيهر ڪاهن هن کي ڇڪاسي، جيڪڏهن اهو داغ
ٿورو جهڪو ٿيو هجي ۽ چمڙيءَ تي پکڙيو نہ هجي، تہ پوءِ ڪاهن
انهيءَ ماڻهوءَ کي پاڪ ٺهرائي، جو اها رڳو ڦڙي آهي. سو اهو ماڻهو
پنهنجا ڪپڙا ڌوئي پاڪ ٿئي. (7) پر جيڪڏهن ڪاهن جي ڏسڻ ۾ پاڪ
ٺهرائڻ کان پوءِ اها ڦڙي چمڙيءَ تي پکڙجي وڃي تہ پوءِ هن کي وري
بہ ڪاهن وٽ ڏيکارڻ لاءِ آندو وڃي. (8) ڪاهن انهيءَ کي ڇڪاسي،
جيڪڏهن ڦڙي چمڙيءَ تي پکڙجي ويئي آهي تہ پوءِ هو کيس ناپاڪ
ٺهرائي جو اهو چمڙيءَ جو وچڙندڙ مرض آهي.

44:11 لاو 2:19، 1.پط 16:1    2:12 لاو 19:15    3:12 پيد 12:17، لو 21:2    8:12 لو 24:2

9 جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي چمڙيءَ جو وچڙندڙ مرض ٿئي ته
انهيءَ معاملي کي ڪاهن وٽ آندو وڃي. 10 ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ
کي چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن سندس چمڙيءَ تي اڇي سوڄ هجي،
انهيءَ جا وار به اڇا ٿي ويا هجن ۽ سوڄ واري هنڌ جو ماس ڏکندڙ
۽ ڪچو ٿي پيو هجي، 11 ته پوءِ انهيءَ جي جسم جي چمڙيءَ ۾ اهو
پراڻو وچڙندڙ مرض آهي. سو ڪاهن هن کي ناپاڪ ٺهرائي. ڪيس
بند ڪري نه ويهاري، ڇالاءِجو هن جي ناپاڪي ظاهر ٿي ويئي آهي.
12 پر جيڪڏهن مريض جي جسم جي سڄي چمڙيءَ تي مٿي کان پيرن
تائين ڪاهن کي مرض پکڙيل ڏسڻ ۾ اچي، 13 ته پوءِ ڪاهن ڪيس
چڱيءَ طرح چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن مرض هن جي سڄي جسم تي
پکڙجي ويو آهي، ته هو انهيءَ مريض کي پاڪ ٺهرائي. جيئن ته
هو سڄو ئي اڇو ٿي ويو آهي تنهنڪري هو پاڪ آهي. 14 پر جنهن
وقت به انهيءَ جو ماس ڪچو ٿي پوي، تنهن وقت اهو ناپاڪ ٿيندو.
15 جڏهن ڪاهن ڪچو ماس ڏسي تڏهن انهيءَ ماڻهوءَ کي ناپاڪ
ٺهرائي، ڇالاءِجو ڪچو ماس ناپاڪ آهي. اهو چمڙيءَ جو وچڙندڙ
مرض آهي. 16 پر جيڪڏهن اهو ڪچو ماس ڦري اڇو ٿي پوي ته هو
وري ڪاهن وٽ اچي 17 ۽ ڪاهن هن کي چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن
مرض واري جاءِ ڦري اڇي ٿي ويئي هجي ته پوءِ هو پاڪ آهي ۽
ڪاهن انهيءَ مريض کي پاڪ ٺهرائي.

18 جيڪڏهن ڪنهن جي جسم جي چمڙيءَ تي ڪا ڦرڙي هجي جا
چٽي ويئي هجي 19 ۽ انهيءَ ڦرڙيءَ واري جاءِ تي اڇي سڄيل جڳهه
هجي يا اڇو ڳاڙهيرو چمڪندڙ داغ هجي ته اهو ڪاهن کي ڏيکاريو
وڃي. 20 ڪاهن هن کي چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن اهو هنڌ چمڙيءَ
کان اونهو ڏسڻ ۾ اچي ۽ انهيءَ هنڌ جا وار به اڇا ٿي ويا هجن، ته
پوءِ ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ کي ناپاڪ ٺهرائي. اهو چمڙيءَ جو وچڙندڙ
مرض آهي جيڪو ڦرڙيءَ مان پيدا ٿيو آهي. 21 پر جيڪڏهن ڪاهن
ڏسي ته انهيءَ هنڌ جا وار اڇا نه ٿيا آهن ۽ اهو هنڌ چمڙيءَ کان
اونهو به نه آهي بلڪ داغ جهڪو ٿي ويو آهي، ته پوءِ ڪاهن هن کي
ست ڏينهن بند ڪري ويهاري. 22 پوءِ جيڪڏهن اهو داغ چمڙيءَ تي
پکڙجي وڃي، ته ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ کي ناپاڪ ٺهرائي، ڇالاءِجو
اهو چمڙيءَ جو وچڙندڙ مرض آهي. 23 پر جيڪڏهن اهو چمڪندڙ داغ
پنهنجيءَ جاءِ تي بيٺو هجي ۽ پکڙيو نه هجي، ته پوءِ اهو رڳو ڦرڙيءَ
جو داغ آهي ۽ ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ کي پاڪ ٺهرائي.

24 جيڪڏهن ڪنهن جي جسم جي چمڙيءَ تي سڙي پوڻ واري
جاءِ تي چمڪندڙ داغ ٿيو هجي ۽ انهيءَ سڙيل هنڌ جو ڪچو ماس
ڳاڙهيرو اڇو يا صفا اڇو ٿي پوي، 25 ته پوءِ ڪاهن هن کي چڪاسي
ڏسي. جيڪڏهن انهيءَ چمڪندڙ داغ جا وار اڇا ٿي ويا هجن ۽ اهو
مرض چمڙيءَ کان اونهو ڏسڻ ۾ اچي ته اهو وچڙندڙ مرض آهي
جيڪو انهيءَ داغ ۾ پيدا ٿيو آهي، سو ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ کي
ناپاڪ ٺهرائي. 26 پر جيڪڏهن ڪاهن ڏسي ته انهيءَ چمڪندڙ داغ
جا وار اڇا نه ٿيا آهن ۽ اهو داغ چمڙيءَ کان اونهو نه آهي بلڪ
جهڪو آهي، ته پوءِ ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ کي ست ڏينهن بند ڪري
ويهاري. 27 ستين ڏينهن ڪاهن هن کي وري چڪاسي. جيڪڏهن
اهو داغ چمڙيءَ تي وڌيڪ پکڙيو هجي ته ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ کي
ناپاڪ ٺهرائي، ڇالاءِجو اهو چمڙيءَ جو وچڙندڙ مرض آهي. 28 پر
جيڪڏهن اهو چمڪندڙ داغ پنهنجيءَ جاءِ تي بيٺو هجي ۽ چمڙيءَ
تي پکڙيو نه هجي بلڪ جهڪو ٿيو هجي، ته اهو رڳو سڙڻ جو داغ
آهي. سو ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ کي پاڪ ٺهرائي.

29 جيڪڏهن ڪنهن مرد يا عورت جي مٿي ۾ يا ڪاڏيءَ تي ڦٽ
هجي، 30 ته ڪاهن انهيءَ ڦٽ کي چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن اهو
ڦٽ چمڙيءَ کان اونهو ڏسڻ ۾ اچي ۽ انهيءَ ۾ ڪي پيلا سنها وار
هجن، ته پوءِ ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ کي ناپاڪ ٺهرائي، ڇالاءِجو اهو
خراب قسم جو مَلو آهي، جيڪو مٿي يا ڪاڏيءَ جو وچڙندڙ مرض
آهي. 31 پر جيڪڏهن ڪاهن کي مَلي جو اهو مرض چمڙيءَ کان اونهو
ڏسڻ ۾ نه اچي پر انهيءَ ۾ وار به ڪارا نه هجن، ته پوءِ ڪاهن
مَلي واري مريض کي ست ڏينهن بند ڪري ويهاري. 32 ستين ڏينهن
ڪاهن انهيءَ ڦٽ کي وري چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن اهو مَلو پکڙيو
نه هجي ۽ انهيءَ ۾ پيلا وار به نه هجن، نڪي اهو مَلو چمڙيءَ کان
اونهو هجي، 33 ته پوءِ انهيءَ ماڻهوءَ جي ڏاڙهيءَ توڙي مٿي جا وار
ڪوڙائجن، سواءِ انهن وارن جي جيڪي ملي واري جاءِ تي آهن. پوءِ
ڪاهن انهيءَ مَلي واري ماڻهوءَ کي ٻيا به ست ڏينهن بند ڪري
ويهاري. 34 ستين ڏينهن وري ڪاهن انهيءَ مَلي واري ماڻهوءَ کي
چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن سندس مَلو چمڙيءَ تي پکڙيو نه هجي ۽
نڪي چمڙيءَ کان اونهو ڏسڻ ۾ اچي، ته پوءِ ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ
کي پاڪ ٺهرائي ۽ هو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي پاڪ ٿئي. 35 پر جيڪڏهن
هن جي پاڪ ٺهرڻ کان پوءِ مَلو سندس چمڙيءَ تي پکڙجي وڃي،
36 ته پوءِ ڪاهن هن کي چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن مَلو چمڙيءَ تي
پکڙجي ويو هجي ته پوءِ ڪاهن پِلي پيلن وارن جي ڳولها نه ڪري،
ڇالاءِجو اهو ماڻهو ناپاڪ آهي. 37 پر جيڪڏهن ڪاهن ڏسي ته مَلو
اتي جو اتي بيٺو آهي ۽ انهيءَ مان ڪارا وار ڄمي نڪتا آهن، ته پوءِ
مَلو ڇٽي ويو آهي. هو پاڪ آهي، سو ڪاهن هن کي پاڪ ٺهرائي.

38 جيڪڏهن ڪنهن مرد يا عورت جي جسم جي چمڙيءَ تي اڇا
چمڪندڙ داغ هجن، 39 ته ڪاهن اهي چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن هن
جي جسم جي چمڙيءَ وارا داغ جهڪا اڇا هجن ته اهي معمولي داغ
آهن جيڪي چمڙيءَ ۾ نڪتا آهن. سو اهو ماڻهو پاڪ آهي.

40-41 جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي مٿي يا پيشانيءَ جا وار ڪُسي
ويا آهن ته اهو گنجو ته آهي، مگر ناپاڪ نه آهي. 42 پر جيڪڏهن
انهيءَ جي گنجي مٿي تي يا گنجي پيشانيءَ تي ڳاڙهيرو اڇو ڦٽ
هجي ته اهو چمڙيءَ جو وچڙندڙ مرض آهي، جيڪو ڪيس انهن جاين
تي نڪتو آهي. 43 پوءِ ڪاهن هن کي چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن اهو
داغ ڳاڙهيرو اڇو هجي جيئن وچڙندڙ مرض جسم جي چمڙيءَ تي

ڏسڻ ۾ ايندو آهي، 44 تہ ڪاهن انهيءَ ماڻهوءَ کي ناپاڪ ٺهرائي،
ڇالاءِجو انهيءَ جي مٿي تي چمڙيءَ جو وچڙندڙ مرض آهي.
45 جنهن ماڻهوءَ کي اهڙو مرض هجي سو ڦاٽل ڪپڙا پائي ۽ مٿي
جا وار ڇوڙي گهمي. هو پنهنجي منهن جو هيٺيون حصو ڍڪي ڇڏي
۽ وڏي واڪي پنهنجي لاءِ چوندو وتي ’ناپاڪ، ناپاڪ.‘ 46 جيترا
ڏينهن هن کي اهو مرض هوندو اوترا ڏينهن هو ناپاڪ ٿي رهندو. سو
هو اڪيلو رهي ۽ هن جي رهڻ جي جاءِ خيميگاهہ کان ٻاهر هجي.“

## لباس تي سينور جي مرض بابت

47 ”جنهن ڪپڙي تي *سينور جو داغ هجي، پوءِ اهو ڪپڙو اوني
هجي توڙي سٽيءَ جو 48 ۽ اهو داغ ڪپڙي جي تاڃيءَ ۾ هجي
توڙي پيٽي ۾، چم ۾ هجي توڙي چم مان ٺهيل ڪنهن شيءِ ۾،
49 جيڪڏهن اهو داغ سائيرو يا ڳاڙهيرو هجي تہ اهو سينور جو
مرض آهي ۽ اهو ڪاهن کي ڏيکاريو وڃي. 50 ڪاهن انهيءَ داغ کي
ڇڪاسي ڏسي ۽ جنهن شيءِ تي اهو داغ آهي تنهن کي ستن ڏينهن
تائين بند ڪري رکي. 51 ستين ڏينهن هو وري داغ کي ڇڪاسي،
جيڪڏهن اهو داغ ڪپڙي يا چم مان ٺهيل ڪنهن بہ شيءِ تي پکڙيو
هجي تہ پوءِ اهو خراب قسم جي سينور جو مرض آهي، سو اها
شيءِ ناپاڪ آهي. 52 ڪاهن انهيءَ شيءِ کي ساڙي ڇڏي، ڇالاءِجو
اهو خراب قسم جو سينور آهي تنهنڪري انهيءَ کي ساڙيو وڃي.
53 پر جيڪڏهن ڪاهن ڏسي تہ اهو داغ انهيءَ شيءِ ۾ پکڙيو نہ
آهي، 54 تہ پوءِ هو انهيءَ شيءِ کي ڌوئي ڇڏڻ لاءِ چوي ۽ پوءِ ست
ڏينهن ٻيا بہ انهيءَ شيءِ کي بند ڪري رکي. 55 ان بعد ڪاهن انهيءَ
کي وري ڇڪاسي ڏسي، جيڪڏهن داغ جو رنگ نہ بدليو هجي،
پوءِ توڙي اهو داغ پکڙيو نہ بہ هجي تڏهن بہ اها شيءِ ناپاڪ آهي.
اها ساڙي وڃي، ڇالاءِجو اهو داغ اڳيان هجي يا پٺيان خراب قسم
جو سينور آهي. 56 پر جيڪڏهن ڪاهن ڏسي تہ ڌوئڻ کان پوءِ داغ
جهڪو ٿي پيو آهي تہ پوءِ هو اهو داغ ڪپڙي يا چم مان ڦاڙي ڪڍي
وٺي. 57 پوءِ جيڪڏهن اجا بہ اهو ڪپڙي ۾ يا چم جي انهيءَ شيءِ
۾ وري ظاهر ٿئي، تہ اهو پکڙجڻ وارو سينور آهي. سو جنهن شيءِ
۾ اهو داغ هجي سا ساڙي ڇڏجي. 58 پر جيڪڏهن داغ واري انهيءَ
ڪپڙي يا چم جي شيءِ کي ڌوئڻ سان اهو داغ منجهائنس نڪري
وڃي تہ انهيءَ کي ٻيهر بہ ڌوئجي، تڏهن اهو پاڪ ٿيندو. 59 سينور
جي انهيءَ مرض بابت، جيڪو اوني يا سٽيءَ جي ڪپڙي تي، پوءِ
تاڃيءَ ۾ هجي توڙي پيٽي ۾ يا چم جي ڪنهن بہ شيءِ تي هجي،
تنهن کي پاڪ يا ناپاڪ ٺهرائڻ لاءِ اهو ٿي قاعدو آهي.“

## چمڙيءَ جي وچڙندڙ مرض کان پاڪائي

14
1 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”جنهن ڏينهن چمڙيءَ جي
وچڙندڙ مرض وارو ماڻهو پاڪ ٺهرائڻو هجي تنهن ڏينهن
سندس لاءِ هي قاعدو آهي، تہ اهو معاملو ڪاهن وٽ آندو وڃي.
3 ڪاهن خيميگاهہ کان ٻاهر وڃي انهيءَ ماڻهوءَ کي ڇڪاسي ڏسي.
جيڪڏهن انهيءَ ماڻهوءَ کي چمڙيءَ جو وچڙندڙ مرض ڇڏي ويو
هجي، 4 تہ پوءِ ڪاهن حڪم ڪري تہ انهيءَ پاڪ ٿيڻ واري ماڻهوءَ
جي لاءِ ٻہ جيئرا حلال پکي، چندن جي ڪاٺي، لال ڳاڙهي رنگ
جو ڌاڳو ۽ زوفا جي ٽاري آندي وڃي. 5 پوءِ ڪاهن حڪم ڪري تہ
انهن مان هڪڙو پکي ڪٺي انهيءَ کي ڪنهن ٺڪر جي ٿانوَ جي مٿان
جنهن ۾ تازو پاڻي پريل هجي ذبح ڪيو وڃي. 6 تڏهن ڪاهن باقي
بچيل جيئري پکيءَ کي ڪٺي، انهيءَ کي چندن جي ڪاٺيءَ، لال
ڳاڙهي رنگ جي ڌاڳي ۽ زوفا جي ٽاريءَ سميت انهيءَ پکيءَ جي
رت ۾ ٻوڙي جيڪو پاڻيءَ جي مٿان ذبح ڪيو ويو هو. 7 اهو هو ست
دفعا چمڙيءَ جي وچڙندڙ مرض کان پاڪ ٿيڻ واري ماڻهوءَ جي مٿان
ڇٽڪاري ۽ انهيءَ کي پاڪ ٺهرائي. پوءِ هو انهيءَ جيئري پکيءَ کي
کليل ميدان ۾ اڏاري ڇڏي. 8 ان کان علاوه جيڪو ماڻهو پاڪ ٿيڻو
آهي سو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ۽ سمورا وار ڪوڙائي وهنجي، تڏهن هو
پاڪ ٿيندو. انهيءَ کان پوءِ هو خيميگاهہ ۾ اچي، پر ستن ڏينهن
تائين هو پنهنجي خيمي کان ٻاهر رهي. 9 ستين ڏينهن هو پنهنجي
مٿي جا سڀ وار، ڏاڙهي، ڀرؤن ۽ پنهنجي سڄي بدن جا باقي وار
ڪوڙائي. پوءِ هو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ۽ وهنجي، تڏهن هو پاڪ ٿيندو.
10 پوءِ اٺين ڏينهن هو ٻن بيعيب گهيٽن ۽ هڪڙي بيعيب يڪسالي
گهيٽيءَ سان گڏ اناج جي قربانيءَ لاءِ زيتون جي تيل ۾ ڳوهيل ٽي
ڪلوگرام ميدو ۽ اڌ ليٽر زيتون جو تيل کڻي اچي. 11 پوءِ جيڪو ڪاهن
هن کي پاڪ ٺهرائي سو انهيءَ پاڪ ٿيڻ واري ماڻهوءَ کي انهن شين
سميت مون سان ملاقات واري خيمي جي اڳڻ واري در وٽ آڻي مون
خداوند جي حضور ۾ حاضر ڪري. 12 تڏهن ڪاهن هڪڙو گهيٽو ۽
اهو اڌ ليٽر تيل کڻي قصور جي تلافيءَ واسطي قربانيءَ لاءِ هٽن
تي بلند ڪري نذراني طور مون خداوند جي حضور ۾ پيش ڪري.
13 پوءِ هو انهيءَ گهيٽي کي انهيءَ مخصوص جاءِ ۾، جتي پاڪ ٿيڻ
واسطي قرباني ۽ ساڙڻ واري قرباني ذبح ڪبي آهي، اتي ذبح ڪري.
ڇالاءِجو جهڙيءَ طرح پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني ڪاهن جي آهي تهڙيءَ
طرح هيءَ قصور جي تلافيءَ واسطي قرباني بہ ڪاهن جي آهي. اها
مون خدا لاءِ ٿي مخصوص آهي. 14 ڪاهن انهيءَ قصور جي تلافيءَ
واسطي قربانيءَ مان ڪجهہ رت کڻي، پاڪ ٿيڻ واري ماڻهوءَ جي
ساڄي ڪن جي پاپڙيءَ تي، ساڄي هٿ جي آڱوٺي تي ۽ ساڄي پير

*سينور: عبراني ٻوليءَ ۾ هي ساڳيو ٿي لفظ آهي جيڪو چمڙيءَ جي وچڙندڙ مرض لاءِ استعمال ٿيل آهي.

2:14 مت 8:4، مر 1:44، لو 5:14، 17:14

جي آڱوٺي تي لائي. 15 پوءِ ڪاهن انهيءَ اڌ ليٽر تيل مان ڪجهه
ڪٽي پنهنجي کاٻي هٿ جي ترڻيءَ تي وجهي. 16 ان بعد هو انهيءَ
تيل مان پنهنجي ساڄي آڱر ٻوڙي ۽ ست ڀيرا مون خداوند جي حضور
ڪجهه تيل ڇٽڪاري. 17 باقي جيڪو تيل سندس هٿ جي ترڻيءَ تي
بچيل هجي تنهن مان ڪاهن ڪجهه ڪٽي، پاڪ ٿيڻ واري ماڻهوءَ جي
ساڄي ڪن جي پاپڙيءَ تي، سندس ساڄي هٿ جي آڱوٺي تي ۽ ساڄي
پير جي آڱوٺي تي، قصور جي تلافي واسطي قربانيءَ واري رت جي
مٿان لڳائي. 18 ترڻيءَ تي باقي بچيل تيل هو پاڪ ٿيڻ واري ماڻهوءَ
جي مٿي ۾ وجهي ڇڏي. اهڙيءَ طرح ڪاهن هن جي لاءِ مون خداوند
جي حضور ۾ ڪفارو ادا ڪري. 19 پوءِ ڪاهن پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني
ڪري ۽ ناپاڪيءَ کان پاڪ ٿيندڙ جي لاءِ ڪفارو ادا ڪري. ان بعد
هو ساڙڻ واري قربانيءَ جو جانور ذبح ڪري. 20 ڪاهن اها ساڙڻ
واري قرباني، اناج جي قربانيءَ سان گڏ قربانگاهه تي پيش ڪري.
اهڙيءَ طرح ڪاهن هن جي لاءِ ڪفارو ادا ڪندو ته هو پاڪ ٿيندو.”

## غريب جي لاءِ رعايت

21 ”جيڪڏهن اهو ماڻهو غريب هجي ۽ ايترو آڻي نه سگهي، ته
پوءِ قصور جي تلافي واسطي قربانيءَ لاءِ هٿن تي بلند ڪرڻ واسطي
هڪڙو گهيٽو آڻي، ته جيئن ڪفارو ادا ڪيو وڃي. اناج جي قربانيءَ
لاءِ هو رڳو هڪ ڪلوگرام ميدو زيتون جي تيل ۾ ڳوهيل ۽ اڌ ليٽر
زيتون جو تيل آڻي. 22 هو ٻه ڳيرا يا ٻه ڪبوتر، جيڪي ٻه آڻي سگهي
سي پڻ آڻي. انهن مان هڪڙو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ ۽ ٻيو
ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ هجي. 23 اهو ماڻهو پنهنجي پاڪ ٿيڻ لاءِ
اٺين ڏينهن تي اهي شيون مون سان ملاقات واري خيمي جي اڳڻ
واري در وٽ مون خداوند جي حضور ۾ ڪاهن کي آڻي ڏئي. 24 ڪاهن
قصور جي تلافي واسطي قربانيءَ وارو گهيٽو ۽ اڌ ليٽر تيل ڪٽي،
انهن کي مون خداوند جي حضور ۾ هٿن تي بلند ڪري نذراني طور
پيش ڪري. 25 پوءِ هو اهو گهيٽو ذبح ڪري ۽ انهيءَ جو ڪجهه رت
ڪٽي پاڪ ٿيڻ واري ماڻهوءَ جي ساڄي ڪن جي پاپڙيءَ تي، سندس
ساڄي هٿ جي آڱوٺي ۽ ساڄي پير جي آڱوٺي تي لڳائي. 26 تڏهن
ڪاهن انهيءَ اڌ ليٽر تيل مان ڪجهه پنهنجي کاٻي هٿ جي ترڻيءَ تي
پئتي. 27 پوءِ هو انهيءَ تيل مان ڪجهه، پنهنجي ساڄيءَ آڱر سان
ست ڀيرا مون خداوند جي حضور ڇٽڪاري. 28 انهيءَ تيل مان ڪجهه
ڪٽي پاڪ ٿيڻ واري ماڻهوءَ جي ساڄي ڪن جي پاپڙيءَ تي، سندس
ساڄي هٿ جي آڱوٺي ۽ ساڄي پير جي آڱوٺي تي، هنيل رت واري جاءِ
جي مٿان لڳائي. 29 باقي جيڪو تيل سندس ترڻيءَ ۾ بچيل هجي سو
پاڪ ٿيڻ واري ماڻهوءَ جي مٿي ۾ وجهي ڇڏي. اهڙيءَ طرح هو مون
خداوند جي حضور ۾ هنن جي لاءِ ڪفارو ادا ڪري. 30 پوءِ جيڪي
ڳيرا يا ڪبوتر اهو ماڻهو آڻي سگهيو هجي، 31 تن مان هڪڙو پاڪ ٿيڻ
واسطي قربانيءَ لاءِ ۽ ٻيو ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ، اناج جي قربانيءَ
سميت پيش ڪري. اهڙيءَ طرح ڪاهن پاڪ ٿيڻ واري ماڻهوءَ جي لاءِ
مون خداوند جي حضور ۾ ڪفارو ادا ڪري. 32 اهو ئي قاعدو آهي
انهيءَ ماڻهوءَ جي لاءِ جنهن کي چمڙيءَ جو وچڙندڙ مرض لڳو هجي
۽ جنهن کي پاڪ ٿيڻ لاءِ گهربل شين جي آڻڻ جي طاقت نه هجي.”

## گهر ۾ سينور جو مرض

33 خداوند موسيٰ ۽ هارون کي فرمايو ته 34 ”جڏهن اوهين ڪنعان
جي ملڪ ۾ داخل ٿيو، جيڪو آءٌ اوهان کي ملڪيت ڪري ڏيڻ وارو
آهيان ۽ جڏهن اوهان جي انهيءَ ملڪ جي ڪنهن گهر ۾ آءٌ سينور جو
مرض وجهان، 35 تڏهن انهيءَ گهر جو مالڪ اچي ڪاهن کي ٻڌائي
ته ’آءٌ ڀانئيان ٿو ته منهنجي گهر ۾ سينور جهڙو ڪو مرض آهي.‘
36 تنهن تي ڪاهن حڪم ڪري ته انهيءَ مرض کي ڏسڻ لاءِ سندس
اتي وڃڻ کان اڳ ۾ اهو گهر بلڪل خالي ڪري ڇڏين، انهيءَ لاءِ
ته گهر ۾ موجود سامان ناپاڪ نه ٺهري. ان کان پوءِ ڪاهن گهر کي
ڏسڻ لاءِ وڃي 37 ۽ انهيءَ مرض کي چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن اهو
مرض گهر جي ڀتين ۾ هيٺ ڪري انهن ۾ سائيرا ۽ ڳاڙهيرا داغ ٿي
پيا هجن ۽ اهي ڀتين ۾ اونها ڏسڻ ۾ اچن، 38 ته پوءِ ڪاهن گهر مان
ٻاهر نڪري اچي ۽ انهيءَ گهر کي ستن ڏينهن تائين بند ڪري ڇڏي.
39 ستين ڏينهن ڪاهن وري اچي چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن اهو مرض
گهر جي ڀتين تي پکڙجي ويو هجي، 40 ته پوءِ ڪاهن حڪم ڪري ته
جن پٿرن ۾ اهو مرض آهي سي ڪڍي شهر کان ٻاهر ڪنهن ناپاڪ
جاءِ تي اڇلايا وڃن. 41 پوءِ هو گهر اندر ڀتين کي چوڌاري ڪرڙائي ۽
اها ڪرڙيل مٽي ڪڍائي شهر کان ٻاهر ڪنهن ناپاڪ جاءِ تي اڇلائي.
42 ان کان پوءِ ڪڍيل پٿرن جي جاءِ تي ٻيا پٿر لڳايا وڃن ۽ نئون گارو
ٺاهي گهر کي ليپو ڏياريو وڃي.

43 جيڪڏهن پٿرن جي نڪرڻ، گهر جي ڪرڙجڻ ۽ ليپي ڏيارڻ کان
پوءِ ٻه اهو سينور جو مرض گهر ۾ وري ظاهر ٿي پوي، 44 ته پوءِ
ڪاهن وڃي انهيءَ کي چڪاسي ڏسي. جيڪڏهن اهو مرض گهر ۾
پکڙجي ويو هجي، ته پوءِ اهو خراب قسم جو سينور آهي. سو اهو
گهر ناپاڪ آهي. 45 اهو گهر ڀڄي ڊاٺو وڃي ۽ انهيءَ جا پٿر، ڪاٺ ۽
مٽي شهر کان ٻاهر ڪنهن ناپاڪ جاءِ تي اڇلايا وڃن. 46 انهيءَ کان
سواءِ جيڪو ماڻهو انهيءَ گهر جي بند هئڻ واري عرصي ۾ انهيءَ ۾
داخل ٿيو هجي، ته اهو شام تائين ناپاڪ رهندو. 47 جيڪو ٻه ماڻهو
انهيءَ گهر ۾ سمهيو هجي يا جنهن اتي ڪجهه کاڌو هجي ته اهو
پنهنجا ڪپڙا ڌوئي.

48 پر جيڪڏهن ڪاهن اچي چڪاسي ڏٺو هجي ته گهر کي ليپو
ڏيارڻ کان پوءِ انهيءَ ۾ سينور جو مرض ٻيهر ڪونه پکڙيو آهي،
تڏهن هو انهيءَ گهر کي پاڪ ٺهرائي ڇالاءِجو اهو مرض نڪري ويو
آهي. 49 پوءِ هو انهيءَ گهر کي پاڪ ڪرڻ لاءِ ٻه پکي، چندن جي
ڪاٺي، لال ڳاڙهي رنگ جو ڌاڳو ۽ زوفا جي ٽاري آڻي. 50 انهن
پکين مان هڪڙو پکي ڪٽي انهيءَ کي هو ڪنهن نڪر جي ٿانوَ جي
مٿان جنهن ۾ تازو پاڻي پيل هجي ذبح ڪري. 51 پوءِ هو چندن جي

ڪاني، لال ڳاڙهي رنگ جو ڌاڳو، زوفا جي ٽاري ۽ جيئرو پکي کڻي،
انهن کي ذبح ڪيل پکيءَ جي رت ۽ تازي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ست ڀيرا
انهيءَ گهر تي ڇٽڪاري. 52 اهڙيءَ طرح هو پکيءَ جي رت، تازي
پاڻيءَ، جيئري پکيءَ، چندن جي ڪاٺيءَ، زوفا جي ٽاريءَ ۽ لال
ڳاڙهي رنگ جي ڌاڳي سان انهيءَ گهر کي پاڪ ڪري. 53 پوءِ هو
جيئري پکيءَ کي شهر کان ٻاهر کليل ميدان ۾ اڏاري ڇڏي. اهڙيءَ
طرح هو گهر جي لاءِ ڪفارو ادا ڪندو ته اهو گهر پاڪ ٿي ويندو.
54 اهو ئي قاعدو آهي هر قسم جي چمڙيءَ جي وچڙندڙ مرض ۽
خراب قسم جي مَلي جي لاءِ، 55-56 ان کان سواءِ سوڄ، ڏڌ، چمڪندڙ
داغ ۽ ڪپڙن ۽ گهر جي سينور جي مرض لاءِ پڻ. 57 انهيءَ قاعدي مان
معلوم ٿيندو ته انهن شين کي ڪڏهن پاڪ ٺهرائجي ۽ ڪڏهن ناپاڪ.
سو چمڙيءَ جي وچڙندڙ مرض ۽ سينور بابت اهو ئي قاعدو آهي.”

## ٻيون شرعي ناپاڪيون

15 1 خداوند موسيٰ ۽ هارون کي 2 بني اسرائيل لاءِ هي فرمايو
ته ”جيڪڏهن ڪنهن مرد ماڻهوءَ کي جريان جي بيماري
آهي ته اهو جريان ناپاڪ آهي. 3 ڪنهن ماڻهوءَ جي مرداڻي عضوي
مان گند وهندو هجي يا ان جي ڪري سندس نيڪال جي نالي بند ٿي
ويئي هجي تڏهن به هو ناپاڪ آهي. 4 جنهن پلنگ تي هو سمهندو
يا جنهن شيءِ تي ويهندو، سا ناپاڪ ٿيندي. 5 جيڪو ماڻهو انهيءَ
جي پلنگ کي ڇهندو، 6 يا انهيءَ شيءِ تي ويهندو جنهن تي جريان
وارو ويٺو هو، ته اهڙو ماڻهو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ۽ وهنجي. ان هوندي
به هو شام تائين ناپاڪ رهندو. 7 جيڪو جريان واري ماڻهوءَ جي
بدن کي ڇهندو، اهو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ۽ وهنجي. ان هوندي به هو
شام تائين ناپاڪ رهندو. 8 جيڪڏهن جريان وارو ماڻهو ڪنهن پاڪ
ماڻهوءَ تي ٿڪ اڇلائي ته اهو ماڻهو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ۽ وهنجي.
ان هوندي به هو شام تائين ناپاڪ رهندو. 9 سواريءَ دوران جنهن
به شيءِ تي جريان وارو ويهي ٿو سا ناپاڪ ٿيندي. 10 جيڪڏهن ڪو
اهڙيءَ شيءِ کي ڇهندو جا جريان واري جي هيٺان پيئي هئي، ته اهو
شام تائين ناپاڪ رهندو. جيڪڏهن ڪو اهڙيءَ شيءِ کي کڻندو ته
اهو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ۽ وهنجي. ان هوندي به شام تائين هو ناپاڪ
رهندو. 11 جريان وارو ماڻهو پنهنجا هٿ ڌوئڻ کان سواءِ، جيڪڏهن
ڪنهن ماڻهوءَ کي هٿ لائي ته اهو ماڻهو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ۽
وهنجي. ان هوندي به شام تائين هو ناپاڪ رهندو. 12 جريان وارو
ماڻهو ڪنهن ٺڪر جي ٿانوَ کي ڇهي، ته اهو ڀڃي ڇڏجي. جيڪڏهن
اهو ٿانوُ ڪاٺيءَ جو هجي ته انهيءَ کي آگهاري ڇڏجي.
13 جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي جريان واري بيماريءَ کان ڇٽي چڱو
ڀلو ٿئي، تڏهن هو ستن ڏينهن تائين ترسي ۽ ستين ڏينهن پنهنجا ڪپڙا
ڌوئي ۽ تازي پاڻيءَ ۾ وهنجي، پوءِ هو پاڪ ٿيندو. 14 اٺين ڏينهن تي
هو ٻه گيرا يا ٻه ڪبوتر کڻي، مون سان ملاقات واري خيمي جي اڱڻ
واري در وٽ مون خداوند جي حضور ۾ آڻي ڪاهن کي ڏئي. 15 ڪاهن
انهن مان هڪڙو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ ۽ ٻيو ساڙڻ واري
قربانيءَ لاءِ پيش ڪري. اهڙيءَ طرح هو انهيءَ ماڻهوءَ خاطر سندس
جريان جي بيماريءَ لاءِ مون خداوند جي حضور ۾ ڪفارو ادا ڪري.
16 جيڪڏهن ڪو ماڻهوءَ انزال ٿئي ته هو پنهنجو سڄو بدن ڌوئي
ڇڏي. ان هوندي به شام تائين هو ناپاڪ رهندو. 17 جنهن به ڪپڙي
يا چم تي مني ڪري هجي سو ڌوئي ڇڏجي. ان هوندي به شام
تائين اهو ناپاڪ رهندو. 18 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن عورت سان
همبستر ٿيو هجي ۽ انزال ڪيو هجائين ته ٻئي وهنجن. ان هوندي
به ٻئي شام تائين ناپاڪ رهندا.
19 جڏهن ڪنهن عورت کي ماهواري اچي، ته اها ستن ڏينهن
تائين ناپاڪ رهندي ۽ جيڪو به کيس ڇهندو سو شام تائين ناپاڪ
رهندو. 20 ماهواريءَ جي ڏينهن ۾ هوءَ جنهن به شيءِ تي سمهندي
يا ويهندي سا ناپاڪ ٿيندي. 21-23 جيڪو به سندس پلنگ يا انهيءَ
شيءِ کي ڇهندو جنهن تي هوءَ ويٺي هجي ته اهو ماڻهو پنهنجا
ڪپڙا ڌوئي ۽ وهنجي. ان هوندي به هو شام تائين ناپاڪ رهندو.
24 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ماهواريءَ دوران ساڻس همبستر ٿيو هجي،
ته انهيءَ جي حيض جو رت لڳڻ ڪري هو ستن ڏينهن تائين ناپاڪ
رهندو. پوءِ اهو ماڻهو جنهن به پلنگ تي سمهندو سو ناپاڪ ٿيندو.
25 جيڪڏهن ڪنهن عورت کي ماهواريءَ وارن ڏينهن کان علاوه
گهڻن ڏينهن تائين رت اچي يا ماهواريءَ جا ڏينهن گذرڻ کان پوءِ
به رت وهندو رهي، ته پوءِ جيستائين اهو رت ايندو رهندو تيستائين
هوءَ ماهواريءَ جي ڏينهن وانگر ئي ناپاڪ رهندي. 26 انهن ڏينهن
۾ جنهن به پلنگ تي هوءَ سمهندي ۽ جنهن به شيءِ تي ويهندي،
سا سندس ماهواريءَ جي ناپاڪيءَ وانگر ناپاڪ ٿيندي. 27 جيڪو به
انهن شين کي ڇهندو سو ناپاڪ ٿيندو. سو اهو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ۽
وهنجي. ان هوندي به شام تائين هو ناپاڪ رهندو. 28 جڏهن عورت
جو اهو رت بند ٿي وڃي تڏهن کان ستن ڏينهن تائين هوءَ ترسي،
تنهن کان پوءِ هوءَ پاڪ ٿيندي. 29 اٺين ڏينهن هوءَ ٻه گيرا يا ٻه
ڪبوتر کڻي، مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڱڻ واري در تي
ڪاهن وٽ آڻي. 30 ڪاهن انهن مان هڪڙو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ
لاءِ ۽ ٻيو ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ پيش ڪري. اهڙيءَ طرح هو عورت
جي وهندڙ رت لاءِ مون خداوند جي حضور ۾ ڪفارو ادا ڪري.
31 تنهنڪري اوهين بني اسرائيل کي اهڙين ناپاڪيءَ جي حالتن کان
دور رکجو، انهيءَ لاءِ ته اهي ناپاڪيءَ جي حالت ۾ منهنجي مقدس
خيمي، جيڪو سندن وچ ۾ آهي، تنهن کي پليت ڪري مري نه پون.
32 اهو ئي قاعدو آهي انهيءَ مرد جي واسطي جنهن کي جريان جي
بيماري هجي يا جيڪو انزال ٿئي ٿو، جنهن سان هو ناپاڪ ٿئي ٿو.
33 اهو ئي قاعدو آهي انهيءَ عورت جي واسطي جيڪا ماهواريءَ جي
حالت ۾ هجي. يعني هر انهيءَ مرد يا عورت جي واسطي اهو ئي
قاعدو آهي جيڪو جريان جي حالت ۾ هجي ۽ ان کان علاوه هر انهيءَ

مرد جي واسطي پڻ، جيڪو ڪنهن ناپاڪ عورت سان همبستر ٿئي
ٿو.“

## ڪفاري جو ڏينهن

16 (1) هارون جا ٻه پٽ، جيڪي مقدس جاءِ اندر خداوند جي
حضور ۾ ويجهو آيا ۽ مري ويا تن جي وفات کان پوءِ خداوند
موسيٰ کي فرمايو ته (2) ”تون پنهنجي ڀاءُ هارون کي چئُه ته پردي جي
اندر مقدس ترين جاءِ ۾ عهد واري صندوق مٿان جيڪو رحمت جو
پوش آهي تنهن جي اڳيان هو هر وقت نه اچي، ته مٿان مري نه وڃي،
ڇالاءِجو آءٌ رحمت جي پوش مٿان ڪڪر ۾ ڏيکاري ڏيندو آهيان.
(3) هارون مقدس ترين جاءِ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هن طرح تياري ڪري
جو پاڻ سان پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ هڪڙو وهڙو ۽ ساڙڻ واري
قربانيءَ لاءِ هڪڙو گهٽو عبادت‌گاهه وٽ آڻي. (4) هارون ڪاهنن وارو
هي لباس پائي: سڻيءَ جو پهراڻ، سڻيءَ جي سٿڻ، سڻيءَ جو پٽڪو
۽ سڻيءَ جي پڳ. اهو مخصوص لباس آهي، تنهنڪري هو وهنجي
پوءِ اهو پائي. (5) هو بني اسرائيل مان پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ
ٻه ٻڪر ۽ ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ هڪڙو گهٽو آڻي. (6) پوءِ هارون
پنهنجي لاءِ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور وهڙو پيش ڪري ته جيئن
پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي خاندان جي لاءِ ڪفارو ادا ڪري. (7) تنهن
بعد هو ٻئي ٻڪر مون سان ملاقات واري خيمي جي اڱڻ واري در
وٽ مون خداوند جي حضور ۾ آڻي پيش ڪري. (8) هارون انهن ٻنهي
ٻڪرن لاءِ پُڪا وجهي، هڪڙو پُڪو ’خداوند جي لاءِ‘ ۽ ٻيو *’ڇڏي
ڏيڻ جي لاءِ‘. (9) جنهن ٻڪر لاءِ مون خداوند جي نالي جو پُڪو نڪري
تنهن کي هارون پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور آڻي پيش ڪري. (10) پر
جنهن ٻڪر لاءِ ڇڏي ڏيڻ جو پُڪو نڪري، تنهن کي ڪفاري جي لاءِ
جيئرو ئي مون خداوند جي حضور ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ پوءِ انهيءَ
کي ڇڏي ڏيڻ جي لاءِ بيابان ۾ هڪليو وڃي.
(11) جڏهن هارون پنهنجي پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ واري وهڙي
کي آڻي، پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي ڪفاري لاءِ انهيءَ کي ذبح
ڪري، (12) تڏهن هو هڪڙو لوبان‌دان کڻي، انهيءَ کي ان باهه جي
ٽانڊن سان ڀري جيڪا مون خداوند جي آڏو لوبان ساڙڻ لاءِ قربان‌گاهه
تي ٻري ٿي. پوءِ هو پنهنجو ٻڪ سنهي ڪٽيل خوشبودار لوبان سان
ڀري کڻي ۽ اهي ٻيئي کڻي پردي جي اندر مقدس ترين جاءِ ۾ اچي.
(13) تڏهن هو اهو لوبان اتي مون خداوند جي حضور ۾ ٽانڊن تي وجهي،
ايتري قدر جو لوبان جو دونهون عهد واري صندوق تي رکيل رحمت
جي پوش کي ڍڪي ڇڏي، انهيءَ لاءِ ته هو †مري نه پوي. (14) پوءِ
هارون انهيءَ وهڙي جي رت مان ڪجهه کڻي پنهنجيءَ آڱر سان
رحمت جي پوش جي اڳئين حصي تي اڀرندي پاسي ڇٽڪاري ۽ اتي
عهد واري صندوق جي اڳيان ٻه ست دفعا ڇٽڪاري.
(15) ان بعد هو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ واري انهيءَ ٻڪر کي ذبح
ڪري، جيڪو قوم جي واسطي آهي. انهيءَ جو رت کڻي پردي جي
اندر مقدس ترين جاءِ ۾ اچي ۽ وهڙي جي رت وانگر انهيءَ جو رت ٻه
رحمت جي پوش جي اڳئين حصي تي ۽ صندوق جي اڳيان ڇٽڪاري.
(16) اهڙيءَ طرح هو مقدس ترين جاءِ جي لاءِ بني اسرائيل جي ناپاڪين،
سندن نافرمانين ۽ سڀني گناهن جي ڪري ڪفارو ادا ڪري. سو هو
مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي لاءِ ائين ڪري، ڇوجو اهو
خيمي‌گاهه اندر سندن ناپاڪين جي وچ ۾ کوڙيو وڃي ٿو. (17) جڏهن
هارون ڪفارو ادا ڪرڻ جي لاءِ مقدس ترين جاءِ اندر وڃي، تڏهن
جيستائين هو پنهنجي لاءِ، پنهنجي خاندان جي لاءِ ۽ بني اسرائيل
جي ساريءَ قوم جي لاءِ ڪفارو ادا ڪري ٻاهر نه اچي، تيستائين
ڪوبه ماڻهو مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي اندر نه هجي.
(18) پوءِ هو ٻاهر نڪري انهيءَ قربان‌گاهه وٽ اچي جيڪا مون خداوند
جي آڏو آهي ۽ انهيءَ جي لاءِ ڪفارو ادا ڪري. هو وهڙي ۽ ٻڪر
جي رت مان ڪجهه کڻي قربان‌گاهه جي چئني ڪنڊن وارن سڱن تي
لڳائي. (19) پوءِ هو انهيءَ رت مان ڪجهه پنهنجيءَ آڱر سان ست دفعا
قربان‌گاهه تي ڇٽڪاري. اهڙيءَ طرح هو انهيءَ کي بني اسرائيل جي
ناپاڪين کان پاڪ ڪري ۽ مون خداوند جي لاءِ مخصوص بڻائي.“

## ڇڏي ڏيڻ وارو ٻڪر

(20) ”جڏهن هارون مقدس ترين جاءِ، قربان‌گاهه ۽ مون خدا سان
ملاقات واري پوري خيمي جي لاءِ ڪفارو ادا ڪري وٺي، تڏهن هو
اهو جيئرو ٻڪر آڻي پيش ڪري. (21) هارون انهيءَ جي مٿي تي پنهنجا
ٻئي هٿ رکي ۽ بني اسرائيل جي سڀني بدڪارين، نافرمانين ۽ سڀني
گناهن جو انهيءَ جي مٿان قبولدار ٿي اهي سڀ ٻڪر جي سر تي
رکي. پوءِ انهيءَ ٻڪر کي تنهن ماڻهوءَ جي هٿان بيابان ڏانهن روانو
ڪري ڇڏي جنهن کي انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪيو ويو هجي. (22) اهو
ٻڪر سندن سڀ بدڪاريون پاڻ تي کڻي ڪنهن ويران پٽ ۾ ويندو.
جڏهن اهو ماڻهو انهيءَ ٻڪر کي بيابان ۾ ئي ڇڏي موٽي اچي
(23) تڏهن هارون مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ اچي ۽ اهي
سڻيءَ جا ڪپڙا، جيڪي مقدس ترين جاءِ ۾ وڃڻ وقت پاتا هئائين،
سي لاهي اتي ئي رکي ڇڏي. (24) ان بعد هو پاڻ ڪنهن پاڪ جڳهه
تي وهي وهنجي ۽ پنهنجا عام ڪپڙا پائي ٻاهر اچي. پوءِ هو پنهنجي
۽ قوم جي ڪفاري ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي طرفان ساڙڻ واري قرباني

*ڇڏي ڏيڻ: عبراني ٻوليءَ ۾ هي جنهن لفظ جو ترجمو آهي سو ڪنهن ڀوت جو نالو پڻ ٿي سگهي ٿو. ڏسو 16:10، 26 ۾ پڻ.

†مري نه پوي: انهيءَ مان مراد آهي ته هو مٿان خداوند جي جلوي کي ڏسي مري پوي. ڏسو 16:2 پڻ.

16:1 لاو 10:1–2    16:2 عبر 6:19    16:3 عبر 9:7    16:15 عبر 9:12    16:23 حز 44:19

پيش ڪري ۽ قوم جي طرفان بہ اهڙي قرباني پيش ڪري. ⑳25 هو پاڪ
ٿيڻ واسطي ڪيل قربانيءَ واري چربي قربان‌گاھہ تي رکي ساڙي.
26 جيڪو ماڻھو ڇڏي ڏيڻ واري ٻڪر کي بيابان ۾ ڇڏي اچي سو
پنھنجا ڪپڙا ڌوئي ۽ وھنجي، پوءِ ھو پلي خيمي‌گاھہ ۾ داخل ٿئي.
27 پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ وارو وهڙو ۽ ٻڪر، جن جو رت ڪفاري
ادا ڪرڻ لاءِ مقدس ترين جاءِ ۾ آندو ويو ھو، تن کي خيمي‌گاھہ کان
ٻاهر ڪٽي وڃي سندن کلن، گوشت ۽ اوجهہ سميت ساڙي ڇڏجي.
28 جيڪو ماڻھو انھن کي ساڙي سو پنھنجا ڪپڙا ڌوئي ۽ وھنجي،
پوءِ ھو پلي خيمي‌گاھہ ۾ داخل ٿئي.“

## ڪفاري جو ڏينھن ملھائڻ

29 ”اوھان جي لاءِ ھي ھميشہ جو قانون ٿيندو تہ ستين مھيني جي
ڏھين تاريخ تي اوھان مان ھر ڪو ماڻھو، پوءِ اھو اوھان جي قوم
مان ھجي توڙي ڌاريو، پنھنجي پنھنجي *نفس کي ماري ۽ ڪنھن
بہ قسم جو ڪم نہ ڪري. 30 انھيءَ ڏينھن اوھان کي پاڪ ٿيڻ جي
لاءِ ڪفارو ادا ڪرڻو پوندو، تڏھن اوھين پنھنجن سڀني گناھن کان
مون خداوند جي حضور ۾ پاڪ ٿيندا. 31 اھو اوھان جي لاءِ آرام جو
مخصوص ڏينھن آھي. انھيءَ ڏينھن اوھين پنھنجي پنھنجي نفس
کي مارجو، اھو ئي ھميشہ جي لاءِ قانون آھي. 32 جنھن بہ ڪاھن
کي مسح ڪري ڪيس پنھنجي پيءُ جي جاءِ تي سردار ڪاھن ٿيڻ
لاءِ مخصوص ڪيو وڃي، سو ڪفارو ادا ڪري. انھيءَ واسطي ھو
سڻيءَ جا مخصوص ڪپڙا پائي 33 مقدس ترين جاءِ، قربان‌گاھہ، بلڪ
مون خدا سان ملاقات واري پوري خيمي ۽ ڪاھنن ۽ ساريءَ قوم
جي لاءِ ڪفارو ادا ڪري. 34 اھو اوھان جي لاءِ ھميشہ جو قانون
ٿيندو تہ بني اسرائيل جي سڀني گناھن جي لاءِ سال ۾ ھڪڙو دفعو
ڪفارو ادا ڪيو وڃي.“
سو ھنن ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو ھو.

## ذبح ڪرڻ بابت قانون

17 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”تون ھارون، سندس پٽن
۽ بني اسرائيل جي سڀني ماڻھن کي منھنجو ھي حڪم
ٻڌاءِ تہ 3 ’بني اسرائيل مان جيڪو بہ ماڻھو ڍاند، گھٽو يا ٻڪر
ٻيءَ ڪنھن جاءِ تي قربانيءَ طور ذبح ڪندو، 4 يعني انھيءَ کي
مون خداوند جي واسطي قرباني ڪرڻ لاءِ مون سان ملاقات واري
خيمي جي اڳڻ واري در وٽ آڻي ذبح نہ ڪندو تہ انھيءَ ماڻھوءَ
تي خون جو الزام ايندو، ڇالاءِجو ھن رت وھايو آھي. پوءِ اھڙي
ماڻھوءَ کي منھنجيءَ قوم مان خارج ڪيو ويندو. 5 انھيءَ حڪم
جو مقصد ھي آھي تہ بني اسرائيل جا ماڻھو جيڪي پنھنجي قربانين
جا جانور کليل ميدان ۾ قربانيءَ طور ذبح ڪن ٿا، سي ھاڻي مون
سان ملاقات واري خيمي جي اڳڻ واري در تي، مون خداوند جي
حضور ۾ ڪاھن وٽ آڻين ۽ انھن کي سلامتيءَ جي قربانيءَ طور
اتي ذبح ڪن. 6 ڪاھن انھن جو رت خيمي جي سامھون اڳڻ ۾
منھنجي قربان‌گاھہ تي ڇٽڪاري ۽ انھن جي چربي منھنجي لاءِ
وڻندڙ خوشبوءِ واسطي ساڙي. 7 اڳتي بني اسرائيل جا ماڻھو ٻڪر
جي ڀوتن جي لاءِ پنھنجيون قربانيون نہ ڪن، ڇالاءِجو اھڙيءَ طرح
ھو مون سان بي‌وفائي ٿا ڪن. اھو ئي ھنن جي لاءِ سندن پيڙھي بہ
پيڙھي ھميشہ جو قانون ٿيندو.‘
8 تنھنڪري تون انھن کي چئُہ تہ ’بني اسرائيل جي ماڻھن مان
يا سندن قوم ۾ شامل ٿيل ڌارين مان جيڪو بہ ماڻھو ساڙڻ واري يا
ڪا ٻي قرباني پيش ڪري، 9 پر انھيءَ کي مون سان ملاقات واري
خيمي جي اڳڻ واري در وٽ منھنجي حضور ۾ آڻي ذبح نہ ٿو ڪري،
تہ پوءِ انھيءَ ماڻھوءَ کي بني اسرائيل قوم مان خارج ڪيو ويندو.‘“

## رت کائڻ پيئڻ کان منع

10 ”بني اسرائيل جي ماڻھن مان يا سندن قوم ۾ شامل ٿيل ڌارين
مان جيڪڏھن ڪوبہ ماڻھو ڪنھن بہ طرح رت کائيندو پيئندو، تہ آءٌ
خداوند انھيءَ رت کائڻ پيئڻ واري جي خلاف ٿيندس ۽ انھيءَ کي
قوم مان خارج ڪري ڇڏيندس. 11 جيئن تہ ھر ساھواري شيءِ جي
زندگي انھيءَ رت ۾ آھي، تنھنڪري ئي مون اوھان جي زندگين جي
ڪفاري لاءِ اھو رت قربان‌گاھہ تي رکايو آھي. اھو رت ئي تہ آھي
جنھن سان ڪنھن جي زندگيءَ جو ڪفارو ادا ڪجي ٿو. 12 اھو ئي
سبب آھي جو آءٌ خداوند بني اسرائيل کي چوان ٿو تہ ڪوبہ رت نہ
کائي پيئي، نہ ئي وري اوھان جي قوم ۾ شامل ٿيل ڪو ڌاريو اھو
کائي پيئي.
13 بني اسرائيل مان يا سندن قوم ۾ شامل ٿيل ڌارين مان جيڪو
بہ ماڻھو ڪنھن حلال جانور يا حلال پکيءَ جو شڪار ڪري، تہ اھو
انھيءَ جو رت زمين تي وھائي انھيءَ کي مٽيءَ سان ڍڪي ڇڏي.
14 ڇالاءِجو ھر ساھواري شيءِ جي زندگي سندس رت ئي آھي. اھو
ئي سبب آھي جو آءٌ بني اسرائيل کي چوان ٿو تہ ’اوھين ڪنھن بہ
ساھواري جو رت نہ کائجو پيئجو، ڇوتہ اھا سندس زندگي آھي. سو
جيڪو بہ اھو کائيندو پيئندو تنھن کي بني اسرائيل قوم مان خارج
ڪيو ويندو.‘
15 بني اسرائيل مان يا ساڻن گڏ رھندڙ ڌارين مان جيڪو بہ ماڻھو
پنھنجي موت مئل يا جھنگلي جانورن جي ڦاڙيل ڪنھن ساھواري کي
کائيندو، تہ اھو پنھنجا ڪپڙا ڌوئي ۽ وھنجي. ان ھوندي بہ ھو شام

*نفس کي ماري: انھيءَ مان مراد روزو رکڻ ۽ ٻين جسماني ضرورتن کان پاسو ڪرڻ آھي. ڏسو 31:16 ۾ پڻ.

27:16 عبر 11:13    29:16–34 لاو 26:23–32، گا 29:7–11    10:17 پيد 4:9، لاو 26:7–27، 26:19، شر 12:16، 23، 15:23    11:17 عبر 22:9

تائين ناپاڪ رهندو، تنهن کان پوءِ پاڪ ٿيندو. ⑯پر جيڪڏهن هو نڪي
ڪپڙا ڌوئيندو ۽ نہ وهنجندو، تہ پوءِ انهيءَ جو نتيجو پاڻ ڀوڳيندو.“

## حرام ٺهرايل رشتا

18 ①خداوند موسيٰ کي ②بني اسرائيل لاءِ هي فرمايو تہ ”آءٌ
خداوند اوهان جو خدا آهيان. ③اوهين مصر جي ملڪ وارن
ماڻهن جهڙا ڪم نہ ڪجو، جتي اوهين رهندا هئا، نڪي وري ڪنعان
جي ملڪ وارن ماڻهن جهڙا ڪم ڪجو، جتي آءٌ اوهان کي وٺي ٿو
هلان. اوهين انهن جي رسمن تي نہ هلجو. ④اوهين منهنجي حڪمن
تي هلجو ۽ منهنجي قانونن تي عمل ڪجو. آءٌ خداوند اوهان جو
خدا آهيان. ⑤اوهين ضرور منهنجي قاعدن قانونن تي عمل ڪجو،
ڇالاءِجو جيڪو ماڻهو ائين ڪندو تنهن جي حياتي بچي ويندي. آءٌ
خداوند آهيان.

⑥اوهان مان ڪوبہ پنهنجي ويجهي مائٽياڻيءَ جي اوگهڙ نہ ڏسي.
آءٌ خداوند آهيان. ⑦اوهان پنهنجي پيءُ جي ننگ يعني پنهنجي ماءُ
جي اوگهڙ نہ ڏسجو، هوءَ توهان جي ماءُ آهي. ⑧اوهان پنهنجي پيءُ
جي ٻين زالن جي اوگهڙ نہ ڏسجو، ڇالاءِجو ائين ڪرڻ سان اوهين
پنهنجي پيءُ جي بيعزتي ڪندا. ⑨اوهان پنهنجيءَ ڀيڻ جي اوگهڙ نہ
ڏسجو، پوءِ اها توهان جي پيءُ جي ڌيءَ هجي يا رڳو ماءُ جي. توڙي
اها گهر ۾ پلي هجي يا ڪٿي ٻاهر. ⑩اوهان پنهنجي پوٽيءَ يا ڏوهٽيءَ
جي اوگهڙ نہ ڏسجو، ڇالاءِجو انهن جي عزت خود اوهان جي عزت
آهي. ⑪اوهان پنهنجي ماٽيليءَ ڀيڻ جي اوگهڙ نہ ڏسجو، ڇالاءِجو اها
پڻ اوهان جي ڀيڻ آهي. ⑫اوهان پنهنجي ڦڦيءَ جي اوگهڙ نہ ڏسجو،
ڇالاءِجو اها اوهان جي پيءُ جي ويجهي مائٽياڻي آهي. ⑬اوهان
پنهنجي ماسيءَ جي اوگهڙ نہ ڏسجو، ڇالاءِجو اها اوهان جي ماءُ جي
ويجهي مائٽياڻي آهي. ⑭اوهان پنهنجي چاچيءَ جي اوگهڙ نہ ڏسجو،
ڇالاءِجو اها اوهان جي چاچي جي عزت آهي. ⑮اوهان پنهنجيءَ
نُنهن جي اوگهڙ نہ ڏسجو، ڇالاءِجو اها اوهان جي پٽ جي زال آهي.
⑯اوهان پنهنجي ڀاڄائيءَ جي اوگهڙ نہ ڏسجو، ڇالاءِجو اها اوهان
جي ڀاءُ جي عزت آهي. ⑰جنهن عورت جي اوهان اوگهڙ ڏٺي هجي،
تنهن عورت جي ڌيءَ، پوٽيءَ يا ڏوهٽيءَ مان ڪنهن جي بہ اوگهڙ نہ
ڏسجو، ڇالاءِجو اهي انهيءَ عورت جون ويجهيون مائٽياڻيون آهن،
سو اها وڏي بدڪاري آهي. ⑱اوهان پنهنجيءَ زال جي جيئري ئي
انهيءَ جي ڀيڻ کي سندس ٻهاج ٻڻائي انهيءَ جي اوگهڙ نہ ڏسجو.
⑲جيڪا عورت پنهنجي ماهواريءَ جي ڪري اڃا ناپاڪ هجي،
تنهن جي اوگهڙ ڏسڻ لاءِ سندس ويجهو نہ وڃجو. ⑳اوهان پنهنجي
پاڙيسريءَ جي زال سان زنا ڪري پاڻ کي پليت نہ ڪجو. ㉑اوهان
پنهنجي اولاد مان ڪنهن کي بہ مولڪ ديوتا جي واسطي باهہ سان
ساڙي نذرانو نہ ڏجو. ائين ڪري مون پنهنجي خدا جي نالي جي
بيحرمتي نہ ڪجو. آءٌ خداوند آهيان. ㉒اوهان ڪنهن مرد سان
عورت وانگر صحبت نہ ڪجو، ڇالاءِجو اهو ڪراهت جهڙو ڪم
آهي. ㉓اوهان ڪنهن بہ جانور سان بدفعلي ڪري پاڻ کي پليت نہ
ڪجو، نہ وري ڪا عورت ڪنهن جانور وٽ وڃي انهيءَ کان بدفعلي
ڪرائي، ڇالاءِجو اها بدڪاري آهي.

㉔اوهين انهن مان ڪوبہ ڪم ڪري پاڻ کي پليت نہ ڪجو،
ڇالاءِجو جن قومن کي آءٌ اوهان جي اڳيان لوڌي ڪيندس، سي سڀ
انهن ڪمن جي ڪري ئي پليت ٿيون. ㉕اها زمين بہ پليت ٿي ويئي
آهي، تنهنڪري آءٌ خداوند انهيءَ کي سندس بدڪاريءَ جي اهڙي
سزا ڏيندس جو اها پنهنجن رهاڪن کي اُلٽي ڪري ڪڍي ڇڏيندي.
㉖تنهنڪري اوهين بني اسرائيل توڙي اوهان سان گڏ رهندڙ ڌاريا
سڀيئي منهنجي قانونن ۽ حڪمن تي عمل ڪجو ۽ انهن مڪروهہ
ڪمن مان ڪوبہ نہ ڪجو، ㉗ڇوتہ اوهان کان اڳي جيڪي انهيءَ
زمين جا رهاڪو هئا تن اهي سمورا مڪروهہ ڪم ڪيا، جنهن
سبب اها زمين پليت ٿي. ㉘سو ائين نہ ٿئي تہ جڏهن اوهين انهيءَ
زمين کي پليت ڪريو، تڏهن اها اوهان کي بہ اهڙيءَ ئي طرح اُلٽي
ڪري ڪڍي ڇڏي، جهڙيءَ طرح اوهان کان اڳ ۾ رهندڙ قومن کي
ڪڍي ڇڏيائين. ㉙اوهان کي معلوم هجي تہ جيڪي بہ ماڻهو انهن
مڪروهہ ڪمن مان ڪوبہ ڪم ڪندا تہ انهن کي بني اسرائيل قوم
مان خارج ڪيو ويندو. ㉚تنهنڪري اوهين منهنجي حڪمن تي عمل
ڪندا رهجو ۽ انهن مڪروهہ رسمن تي عمل نہ ڪجو جيڪي اوهان
کان اڳي ادا ڪيون ويندڙيون هيون. اوهين پاڻ کي انهن جي ڪري
پليت نہ ڪجو. آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان.“

## ٻيا مختلف قانون

19 ①خداوند موسيٰ کي ②بني اسرائيل جي ساريءَ قوم لاءِ
هي حڪم ڏنو تہ ”اوهين پاڪ ٿيو، ڇالاءِجو آءٌ خداوند اوهان
جو خدا پاڪ آهيان. ③اوهان مان هر ڪو ماڻهو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ
جي تعظيم ڪندو رهي. اوهين منهنجي سبت جا ڏينهن ملهائيندا
رهجو. آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان. ④اوهين مون کي ڇڏي ٻتن
ڏانهن نہ ڦرجو ۽ نڪي پنهنجي لاءِ ڌاتوءَ جا پلتيل معبود ٺاهجو. آءٌ
خداوند اوهان جو خدا آهيان.

5:18 نحم 29:9، حز 9:18، 20:11–13، لو 28:10، رو 5:10، گل 12:3 — 8:18 لاو 11:20، شر 22:30، 20:27 — 9:18 لاو 17:20، شر 22:27
14–12:18 لاو 20:19–20 — 15:18 لاو 12:20 — 16:18 لاو 21:20 — 17:18 لاو 14:20، شر 23:27 — 19:18 لاو 18:20
20:18 لاو 10:20 — 21:18 لاو 20:1–5 — 22:18 لاو 13:20 — 23:18 خر 19:22، لاو 20:15–16، شر 21:27
2:19 لاو 11:44–45، 1.پط 16:1 — 3:19 خر 20:8،12، شر 5:12،16 — 4:19 لاو 26:1، خر 23:20، 34:17، شر 15:27

5 جڏهن اوهين مون خداوند جي لاءِ سلامتيءَ جي قرباني ذبح
ڪريو، تڏهن اها اهڙيءَ طرح پيش ڪجو جو اها اوهان جي طرفان
مون وٽ قبول پوي. 6 جنهن ڏينهن اها قرباني ڪئي وڃي، تنهن
ڏينهن يا ان جي ٻئي ڏينهن ان جو گوشت کاڌو وڃي. پر جيڪڏهن
ٽئين ڏينهن تائين ڪجهه بچي پوي ته انهيءَ کي ساڙيو وڃي. 7 ٽئين
ڏينهن انهيءَ مان ذرو به نه کاڌو وڃي، ڇالاءِجو اهو حرام آهي ۽ اها
قرباني قبول نه ڪئي ويندي. 8 جيڪو به اهو کائيندو سو پنهنجي
سر تي گناهه کڻندو، ڇالاءِجو هن مون خداوند لاءِ مخصوص ڪيل
شيءِ جي بيحرمتي ڪئي آهي. اهڙي ماڻهوءَ کي بني اسرائيل قوم
مان خارج ڪيو ويندو.

9 جڏهن اوهين پنهنجيءَ زمين جو فصل لڻو، تڏهن ٻنيءَ جون
سموريون ڪنڊون ڪُڙڇون نه لڻجو، نڪي لاباري وقت رهجي ويل
ڪو سنگ ميڙي گڏ ڪجو. 10 اوهين پنهنجي انگورن جي باغ جا
رهجي ويل ڇڳا ٻيهر چني گڏ نه ڪجو، نڪي پنهنجي انگورن جا
ڪريل داڻا چونڊي کڻجو. اهي غريبن ۽ ڌارين لاءِ ڇڏي ڏجو. آءٌ
خداوند اوهان جو خدا آهيان.

11 اوهين چوري نه ڪجو، نڪي هڪ ٻئي سان دوکو ڪجو ۽ نه
وري ڪوڙ ڳالهائجو. 12 اوهين منهنجو نالو وٺي ڪوڙو قسم نه
کڻجو. ائين ڪري مون پنهنجي خدا جي نالي جي بيحرمتي نه
ڪجو. آءٌ خداوند آهيان. 13 اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ تي ظلم نه
ڪجو، نڪي ڪانئس ڪجهه ڦري وٺجو. اوهين مزور جي مزوري هڪ
رات لاءِ به پاڻ وٽ روڪي نه رکجو. 14 اوهين ٻوڙي کي ملامت نه
ڪجو، نڪي انڌي جي اڳيان ٿاٻي کائڻ جهڙي ڪا شيءِ رکجو. مون
پنهنجي خدا جي فرمانبرداري ڪندا رهجو. آءٌ خداوند آهيان.
15 اوهين فيصلي ڪرڻ ۾ بيانصافي نه ڪجو، نه ته ڪنهن غريب
جي پاسخاطري ڪجو، نه وري ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو لحاظ ڪجو.
بلڪ پنهنجي پاڙيسريءَ جو فيصلو انصاف سان ڪجو. 16 اوهان مان
ڪوبه پنهنجيءَ قوم ۾ گلاخوري ڪندو نه وتي، نڪي پنهنجي
پاڙيسريءَ جي جان خطري ۾ وجهڻ تي سندرو ٻڌي بيهي. آءٌ خداوند
آهيان.

17 اوهين پنهنجي قوم واري جي لاءِ پنهنجيءَ دل ۾ بغض نه
رکجو، پر انهيءَ کي ڇينڀيندا ضرور رهجو، انهيءَ لاءِ ته سندس
لحاظ ڪرڻ سان متان اوهين پنهنجي سر تي گناهه کڻو. 18 اوهين
پنهنجيءَ قوم جي ماڻهن کان وير نه وٺجو، نڪي انهن سان ڪينو
رکجو، بلڪ اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ جهڙو پيار ڪجو. آءٌ
خداوند آهيان.

19 اوهين منهنجي حڪمن تي عمل ڪجو. اوهين پنهنجي چوپائي
مال کي جدا جنس جي جانور سان لڳ نه ڪرائجو، نڪي پنهنجي
ٻنيءَ ۾ ٻن قسمن جو ٻج گڏي پوکجو ۽ نه ئي وري اوهين ٻن شين
مان اُٺيل ڪپڙي جي پوشاڪ پائجو. 20 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن
اهڙيءَ عورت سان زنا ڪري، جيڪا ٻانهي هجي ۽ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ
سان مڱيل هجي، پر هوءَ اڃا تائين ڇڏايل يا آزاد ٿيل نه هجي، تڏهن
انهن کي سزا ڏني وڃي. پر انهن کي قتل نه ڪيو وڃي، ڇالاءِجو
اها عورت آزاد نه هئي. 21 پوءِ اهو ماڻهو پنهنجي قصور جي تلافيءَ
واسطي قربانيءَ لاءِ هڪڙو گهٽو مون خداوند جي حضور ۾ خيمي
جي اڱڻ واري در وٽ آڻي. 22 ڪاهن انهيءَ قربانيءَ واري گهٽي
سان، منهنجي حضور ۾ انهيءَ ماڻهوءَ جي گناهه لاءِ ڪفارو ادا
ڪري. تڏهن ڪيس پنهنجي گناهه جي معافي ملندي.
23 جڏهن اوهين ملڪ ڪنعان ۾ پهچي طرح طرح جي ميون جا وڻ
پوکيو، تڏهن انهن جو ميوو ٽن سالن تائين اوهان جي لاءِ *حرام
هوندو، سو اوهين اهو نه کائجو. 24 پر چوٿين سال انهن جو سمورو
ميوو مون خداوند جي واکاڻ طور پيش ڪرڻ لاءِ اهو مخصوص
ڪيو ويندو. 25 پوءِ پنجين سال اوهين پلي انهيءَ جو ميوو کائجو.
جيڪڏهن اوهين ائين ئي ڪندا ته انهن وڻن جي پيداوار اوهان لاءِ
وڌي ويندي. آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان.
26 اوهين ڪنهن به طرح رت نه کائجو پيئجو. اوهين نڪي فال
ڪڍجو ۽ نه ڪا جادوگري ڪجو. 27–28 اوهين پنهنجي جسم تي
ڏينپوڙين جا نشان نه ڪڍائجو. اوهين مئلن جي لاءِ غير قوم وارن
جيان پنهنجي جسم کي زخمي نه ڪجو، نڪي پنهنجو مٿو لونڊڙين
وٽان گولائيءَ ۾ ڪوڙائجو ۽ نڪي پنهنجي ڏاڙهيءَ جا پاسا ٻڪاڙجو.
آءٌ خداوند آهيان.

29 اوهين پنهنجي ڌيئرن کي ڪسٻياڻي ٺاهي ڪين بيآبرو نه ڪجو،
متان ملڪ ۾ زناڪاري ٿيڻ لڳي ۽ ملڪ بڇڙائيءَ سان ڀرجي وڃي.
30 اوهين منهنجي سبت جو ڏينهن ملهائيندا رهجو ۽ منهنجي
مقدس خيمي جي تعظيم ڪجو. آءٌ خداوند آهيان. 31 اوهين مئل
ماڻهن جي روحن سان ڳالهائيندڙن ڏانهن مائل نه ٿجو، نڪي پوپن
جي ڳولها ۾ رهجو، ڇالاءِجو اوهين انهن کان ناپاڪ ٿيندا. آءٌ خداوند
اوهان جو خدا آهيان.

---

*حرام: عبراني ٻوليءَ ۾ ”اڻطهريل“ لکيل آهي.

19:9–10 لاو 22:23، شر 24:19–22 19:11 خر 20:15، 16، شر 5:19، 20 19:12 خر 20:7، شر 5:11، مت 5:33 19:13 شر 24:14–15
19:14 شر 27:18 19:15 خر 23:6–8، شر 16:19 19:17 مت 18:15 19:18 مت 5:43، 19:19، 22:39، مر 12:31، لو 10:27، رو 13:9، گل
5:14، يع 2:8 19:19 شر 22:9–11 19:26 پيد 9:4، لاو 7:26–27، 17:10–14، شر 12:16،23، 15:23، 18:10
19:27–28 لاو 21:5، شر 14:1 19:29 شر 23:17 19:30 لاو 26:2 19:31 شر 18:11، 1.سم 28:3، 2.با 23:4، يس 8:19

32 اوهين وڏي عمر وارن جي اڳيان انهن جي احترام ۾ اُٿي بيهجو ۽
سندن عزت ڪجو. مون پنهنجي خدا جي فرمانبرداري ڪندا رهجو.
آءٌ خداوند آهيان.
33 جيڪڏهن ڪو ڌاريو اوهان جي ملڪ ۾ اچي رهي، ته انهيءَ
کي نه ستائجو. 34 اوهان جي ملڪ ۾ رهندڙ اهو ڌاريو به اوهان
جي هموطن ماڻهوءَ جهڙو آهي. سو اوهين ساڻس پاڻ جهڙو ئي پيار
ڪجو، ڇالاءِجو اوهين به مصر جي ملڪ ۾ ڌاريا هئا. آءٌ خداوند
اوهان جو خدا آهيان.
35 اوهين ڪنهن به فيصلي ڪرڻ وقت ماپ، تور ۽ ڳڻپ ۾
بي‌انصافي نه ڪجو. 36 اوهان جون تارازيون، وٽ ۽ ماپا بلڪل
صحيح هجن. آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان، جنهن اوهان کي مصر
جي ملڪ مان ڪڍي ٻاهر آندو آهي. 37 سو اوهين منهنجا سڀيئي قانون
۽ حڪم مڃيندا ۽ انهن تي عمل ڪندا رهجو. آءٌ خداوند آهيان."

## گناهن جون سزائون

20 1 خداوند موسيٰ کي 2 بني اسرائيل لاءِ فرمايو ته "اوهان
مان يا اوهان منجهه رهندڙ ڌارين مان جيڪو به ماڻهو
پنهنجي ٻارن مان ڪو مولڪ ديوتا کي نذر ڪري ڏيندو، تنهن کي
ضرور موت جي سزا ڏني وڃي. سڀيئي ماڻهو انهيءَ کي سنگسار
ڪري ڇڏين. 3 آءٌ پاڻ به انهيءَ ماڻهوءَ جو مخالف ٿيندس ۽ انهيءَ
کي بني اسرائيل قوم مان خارج ڪري ڇڏيندس، ڇالاءِجو هن پنهنجو
اولاد مولڪ ديوتا کي ڏيئي منهنجي مقدس خيمي کي پليت ڪيو
آهي ۽ منهنجي پاڪ نالي جي بي‌حرمتي ڪئي اٿائين. 4 پر جيڪڏهن
قوم وارا انهيءَ ماڻهوءَ کان، جنهن پنهنجو اولاد مولڪ ديوتا کي
ڏنو، چشمپوشي ڪندا ۽ انهيءَ کي قتل نه ڪندا، 5 ته پوءِ آءٌ
پاڻ انهيءَ ماڻهوءَ ۽ سندس گهراڻي جو مخالف ٿيندس ۽ انهيءَ
کي ۽ جيڪي مولڪ ديوتا جي پٺيان لڳي مون سان بي‌وفائي ڪندا،
تن سڀني کي قوم مان خارج ڪري ڇڏيندس. 6 جيڪو ماڻهو مئل
ماڻهن جي روحن سان ڳالهائيندڙن ۽ پوين ڏانهن مائل ٿيندو ۽ انهن
جي پيروي ڪري مون سان بي‌وفائي ڪندو، ته آءٌ انهيءَ ماڻهوءَ جي
خلاف ٿيندس ۽ انهيءَ کي قوم مان خارج ڪري ڇڏيندس.
7 اوهين پاڻ کي منهنجي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو ۽ مخصوصيت
واري حالت ۾ رهو، ڇالاءِجو آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان. 8 اوهين
منهنجا حڪم مڃجو ۽ انهن تي عمل ڪجو. آءٌ خداوند آهيان، جيڪو
اوهان کي مخصوص ٿو ڪريان.

9 جيڪو ماڻهو پنهنجي پيءُ يا ماءُ تي لعنت ڪندو، تنهن کي
ضرور موت جي سزا ڏني وڃي. جيئن ته هن پنهنجي پيءُ يا ماءُ تي
لعنت ڪئي تنهنڪري سندس خون سندس ئي سر تي هوندو.
10 جيڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ يعني پنهنجي ڪنهن پاڙيسريءَ
جي زال سان زنا ڪندو، ته انهيءَ زناڪار مرد ۽ عورت ٻنهي کي
ضرور موت جي سزا ڏني وڃي. 11 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي پيءُ
جي ڪنهن به زال جي اوگهڙ ڏسي پنهنجي پيءُ جي عزت لُٽي ٿو، ته
ڪيس انهيءَ عورت سميت ضرور موت جي سزا ڏني وڃي. انهن جو
خون سندن ئي سر تي هوندو. 12 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجيءَ نُنهن
جي اوگهڙ ڏسي ته انهن ٻنهي کي ضرور موت جي سزا ڏني وڃي،
ڇالاءِجو انهن بدڪاري ڪئي آهي. سو سندن خون سندن ئي سر تي
هوندو. 13 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن مرد سان بدفعلي ڪندو، ته
انهن ٻنهي ڪراهت جهڙو ڪم ڪيو آهي، سو انهن ٻنهي کي ضرور
موت جي سزا ڏني وڃي. انهن جو خون سندن ئي سر تي هوندو.
14 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن عورت ۽ سندس ماءُ ٻنهي جي اوگهڙ
ڏسي ته اها وڏي بڇڙائي آهي. سو انهيءَ ماڻهوءَ کي ٻنهي عورتن
سميت ساڙي ڇڏڻ جي سزا ڏني وڃي، انهيءَ لاءِ ته اوهان منجهه
اهڙي بڇڙائي نه رهي. 15 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن جانور سان
بدفعلي ڪري ته انهيءَ ماڻهوءَ کي ضرور موت جي سزا ڏني وڃي
۽ انهيءَ جانور کي به ضرور ماريو وڃي. 16 جيڪڏهن ڪا عورت
ڪنهن جانور وٽ وڃي انهيءَ کان بدفعلي ڪرائي، ته اوهين انهيءَ
عورت کي ضرور موت جي سزا ڏجو ۽ انهيءَ جانور کي به ضرور
ماري ڇڏجو. بدفعلي ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ جو خون سندن ئي سر تي
آهي.
17 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي سڳيءَ يا ماٽيليءَ ڀيڻ کي پاڻ سان
رهائيندو ۽ اُهي هڪ ٻئي جي اوگهڙ ڏسندا، ته اها تمام شرم جهڙي
ڳالهه آهي. سو انهن ٻنهي کي پوريءَ قوم آڏو ظاهر ظهور بني
اسرائيل قوم مان خارج ڪيو وڃي، ڇالاءِجو انهيءَ ماڻهوءَ پنهنجي
ڀيڻ جي عزت ورتي آهي. سندس گناهه سندس ئي سر تي هوندو.
18 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن عورت جي ماهواريءَ وقت ساڻس
همبستر ٿئي ٿو ۽ خون واري انهيءَ حالت ۾ هو اهڙو ڪم ڪن ٿا ته
اهي ٻيئي ڏوهاري آهن، سو انهن ٻنهي کي قوم مان خارج ڪيو وڃي.
19 اوهين پنهنجي ماسيءَ يا ڦُڦيءَ جي اوگهڙ نه ڏسجو. جيڪو ائين
ڪري ٿو سو پنهنجي ويجهي مائٽياڻيءَ جي عزت وٺي ٿو ۽ انهيءَ
جو گناهه ٻنهي جي سر تي هوندو. 20 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي
چاچيءَ جي اوگهڙ ڏسندو، ته انهيءَ پنهنجي چاچي جي عزت ورتي
آهي. سو انهيءَ جو گناهه انهن ٻنهي جي سر تي هوندو ۽ اهي

34–33:19 خر 21:22، شر 17:24–18، 19:27 36–35:19 شر 13:25–16، چوڻ 10:20، حز 10:45 9:20 خر 17:21، مت 4:15، مر 10:7
10:20 خر 14:20، لاو 20:18، شر 18:5 11:20 لاو 8:18، شر 30:22، 20:27 12:20 لاو 15:18 13:20 لاو 22:18 14:20 لاو 17:18،
شر 23:27 16–15:20 خر 19:22، لاو 23:18، شر 21:27 17:20 لاو 9:18، شر 22:27 18:20 لاو 19:18 20–19:20 لاو 12:18–14

بي اولاد مرندا. 21 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ جي جيئري سندس
زال کي پاڻ سان رهائي ساڻس همبستري ڪندو ته اهو غليظ ڪم
آهي. هن پنهنجي ڀاءُ جي عزت ورتي آهي، سو اهي ٻيئي بي اولاد
مرندا.

22 اوهين منهنجي سڀني قانونن ۽ حڪمن کي مڃجو ۽ انهن تي
عمل ڪجو، انهيءَ لاءِ ته جنهن ملڪ ۾ رهڻ لاءِ آءٌ اوهان کي
موڪليان ٿو سو متان اوهان کي اُلٽي ڪري ڪڍي ڇڏي. 23 جن قومن
کي آءٌ اوهان جي اڳيان ڀڄائي ٿو ڪڍان تن جي ريتن رسمن تي اوهين
نہ هلجو، ڇالاءِجو انهن اهي سڀئي ڪم ڪيا آهن، تنهنڪري مون
انهن کان ڪراهت ڪئي. 24 پر مون اوهان کي چيو آهي تہ اوهين
انهيءَ ملڪ جا وارث ٿيندا. اهو آسودو ۽ خوشحال ملڪ آهي ۽ آءٌ
اوهان کي اهو ملڪيت ڪري ڏيندس. آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان،
جنهن اوهان کي ٻين قومن کان ڌار ڪيو آهي. 25 تنهنڪري اوهين
حلال ۽ حرام جانورن ۽ پکين جي وچ ۾ فرق ڪجو. جن جانورن،
پکين ۽ ٻين زمين تي سرندڙ جيتن کي مون حرام ٺهرائي اوهان کان ڌار
ڪيو آهي، تن کي کائڻ سان اوهين پاڻ کي پليت نہ ڪجو. 26 اوهين
منهنجي لاءِ پاڪ ٿيو، ڇالاءِجو آءٌ خداوند پاڪ آهيان. مون اوهان کي
ٻين قومن مان چونڊي ڌار ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ اوهين منهنجا ٿيو.

27 جيڪو بہ مرد يا عورت مئل ماڻهن جي روحن سان ڳالهائيندڙ
يا پوپو هجي، تنهن کي ضرور موت جي سزا ڏني وڃي. انهن کي
سنگسار ڪيو وڃي. سندن خون سندن ئي سر تي آهي.“

## ڪاهن جي پاڪائي

21 1 خداوند موسيٰ کي هارون جي پٽن، جيڪي ڪاهن آهن،
تن لاءِ هي حڪم ڏنو تہ ”جڏهن اوهان جي قوم ۾ ڪو
مري وڃي تہ انهيءَ جي ڪفن دفن ڪرڻ لاءِ ڪوبہ ڪاهن پاڻ کي
ناپاڪ نہ ڪري. 2 البت هو پنهنجي ويجهن مائٽن جهڙوڪ پنهنجي
ماءُ، پيءُ، پٽ، ڌيءَ، ڀاءُ، 3 يا پنهنجيءَ اڻپرڻيل ڀيڻ جيڪا سندس
گهر ۾ رهي ٿي، تنهن جي لاءِ هو پاڻ کي ناپاڪ ڪري سگهي ٿو.
4 هو پنهنجي زال جي مائٽن جي ڪري پاڻ کي ناپاڪ ڪري پنهنجي
بي حرمتي نہ ڪري.

5 ڪوبہ ڪاهن پنهنجي ڏک جي اظهار لاءِ پنهنجو مٿو هِتان
هُتان نہ ڪوڙائي، نڪي پنهنجي ڏاڙهيءَ جا پاسا بگاڙي ۽ نہ وري
پنهنجي جسم کي زخم رسائي. 6 هو مون پنهنجي خدا جي لاءِ
مخصوص رهي ۽ منهنجي نالي جي بي حرمتي نہ ڪري. جيئن تہ
هو مون خداوند جي لاءِ ساڙي ويندڙ قربانيءَ جي خوراڪ پيش ٿو
ڪري، تنهنڪري هو مخصوص رهي. 7 ڪوبہ ڪاهن ڪنهن اهڙيءَ
عورت سان شادي نہ ڪري جيڪا ڪسٻياڻي ٿي بي عزت بڻي هجي يا
جنهن کي طلاق ڏني ويئي هجي. انهيءَ جو سبب هي آهي تہ ڪاهن
منهنجي لاءِ مخصوص ٿيل آهي. 8 تنهنڪري منهنجي قوم ڪاهن
کي مخصوص ٿيل ڪري ڄاڻي، ڇالاءِجو هو انهن جي طرفان مون
خدا جي لاءِ قربانيءَ جي خوراڪ پيش ڪري ٿو. سو انهيءَ کي اهي
مخصوص ٿيل سمجهن، ڇوتہ آءٌ خداوند جيڪو ڪين پاڪ ٿو ڪريان
سو پاڪ آهيان. 9 جيڪڏهن ڪنهن ڪاهن جي ڌيءَ ڪسٻياڻي ٿي
پاڻ کي پليت ڪري، تہ هوءَ پنهنجي پيءُ کي بي حرمت ٿي ڪري،
تنهنڪري انهيءَ کي ساڙي ڇڏڻ جي سزا ڏني وڃي.

10 جيڪو پنهنجي ڀائرن ۾ سردار ڪاهن هجي، جنهن جي مٿي تي
مسح ڪرڻ جو تيل پئجي پاڪ پوشاڪ پائڻ لاءِ مخصوص ڪيو ويو
هجيس، سو ڪنهن جي مرڻ تي پنهنجي مٿي جا وار نہ ڇوڙي، نڪي
پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي 11 ۽ نہ وري مُڙدي جي ويجهو وڃي. ايتري قدر
جو پنهنجي پيءُ يا ماءُ جي لاءِ بہ پاڻ کي ناپاڪ نہ ڪري. 12 هائو،
هو مقدس خيمي کان ٻاهر نڪري ائين ڪرڻ سان پاڻ کي ناپاڪ ڪري
منهنجي مقدس خيمي جي بي حرمتي نہ ڪري. ڇالاءِجو هو مسح
ڪرڻ واري تيل سان مون لاءِ وقف ٿيل آهي. آءٌ خداوند آهيان.

13 هو رڳو ڪنواريءَ سان شادي ڪري. 14 هو ڪنهن رن زال،
طلاق ڏنل، يا ڪسٻياڻي ٿي بي عزت بڻيل سان شادي نہ ڪري،
بلڪ پنهنجي ئي قبيلي مان ڪنهن ڪنواريءَ سان شادي ڪري.
15 تنهنڪري هو پنهنجي اولاد کي پنهنجيءَ قوم ۾ بي آبرو نہ ڪري،
ڇالاءِجو آءٌ خداوند آهيان، جيڪو هن کي پنهنجي لاءِ مخصوص
ڪريان ٿو.“

16 خداوند موسيٰ کي 17 هارون لاءِ هي فرمايو تہ ”تنهنجي اولاد
مان سندن سڀني پيڙهين ۾، جيڪڏهن ڪنهن بہ ماڻهوءَ ۾ ڪو عيب
هجي تہ اهو مون خدا جي لاءِ قربانيءَ جي خوراڪ پيش ڪرڻ واسطي
ويجهو نہ اچي. 18 ڪير بہ هجي جنهن ۾ ڪو عيب هجي، سو
منهنجي ويجهو نہ اچي، يعني جيڪو انڌو، منڊو، ڦريل عضون وارو
يا جنهن جو ڪو عضوو گهٽ وڌ هجي، 19 يا جنهن جو پير يا هٿ
ڀڳل هجي، 20 نڪي وري ڪو ڪُٻڙو، ٻِندرو يا جنهن جي اک ۾ ڪو
عيب هجي، يا جنهن کي ڪا چمڙيءَ جي بيماري هجي يا جنهن جا
آنورا ڦٽل هجن. 21 مطلب تہ هارون ڪاهن جي اولاد مان جنهن بہ
ماڻهوءَ ۾ ڪو جسماني عيب هجي، سو مون خدا جي لاءِ ساڙي ويندڙ
قربانيءَ جي خوراڪ پيش ڪرڻ واسطي ويجهو نہ اچي. 22 البت هو
منهنجي لاءِ قربانيءَ جي خوراڪ کائي سگهي ٿو، پوءِ اها خوراڪ
ڪاهنن لاءِ مخصوص ٿيل هجي توڙي مون لاءِ ئي مخصوص هجي.
23 پر جيئن تہ هن ۾ جسماني عيب آهي تنهنڪري هو نہ مقدس جاءِ
۾ داخل ٿئي ۽ نڪي قربانگاهہ جي ويجهو اچي. هو منهنجي مقدس
خيمي جي بي حرمتي نہ ڪري، ڇالاءِجو آءٌ خداوند آهيان جيڪو انهن
کي مخصوص ٿو ڪريان.“

24 سو موسيٰ هارون ۽ سندس پٽن کي ۽ بني اسرائيل جي سڀني
ماڻهن کي اهي ڳالهيون چئي ٻڌايون.

## مخصوص قربانين بابت قانون

22 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 2 ”تون هارون ۽ سندس
پٽن کي چئُه ته جيڪي مخصوص قربانيون بني اسرائيل
جا ماڻهو منهنجي لاءِ وقف ڪن ٿا تن کي هو احتياط سان هٿ
لائين، تانته منهنجي پاڪ نالي جي بي‌حرمتي نه ٿئي. آءٌ خداوند
آهيان. 3 تون انهن کي چئُه ته ’اوهان جي سڀني پيڙهين ۾، اوهان
جي اولاد مان جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو ناپاڪيءَ واري حالت ۾ انهن
مخصوص قربانين جي ويجهو ويندو، جيڪي بني اسرائيل جي ماڻهن
مون خداوند جي لاءِ وقف ڪيون هونديون، ته انهيءَ کي منهنجي
خدمت واري ڪم مان خارج ڪيو ويندو. آءٌ خداوند آهيان.‘
4 هارون جي اولاد مان جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو چمڙيءَ جي وچڙندڙ
مرض يا جريان جي مرض وارو هجي، ته اهو جيستائين پاڪ نه ٿئي
تيستائين انهن مخصوص قربانين مان ڪجهه به نه کائي. جيڪڏهن
ڪو اهڙو ڪاهن آهي جو ڪنهن اهڙيءَ شيءِ کي ڇهي جيڪا ڪنهن
مُڙدي کي لڳڻ ڪري ناپاڪ ٿي هجي، يا ڪاهن انزال ٿيو هجي،
5 يا جيڪڏهن هو ڪنهن اهڙي ناپاڪ جانور يا ماڻهوءَ کي ڇهي
جنهن جي ڪري هو ناپاڪ ٿي پوي، پوءِ اهو جنهن به طرح ناپاڪ
ٿيو هجي، 6 ته اهو ڪاهن شام تائين ناپاڪ رهندو. پر جيستائين
هو نه وهنجي تيستائين مخصوص قربانين مان نه کائي. 7 سج لهڻ
کان پوءِ هو پاڪ ٿي انهن مخصوص قربانين مان پلي کائي ڇالاءِجو
اها سندس خوراڪ آهي. 8 جيڪو جانور پنهنجي موت مري وڃي يا
جنهن کي جهنگلي جانورن ڦاڙيو هجي، تنهن جو گوشت کائي هو
پاڻ کي پليت نه ڪري. آءٌ خداوند آهيان.
9 سڀيئي ڪاهن منهنجي انهن حڪمن تي عمل ڪن، انهيءَ لاءِ
ته متان انهن تي عمل نه ڪرڻ سان انهن جي بي‌حرمتي ڪرڻ ڪري
قصوروار ٿين ۽ مري پون. آءٌ خداوند آهيان جيڪو کين مخصوص
ٿو ڪريان. 10 ڪاهن گهراڻي کان سواءِ ٻيو ڪوبه ماڻهو، پوءِ اهو
ڪاهن وٽ رهندڙ مهمان هجي يا ڪو مزدور، سو انهن مخصوص
قربانين مان ڪجهه به نه کائي. 11 پر جنهن غلام کي هن پيسن
سان خريد ڪيو هجي يا جيڪو غلام سندس گهر ۾ ڄائو هجي سو
پلي سندس ڪاڌي مان کائي. 12 جيڪڏهن ڪنهن ڪاهن جي ڌيءَ،
ڪاهن کان سواءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان پرڻيل هجي ته اها انهن
مخصوص قربانين مان ڪجهه به نه کائي. 13 پر جيڪڏهن ڪنهن
ڪاهن جي ڌيءَ رنڊ زال يا طلاق ڏنل هجي ۽ کيس اولاد نه هجي،
پوءِ هوءَ پنهنجي ننڍپڻ وانگر موٽي اچي پنهنجي پيءُ جي گهر ۾
رهندي هجي، ته اها پلي پنهنجي پيءُ جي مليل کاڌي مان کائي. پر
ڪاهن گهراڻي کان سواءِ ٻيو ڪوبه ماڻهو انهيءَ مان اصل نه کائي.
14 پر جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو ڀل مان انهيءَ مخصوص قربانيءَ
منجهان کائي، ته پوءِ هو اهڙي پوري مخصوص قرباني ۽ انهيءَ جي
پنجين حصي جيترو وڌيڪ انهيءَ ۾ گڏي ڪاهن کي موٽائي ڏئي.
15–16 بني اسرائيل جيڪي مخصوص قربانيون مون خداوند جي حضور
۾ پيش ڪن، ڪاهن ٻين ماڻهن کي تن جي کائڻ جي اجازت ڏيئي
انهن مخصوص قربانين جي بي‌حرمتي نه ڪن. انهيءَ سان گناهه
انهن ماڻهن جي سر تي پوندو. آءٌ خداوند آهيان جيڪو انهن قربانين
کي مخصوص ٿو ڪريان.“

## قبول نه پوندڙ قربانيون

17 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 18 ”تون هارون، سندس پٽن ۽
بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي چئُه ته بني اسرائيل قوم مان يا
وٽن رهندڙ ڌارين مان جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي باس واري توڙي
خوشيءَ جي قرباني، مون خداوند جي حضور ۾ ساڙڻ واري قربانيءَ
طور پيش ڪري، 19 ته هو قبول پوڻ واسطي ڍڳن، ردن يا ٻڪرين مان
ڪو بي‌عيب نر پيش ڪري. 20 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪو عيب وارو
جانور پيش ڪري ته مون خداوند وٽ اهو هن جي طرفان قبول نه
پوندو. 21 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي باس واري توڙي خوشيءَ جي
قربانيءَ واسطي پنهنجي ڌورن ڍڳن يا ردن ٻڪرين مان مون خداوند
جي حضور ۾ سلامتيءَ جي قرباني طور پيش ڪري، ته اهو جانور
قبول پوڻ لاءِ بلڪل ئي بي‌عيب هجي. 22 انڌو، منڊوٽنڊو، زخمي،
وهندڙ ڦٽ وارو يا چمڙيءَ جي بيماريءَ وارو جانور مون خداوند جي
لاءِ پيش نه ڪيو وڃي، نڪي انهن مان ڪنهن کي قربان‌گاهه تي
آڻي، مون خداوند جي لاءِ قربانيءَ طور ساڙيو وڃي. 23 جنهن ڍڳي
يا گهيٽي جو ڪو عضوو گهٽ وڌ هجي، سو خوشيءَ جي قربانيءَ
طور پلي پيش ڪيو وڃي، پر ڪنهن باس جي لاءِ اهو قبول نه پوندو.
24 جنهن جانور جا آنورا چٿيل، چيريل، ڌڪيل يا وڍيل هجن سو به
مون خداوند جي لاءِ قربانيءَ طور پيش نه ڪيو وڃي. هو پنهنجي
ملڪ ۾ اهڙي ڪابه قرباني نه ڪن. 25 نڪي هو ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ
جي هٿان انهن مان ڪو وٺي مون خدا جي لاءِ قربانيءَ جي خوراڪ
طور پيش ڪن. اهڙن عيبدار جانورن ۾ خرابي آهي ۽ اهي هنن جي
طرفان قبول نه پوندا.“
26 خداوند موسيٰ کي بني اسرائيل لاءِ وڌيڪ هي فرمايو ته
27 ”جڏهن ڪنهن ڳئونءَ، رڍ يا ٻڪريءَ کي ڦر ڄمي ته اهو ست
ڏينهن پنهنجيءَ ماءُ وٽ رهي، انهيءَ کان پوءِ اهو مون خداوند وٽ
قبول پوڻ جي لائق ٿيندو ته انهيءَ کي ساڙي قرباني ڪئي وڃي.
28 اوهين ڳئن يا ردن ٻڪرين کي سندن ڦرن سميت هڪڙي ئي ڏينهن

20:22 شر 1:17

تي قربانيءَ لاءِ ذبح نہ ڪجو. ㉙ جڏهن اوهين مون خداوند جي
شڪراني لاءِ قربانيءَ جو جانور ذبح ڪريو، تڏهن اهڙي قرباني پيش
ڪجو جا اوهان جي طرفان قبول پوي. ㉚ اها قرباني ساڳئي ڏينهن
تي ئي کائي ڇڏجو. انهيءَ مان صبح تائين ڪجهہ بہ نہ بچائجو.
آءٌ خداوند آهيان.
㉛ سو اوهين منهنجا حڪم مڃيندا ۽ انهن تي عمل ڪندا رهجو.
آءٌ خداوند آهيان. ㉜ اوهين منهنجي پاڪ نالي جي بي‌حرمتي نہ
ڪجو. بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو ضرور مون کي پاڪ ڪري ڄاڻن.
آءٌ خداوند آهيان، جيڪو اوهان کي مخصوص ٿو ڪريان. ㉝ مون ئي
اوهان کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو، انهيءَ لاءِ تہ اوهان جو
خدا هجان. آءٌ خداوند آهيان."

## سبت، يعني آرام جو ڏينهن

23 ① خداوند موسيٰ کي ② بني اسرائيل لاءِ هي فرمايو تہ "مون
خداوند جا مقرر ڪيل وڏا ڏينهن، جن تي اوهين عبادت لاءِ
گڏ ٿيندا، سي هي آهن:
③ ڇهہ ڏينهن اوهين پنهنجو ڪم ڪار ڪريو، پر ستون ڏينهن
سبت آهي تنهن تي اوهين آرام ڪريو. انهيءَ ڏينهن اوهين ڪنهن بہ
قسم جو ڪم نہ ڪجو، بلڪ عبادت لاءِ گڏ ٿجو. اوهين ڪٿي ڪٿي
بہ رهندا هجو، سبت جو ڏينهن مون خداوند لاءِ مخصوص آهي."

## عيد فصح ۽ بي‌خميري مانيءَ جي عيد
(ڳاڻاڻو 28:16–25)

④ "مون خداوند جا مقرر ڪيل وڏا ڏينهن يعني عبادت لاءِ
گڏجاڻيون، جيڪي اوهين مقرر ڪيل وقت تي ملهائيندا، سي هي آهن:
⑤ پهرئين مهيني جي چوڏهين تاريخ شام جو مون خداوند جي
عيد فصح آهي. ⑥ ساڳئي مهيني جي پندرهين تاريخ مون خداوند
جي لاءِ بي‌خميري مانيءَ جي عيد شروع ٿيندي. ستن ڏينهن تائين
اوهين جيڪا ماني کائو تنهن ۾ خمير بلڪل نہ هجي. ⑦ پهرئين
ڏينهن اوهين عبادت لاءِ گڏ ٿجو. انهيءَ ڏينهن اوهين ڪوبہ محنت
مزوريءَ جو ڪم نہ ڪجو. ⑧ ست ئي ڏينهن اوهين مون خداوند جي
لاءِ ساڙي ويندڙ قرباني پيش ڪندا رهجو ۽ ستين ڏينهن وري عبادت
لاءِ گڏ ٿجو. انهيءَ ڏينهن بہ اوهين محنت مزوريءَ جو ڪوبہ ڪم
نہ ڪجو."

## پهرين پيداوار

⑨ خداوند موسيٰ کي ⑩ بني اسرائيل لاءِ هي حڪم فرمايو تہ
"جيڪا زمين آءٌ خداوند اوهان کي ڏيڻ وارو آهيان، تنهن ۾ جڏهن
اوهين پهچو ۽ انهيءَ جو فصل لڻو، تڏهن اوهين هر سال پنهنجي
فصل جو پهريون اناج جو گڏو ڪاهن وٽ آڻجو. ⑪ هو اهو گڏو سبت
جي ٻئي ڏينهن مون خداوند جي حضور ۾ هٿن تي بلند ڪري تہ
جيئن اوهين قبول پئو. ⑫ ساڳئي ئي ڏينهن تي اوهين مون خداوند جي
لاءِ هڪڙو يڪسالو بي‌عيب گهيٽو بہ ساڙڻ واري قربانيءَ طور پيش
ڪجو. ⑬ انهيءَ سان گڏ اناج جي قربانيءَ طور بہ ڪلوگرام ميدو
تيل ۾ ڳوهيل پيش ڪجو. اها مون خداوند جي لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ
جي قرباني آهي جا ساڙبي آهي. ان سان گڏ اوهين هڪ ليٽر مئي اوتڻ
واري قربانيءَ طور پيش ڪجو. ⑭ جيستائين اوهين مون پنهنجي خدا
جي لاءِ اها قرباني پيش نہ ڪريو، ايستائين نئين اناج جي نہ ماني
کائجو، نہ ڀُڳل اناج ۽ نڪي تازا سنگ کائجو. اهو اوهان جي سيني
پيڙهين لاءِ هميشہ جو قانون هوندو، پوءِ اوهين ڪٿي ڪٿي بہ رهندا
هجو."

## *لاباري جي عيد
(ڳاڻاڻو 28:26–31)

⑮ "اوهين سبت جي ٻئي ڏينهن کان، يعني جنهن ڏينهن اوهين
هٿن تي بلند ڪرڻ لاءِ گڏو آڻيو تنهن ڏينهن کان وٺي پورا ست هفتا
ڳڻجو، ⑯ يعني ستين سبت جي ٻئي ڏينهن تائين اوهين پنجاهہ ڏينهن
شمار ڪجو. انهيءَ پنجاهين ڏينهن تي اوهين مون خداوند جي لاءِ
نئين فصل مان اناج جي قرباني پيش ڪجو. ⑰ اوهين پنهنجن گهرن
مان بہ بہ روٽ هٿن تي بلند ڪرڻ لاءِ آڻجو. هر هڪ روٽ بہ بہ
ڪلوگرام ميدي جو ۽ خمير گڏي پچايل هجي، انهيءَ لاءِ تہ مون
خداوند جي لاءِ اها پهرين پيداوار جي قرباني ٿئي. ⑱ انهن روٽن سان
گڏ اوهين قوم جي طرفان ست يڪسالا بي‌عيب گهيٽا، هڪڙو وهڙو
۽ بہ گهٽا پيش ڪجو. اهي مون خداوند جي لاءِ ساڙڻ واري قربانيءَ
طور هجن ۽ اناج جي قربانيءَ ۽ اوتڻ واري قربانيءَ سان گڏ پيش
ڪجن. اها مون خداوند جي لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ جي قرباني ٿئي، جا
ساڙبي آهي. ⑲ اوهين پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ هڪڙو ٻڪر ۽
سلامتيءَ جي قربانيءَ لاءِ بہ يڪسالا گهيٽا پيش ڪجو. ⑳ ڪاهن
انهن ٻنهي گهيٽن کي پهرئين پيداوار جي روٽن سان گڏ مون خداوند
جي حضور ۾ هٿن تي بلند ڪري پيش ڪري. اهي ڪاهن جو حصو
آهن جيڪي مون خداوند جي لاءِ مخصوص آهن. ㉑ اوهين انهيءَ

*لاباري جي عيد: هيءَ اها ئي عيد آهي جنهن کي نئين عهدنامي ۾ "عيد پنتيڪُست" چون ٿا. ڏسو رس 2:1، 20:16، 1.ڪر 8:16.

3:23 خر 20:8–10، 23:12، 31:15، 34:21، 35:2، شر 5:12–14   5:23 خر 12:1–13، شر 16:1–2
6:23–8 خر 12:14–20، 23:15، 34:18، شر 16:3–8   15:23–21 خر 23:16، 34:22، شر 16:9–12

ساڳئي ڏينهن عيد ملهائجو. ان ڏينهن اوهين عبادت لاءِ گڏ ٿجو ۽
ڪوبہ محنت مزوريءَ جو ڪم نہ ڪجو. اهو اوهان جي سيني پيڙهين
لاءِ هميشہ جو قانون هوندو، پوءِ اوهين ڪٿي بہ رهندا هجو.
22 جڏهن اوهين پنهنجيءَ زمين جو فصل لڻو، تڏهن پنيءَ جون
سموريون ڪنڊون ڪُڙڇون نہ لڻجو، نڪي لاباري وقت رهجي ويل
کو سنگ ميڙي گڏ ڪجو، بلڪ اهي غريبن ۽ ڌارين لاءِ ڇڏي ڏجو.
آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان.“

## نفيلن وڄائڻ جي عيد

(ڳاڻاڻو 29:1–6)

23 خداوند موسيٰ کي 24 بني اسرائيل لاءِ هي فرمايو تہ ”ستين
مهيني جي پهرين تاريخ اوهان جي لاءِ خاص آرام جو ڏينهن آهي.
انهيءَ ڏينهن جو اظهار نفيلون وڄائي ڪيو وڃي ۽ سڀيئي عبادت
لاءِ گڏ ٿين. 25 اوهين ان ڏينهن ڪوبہ محنت مزوريءَ جو ڪم نہ
ڪجو، بلڪ مون خداوند جي لاءِ ساڙي ويندڙ قرباني پيش ڪجو.“

## ڪفاري جو ڏينهن

(ڳاڻاڻو 29:7–11)

26 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 27 ”انهيءَ ستين مهيني جو ڏهون
ڏينهن، ڪفاري جو ڏينهن آهي. سو انهيءَ ڏينهن اوهين عبادت لاءِ
گڏ ٿجو ۽ پنهنجي *نفس کي مارجو ۽ مون خداوند جي لاءِ ساڙي
ويندڙ قرباني پيش ڪجو. 28 انهيءَ ڏينهن اوهين ڪنهن بہ قسم جو
ڪم نہ ڪجو، ڇالاءِجو اهو ڪفاري جو ڏينهن آهي، جنهن تي مون
خداوند اوهان جي خدا جي حضور ۾ اوهان جي لاءِ ڪفارو ادا ڪيو
ويندو. 29 جيڪو بہ ماڻهو انهيءَ ڏينهن پنهنجي نفس کي نہ ماريندو
سو قوم مان خارج ڪيو ويندو. 30 جيڪو بہ ماڻهو انهيءَ ڏينهن
ڪنهن بہ قسم جو ڪم ڪندو، تہ انهيءَ کي آءٌ خداوند سندس قوم
مان برباد ڪري ڇڏيندس. 31 انهيءَ ڏينهن اوهين ڪنهن بہ قسم جو
ڪم نہ ڪجو. اهو اوهان جي سيني پيڙهين لاءِ هميشہ جو قانون
هوندو، پوءِ اوهين ڪٿي بہ رهندا هجو. 32 انهيءَ مهيني جي
نائين تاريخ جي نماشام کان وٺي ڏهين تاريخ جي نماشام تائين اوهين
مڪمل آرام وارو ڏينهن ملهائجو ۽ پنهنجي نفس کي مارجو.“

## تنبن واري عيد

(ڳاڻاڻو 29:12–40)

33 خداوند موسيٰ کي 34 بني اسرائيل لاءِ هي فرمايو تہ ”انهيءَ
ستين مهيني جي پندرهين تاريخ تي مون خداوند جي لاءِ تنبن واري
عيد شروع ٿيندي جا ست ڏينهن جاري رهندي. 35 عيد جي پهرين
ڏينهن تي اوهين عبادت لاءِ گڏ ٿجو ۽ ڪوبہ محنت مزوريءَ جو ڪم
نہ ڪجو. 36 ست ئي ڏينهن اوهين مون خداوند جي حضور ۾ ساڙي
ويندڙ قرباني پيش ڪندا رهجو. اٺين ڏينهن اوهين وري عبادت لاءِ
گڏ ٿجو ۽ مون خداوند جي حضور ۾ ساڙي ويندڙ قرباني پيش ڪجو.
جيئن تہ اهو عبادت لاءِ گڏ ٿيڻ جو ڏينهن آهي سو اوهين ان ڏينهن
ڪوبہ محنت مزوريءَ جو ڪم نہ ڪجو.
37 اِهي آهن مون خداوند جا مقرر ڪيل وڏا ڏينهن، جن ڪي اوهين
گڏجي عبادت ڪندي ملهائجو. اوهين مون خداوند جي لاءِ ساڙڻ
واريون قربانيون، اناج جون قربانيون، اوتڻ واريون قربانيون ۽ پيون
قربانيون پنهنجي پنهنجي مقرر ڏينهن تي ساڙي پيش ڪجو. 38 هي
قربانيون هفتيوار سبت وارين قربانين ۽ اوهان جي نذرانن، اوهان جي
باسيل قربانين ۽ اوهان جي خوشيءَ جي قربانين کان علاوه آهن.
39 جڏهن اوهين پنهنجي پنيءَ جو فصل گڏ ڪري چڪو، تڏهن
ستين مهيني جي پندرهين تاريخ کان وٺي ستن ڏينهن تائين مون
خداوند جي لاءِ اها تنبن واري عيد ملهائجو. انهن ۾ پهريون ۽ اٺون
ڏينهن خاص آرام جا ڏينهن آهن. 40 پهرين ڏينهن اوهين پنهنجي
وڻن جو عمدو ميوو، کجيءَ جون ڇڙهيون، گهاٽن پنن واريون ٽاريون
۽ نهرن جون ليون ڪٽجو ۽ ستن ڏينهن تائين مون خداوند پنهنجي
خدا جي حضور ۾ خوشيون ملهائجو. 41 هر سال ستين مهيني ۾
اهي ست ڏينهن اوهين مون خداوند جي لاءِ عيد ملهائجو. اهو اوهان
جي پيڙهين ۾ هميشہ جي لاءِ قانون آهي. 42 بني اسرائيل جا سڀيئي
ماڻهو اهي ست ڏينهن تنبن ۾ ئي گذارين. 43 انهيءَ لاءِ تہ اوهان
جي پيڙهين کي خبر پوي تہ جڏهن مون بني اسرائيل کي مصر جي
ملڪ مان ڪڍي آندو هو، تڏهن کين تنبن ۾ رهايو هوم. آءٌ خداوند
اوهان جو خدا آهيان.“
44 سو اهڙيءَ ئي طرح موسيٰ بني اسرائيل کي خداوند جي مقرر
ڪيل وڏن ڏينهن بابت ٻڌايو.

## ڏيئن جي سنڀال رکڻ

(خروج 27:20–21)

24 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”تون بني اسرائيل کي
حڪم ڪر تہ اهي ٻارڻ لاءِ زيتون جو ڪُٽي ڪڍيل نج تيل
تو وٽ کڻي اچن، تہ جيئن مقدس جاءِ جا ڏيئا هر رات ٻرندا رهن.
3 هارون انهن کي مون سان ملاقات واري خيمي ۾ عهد واري
صندوق جي اڳيان واري پردي جي ٻاهران، هر روز سانجهيءَ کان
وٺي صبح تائين ٻرندو رهڻ لاءِ اتي مون خداوند جي حضور ۾ ٺاهي
رکي. اهو اوهان جي پيڙهين ۾ هميشہ جي لاءِ قانون رهندو. 4 هارون

*نفس کي مارجو: انهيءَ مان مراد روزو رکڻ ۽ ٻين جسماني ضرورتن کان پاسو ڪرڻ آهي. ڏسو 29 ۽ 32 آيت پڻ.

22:23 لاو 19:9–10، شر 24:19–22    26:23–32 لاو 16:29–34    33:23–36 شر 16:13–15

انهن ڏيئن کي نج سون جي شمعدان تي، مون خداوند جي حضور ۾
باقاعدي روزانو ٻرندو رکي."

## خدا لاءِ نذراني وارا روٽ

5 "ٻارهن ڪلوگرام ميدي مان ٻارهن روٽ پچايا وڃن. 6 پوءِ
اهي مقدس جاءِ اندر مون خداوند جي حضور ۾ نج سون جي پٽ
چڙهيل ميز تي ٻن قطارن ۾ رکيا وڃن. هر هڪ قطار ۾ ڇهه ڇهه
روٽ ٺاهي رکجن. 7 هر هڪ قطار سان گڏ ڪجهه خالص لوبان
رکيو وڃي، جيڪو روٽن نذر ڪرڻ جي عيوض مون خداوند جي لاءِ
ساڙي ويندڙ قرباني ٿئي. 8 هر سبت تي باقاعدي اهي روٽ مون
خداوند جي حضور ۾ بني اسرائيل جي طرفان هميشه جي عهد طور
ٺاهي رکيا وڃن. 9 اهي روٽ هارون ۽ سندس اولاد جا ٿيندا. هو
اهي مخصوص جاءِ ۾ ويهي کائين، ڇالاءِجو مون خداوند جي لاءِ
ساڙيون ويندڙ قربانين مان اهي هميشه جي لاءِ هنن جو حصو آهن،
جيڪي مون لاءِ ئي مخصوص حصو آهن."

## ڪفر بڪندڙ کي سزا

10-11 هڪڙو ماڻهو جنهن جو پيءُ مصري هو پر سلوميت نالي
سندس ماءُ بني اسرائيل جي دان قبيلي مان دبريءَ جي ڌيءَ هئي،
سو بني اسرائيل منجهه ويو. اتي خيمي‌گاهه ۾ بني اسرائيل جي
هڪڙي ماڻهوءَ ۽ هن جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. جهيڙي دوران هن
لعنت ڪندي خداوند جي نالي تي ڪفر بڪيو. تڏهن ماڻهو هن کي
موسيٰ وٽ وٺي آيا. 12 اتي ڪيس تيستائين قيد ۾ رکيو ويو، جيستائين
انهيءَ بابت ڪين خداوند جو فيصلو معلوم ٿئي.
13 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 14 "انهيءَ لعنت ڪندڙ کي
خيمي‌گاهه کان ٻاهر وٺي وڃ ۽ جن جن ڪيس لعنت ڪندي ٻڌو آهي،
سي سڀيئي سندس گناهه جي شاهديءَ طور پنهنجا هٿ سندس مٿي
تي رکن ۽ پوءِ سڀيئي ماڻهو ڪيس سنگسار ڪري ڇڏين. 15 پوءِ تون
بني اسرائيل کي ٻڌائي ڇڏ ته جيڪو به مون پنهنجي خدا تي لعنت
ڪندو، سو پنهنجي ئي سر تي گناهه کڻندو. 16 جيڪو به مون خداوند
جي نالي تي جڏهن به ڪفر بڪي تڏهن اهو بني اسرائيل هجي توڙي
ڌاريو، تنهن کي ضرور موت جي سزا ڏني وڃي. سڀيئي ماڻهو انهيءَ
کي سنگسار ڪري ڇڏين.
17 جيڪڏهن ڪو ڪنهن ماڻهوءَ کي ماري وجهي ته انهيءَ کي
ضرور موت جي سزا ڏني وڃي. 18 جيڪو ڪنهن ٻئي جي جانور کي
ماري وجهي، سو انهيءَ جانور جو عيوضو ڀري ڏئي. اهو ئي اصول
آهي ته جان جي عيوض جان.
19 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي کي عيبدار ڪري وجهي، ته
جيئن هن ڪيو هجي تيئن ئي ساڻس به ڪيو وڃي. 20 هڏو ڀڃڻ جي
عيوض هڏو ڀڃڻ، اک جي عيوض اک، ڏند جي عيوض ڏند، جهڙو
عيب هن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ڪيو هجي تهڙو ئي منجهس به ڪيو
وڃي. 21 جيڪو ڪنهن جانور کي ماري وجهي، سو انهيءَ جو عيوضو
ڀري ڏئي، پر جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ کي ماري وجهي تنهن کي موت
جي سزا ڏني وڃي. 22 اوهان بني اسرائيل توڙي ڌارين سڀني سان
هڪڙو ئي قانون لاڳو آهي، ڇالاءِجو آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان."
23 جڏهن موسيٰ بني اسرائيل کي اهو سڀ ٻڌايو، تڏهن هو انهيءَ
لعنت ڪندڙ کي خيمي‌گاهه کان ٻاهر وٺي ويا ۽ ڪيس سنگسار
ڪيائون. اهڙيءَ طرح بني اسرائيل ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ
کي فرمايو هو.

## ستون سال

(شريعت جو دور 1:15–11)

25 1 خداوند سينا جبل تي موسيٰ کي 2 بني اسرائيل لاءِ هي
فرمايو ته "جڏهن اوهين انهيءَ ملڪ ۾ پهچو جيڪو آءٌ
اوهان کي ڏيڻ وارو آهيان، تڏهن انهيءَ ملڪ جي زمين کي به مون
خداوند جي لاءِ سبت جو آرام ملي. 3 تنهنڪري ڇهه سال اوهين
پنهنجي ٻنيءَ ۾ پوک ڪجو ۽ انگورن جي ول ڇانگجو ۽ انهن جي
پيداوار گڏ ڪجو. 4 پر ستون سال انهيءَ زمين جي لاءِ پوري آرام
جو يعني سبت جو سال مون خداوند جي لاءِ وقف ٿيندو. انهيءَ سال
اوهين نڪي پنهنجي ٻنيءَ ۾ پوک ڪجو، نڪي پنهنجي انگورن جي
ول کي ڇانگجو. 5 اوهان جي ٻنيءَ ۾ جيڪو فصل پاڻيهي پيدا ٿئي
سو اوهين نه لڻجو، نڪي اڻڇانگيل انگورن جي ول مان انگور ميڙي
گڏ ڪجو، ڇالاءِجو زمين جي لاءِ اهو سال پوري آرام جو سال آهي.
6 زمين جي انهيءَ سبت واري سال جي پيداوار اوهان سڀني جي لاءِ
يعني اوهان لاءِ، اوهان جي ٻانهن، ٻانهين، اوهان جي پورهيتن ۽
انهن ڌارين جيڪي اوهان وٽ رهن ٿا تن سڀني جي کاڌي لاءِ هوندي.
7 انهيءَ سال جي ساري پيداوار اوهان جي پالتو جانورن ۽ اوهان جي
ملڪ جي جهنگلي جانورن جي کاڌي خوراڪ لاءِ به هوندي."

## بحاليءَ جو سال

8 "اوهين پنهنجي لاءِ سبت وارن ستن سالن کي ستوٽو ڪري
شمار ڪجو، جيڪي اوڻونجاهه سال ٿيندا. 9 انهن اوڻونجاهه سالن
کان پوءِ ستين مهيني جي ڏهين تاريخ يعني ڪفاري جي ڏينهن اوهين
پنهنجي سڄي ملڪ ۾ نفيل وڄرائجو. 10 اهڙيءَ طرح اوهين انهيءَ
پنجاهين سال کي مخصوص ڪري ليکجو ۽ ملڪ جي سڀني رهاڪن

---

24:5–6 خر 30:25    24:9 مت 12:4، مر 2:26، لو 6:4    24:17 خر 21:12    24:20 خر 21:23–25، شر 19:21، مت 5:38
24:22 گا 15:16    25:1–7 خر 23:10–11، شر 15:1–11

جي لاءِ آزاديءَ جو اعلان ڪرائجو. اهو اوهان جي لاءِ بحاليءَ جو
سال ٿيندو. انهيءَ سال هر ڪو پنهنجي وڪاڻل ملڪيت جو اڇي
مالڪ ٿيندو ۽ هر وڪاڻل شخص موٽي پنهنجي خاندان ۾ ايندو.
11 اوهين پنهنجي انهيءَ بحاليءَ واري سال ۾ نڪي ڪجهه پوکجو،
نڪي پاڻيهي پيدا ٿيل فصل لڻجو ۽ نه ئي وري اڻڇانگيل انگورن
جي ول مان انگور ميڙي گڏ ڪجو. 12 جيئن ته اهو بحاليءَ جو سال
آهي تنهنڪري انهيءَ کي مخصوص ڪري ڄاڻجو ۽ ٻنين ۾ پاڻمرادو
پيدا ٿيل فصل اوهين سيپئي کائجو.
13 انهيءَ بحاليءَ جي سال ۾ اوهان مان هر ڪو وري پنهنجي
پنهنجي وڪاڻل ملڪيت جو مالڪ ٿئي. 14 جيڪڏهن اوهين پنهنجي
قوم واري کي ڪا زمين وڪڻو يا کانئس خريد ڪريو، ته هڪ ٻئي
جي مجبوريءَ جو ناجائز فائدو نه وٺجو. 15 بحاليءَ جي سال کان پوءِ
جيترا پيداواري سال گذريا هجن، تن جي شمار موجب اوهين پنهنجي
قوم واري کان خريداري ڪجو ۽ هو به ايندڙ بحاليءَ جي سال تائين
پيداواري سال شمار ڪري وڪرو ڪري. 16 جيڪڏهن وڌيڪ سال باقي
هجن، ته انهن موجب انهيءَ جي قيمت وڌائجو ۽ جيڪڏهن ٿورا سال
باقي هجن، ته انهن موجب اوهين انهيءَ جي قيمت گهٽائجو، ڇوته
هو فصلن جي شمار موجب انهيءَ جي پيداوار اوهان کي وڪڻي ٿو
ڏئي. 17 اوهين هڪ ٻئي سان دوکو نه ڪجو. مون پنهنجي خدا جي
فرمانبرداري ڪندا رهجو، ڇالاءِجو آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان.“

## ستين سال جو مسئلو

18 ”اوهين منهنجي قانونن ۽ حڪمن کي مڃيندا ۽ انهن تي عمل
ڪندا رهندا ته انهيءَ ملڪ ۾ امن امان جي زندگي گذاريندا. 19 زمين
اوهان کي پنهنجي پيداوار پيئي ڏيندي ۽ اوهين ڍءُ ڪري پيا کائيندا
۽ امن امان سان پيا زندگي گذاريندا.
20 ٿي سگهي ٿو ته اوهين سوچو ته ’جيڪڏهن اسين انهيءَ ستين
سال نه پوکينداسين ۽ نه فصل ميڙينداسين، ته پوءِ کائينداسين ڇا؟‘
21 تڏهن ٻڌو، آءٌ ڇهين سال اوهان تي پنهنجي ايتري ته برڪت نازل
ڪندس جو زمين ايتري پيداوار ڏيندي جو اوهين ٽن سالن تائين کائيندا
رهندا. 22 پوءِ اوهين اٺين سال پوک ڪجو ۽ جيستائين زمين جي نئين
پيداوار نه ٿئي تيستائين اوهين اڳين رکيل پيداوار پيا کائجو.“

## ملڪيت موٽائي ڏيڻ

23 ”زمين هميشه جي لاءِ نه وڪي وڃي، ڇالاءِجو اها منهنجي
آهي ۽ اوهين مون وٽ رڳو مسافر ۽ مهمان آهيو. 24 سو اوهين
پنهنجي هٿ ڪيل سڄي ملڪ ۾ وڪاڻل زمين کي ڇڏائڻ وارو حق
قبول ڪجو. 25 جيڪڏهن اوهان جي قوم جو ڪو ماڻهو غريب ٿي
ويو هجي ۽ پنهنجي ملڪيت مان ڪجهه زمين وڪڻي ڇڏي، ته پوءِ
انهيءَ ماڻهوءَ جو عيوضو پرڻ جو ذميوار عزيز سندس اها ملڪيت
ڇڏائي. 26 پر جيڪڏهن انهيءَ ماڻهوءَ جو ڪوبه اهڙو مائٽ نه هجي
جو اها ڇڏائي، ته پوءِ جيڪڏهن هو پاڻ ايترو دولتمند ٿي وڃي جو
اها ڇڏائي سگهي، 27 ته هو انهيءَ جي وڪري جا سال شمار ڪري
۽ ايندڙ بحاليءَ جي سال مان باقي رهيل سالن جي لاءِ واجب رقم
انهيءَ ماڻهوءَ کي موٽائي ڏئي جنهن کي زمين وڪي هئائين. پوءِ هو
وري پنهنجي ملڪيت جو وڃي مالڪ ٿئي. 28 پر جيڪڏهن هن وٽ
پنهنجي ملڪيت موٽائي وٺڻ جيتري رقم نه هجي، ته پوءِ وڪاڻل
ملڪيت ايندڙ بحاليءَ جي سال تائين خريدار جي قبضي ۾ رهندي.
بحاليءَ جي سال ۾ اها ڇڏائجي ويندي، پوءِ اصلي مالڪ پنهنجي
ملڪيت جو وري وڃي مالڪ ٿيندو.
29 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪوٽ ڏنل شهر ۾ پنهنجو گهر
وڪڻي، ته انهيءَ کي وڪري واري تاريخ کان پوري هڪ سال اندر،
وري ڇڏائي وٺڻ جو حق رهندو. 30 پر جيڪڏهن هڪڙي سال جي
پوري ٿيڻ تائين هو اهو نه ٿو ڇڏائي، ته پوءِ اهو گهر هميشه جي
لاءِ خريدار جي پيڙهين تائين سندن قبضي ۾ رهندو. اهو بحاليءَ
جي سال ۾ به ڇڏائجي ڪين سگهندو. 31 پر جن ڳوٺن جي چوڌاري
ڪوٽ ڏنل نه هجي، تن ۾ جيڪي گهر هجن سي ٻهراڙيءَ جي ٻنين
وانگر ليکيا ويندا. اهي ڇڏائي سگهبا ۽ بحاليءَ جي سال ۾ پاڻيهي
ڇڏائجي ويندا. 32 انهيءَ هوندي به لاوين کي اهو حق رهندو ته هو
پنهنجن مليل شهرن اندر پنهنجي ملڪيت وارا گهر ڪنهن به وقت
ڇڏائي سگهن. 33 تنهنڪري هر لاوي ڇڏائڻ واري پنهنجي انهيءَ حق
کي استعمال ڪري يا لاوين جي ملڪيت واري شهر ۾ اهو وڪاڻل
گهر بحاليءَ جي سال ۾ ڇڏائي، ڇالاءِجو بني اسرائيل منجهه لاوين
جي شهرن جا گهر لاوين جي ئي ملڪيت آهن. 34 پر سندن شهرن
جي پسگردائيءَ واري چاري واري ٻني بلڪل نه وڪڻي سگهبي،
ڇالاءِجو اها هنن جي دائمي ملڪيت آهي.“

## غريبن کي قرض ڏيڻ

35 ”جيڪڏهن بني اسرائيل مان اوهان جو ڪو همقوم ماڻهو غريب
يا محتاج ٿي پوي ته اوهين انهيءَ جي مدد ڪجو، جيئن اوهين ڌاريئي
يا مسافر جي مدد ڪندا آهيو ته جيئن هو اوهان منجهه رهي سگهي.
36 اوهين انهيءَ کان ڪنهن به قسم جو وياج نه وٺجو. هائو، اوهين
مون پنهنجي خدا جي فرمانبرداري ڪندا رهجو، ته جيئن بني اسرائيل
مان اوهان جو همقوم پلي ته اوهان منجهه رهندو اچي. 37 اوهين هن
کي پنهنجا پيسا وياج تي نه ڏجو، نڪي هن کي کاڌو ڏيئي کانئس
ڪو نفعو وٺجو. 38 آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان، جنهن اوهان کي
مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو، انهيءَ لاءِ ته ڪنعان جو ملڪ اوهان
کي ڏيان ۽ اوهان جو خدا هجان.“

---

35:25 شر 15:7–8 37:25 خر 22:25، شر 23:19–20

## غلاميءَ بابت قانون

39 "جيڪڏهن بني اسرائيل مان اوهان جو ڪو همقوم جيڪو اوهان
منجهه رهندو هجي، سو غريب ٿي وڃي ۽ پاڻ کي اوهان وٽ وڪڻي
ڇڏي ته اوهين انهيءَ کان غلامن وانگر پورهيو نه ڪرائجو. 40 بلڪ
هو اوهان وٽ مزدور يا مسافر وانگر رهي. هو بحاليءَ جي سال تائين
اوهان جي خدمت ڪري. 41 انهيءَ کان پوءِ ڪيس ٻارن ٻچن سميت
آزاد ڪيو وڃي ۽ هو پنهنجي خاندان ۽ ابن ڏاڏن جي ملڪيت تي
موٽي اچي. 42 جيئن ته بني اسرائيل منهنجا ٻانها آهن، جن کي مون
مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو آهي، سو اهي غلامن وانگر وڪيا نه
وڃن. 43 اوهين انهن تي سختيءَ سان حڪم نه هلائجو. مون پنهنجي
خدا جي فرمانبرداري ڪندا رهجو. 44 باقي جيڪڏهن اوهين ٻانهيون
۽ ٻانها رکو ته اهي اوهين پنهنجي آس‌پاس رهندڙ ٻين قومن مان
خريد ڪري سگهو ٿا. 45 انهيءَ کان سواءِ جيڪي ڌاريا اوهان منجهه
رهندا هجن، تن جي ٻارن مان يا انهن جي خاندانن مان، جيڪي اوهان
جي ملڪ ۾ پيدا ٿيا هجن، تن مان اوهين خريد ڪري ٿا سگهو. اهي
اوهان جي ملڪيت ٿيندا. 46 اوهين پلي انهن کي پنهنجي لاءِ ۽ پاڻ
کان پوءِ پنهنجي ٻارن لاءِ ميراث ڪري ڇڏجو، جيئن اهي انهن جي
ملڪيت ٿين. اوهين انهن کي هميشه جي لاءِ غلام رکي سگهندا،
پر پنهنجي قوم بني اسرائيل مان اوهين هڪ ٻئي تي سختيءَ سان
حڪم نه هلائجو.

47 جيڪڏهن اوهان ۾ رهندڙ ڪو ڌاريو يا مسافر شاهوڪار ٿي
وڃي ۽ بني اسرائيل مان اوهان جو ڪو همقوم غريب ٿي پاڻ کي
انهيءَ ڌارئي يا مسافر وٽ يا انهيءَ جي خاندان مان ڪنهن ٻئي
وٽ غلام طور وڪڻي ٿو، 48 ته ان حالت ۾ ڪيس پاڻ ڇڏائڻ جو حق
رهندو. سو سندس مائٽن مان ڪوبه عيوضو ڏيئي انهيءَ کي ڇڏائي
ٿو سگهي. 49 هن جو چاچو، ڪو سوٽ يا سندس خاندان مان ڪوبه
ويجهو مائٽ هن کي ڇڏائي ٿو سگهي، يا وري جي هو پاڻ شاهوڪار
ٿي وڃي ته پاڻ کي ڇڏائي ٿو سگهي. 50 تڏهن سندس خريدار ۽ هو
پاڻ وڪري جي وقت کان وٺي ايندڙ بحاليءَ جي سال تائين سالن جو
حساب ڪن ۽ باقي رهيل سالن لاءِ هڪ مزدور جي مزدوريءَ جي
حساب سان ٺهندڙ رقم خريدار کي ڏيئي پاڻ کي ڇڏائي سگهي ٿو.
51-52 بحاليءَ جي سال تائين جيترا به سال باقي رهيل هجن، گهڻا
توڙي ٿورا، مطلب ته انهن سالن جي حساب موجب هو پنهنجي
ڇڏائڻ جي قيمت موٽائي ڏئي جنهن ۾ هو وڪاڻو هجي. 53 تيستائين
هو انهيءَ نوڪر وانگر پنهنجي مالڪ وٽ رهندو اچي، جنهن جي
اجرت سال‌بسال مقرر ڪبي آهي. اوهان کي اهو خيال رکڻ گهرجي
ته هن جو مالڪ مٿس سختيءَ سان حڪم نه هلائي.
54 جيڪڏهن هو انهن طريقن سان نه ٿو ڇڏايو وڃي، ته پوءِ بحاليءَ
جي سال ۾ هو پنهنجن ٻارن سميت پاڻيهي ڇٽي ويندو. 55 جيئن ته
اوهين بني اسرائيل، جن کي مون مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو
آهي، سي منهنجا ئي ٻانها آهيو، تنهنڪري اوهين هميشه غلام نه
ٿا رهي سگهو. آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان."

## فرمانبرداريءَ جو ڦل

(شريعت جو دور 7:12–24، 28:1–14)

26 1 خداوند فرمايو ته "اوهين پنهنجي ملڪ ۾ پوڄا لاءِ نه
بت ٺاهجو، نه ڪو مجسمو، نڪي پٿر جا ٿنڀا ۽ نه تراشيل
پٿر کڙا ڪجو. آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان. 2 اوهين منهنجي
سبت جو ڏينهن ملهائيندا رهجو ۽ منهنجي مقدس خيمي جي تعظيم
ڪجو. آءٌ خداوند آهيان.

3 جيڪڏهن اوهين منهنجي قانونن تي هلندا ۽ منهنجا حڪم
مڃي انهن تي عمل ڪندا، 4 ته آءٌ اوهان جي لاءِ مندائتا مينهن
وسائيندس، جنهن سان زمين پنهنجي پيداوار ڏيندي ۽ باغن جا وڻ
پنهنجو ميوو ڏيندا. 5 اوهان جا فصل ايترا ته جهجها ٿيندا جو اوهان
جي اَن ڳاهڻ جو ڪم انگورن چونڊڻ جي وقت تائين پيو هلندو ۽
انگورن چونڊڻ جو ڪم اناج پوکڻ تائين پيو هلندو. اوهين ڍءُ ڪري
ماني کائيندا ۽ پنهنجي ملڪ ۾ امن امان جي زندگي پيا گذاريندا.
6 آءٌ اوهان کي اوهان جي ملڪ ۾ سلامتي بخشيندس ۽ اوهين بنا
ڪنهن ڊپ جي، سمهي ننڊون ڪندا. آءٌ خطرناڪ جهنگلي جانورن
کي ملڪ مان ختم ڪري ڇڏيندس ۽ اوهان جي ملڪ ۾ ڪابه جنگ
ڪانه ٿيندي. 7 اوهين پنهنجن دشمنن جو پيڇو ڪندا ۽ اهي اوهان
جي اڳيان شڪست کائي ويندا. 8 اوهان جا پنج ڄڻا سؤ ڄڻن جو
پيڇو ڪندا ۽ اوهان جا سؤ ڄڻا ڏهن هزارن جو پيڇو ڪندا. اوهان
جا دشمن اوهان جي اڳيان شڪست کائي ويندا.
9 آءٌ اوهان تي مهر جي نظر ڪندس ۽ اوهان کي گهڻو اولاد ڏيئي
وڌائيندس. آءٌ اوهان سان ڪيل عهد پورو ڪندس. 10 اوهان جا فصل
ايترا ته جهجها ٿيندا جو اوهين سڄو سال گڏ ڪري رکيل پراڻو اناج
کائڻ کان پوءِ به باقي بچيل اناج، نئين اناج جي رکڻ جي جاءِ ڪرڻ
لاءِ ڪڍي ٻاهر ڪندا. 11 آءٌ پنهنجي مقدس خيمي ۾ اوهان منجهه
ئي رهندس ۽ اوهان کان ڪڏهن به منهن نه موڙيندس. 12 آءٌ اوهان
جي وچ ۾ گهمندس ڦرندس. آءٌ ئي اوهان جو خدا هوندس ۽ اوهين
منهنجي قوم هوندا. 13 آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان، جنهن اوهان
کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي ٻاهر آندو، انهيءَ لاءِ ته اوهين اڳتي
مصرين جا غلام نه رهو. مون اوهان جي پاڄاريءَ جا ڏورڙا ڀڃي
ڇڏيا آهن، انهيءَ لاءِ ته اوهين ڪنڌ مٿي ڪري هلو."

---

39:25–46 خر 2:21–6، شر 12:15–18   1:26 خر 4:20، لاو 4:19، شر 8:5، 16:21–22، 1:27   3:26–5 شر 13:11–15، 1:28–14
12:26 2.ڪر 6:16

## نافرمانيءَ جي سزا
(شريعت جو دور 15:28–68)

14 ”پر جيڪڏهن اوهين منهنجي نہ ٻڌندا ۽ هنن سيني حڪمن تي
عمل نہ ڪندا 15 ۽ جيڪڏهن اوهين منهنجي قانونن کي ڇڏي ڏيندا،
يا جيڪڏهن اوهان جي دل منهنجي فيصلن کان نفرت ڪندي، جنهن
سبب اوهين منهنجي سيني حڪمن تي عمل نہ ڪندا ۽ اهڙيءَ طرح
منهنجي ڪيل عهد کي ٽوڙي ڇڏيندا، 16 تہ آءٌ اوهان سان هيئن
ڪندس جو اوهان تي دهشت ۽ اهڙيون بيماريون ۽ تپ نازل ڪندس،
جيڪي اوهان جي اکين کي انڌو ڪري ڇڏيندا ۽ اوهان جي جان کي
ڳاري ڇڏيندا. اوهان جو ٻج پوکڻ اجايو ٿيندو، ڇالاءِجو انهيءَ جو
فصل اوهان جا دشمن کائيندا. 17 آءٌ اوهان جي خلاف ٿي ويندس،
تڏهن اوهين پنهنجن دشمنن اڳيان شڪست کائيندا. جيڪي اوهان
کان نفرت ٿا ڪن سي اوهان تي حڪومت ڪندا ۽ ڪو اوهان جو
پيڇو نہ بہ ڪندو هوندو، تہ بہ اوهين ڀڄندا وتندا.
18 جيڪڏهن انهن ڳالهين جي باوجود بہ اوهين منهنجي
فرمانبرداري نہ ڪندا تہ آءٌ اوهان جي گناهن جي اوهان کي ستوڻي
وڌيڪ سزا ڏيندس. 19 آءٌ اوهان جو شهزوريءَ وارو هٺ ڀڃي ڇڏيندس
۽ اوهان جي لاءِ آسمان کي پتل جهڙو ۽ زمين کي لوهہ جهڙو ڪري
ڇڏيندس. 20 اوهان جو سخت پورهيو بيفائدو ٿي ويندو، ڇالاءِجو
اوهان جي زمين فصل پيدا ڪانہ ڪندي، نڪي وري باغن جا وڻ ئي
ڪو ميوو ڏيندا.
21 جيڪڏهن اوهين اڃا بہ منهنجي خلاف هلندا ۽ منهنجي
فرمانبرداري نہ ڪندا، تہ آءٌ اوهان جي گناهن جي ڪري وڌيڪ
ستوڻيون آفتون اوهان تي نازل ڪندس. 22 آءٌ اوهان منجهہ خطرناڪ
جهنگلي جانور موڪليندس، جيڪي اوهان جي ٻارن کي ماري
ڇڏيندا، اوهان جي چوپائي مال کي چٽ ڪري ڇڏيندا ۽ اوهان جو
تعداد ايترو تہ گهٽائي ڇڏيندا جو اوهان جا رستا ويران ٿي ويندا.
23 جيڪڏهن اوهين انهن سزائن کان پوءِ بہ نہ سڌرندا بلڪ منهنجي
خلاف ئي هلندا رهندا، 24 تہ پوءِ آءٌ خود اوهان جي خلاف ٿيندس
۽ اوهان کي اوهان جي گناهن جي اڳي کان ست ڀيرا وڌيڪ سزا
ڏيندس. 25 ڪيل عهد کي ٽوڙڻ جي سزا ڏيڻ لاءِ آءٌ اوهان جي مٿان
جنگ موڪليندس. پر جيڪڏهن اوهين بچاءَ لاءِ پنهنجن شهرن ۾
وڃي گڏ ٿيندا، تہ آءٌ اوهان منجهہ وبا موڪليندس ۽ پوءِ اوهين
پنهنجي دشمنن جي حوالي ڪيا ويندا. 26 آءٌ اوهان جي روزيءَ جو
سلسلو ٽوڙي ڇڏيندس ايتري قدر جو ڏهہ عورتون هڪڙي ئي تنور ۾
مانيون پچائي سگهنديون. اهي اوهان جي ماني اوهان کي توري‌تڪي
ڏينديون. اوهين اهي سڀ کائي ويندا تہ بہ اوهان جو ڍءُ نہ ٿيندو.
27 جيڪڏهن انهيءَ جي باوجود بہ اوهين منهنجي فرمانبرداري نہ
ڪندا، بلڪ منهنجي خلاف ئي هلندا رهندا، 28 تہ آءٌ بہ ڪاوڙجي
اوهان جي خلاف ٿيندس ۽ اوهان کي اوهان جي گناهن جي ست ڀيرا
وڌيڪ سزا ڏيندس. 29 اوهان جي بک ايتري تہ وڌي ويندي جو اوهين
پنهنجي پٽن توڙي ڌيئرن جو بہ ماس کائيندا. 30 آءٌ ٽڪر تي ٺهيل
اوهان جي غير معبودن وارا پوڄا گهر ڍاهي ڇڏيندس ۽ اوهان جون
لوبان واريون قربانگاهون ڀڃي ڪيرائي ڇڏيندس. اوهان جا لاش آءٌ
اوهان جي بيجان ديوتائن مٿان اڇلائي ڍير ڪندس. مون کي اوهان
کان سخت نفرت ٿي ويندي. 31 تنهنڪري آءٌ اوهان جي شهرن کي
ڪنڊرات بڻائي ڇڏيندس ۽ اهڙن پوڄا گهرن کي اجاڙي ڇڏيندس. آءٌ
اوهان جي پيش ڪيل وڻندڙ خوشبوءِ وارين قربانين کي سنگهندس
بہ ڪين. 32 آءٌ اوهان جي ملڪ کي اهڙو تہ ويران ڪري ڇڏيندس
جو اوهان جا دشمن، جيڪي انهيءَ تي اچي قبضو ڪندا سي انهيءَ
جي حالت ڏسي عجب ۾ پئجي ويندا. 33 آءٌ اوهان کي غير قومن
۾ ڪٿو ڪٿو ڪري ڇڏيندس ۽ پنهنجي تلوار ڪڍي اوهان جو پيڇو
ڪندس. تڏهن اوهان جو ملڪ ويران ٿي ويندو ۽ شهر ڪنڊرات بڻجي
ويندا. 34 پوءِ جيستائين ملڪ ويران هوندو ۽ اوهين پنهنجي دشمنن
جي ملڪ ۾ جلاوطن ٿي رهندا، تيستائين اوهان جي زمين آرام وٺي
سبت ملهائيندي. 35 سو جيستائين اها زمين ويران رهندي تيستائين
اهڙو تہ آرام وٺندي جهڙو اوهان ڪيس پنهنجي سبت جي ڏينهن ۾
بہ ڪونہ ڏنو هوندو، جڏهن اوهين منجهس رهندا هئا.
36 اوهان منجهان جيڪي بچي دشمنن جي ملڪ ۾ رهندا هوندا،
تن جي دلين ۾ آءٌ اهڙو تہ خوف پيدا ڪندس جو اهي پن لڏڻ جي
کڙڪي تي بہ وٺي ڀاڄ کائيندا. هو ائين ڀڄندا جيئن ڪو تلوار کان
ڀڄي، ڪوبہ سندن پيڇو نہ ڪندو هوندو تہ بہ هو ڪرندا ويندا.
37 جيتوڻيڪ ڪوبہ سندن پٺيان نہ پيو هوندو، تڏهن بہ جيئن ڪو
تلوار کان ڀڄي، تيئن اهي هڪ ٻئي جي مٿان ٿيڙ کائي ڪرندا. اوهان
منجهان ڪنهن کي دشمن جي اڳيان بيهڻ جي بہ طاقت نہ ٿيندي.
38 اوهين غير قومن جي وچ ۾ تباهہ ٿي ويندا ۽ اوهان جي دشمنن جي
ڌرتي اوهان کي کائي کپائي ڇڏيندي. 39 اوهان منجهان جيڪي باقي
بچيل هوندا سي پنهنجي دشمنن جي ملڪن ۾ پنهنجي ۽ پنهنجن
ابن ڏاڏن جي گناهن جي ڪري مرندا ڳرندا ويندا.
40 پر جيڪڏهن هو پنهنجي ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن جي بدڪاريءَ جو
اقرار ڪندا تہ جيڪا نافرماني ڪري هو منهنجي خلاف هليا آهن،
41 تنهن جي ئي ڪري آءٌ بہ سندن خلاف هليس ۽ ڪين سندن دشمنن
جي ملڪ ۾ آندو اٿم، تنهن لاءِ جڏهن هنن جون نافرمان دليون
پشيمان ٿينديون ۽ هو پنهنجي بدڪاريءَ جي سزا قبول ڪندا، 42 تڏهن
آءٌ يعقوب، اسحاق ۽ ابراهيم سان ڪيل پنهنجو عهد ياد ڪندس ۽
پنهنجي قوم کي ملڪ ڏيڻ جو نئين سر واعدو ڪندس. 43 پر ڀهريائين

---

42:26 پيد 17:7–8، 26:3–4، 28:13–14

ڪيئن بہ ڪري انهن کان اها زمين ڇڏائي ويندي، انهيءَ لاءِ تہ اها
ويران رهي پنهنجي سبت جو پورو آرام وٺي. ڪين منهنجي حڪمن
کي رد ڪرڻ ۽ منهنجي قانونن کان نفرت ڪرڻ جهڙن پنهنجن گناهن
جي سزا قبول ڪرڻي پوندي. 44 انهيءَ هوندي بہ جڏهن هو پنهنجي
دشمنن جي ملڪ ۾ هوندا، تڏهن آءٌ ڪين رد نہ ڪندس، نڪي انهن
کان ايتري نفرت ڪندس جو ڪين بلڪل برباد ڪري ڇڏيان. آءٌ انهن
سان پنهنجو ڪيل عهد نہ ٽوڙيندس، ڇالاءِجو آءٌ خداوند انهن جو خدا
آهيان. 45 بلڪ آءٌ هنن جي خاطر سندن ابن ڏاڏن سان ڪيل عهد کي
ياد ڪندس، جن کي آءٌ غير قومن جي اکين اڳيان مصر جي ملڪ مان
ڪڍي آيس، انهيءَ لاءِ تہ آءٌ ئي سندن خدا هجان. آءٌ خداوند آهيان.“
46 هي ئي اهي حڪم ۽ قاعدا قانون آهن، جيڪي خداوند پنهنجي
۽ بني اسرائيل جي وچ ۾ سينا جبل تي موسيٰ جي وسيلي مقرر ڪيا.

## باس باسڻ بابت قاعدا

27 1 پوءِ خداوند موسيٰ کي 2 بني اسرائيل لاءِ هي حڪم
فرمايو تہ ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو خاص باس باسي ڪنهن
انسان کي مون خداوند جي لاءِ وقف ٿو ڪري تہ انهيءَ انسان جي
ڇڏائڻ لاءِ مقرر ڪيل قيمت ادا ڪرڻي پوندي. 3 انهن ماڻهن جي
قيمت، *عبادتگاهہ جي سڪي جي تور مطابق هن ريت ٿيندي.
ويهن کان سٺ سالن جي عمر واري مرد جي قيمت پنجاهہ چانديءَ
جا سڪا هجي. 4 ويهن کان سٺ سالن جي عمر واري عورت جي
قيمت ٽيهہ چانديءَ جا سڪا هجي. 5 پنجن کان ويهن سالن جي
عمر واري ڇوڪري جي قيمت ويهہ چانديءَ جا سڪا هجي. پنجن
کان ويهن سالن جي عمر واري ڇوڪريءَ جي قيمت ڏهہ چانديءَ جا
سڪا هجي. 6 هڪ مهيني کان پنجن سالن جي عمر واري ڇوڪري
جي قيمت پنج چانديءَ جا سڪا هجي. هڪ مهيني کان پنجن سالن
جي عمر واري ڇوڪريءَ جي قيمت ٽي چانديءَ جا سڪا هجي.
7 سٺ سالن کان مٿي عمر واري مرد جي قيمت پندرهن چانديءَ جا
سڪا هجي ۽ سٺ سالن کان مٿي عمر واري عورت جي قيمت ڏهہ
چانديءَ جا سڪا هجي.
8 پر جيڪڏهن باس باسڻ وارو ماڻهو ايترو غريب هجي جو اها
مقرر ڪيل قيمت نہ ڏئي سگهي، تہ پوءِ هو انهيءَ باسيل شخص
کي ڪاهن وٽ وٺي اچي. ڪاهن انهيءَ باس باسيندڙ جي وسعت
آهر سندس قيمت مقرر ڪري.
9 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن اهڙي جانور جي باس باسي ٿو،
جنهن کي مون خداوند جي حضور ۾ قربان ڪري ٿو سگهجي، تہ
اهو مون خداوند جي لاءِ نذر ڪيل جانور مخصوص ٿيندو. 10 پوءِ هو
انهيءَ کي ڪنهن بہ طرح نہ بدلائي، نڪي خراب جي بدران چڱو،
نہ چڱي جي بدران خراب ڏئي. بلڪ جيڪڏهن هو هڪڙي جانور جي
بدران ٻيو جانور ڏيڻ چاهي تہ پوءِ باسيل ۽ ان جي بدران ڏنل، اهي
ٻئي جانور مخصوص ٿيندا. 11 پر جيڪڏهن هو ڪنهن اهڙي حرام
جانور جي باس باسي ٿو، جنهن جي مون خداوند جي لاءِ قرباني
نہ ٿي ڏيئي سگهجي، تہ پوءِ هو انهيءَ جانور کي آڻي ڪاهن وٽ
پيش ڪري. 12 تڏهن ڪاهن انهيءَ جي چڱي ۽ خراب هجڻ موجب
انهيءَ جي قيمت مقرر ڪري. هو جيڪا بہ قيمت مقرر ڪندو اها
ئي آخري قيمت هوندي. 13 جيڪڏهن اهو ماڻهو عيوضو ڏيئي انهيءَ
کي ڇڏائڻ گهري، تہ جيڪا قيمت ڪاهن مقرر ڪئي هجي، تنهن
جو پنجون حصو وڌيڪ ڏئي.
14 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو گهر مون خداوند جي لاءِ وقف
ڪري، تہ ڪاهن انهيءَ جي چڱي يا خراب هجڻ موجب انهيءَ جي
قيمت مقرر ڪري. هو جيڪا بہ قيمت مقرر ڪندو اها ئي آخري قيمت
هوندي. 15 جيڪڏهن گهر کي وقف ڪرڻ وارو ماڻهو عيوضو ڏيئي
انهيءَ گهر کي ڇڏائڻ گهري، تہ جيڪا قيمت ڪاهن مقرر ڪئي
هجي، تنهن جي پنجين حصي جيترا پيسا وڌيڪ ڏئي، پوءِ اهو گهر
وري سندس ٿيندو.
16 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ميراث واري ٻنيءَ جو ڪو ڀاڱو،
مون خداوند جي لاءِ وقف ڪري، تہ جيترو ٻج انهيءَ ۾ پوکي
سگهجي، تنهن موجب انهيءَ جي قيمت مقرر ڪئي ويندي. جيتري
زمين ۾ هڪ سؤ ڪلوگرام وزن جيترو جوَن جو ٻج پوکي سگهجي،
اوتري زمين جي قيمت †چانديءَ جا پنجاهہ سڪا ٿيندي. 17 جيڪڏهن
ڪو ماڻهو پنهنجي ٻني بحاليءَ جي سال کان وٺي وقف ڪري تہ
جيڪا قيمت انهيءَ جي مقرر ڪئي وڃي، سا ئي رهندي. 18 پر
جيڪڏهن هو بحاليءَ جي سال کان پوءِ پنهنجي ٻني وقف ڪري تہ
ڪاهن ايندڙ بحاليءَ جي سال تائين باقي رهيل سالن موجب انهيءَ
جو حساب ڪري ۽ پوءِ اهو مقرر ڪيل قيمت مان گهٽايو وڃي.
19 جيڪڏهن ٻني وقف ڪرڻ وارو ماڻهو عيوضو ڏيئي اها ڇڏائڻ
گهري، تہ جيڪا قيمت ڪاهن مقرر ڪئي هجي، تنهن جي پنجين
حصي جيترا پيسا وڌيڪ ڏئي، پوءِ اها ٻني وري سندس ٿيندي. 20 پر
جيڪڏهن هو اها ٻني ڇڏائڻ کان اڳي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي وڪڻي
ٿو ڇڏي، تہ پوءِ هو اها وري ڪڏهن بہ ڇڏائي نہ سگهندو. 21 بلڪ
ايندڙ بحاليءَ جي سال ۾ اها ٻني پاڻيهي ڇٽي ويندي ۽ مون خداوند
جي راهہ ۾ فنا ڪيل شيءِ وانگر اها ٻني مون خداوند لاءِ مخصوص
رهندي ۽ ڪاهن جي ملڪيت ٿيندي.
22 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي اهڙي خريد ڪيل ٻني، جيڪا اصل
کان سندس ميراث نہ هجي، سا مون خداوند جي لاءِ وقف ڪرڻ
گهري، 23 تہ ڪاهن کي گهرجي تہ ايندڙ بحاليءَ جي سال تائين جيترا

*عبادتگاهہ جي سڪي جي تور: هڪ سڪو اٽڪل ٻارهن گرامن جو ٿيندو هو.
†چانديءَ جا پنجاهہ سڪا: اٽڪل ڇهہ سؤ گرام چاندي.

سال باقي هجن، تن جي تعداد موجب انهيءَ ٻنيءَ جي مقرر ڪيل
قيمت جو حساب ڪري. پوءِ اهو ماڻهو اها رقم انهيءَ ئي ڏينهن تي
مون خداوند جي لاءِ مخصوص ڪيل شيءِ طور ادا ڪري ته بحاليءَ
جي سال تائين ٻني سندس ئي رهندي. 24 بحاليءَ جي سال ۾ اها
ٻني موٽي پنهنجي اصلي ميراث واري مالڪ کي ملندي.
25 اهي سموريون قيمتون عبادت‌گاهه جي سڪي موجب مقرر
ٿينديون. هڪڙو سڪو چانديءَ جي ٻارهن گرامن جي برابر آهي.
26 جانورن مان پهريون ڄاول ڦر اڳي ئي مون خداوند لاءِ وقف ڪيو
ويو آهي. تنهنڪري ڪوبه ماڻهو انهيءَ کي ٻاس طور وقف نه ڪري،
پوءِ اهو ڳائو مال هجي توڙي رڍو يا ٻاڪرو مال. اهو مون خداوند
جو آهي. 27 پر جيڪڏهن اهو پهريتو ڦر حرام جانورن مان هجي ته
اهو ماڻهو ڪاهن جي مقرر ڪيل قيمت ۾ انهيءَ جي پنجين حصي
جيتري وڌيڪ رقم ملائي ادا ڪري ۽ جانور موٽائي وٺي. جيڪڏهن
اهو ماڻهو پنهنجو جانور نه ڇڏائي ته پوءِ اهو مقرر ڪيل قيمت ۾
ڪنهن ٻئي کي وڪيو وڃي.
28 انهيءَ هوندي به جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجيءَ ملڪيت مان
ڪابه شيءِ مون خداوند جي راهه ۾ فنا ڪرڻ لاءِ وقف ڪري، پوءِ
اهو ماڻهو هجي توڙي جانور يا سندس موروثي ٻني هجي، ته اها
هرگز نه وڪي وڃي، نڪي وري عيوضو ڏيئي اها ڇڏائي وڃي.
اهڙي هر وقف ڪيل شيءِ مون خداوند جي لاءِ ئي مخصوص آهي.
29 ماڻهن مان ڪوبه اهڙيءَ طرح وقف ڪيل شخص ڇڏايو نه وڃي،
بلڪ انهيءَ کي ضرور ماريو وڃي.
30 زمين جي سموري پيدائش جو ڏهون حصو مون خداوند جو آهي،
پوءِ اها ٻنيءَ جو اناج هجي توڙي وڻن جو ميوو، اهو مون خداوند
جي لاءِ مخصوص آهي. 31 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڏهين حصي
مان ڪجهه موٽائي وٺڻ گهري، ته هو انهيءَ جي مقرر ڪيل قيمت
۾ انهيءَ جي پنجين حصي جيترو وڌيڪ ملائي ڏئي. 32 سڀني ڍورن
ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين منجهان هر ڏهن جانورن مان هڪڙو مون خداوند
جو آهي. جڏهن جانورن جو شمار ڪيو وڃي تڏهن هر ڏهون جانور
مون خداوند لاءِ مخصوص ڪيو وڃي. 33 هو چڱن جانورن کي خراب
جانورن مان چونڊي نه ڪڍي، نڪي انهيءَ کي بدلائي. پر جيڪڏهن
مالڪ انهيءَ کي بدلائيندو ته اهو ۽ انهيءَ جي عيوض ۾ ڏنل جانور
ٻئي مون خداوند لاءِ مخصوص ٿيندا ۽ ڪنهن به طرح ڇڏائي نه
سگهبا.”
34 اِهي ئي آهن اهي حڪم، جيڪي خداوند بني اسرائيل جي لاءِ
سينا جبل تي موسيٰ کي ڏنا.

---

28:27 ڳا 18:14 30:27–33 ڳا 18:21، شر 14:22–29

# ڳاڻاٽو

## توريت شريف جو چوٿون ڪتاب

### تعارف

”ڳاڻاٽو“ نالي هي مقدس ڪتاب بني اسرائيل جي اٽڪل چاليهن سالن جو احوال ڏئي ٿو. اهو عرصو سندن سينا جبل کان رواني ٿيڻ کان وٺي ڪنعان ملڪ جي اڀرندي سرحد تائين پهچڻ جو وچ وارو عرصو آهي. هن ڪتاب جو نالو ان احوال جي نمايان خصوصيت ڏانهن اشارو ڪري ٿو جنهن ۾ بني اسرائيل جون ٻه مردم‌شماريون شامل آهن، جيڪي حضرت موسيٰ ڪيون هيون. پهرين مردم‌شماري سينا جبل تي ٿي ۽ ٻي اٽڪل هڪ پيڙهي پوءِ اردن درياءَ جي اوڀر ۾ موآب جي ميدان ۾ ٿي.

پهرين مردم‌شماريءَ کان پوءِ بني اسرائيل سڌو سنئون ڪنعان ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ويا. پوءِ اٽڪل چاليهن سالن تائين بيابان واري علائقي ۾ رلندو رهڻ کان پوءِ هو اردن درياءَ جي اڀرندي واري علائقي ۾ ڪنعان جي پرسان اچي پهتا. تڏهن قوم جي هڪ حصي اتي ئي رهائش اختيار ڪئي، جڏهن ته باقي قوم اردن درياءُ پار ڪري ڪنعان ۾ داخل ٿيڻ جي تياري ڪئي. مسافريءَ دوران هيءَ قوم سختين جي مقابلي ڪرڻ کان اڪثر ڏنل ۽ بي‌همت رهي. جيتوڻيڪ خدا حضرت موسيٰ کي سندن رهنمائيءَ لاءِ مقرر ڪيو هو ته به هنن سندس خلاف بغاوت ڪئي، بلڪ خدا سان به بغاوت ڪيائون. تنهن هوندي به خدا بني اسرائيل کي سنڀالڻ ۾ ثابت‌قدم رهيو، توڙي جو بني اسرائيل نافرمان ۽ ايمان ۾ ڪمزور هئا. جيتوڻيڪ حضرت موسيٰ ڪنهن ڪنهن وقت بي‌صبر به ٿي ويو ٿي، تہ بہ هو خدا سان ۽ پنهنجي امت سان پنهنجي جان‌نثاريءَ ۾ ثابت‌قدم رهيو.

### سِٽاءُ

بني اسرائيل جي سينا جبل کان روانگيءَ جي تياري 1:1–9:23
- 1. پهرين مردم‌شماري 1:1–4:49
- 2. طرح طرح جا قانون ۽ قاعدا 5:1–8:26
- 3. ٻي عيد فصح 9:1–23

سينا جبل کان موآب تائين سفر 10:1–21:35
موآب ۾ ڪي واقعا پيش اچڻ 22:1–32:42
مصر کان موآب تائين سفر جو خلاصو 33:1–49
اردن درياءُ پار ڪرڻ کان اڳ هدايتون 33:50–36:13

## بني اسرائيل جي مردمشماري

1 1 بني اسرائيل جي مصر ملڪ مان نڪري اچڻ کان پوءِ ٻئي
سال جي ٻئي مهيني جي پهرين تاريخ سينا جي بيابان ۾ خداوند
پنهنجي ملاقات واري خيمي ۾ موسيٰ سان ڳالهايو. ڪيس چيائين
تہ 2-3 ”تون ۽ هارون سڄي بني اسرائيل جي سندن پنهنجي
پنهنجي نسل ۽ ڪٽنب موجب مردمشماري ڪريو ۽ انهن سڀني
مردن، جن جي عمر ويهہ سال يا انهيءَ کان مٿي هجي ۽ جنگ
۾ وڃڻ جي لائق هجن، تن جا قبيلن مطابق جدا جدا دستا ٺاهي
لسٽ تيار ڪريو. 4 هر هڪ قبيلي مان هڪڙو هڪڙو ماڻهو جيڪو
پنهنجي اباڻي گهراڻي جو وڏو هجي، سو انهيءَ ڪم ۾ اوهان
جي مدد ڪري.“ 5 جيڪي ماڻهو انهيءَ ڪم ۾ اوهان جي مدد
ڪندا تن جا نالا هي آهن: روبن قبيلي مان اليصور ولد شديور،
6 شمعون قبيلي مان شلوميايل ولد صوريشدي، 7 يهوداہ قبيلي
مان نحسون ولد عميناداب، 8 اِسڪار قبيلي مان نٿنايل ولد صوعر،
9 زبولون قبيلي مان الياب ولد حيلون، 10 يوسف جي پٽ افرائيم
جي قبيلي مان اليشمع ولد عميهود، يوسف جي پٽ منسيءَ جي
قبيلي مان گمليايل ولد فداهصور، 11 بنيامين قبيلي مان ابيدان ولد
گدعوني، 12 دان قبيلي مان احيعزر ولد عميشدي، 13 آشر قبيلي
مان فجعيايل ولد عڪران، 14 گد قبيلي مان الياسف ولد دعوايل،
15 نفتالي قبيلي مان احيرع ولد عينان.

16 اهي ئي ماڻهو هئا جن کي بني اسرائيل قوم مان مقرر ڪيو
ويو، جيڪي پنهنجن پنهنجن اباڻن گهرن جا وڏا ۽ بني اسرائيل جي
نسلن جا رئيس هئا. 17 سو انهن کي موسيٰ ۽ هارون پاڻ سان ڪنيو.
18 انهن ٻئي مهيني جي پهرين تاريخ تي سڄيءَ قوم کي گڏ ڪيو
۽ سڀني ماڻهن جي سندن نسل ۽ ڪٽنب موجب داخلا ڪئي ويئي.
جن جي عمر ويهہ سال يا ويهن سالن کان مٿي هئي تن جي نالن
جي لسٽ تيار ڪئي ويئي. 19 جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو هو،
تيئن هن سينا جي بيابان ۾ انهن جو شمار ڪيو.

20-43 جيڪي مرد ويهن سالن جا يا انهيءَ کان مٿي هئا ۽ جنگ
۾ وڃڻ جي لائق هئا، تن جا نالا سندن نسل ۽ ڪٽنب موجب درج
ڪيا ويا. نالن درج ڪرڻ جي شروعات يعقوب جي وڏي پٽ روبن
جي قبيلي سان ڪئي ويئي. درج ڪيلن جو تعداد هن ريت آهي:
روبن جي قبيلي جا ڇائيتاليهہ هزار پنج سؤ مرد، شمعون جي قبيلي
جا اوڻهٺ هزار ٽي سؤ، گد جي قبيلي جا پنجيتاليهہ هزار ڇهہ سؤ
پنجاهہ، يهوداہ جي قبيلي جا چوهتر هزار ڇهہ سؤ، اِسڪار جي
قبيلي جا چوونجاهہ هزار چار سؤ، زبولون جي قبيلي جا ستونجاهہ
هزار چار سؤ، يوسف جي پٽ افرائيم جي قبيلي جا چاليهہ هزار
پنج سؤ، يوسف جي پٽ منسيءَ جي قبيلي جا ٻٽيهہ هزار ٻہ سؤ،
بنيامين جي قبيلي جا پنجٽيهہ هزار چار سؤ، دان جي قبيلي جا
ٻاهٺ هزار ست سؤ، آشر جي قبيلي جا ايڪيتاليهہ هزار پنج سؤ،
نفتاليءَ جي قبيلي جا ٽيونجاهہ هزار چار سؤ مرد.

44 اهي ئي آهن سڀيئي مرد جن کي موسيٰ ۽ هارون بني اسرائيل
جي انهن ٻارهن رئيسن جي مدد سان شمار ڪيو، جيڪي پنهنجي
پنهنجي اباڻي گهراڻي جا وڏا هئا. 45 اهڙيءَ طرح بني اسرائيل مان
سڀيئي مرد جن جي عمر ويهہ سال يا انهيءَ کان مٿي هئي ۽ جيڪي
جنگ ۾ وڃڻ جي لائق هئا ۽ جن جو سندن ڪٽنبن موجب شمار
ڪيو ويو، 46 سي سڀيئي ڇهہ لک ٽي هزار پنج سؤ پنجاهہ مرد هئا.

47 پر لاويءَ جي نسل وارن کي ٻين قبيلن سان گڏ شمار نہ ڪيو
ويو، 48 ڇالاءِجو خداوند موسيٰ کي فرمايو هو تہ 49 ”جڏهن تون بني
اسرائيل مان جنگ تي وڃڻ جهڙن جا نالا شمار ڪرين تہ لاوين کي
انهن سان درج نہ ڪجانءِ. 50 بلڪ تون لاوين کي مقرر ڪري ڇڏ تہ
جيئن اهي ئي اهو مقدس خيمو جنهن ۾ عهد واريون تختون رکيل
آهن، ۽ انهيءَ جو سمورو سامان کڻن، انهيءَ جي خدمت ڪن ۽ اهي
ئي خيمي جي ٻاهران چوڌاري منزل ڪري رهن. 51 جڏهن مقدس
خيمو اڳتي وڃڻو هجي تہ لاوي انهيءَ کي لاهين ۽ وري جڏهن کڙو
ڪرڻو هجي تہ اهي ئي کڙو ڪن. جيڪو ٻہ ٻيو ماڻهو انهيءَ جي
ويجهو ايندو، سو ماريو ويندو. 52 ٻين بني اسرائيل جي ماڻهن مان
سڀڪو پنهنجي پنهنجي دستي موجب پنهنجي پنهنجي قبيلي سان
پنهنجي پنهنجي نشان وٽ پنهنجو تنبو هڻي. 53 پر لاوي پنهنجا
تنبو مقدس خيمي جي چوڌاري هڻن. اهو انهيءَ لاءِ تہ متان ڪو
انهيءَ جي ويجهو اچي ۽ آءٌ بني اسرائيل قوم تي پنهنجو غضب نازل
ڪريان. لاوي ئي مقدس خيمي جي سنڀال جا ذميوار آهن.“ 54 سو
بني اسرائيل ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو.

## قبيلن جي تنبن جي ترتيب

2 1 خداوند موسيٰ ۽ هارون کي فرمايو تہ 2 ”بني اسرائيل مان
هر ڪو ماڻهو پنهنجي پنهنجي نشان وٽ پنهنجي ڪٽنب جي
جهنڊي سان مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي چئني طرفن تي
پنهنجو پنهنجو تنبو کوڙي.

3 اڀرندي پاسي پنهنجي پنهنجي قبيلي موجب پنهنجن سردارن
جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪي قبيلا يهوداہ جي خيميگاهہ جي نشان وٽ
هڪ ٻئي جي پرسان پنهنجا تنبو کوڙين، سي هن ريت هجن. بني
يهوداہ جو سردار عميناداب جو پٽ نحسون ٿئي. 4 انهيءَ جي
لشڪر جو تعداد شمار موجب چوهتر هزار ڇهہ سؤ آهي. 5 بني
يهوداہ جي پرسان اِسڪار قبيلي جا ماڻهو پنهنجا تنبو کوڙين ۽
سندن سردار صوعر جو پٽ نٿنايل ٿئي. 6 انهيءَ جي لشڪر جو
تعداد شمار موجب چوونجاهہ هزار چار سؤ آهي. 7 بني اِسڪار

1:1–46 ڳا 1:26–51

جي پرسان زبولون قبيلي وارا پنهنجا تنبو کوڙين ۽ سندن سردار
حيلون جو پٽ الياب ٿئي. 8 انهيءَ جي لشڪر جو تعداد شمار
موجب ستونجاهہ هزار چار سؤ آهي. 9 سو يهوداہ جي منزلگاهہ
مان انهن ٽن قبيلن جي لشڪرن جي شمار موجب هڪ لک ڇهاسي
هزار چار سؤ مرد آهن. اهي سڀ يهوداہ جي خيمي‌گاهہ جي نشان
وارا پهريائين منزل پٽي هلن.

10 ڏاکڻي پاسي روبن جي خيمي‌گاهہ جي نشان هيٺ پنهنجي
پنهنجي قبيلي موجب پنهنجن سردارن جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ ٻئي جي
پرسان جيڪي پنهنجا تنبو کوڙين، سي هن ريت هجن. بني روبن
جو سردار شديور جو پٽ اليصور ٿئي. 11 انهيءَ جي لشڪر جو
تعداد شمار موجب ڇائيتاليهہ هزار پنج سؤ آهي. 12 بني روبن جي
پرسان شمعون قبيلي جا ماڻهو پنهنجا تنبو کوڙين ۽ سندن سردار
صوري‌شدي جو پٽ شلومي‌ايل ٿئي. 13 انهيءَ جي لشڪر جو تعداد
شمار موجب اوڻهٺ هزار ٽي سؤ آهي. 14 بني شمعون جي پرسان
گد قبيلي وارا پنهنجا تنبو کوڙين ۽ سندن سردار رعوايل جو پٽ
الياسف ٿئي. 15 انهيءَ جي لشڪر جو تعداد شمار موجب پنجيتاليهہ
هزار ڇهہ سؤ پنجاهہ آهي. 16 سو روبن جي منزلگاهہ مان انهن
ٽن قبيلن جي لشڪرن جي شمار موجب هڪ لک ايڪونجاهہ هزار
چار سؤ پنجاهہ مرد آهن. اهي سڀ روبن جي خيمي‌گاهہ جي نشان
وارا ٻئي نمبر تي منزل پٽي هلن.

17 ان کان پوءِ پهرين ٻن دستن ۽ پوين ٻن دستن جي وچ ۾ لاوي
مون خدا سان ملاقات وارو خيمو کڻي هلن. جهڙي ترتيب سان هو
منزل ڪن تهڙي ئي ترتيب سان منزل کڻن. هر ڪو ماڻهو پنهنجي
پنهنجي جاءِ تي پنهنجي نشان وٽ هجي.

18 الهندي پاسي افرائيم جي خيمي‌گاهہ جي نشان وٽ پنهنجي
پنهنجي قبيلي موجب پنهنجن سردارن جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ ٻئي جي
پرسان جيڪي پنهنجا تنبو کوڙين، سي هن ريت هجن. بني افرائيم
جو سردار عميهود جو پٽ اليشمع ٿئي. 19 انهيءَ جي لشڪر جو
تعداد شمار موجب چاليهہ هزار پنج سؤ آهي. 20 بني افرائيم جي
پرسان منسي قبيلي جا ماڻهو پنهنجا تنبو کوڙين ۽ سندن سردار
فداهصور جو پٽ گملي‌ايل ٿئي. 21 انهيءَ جي لشڪر جو تعداد
شمار موجب ٻٽيهہ هزار ٻہ سؤ آهي. 22 بني منسي جي پرسان
بنيامين قبيلي وارا پنهنجا تنبو کوڙين ۽ سندن سردار گدعوني جو
پٽ ابيدان ٿئي. 23 انهيءَ جي لشڪر جو تعداد شمار موجب پنجٽيهہ
هزار چار سؤ آهي. 24 سو افرائيم جي منزلگاهہ مان انهن ٽن قبيلن
جي لشڪرن جي شمار موجب هڪ لک اٺ هزار هڪ سؤ مرد آهن.
اهي سڀ افرائيم جي خيمي‌گاهہ جي نشان وارا ٽئين نمبر تي منزل
پٽي هلن.

25 اترئين پاسي دان جي خيمي‌گاهہ جي نشان وٽ پنهنجي
پنهنجي قبيلي موجب پنهنجن سردارن جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ ٻئي
جي پرسان جيڪي پنهنجا تنبو کوڙين، سي هن ريت هجن. بني دان
جو سردار عميشدي جو پٽ احيعزر ٿئي. 26 انهيءَ جي لشڪر جو
تعداد شمار موجب ٻاهٺ هزار ست سؤ آهي. 27 بني دان جي پرسان
آشر قبيلي جا ماڻهو پنهنجا تنبو کوڙين ۽ سندن سردار عڪران جو
پٽ فجعي‌ايل ٿئي. 28 انهيءَ جي لشڪر جو تعداد شمار موجب
ايڪيتاليهہ هزار پنج سؤ آهي. 29 بني آشر جي پرسان نفتالي قبيلي
وارا پنهنجا تنبو کوڙين ۽ سندن سردار عينان جو پٽ احيرع ٿئي.
30 انهيءَ جي لشڪر جو تعداد شمار موجب ٽيونجاهہ هزار چار سؤ
آهي. 31 سو دان جي منزلگاهہ مان انهن ٽن قبيلن جي لشڪرن جي
شمار موجب هڪ لک ستونجاهہ هزار ڇهہ سؤ مرد آهن. اهي سڀ
دان جي خيمي‌گاهہ وارا پنهنجي پنهنجي نشان هيٺ آخر ۾ منزل
پٽي هلن.“

32 اهي آهن بني اسرائيل، جن جو سندن ڪٽنبن موجب شمار ڪيو
ويو. سمورا لشڪر جيڪي خيمي‌گاهن ۾ هئا تن جو تعداد سندن
دستن موجب ڇهہ لک، ٽي هزار پنج سو پنجاهہ مرد هو. 33 پر لاوي
بني اسرائيل جي ٻين ماڻهن سان شمار نہ ڪيا ويا، جيئن خداوند
موسيٰ کي فرمايو هو.

34 سو بني اسرائيل ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم
ڏنو هو. انهن مان هر ڪنهن پنهنجي نشان وٽ پنهنجو تنبو کوڙيو
۽ اهڙيءَ طرح انهن مان هر ڪو پنهنجي نسل ۽ ڪٽنب موجب منزل
پٽي هليو.

## هارون جا پٽ

3 1 جنهن ڏينهن خداوند سينا جبل تي موسيٰ سان ڳالهايو، تنهن
ڏينهن تائين موسيٰ جي ڀاءُ هارون کي هي اولاد هو. 2 کيس
چار پٽ هئا، جن جا نالا هي آهن: ندب، جيڪو پهريتو هو، ابيهو،
اليعزر ۽ اتمر. 3 انهن کي مسح ڪري ڪهانت جي عهدي تي رکي،
مقدس خيمي ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو. 4 جڏهن
ندب ۽ ابيهو سينا جي بيابان ۾ خداوند جي حضور ۾ ناجائز باهہ
پيش ڪئي، تڏهن اهي اتي ئي سندس حضور ۾ مري ويا. کين اولاد
ڪونہ هو. سو اليعزر ۽ اتمر پنهنجي پيءُ هارون جي حياتيءَ دوران
ڪهانت جي عهدي تي رهي مقدس خيمي ۾ خدمت ڪندا رهيا.

## لاوين جي خدمت

5 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 6 ”لاويءَ جي قبيلي وارن کي
ويجهو آڻي هارون ڪاهن جي اڳيان حاضر ڪر، تہ جيئن اهي سندس
ماتحت ٿي خدمت ڪن. 7 اهي مون خدا سان ملاقات واري خيمي

3:2 گا 60:26   3:4 لاو 10:1–2، گا 61:26

جي سنڀال ڪن ۽ جيڪو ڪم ڪين هارون ۽ پوريءَ قوم جي طرفان
سونپيو وڃي سو پورو ڪن. 8 بلڪ اهي خيمي جي سموري سامان
جي سنڀال ڪن ۽ بني اسرائيل جي پاران خدمت ڪن. 9 تون لاوين
کي هارون ۽ سندس پٽن جي حوالي ڪري ڇڏ. بني اسرائيل منجهان
اهي سندن خدمت واسطي ئي کين ڏنا ويا آهن. 10 تون هارون ۽
سندس پٽن کي مقرر ڪر ته اهي ڪهانت جا فرائض بجا آڻيندا
رهن. جيڪڏهن ڪو ٻيو مقدس جاءِ جي ويجهو اچي ته ان کي ماريو
وڃي.“

11 خداوند موسيٰ کي وڌيڪ فرمايو ته 12-13 ”لاوي منهنجا ٿيندا.
ڇالاءِجو جنهن ڏينهن مون مصر جي ملڪ ۾ سڀ پهريتا ٻار ماريا،
تنهن ڏينهن بني اسرائيل ۾ سڀ پهريتا، ماڻهن جا توڙي جانورن جا
مون پنهنجي لاءِ مخصوص ڪيا. جيئن ته سڀ پهريتا ٻار منهنجا
آهن، سو مون بني اسرائيل جي هر عورت جي پهريتي نر ٻار جي
عيوض بني اسرائيل منجهان لاوين کي قبول ڪيو آهي. تنهنڪري
لاوي هاڻ منهنجا آهن. آءٌ خداوند آهيان.“

## لاوين جي مردم‌شماري

14 خداوند سينا جي بيابان ۾ موسيٰ کي فرمايو ته 15 ”تون لاوين
جو سندن نسل ۽ ڪٽنب موجب شمار ڪر. جن نرن جي عمر هڪڙو
مهينو يا انهيءَ کان مٿي هجي، تن سڀني جو به تون شمار ڪر.“
16 سو جيئن موسيٰ کي خداوند کان حڪم مليو تيئن ئي ڪيائين.
17 لاويءَ جا پٽ جيڪي پنهنجي پنهنجي نسل جا وڏا هئا سي هي
آهن: گيرشون، قهات ۽ مراري. 18 گيرشون جي نسل مان هي آهن:
لبني ۽ شمعي. 19 قهات جي نسل مان هي آهن: عمرام، اضهار،
حبرون ۽ عزي‌ايل. 20 مراريءَ جي نسل مان هي آهن: محلي ۽
موشي. اهي لاوي قبيلي جا وڏا هئا ۽ انهن جي نالن پٺيان لاوي
ڪٽنب سڏجن ٿا.

21 گيرشون جي نسل مان لبني ۽ شمعي نالي ٻه گهراڻا هئا.
22 انهن مان جن نرن جي عمر هڪڙو مهينو ۽ انهيءَ کان مٿي هئي،
تن سڀني جو شمار ڪيو ويو، جن جو تعداد جملي ست هزار پنج سؤ
هو. 23 انهن گيرشوني نسل وارن کي مقدس خيمي جي پٺيان الهندي
پاسي پنهنجا تنبو کوڙڻا هئا. 24 لاايل جو پٽ الياسف انهيءَ نسل جو
سردار هو. 25 خدا سان ملاقات واري خيمي جي قنات ۽ پال، انهيءَ
جا مٿيان غلاف ۽ انهيءَ جي در جو پردو، اهي سڀ انهن جي سنڀال
هيٺ هئا. 26 انهيءَ کان سواءِ اڱڻ جي قنات، جيڪا مقدس خيمي
۽ قربان‌گاهه جي چوڌاري آهي، اڱڻ جي دروازي جو پردو ۽ سڀيئي
رسا جيڪي انهيءَ ۾ ڪم ٿي آيا، سي به انهن جي سنڀال هيٺ هئا.

27 عمرام، اضهار، حبرون ۽ عزي‌ايل ڪٽنب قهات جي نسل مان
هئا. 28 انهن مان جن نرن جي عمر هڪڙو مهينو ۽ انهيءَ کان مٿي
هئي، تن سڀني جو شمار ڪيو ويو، جن جو تعداد اٺ هزار ۽ ڇهه
سؤ هو. مقدس خيمي جي پاڪ شين جي سنڀال انهن جي ذمي هئي.
29 انهيءَ نسل کي مقدس خيمي جي ڏاکڻي پاسي پنهنجا تنبو کوڙڻا
هئا. 30 عزي‌ايل جو پٽ اليصافن انهيءَ نسل جو سردار هو. 31 عهد
واري صندوق، ميز، شمعدان، ٻئي قربان‌گاهون، مقدس جاءِ جا ٿانوَ
جيڪي خدمت ڪرڻ ۾ استعمال ڪيا ويندا هئا، مقدس ترين جاءِ جو
پردو ۽ انهن شين سان لاڳاپو رکندڙ سيڪو ڪم انهن جي ذمي هو.
32 هارون ڪاهن جو پٽ اليعزر، لاوين جو وڏو سردار هو. جيڪي
مقدس خيمي جي سنڀال ڪندا هئا، تن مٿان هن کي مقرر ڪيو ويو
هو.

33 محلي ۽ موشي ڪٽنب مراريءَ جي نسل مان هئا. 34 انهن مان
جن نرن جي عمر هڪڙو مهينو ۽ انهيءَ کان مٿي هئي، تن سڀني جو
شمار ڪيو ويو جن جو تعداد ڇهه هزار ۽ ٻه سؤ هو. 35 ابيخيل جو
پٽ صوري‌ايل انهيءَ نسل جو سردار هو. انهيءَ نسل کي مقدس
خيمي جي اترئين پاسي پنهنجا تنبو کوڙڻا هئا. 36 مقدس خيمي جا
فريم، انهن جا گز، ٿنڀا، پاوا، سڀ اوزار ۽ انهن شين سان لاڳاپو
رکندڙ سيڪو ڪم انهن جي ذمي هو. 37 انهيءَ کان سواءِ ٻاهرين
اڱڻ جي چوگرد وارا ٿنڀا، انهن جا پاوا ۽ انهن جا رسا ۽ ڪليون به
انهن جي سنڀال هيٺ هئا.

38 موسيٰ، هارون ۽ سندس پٽن کي خدا سان ملاقات واري خيمي
جي سامهون اڀرندي پاسي پنهنجا تنبو کوڙڻا هئا. مقدس جاءِ جي
سنڀال بني اسرائيل جي پاران انهن جي ئي ذمي هئي. جيڪڏهن ڪو
ٻيو مقدس جاءِ جي ويجهو اچي ها ته ان کي مارڻو هو. 39 هڪڙو
مهينو ۽ انهيءَ کان مٿي عمر وارا لاوي جن جو خداوند جي حڪم
موجب موسيٰ ۽ هارون سندن نسلن مطابق شمار ڪيو هو، تن جو
ڪل تعداد ٻاويهه هزار هو.

## لاوين جو وقف ٿيڻ

40 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته ”تون بني اسرائيل جا سڀ پهريتا
پٽ جن جي عمر هڪڙو مهينو ۽ انهيءَ کان مٿي آهي، تن جو
شمار ڪر ۽ انهن جي نالن جي لسٽ تيار ڪر، ڇوته اهي منهنجا
آهن. 41 پر تون بني اسرائيل جي پهريتن پٽن جي عيوض لاوين کي
منهنجي لاءِ مخصوص ڪر. بني اسرائيل جي چوپائي مال جي
پهريتن ڦرن جي عيوض لاوين جو چوپايو مال منهنجي لاءِ مخصوص
ڪر. آءٌ خداوند آهيان.“ 42 موسيٰ خداوند جي حڪم جي تعميل
ڪئي ۽ بني اسرائيل جي پهريتن پٽن جو شمار ڪيائين. 43 انهن جو
ڪل تعداد ٻاويهه هزار، ٻه سؤ ۽ ٽيهتر هو.

44 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 45 ”هاڻ تون بني اسرائيل جي
سڀني پهريتن پٽن جي عيوض لاوين کي منهنجي لاءِ وقف ڪر ۽

---

3:12–13 خر 13:2

بني اسرائيل جي چوپائي مال جي پھريتن ڦرن جي عيوض لاوين
جي چوپائي مال کي منھنجي لاءِ وقف ڪر. لاوي مون خداوند جا
ٿيندا. آءٌ خداوند آھيان. 46 بني اسرائيل جي پھريتن پٽن ۾ جيڪي ٻہ
سؤ ٽيھتر ڄڻا لاوين جي تعداد کان وڌيڪ آھن، تن جي عيوض رقم
وٺي ڪين ڇڏي ڏي. 47 تون انھن کان ھر ھڪ لاءِ عبادتگاھ جي
سڪي جي تور مطابق پنج چانديءَ جا سڪا وٺ. ھڪڙي چانديءَ
جي سڪي جي تور اٽڪل ٻارھن گرام آھي. 48 پوءِ عيوضي واري
اھا رقم تون ھارون ۽ سندس پٽن کي ڏي.“ 49 سو موسيٰ انھن
واڌارن ماڻھن کان عيوضي جي رقم ورتي. 50 ھن اھي پيسا بني
اسرائيل جي پھريتن پٽن کان ورتا، جيڪي عبادتگاھ جي سڪي
جي تور مطابق *ھڪ ھزار ٽي سؤ پنجھٺ سڪا ھئا. 51 موسيٰ اھي
پيسا ھارون ۽ سندس پٽن کي ڏنا، جيئن خداوند کيس فرمايو ھو.

## بني قھات

4 1 خداوند موسيٰ ۽ ھارون کي فرمايو تہ 2 ”اوھين لاوين مان
بني قھات جي نسل ۾ اباڻي ڪٽنب موجب سندن انھن سيني
مردن جو شمار ڪريو، 3 جيڪي ٽيھن سالن جي عمر کان وٺي
پنجاھہ سالن جي عمر تائين آھن ۽ مون خدا سان ملاقات واري
خيمي ۾ ڪم ڪرڻ جي لائق آھن. 4 منھنجي ملاقات واري خيمي
۾ مون لاءِ ئي مخصوص شين جي سنڀال ڪرڻ بني قھات جو ڪم
آھي. 5 جڏھن منزل ڪٽڻي ھجي، تڏھن ھارون ۽ سندس پٽ مون
خدا سان ملاقات واري خيمي جي اندر وڃن، مقدس ترين جاءِ جو
پردو لاھي انھيءَ سان عھد واري صندوق کي ڍڪين. 6 پوءِ ھو
ڊالفن دريائي جانور جي کل جو پوش انھيءَ تي وجھن، انھيءَ جي
مٿان خالص آسماني رنگ جو ڪپڙو پکيڙي ڇڏين ۽ بعد ۾ منجھس
ٻانھيون وجھن.
7 نذراني جي روٽن واري ميز تي آسماني رنگ جو ڪپڙو وڇائين.
انھيءَ تي ٿالھيون، پيالا، وٽا ۽ اوتڻ واري نذراني لاءِ جڳ رکن.
ان کان سواءِ انھيءَ تي روٽ بہ ھميشہ رکيل ھجن. 8 ھو انھن
سيني شين جي مٿان لال ڳاڙھي رنگ جو ڪپڙو وجھن. پوءِ ان کي
ڊالفن دريائي جانور جي کل سان ڍڪي ڇڏين ۽ بعد ۾ منجھس
ٻانھيون وجھن.
9 پوءِ ھو آسماني رنگ جو ڪپڙو کڻي روشنائي ڏيڻ واري
شمعدان، انھيءَ جي مٿان رکڻ وارن ڏيئن،انھن ۾ استعمال ٿيندڙ
زيتون جي تيل وارن ٿانون ۽ ڏيئن جا ڦلا لاھي رکڻ وارن چمٽن
۽ منگالن مٿان وجھن. 10 ھو شمعدان کي انھيءَ جي سيني ٿانون
سميت ڊالفن دريائي جانور جي پوش ۾ ويڙھي ڏوليءَ ۾ رکن.
11 لوبان ساڙڻ واري سوني پٽ چڙھيل قربانگاھ جي مٿان ھو
آسماني رنگ جو ڪپڙو پکيڙي، پوءِ انھيءَ کي ڊالفن دريائي جانور
جي کل سان ڍڪين، بعد ۾ منجھس ٻانھيون وجھن. 12 سڀيئي ٿانوَ،
جيڪي مقدس جاءِ جي خدمت ڪرڻ ۾ ڪم ٿا اچن سي سڀ کڻي ھو
ھڪڙي آسماني رنگ جي ڪپڙي ۾ ويڙھين. پوءِ ڊالفن دريائي جانور
جي کل سان ڍڪي اھي بہ ڏوليءَ ۾ رکن. 13 ھو ساڙڻ وارين قربانين
جي قربانگاھ مان رک ڪڍي مٿس واڱڻائي رنگ جو ڪپڙو پکيڙي
ڇڏين. 14 ھو اھي سمورا ٿانوَ جيڪي قربانگاھ جي خدمت ۾ ڪم
ٿا اچن يعني منگالا، گوشت ٽنگڻ جا ڪنڊا، ڪوڏرون ۽ ٿالھ
وغيره، انھيءَ ڪپڙي جي مٿان رکن. پوءِ انھيءَ تي ڊالفن دريائي
جانور جي کل جو پوش ڍڪين ۽ بعد ۾ منجھس ٻانھيون وجھن.
15 جڏھن ھارون ۽ سندس پٽ مقدس خيمي جي ساري سامان کي
ڍڪي بس ڪن ۽ منزل ڪٽي ھلڻ جو وقت اچي، تڏھن بني قھات
اھو سامان کڻڻ لاءِ اچن. پر ھو انھن پاڪ شين کي نہ ڇھن، تہ
جيئن مري نہ پون. مون خدا سان ملاقات واري خيمي جون اھي
شيون کڻي ھلڻ جي ذميواري بني قھات جي ئي آھي. 16 ھارون
ڪاھن جي پٽ اليعزر جي سنڀال ھيٺ ھي شيون آھن: ڏيئن ٻارڻ
جو تيل، خوشبودار لوبان، دستوري اناج جي قرباني ۽ مسح ڪرڻ
جو تيل. ان کان علاوه پوري مقدس خيمي ۽ ان جي سموري سامان
جي نظرداري سندس ذميواري آھي.“
17 خداوند موسيٰ ۽ ھارون کي فرمايو تہ 18 ”اوھين بني قھات
جي نسل واري قبيلي کي لاوين منجھان برباد ٿيڻ نہ ڏجو، 19 بلڪ
جيئن ھو جيئرا رھن ۽ انھن شين جي ويجھو اچڻ ڪري مري نہ
پون جيڪي رڳو مون لاءِ ئي مخصوص آھن. تنھنڪري اوھين ھيئن
ڪريو جو ھارون ۽ سندس پٽ اندر وڃن ۽ انھن مان ھر ھڪ کي
پنھنجي پنھنجي خدمت ۽ کڻڻ جي ذميواري ڏين. 20 پر بني قھات
سامان ڍڪڻ کان اڳ ھڪڙي جھٽ لاءِ بہ اندر وڃي مخصوص شين
کي نہ ڏسن، تہ جيئن مري نہ پون.“

## بني گيرشون ۽ بني مراري

21 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 22 ”بني گيرشون جي بہ نسل ۽
اباڻي ڪٽنب موجب سندن انھن سيني مردن جو شمار ڪر، 23 جيڪي
ٽيھن سالن جي عمر کان وٺي پنجاھہ سالن جي عمر تائين آھن ۽
مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ خدمت ڪرڻ جي لائق آھن.
24 بني گيرشون جي نسلن جو خدمت ڪرڻ ۽ سامان کڻڻ لاءِ ھي
ڪم آھي: 25 ھو مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي قنات ۽
ٻال ۽ سندس ڍڪ، ٻاھرين غلاف سميت جيڪو ڊالفن دريائي جانور
جي کل جو آھي، سو ۽ خيمي جي در جو پردو کڻن. 26 ان سان گڏ
ھو مقدس خيمي ۽ قربانگاھ جي چوگرد اڱڻ واري قنات، اڱڻ
جي دروازي جو پردو کڻن. اڱڻ واري قنات جا رسا ۽ ان ۾ ڪتب
ايندڙ ٻيو سمورو سامان کڻن. ٻيو جيڪو ڪم انھن شين سان ڪيو

*ھڪ ھزار ٽي سؤ پنجھٺ سڪا: اٽڪل ساڍا پندرھن ڪلوگرام چاندي.

وڃي سو سڀ بني گيرشون ئي ڪن. 27 هو پنهنجي سموري خدمت،
سامان کڻڻ جي يا ڪا ٻي، هارون ۽ سندس پٽن جي نگرانيءَ هيٺ
ڪندا. جيڪو بار کين کڻڻو هجي سو اوهين هنن جي ذمي مقرر
ڪجو. 28 مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ بني گيرشون جي
نسلن جي اها خدمت آهي. انهن کي هارون ڪاهن جي پٽ اتمر جي
هدايت هيٺ ڪم ڪرڻو آهي.

29 تون بني مراريءَ جي نسل ۽ اباڻي ڪٽنب موجب سندن انهن
مردن جو شمار ڪر، 30 جيڪي ٽيهن سالن جي عمر کان وٺي پنجاهه
سالن تائين آهن ۽ مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ خدمت ڪرڻ
جي لائق آهن. 31 مون سان ملاقات واري خيمي ۾ خدمت ڪرڻ ۽
سامان کڻڻ لاءِ هنن جو هي ڪم آهي: مقدس خيمي جا فريم ۽
انهيءَ جا گز، ٿنڀا، پاوا، 32 انهيءَ جي چوگرد واري اڱڻ جا ٿنڀا،
انهن جا پاوا، ڪليون، رسا، سڀيئي اوزار ۽ اهي سڀ شيون جيڪي
انهيءَ سان واسطو رکن ٿيون، سي بني مراري ئي کڻن. مطلب ته
جيڪي شيون انهن کي کڻڻيون آهن، سي ناليوار انهن جي ذمي
ڪيون وڃن. 33 مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ بني مراريءَ
جي نسلن کي جيڪا خدمت هارون ڪاهن جي پٽ اتمر جي هدايت
هيٺ ڪرڻي آهي سا اها ئي آهي.“

## لاوين جي مردمشماري

34–48 خداوند جي حڪم تي عمل ڪندي موسيٰ، هارون ۽ بني
اسرائيل جي اڳواڻن ٽنهي لاوي گهراڻن قهات، گيرشون ۽ مراريءَ
جي مردمشماري ڪئي. هنن اها مردمشماري سندن نسلن ۽ اباڻن
ڪٽنبن موجب ڪئي ۽ انهن سڀني ماڻهن جو شمار ڪيائون جن جي
عمر ٽيهن کان وٺي پنجاهه سالن تائين هئي ۽ خدا سان ملاقات واري
خيمي ۾ خدمت ڪرڻ جي لائق هئا. مردمشماريءَ جو تفصيل هي
آهي. قهات گهراڻي وارن جو تعداد ٻه هزار ست سؤ پنجاهه هو.
گيرشون گهراڻي وارن جو تعداد ٻه هزار ڇهه سؤ ٽيهه هو. مراري
گهراڻي وارن جو تعداد ٽي هزار ٻه سؤ هو. ٽنهي لاوي گهراڻن جو
جملي تعداد اٺ هزار پنج سؤ اسي هو. 49 خداوند جي حڪم موجب
موسيٰ جي معرفت هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي خدمت ۽ بار کڻڻ
جي ڪم تي مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح جيئن خداوند موسيٰ کي
فرمايو هو، تيئن سندن شمار ڪيو ويو.

## خيميگاهه جي پاڪيزگي

5 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 2 ”بني اسرائيل کي حڪم
ڏي ته اهي هر انهيءَ ماڻهوءَ جنهن کي چمڙيءَ جي بيماري
هجي، جنهن جي جسم اندران ڪجهه وهي نڪتو هجي ۽ جيڪو
مُڙدي کي ڇهڻ جي ڪري ناپاڪ ٿيو هجي، تنهن کي *خيميگاهه
مان ٻاهر ڪڍي ڇڏين. 3 اهو مرد هجي توڙي عورت، پر اوهين
کيس خيميگاهه مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. اهو انهيءَ لاءِ ته هو انهيءَ
خيميگاهه کي پليت نه ڪري، جنهن ۾ آءٌ پنهنجي قوم سان رهان
ٿو.“ 4 سو بني اسرائيل خدا جي حڪم جي تعميل ڪندي اهڙن
ماڻهن کي خيميگاهه مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو، جيئن خداوند موسيٰ
کي فرمايو هو.

## ڏوهه جو عيوضو

5 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 6 ”بني اسرائيل کي چئُه ته
’جڏهن ڪو مرد يا عورت مون خداوند جي حڪم جي خلافورزي
ڪندي ڪنهن جو ڪهڙيءَ به طرح جو ڪو ڏوهه ڪري، 7 تڏهن اهو
پنهنجي ڏوهه جو اقرار ڪري. هو پنهنجي ڏوهه جو پورو عيوضو
ڀري ڏئي ۽ انهيءَ جو پنجون حصو انهيءَ ۾ وڌيڪ ملائي اهو
انهيءَ ماڻهوءَ کي ڏئي جنهن جو ڏوهه ڪيو هجيس. 8 جيڪڏهن
اهو ماڻهو مري ويو هجي ۽ سندس ڪو ويجهو مائٽ به نه هجي،
جنهن کي اهو عيوضو ڏنو وڃي، ته پوءِ اهو عيوضو مون خداوند
لاءِ آهي، جيڪو ڪاهن کي ڏنو وڃي. انهيءَ کان سواءِ ڪفاري جو
گهٽو به ڪاهن کي قربانيءَ لاءِ ڏنو وڃي. 9 بني اسرائيل جيڪي
شيون مون لاءِ مخصوص ڪري ڪاهن وٽ آڻين، سي سڀ ڪاهن
جون ٿينديون. 10 هر ڪنهن شخص جي مخصوص ڪيل شيءِ، جيڪا
هو ڪاهن کي ڏيندو سا سندس ئي ٿيندي.’“

## زال تي غيرت

11–13 پوءِ خداوند بني اسرائيل کي ٻڌائڻ لاءِ موسيٰ کي فرمايو
ته ”ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن ماڻهوءَ کي شڪ پوي ته سندس زال
گمراهه ٿي ساڻس بيوفائي ڪري رهي آهي ۽ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ
سان سمهي آهي. پر انهيءَ ڳالهه جي ڪيس پڪ نه آهي، ڇوته
ٿي سگهي ٿو ته سندس زال اها ڳالهه ڪانئس لڪائي هجي يا
انهيءَ ڳالهه جو ڪو شاهد به نه هجي ۽ نه وري هوءَ ڏوهه ڪندي
پڪڙي ويئي هجي. 14 يا وري ڪنهن مڙس کي غيرت اچي وڃي
۽ هو پنهنجيءَ زال تي شڪ ڪرڻ لڳي ته هن زنا ڪرائي پاڻ کي
پليت ڪيو آهي، جڏهن ته هن سان ڪوبه ٻيو ماڻهو نه سمهيو
هجي. 15 انهن ٻنهي حالتن ۾ ماڻهو پنهنجيءَ زال کي ڪاهن وٽ
وٺي اچي. هو پنهنجيءَ زال جي طرفان هڪ ڪلوگرام جوَن جو اٽو
به نذر طور کڻي اچي. هو انهيءَ اٽي جي مٿان نڪي تيل پائي،

*خيميگاهه مان ٻاهر ڪڍي ڇڏين: ناپاڪ ٿيل ماڻهن جي وري خيميگاهه ۾ موٽي اچڻ لاءِ سندن غسل ڪرڻ، ڪاهن جو کين پاڪ صاف ٺهرائڻ ۽ کين قرباني پيش ڪرڻ ضروري هو. ڏسو لاوي سرشتو 2:5–13، 1:14–32 ۽ 1:15–33.

5:5–8 لاو 6:1–7

نڪي لوبان رکي، ڇالاءِجو اها غيرت جي واسطي اناج جي قرباني
آهي جيڪا گناهہ ظاهر ٿيڻ لاءِ ڏني وڃي ٿي. 16 پوءِ ڪاهن انهيءَ
عورت کي قربان‌گاهہ جي ويجهو آڻي مون خداوند جي آڏو بيهاري.
17 ڪاهن هڪڙي ٺڪر جي ٿانوَ ۾ پاڪ پاڻي کڻي ۽ مقدس خيمي
جي فرش تان مٽي کڻي انهيءَ پاڻيءَ ۾ وجهي ان کي آزمائڻ وارو
پاڻي بڻائي. 18 پوءِ ڪاهن مون خداوند آڏو انهيءَ عورت جي مٿي
جا وار ڇوڙي ڇڏي ۽ اناج جي قرباني سندس هٿن تي رکي، جيڪا
غيرت جي واسطي گناهہ ظاهر ٿيڻ لاءِ اناج جي قرباني آهي. ان بعد
ڪاهن پنهنجي هٿ ۾ اهو آزمائڻ وارو پاڻي کڻي جيڪو لعنت آڻي
ٿو. 19 پوءِ ڪاهن انهيءَ عورت کي قسم کڻائي چوي تہ ’جيڪڏهن
ڪو ٻيو ماڻهو تو سان نہ ستو آهي ۽ تون پنهنجي مڙس هوندي ٻئي
ماڻهوءَ کان زنا ڪرائي پاڻ کي پليت نہ ڪيو آهي تہ ڀلي انهيءَ
لعنت کان بچيل رهين، جا هي آزمائڻ وارو پاڻي آڻي ٿو. ’ 20 هاڻ
ڪاهن عورت تي لعنت لاءِ قسم کڻائي چوي تہ ’جيڪڏهن تون
مڙس هوندي ٻئي ماڻهوءَ کان زنا ڪرائي پاڻ کي پليت ڪيو آهي
۽ تنهنجي مڙس کان سواءِ ٻيو ڪو ماڻهو تو سان ستو آهي، 21 تہ
پوءِ ڀلي خداوند تو کي اوتي‌نپتي ڪري ۽ تنهنجو پيٽ سُڄائي ڇڏي
۽ تنهنجي پنهنجيءَ قوم جا ماڻهو تو تي لعنت ۽ ڦٽڪار وجهن.
22 ڀلي هي پاڻي جيڪو لعنت ٿو آڻي تنهنجي پيٽ ۾ وڃي تو کي
اوتي‌نپتي ڪري ۽ تنهنجو پيٽ سُڄائي ڇڏي. ’ تڏهن عورت جواب
۾ چوي تہ ’آمين، آمين. ’

23 پوءِ ڪاهن اهي لعنتون لکي انهن کي آزمائڻ واري پاڻيءَ ۾
ڌوئي. 24 انهيءَ کان اڳ ۾ جو هو اهو پاڻي عورت کي پياري ۽ اهو
ان جي پيٽ ۾ وڃي سخت تڪليف پيدا ڪري، 25 پهريائين ڪاهن
انهيءَ عورت جي هٿ مان غيرت واسطي اناج جي قرباني کڻي
مون خداوند جي حضور ۾ بلند ڪري قربان‌گاهہ تي آڻي. 26 پوءِ
هو انهيءَ اناج جي قربانيءَ مان هڪڙي مٺ ڀري کڻي ۽ انهيءَ کي
قربان‌گاهہ تي ساڙي، ائين ڪرڻ سان هن ڄڻ تہ سڄي قرباني ساڙي
ڇڏي. ان بعد هو عورت کي اُهو پاڻي پياري ڇڏي. 27 جيڪڏهن اها
عورت پنهنجي مڙس هوندي زنا ڪرائي پاڻ کي پليت ڪيو هوندو،
تہ اهو لعنت آڻيندڙ پاڻي انهيءَ عورت جي پيٽ ۾ سخت تڪليف
پيدا ڪندو ۽ هوءَ اوتي‌نپتي ٿي پوندي ۽ سندس پيٽ سڄي پوندو.
اهڙيءَ طرح اها عورت پنهنجيءَ قوم ۾ لعنتي بڻجي ويندي. 28 پر
جيڪڏهن هوءَ بي‌ڏوهي هوندي تہ بچي ويندي ۽ اڳتي ٻارن ڄڻڻ
جهڙي رهندي.

29 سو غيرت جي معاملي ۾ قانون اهو آهي تہ جڏهن ڪا مڙس
واري عورت زنا ڪرائي پاڻ کي پليت ڪري 30 يا جڏهن ڪنهن مرد
کي غيرت اچي وڃي ۽ هو پنهنجيءَ زال جي باري ۾ شڪ ڪرڻ
لڳي، تڏهن انهيءَ عورت کي قربان‌گاهہ جي ويجهو مون خداوند
جي آڏو آڻي بيهارجي ۽ ڪاهن اهو سڄو بيان ڪيل قانون عمل ۾
آڻي. 31 پوءِ اهو مرد پنهنجيءَ زال تي انهيءَ تهمت ڏيڻ واري ڏوهہ
کان آجو رهندو ۽ اها عورت جيڪڏهن ڏوهاري هوندي تہ پنهنجي
ڏوهہ جو نتيجو ڀوڳيندي. “

## ناذيرن لاءِ قانون

6 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”بني اسرائيل کي چئُہ تہ
’جيڪڏهن ڪو مرد يا عورت ناذير ٿيڻ يعني پاڻ کي مون
خداوند لاءِ وقف ڪرڻ خاطر خاص باس باسي، 3 تہ پاڻ کي مئي
۽ ٻين نشيدار شين کان پري رکي. هو مئي جو سرڪو يا ٻي نشي
واري شيءِ جو سرڪو نہ پيئي. هو نڪي ڪنهن بہ قسم جي
انگوري رس پيئي ۽ نہ وري انگور يا ڪشمش کائي. 4 جيستائين
هو ناذيري بڻيو رهي تيستائين اهڙي ڪابہ شيءِ نہ کائي جا انگورن
مان ٺهيل هجي، ٻج کان وٺي کل تائين.

5 هو پنهنجي وقف ٿيڻ واري باس جي ڏينهن ۾ پنهنجي مٿي ۽
منهن تي پاڪي نہ گهمرائي. جيستائين اهي ڏينهن پورا نہ ٿين جن
لاءِ هن پاڻ کي مون خداوند لاءِ وقف ڪيو آهي، تيستائين هو پاڪ
رهي ۽ پنهنجي مٿي جا وار وڌڻ ڏئي. 6 جيڪي ڏينهن هو پاڻ کي
مون خداوند لاءِ وقف ڪري، تن ڏينهن ۾ هو ڪنهن بہ مُڙدي جي
ويجهو نہ وڃي. 7 توڙي جو هن جو پيءُ، ماءُ، ڀاءُ يا ڀيڻ مري، تہ
بہ هو پاڻ کي موت جي رسمن ۾ ناپاڪ نہ ڪري، ڇالاءِجو مون
خداوند لاءِ *وقف هجڻ جي نشاني سندس مٿي تي آهي. 8 وقف
هجڻ وارا سڀ ڏينهن هو مون خداوند جي لاءِ مخصوص آهي.

9 جيڪڏهن انهيءَ جي ڀرسان ڪو ماڻهو اوچتو مري پوي ۽ وقف
ٿيل مٿي کي ناپاڪ ڪري وجهي، تہ پوءِ هو ستين ڏينهن يعني
سندس پاڪ ٿيڻ واري ڏينهن تي پنهنجو مٿو ڪوڙائي. 10 اٺين
ڏينهن هو ٻہ ڳيرا يا ٻہ ڪبوتر، مون خدا سان ملاقات واري خيمي
جي اڱڻ واري در تي ڪاهن وٽ آڻي. 11 ڪاهن انهن مان هڪڙو پاڪ
ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور ۽ ٻيو ساڙڻ واري قربانيءَ طور هن جي
ڪفاري لاءِ پيش ڪري، ڇوتہ مُڙدي جي ڀرسان هجڻ ڪري هن خطا
ڪئي آهي. انهيءَ ساڳئي ڏينهن پنهنجو مٿو وري مخصوص ڪندي
12 هو وري ناذير ٿيڻ جا ڏينهن مقرر ڪري پاڻ کي مون خداوند لاءِ
وقف ڪري ۽ قصور جي تلافيءَ واسطي قربانيءَ لاءِ هڪڙو ڇيلو
گهيٽو آڻي. سندس اڳيان ڏينهن هاڻي وقف ٿيل ڏينهن جي حساب ۾
نہ ايندا، ڇوتہ اڳين وقف هجڻ وارن ڏينهن ۾ هو ناپاڪ ٿي پيو هو.

13 ناذير جي لاءِ هي قانون آهي تہ جڏهن سندس وقف هجڻ وارا
ڏينهن پورا ٿين، تڏهن ڪيس مون خدا سان ملاقات واري خيمي

*وقف هجڻ جي نشاني: يعني وڌيل وار، ڏسو آيت 5.

6:3 لو 1:15   6:13–21 رس 21:23–24

جي اگهڻ واري در تي حاضر ڪيو وڃي. 14 اُتي هو مون خداوند لاءِ
ٽي بي‌عيب جانور قربانيءَ طور پيش ڪري: هڪڙو يڪسالو گهيٽو
ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ، هڪڙي يڪسالي گهيٽي پاڪ ٿيڻ واسطي
قربانيءَ لاءِ ۽ هڪڙو گهٽو سلامتيءَ واري قربانيءَ لاءِ. 15 سندن
اناج جي قربانيءَ ۽ اوتڻ وارين قربانين سميت هي شيون بہ قربانيءَ
طور پيش ڪري: بي‌خميري مانيءَ جي ٽوڪري، يعني تيل ۾ ڳوهيل
ميدي جا ڍوڍا ۽ تيل مکيل بي‌خميري ٽڪيون.
16 پوءِ ڪاهن اهي سڀ مون خداوند جي حضور ۾ پيش ڪري
۽ سندس پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني ۽ ساڙڻ واري قرباني ڪري.
17 هو بي‌خميري مانيءَ جي ٽوڪريءَ سان اهو گهٽو سلامتيءَ جي
قربانيءَ طور مون خداوند جي حضور ۾ پيش ڪري. هو انهيءَ
جي اناج جي قرباني ۽ اوتڻ واري قرباني بہ پيش ڪري. 18 ناذير
مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي اگهڻ واري در وٽ پنهنجو
وقف ٿيل مٿو ڪوڙائي ۽ مٿي جا وار ڪٽي ان ٻرندڙ باهہ تي رکي
جنهن تي سلامتيءَ واري قرباني ساڙي وڃي ٿي. 19 مٿو ڪوڙائڻ
کان پوءِ ڪاهن انهيءَ گهٽي جي پڪل دستي، ٽوڪريءَ مان هڪڙو
بي‌خميري ڍوڍو ۽ هڪڙي بي‌خميري ٽڪي کڻي ناذير جي هٿن تي
رکي. 20 تنهن بعد ڪاهن انهن کي هٿن تي بلند ڪرڻ واري قربانيءَ
طور مون خداوند جي حضور ۾ بلند ڪري. اهي هٿن تي بلند ڪيل
قربانيءَ واري سيني ۽ پيش ڪيل قربانيءَ جي ران سميت ڪاهن جي
لاءِ پاڪ آهن. تنهن کان پوءِ ناذير کي مئي پيئڻ جي اجازت آهي.
21 ناذير ۽ سندس قربانين جي باري ۾ اهو ئي قانون آهي، جنهن
تي وقف ٿيڻ جي عرصي پوري ٿيڻ تي عمل ڪرڻو آهي. انهن
قربانين کان سواءِ هو اهي قربانيون بہ ضرور پيش ڪري، جن جو
هن ناذير جي پاس باسڻ وقت ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو.''

## برڪت لاءِ ڪاهنن جي دعا

22 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 23 ''هارون ۽ سندس پٽن کي چئُہ
تہ 'اوهين بني اسرائيل کي برڪت لاءِ هن ريت دعا ڪندا ڪريو تہ
24 شال خداوند اوهان کي برڪت ڏئي ۽ اوهان جي حفاظت ڪري،
25 شال اوهان تي خداوند جو فضل ۽ مهرباني ٿئي،
26 شال خداوند اوهان تي ڪرم جي نگاهہ ڪري
۽ اوهان کي سلامتي ۽ خوشحالي بخشي.'
27 اهڙيءَ طرح هو منهنجو نالو وٺي بني اسرائيل لاءِ دعا گهرندا تہ
آءٌ انهن کي برڪت ڏيندس.''

## سردارن جا نذرانا

7 1 جڏهن موسيٰ مقدس خيمو کوڙي بس ڪئي تڏهن خيمي
کي، انهيءَ جي سموري سامان کي، قربانگاهہ کي ۽ انهيءَ
جي سيني ٿانون کي مسح ڪري مخصوص ڪيائين. 2 ان ڏينهن
تي بني اسرائيل جا اڳواڻ، جيڪي پنهنجن ڪٽنبن جا وڏا، قبيلن
جا سردار ۽ شمار ڪيل ماڻهن جي مٿان مقرر ڪيل هئا، تن نذرانا
آندا. 3 انهن پنهنجي نذراني طور ڇهہ ڍڪيل گاڏيون ۽ ٻارهن
ڏاند خداوند جي حضور ۾ آڻي پيش ڪيا. انهن مان هڪ هڪ ڏاند
هر سردار طرفان هو ۽ هڪ هڪ گاڏي ٻن ٻن سردارن طرفان هئي.
جڏهن هنن اِهي مقدس خيمي جي اڳيان آڻي حاضر ڪيا، 4 تڏهن
خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 5 ''تون اهي هنن کان وٺ تہ مون
خدا سان ملاقات واري خيمي جي خدمت جي ڪم اچن، تون اهي
لاوين جي هر هڪ ٽولي کي سندس خدمت مطابق ورهائي ڏي.''
6 سو موسيٰ اهي گاڏيون ۽ ڏاند وٺي لاوين کي ڏنا. 7 هن بہ
گاڏيون ۽ چار ڏاند بني گيرشون کي 8 ۽ چار گاڏيون ۽ اٺ ڏاند بني
مراريءَ کي سندن خدمت مطابق ڏنا. اهي سڀيئي هارون ڪاهن جي
پٽ اتمر جي هٿ هيٺ ڏنا ويا. 9 پر موسيٰ بني قهات کي ڪابہ
گاڏي يا ڪوبہ ڏاند ڪونہ ڏنو، ڇوتہ جيڪي مخصوص شيون سندن
ذميواريءَ ۾ هيون سي ڪين ڪلهن تي کڻيون هيون.
10 قربانگاهہ جي مسح ٿيڻ واري ڏينهن تي سردارن انهيءَ
جي مخصوصيت ملهائڻ لاءِ پڻ نذرانا آندا ۽ اهي قربانگاهہ جي
اڳيان پيش ڪيائون. 11 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ''سردارن کي
چئُہ تہ انهن مان هر هڪ سردار هڪ هڪ ڏينهن قربانگاهہ جي
مخصوصيت لاءِ پنهنجو نذرانو پيش ڪري.''
12–83 سو انهن هن ترتيب سان پنهنجا نذرانا پيش ڪيا. پهرين
ڏينهن يهوداہ قبيلي جي سردار نحسون ولد عميناداب نذرانا پيش
ڪيا. ٻئي ڏينهن اِسڪار قبيلي جي سردار نتن‌ايل ولد صوعر نذرانا
پيش ڪيا. ٽئين ڏينهن زبولون قبيلي جي سردار الياب ولد حيلون
نذرانا پيش ڪيا. چوٿين ڏينهن روبن قبيلي جي سردار اليصور ولد
شديور نذرانا پيش ڪيا. پنجين ڏينهن شمعون قبيلي جي سردار
شلومي‌ايل ولد صوري‌شدي نذرانا پيش ڪيا. ڇهين ڏينهن گد
قبيلي جي سردار الياسف ولد دعوايل نذرانا پيش ڪيا. ستين ڏينهن
افرائيم قبيلي جي سردار اليشمع ولد عميهود نذرانا پيش ڪيا. اٺين
ڏينهن منسي قبيلي جي سردار گملي‌ايل ولد فداهصور نذرانا پيش
ڪيا. نائين ڏينهن بنيامين قبيلي جي سردار ابيدان ولد گدعوني
نذرانا پيش ڪيا. ڏهين ڏينهن دان قبيلي جي سردار احيعزر ولد
عميشدي نذرانا پيش ڪيا. يارهين ڏينهن آشر قبيلي جي سردار
فجعي‌ايل ولد عڪران نذرانا پيش ڪيا ۽ ٻارهين ڏينهن نفتالي قبيلي
جي سرادر احيرع ولد عينان نذرانا پيش ڪيا.
نذرانا سيني جا هڪجهڙا هئا: هڪڙو چانديءَ جو ٿالهہ جنهن جي
تور *عبادتگاهہ جي سڪي جي تور مطابق هڪ ڪلوگرام ۽ ٽي
سؤ گرام هئي ۽ هڪڙو چانديءَ جو پيالو جنهن جي تور عبادتگاهہ

*عبادتگاهہ جي سڪي جي تور: اٽڪل ٻارهن گرام.

جي سکي جي تور مطابق ست سؤ گرام هئي. اهي ٻئي اناج جي
قربانيءَ لاءِ تيل ۾ ڳوهيل ميدي سان ڀريل هئا. ان کان سواءِ هڪڙو
سونو لوبان‌دان جنهن جي تور هڪ سؤ گرام هئي، جيڪو لوبان سان
ڀريل هو، ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ هڪڙو وهڙو، هڪڙو گهٽو ۽ هڪڙو
يڪسالو گهيٽو، پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ هڪڙو ٻڪر، سلامتيءَ
واري قربانيءَ لاءِ ٻه ڏاند، پنج گهٽا، پنج ٻڪر ۽ پنج يڪسالا گهيٽا.
84 قربان‌گاهه کي مسح ڪرڻ واري ڏينهن تي مخصوصيت ملهائڻ
لاءِ بني اسرائيل جي اڳواڻن جيڪي نذرانا ڏنا تن جو جوڙ هن ريت
آهي: 85 ٻارهن چانديءَ جا ٿالهه هر هڪ جي تور هڪ ڪلوگرام
۽ ٽي سؤ گرام، ٻارهن چانديءَ جا پيالا هر هڪ جي تور ست سؤ
گرام. انهن سڀني جي تور عبادت‌گاهه جي سکي جي تور مطابق
جملي چوويهه ڪلوگرام هئي. 86 ٻارهن سونا لوبان‌دان هر هڪ جي
تور عبادت‌گاهه جي سکي جي تور مطابق هڪ سؤ گرام هئي.
انهن سڀني جي تور جملي هڪ ڪلوگرام ۽ ٻه سؤ گرام هئي ۽ اهي
لوبان سان ڀريل هئا. 87 ٻارهن وهڙا، ٻارهن گهٽا ۽ ٻارهن يڪسالا
گهيٽا، اناج جي قربانيءَ سميت ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ هئا. ٻارهن
ٻڪر پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ هئا. 88 چوويهه ڏاند، سٺ گهٽا،
سٺ ٻڪر ۽ سٺ يڪسالا گهيٽا سلامتيءَ واري قربانيءَ لاءِ هئا.
قربان‌گاهه کي مسح ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ جي مخصوصيت ملهائڻ
لاءِ اهي نذرانا آندا ويا.

89 جڏهن موسيٰ خداوند سان ڳالهائڻ لاءِ سندس ملاقات واري
خيمي ۾ ويو تڏهن عهد واري صندوق تي جيڪو رحمت جو پوش
هو، تنهن مٿان پردار آسماني مخلوق جي ٻنهي مجسمن جي وچ
مان خداوند کي پاڻ سان ڳالهائيندي ٻڌائين.

## شمعدان لاءِ ڏيئا

8 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 2 ”هارون کي چئُه ته ’جڏهن
تون شمعدان تي ڏيئا رکين، ته انهن ستن ئي ڏيئن کي اهڙيءَ
طرح رک جو انهن جي روشني شمعدان جي اڳيان هجي.‘“ 3 سو
هارون ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو. هن ڏيئن کي
اهڙيءَ طرح رکيو جيئن اهي شمعدان جي سامهون روشني ڪن.
4 شمعدان جي بناوت هن طرح هئي جو اهو تري کان وٺي گلن وارين
ڏياٽين تائين سڄو سون جي هڪڙي ئي ٽڪري مان گهڙي ٺاهيو ويو
هو. جيڪو نمونو خداوند موسيٰ کي ڏيکاريو هو، انهيءَ جهڙو ئي
هن شمعدان ٺاهيو.

## لاوين جو وقف ٿيڻ

5 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 6 ”بني اسرائيل مان لاوين کي
جدا ڪري کين پاڪ ڪر. 7 کين پاڪ ڪرڻ لاءِ انهن تي پاڪ
ڪرڻ وارو پاڻي ڇٽڪار ۽ کين چئُه ته هو پنهنجي سڄي بدن تي
پاڪي گهمائين ۽ پنهنجا ڪپڙا ڌوئين. اهڙيءَ طرح هو پاڪ ٿي
ويندا. 8 پوءِ هو هڪڙو گابو ۽ سندس اناج جي قربانيءَ لاءِ تيل ۾
ڳوهيل ميدو آڻين ۽ تون هڪڙو ٻيو گابو پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ
لاءِ آڻ. 9 تون لاوين کي مون خداوند سان ملاقات واري خيمي
جي اڳيان منهنجي حضور ۾ آڻي بيهار ۽ سڄيءَ قوم کي اتي آڻي
گڏ ڪر. 10 بني اسرائيل جا ماڻهو پنهنجا هٿ لاوين جي مٿي تي
رکن. 11 هارون لاوين کي مون خداوند جي حضور ۾ بني اسرائيل
جي پاران مون لاءِ مخصوص حصي طور پيش ڪري، انهيءَ لاءِ
ته هو منهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ مقرر ٿين. 12 پوءِ لاوي پنهنجا هٿ
ٻنهي گابن جي مٿن تي رکن ۽ تون انهن گابن مان هڪڙو پاڪ ٿيڻ
واسطي قربانيءَ لاءِ ۽ ٻيو ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ منهنجي حضور
۾ لاوين جي ڪفاري واسطي پيش ڪر.

13 اهڙيءَ طرح تون لاوين کي هارون ۽ سندس پٽن جي اڳيان
بيهاري مون لاءِ مخصوص حصي طور پيش ڪري 14 کين بني
اسرائيل مان ڌار ڪر، ته جيئن اهي منهنجا ٿين. 15 ان کان پوءِ ئي
اهي مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ داخل
ٿين. 16 مون انهن کي بني اسرائيل جي سڀني پهريتن پٽن جي بدلي
پنهنجي واسطي چونڊيو آهي، سو اهي سڀيئي رڳو منهنجا ئي آهن.
17 جنهن ڏينهن مون مصر جي ملڪ ۾ سڀ پهريتا ماريا، تنهن
ڏينهن بني اسرائيل ۾ سڀ پهريتا نر، ماڻهن جا توڙي جانورن جا،
مون پنهنجي لاءِ مخصوص ڪيا هئا. 18 پر هاڻ بني اسرائيل مان
سڀني پهريتن جي عيوض مون لاوين کي ڪنيو آهي. 19 بني اسرائيل
مان سڀيئي لاوي مون هارون ۽ سندس پٽن کي ڏنا آهن. اهو انهيءَ
لاءِ ته هو مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ بني اسرائيل جي
جاءِ تي خدمت ڪن ۽ بني اسرائيل جي لاءِ ڪفارو ادا ڪندا رهن،
تان‌ته جڏهن بني اسرائيل مقدس خيمي جي ويجهو اچن ته مٿن
مصيبت نه ڪڙڪي.“

20 سو موسيٰ، هارون ۽ بني اسرائيل جي سڄيءَ قوم لاوين سان
بلڪل ائين ڪيو جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو. 21 لاوين
پاڻ کي پاڪ ڪيو ۽ پنهنجا ڪپڙا ڌوتائون. پوءِ هارون کين خداوند
جي حضور ۾ سندس مخصوص حصي طور پيش ڪيو. هن کين
پاڪ ڪرڻ لاءِ سندن واسطي ڪفارو ادا ڪيو. 22 لاوين سان ائين
ئي ڪيو ويو جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو. تنهن کان پوءِ
لاوي خدمت ڪرڻ لاءِ هارون ۽ سندس پٽن جي نگرانيءَ ۾ خدا
سان ملاقات واري خيمي ۾ داخل ٿيا.

23 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 24 ”لاوين جي باري ۾ هي حڪم
آهي ته جن جي عمر پنجويهه سال يا انهيءَ کان مٿي هجي سي
مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندا

8:1–4 خر 25:31–40، 37:17–24   8:17 خر 13:2

رهن. 25 پر هو جڏهن پنجاهہ سالن جا ٿين تڏهن پنهنجي ڪم کان
بس ڪن ۽ اڳتي خدمت نہ ڪن. 26 اهي مون خدا سان ملاقات
واري خيمي ۾ پنهنجن لاوي ڀائرن سان انهن جي ڀين ڪمن ۾ ڀلي
هٿ ونڊائيندا رهن، پر هو پنهنجي سر خدمت وارو ڪوبہ ڪم نہ
ڪن. اهڙيءَ ئي طرح تو کي لاوين جي ذمي ڪم سونپڻا آهن.“

## عيد فصح ملهائڻ

9 1 بني اسرائيل جي مصر ملڪ مان نڪري اچڻ کان پوءِ ٻئي
سال جي پهرين مهيني ۾ سينا جي بيابان ۾ خداوند موسيٰ
سان ڳالهايو. ڪيس چيائين تہ 2 ”بني اسرائيل مقرر ڪيل وقت تي
عيد فصح ملهائڻي آهي. 3 انهيءَ لاءِ هو هن مهيني جي چوڏهين
تاريخ تي سج لهڻ وقت سڀني قاعدن قانونن موجب اها ملهائين.“
4 سو موسيٰ بني اسرائيل کي عيد فصح ملهائڻ لاءِ چيو. 5 تڏهن
انهن سينا جي بيابان ۾، پهرين مهيني جي چوڏهين تاريخ سج لٿي
جو عيد فصح ملهائي. جيئن خداوند موسيٰ کي حڪم ڏنو هو، تيئن
ئي بني اسرائيل ڪيو.

6 پر انهن ۾ ڪي اهڙا ماڻهو بہ هئا جيڪي مُڙدي کي ڇهڻ سبب
ناپاڪ ٿي پيا هئا، جنهن ڪري اهي عيد فصح ملهائي نہ ٿي سگهيا.
تنهنڪري هو انهيءَ ڏينهن موسيٰ ۽ هارون وٽ آيا. 7 کين اچي
چيائون تہ ”اسين هڪ مُڙدي کي ڇهڻ ڪري ناپاڪ ٿي پيا آهيون،
پر جيڪر اسان کي بني اسرائيل جي ٻين ماڻهن سان گڏ خداوند جي
لاءِ مقرر ڪيل وقت تي نذراني پيش ڪرڻ کان نہ روڪيو وڃي.“
8 موسيٰ کين ورندي ڏني تہ ”اوهين ترسو جيستائين مون کي خبر
پوي تہ خداوند اوهان جي باري ۾ ڪهڙو حڪم ٿو ڏئي.“

9 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 10 ”بني اسرائيل کي چئُہ
تہ ’جيڪڏهن اوهان مان يا اوهان جي اولاد مان ڪي ماڻهو مُڙدي
کي ڇهڻ ڪري ناپاڪ ٿي پون، يا ڪنهن ڏورانهين مسافريءَ ۾
هجن، تہ بہ هو مون خداوند جي لاءِ عيد فصح ملهائين. 11 پر هو
مقرر مهيني کان پوءِ واري مهيني جي چوڏهين تاريخ سج لٿي جو
اها عيد ملهائين. انهيءَ وقت هو بي‌خميري مانيءَ ۽ ڪؤڙين ڀاڄين
سان قربانيءَ جو گهيٽو کائين. 12 هو انهيءَ کاڌي مان ڪجهہ بہ
صبح تائين نہ بچائين ۽ نہ وري گوشت مان ڪو هڏو ڀڃن. هو عيد
فصح ملهائڻ وقت ان جا سمورا قاعدا بجا آڻين. 13 پر جيڪڏهن ڪو
ماڻهو پاڪ هجي ۽ مسافريءَ ۾ بہ نہ هجي ۽ پوءِ بہ عيد فصح نہ
ملهائي تہ اهڙي کي منهنجيءَ قوم مان خارج ڪيو وڃي، ڇالاءِجو
مقرر ڪيل وقت تي هُن مون خداوند جي لاءِ نذرانو پيش نہ ڪيو
آهي. اهو ماڻهو پنهنجي گناهہ جي سزا ڀوڳيندو. 14 جيڪڏهن ڪو
ڌاريو اوهان ۾ رهندو هجي ۽ هو عيد فصح ملهائڻ گهري تہ هو
انهيءَ جا سمورا قاعدا قانون بجا آڻي. سڀني جي لاءِ هڪڙو ئي
قاعدو آهي، جهڙو بني اسرائيل لاءِ تهڙو ڌاريءَ لاءِ.‘“

## مقدس خيمي جي مٿان ڪڪر
(خروج 40:34–38)

15 جنهن ڏينهن مقدس خيمو، جنهن ۾ عهد واريون تختون رکيل
آهن، کڙو ڪيو ويو تنهن ڏينهن ڪڪر انهيءَ کي ڍڪي ڇڏيو.
جڏهن تہ سانجهيءَ کان صبح تائين اهو مقدس خيمي جي مٿان
باهہ جي صورت ۾ رهيو. 16 اهڙيءَ طرح هميشہ ٿيندو رهيو يعني
ڏينهن جو ڪڪر مقدس خيمي جي مٿان ڇانيل رهندو هو ۽ رات
جو باهہ وانگر ڏسڻ ۾ ايندو هو. 17 جڏهن ڪڪر خيمي تان ڪڇي
ويندو هو تڏهن بني اسرائيل ان جي پٺيان منزل ڪٽي هلندا هئا ۽
جنهن جاءِ تي ڪڪر بيهندو هو انهيءَ جاءِ تي هو منزل ڪندا هئا.
18 يعني بني اسرائيل خداوند جي حڪم تي منزل ڪٽي هلندا هئا ۽
سندس ئي حڪم تي هو منزل ڪندا هئا. جيستائين ڪڪر مقدس
خيمي جي مٿان رهندو هو تيستائين هو اُتي منزل ڪري ويٺا هوندا
هئا. 19 جڏهن ڪڪر مقدس خيمي جي مٿان گهڻن ڏينهن تائين بيهي
رهندو هو تڏهن بني اسرائيل خداوند جي حڪم موجب ويٺا رهندا
هئا ۽ اڳتي منزل ڪٽي ڪين هلندا هئا. 20 ڪڏهن ڪڏهن ڪڪر
مقدس خيمي جي مٿان چند ڏينهن بيهندو هو. بحرحال هو خداوند
جي حڪم موجب ئي منزل ڪري ويهندا هئا ۽ انهيءَ جي ئي حڪم
موجب منزل ڪٽي هلندا هئا. 21 ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪڪر فقط شام
کان وٺي صبح تائين بيهندو هو ۽ جڏهن صبح جو ڪڪر ڪڇي ويندو
هو تڏهن هو منزل ڪٽي هلندا هئا. ڏينهن جو توڙي رات جو، جنهن
بہ وقت ڪڪر ڪڇندو هو، انهيءَ وقت هو منزل ڪٽي هلندا هئا.
22 جيستائين ڪڪر مقدس خيمي جي مٿان بيٺو هوندو هو، پوءِ بہ
ڏينهن هجن يا هڪ مهينو هجي يا انهيءَ کان وڌيڪ عرصو هجي،
تيستائين بني اسرائيل منزل ڪري ويٺا هوندا هئا ۽ روانا ڪين ٿيندا
هئا. پر جڏهن اهو ڪڇندو هو تڏهن اهي منزل ڪٽي روانا ٿيندا هئا.
23 مطلب تہ خداوند جي حڪم تي هو منزل ڪندا هئا ۽ خداوند جي
ئي حڪم تي هو منزل ڪٽي روانا ٿيندا هئا. خداوند جو حڪم جيڪو
موسيٰ جي معرفت کين ملندو هو سو هو مڃيندا هئا.

## چانديءَ جا توتارا

10 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”تون پنهنجي لاءِ گهڙيل
چانديءَ جا ٻہ توتارا ٺهراءِ، تہ جيئن اهي قوم کي سڏڻ
۽ منزل جي ڪڇي هلڻ لاءِ ڪم ۾ آڻي سگهين. 3 جڏهن اهي ٻيئي
وڄايا وڃن تڏهن سڄي قوم مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي
آڏو تو وٽ اچي گڏ ٿئي. 4 پر جڏهن فقط هڪڙو توتارو وڄايو وڃي

9:1–5 خر 12:1–13   9:12 خر 12:46، يو 19:36

تڏهن رڳو اڳواڻ يعني بني اسرائيل جي قبيلن جا سردار اچي تو وٽ
گڏ ٿين. 5 جڏهن انهيءَ مان وڏي زور سان آواز ڪڍيو وڃي تڏهن
خيمي‌گاهه ۾ اڀرندي پاسي وارا منزل‌انداز قبيلا منزل ڪٽي هلن.
6 جڏهن ٻيو ڀيرو انهيءَ مان وڏي زور سان آواز ڪڍيو وڃي تڏهن
خيمي‌گاهه ۾ ڏکڻ پاسي وارا منزل‌انداز قبيلا منزل ڪٽي هلن. سو
وڏي زور سان آواز منزل ڪٽي هلڻ لاءِ ڪڍيا ويندا. 7 پر جڏهن قوم
کي گڏ ڪرڻو هجي تڏهن انهيءَ مان مختلف آواز ڪڍيو وڃي.
8 هارون جا پٽ، جيڪي ڪاهن آهن سي اهي توتارا وڄائين. اهو
ئي قانون اوهان ۽ اوهان جي سڀني پيڙهين لاءِ هميشه قائم رهندو.
9 جڏهن اوهين پنهنجي ملڪ ۾، پنهنجي دشمنن سان جنگ ڪرڻ
لاءِ نڪرو جنهن اوهان کي ستايو هجي، تڏهن اوهين توتارن مان
وڏي زور سان آواز ڪڍجو. پوءِ آءٌ خداوند اوهان جو خدا اوهان
تي نظر ڪندس ۽ اوهان کي اوهان جي دشمنن کان بچائيندس.
10 اوهين پنهنجي خوشيءَ جي وقت، پنهنجن مقرر ٿيل عيدن تي ۽
نئين چنڊ جي ڏهاڙن تي، پنهنجين ساڙڻ وارين قربانين ۽ سلامتيءَ
وارين قربانين تي توتارا وڄائجو. اهي مون خداوند جي حضور ۾
اوهان کي ياد رکڻ جو سبب بڻبا. آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان.“

## سينا کان روانگيءَ جي تياري

11 بني اسرائيل جي مصر ڇڏڻ کان پوءِ ٻئي سال جي ٻئي مهيني
جي ويهين تاريخ تي مقدس خيمي، جنهن ۾ عهد واريون تختيون
رکيل آهن، تنهن تان ڪڪر مٿي کڄي ويو. 12 تڏهن بني اسرائيل
سينا جي بيابان مان منزل ڪٽي پنهنجي سفر تي نڪتا. اهو ڪڪر
فاران جي بيابان ۾ اچي بيٺو.
13 هو موسيٰ جي معرفت مليل، خداوند جي حڪم موجب پهريون
ڀيرو هن طرح منزل ڪٽي هليا: 14 سڀ کان پهريائين يهوداه جي
منزل‌گاهه جي نشان وارا ٽي قبيلا پنهنجي پنهنجي جهنڊي هيٺ
اڳتي هليا. عميناداب جو پٽ نحسون انهن جو سردار هو. 15 بني
اِسڪار جي قبيلي جو سردار صوعر جو پٽ نتن‌ايل هو 16 ۽ بني
زبولون جي قبيلي جو سردار حيلون جو پٽ الياب هو. 17 پوءِ جڏهن
مقدس خيمي کي لاٿو ويو ته بني گيرشون ۽ بني مراري خيمو کڻي
اڳتي روانا ٿيا.
18 ان کان پوءِ بني روبن جي منزل‌گاهه جي نشان وارا ٽي
قبيلا پنهنجي پنهنجي جهنڊي هيٺ اڳتي هليا. شديئور جو پٽ
اليصور انهن جو سردار هو. 19 بني شمعون جي قبيلي جو سردار
صوري‌شديءَ جو پٽ شلومي‌ايل هو 20 ۽ بني گد جي قبيلي جو
سردار دعوايل جو پٽ الياسف هو. 21 پوءِ بني قهات پاڪ شيون
کڻي اڳتي روانا ٿيا. انهن جي ٻي منزل تي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي
خيمو کڙو ڪري ڇڏيو ويندو هو.
22 تنهن بعد بني افرائيم جي منزل‌گاهه جي نشان وارا ٽي قبيلا
پنهنجي پنهنجي جهنڊي هيٺ اڳتي هليا. عميهود جو پٽ اليشمع
انهن جو سردار هو. 23 بني منسيءَ جي قبيلي جو سردار فداهصور
جو پٽ گملي‌ايل هو 24 ۽ بني بنيامين جي قبيلي جو سردار گدعونيءَ
جو پٽ ابيدان هو.
25 آخر ۾ دان جي منزل‌گاهه جيڪا سڀني منزل‌گاهن جي پٺين
لشڪر جي حيثيت ۾ هئي، تنهن جي نشان وارا ٽي قبيلا پنهنجي
پنهنجي جهنڊي هيٺ اڳتي هليا. عميشديءَ جو پٽ احيعزر انهن
جو سردار هو. 26 بني آشر جي قبيلي جو سردار عڪران جو پٽ
فجعي‌ايل هو 27 ۽ بني نفتاليءَ جي قبيلي جو سردار عينان جو پٽ
احيرع هو. 28 جڏهن به بني اسرائيل منزل ڪٽي روانا ٿيندا هئا، تڏهن
انهيءَ ئي ترتيب سان هلندا هئا.
29 موسيٰ پنهنجي سهري يٿروءَ جي پٽ حوباب کي چيو ته ”اسين
انهيءَ هنڌ ڏانهن وڃڻ وارا آهيون جنهن بابت خداوند فرمايو هو
ته ’آءٌ اهو اوهان کي ڏيندس.‘ هن بني اسرائيل کي خوشحال
ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي. سو تون اسان سان هل ۽ اسين تو کي
ان خوشحاليءَ ۾ پاڻ سان ڀاڱي ڀائيوار ڪنداسون.“ 30 تنهن تي
حوباب ورندي ڏيئي چيس ته ”آءٌ ڪين هلندس، بلڪ آءٌ پنهنجي
وطن ويندس جتي منهنجا مٽ‌مائٽ آهن.“ 31 پر موسيٰ چيس ته
”مهرباني ڪري اسان کي ڇڏي نه وڃ، ڇالاءِ‌جو تون ڄاڻين ٿو ته
هن بيابان ۾ اسان کي ڪٿي ڪٿي منزلون ڪرڻ گهرجن. تون اسان
کي هڪ سونهين جو ڪم ڏيئي سگهين ٿو. 32 جيڪڏهن تون اسان
سان هلندين ته خداوند جي ڏنل برڪتن ۾ اسين تو کي پاڻ سان
ڀاڱي ڀائيوار ڪنداسين.“

## روانگي

33 سو هو خداوند جي جبل کان روانا ٿيا ۽ ٽي ڏينهن پنڌ ڪيائون.
خداوند جي عهد واري صندوق اهي ٽيئي ڏينهن انهن جي واسطي
آرام ڪرڻ جي جاءِ ڳولهڻ لاءِ سندن اڳيان پئي هلي. 34 جڏهن هو
منزل‌گاهه مان روانا ٿي ٿيا، تڏهن هر دفعي خداوند جو ڪڪر ڏينهن
جو سندن مٿان ٿي رهيو. 35 جڏهن عهد واري صندوق رواني ٿيندي
هئي، تڏهن موسيٰ چوندو هو ته ”اي خداوند! اُٿ، ته تنهنجا دشمن
ڇڙوڇڙ ٿي وڃن ۽ جيڪي تو سان ڪينو رکن ٿا سي تنهنجي اڳيان
ڀڄي وڃن.“ 36 جڏهن اها بيهندي هئي تڏهن هو چوندو هو ته ”اي
خداوند! هزارين بلڪ لکين بني اسرائيل وارن ۾ موٽي اچ.“

## تعبيره جي هنڌ تي خدا جو باهه موڪلڻ

11 1 ماڻهو پنهنجين تڪليفن بابت خداوند سان شڪايتون
ڪرڻ لڳا. جڏهن خداوند هي ٻڌيون تڏهن ڏاڍو غصي ٿيو

17:10 ڳا 4:21–33    21:10 ڳا 1:4–20    35:10 زب 1:68

۽ انهن مٿان باهہ موڪليائين. اها انهن ۾ ٻرڻ لڳي ۽ خيمي گاهہ
جي ٻاهرئين پاڱي مان ڪجهہ حصو ساڙي ڇڏيائين. 2 تڏهن ماڻهن
موسيٰ وٽ اچي دانهون ڪيون. موسيٰ خداوند کان دعا گهري ۽
باهہ وسامي ويئي. 3 سو انهيءَ هنڌ جو نالو *تعبيره رکيو ويو،
ڇالاءِجو خداوند جي باهہ منجهن ٻرڻ لڳي هئي.

## موسيٰ جو ستر مددگار اڳواڻن کي چونڊڻ

4 انهن ۾ جيڪي بدمعاش ماڻهو گڏيل هئا، سي گوشت کائڻ
جون اجايون سڌون ڪرڻ لڳا. انهيءَ ڪري بني اسرائيل وري بہ
روئڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ ”ڪير اسان کي کائڻ لاءِ گوشت ڏيندو؟
5 اسان کي اها مڇي ياد ٿي اچي جا اسين مصر ۾ مفت کائيندا
هئاسين. اُتي جا ونگا، گدرا، گندنائون، بصر ۽ ٿوم پڻ اسان کي
ياد ٿا پون. 6 پر هاڻ تہ اسان جي بک ئي مري ويئي آهي، هتي تہ
اسين هن مَنَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿا ڏسون.“
7 اها مَنَ سڪل ڌاڻن جهڙي هئي ۽ موتين وانگر ڏسڻ ۾ ٿي آئي.
8-9 رات جو جڏهن خيمي گاهہ تي ماڪ پوندي هئي، تڏهن انهيءَ
سان گڏ مَنَ بہ ڪرندي هئي. صبح جو ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن
وڃي اها ميڙي گڏ ڪندا هئا، پوءِ انهيءَ کي جنڊ ۾ پيهندا هئا يا
اُکرين ۾ ڪُٽيندا هئا. هو انهيءَ کي ديڳڙين ۾ اوٻاري انهيءَ مان
مانيون پچائيندا هئا. انهيءَ جو سواد زيتون جي تيل ۾ پچايل مانيءَ
جهڙو هو. 10 جڏهن موسيٰ هر هڪ گهراڻي جي سڀني ماڻهن کي
پنهنجن تنبن جي درن تي روئندي ڏٺو، جنهن سبب خداوند بہ مٿن
تمام گهڻو اچي ڪاوڙيو، تڏهن موسيٰ کي سندن اها ڳالهہ بري
لڳي. 11 سو هن خداوند کي چيو تہ ”تو پنهنجي ٻانهي کي ڇو
تڪليف ۾ وڌو آهي؟ ڇو تو مون تي رحم جي نظر ڪانہ ڪئي، جو
هن ساريءَ قوم جو بار مون تي رکيو اٿيئي؟ 12 ڇا هي سڀ ماڻهو
منهنجي پيٽ ۾ پيل هئا ۽ مون کين ڄڻيو آهي؟ تون مون کي ائين
ڇو ٿو چوين تہ جيئن ڪا دائي کيرپياڪ ٻار کي کڻندي آهي تيئن
آءٌ هنن کي پنهنجيءَ هنج ۾ کڻي انهيءَ ملڪ ۾ وٺي وڃان، جنهن
بابت تو هنن جي ابن ڏاڏن سان قسم کنيو آهي؟ 13 هو ميڪن ٿا پيا
۽ چون ٿا تہ 'اسان کي گوشت ڏي تہ اسين کائون.' ڀلا آءٌ هيترن
ماڻهن لاءِ گوشت ڪٿان آڻيان؟ 14 آءٌ هنن سڀني ماڻهن جو بار نہ ٿو
کڻي سگهان. اهو منهنجي وس کان ٻاهر آهي. 15 جيڪڏهن تو کي
مون سان اهڙي ئي هلت ڪرڻي آهي تہ پوءِ مون تي رحم فرمائي
مون کي هڪدم ماري ڇڏ، تہ جيئن آءٌ پنهنجي مصيبت نہ ڏسان.“
16 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”بني اسرائيل قوم مان
اهڙا ستر ڄڻا چونڊي ڪڍ، جن کي تون معزز ۽ مکيہ اڳواڻ طور
ڄاڻين ٿو. انهن کي مون خدا سان ملاقات واري خيمي وٽ وٺي
اچ ۽ کين پاڻ سان گڏ بيهار. 17 آءٌ لهي اتي تو سان ڳالهائيندس ۽
تو ۾ جيڪو روح آهي، تنهن مان ڪجهہ کڻي انهن ۾ وجهندس.
پوءِ امت جو بار کڻڻ ۾ اهي تنهنجي مدد ڪندا، انهيءَ لاءِ تہ تو
اڪيلي کي اهو نہ کڻڻو پوي. 18 تون بني اسرائيل جي ماڻهن کي
چئُہ تہ هو سڀاڻي جي لاءِ پاڻ کي پاڪ ڪن، کائڻ لاءِ کين گوشت
ملندو. جيئن تہ مون خداوند کين ميڪندي ۽ اهو چوندي ٻڌو آهي
تہ 'ڪير اسان کي کائڻ لاءِ گوشت ڏيندو، هتي کان تہ مصر ۾
اسان جو حال چڱو هو.' تنهنڪري آءٌ خداوند کين گوشت ڏيندس
۽ هو اهو کائين. 19 اهو هنن کي نہ رڳو هڪڙو يا ٻہ ڏينهن، يا
پنج ڏينهن، يا ڏهہ ڏينهن، يا ويهہ ڏينهن کائڻ لاءِ ملندو، 20 بلڪ
سڄو مهينو ملندن، جيستائين اهو سندن ناسن مان نڪري ۽ انهيءَ
کان سندن دل ڪچي ٿيڻ لڳي، ڇالاءِجو هنن مون خداوند کي رد
ڪيو آهي جو هنن منجهہ آهيان ۽ منهنجي اڳيان ميڪندي چيو اٿن
تہ 'اسين ڇو مصر مان نڪري آياسين.'“
21 تڏهن موسيٰ چيو تہ ”هي ماڻهو جن ۾ آءٌ آهيان، سي ڇهہ لک
پيادا آهن ۽ تون چوين ٿو تہ 'آءٌ کين سڄو مهينو کائڻ لاءِ گوشت
ڏيندس.' 22 ڇا هنن جي پورائي لاءِ رڍون ٻڪريون ۽ ڍور ڍڳا ذبح
ڪيا ويندا؟ يا هنن جي لاءِ سمنڊ جي سموري مڇي گڏ ڪئي ويندي
جا کائي هو ڍءُ ڪندا؟“ 23 تنهن تي خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ
”ڇا مون خداوند جو هٿ ننڍو ٿي ويو آهي؟ هاڻ تون ڏسندين تہ
جيڪي مون تو کي چيو آهي سو پورو ٿئي ٿو يا نہ.“
24 ان کان پوءِ موسيٰ ٻاهر نڪري ويو ۽ جيڪي خداوند چيو هوس
سو ماڻهن کي ٻڌايائين. هن قوم جي اڳواڻن مان ستر ڄڻا گڏ ڪيا
۽ انهن کي مقدس خيمي جي چوڌاري بيهاريائين. 25 پوءِ خداوند
ڪڪر ۾ هيٺ لٿو ۽ ساڻس ڳالهايائين. موسيٰ ۾ جيڪو روح هو
تنهن مان ڪجهہ کڻي انهن ستر اڳواڻن ۾ وڌائين. جڏهن انهن ۾
روح آيو تڏهن هو نبين جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا، پر انهيءَ کان
پوءِ وري ائين نہ ڪيائون.
26 مگر جيئن تہ انهن مان ٻہ ڄڻا خيمي گاهہ ۾ ئي رهجي ويا
هئا، جن مان هڪڙي جو نالو الداد هو ۽ ٻئي جو ميداد هو. انهن جا
نالا اڳواڻن جي لسٽ ۾ لکيا ويا هئا پر هو ٻاهر مقدس خيمي ڏانهن
ڪونہ آيا هئا. تنهن هوندي بہ روح انهن ۾ آيو ۽ اهي بہ خيمي گاهہ
۾ ئي نبين جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. 27 تڏهن هڪڙي جوان ماڻهوءَ
ڊوڙي وڃي موسيٰ کي ٻڌايو تہ ”الداد ۽ ميداد خيمي گاهہ ۾ نبين
جهڙيون ڳالهيون پيا ڪن.“ 28 تنهن تي نون جو پٽ يشوع جيڪو
جوانيءَ کان وٺي موسيٰ جو نوڪر هو، تنهن چيو تہ ”اي منهنجا
آقا موسيٰ! انهن کي منع ڪريو.“

*تعبيره: هن نالي جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”ٻرڻ“.

8–7:11 خر 31:16    9–8:11 خر 13:16–15

29 پر موسيٰ وراڻيس تہ ”تو کي مون لاءِ غيرت ٿي اچي ڇا؟ آءٌ
چاهيان ٿو تہ خداوند جا سڀيئي ماڻهو نبي ٿي پون ۽ خداوند پنهنجو
روح انهن تي بہ نازل ڪري.“ 30 پوءِ موسيٰ ۽ بني اسرائيل جا اڳواڻ
خيمي گاهہ ڏانهن موٽيا.

## خداوند جو ٻٽيرا موڪلڻ

31 تڏهن خداوند هڪڙو طوفان موڪليو، جنهن سمنڊ واري پاسي
کان ٻٽيرا گهلي آندا جيڪي زمين کان اٽڪل هڪ ميٽر تائين پئي
اُڏاميا. اهي خيمي گاهہ ۾ ۽ خيمي گاهہ جي چوڌاري ڪيترن ئي
ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ڦهليا پيا هئا. 32 تڏهن ماڻهو اٿيا، اهو سارو
ڏينهن ۽ ساري رات ۽ ورندو سارو ڏينهن ٻٽيرا پڪڙي گڏ ڪيائون.
جنهن تمام ٿورا گڏ ڪيا تنهن بہ اٽڪل هڪ هزار ڪلوگرام گڏ
ڪيا. پوءِ هنن انهن کي پنهنجي خيمي گاهہ جي آس پاس سڪائڻ
لاءِ پکيڙي ڇڏيو. 33 جڏهن اهو گوشت اڃا سندن ڏندن جي وچ ۾
هو ۽ اهو اڃا چٻيو ئي ڪين هئائون، تہ خداوند کي ماڻهن تي ڏاڍي
ڪاوڙ آئي ۽ هن ماڻهن کي سخت وبا سان ماري ڇڏيو. 34 سو انهيءَ
هنڌ جو نالو ”سَدَّ جون قبرون“ رکيو ويو، ڇالاءِجو اتي انهن ماڻهن
کي دفن ڪيائون جن گوشت جي اجائي سَدَّ ڪئي هئي. 35 پوءِ ماڻهو
اتان روانا ٿيا ۽ حصيرات ۾ اچي منزل ڪري رهي پيا.

## مريم کي سزا

12 1 موسيٰ ڪوش ملڪ جي هڪڙي عورت سان شادي ڪئي
هئي. سو ان ڪوشي عورت جي سبب مريم ۽ هارون موسيٰ
جي خلاف ڳالهائڻ لڳا. 2 هنن چيو تہ ”ڇا خداوند رڳو موسيٰ سان
ئي ڳالهايو آهي؟ ڇا هن اسان سان پڻ نہ ڳالهايو آهي؟“ جيڪي
هنن چيو سو خداوند کي ڪين وڻيو، 3 ڇوتہ دنيا جي سڀني ماڻهن
کان وڌيڪ موسيٰ سندس تابعدار هو. 4 سو خداوند اوچتو موسيٰ،
هارون ۽ مريم کي چيو تہ ”اوهين ٽيئي مون خدا سان ملاقات واري
خيمي وٽ نڪري اچو.“ تڏهن اهي ٽيئي ڄڻا نڪري مقدس خيمي
وٽ آيا. 5 پوءِ خداوند ڪڪر جي ٿنڀي ۾ هيٺ لٿو. هو خيمي جي
در تي اچي بيٺو ۽ هارون ۽ مريم کي سڏيائين. جڏهن هو ٻئي اڳتي
وڌيا تہ 6 ڪين چيائين تہ ”هاڻي منهنجي ڳالهہ ٻڌو. جيڪڏهن
اوهان ۾ ڪو نبي هوندو تہ آءٌ خداوند رويا ۾ انهيءَ تي ظاهر ٿيندس
۽ خواب ۾ انهيءَ سان ڳالهائيندس. 7 پر آءٌ پنهنجي ٻانهي موسيٰ
سان ائين نہ ڳالهائيندو آهيان. اهو ئي تہ منهنجي سڄي گهراڻي ۾
امانتدار آهي. 8 آءٌ انهيءَ سان ڳجهارتن ۾ نہ بلڪ روبرو ۽ کليو
کلايو ڳالهائيندو آهيان، بلڪ هو تہ منهنجو روپ بہ ڏسندو آهي.
تہ پوءِ ڇو اوهين منهنجي ٻانهي موسيٰ جي خلاف ڳالهائڻ کان نہ
ٿي ڊنا؟“

9 خداوند کي انهن تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، سو هو اتان هليو ويو.
10 سندس وڃڻ سان ئي اهو ڪڪر خيمي تان هٽي ويو تڏهن مريم
کوڙهہ جهڙي بيماريءَ سان بلڪل اڇي ٿي ويئي. جڏهن هارون
مريم ڏانهن نهاريو تہ ڇا ڏسي تہ هوءَ کوڙهہ جهڙي بيماريءَ
۾ ورتجي ويئي آهي. 11 تڏهن موسيٰ کي چيائين تہ ”اي منهنجا
سائين! مهرباني ڪري اسان کان انهيءَ گناهہ جي سزا نہ لوڙاءِ
جيڪو اسان بيعقليءَ جي ڪري ڪيو آهي. 12 مريم کي ان مئل ٻار
وانگر ٿيڻ نہ ڏي، جنهن جو بت سندس ماءُ جي پيٽ مان نڪرڻ
وقت اڌ سڙيل ڳريل هجي.“
13 تڏهن موسيٰ خداوند کي پڪاري چيو تہ ”اي خداوند! آءٌ تو
کي منٿ ٿو ڪريان تہ هن کي چڱو ڀلو ڪر.“
14 خداوند موسيٰ کي جواب ڏنو تہ ”جيڪڏهن هن جو پيءُ هن
جي منهن تي رڳو ٿڪ ئي اڇلائي ها تہ ڇا هوءَ ستن ڏينهن تائين
خوار نہ رهي ها؟ سو هاڻي ستن ڏينهن تائين هوءَ خيمي گاهہ کان
ٻاهر رهي، پوءِ ڀلي اندر اچي.“ 15 سو مريم ست ڏينهن خيمي گاهہ
کان ٻاهر رهي. جيستائين مريم موٽي اندر نہ آئي تيستائين ماڻهو
اتان روانا ڪونہ ٿيا.
16 تنهن کان پوءِ ماڻهو حصيرات مان روانا ٿيا ۽ فاران جي بيابان
۾ وڃي تنبو کوڙيائون.

## ڪنعان جو حال احوال معلوم ڪرڻ

(شريعت جو دور 19:1–33)

13 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”تون ڪي ماڻهو موڪلي
ڪنعان جي ملڪ جو حال احوال معلوم ڪر، جيڪو ملڪ
آءٌ بني اسرائيل کي ڏيڻ وارو آهيان. انهيءَ ڪم لاءِ ٻارهن ئي قبيلن
مان هڪ هڪ اڳواڻ موڪل.“ 3 سو موسيٰ خداوند جي حڪم جي
تعميل ڪئي ۽ فاران جي بيابان مان بني اسرائيل جي ٻارهن ئي
قبيلن جا هي اڳواڻ موڪليائين: 4 روبن قبيلي جو اڳواڻ شموع
ولد زڪور، 5 شمعون قبيلي جو اڳواڻ شافط ولد حوري، 6 يهوداه
قبيلي جو اڳواڻ ڪالب ولد يفنہ، 7 اِسڪار قبيلي جو اڳواڻ اجال
ولد يوسف، 8 يوسف جي پٽ افرائيم جي قبيلي جو اڳواڻ هوشيع
ولد نون، 9 بنيامين قبيلي جو اڳواڻ فلتي ولد رافو، 10 زبولون قبيلي
جو اڳواڻ گدي ايل ولد سودي، 11 يوسف جي پٽ منسيءَ جي قبيلي
جو اڳواڻ گدي ولد سوسي، 12 دان قبيلي جو اڳواڻ عمي ايل ولد
گملي، 13 آشر قبيلي جو اڳواڻ ستور ولد ميڪايل، 14 نفتالي قبيلي
جو اڳواڻ نحبي ولد وفسي، 15 ۽ گد قبيلي جو اڳواڻ گيوايل ولد
ماڪي. 16 اِهي آهن اُهي ماڻهو جن کي موسيٰ ملڪ ڪنعان جو
حال احوال معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو. موسيٰ نون جي پٽ هوشيع جو
نالو بدلائي يشوع رکيو.

---

7:12 عبر 2:3    14:12 ڳا 2:5–3

17 موسيٰ کين موڪلڻ وقت چيو تہ ”هتان کان اتر طرف وڃي
ڪنعان ملڪ جي ڏاکڻي علائقي ۾ داخل ٿيو، جيڪو جابلو علائقو
آهي. 18 وڃي معلوم ڪريو تہ اهو ملڪ ڪهڙي قسم جو آهي،
منجهس ڪيترا ماڻهو رهن ٿا، اهي سگهارا آهن يا ڪمزور.
19 معلوم ڪريو تہ جتي هو رهن ٿا اهو ملڪ چڱو آهي يا خراب،
هو کليل شهرن ۾ رهن ٿا يا مضبوط ڪوٽن ۾. 20 معلوم ڪريو تہ
اها زمين ڪهڙي قسم جي آهي، ڀلي آهي يا ناقص، منجهس وڻ
آهن يا نہ.“ جيئن تہ انهيءَ وقت انگورن جي پچڻ جي مند هئي،
سو موسيٰ چين تہ ”اوهين همت ڪري انهيءَ ملڪ جي ميون مان
ڪجهہ کڻي اچجو.“

21 پوءِ هو اتان اتر طرف روانا ٿيا ۽ ڪنعان ملڪ جي ڏاکڻي
علائقي صين جي بيابان کان وٺي ملڪ جي اتر طرف رحوب تائين
جيڪو حمات لڪ جي ويجهو آهي، سڄي ملڪ جو حال احوال معلوم
ڪيائون. 22 پهريائين هو ملڪ جي ڏاکڻي پاسي کان ٿيندا حبرون ۾
آيا جتي عناق جو اولاد يعني احيمن، شيشي ۽ تلمي رهندا هئا.
حبرون، مصر جي شهر صعن کان ست سال اڳي ٻڌو ويو هو. 23 پوءِ
هو هڪڙي برساتي نهر وٽ آيا ۽ اتان انگورن جي هڪڙي ٽاري
وڍيائون، جنهن ۾ انگورن جو هڪڙو ئي ڇڳو هو. اها ٽاري لٺ ۾
وجهي ٻہ ڄڻا کڻي هليا. هنن ڪجهہ ڏاڙهون ۽ انجير بہ پاڻ سان
کنيا. 24 انهيءَ انگورن جي ڇڳي جي سببان جيڪو بني اسرائيل
اتان وڍيو هو، انهيءَ برساتي نهر جو نالو *اِشڪال نهر پئجي ويو.
25–26 هو انهيءَ ملڪ جو حال احوال معلوم ڪري چاليهن ڏينهن
کان پوءِ فاران جي بيابان ۾ قادش شهر منجهہ موسيٰ، هارون ۽ بني
اسرائيل قوم وٽ موٽي آيا. انهن کين اتي جو سمورو حال احوال ڏنو
۽ جيڪو ميوو آندو هئائون سو کين ڏيکاريائون. 27 انهن موسيٰ کي
چيو تہ ”جنهن ملڪ ۾ توهان اسان کي اتي جو حال احوال معلوم
ڪرڻ لاءِ موڪليو هو، انهيءَ ۾ اسين وياسين. سچ پچ تہ اهو ملڪ
تمام آسودو ۽ خوشحال آهي ۽ هي انهيءَ جو ميوو آهي. 28 پر جيڪي
ماڻهو اتي رهن ٿا سي ڏاڍا زورآور آهن ۽ انهن جا شهر تمام وڏا ۽
ڪوٽن وارا آهن. اسان اتي عناق جو اولاد بہ ڏٺو. 29 انهيءَ ملڪ
جي ڏکڻ ۾ عماليقي ٿا رهن. حتي، يبوسي ۽ اموري جابلو علائقي
۾ ٿا رهن. يونوچ سمنڊ واري پاسي ۽ اردن درياءَ جي ڪناري سان
ڪنعاني ٿا رهن.“

30 تڏهن ڪالب موسيٰ جي روبرو ماڻهن کي ماٺ ڪرائي چيو تہ
”هلو تہ هڪدم هلي اهو ملڪ هٿ ڪريون، ڇالاءِ جو اسان ۾ ايتري
سگهہ آهي جو اهو پنهنجي قبضي ۾ ڪري سگهون.“ 31 پر جيڪي
ماڻهو هن سان گڏ ويا هئا تن چيو تہ ”نہ، اسان ۾ ايتري سگهہ
ناهي جو انهن تي حملو ڪري سگهون، ڇوتہ اهي اسان کان وڌيڪ
زورآور آهن.“ 32 هو جنهن ملڪ جو حال احوال معلوم ڪري آيا هئا،
تنهن بابت بني اسرائيل ۾ هڪڙي ڪوڙي خبر ڦهلائي ڇڏيائون.
چيائون تہ ”انهيءَ ملڪ ۾ تہ اتي جي رهاڪن لاءِ ئي ٻاهہ ٻري
پيئي آهي. جيڪي ماڻهو اتي اسان ڏٺا، سي سڀ ڏاڍا قداور آهن.
33 اسان اتي راڪاس بہ ڏٺا جيڪي عناق جو اولاد هئا. اسين انهن
جي اڳيان پنهنجي نظر ۾ تڏين جهڙا هئاسين ۽ انهن جي نظر ۾ بہ
اهڙا ئي هئاسين.“

## ماڻهن جي شڪايت

14 1 انهيءَ رات سڄيءَ قوم جا ماڻهو رڙيون ڪري روئندا
رهيا. 2 هو موسيٰ ۽ هارون خلاف شڪايت ڪرڻ لڳا ۽
چيائون تہ ”اسين مصر جي ملڪ ۾ يا وري هن بيابان ۾ ئي مري
وڃون ها تہ چڱو هو. 3 خداوند اسان کي انهيءَ ملڪ ۾ ڇو ٿو
وٺي وڃي؟ اسين تہ جنگ ۾ مارجي ويندا سين ۽ اسان جون زالون
۽ اسان جا ٻار لُٽ جو مال ٿي ويندا. ڇا اسان جي لاءِ اهو بهتر نہ
ٿيندو جو اسين مصر ڏانهن موٽي وڃون؟“ 4 سو هنن هڪ ٻئي کي
چيو تہ ”اچو تہ پنهنجو ڪو اڳواڻ بڻائي موٽي مصر ڏانهن هلون.“
5 تنهن تي موسيٰ ۽ هارون انهن سڀني جي روبرو خداوند اڳيو
منهن ڀر سجدي ۾ ڪري پيا. 6 تڏهن نون جو پٽ يشوع ۽ يفنہ جو
پٽ ڪالب، جيڪي انهيءَ ملڪ جو حال احوال معلوم ڪرڻ وارن مان
هئا، تن پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا. 7 هنن بني اسرائيل جي سڄيءَ
قوم کي چيو تہ ”جنهن ملڪ جو اسان حال احوال معلوم ڪري آيا
آهيون، سو نهايت ئي چڱو ملڪ آهي. 8 جيڪڏهن خداوند اسان تي
راضي هوندو تہ هو ضرور اسان کي اتي پهچائيندو ۽ اهو ملڪ اسان
کي ڏيندو جيڪو آسودو ۽ خوشحال آهي. 9 رڳو، اوهين خداوند جي
خلاف بغاوت نہ ڪريو، نڪي انهيءَ ملڪ جي ماڻهن کان ڊڄو.
هو تہ اسان جو کاڄ آهن. خداوند اسان سان آهي ۽ انهن تان ڇانوَ
کڄي ويئي آهي، سو اوهين انهن کان نہ ڊڄو.“ 10 پر اهي چوڻ لڳا
تہ ”هنن کي سنگسار ڪريو.“ تڏهن اوچتو خداوند جو جلال سڀني
ماڻهن جي روبرو خدا سان ملاقات واري خيمي مٿان ظاهر ٿيو.

## موسيٰ جي دعا

11 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”آخر ڪيستائين هي ماڻهو
منهنجي توهين ڪندا رهندا؟ انهن معجزن جي باوجود بہ، جيڪي
مون منجهن ڪيا آهن، هي ڪيستائين مون تي ايمان نہ آڻيندا؟ 12 آءٌ
منجهن وبا موڪلي کين لاوارث ڪري ڇڏيندس. پر تو مان آءٌ هنن
کان بہ هڪڙي وڏي ۽ زورآور قوم پيدا ڪندس.“

---

*اِشڪال نهر: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”ڇڳي واري نهر“.

33:13 پيد 4:6 9:14 عبر 16:3

13 پر موسىٰ خداوند کي چيو تہ ”تو هنن ماڻھن کي مصر منجھان
پنھنجيءَ طاقت سان ڪڍي ٻاھر آندو آھي. هينئر جڏھن مصري
ٻڌندا تہ تو پنھنجيءَ قوم سان ڇا ڪيو آھي تہ 14 اُھي هن ملڪ
جي رهاڪن کي ٻڌائيندا. انھن ماڻھن ٻڌو آھي تہ تون خداوند اسان
منجھہ آھين ۽ تنھنجو ڪڪر اسان جي مٿان بيھي ٿو ۽ تون ڇٽيءَ
طرح ڏسڻ ۾ بہ اچين ٿو. ان کان علاوه اهو بہ تہ تون ڏينھن جو
ڪڪر جي ٿنڀي جي صورت ۾ ۽ رات جو باھہ جي ٿنڀي جي صورت
۾ اسان جي اڳيان هلين ٿو. 15 هاڻي جيڪڏھن تون پنھنجيءَ قوم
مان سڀني کي هڪ ئي وقت ماري ڇڏيندين تہ جن قومن تنھنجي
ناموس ٻڌي آھي سي چونديون تہ 16 ’خداوند پنھنجي قوم کي
انھيءَ ملڪ ۾ پھچائي نہ سگھيو، جنھن جي ڏيڻ جو ساڻن واعدو
ڪيو هئائين، تنھنڪري ڪين بيابان ۾ ئي ماري ڇڏيائين.‘ 17 سو
هاڻي اي منھنجا رب! آءٌ تو کي منٿ ٿو ڪريان تہ پنھنجي عظيم
قدرت ڏيکار، جيئن تو فرمايو آھي تہ 18 ’آءٌ خداوند ڪاوڙ ڪرڻ
۾ ڍرو ۽ لافاني شفقت سان ڀرپور آھيان. آءٌ بڇڙائي ۽ بغاوت جو
معاف ڪندڙ آھيان، تنھن هوندي بہ ڏوھارين کي آءٌ انصاف کان
ڀڄي نڪرڻ نہ ڏيندس. ابن ڏاڏن جي بدڪارين جي سزا آءٌ انھن
جي اولاد کي ٽين ۽ چوٿين پيڙھيءَ تائين ڏيندو آھيان.‘ 19 هاڻ اي
خداوند! آءٌ تو کي منٿ ٿو ڪريان تہ تون پنھنجي واعدي ڪيل
گھڻي شفقت موجب هن قوم جي بڇڙائي معاف ڪر، جھڙيءَ طرح
تو مصر کان وٺي اڄ ڏينھن تائين ڪين معاف ڪيو آھي.“

20 تڏھن خداوند وراڻيو تہ ”مون تنھنجي چوڻ موجب ڪين معافي
ڏني. 21 پر آءٌ جيئرو خداوند پنھنجي انھيءَ جلال جو قسم کڻي
چوان ٿو جنھن سان سڄي ڌرتي ڀرپور ٿيندي، 22 تہ هنن ماڻھن مان
ڪوبہ پنھنجي حياتيءَ ۾ اهو ملڪ نہ ڏسندو. هنن منھنجو جلال
۽ منھنجا معجزا، جيڪي مون مصر ۽ بيابان ۾ ڪيا سي ڏٺا آھن،
تڏھن بہ مون کي هڪ دفعو نہ پر ڏھہ دفعا آزمايو اٿن، پوءِ بہ
منھنجي ڳالھہ نہ مڃي اٿائون. 23 سو جنھن ملڪ جي ڏيڻ جو
مون انھن جي ابن ڏاڏن سان واعدو ڪيو هو، سو اهي هرگز نہ
ڏسندا. نڪي انھن مان ڪو اهو ملڪ ڏسندو جن منھنجي توھين
ڪئي آھي. 24 پر منھنجو ٻانھو ڪالب جنھن جو روح ٻئي قسم جو
آھي ۽ پوريءَ طرح منھنجي فرمانبرداري ڪئي اٿائين، تنھن کي آءٌ
انھيءَ ملڪ ۾ وٺي ويندس جنھن ۾ هو حال احوال معلوم ڪرڻ لاءِ
ويو هو ۽ اهو ملڪ سندس اولاد جي ميراث ٿيندو. 25 هاڻي جيئن
تہ عماليقي ۽ ڪنعاني ماٿرين ۾ رهن ٿا، سو سڀاڻي اوھين پوئتي
موٽو ۽ ڳاڙھي سمنڊ واري رستي کان بيابان ڏانھن هليا وڃو.“

## خداوند جو ماڻھن کي سزا ڏيڻ

26 خداوند موسىٰ ۽ هارون کي فرمايو تہ 27 ”هيءَ بڇڙي قوم
جيڪا منھنجي خلاف شڪايتون ڪري ٿي، تنھن کي آءٌ ڪيستائين
برداشت ڪريان؟ بني اسرائيل منھنجي خلاف جيڪي شڪايتون ڪن
ٿا سي سڀ مون ٻڌيون آھن. 28 هاڻي انھن کي مون خداوند جو هي
فرمان ٻڌائي ڇڏيو تہ ’آءٌ جيئرو خداوند قسم کڻي چوان ٿو تہ آءٌ بہ
اوھان سان اهو ئي ڪجھہ ڪندس جيڪي مون اوھان کي گھرندي
ٻڌو آھي. 29 اوھان جا لاشا هن بيابان ۾ پيا رلندا، ڇوتہ اوھان
سڀني منھنجي خلاف شڪايتون ڪيون آھن. سو اوھين ويھن سالن
يا انھيءَ کان مٿي عمر وارا جيڪي بہ شمار ڪيا ويا هئا، 30 تن مان
يفنہ جي پٽ ڪالب ۽ نون جي پٽ يشوع کان سواءِ ڪوبہ انھيءَ
ملڪ ۾ داخل نہ ٿيندو، جنھن بابت مون قسم کڻي چيو هو تہ آءٌ
اوھان کي اُتي رهائيندس. 31 پر اوھان جا ٻار جن جي باري ۾ اوھان
چيو ٿي تہ اهي لُٽ جو مال ٿي ويندا، تن کي آءٌ اتي پھچائيندس.
اهي انھيءَ ملڪ جو قدر ڄاڻيندا جنھن کي اوھان رد ڪيو آھي.
32 باقي اوھان جا لاشا هن ئي بيابان ۾ پيا رلندا. 33 اوھان جا ٻار
چاليھن سالن تائين هن بيابان ۾ پنھنجي رڍن ٻڪرين سان پيا رلندا.
هو اوھان جي بي‌اعتقاديءَ جو ڪيتو پيا لوڙيندا، جيستائين اوھين
سڀ مري کپي وڃو. 34 انھن ڏينھن جي شمار مطابق جن ۾ اوھان
انھيءَ ملڪ جو حال احوال معلوم ڪيو هو، يعني چاليھن ڏينھن
مان هر هڪ ڏينھن جي لاءِ هڪ سال يعني چاليھن سالن تائين
اوھين پنھنجي گناھہ جي سزا ڀوڳيندا. پوءِ اوھان کي خبر پوندي
تہ منھنجو اوھان جي خلاف ٿيڻ ڇا آھي.‘ 35 سو اي موسىٰ! مون
خداوند اهو فرمايو آھي ۽ يقين ڄاڻ تہ هيءَ سڄي بڇڙي قوم جيڪا
هتي منھنجي خلاف گڏ ٿي آھي، تنھن سان آءٌ ائين ئي ڪندس.
هو سڀ هن بيابان ۾ مري ناس ٿي ويندا.“

36 جن ماڻھن کي موسىٰ انھيءَ ملڪ جو حال احوال معلوم ڪرڻ
لاءِ موڪليو هو، تن مان ڪن موٽي اچي انھيءَ زمين بابت خراب
خبر ٻڌائي هئي، جنھن ڪري ئي سڄي قوم خداوند جي خلاف
شڪايتون ڪرڻ لڳي هئي. 37 سو انھن خراب خبر ٻڌائيندڙ ماڻھن
کي خداوند وبا سان ماري ڇڏيو. 38 ملڪ جو حال احوال معلوم ڪرڻ
لاءِ ويل ماڻھن مان رڳو نون جو پٽ يشوع ۽ يفنہ جو پٽ ڪالب ئي
وڃي جيئرا رهيا.

14:13–19 خر 32:11–14   14:18 خر 20:5–6، 34:6–7، شر 5:9–10، 7:9–10   14:21–23 عبر 3:18   14:24 يش 14:9–12
14:29 عبر 3:17   14:33 رس 7:36

## بني اسرائيل جي اجائي ڪوشش

(شريعت جو دور 1:41–46)

39 جڏهن موسيٰ اهي ڳالهيون بني اسرائيل کي ٻڌايون تہ هو
زاروزار روئڻ لڳا. 40 هو صبح جو سوير ئي اٿي ڪنعان جي جابلو
علائقي ڏانهن روانا ٿيندي چوڻ لڳا تہ ”اسين قبول ٿا ڪريون تہ
اسان گناهہ ڪيو آهي. سو هاڻي اسين انهيءَ هنڌ ڏانهن ضرور
وينداسين، جنهن جو خداوند واعدو ڪيو آهي.“
41 پر موسيٰ کين چيو تہ ”اوهين خداوند جي حڪم جي نافرماني
چو ٿا ڪريو. ائين وڃڻ ۾ اوهان کي ڪاميابي حاصل نہ ٿيندي.
42 سو نہ وڃو، ڇالاءِجو خداوند اوهان منجهہ ڪونهي، تنهنڪري
متان پنهنجي دشمنن جي هٿان مارجي وڃو. 43 اُتي عماليقي ۽
ڪنعاني اوهان سان منهن مقابل ٿيندا ۽ اوهين جنگ ۾ مارجي
ويندا. جيئن تہ اوهين خداوند کان ڦري ويا آهيو، تنهنڪري خداوند
اوهان جو ساٿي نہ ٿيندو.“
44 پر هو ضد ڪري انهيءَ جابلو علائقي ڏانهن وڃڻ لڳا، توڙي
جو خداوند جي عهد واري صندوق ۽ موسيٰ ساڻن گڏ خيمي‌گاهہ
کان ٻاهر نہ نڪتا. 45 تڏهن عماليقي ۽ ڪنعاني جيڪي انهيءَ جابلو
علائقي ۾ رهندا هئا، تن هيٺ لهي مٿن حملو ڪيو ۽ حرماہ تائين
کين ماريندا آيا.

## اضافي قربانيون

15 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”تون بني اسرائيل کي
چئُہ تہ ’جيڪو ملڪ آءٌ اوهان کي رهڻ لاءِ ڏيڻ وارو آهيان،
تنهن ۾ پهچي اوهين هن ريت قربانيون ڪندا رهجو. 3 اوهين مون
خداوند جي لاءِ رڍن ٻڪرين يا ڍورن ڍڳن منجهان منهنجي واسطي
وٽندڙ خوشبوءِ پيدا ڪرڻ لاءِ ساڙڻ واري قرباني ڪريو، يا باسيل
قرباني ڪريو، يا پنهنجي خوشيءَ جي قرباني ڪريو، يا پنهنجين
مقرر عيدن تي قرباني ڪريو يا ڪا ٻي ساڙي ويندڙ قرباني ڪريو،
4 تڏهن جيڪو مون خداوند جي لاءِ پنهنجي قرباني پيش ڪري سو
هڪ ڪلوگرام ميدو هڪ ليٽر تيل ۾ ڳنڌي اناج جي قربانيءَ طور
آڻي. 5 هو اوتڻ واري قربانيءَ طور هڪ ليٽر مئي تيار ڪري ۽ اها
هر هڪ گهيٽي پنيان ساڙڻ واري قربانيءَ يا ٻي قربانيءَ سان گڏ ڪٽي
اچي. 6 گهيٽي جي قرباني پيش ڪرڻ وقت ٻہ ڪلوگرام ميدو ڏيڍ
ليٽر تيل ۾ ڳنڌي اناج جي قربانيءَ طور پيش ڪجي 7 ۽ اوتڻ واري
قربانيءَ لاءِ ڏيڍ ليٽر مئي تيار ڪري پيش ڪئي وڃي. اهي قربانيون
مون خداوند جي لاءِ وٽندڙ خوشبوءِ پيدا ڪرڻ واسطي پيش ڪيون
وڃن. 8 جڏهن ڪو ماڻهو ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ يا ڪنهن باس
جي پوري ٿيڻ جي قربانيءَ لاءِ يا سلامتيءَ واري قربانيءَ لاءِ مون
خداوند واسطي ڪو وهڙو تيار ڪري، 9 تڏهن اهو ماڻهو وهڙي سان
گڏ ٽي ڪلوگرام ميدو ٻہ ليٽر تيل سان ڳنڌي اناج جي قربانيءَ طور
آڻي پيش ڪري 10 ۽ ٻہ ليٽر مئي سان ڳنڌي اوتڻ واري قربانيءَ طور
پيش ڪري. اهي ساڙيون ويندڙ قربانيون مون خداوند جي حضور ۾
وٽندڙ خوشبوءِ پيدا ڪرڻ واسطي آڻي پيش ڪري.
11 هر هڪ وهڙي، هر هڪ گهٽي، هر هڪ گهيٽي ۽ هر هڪ ڇيلي
سان اهي ايتريون ئي شيون آنديون وڃن. 12 جڏهن ڪو قرباني ڪندڙ
هڪ کان وڌيڪ جانور آڻي تہ انهن جي شمار موجب انهن سان گڏ
آڻيندڙ شين ۾ اضافو ڪري. 13 جيڪي قوم جا اصلي فرد آهن، سي
سڀ مون خداوند جي حضور ۾ وٽندڙ خوشبوءِ پيدا ڪرڻ واسطي
ساڙي ويندڙ قرباني پيش ڪرڻ وقت ائين ئي ڪن. 14 جيڪڏهن ڪو
ڌاريو جيڪو اوهان ۾ عارضي طور رهي ٿو يا وري جيڪو پيڙهين
کان وٽي رهندو اچي ٿو، سو مون خداوند جي لاءِ وٽندڙ خوشبوءِ
پيدا ڪرڻ واسطي ساڙي ويندڙ قرباني پيش ڪري تہ اهو بہ ائين
ئي ڪري جيئن اوهين ٿا ڪريو. 15 سڄيءَ قوم لاءِ يعني اوهان جي
لاءِ ۽ جيڪو ڌاريو اچي اوهان سان گڏ رهي، تنهن جي لاءِ پيڙهي
بہ پيڙهي اهو ساڳيو ئي قانون آهي. اوهين ۽ اهي ڌاريا مون خدا
جي نظر ۾ هڪجهڙا آهيو. 16 اوهان جي لاءِ ۽ انهن ڌارين جي لاءِ
ساڳيا ئي قاعدا قانون آهن.‘“
17 خداوند موسيٰ کي بني اسرائيل بابت هي حڪم فرمايو تہ
18 ”جڏهن اوهين انهيءَ ملڪ ۾ پهچو، جنهن ۾ آءٌ اوهان کي وٺي
ٿو هلان 19 ۽ انهيءَ ملڪ جي پيداوار کائو تڏهن انهيءَ پيداوار
مان ڪجهہ حصو مون خداوند جي لاءِ پيش ڪندا رهجو. 20 اوهين
پنهنجي پهرين ڳوهيل اٽي مان پهرين ماني پچائي مون خداوند جي
لاءِ نذراني طور پيش ڪجو. نذرانو ائين پيش ڪجو جيئن ڳاهہ جي
پڙ مان اناج وارو نذرانو پيش ڪندا آهيو. 21 اوهين پيڙهي بہ پيڙهي
پنهنجي پهرين ڳوهيل اٽي مان ماني پچائي مون خداوند واسطي
اهو نذرانو پيش ڪندا رهجو.“

## بناارادي گناهن لاءِ قربانيون

22 ”هاڻي جيڪڏهن حڪمن ڏيڻ جي پهرين ڏينهن کان اوهين بني
اسرائيل وارا بناارادي منهنجي سمورن حڪمن مان ڪنهن بہ هڪ
حڪم تي عمل نہ ٿا ڪريو، 23 يا وري اوهان جي ايندڙ سڀني پيڙهين
تائين انهن سڀني حڪمن مان جيڪي مون خداوند موسيٰ جي معرفت
اوهان کي ڏنا آهن، ڪنهن بہ هڪ حڪم تي عمل نہ ٿو ڪيو وڃي،
24 تہ پوءِ جيڪڏهن بي‌خبريءَ ۾ انهن کان بناارادي اها خطا ٿي
هجي تڏهن سڄي قوم مون خداوند جي لاءِ وٽندڙ خوشبوءِ پيدا ڪرڻ
واسطي، هڪڙو وهڙو ساڙڻ واري قربانيءَ لاءِ، قانون مطابق اناج
جي قربانيءَ ۽ اوتڻ واري قربانيءَ سميت آڻي پيش ڪري. انهيءَ

16:15 لاو 22:24

کان سواءِ کين هڪ ٻڪر پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪرڻو
آهي. 25 تنهن بعد ڪاهن سڄيءَ قوم جي لاءِ ڪفارو ادا ڪري ته
پوءِ کين معافي ملندي، ڇالاءِجو اها خطا بناارادي آهي. سو هنن
کي پنهنجي خطا جي لاءِ ساڙي ويندڙ قرباني ۽ پاڪ ٿيڻ واسطي
قرباني مون خداوند جي حضور ۾ پيش ڪرڻي آهي. 26 پوءِ بني
اسرائيل توڙي منجهن رهندڙ ڌارين کي معافي ملندي، ڇالاءِجو
انهيءَ بناارادي خطا ۾ هر ڪو شامل آهي.
27 پر جيڪڏهن ڪو هڪڙو شخص بناارادي گناهه ڪري ويهي ته
پوءِ هو يڪسالي ٻڪري پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪري.
28 ڪاهن ان شخص لاءِ ڪفارو ادا ڪري جنهن بناارادي خطا ڪئي
هجي، ان کان پوءِ کيس معافي ملندي. 29 جيڪو بناارادي ڪا خطا
ڪري ته انهيءَ لاءِ اهو ساڳيو ئي قانون آهي، پوءِ اهو شخص هن
قوم جو اصلي فرد هجي توڙي قوم ۾ شامل ٿيل ڪو ڌاريو هجي.
30 پر جيڪڏهن ڪو ڄاڻيواڻي خطا ڪري، پلي پوءِ اهو قوم جو
اصلي فرد هجي يا قوم ۾ شامل ٿيل ڪو ڌاريو، سو مون خدا
جي توهين ڪري ٿو. اهو شخص بني اسرائيل قوم مان خارج ڪيو
ويندو. 31 جيئن ته هن مون خداوند جي ڪلام کي خسيس ڄاتو ۽
ڄاڻيواڻي منهنجو حڪم ڀڃيائين، سو اهو شخص ضرور خارج ڪيو
ويندو. سندس گناهه سندس ئي سر تي رهندو."

## سبت ٽوڙڻ واري جي سزا

32 هڪ دفعي جڏهن بني اسرائيل اڃا بيابان ۾ ئي هئا، تڏهن
هڪڙو ماڻهو سبت جي ڏينهن ڪاٺيون ميڙيندي ڏٺو ويو. 33 جن هن
کي ڪاٺيون ميڙيندي ڏٺو سي کيس موسيٰ، هارون ۽ سڄيءَ قوم
وٽ وٺي آيا. 34 هنن کيس پهري هيٺ رکيو، ڇالاءِجو کين خبر
ڪانه هئي ته هن سان ڇا ڪرڻ گهرجي. 35 تڏهن خداوند موسيٰ کي
فرمايو ته "انهيءَ ماڻهوءَ کي موت جي سزا ڏني وڃي. پوري قوم
خيمي‌گاهه جي ٻاهران کيس سنگسار ڪري." 36 سو جيئن خداوند
موسيٰ کي حڪم ڏنو هو تيئن انهن سڀني خيمي‌گاهه کان ٻاهر وٺي
وڃي کيس سنگسار ڪري ماري ڇڏيو.

## جهالردار ڦندڻن بابت قانون

37 خداوند موسيٰ کي بني اسرائيل بابت هي حڪم فرمايو ته
38 "اوهين پنهنجي پيڙهي به پيڙهي، پنهنجن پوشاڪن جي ڪندن
تي جهالردار ڦندڻ لڳايو ۽ هر هڪ ڦندڻ تي آسماني رنگ جي ڏوري
ٽاڪيو. 39 اهي ڦندڻ اوهان کي يادگيريءَ جو ڪم ڏيندا. جنهن به
وقت اوهان جي نظر انهن تي پوندي ته اوهان کي مون خداوند جا
سڀ حڪم ياد ايندا ۽ اوهين انهن تي عمل ڪندا. پوءِ اوهين مون
کان منهن موڙي پنهنجي نفساني خواهشن جي پٺيان نه ويندا.
40 پوءِ اوهان کي منهنجي سڀني حڪمن تي عمل ڪرڻ لاءِ يادگيري
رهندي ۽ اوهين منهنجي لاءِ مخصوص رهندا. 41 آءٌ خداوند اوهان
جو خدا آهيان. مون اوهان کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي ٻاهر آندو،
انهيءَ لاءِ ته اوهان جو خدا هجان. آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان."

## قوراح، داتن ۽ ابيرام جي بغاوت

16 1 اضهار جي پٽ قوراح، جيڪو قهات جو پوٽو ۽ لاويءَ
جو پڙپوٽو هو، تنهن هڪ دفعي موسيٰ جي خلاف بغاوت
ڪئي. روبن قبيلي جا ٽي ٻيا شخص هر هڪ داتن ۽ ابيرام، جيڪي
الياب جا پٽ هئا ۽ اون ولد پلت به ساڻس انهيءَ بغاوت ۾ شامل
ٿيا. 2 بني اسرائيل مان اڍائي سؤ ماڻهو، جيڪي چونڊيل اڳواڻ ۽
مشهور ماڻهو هئا، تن کي هو ساڻ ڪري موسيٰ سان مقابلي ڪرڻ
لاءِ اٿيا. 3 اهي موسيٰ ۽ هارون جي اڳيان اچي گڏ ٿيا ۽ کين چيائون
ته "اوهين ته حد لنگهي ويا آهيو. جڏهن ته قوم جو هر هڪ ماڻهو
مخصوص آهي ۽ خداوند اسان سڀني سان آهي ته پوءِ اوهين ڇو
پنهنجو پاڻ کي خداوند جي قوم کان مٿاهون ٿا سمجهو."
4 جڏهن موسيٰ اهو ٻڌو ته منهن پر سجدي ۾ ڪري پيو. 5 پوءِ
هن قوراح ۽ سندس سڄي ٽولي کي چيو ته "سڀاڻي صبح جو خداوند
پاڻيهي ڏيکاريندو ته ڪير سندس آهي ۽ ڪير مخصوص آهي جيڪو
سندس ويجهو وڃي، ڇالاءِجو جنهن کي چونڊيو هوندائين تنهن کي
ئي پنهنجي ويجهو اچڻ ڏيندو. 6 اي قوراح! تون ۽ تنهنجو سڄو
ٽولو هيئن ڪريو جو سڀاڻي صبح جو اوهين لوبان‌دان کڻو، 7 خداوند
جي آڏو انهن تي ٽانڊا رکي مٿن لوبان وجهو. پوءِ ڏسنداسون ته
ڪنهن کي خداوند مخصوص ڪري چونڊيو آهي. اوهين ته حد کان
لنگهي ويا آهيو."
8 موسيٰ قوراح کي وڌيڪ چيو ته "اي لاويءَ جو اولاد! ٻڌو.
9 ڇا اها ننڍي ڳالهه آهي جو بني اسرائيل جي خدا اوهان کي
پنهنجي قوم مان چونڊي ڌار ڪيو آهي ته جيئن اوهين کيس ويجها
وڃو، انهيءَ لاءِ ته اوهين خداوند جي مقدس خيمي جي خدمت
ڪريو ۽ قوم جي سامهون بيهي انهن جي به ديني خدمت ڪريو؟
10 اي قوراح! هن تو کي ۽ تنهنجي سڀني لاوي ڀائرن کي چونڊي ڌار
ڪيو آهي ۽ هاڻي وري اوهين ڪهانت ۾ به اکيون ٿا وجهو! 11 هارون
ڪير آهي، جنهن جي خلاف اوهين شڪايت ٿا ڪريو؟ حقيقت ۾
تون ۽ تنهنجو ٽولو خداوند جي ئي خلاف بغاوت ٿا ڪريو."
12 پوءِ موسيٰ الياب جي پٽن داتن ۽ ابيرام کي گهرايو. پر هنن
چيو ته "اسين ڪونه اينداسين. 13 اها ڪا ٿوري ڳالهه آهي ڇا جو
تون اسان کي آسودي ۽ خوشحال ملڪ مان ڪڍي هتي بيابان ۾
مارڻ لاءِ وٺي آيو آهين؟ هاڻي وري تون اسان جي مٿان صاحبي
هلائڻ ٿو گهرين؟ 14 تنهن کان سواءِ تو اسان کي آسودي ۽ خوشحال

15:27–28 لاو 4:27–31 15:38 شر 22:12 16:1 خر 6:21، يهو 11

ملڪ ۾ ڪونہ پهچايو آهي، نڪي اسان کي ٻنيون ۽ انگورن جا باغ
ورثي ۾ ڏنا اٿيئي. هاڻ وري تون اسان جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي
ڪوشش پيو ڪرين. اسين ڪونہ اينداسين."
15 تڏهن موسيٰ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ خداوند کي چيائين تہ
"جيڪا قرباني هي آڇين سا تون قبول نہ ڪج. مون تہ انهن کان ڪو
گڏهہ بہ ڪونہ ورتو آهي، نڪي هنن مان ڪنهن کي ڪو نقصان
رسايو اٿم."
16 پوءِ موسيٰ قورح کي چيو تہ "سڀاڻي تون پنهنجي ٽولي جي
ماڻهن سميت خداوند جي آڏو حاضر ٿجانءِ. هارون بہ اتي هوندو.
17 اوهان جي ٽولي جي اڍائي سؤ ماڻهن مان هر ڪو پنهنجو لوبان‌دان
کڻي انهيءَ تي لوبان وجهي ۽ پوءِ اهو خداوند جي آڏو آڻي پيش
ڪري. تون ۽ هارون بہ ائين ئي ڪريو." 18 سو هر ڪنهن ماڻهوءَ
پنهنجو لوبان‌دان کنيو، انهيءَ تي ٽانڊا وڌا ۽ انهن مٿان لوبان
وجهي موسيٰ ۽ هارون سان گڏ خدا سان ملاقات واري خيمي جي
اڳڻ واري در وٽ اچي بيٺو. 19 پوءِ قورح پنهنجو سڄو ٽولو گڏ
ڪري خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڳڻ واري در وٽ موسيٰ ۽
هارون جي منهن مقابل آڻي بيهاريو. تڏهن اوچتو خداوند جو جلال
سڀني جي روبرو ظاهر ٿيو. 20 خداوند موسيٰ ۽ هارون کي فرمايو
تہ 21 "اوهين پاڻ کي هن قوم کان ڌار ڪريو تہ آءٌ هنن کي هڪ
پل ۾ برباد ڪري ڇڏيان." 22 پر موسيٰ ۽ هارون سجدي ۾ ڪري
ڪيس چوڻ لڳا تہ "اي خدا! تون جيڪو زندگيءَ جو سرچشمو آهين،
هڪڙي ماڻهوءَ جي گناهہ جي ڪري سڄيءَ قوم تي ڪاوڙبين ڇا؟"
23 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 24 "تون ماڻهن کي چئُہ تہ
اهي قورح، داتن ۽ ابيرام جي تنبن وٽان نڪري پري ٿين."
25 تڏهن موسيٰ اٿيو ۽ بني اسرائيل جي اڳواڻن کي ساڻ ڪري
داتن ۽ ابيرام وٽ ويو. 26 هن ماڻهن کي چيو تہ "اوهين هنن شرير
ماڻهن جي تنبن وٽان نڪري پري ٿيو ۽ هنن جي ڪنهن بہ شيءِ کي
هٿ نہ لايو، نہ تہ اوهين بہ هنن سان گڏ سندن سڀني گناهن سبب
ڇٽ ٿي ويندءُ." 27 سو اهي ماڻهو قورح، داتن ۽ ابيرام جي تنبن
وٽان پري هٽي ويا.

داتن ۽ ابيرام پنهنجين زالن، پٽن ۽ ننڍڙن ٻارن سميت نڪري
اچي پنهنجن تنبن جي در تي بيٺا. 28 تڏهن موسيٰ ماڻهن کي چيو
تہ "انهيءَ ڳالهہ مان اوهان کي خبر پوندي تہ خداوند مون کي هي
سڀ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي ۽ اهي مون پنهنجيءَ مرضيءَ سان
نہ ڪيا آهن. 29 جيڪڏهن هي ماڻهو ٻين سڀني ماڻهن وانگر عام
موت مرن ۽ عجيب موت نہ مرن تہ پوءِ آءٌ خداوند جو موڪليل
نہ آهيان. 30 پر جيڪڏهن خداوند ڪا نئين واردات ڪري ۽ زمين
پنهنجو وات ڦاڙي هنن کي سندن سموري مال ملڪيت سميت ڳهي
وڃي ۽ هو جيئرا ئي وڃي قبر داخل ٿين تہ پوءِ سمجهجو تہ هنن
خداوند جي توهين ڪئي آهي."

31 هن اجا ايترو چئي بس ڪئي تہ سندن پيرن هيٺان زمين ڦاٽي
پيئي. 32 زمين وات پٽيو ۽ هنن کي سندن گهر ٻار سميت ۽ قورح
سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي سندن مال ملڪيت سميت ڳهي ويئي.
33 اهڙيءَ طرح هو پنهنجي مال ملڪيت سميت جيئري ئي وڃي قبر
داخل ٿيا. پوءِ زمين انهن جي مٿان هڪ ٿي ويئي ۽ هو قوم مان
ناس ٿي ويا. 34 سڀ بني اسرائيل جيڪي انهن جي آس‌پاس هئا سي
انهن جون دانهون ٻڌي اتي ڀڄي ڀڳا. رڙيون ڪندي چيائون ٿي تہ "اُٿو!
ڀڄو! متان زمين اسان کي بہ نہ ڳهي وڃي."
35 پوءِ خداوند وٽان باهہ آئي، جنهن انهن سڀني اڍائي سؤ ڄڻن
کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو، جن لوبان آڻي پيش ڪيو هو.

## لوبان‌دان

36 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 37 "هارون ڪاهن جي پٽ اليعزر
کي چئُہ تہ هو سڙيل ماڻهن واري ڍير مان لوبان‌دان ڪڍي وٺي ۽
انهن مان ٽانڊن کي ڪنهن ٻي هنڌ پکيڙي ڇڏي، ڇوتہ اهي لوبان‌دان
پاڪ آهن. 38 اهي تڏهن پاڪ ٿيا هئا جڏهن مون خداوند جي آڏو پيش
ڪيا ويا هئا. سو اهي گنهگار جيڪي پنهنجن گناهن جي ڪري موت
جو شڪار ٿي ويا، تن جي لوبان‌دانن کي ڪُٽي قربان‌گاهہ جي ڍڪڻ
لاءِ پترا ٺاهيو. اها بني اسرائيل جي لاءِ چتاءَ جي هڪڙي نشاني
ٿيندي." 39 سو اليعزر ڪاهن اهي پتل جا لوبان‌دان کنيا جيڪي سڙي
ويل ماڻهن نذر ڪيا هئا. هن انهن کي ڪُٽي قربان‌گاهہ جي ڍڪڻ
لاءِ پترا ٺاهيا. 40 اها بني اسرائيل جي لاءِ چتاءَ جي نشاني هئي تہ
جيئن ڪوبہ ماڻهو جيڪو هارون جي اولاد مان نہ هجي سو خداوند
جي حضور ۾ لوبان ساڙڻ لاءِ نہ اچي. ٻيءَ حالت ۾ ان جو حال بہ
قورح ۽ سندس ٽولي جهڙو ٿيندو. جهڙيءَ طرح خداوند موسيٰ جي
معرفت اليعزر کي فرمايو هو تهڙيءَ ئي طرح سڀ ڪجهہ ڪيو ويو.

## هارون جو ماڻهن کي بچائڻ

41 ٻئي ڏينهن بني اسرائيل قوم موسيٰ ۽ هارون جي خلاف
شڪايت ڪرڻ لڳي تہ "اوهان خداوند جي ماڻهن کي ماريو آهي."
42 جڏهن اهي موسيٰ ۽ هارون جي خلاف گڏ ٿيا، تڏهن خدا سان
ملاقات واري خيمي ڏانهن جو نگاهہ ڪيائون تہ ڇا ڏسن تہ ڪڪر
انهيءَ کي ڍڪيو ڇڏيو آهي ۽ خداوند جو جلال ظاهر ٿيو آهي! 43 سو
موسيٰ ۽ هارون خدا سان ملاقات واري خيمي جي اڳيان وڃي بيٺا.
44 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 45 "اوهين هنن ماڻهن مان نڪري
الڳ ٿيو تہ آءٌ هڪڙيءَ جهٽ ۾ هنن کي ڇٽ ڪري ڇڏيان." تڏهن
هو ٻئي سجدي ۾ ڪري پيا. 46 پوءِ موسيٰ هارون کي چيو تہ "تون
پنهنجو لوبان‌دان کڻ، قربان‌گاهہ مان ٽانڊا ڪڍي انهيءَ تي رک ۽
انهيءَ تي لوبان وجهہ. تون اهو کڻي جلدي قوم ڏانهن وڃ ۽ انهن
جي لاءِ ڪفارو ادا ڪر، ڇوتہ خداوند جو غضب نازل ٿي چڪو آهي
۽ وبا شروع ٿي چڪي آهي." 47 سو هارون موسيٰ جي چوڻ موجب

ٻوڙي قوم ۾ ويو ۽ چيا ڏسي تہ وبا تہ ماڻهن ۾ شروع ٿي چڪي
آهي! تڏهن هن لوبان ساڙيو ۽ ماڻهن جي لاءِ ڪفارو ادا ڪيائين.
48 هو مئلن ۽ جيئرن جي وچ ۾ بيهي رهيو، تڏهن وبا بند ٿي ويئي.
49 جيڪي قوراح جي بغاوت سبب مري ويا هئا تن کان سواءِ وبا ۾
مرڻ وارن جو تعداد چوڏهن هزار ست سؤ هو. 50 جڏهن وبا بند ٿي
ويئي تڏهن هارون خدا سان ملاقات واري خيمي ڏانهن موسيٰ وٽ
موٽي آيو.

## هارون جي لٺ

17 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”تون بني اسرائيل کي
چئُہ تہ هو تو کي پنهنجن اباڻن قبيلن مان هر هڪ سردار
جي لٺ ڏين. ڪل ٻارهن لٺيون هجن. پوءِ تون هر هڪ ماڻهوءَ جي
لٺ تي سندس نالو لک. 3 تون لاوي قبيلي جي لٺ تي هارون جو
نالو لک. اهڙيءَ طرح هر هڪ قبيلي جي سردار جي لاءِ هڪ لٺ
هئڻ گهرجي. 4 تون اهي مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾
عهد واري صندوق جي اڳيان آڻي رک، جتي آءٌ تو سان ملاقات
ڪندو آهيان. 5 پوءِ جنهن ماڻهوءَ کي آءٌ چونڊيندس تنهن جي لٺ
ڦُٽي نڪرندي. اهڙيءَ طرح تنهنجي خلاف بني اسرائيل جي گهڙيءَ
گهڙيءَ واري شڪايت کي آءٌ ٻنجو ڏيئي ڇڏيندس.“
6 سو موسيٰ بني اسرائيل کي اها ڳالهہ ٻڌائي. انهن جي سردارن
کيس ٻارهن لٺيون يعني هر هڪ قبيلي جي سردار جي هڪ هڪ
لٺ ڏني. هارون جي لٺ بہ انهن ٻارهن لٺين سان گڏ رکي ويئي.
7 موسيٰ پوءِ اهي لٺيون مقدس خيمي، جنهن ۾ عهد واريون تختون
رکيل آهن، تنهن اندر خداوند جي حضور ۾ آڻي رکيون.
8 ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن موسيٰ مقدس خيمي ۾ داخل ٿيو،
تڏهن ڇا ڏسي تہ هارون واري لٺ جا لاويءَ قبيلي مان ڏنل هئي،
سا تہ ڦٽي نڪتي آهي. منجهس مکڙيون ۽ گل نڪتا آهن ۽ پڪل
باداميون جهليون اٿس. 9 موسيٰ سڀ لٺيون خداوند جي حضور کان
ٻاهر ڪڍي آيو. هن اهي بني اسرائيل جي سڄيءَ قوم کي ڏيکاريون.
هنن اهي ڏٺيون ۽ هر هڪ ماڻهوءَ پنهنجي لٺ کنئي.
10 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”هارون جي لٺ عهد واري
صندوق جي سامهون موٽائي رک. اها باغين لاءِ هڪ نشانيءَ طور
رکي هجي. اهڙيءَ طرح هو منهنجون شڪايتون ڪرڻ بند ڪري
ڇڏيندا ۽ مرڻ کان بچي ويندا.“ 11 سو موسيٰ ائين ئي ڪيو جيئن
خداوند کيس فرمايو.
12 تڏهن بني اسرائيل موسيٰ کي چيو تہ ”تنهن جي معنيٰ هاڻ
اسان جو بلڪل خاتمو آهي. 13 جيڪو بہ ماڻهو خداوند جي مقدس
خيمي جي رڳو ويجهو ئي ٿو اچي سو مري ٿو وڃي، تہ پوءِ ڇا
اسين سڀيئي ختم ٿي ويندا سين؟“

## ڪاهنن ۽ لاوين جا فرض

18 1 خداوند هارون کي فرمايو تہ ”مقدس خيمي بابت ڪنهن
بہ خطا جي ذميواري تو تي، تنهنجي پٽن تي ۽ تنهنجي
اباڻي قبيلي لاويءَ تي آهي. باقي ڪهانت جي خطا جي ذميواري
رڳو تو تي ۽ تنهنجي پٽن تي آهي. 2 جڏهن انهيءَ مقدس خيمي،
جنهن ۾ عهد واريون تختون رکيل آهن، تنهن ۾ تون ۽ تنهنجا پٽ
خدمت ڪندا هجو، تڏهن تون پنهنجن مائٽن يعني اباڻي لاوي قبيلي
وارن کي پاڻ سان گڏ آڻيندو ڪر تہ جيئن اهي تنهنجي خدمت ڪندا
رهن. 3 هو تنهنجي مدد ڪن ۽ ساري خيمي جي سنڀال ڪن. پر هو
مقدس خيمي جي مخصوص شين ۽ قربان‌گاهہ جي ويجهو نہ اچن،
انهيءَ لاءِ تہ متان اهي مري نہ وڃن ۽ انهن سان گڏ اوهين بہ مري
وڃو. 4 اُهي تو سان ڪم ۾ شامل ٿين ۽ مقدس خيمي جي سنڀال
۽ سڀڪا خدمت ڪن، پر ٻيو ڪوبہ اوهان سان گڏ ڪم نہ ڪري.
5 تون ۽ تنهنجا پٽ مقدس خيمي ۽ قربان‌گاهہ جي سنڀال ڪجو،
انهيءَ لاءِ تہ اڳتي وري بني اسرائيل تي منهنجو غضب نازل نہ
ٿئي. 6 مون اوهان جي مائٽن يعني بني لاويءَ کي بني اسرائيل مان
بخشش طور اوهان جي لاءِ چونڊي ڪنيو آهي. اهي مون خداوند جي
لاءِ وقف آهن، تہ جيئن مقدس خيمي ۾ خدمت ڪن. 7 پر رڳو تون
۽ تنهنجا پٽ ئي ڪهانت واريون ذميواريون پوريون ڪجو، جيڪي
قربان‌گاهہ لاءِ ۽ پردي پٺيان مقدس ترين جاءِ ۾ ادا ڪرڻيون آهن. آءٌ
ڪهانت جي خدمت جو شرف اوهان کي بخشيان ٿو. جيڪڏهن ڪو
ٻيو ماڻهو مخصوص شين جي ويجهو ايندو تہ اُهو ماريو ويندو.“
8 خداوند هارون کي وڌيڪ فرمايو تہ ”آءٌ تو کي اُهي سڀ شيون
ڏيان ٿو جيڪي مون آڏو مخصوص قربانين طور پيش ڪيون ويون
آهن. مون اهي تو کي ۽ تنهنجي اولاد کي هميشہ لاءِ ڪاهنيءَ
جو حق ڪري ڏنيون آهن. 9 جيڪو حصو مون لاءِ ئي مخصوص
قربانين مان قربان‌گاهہ تي نہ سڙيو هجي سو اوهان جو ٿيندو، يعني
اهي سموريون مون لاءِ ئي مخصوص قربانيون جيڪي هو منهنجي
حضور ۾ پيش ڪندا، چاهي اناج جي قرباني، پاڪ ٿيڻ واسطي
قرباني يا قصور جي تلافيءَ واسطي قرباني هجي، تن مان اهو
حصو تنهنجو ۽ تنهنجي پٽن جو ٿيندو. 10 اهو حصو مون لاءِ ئي
مخصوص آهي سو اهو رڳو مرد ئي کائين. انهيءَ حصي کي پاڪ
سمجهہ. 11 انهيءَ کان سواءِ اُهي سڀ نذرانا جيڪي بني اسرائيل
منهنجي حضور ۾ هٿن تي بلند ڪرڻ واري قربانيءَ طور پيش ڪندا
سي تنهنجا ٿيندا. مون اهي تو کي، تنهنجي پٽن کي ۽ تنهنجين
ڌيئرن کي هميشہ جو حق ڪري ڏنا آهن. تنهنجي گهر جو هر اُهو
ڀاتي جيڪو پاڪ هجي سو ڀلي کائي.

10–8:17 عبر 4:9

12 زيتون جي تيل، مئي ۽ ان مان سڀ کان بهترين يعني پهرين
پيداوار بني اسرائيل مون خداوند جي حضور ۾ پيش ڪندا آهن سا آءٌ
تو کي ڏيان ٿو. 13 انهن جي زمين ۾ هر قسم جا پهريان پڪل ميوا
جيڪي اُهي مون خداوند جي حضور ۾ پيش ڪندا سي تنهنجا ٿيندا.
تنهنجي گهر جو هر اُهو ڀاتي جيڪو پاڪ هجي سو ڀلي اُهي کائي.
14 بني اسرائيل جي هر ڪا شيءِ جا مون خداوند جي لاءِ وقف
ڪئي ويندي سا تنهنجي ٿيندي.
15 هر پهريتو ٻار يا جانور، جيڪو بني اسرائيل مون خداوند جي لاءِ
نذر ڪندا سو تنهنجو ٿيندو. پر تون پهريتن ٻارن لاءِ عيوضو وٺي
ڪين ڇڏي ڏي ۽ ناپاڪ جانور جي پهريتي ڦر لاءِ بہ عيوضو وٺ.
16 اُهي ٻار جڏهن هڪ مهيني جا ٿين تہ انهن جي عيوضي جي قيمت
عبادتگاهہ جي سڪي جي تور مطابق چانديءَ جا پنج سڪا جنهن ۾
سٺ گرام ٿين ٿا، وٺي ڪين ڇڏي ڏي. 17 پر ڳئون، رڍ ۽ ٻڪريءَ جي
پهريتن ڦرن جو تون عيوضو نہ وٺ، اهي مخصوص آهن. اهي قربان
ڪيا وڃن ۽ انهن جو رت تون قربانگاهہ تي ڇٽڪاري ڇڏ ۽ انهن
جي چربي قربانيءَ طور ساڙي ڇڏ تہ مون خداوند لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ
ٿئي. 18 هٿن تي بلند ڪرڻ واري قربانيءَ واري سيني ۽ ساڄي ران
وانگر، انهن جو گوشت بہ تنهنجو ٿيندو. 19 مون خداوند جي حضور
۾ پيش ڪيل بني اسرائيل جي خاص قربانين مان مخصوص حصا
آءٌ تو کي، تنهنجي پٽن کي ۽ تنهنجين ڌيئرن کي هميشہ جو حق
ڪري ڏيان ٿو. اهو تو سان ۽ تو کان پوءِ تنهنجي اولاد سان مون
خداوند جو هميشہ جي لاءِ اٽٽ عهد آهي." 20 خداوند هارون کي
فرمايو تہ "اوهان ڪاهنن کي ڪابہ ملڪيت ورثي ۾ نہ ملندي ۽
اوهان کي بني اسرائيل جي ملڪ مان ڪوبہ حصو نہ ڏنو ويندو. آءٌ
خداوند ئي اوهان جي لاءِ سڀ ڪجهہ آهيان."

## بني لاويءَ جو حصو

21 خداوند هارون کي وڌيڪ فرمايو تہ "بني لاوي جيڪا خدمت
مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ ڪن ٿا، تنهن جي بدلي ۾ مون
ڪين اهي سڀ ڏهان حصا ورثي طور ڏنا آهن جيڪي بني اسرائيل
منهنجي حضور ۾ پيش ڪندا آهن. 22 اڳتي ٻيا بني اسرائيل مون
سان ملاقات واري خيمي جي ويجهو نہ اچن، نہ تہ پاڻ تي گناهہ
کڻي انهيءَ جي سزا ۾ مري ويندا. 23 رڳو لاوي ئي مون سان
ملاقات واري خيمي جي خدمت ڪن ۽ انهن جي خطا جي سڄي
ذميواري سندن تي ئي آهي. اهو هميشہ جو قانون آهي جيڪو اوهان
جي اولاد سان بہ لاڳو رهندو. بني اسرائيل مان لاوين کي ڪابہ
مستقل ملڪيت نہ ملندي. 24 ڇاڪاڻتہ ڏهون حصو، جيڪو بني
اسرائيل مون خداوند لاءِ خاص نذرانو پيش ڪندا آهن سو مون ڪين
ورثو ڪري ڏنو آهي. انهيءَ ڪري مون انهن بابت چيو آهي تہ ڪين
بني اسرائيل ۾ ڪابہ مستقل ملڪيت ڪانہ ملندي."

## بني لاويءَ جو ڏهون حصو

25 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 26 "تون لاوين کي هي بہ چئُہ تہ
'جڏهن اوهين بني اسرائيل کان ڏهون حصو وٺو، جيڪو مون اوهان
کي ورثو ڪري ڏنو آهي، تڏهن اوهين مون خداوند جي لاءِ خاص
نذراني طور انهيءَ ڏهين حصي جو ڏهون حصو پيش ڪجو. 27 اوهان
جو اهو نذرانو ان ۽ مئي جي پهرين پيداوار جي قربانيءَ جي برابر
سمجهيو ويندو. 28 اهڙيءَ طرح جيڪي ڏهان حصا اوهان کي بني
اسرائيل کان ملن، تن سڀني مان اوهين مون خداوند جي لاءِ خاص
نذرانو پيش ڪجو. اهو خاص نذرانو اوهين هارون ڪاهن کي ڏيندا
رهجو. 29 جيڪي اوهان کي ملي ان جو بهترين حصو جيڪو مون
خداوند جي لاءِ مخصوص آهي سو مون کي ڏجو.' 30 سو لاوين کي
چئُہ تہ 'جڏهن اوهين بهترين حصو پيش ڪري چڪو تہ ڏهن حصن
مان باقي بچيل اوهان جي پنهنجي ان ۽ مئي جي پهرين پيداوار
سمجهيو ويندو. 31 اهو اوهين ۽ اوهان جا گهراڻا ڀلي هر ڪنهن هنڌ
وٺي کائو، ڇالاءِجو اهو اوهان جي انهيءَ خدمت جو معاوضو آهي
جا اوهين مون خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ ڪريو ٿا. 32 جڏهن
اوهين انهيءَ مان بهترين حصو مون خداوند جي حضور ۾ پيش
ڪندءُ تہ اوهان تي ڪوبہ گناهہ نہ ٿيندو. پر جيڪڏهن اوهين بني
اسرائيل جي مخصوص نذرانن مان اهو حصو پاڻ کڻي انهن نذرانن
کي ناپاڪ ڪندا تہ اوهين مري ويندا.'"

## ناپاڪي لاهڻ واري پاڻيءَ جي تياري

19 1 خداوند موسيٰ ۽ هارون کي فرمايو تہ 2 "جنهن شرعي
قانون جو مون خداوند حڪم ڏنو آهي، تنهن موجب اوهين
بني اسرائيل کي چئو تہ هو اوهان وٽ هڪڙي بيعيب ڳاڙهي ڳاٻي
آڻين، جنهن تي ڪوبہ داغ نہ هجي ۽ جنهن تي ڪڏهن بہ پاڃاري
ڪانہ آئي هجي. 3 اوهين اها آڻي اليعزر ڪاهن کي ڏيو. هو انهيءَ
کي خيميگاهہ کان ٻاهر ڪاهي وڃي ۽ اها هن جي روبرو ذبح ڪئي
وڃي. 4 اليعزر ڪاهن هن جي رت مان ڪجهہ پنهنجي آڱر تي کڻي
مون خدا سان ملاقات واري خيمي جي سامهون واري پاسي ست
ڀيرا ڇنڊا هڻي. 5 پوءِ اُها ڳاٻي هن جي روبرو ساڙي وڃي. انهيءَ
جي کل، گوشت، رت ۽ اوجهہ سڀ ساڙيا وڃن. 6 ڪاهن چندن
جي ڪاٺي، زوفا جي ٽاري ۽ لال ڳاڙهي رنگ جو ڌاڳو کڻي انهيءَ
سڙندڙ ڳاٻيءَ جي وچ تي اڇلائي. 7 پوءِ ڪاهن پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ۽
وهنجي. تنهن کان پوءِ هو ڀلي خيميگاهہ ۾ اچي. پر تنهن هوندي
بہ اهو ڪاهن شام تائين ناپاڪ رهندو. 8 جنهن انهيءَ ڳاٻيءَ کي

---

14:18 لاو 28:27   21:18 لاو 30:27–33، شر 22:14–29   27:18 ڳا 12:18   30:18 ڳا 12:18

ساڙيو هجي سو به پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ۽ وهنجي. پر تنهن هوندي
به هو شام تائين ناپاڪ رهندو.
9 جيڪو ماڻهو پاڪ هجي سو انهيءَ ڳابيءَ جي رک گڏ ڪري
خيمي‌گاهه جي ٻاهران ڪنهن پاڪ جاءِ تي رکي. اها بني اسرائيل
لاءِ ناپاڪي لاهڻ جي پاڻيءَ ۾ استعمال ڪرڻ واسطي رکي رهي. اها
رک ئي پاڪائيءَ جي لاءِ ڪم آندي وڃي ٿي. 10 جنهن انهيءَ ڳابيءَ
جي رک گڏ ڪئي هجي سو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي، پر تنهن هوندي
به اهو شام تائين ناپاڪ رهندو. هي بني اسرائيل جي لاءِ ۽ جيڪي
ڌاريا منجهن رهندا هجن، تن جي لاءِ هميشه جو قانون ٿيندو.“

## ناپاڪي

11 ”جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ جي لاش کي ڇهندو سو ستن ڏينهن
تائين ناپاڪ رهندو. 12 هو پاڻ کي ٽئين ڏينهن تي ۽ ستين ڏينهن
تي انهيءَ رک واري پاڻيءَ سان صاف ڪري ته پوءِ هو پاڪ ٿيندو.
پر جيڪڏهن هو پاڻ کي ٽئين ڏينهن تي ۽ ستين ڏينهن تي صاف نه
ڪندو ته پاڪ نه ٿيندو. 13 جيڪڏهن ڪو ماڻهوءَ جي لاش کي ڇهي
ٿو ۽ پاڻ کي پاڪ نه ٿو ڪري ته اهو مون خداوند جي مقدس خيمي
کي ناپاڪ ٿو ڪري. اهو ماڻهو بني اسرائيل قوم مان خارج ڪيو
ويندو، ڇالاءِجو ناپاڪي لاهڻ وارو پاڻي ان جي مٿان نه ڇٽڪاريو
ويو آهي، انهيءَ ڪري هو ناپاڪ ئي رهندو.
14 جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن تنبوءَ ۾ مري وڃي ته جيڪو به
ماڻهو انهيءَ وقت تنبوءَ ۾ هوندو يا ٻاهران تنبوءَ ۾ گهڙي ايندو
سو ست ڏينهن ناپاڪ رهندو. 15 تنبوءَ ۾ سيڪو ڪليل ٿانوُ جنهن
مٿان ڍڪ نه هوندو سو به ناپاڪ ٿيندو. 16 جيڪڏهن ڪو جهنگ ۾
تلوار سان ماريل ماڻهوءَ کي يا پنهنجي موت مئل ماڻهوءَ جي لاش
کي، يا ڪنهن ماڻهوءَ جي هڏي کي يا ڪنهن قبر کي ڇهندو، ته
اهو ستن ڏينهن تائين ناپاڪ رهندو.
17 اهڙي ناپاڪ ماڻهوءَ جي لاءِ انهيءَ ڳاڙهي ڳابيءَ، جيڪا
پاڪائيءَ جي لاءِ ساڙي ويئي هئي، تنهن جي رک مان ڪجهه ڪٽي
هڪڙي ٿانوَ ۾ وڌي وڃي ۽ انهيءَ ۾ ڪجهه وهندڙ پاڻي به وڌو
وڃي. 18 پوءِ هڪڙو پاڪ ماڻهو زوفا جي ٽاري ڪٽي انهيءَ پاڻيءَ ۾
ٻوڙي ۽ انهيءَ تنبوءَ تي، جيڪي ڪجهه تنبوءَ ۾ هجي تنهن تي ۽
جيڪي ماڻهو اتي هجن تن تي ڇٽڪاري. اهو پاڻي انهيءَ ماڻهوءَ
تي به ڇٽڪاريو وڃي جنهن ڪنهن مئل ماڻهوءَ جي هڏي کي،
ڪنهن تلوار سان ماريل ماڻهوءَ کي، ڪنهن ماڻهوءَ جي لاش کي
يا ڪنهن قبر کي هٿ لاتو هجي. 19 پاڪ ماڻهو ٽئين ۽ ستين ڏينهن
تي انهيءَ ناپاڪ ماڻهوءَ تي اهو پاڻي ڇٽڪاري ۽ ستين ڏينهن هو
انهيءَ کي پاڪ ٺهرائي. انهيءَ ڏينهن تي پاڪ ٿيڻ وارو پنهنجا
ڪپڙا ڌوئي ۽ وهنجي. تنهن کان پوءِ شام جو هو پاڪ ٿي ويندو.
20 پر جيڪڏهن ڪو ناپاڪ هجي ۽ پاڻ کي پاڪ نه ڪرائي ته اهو
بني اسرائيل قوم مان خارج ڪيو ويندو، ڇوته هن مون خداوند جي
مقدس خيمي کي ناپاڪ ڪيو آهي. جيئن ته ناپاڪي لاهڻ وارو
پاڻي مٿس نه ڇٽڪاريو ويو آهي انهيءَ ڪري هو ناپاڪ آهي. 21 هي
اوهان جي لاءِ هميشه جو قانون ٿيندو.
جيڪو ماڻهو ناپاڪي لاهڻ وارو پاڻي ڇٽڪاري سو به پنهنجا
ڪپڙا ڌوئي. جيڪو ماڻهو ناپاڪي لاهڻ واري پاڻيءَ کي ڇهندو
سو شام تائين ناپاڪ رهندو. 22 ناپاڪ ماڻهو جنهن به شيءِ کي
ڇهندو سا ناپاڪ ٿيندي ۽ جيڪو به ماڻهو انهيءَ ناپاڪ ٿيل شيءِ
کي ڇهندو سو شام تائين ناپاڪ رهندو.“

## ٽڪريءَ مان پاڻي نڪرڻ
(خروج 17:1–7)

20 1 بني اسرائيل جي سڄي قوم، پهرين مهيني ۾ صين جي
بيابان ۾ آئي ۽ ماڻهن قادش ۾ پنهنجا تنبو کوڙيا. اتي
مريم وفات ڪئي ۽ اتي ئي کيس دفنايو ويو. 2 جيئن ته قادش ۾
قوم جي لاءِ پاڻي ڪونه هو، سو ماڻهو موسيٰ ۽ هارون جي خلاف
وٽن اچي گڏ ٿيا. 3 پوءِ هو موسيٰ سان جهيڙو ڪري چوڻ لڳا ته
”ڪيڏو نه چڱو ٿئي ها جو جڏهن اسان جا همقوم خداوند جي
مقدس خيمي جي سامهون مري ويا هئا تڏهن اسين به مري وڃون
ها. 4 ڇو اوهان خداوند جي قوم کي هن بيابان ۾ آندو آهي؟ ڇا
محض انهيءَ لاءِ ته اسين ۽ اسان جو چوپايو مال سڀ هتي مرون؟
5 ڇو اوهان اسان کي مصر مان ڪڍي هن خراب هنڌ وٺي آيا آهيو،
هتي ته نه اناج آهي نه انجير، نه انگور آهن نه ڏاڙهون، ايتري قدر
جو هتي پيئڻ جي لاءِ پاڻي به ڪونهي.“ 6 تڏهن موسيٰ ۽ هارون
ماڻهن وٽان نڪري خدا سان ملاقات واري خيمي جي در تي آيا.
هو اتي سجدي ۾ ڪري پيا، تڏهن خداوند جو جلوو مٿن ظاهر ٿيو.
7 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 8 ”اندر اچي هارون جي لٺ کڻ
۽ پوءِ تون ۽ تنهنجو ڀاءُ هارون ٻئي ڄڻا سڄيءَ قوم کي گڏ ڪريو.
پوءِ هنن جي اکين جي اڳيان اوهين ٽڪريءَ کي چوندا ته منجهانئس
پاڻي وهي نڪرندو. اهڙيءَ طرح تون انهيءَ ٽڪريءَ مان انهن ماڻهن
۽ سندن چوپائي مال جي پيئڻ لاءِ پاڻي ڪيندين.“
9 سو موسيٰ خداوند جي حڪم موجب وڃي *سندس حضور مان
لٺ کنئي. 10 موسيٰ ۽ هارون انهيءَ ٽڪريءَ جي سامهون سڄيءَ
قوم کي گڏ ڪيو. موسيٰ انهن کي چيو ته ”اي فساديو! هاڻي ڇا
اسين اوهان جي لاءِ هن ٽڪريءَ مان پاڻي ڪڍون؟“ 11 پوءِ موسيٰ
پنهنجو هٿ ڏگهيري ٻه ڀيرا ٽڪريءَ تي پنهنجي لٺ هنئي ته انهيءَ

*سندس حضور مان: يعني عهد واري صندوق جي اڳيان.

9:19 عبر 13:9 17:19 عبر 13:9

مان بي انداز پاڻي وهي نڪتو، جيڪو سيني ماڻهن ۽ سندن چوپائي
مال پيتو.
12 پوءِ خداوند موسيٰ ۽ هارون کي ڇينڀيندي چيو تہ ”جيئن تہ
اوهان مون تي يقين نہ ڪيو تڏهن اوهان بني اسرائيل جي اڳيان
منهنجي پاڪيزگي ظاهر نہ ڪئي. تنهنڪري اوهين هن قوم کي
انهيءَ ملڪ ۾ نہ پهچائيندا جيڪو آءٌ هنن کي ڏيڻ وارو آهيان.“
13 انهيءَ واقعي ۾ نڪرندڙ چشمي جو نالو *مريباہ پئجي ويو.
ڇالاءِجو انهيءَ هنڌ بني اسرائيل خداوند جي خلاف جهڳڙو ڪيو ۽
خداوند پاڻ کي منجهن پاڪ ثابت ڪيو.

## بني اسرائيل جي رستي روڪ

14 موسيٰ قادش مان †ادوم جي بادشاهہ ڏانهن ايلچين جي
معرفت چوائي موڪليو تہ ”اسان بني اسرائيل جي قبيلن يعني اوهان
جي عزيزن جو عرض آهي تہ جيڪي مصيبتون اسان تي آيون آهن
تن جي اوهان کي خبر آهي. 15 اسان جا ابا ڏاڏا مصر ۾ ويا ۽ اسين
ڪيترائي سال اتي رهياسين. مصرين اتي اسان سان ۽ اسان جي ابن
ڏاڏن سان خراب سلوڪ ڪيو. 16 پر جڏهن اسان خداوند کي مدد لاءِ
پڪاريو تہ هن اسان جي پڪار ٻڌي ۽ هڪڙي ملائڪ کي موڪلي
اسان کي مصر مان ٻاهر ڪڍي آيو. هاڻ اسين قادش شهر ۾ آهيون
جيڪو اوهان جي سرحد جي ڪناري تي آهي. 17 سو مهرباني ڪري
اسان کي پنهنجي ملڪ مان لنگهڻ جي اجازت ڏيو. اسين ٻنيءَ يا
انگورن جي باغ مان نہ لنگهنداسين ۽ نہ ئي ورري ڪنهن کوهہ مان
پاڻي پيئنداسين. اسين شاهي رستو وٺي هليا ويندا سين. جيستائين
اسين اوهان جي سرحد کان ٻاهر نڪري نہ وڃون تيستائين نڪي
ساڄي پاسي ڦرنداسين نہ کاٻي.“ 18 پر ادوم جي بادشاهہ جواب
ڏياري موڪليس تہ ”منهنجي ملڪ مان نہ لنگهجاءِ. جيڪڏهن
لنگهڻ جي ڪوشش ڪندين تہ پوءِ آءٌ نڪري تلوار سان تو تي حملو
ڪندس.“ 19 تڏهن بني اسرائيل هن کي ورري چوائي موڪليو تہ
”اسين شاهي رستي سان ئي ويندا سين. جيڪڏهن اسان يا اسان جي
چوپائي مال اوهان جو پاڻي پيتو تہ اسين انهيءَ جو مُلهہ ڏينداسين.
اسين ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿا گهرون، رڳو اسان کي پنهنجي پيرين
لنگهي وڃڻ ڏيو.“ 20 هن ٻيهر بہ چوائي موڪليو تہ ”هرگز اتان
نہ لنگهجو.“ پوءِ ادوم جو بادشاهہ گهڻا ماڻهو ساڻ ڪري، هٿيار
ڪٽي بني اسرائيل تي ڪاهي آيو. 21 جيئن تہ ادوم جي بادشاهہ بني
اسرائيل کي پنهنجي ملڪ مان لنگهڻ نہ ڏنو، تنهنڪري هو اتان
ڦري ٻئي رستي سان ويا.

## هارون جي وفات

22 بني اسرائيل قادش مان روانا ٿي هور جبل وٽ اچي پهتا.
23 خداوند اتي هور جبل وٽ، جيڪو ادوم ملڪ جي سرحد تي آهي،
موسيٰ ۽ هارون کي فرمايو تہ 24 ”هارون وفات ڪري پنهنجن سان
وڃي گڏبو. سو جيڪو ملڪ آءٌ بني اسرائيل کي ڏيڻ وارو آهيان،
تنهن ۾ هو داخل نہ ٿيندو، ڇالاءِجو مريباہ جي چشمي وٽ اوهان
ٻنهي منهنجي حڪم جي خلاف ڪم ڪيو. 25 سو تون، هارون ۽
سندس پٽ اليعزر کي پاڻ سان هور جبل تي وٺي اچ. 26 اتي هارون
جي ڪهانت واري خاص پوشاڪ لاهي سندس پٽ اليعزر کي پاراءِ.
هارون اتي وفات ڪري پنهنجن سان وڃي گڏبو.“
27 سو موسيٰ ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس حڪم ڏنو. هو
سڄيءَ قوم جي اکين جي سامهون هور جبل تي چڙهي ويا.
28 موسيٰ هارون جي ڪهانت واري پوشاڪ لاهي سندس پٽ اليعزر
کي پارائي. هارون اتي ئي جبل جي چوٽيءَ تي وفات ڪئي. پوءِ
جڏهن موسيٰ ۽ اليعزر جبل تان هيٺ لهي آيا، 29 تڏهن بني اسرائيل
کي خبر پيئي تہ هارون مري چڪو آهي. تنهن تي سيني ماڻهن
هارون لاءِ ٽيهہ ڏينهن سوڳ ڪيو.

## ڪنعاني بادشاهہ تي فتح

21 1 عراد شهر جو ڪنعاني بادشاهہ جيڪو ڪنعان جي ڏکڻ
۾ رهندو هو، تنهن جڏهن ٻڌو تہ بني اسرائيل اٿاريم واري
رستي اچي رهيا آهن، تڏهن هن مٿن حملو ڪيو ۽ انهن مان ڪن
کي قيد ڪري وٺي ويو. 2 تڏهن بني اسرائيل خداوند جي حضور ۾
هڪ باس باسي تہ ”جيڪڏهن تون سچ پچ هنن ماڻهن تي اسان کي
فتح ڏيندين تہ اسين هنن جي شهرن جون پاڙون پٽي ڇڏينداسين.“
3 خداوند سندن دانهن ٻڌي ۽ کين انهن ڪنعانين تي فتح ڏنائين.
سو بني اسرائيل انهن جون ۽ سندن شهرن جون پاڙون پٽي ڇڏيون.
تنهنڪري انهيءَ هنڌ جو نالو ‡حرماہ پئجي ويو.

## پتل جو نانگ

4 پوءِ بني اسرائيل هور جبل کان ڳاڙهي سمنڊ جي رستي روانا ٿيا
تہ جيئن ادوم ملڪ جي سرحد جي ٻاهران ڦيرو ڏيئي لنگهي وڃن.
پر انهيءَ ڏکي رستي جي ڪري هو بي‌صبر ٿي پيا. 5 هو خدا ۽
موسيٰ جي خلاف ڳالهائڻ لڳا. هو چوڻ لڳا تہ ”ڇو اوهان اسان کي
مصر مان ڪڍي هن بيابان ۾ مرڻ جي لاءِ آندو آهي، جتي نہ ماني

*مريباہ: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”جهڳڙو“.

†ادوم: اهو علائقو ڪنعان ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.

‡حرماہ: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”تباهي“.

28:20 خر 29:29، ڳا 38:33، شر 6:10   1:21 ڳا 40:33   4:21 شر 1:2   6–5:21 1.ڪر 9:10

آهي، نہ پاڻي؟ اسان جي دل کي هن کني کاڌي کان ڪراهت ٿي
اچي.“ 6 تڏهن خداوند انهن ماڻهن ۾ تمام زهريلا نانگ موڪليا.
انهن نانگن کين ڏنگيو ۽ بني اسرائيل مان گهڻا ئي ماڻهو مري ويا.
7 تڏهن ماڻهو موسيٰ وٽ آيا ۽ کيس چيائون تہ ”اسان خداوند ۽
اوهان جي خلاف ڳالهائي گناهہ ڪيو آهي. هاڻي توهين خداوند کان
دعا گهرو تہ هو نانگن کي اسان کان پري ڪري.“ سو موسيٰ انهن
لاءِ دعا گهري. 8 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”تون هڪڙو
نانگ ٺاهہ ۽ انهيءَ کي هڪڙي ٿوڻيءَ تي لٽڪائي ڇڏ. جيڪو بہ
نانگ جو ڏنگيل انهيءَ کي ڏسندو سو مرڻ کان بچي ويندو.“ 9 سو
موسيٰ هڪڙو پتل جو نانگ ٺاهيو ۽ انهيءَ کي هڪڙي ٿوڻيءَ تي
لٽڪائي ڇڏيائين. پوءِ جڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ کي نانگ ڏنگيو ٿي
تڏهن ان پتل جي نانگ ڏانهن ٿي نهاريو تہ مرڻ کان بچي ٿي ويو.

## موآب جي ميدان ڏانهن سفر

10 بني اسرائيل اتان روانا ٿيا ۽ اوبوت ۾ وڃي منزل ڪيائون.
11 وري اتان منزل ڪٽي هليا ۽ عيي‌عباريم ۾ اچي تنبو کوڙيائون،
جيڪو *موآب جي اڀرندي پاسي بيابان ۾ آهي. 12 پوءِ اتان منزل
ڪنيائون ۽ برساتي نهر زارد وٽ اچي تنبو کوڙيائون. 13 وري اتان
روانا ٿي ارنون نالي برساتي نهر جي پريئن پر وڃي منزل ڪيائون،
جيڪا امورين جي سرحد وٽان نڪري بيابان ۾ ٿي وهي. برساتي
نهر ارنون امورين ۽ موآبين جي وچ ۾ آهي ۽ موآب جي سرحد
آهي. 14 ”خداوند لاءِ جنگيون“ نالي ڪتاب ۾ انهن هنڌن جو ذڪر
شاعريءَ جي صورت ۾ هن ريت لکيل آهي تہ

”...واهيب شهر، جيڪو سوفاہ جي علائقي ۾ آهي،
برساتي نهر ارنون ۽ انهيءَ علائقي جون ٻيون برساتي نهرون،
15 انهن برساتي نهرن جون لاهيون پڻ،
جيڪي عار شهر تائين آهن،
بلڪ موآب جي ملڪ واري سرحد تائين ٿيون پهچن.“

16 وري هو اتان هلي انهيءَ هنڌ آيا جنهن کي بير يعني کوهہ چيو
ويندو هو. اتي ئي خداوند موسيٰ کي فرمايو هو تہ ”ماڻهن کي گڏ
ڪر تہ آءٌ کين پاڻي ڏيان.“ 17 تڏهن بني اسرائيل اتي هي گيت ڳايو
تہ

”اي کوهہ! تون اُٿل کائي اسان کي پاڻي ڏي.
اي اوهين! سڀيئي گڏجي انهيءَ کوهہ جون تعريفون ڳايو.
18 هي اهو کوهہ آهي جنهن کي سردارن کوٽيو آهي،
قوم جي اميرن پنهنجي شاهي لٺين سان اهو کوٽيو آهي.“

پوءِ هو بيابان مان روانا ٿي انهيءَ هنڌ پهتا جنهن کي متاناہ چون
ٿا. 19 اتان هو نحلي‌ايل ماٿريءَ ۾ آيا ۽ نحلي‌ايل کان بامات ۾ آيا.
20 هو بامات مان روانا ٿيا ۽ موآب جي ميدان ۾ جيڪا ماٿري آهي
تنهن ۾ پسگاہ جبل جي انهيءَ چوٽيءَ تي آيا، جتان هيٺ رڻ‌پٽ
ڏيکاربو آهي.

## سيحون ۽ عوج بادشاهن جي شڪست
(شريعت جو دور 2:26–3:11)

21 پوءِ بني اسرائيل امورين جي بادشاهہ سيحون ڏانهن ايلچين
جي معرفت چوائي موڪليو تہ 22 ”اسان کي پنهنجي ملڪ مان
لنگهڻ ڏيو. اسين رستو ڇڏي ڪنهن بہ ٻنيءَ يا انگورن جي باغ
۾ نہ لڙنداسين. اسين اوهان جي کوهن جو پاڻي بہ نہ پيئنداسين.
اسين شاهي رستو وٺي هليا ويندا سين، جيستائين اسين اوهان جي
حد مان لنگهي وڃون.“ 23 پر سيحون بني اسرائيل کي پنهنجي حد
مان لنگهڻ تہ نہ ڏنو، اٽلندو پنهنجي ساري قوم گڏ ڪري بني
اسرائيل سان جنگ ڪرڻ لاءِ بيابان ۾ آيو. هن يهض شهر ۾ پهچي
بني اسرائيل تي حملو ڪري وڌو. 24 پر بني اسرائيل انهن امورين
کي جنگ ۾ ماري ختم ڪري ڇڏيو ۽ برساتي نهر ارنون کان وٺي
برساتي نهر يبوق تائين يعني †بني عمون جي سرحد تائين هنن جي
ملڪ تي قبضو ڪيائون. هو اڳتي وڌي نہ سگهيا ڇوتہ بني عمون
جي سرحد مضبوط هئي. 25 سو بني اسرائيل امورين جي سڀني
شهرن تي قبضو ڪيو. پوءِ هو حشبون ۽ ان جي آس‌پاس وارن ٻين
ڳوٺن سميت سمورن شهرن ۾ آباد ٿي ويا. 26 حشبون شهر امورين
جي بادشاهہ سيحون جو هو، جنهن موآب جي اڳوڻي بادشاهہ سان
وڙهي برساتي نهر ارنون تائين هن جو سارو ملڪ سندس هٿان کسي
ورتو هو. 27 سيحون جي انهيءَ فتح جي ڪري امورين هيءَ شاعري
ٺاهي هئي تہ

”سيحون بادشاهہ جي شهر حشبون ۾ اچو،
تان‌تہ اهو شاهي شهر اڏجي وڏيڪ مضبوط ٿئي.
28 ڏسو، حشبون شهر مان
باهہ جي شعلي وانگر سيحون جي فوج نڪتي،
جنهن موآب واري عار شهر کي برباد ڪري ڇڏيو،
۽ برساتي نهر ارنون وارن جبلن جي
رهاڪو سردارن کي ڳهي ويئي.
29 سو اي موآب وارؤ! اوهان سان ڪيڏو نہ ويل آهي!
اوهين جيڪي ڪموش ديوتا جا پوڄاري آهيو،
سي بلڪل تباهہ وَ برباد ٿي ويا آهيو.

*موآب: اهو علائقو ڪنعان ملڪ جي اوڀر ۾ هو.
†بني عمون جي سرحد: اهو علائقو ڪنعان ملڪ جي اوڀر ۾ هو.

9:21 2.با 4:18، يو 14:3    28:21–29 ير 48:45–46

اوهان جي معبود اوهان جي پٽن کي ڀاڄوڪڙ،
۽ اوهان جي ڌيئرن کي اسان جي بادشاهه سيحون جون
ٻانديون بڻجڻ ڏنو آهي.
30 بيشڪ اسان موآبين جي اولاد کي ناس ڪري ڇڏيو آهي،
هائو، حشبون کان ديبون تائين ڪين تباهه ڪيو اٿئون.
اسان امورين سندن ملڪ کي
نفح تائين ويران ڪري ڇڏيو آهي.“

31 پوءِ امورين تي فتح حاصل ڪرڻ بعد بني اسرائيل سندن ملڪ
۾ رهڻ لڳا. 32 تڏهن موسيٰ يعزير شهر تي پڻ حملي ڪرڻ لاءِ
جاسوسي ڪرائي ۽ اهو شهر آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت بني اسرائيل
جي قبضي ۾ آندو ويو. اهڙيءَ طرح جيڪي اموري اتي رهندا هئا
تن کي ڀڄائي ڪڍيائون.
33 تنهن کان پوءِ هو اتان ٻري بسن جو رستو وٺي هليا ته بسن
جو بادشاهه عوج پنهنجو لشڪر وٺي ساڻن جنگ ڪرڻ لاءِ ادرعيءَ
واري هنڌ وٽ نڪري آيو. 34 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو ته ”هن
کان نه ڊڄ. آءٌ تو کي هن تي، سندس سڀني ماڻهن تي ۽ سندس
سڄي ملڪ تي فتح ڏيندس. تون هن سان به ائين ئي ڪجانءِ،
جيئن تو امورين جي بادشاهه سيحون سان ڪيو هو، جنهن حشبون
تي راڄ ٿي ڪيو.“ 35 سو بني اسرائيل عوج بادشاهه کي، سندس
پٽن کي ۽ سندس سڄيءَ قوم کي ماري ڇڏيو، ايتري قدر جو ڪو
هڪڙو ماڻهو به هنن جي هٿان زنده نه بچيو. پوءِ هنن سندس ملڪ
پنهنجي قبضي ۾ آندو.

## موآبي بادشاهه بلق جو بلعام کي سڏائڻ

22 1 پوءِ بني اسرائيل اتان اڳتي هليا ۽ اردن درياءَ جي اڀرندي
پاسي موآب جي ميدان ۾ يريحو شهر جي سامهون اچي
پنهنجا تنبو کوڙيائون. 2 بني اسرائيل جيڪي امورين سان ڪيو هو،
تنهن جي سڄي خبر موآب جي بادشاهه بلق ولد صفور کي پيئي.
3 انهيءَ ڪري هو پاڻ ۽ سندس سڄو راڄ ڏاڍا ڊڄي ويا ڇوته بني
اسرائيل تعداد ۾ تمام گهڻا هئا. مطلب ته موآبين جي مٿان بني
اسرائيل جو خوف ويهجي ويو. 4 موآبين مديانين جي اڳواڻن کي
چيو ته ”خبرداري ڪريو، ماڻهن جو هي انبوهه ته اسان جي آس‌پاس
وارن سڀني کي ائين چٽ ڪري ڇڏيندو جيئن ڪو ڏاند ٻنيءَ جو
گاهه ڪائي چٽ ڪري ڇڏيندو آهي.“ سو موآب جي بادشاهه بلق
5 بعور جي پٽ بلعام کي وٺي اچڻ لاءِ قاصد موڪليا. بلعام فرات
نديءَ جي ويجهو پنهنجي وطن جي فتور شهر ۾ رهندو هو. بلق
قاصدن کي پيغام ڏنو ته ”هڪڙي قوم مصر مان نڪري آئي آهي
۽ روءِزمين تي پکڙجي ويئي آهي. هاڻي اها قوم منهنجي سامهون
اچي لٿي آهي. 6 سو هاڻي اچ ۽ منهنجي خاطر هنن ماڻهن تي
اچي لعنت ڪر، ڇوته هو مون کان وڌيڪ زورآور آهن. پوءِ شايد آءٌ
انهن کي شڪست ڏيئي ملڪ مان ڀڄائي ڪڍي سگهان. مون کي
خبر آهي ته جنهن کي تون برڪت ٿو ڏين سو برڪت وارو ٿو ٿئي ۽
جنهن تي تون لعنت ٿو ڪرين سو لعنتي ٿو ٿئي.“
7 سو موآبين ۽ مديانين جا اڳواڻ بني اسرائيل تي لعنت وجهائڻ
لاءِ رقم کڻي بلعام وٽ ويا ۽ کيس بلق بادشاهه جو پيغام ڏنائون.
8 بلعام کين چيو ته ”اوهين اڄ رات هتي ٽڪي پئو. جيئن خداوند
مون کي فرمائيندو تيئن آءٌ اوهان کي سڀاڻي جواب ڏيندس.“ سو
موآب جا اهي اڳواڻ اها رات بلعام وٽ ٽڪي پيا.
9 خدا بلعام وٽ آيو ۽ کانئس پڇيائين ته ”تو وٽ هي ڪهڙا
ماڻهو آيا آهن؟“ 10 بلعام ورندي ڏني ته ”موآب جي بادشاهه بلق
ولد صفور مون ڏانهن ڇوائي موڪليو آهي ته 11 ’جيڪا قوم مصر
مان نڪري آئي آهي سا روءِزمين تي پکڙجي ويئي آهي. هاڻ تون
اچ ۽ انهن تي اچي لعنت ڪر، پوءِ شايد آءٌ ساڻن وڙهي سگهان
۽ کين ڀڄائي ڪڍان.‘“ 12 پر خدا بلعام کي فرمايو ته ”تون هنن
سان نه وڃ ۽ نه وري انهن ماڻهن تي لعنت ڪر، ڇالاءِجو اها قوم
برڪت واري آهي.“
13 بلعام صبح جو اٿي بلق جي موڪليل اڳواڻن کي چيو ته ”اوهين
پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي وڃو. خداوند مون کي اوهان سان هلڻ
لاءِ موڪل نه ٿو ڏئي.“ 14 سو هو اتان موٽي بلق وٽ آيا ۽ چيائونس
ته ”بلعام اسان سان اچڻ کان انڪار ڪيو آهي.“
15 تنهن تي بلق وري ٻيا ماڻهو موڪليا، جيڪي اڳين کان تعداد
۾ گهڻا ۽ وڌيڪ معزز هئا. 16 هو بلعام وٽ آيا ۽ کيس بلق بادشاهه
جو پيغام ڏنائون ته ”مهرباني ڪري تون ڪنهن به سبب ڪري مون
وٽ اچڻ کان روڪجي نه ويهه. 17 آءٌ تو کي گهڻو نوازيندس ۽
جيئن تون چوندين تيئن آءٌ ڪندس. مهرباني ڪري اچ ۽ هنن ماڻهن
تي منهنجي خاطر لعنت ڪر.“
18 تنهن تي بلعام جواب ڏنو ته ”جيڪڏهن بلق چانديءَ ۽ سون
سان ڀريل پنهنجو گهر به مون کي ڏئي تڏهن به آءٌ ننڍي ۾ ننڍي يا
وڏي ۾ وڏي ڳالهه ۾ به خداوند پنهنجي خدا جي حڪم کان ٻاهر
وڃي ڪين سگهندس. 19 سو هاڻي اوهين به اڄوڪي رات هتي ٽڪي
پئو ته آءٌ معلوم ڪريان ته خداوند مون کي وڌيڪ ڇا ٿو چوي.“
20 انهيءَ رات خدا بلعام وٽ آيو ۽ چيائينس ته ”جيڪڏهن هي
ماڻهو تو کي وٺڻ آيا آهن ته تون اُٿ ۽ بيشڪ انهن سان وڃ. پر
جيڪي آءٌ تو کي چوان رڳو تنهن تي ئي عمل ڪجانءِ.“

5:22 ڳا 8:31، 2.پط 2:15–16، يهو 11

## بلعام ۽ سندس گڏھ

21 بلعام صبح جو اٿيو ۽ پنھنجيءَ گڏھِہ تي سنج رکي موآبي
اڳواڻن سان گڏجي روانو ٿيو. 22 ھن جي وڃڻ ڪري خدا کي ڏاڍي
ڪاوڙ آئي. سو جيئن بلعام پنھنجيءَ گڏھِہ تي وڃي رھيو ھو ۽
سندس ٻہ نوڪر بہ ساڻ ھئا تہ خداوند جو ملائڪ ھن کي روڪڻ
لاءِ رستي تي اچي بيٺو. 23 جڏھن گڏھِہ خداوند جي ملائڪ کي
ھٿ ۾ اگھاڙي تلوار کنيو رستي تي بيٺل ڏٺو تڏھن رستي کان
مڙي ٻنيءَ ۾ لھي ويئي. پر بلعام گڏھِہ کي مار ڏيئي ڦيري رستي
تي آندو. 24 پوءِ وري خداوند جو ملائڪ انگورن جي ٻن باغن جي
وچ ۾ سوڙھي رستي تي اچي بيٺو جتي ٻنھي پاسن کان ڀت ھئي.
25 جڏھن گڏھِہ خداوند جي ملائڪ کي ڏٺو تڏھن ھوءَ وڃي ڀت سان
لڳي ۽ بلعام جو پير ڀت سان چيپاٽي چڏيائين. تنھن تي ھن وري
بہ گڏھِہ کي مار ڏني. 26 تڏھن ھڪ دفعو وري خداوند جو ملائڪ
اڳيرو وڃي ھڪ اھڙي ھنڌ تي بيٺو جتي نہ ساڄي پاسي مُڙڻ جي
جاءِ ھئي نہ کاٻي پاسي. 27 پوءِ جڏھن گڏھِہ خداوند جي ملائڪ
کي ڏٺو تڏھن بلعام سوڌو ويھي رھي. بلعام کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي،
سو ھو گڏھِہ کي پنھنجيءَ لٺ سان مار ڏيڻ لڳو.
28 تڏھن خداوند گڏھِہ کي ڳالھائڻ جي طاقت ڏني، جنھن بلعام
کي چيو تہ ”مون توھان کي ڇا ڪيو آھي جو توھان مون کي ٽي
ڀيرا مار ڏني آھي؟“ 29 بلعام جواب ڏنس تہ ”مون ائين ھن ڪري
ڪيو جو تو مون سان مخول ڪيو آھي. جيڪڏھن منھنجي ھٿ ۾
تلوار ھجي ھا تہ جيڪر ھاڻي جو ھاڻي تو کي ماري وجھان ھا.“
30 تڏھن گڏھِہ وراڻيس تہ ”ڇا آءٌ اوھان جي اُھا ئي گڏھِہ نہ آھيان،
جنھن تي اوھان اڄ ڏينھن تائين ھميشہ سواري پئي ڪئي آھي؟ ڇا
ڪڏھن اڳي بہ مون اوھان سان ائين ڪيو آھي؟“ ھن چيو تہ ”نہ.“
31 پوءِ خداوند بلعام جون اکيون کوليون، تڏھن ھن خداوند جي
ملائڪ کي ھٿ ۾ اگھاڙي تلوار کنيو رستي ۾ بيٺل ڏٺو. تنھن تي
ھن جھڪي سجدو ڪيو. 32 خداوند جي ملائڪ بلعام کان پڇيو تہ
”تو پنھنجيءَ گڏھِہ کي ڇو ٽي ڀيرا مار ڏني؟ آءٌ تنھنجو رستو
روڪڻ لاءِ آيو آھيان، ڇوتہ تنھنجو ھي رستو منھنجي نظر ۾
گمراھيءَ وارو رستو آھي. 33 پر تنھنجيءَ گڏھِہ مون کي ڏٺو ۽ ٽي
ڀيرا منھنجي اڳيان مڙي ويئي. جيڪڏھن اھا مڙي نہ وڃي ھا تہ آءٌ
تو کي ضرور قتل ڪري ڇڏيان ھا، پر ھن کي جيئرو ڇڏيان ھا.“
34 تڏھن بلعام وراڻيو تہ ”مون کان گناھہ ٿيو آھي، ڇالاءِجو مون
کي خبر ڪانہ ھئي تہ توھان مون سان مقابلي لاءِ رستي تي بيٺا
آھيو. سو ھاڻي، جيڪڏھن منھنجو اوڏانھن وڃڻ توھان کي خراب
ٿو لڳي تہ آءٌ موٽي ٿو وڃان.“ 35 پر خداوند جي ملائڪ بلعام
کي چيو تہ ”تون ڀلي انھن ماڻھن سان وڃ. پر جيڪا ڳالھہ آءٌ تو
کي چوان رڳو اھا ئي تون چئجانءِ.“ سو بلعام بلق بادشاھہ جي
موڪليل اڳواڻن سان گڏجي ويو.

## بلعام جو استقبال

36 جڏھن بلق بادشاھہ ٻڌو تہ بلعام اچي رھيو آھي، تڏھن ھن جي
استقبال لاءِ موآب ملڪ جي انھيءَ سرحدي شھر تائين آيو جيڪو
برساتي نھر ارنون جي ڪناري تي آھي. 37 اُتي بلق بلعام کي چيو
تہ ”ڇا مون تو کي تاڪيد سان نہ گھرايو ھو؟ پوءِ تون ڇو مون
وٽ ھليو نہ آئين؟ ڇا آءٌ تو کي نوازي نہ ٿو سگھان؟“ 38 بلعام
جواب ڏنس تہ ”ھاڻي جو آءٌ توھان وٽ اچي ويو آھيان تہ ڇا مون
کي ايتري مجال آھي جو جيڪي وڻيم سو چوان؟ بلڪ جيڪا ڳالھہ
خدا مون کان چوائيندو، سا ئي آءٌ چوندس.“
39 پوءِ بلعام بلق سان گڏجي قريت‌حصات شھر ۾ آيو. 40 اتي بلق
ڏاند ۽ رڍون ڪُٺيون ۽ اُھي بلعام ۽ ساڻس گڏ جيڪي اڳواڻ ھئا تن
ڏانھن موڪليائين. 41 ٻئي ڏينھن صبح جو بلق بلعام کي پاڻ سان
بامات‌بعل جي مٿاھينءَ جاءِ تي وٺي ويو، جتان بلعام بني اسرائيل
جي خيمي‌گاھہ جو آخري حصو ڏسي ٿي سگھيو.

## بلعام جو پھريون الھامي گفتو

23 1 پوءِ بلعام بلق کي چيو تہ ”ھتي منھنجي لاءِ ست
قربان‌گاھون ٺھرايو ۽ منھنجي لاءِ ست وھڙا ۽ ست گھٽا
تيار رکو.“ 2 بلق ائين ئي ڪيو جيئن بلعام چيو ھوس. پوءِ بلق
بلعام سان گڏجي ھر ھڪ قربان‌گاھہ تي ھڪڙي وھڙي ۽ ھڪڙي
گھٽي جي قرباني ڪئي. 3 تنھن بعد بلعام بلق کي چيو تہ ”توھان
ھتي پنھنجيءَ قربانيءَ وٽ بيھو ۽ آءٌ ٿورو پرڀرو وڃان ٿو. ٿي
سگھي ٿو تہ خداوند مون سان ملڻ لاءِ اچي. سو جيڪي ھو مون
تي ظاھر ڪندو سو آءٌ توھان کي ٻڌائيندس.“ پوءِ ھو ھڪڙي ويران
ٽڪريءَ تي چڙھي ويو. 4 خدا ساڻس مليو ۽ بلعام خدا کي چيو
تہ ”مون ست قربان‌گاھون تيار ڪيون آھن ۽ ھر ھڪ قربان‌گاھہ تي
ھڪڙي وھڙي ۽ ھڪڙي گھٽي جي قرباني ڪئي اٿم.“
5 تڏھن خداوند بلعام جي وات ۾ ھڪڙي ڳالھہ وڌي ۽ چيائينس
تہ ”موٽي وڃي بلق کي اھا ڳالھہ چئي ٻڌاءِ.“ 6 سو ھو انھيءَ
وٽ موٽي آيو ۽ ڏٺائين تہ بلق موآب ملڪ جي سڀني اڳواڻن سميت
پنھنجيءَ قربانيءَ جي ڀر ۾ بيٺو آھي. 7 تڏھن بلعام پنھنجو الھامي
گفتو شروع ڪندي چوڻ لڳو تہ

”موآب جي بادشاھہ بلق مون کي *ارام ملڪ مان گھرايو.
ھائو، ھن مون کي اڀرندي واري جابلو علائقي مان سڏايو.
ھن چيو تہ ’اچ ۽ منھنجي خاطر
بني يعقوب تي اچي لعنت ڪر،

*ارام: ان دور ۾ ھي علائقو موجوده شام ۽ عراق ملڪن جي ڪن حصن تي مشتمل ھو.

هائو، اچ ۽ منهنجي واسطي
بني اسرائيل کي اچي ملامت ڪر.‘
8 پر جن تي خدا لعنت نہ ڪئي آهي،
تن تي آءٌ ڪيئن لعنت ڪريان؟
هائو، جن کي خداوند ملامت نہ ڪئي آهي،
تن کي آءٌ ڪيئن ملامت ڪريان؟

9 آءٌ بني اسرائيل کي جبلن جي چوٽيءَ تان ڏسان ٿو،
هائو، ٽڪرين تان منهنجي مٿن نظر پوي ٿي.
هيءَ اُها قوم آهي جيڪا اڪيلي رهي ٿي،
۽ ڄاڻي ٿي تہ هوءَ ٻين قومن کان بي‌مثال قوم آهي.
10 بني يعقوب، جنهن جو اولاد
واريءَ جي ذرڙن جيترو گهڻو آهي،
تنهن کي ڪير ڳڻي سگهندو؟
بلڪ سندن رڳو چوٿين حصي جو بہ
ڪو شمار نہ ٿو ڪري سگهي.
شل مون بلعام جي پڇاڙي بہ انهن سچارن جهڙي ٿئي،
بلڪ شل آءٌ انهن سچارن وارو موت مران.“

11 تڏهن بلق بلعام کي چيو تہ ”هي تو مون سان ڇا ڪيو؟ مون
تہ تو کي پنهنجن دشمنن تي لعنت ڪرڻ لاءِ هتي گهرايو آهي، پر
تو تہ انهن کي برڪت ئي برڪت ڏني آهي.“ 12 هن جواب ڏنو تہ
”ڇا آءٌ رڳو اُها ئي ڳالهہ نہ چوان جيڪا خداوند منهنجي وات ۾
وڌي هجي؟“

## بلعام جو ٻيو الهامي گفتو

13 پوءِ بلق بلعام کي چيو تہ ”هاڻي مون سان گڏجي ٻئي هنڌ
هل، جتان تون انهن سيني کي نہ، پر رڳو پڇاڙيءَ وارن کي ڏسي
سگهندين. پوءِ تون انهن تي منهنجي خاطر لعنت ڪر.“ 14 سو هو
کيس صوفيم جي ميدان ۾ پسگاہ جي چوٽيءَ تي وٺي ويو. اتي بہ
بلق ست قربان‌گاهون ناهيون ۽ هر هڪ قربان‌گاهہ تي هڪ وهڙي ۽
هڪ گهٽي جي قرباني ڪيائين.
15 تڏهن بلعام بلق کي چيو تہ ”توهان هتي پنهنجي قربانيءَ وٽ
بيهو، آءٌ هوڏانهن وڃي خداوند سان ملي اچان.“ 16 خداوند بلعام
سان مليو ۽ سندس وات ۾ هڪڙي ڳالهہ وجهي چيائينس تہ ”موٽي
وڃي بلق کي اها ڳالهہ چئي ٻڌاءِ.“ 17 سو هو انهيءَ وٽ موٽي آيو
۽ ڏٺائين تہ بلق موآب ملڪ جي اڳواڻن سميت پنهنجي قربانيءَ جي
پر ۾ بيٺو آهي. بلق کانئس پڇيو تہ ”خداوند ڇا فرمايو؟“ 18 تڏهن
بلعام پنهنجو الهامي گفتو شروع ڪندي چوڻ لڳو تہ
”اي صفور جا پٽ بلق! تون منهنجي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌ.
19 خدا انسان ناهي جو ڪوڙ ڳالهائي،
هو آدمزاد ناهي جو پنهنجو ارادو بدلائي.
هو جيڪي بہ چوندو آهي سو پورو ڪين ڪندو آهي ڇا؟
هائو، هو جيڪي بہ فرمائيندو آهي سو ضرور ٿيندو آهي.
20 ڏس، مون کي برڪت ڏيڻ جو حڪم مليو آهي،
هاڻي خدا جي ڏنل برڪت کي آءٌ ڪيئن ٿو بدلائي سگهان؟

21 خداوند خدا بني يعقوب جو بادشاهہ آهي،
۽ هو ساڻن گڏ رهي ٿو.
سو هو بني اسرائيل کي هر مشڪل ۽ مصيبت کان دور ٿو رکي.
22 بيشڪ جنهن خدا کين مصر ملڪ مان ڪڍي آندو،
سو ڪيڏي نہ وڏي قدرت وارو آهي.
23 سو بني يعقوب تي ڪوبہ جادو ڪين هلندو،
نڪي بني اسرائيل تي ڪنهن فال جو ڪو اثر ئي ٿيندو.
بلڪ مٿن انهن ڳالهين جو اثر نہ ٿيندو ڏسي
هر ڪو چوندو تہ
’واہ، خدا پنهنجي قوم لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو آهي!‘
24 ڏس، بني اسرائيل زورآور شينهڻ جيان اٿي ڪڙا ٿيا آهن،
اهڙي شينهڻ جيان جيڪا تيسين آرام نہ ٿي ڪري
جيسين شڪار کي نہ ٿي ڳڙڪائي
۽ انهيءَ جو رت نہ ٿي پيئي.“

25 تڏهن بلق بادشاهہ بلعام کي چيو تہ ”تون انهن تي لعنت تہ
ڪين ٿو ڪرين، پر گهٽ ۾ گهٽ کين برڪت تہ نہ ڏي.“ 26 بلعام
کيس ورندي ڏيئي چيو تہ ”مون توهان کي چيو ڪين هو تہ جيڪي
خداوند مون کي فرمائيندو، سو ئي مون کي ڪرڻو آهي؟“

## بلعام جو ٽيون الهامي گفتو

27 بلق بلعام کي چيو تہ ”اچ تہ آءٌ تو کي ٻئي هنڌ وٺي ٿو هلان.
خدا جي نظر ۾ شايد اهو چڱو هجي تہ تون اتان منهنجي خاطر
هنن تي لعنت ڪرين.“ 28 سو بلق بلعام کي پعور جبل جي چوٽيءَ
تي وٺي ويو، جتان هيٺ بيابان نظر ٿي آيو. 29 اتي بلعام بلق کي
چيو تہ ”هتي منهنجي لاءِ ست قربان‌گاهون ٺهراءِ ۽ منهنجي لاءِ
ست وهڙا ۽ ست گهٽا تيار رک.“ 30 بلق ائين ئي ڪيو جيئن بلعام
کيس چيو. هن هر هڪ قربان‌گاهہ تي هڪڙي وهڙي ۽ هڪڙي گهٽي
جي قرباني ڪئي.
24 1 هاڻ جڏهن بلعام ڏٺو تہ خداوند جي نظر ۾ بني اسرائيل
کي ئي برڪت ڏيڻ سٺو آهي، تڏهن هو اڳي وانگر فال
ڪڍڻ ڪين ويو، بلڪ بيابان ڏانهن ڪٽي منهن ڪيائين. 2 هن ڏٺو
تہ بني اسرائيل پنهنجي پنهنجي قبيلي موجب رهيل هئا. تڏهن اتي
خدا جو روح مٿس نازل ٿيو 3 ۽ هو چوڻ لڳو تہ
”آءٌ بعور جو پٽ بلعام هي الهامي گفتو چوان ٿو،

خدا جيڪي رويا ۾ ڏيکاري ٿو سو آءٌ صاف صاف ڏسان ٿو.
4 هائو، قادرِمطلق جي رويا ڏسندي آءٌ سجدي ۾ ڪران ٿو،
۽ خدا جو ڪلام ٻڌي پوءِ هي گفتو چوان ٿو ته

5 اي بني يعقوب! اوهان جا خيما ڪيڏا نه چڱا آهن،
اي بني اسرائيل! اوهان جي رهائش‌گاهه ڪيڏي نه سٺي آهي!
6 اوهان جا خيما پري پري تائين اهڙيءَ طرح پکڙيل آهن،
جهڙيءَ طرح کجين جون قطارون،
اهي ائين ئي پکڙيل آهن جيئن ندين جي ڪنارن وارا باغ،
اهي خداوند جي هٿن سان پوکيل عُود جي ٻوٽن جهڙا آهن،
اهي ائين آهن جيئن پاڻيءَ جي ڪناري وارا ديال جا وڻ.
7 اوهين ۽ اوهان جو اولاد اهڙو ته خوشحال ٿيندو،
جيئن جهجهي پاڻيءَ جي پر وارا باغيچا هوندا آهن.
اوهان جو بادشاهه اگگ جي بادشاهه کان وڌيڪ زورآور ٿيندو،
۽ سندس بادشاهت تمام بلنديءَ تي وڃي پهچندي.

8 بيشڪ جنهن خدا اوهان کي مصر ملڪ مان ڪڍي آندو،
سو ڪيڏي نه وڏي قدرت وارو آهي.
هو پنهنجي مخالف قومن جا هڏا ڀڃي پوري ڇڏيندو،
۽ پنهنجن تيرن سان کين چچري ناس ڪري ڇڏيندو.

9 اوهين هڪ جوان شينهن وانگر آهيو،
جيڪو جڏهن ستل آهي ته
ڪير ان کي جاڳائڻ جي جرئت ڪندو؟
جيڪو اوهان کي برڪت جي دعا ڪري ٿو،
تنهن کي برڪت ملي ٿي.
جيڪو اوهان تي لعنت ڪري ٿو،
تنهن کي لعنت ملي ٿي.''

10 تڏهن بلق کي بلعام تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. هن پنهنجا هٿ
مهٽيندي بلعام کي چيو ته ''مون ته تو کي انهيءَ لاءِ سڏايو هو
ته منهنجي دشمنن تي لعنت ڪر، پر تو ته هنن کي اٽلندو ٽي ڀيرا
برڪت ڏني آهي. 11 سو هاڻي جلدي پنهنجي وطن ڏانهن ڀڄي وڃ.
مون ته چيو هو ته آءٌ تو کي نوازيندس، پر خداوند تو کي انهيءَ
کان روڪي رکيو.''
12 تنهن تي بلعام بلق کي وراڻيو ته ''ڇا مون توهان جي موڪليل
قاصدن کي ائين نه چيو هو ته 13 'جيڪڏهن بلق بادشاهه چانديءَ
۽ سون سان ڀريل پنهنجو گهر به مون کي ڏئي، ته به آءٌ خداوند
جي حڪم کان ٻاهر پنهنجي مرضيءَ سان ڪا به چڱائي يا بڇڙائي
ڪري ڪين سگهندس؟ جيڪي خداوند مون کي فرمائيندو سو ئي
مون کي چوڻو آهي.' ''

## بلعام جو چوٿون ۽ آخري الهامي گفتو

14 بلعام بلق کي وڌيڪ چيو ته ''آءٌ ته پنهنجي قوم ڏانهن واپس
وڃان ٿو. پر وڃڻ کان اڳ ۾ اچو، ته آءٌ توهان کي آگاهه ڪريان ته
هيءَ قوم، توهان جي قوم سان ايندڙ ڏينهن ۾ ڇا ڪندي.'' 15 پوءِ
بلعام چوڻ لڳو ته
''آءٌ بعور جو پٽ بلعام هي الهامي گفتو چوان ٿو،
خدا جيڪي رويا ۾ ڏيکاري ٿو سو آءٌ صاف صاف ڏسان ٿو.
16 هائو، قادرِمطلق جي رويا ڏسندي آءٌ سجدي ۾ ڪران ٿو.
آءٌ خدا تعاليٰ جو علم ڄاڻي ۽ سندس ڪلام ٻڌي
پوءِ هي گفتو چوان ٿو ته

17 آءٌ جهاتي پائي ڏسان ٿو ته ايندڙ وقت ۾
بني اسرائيل ۾ هڪڙو بادشاهه ڪڙو ٿيندو.
هائو، بني يعقوب مان اهو هڪ تاري وانگر نڪري نروار ٿيندو.
اهو اوهان موآبين کي ڇئني طرفن کان نپوڙيندو،
۽ سيني فسادين کي برباد ڪري ڇڏيندو.
18 هو پنهنجي ادومي دشمنن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻيندو،
۽ انهن جو ملڪ سندس ملڪيت ٿيندو.
سندس اڳواڻيءَ ۾ بني اسرائيل هميشه فتحياب ٿيندا.
19 بني يعقوب جو اهو بادشاهه پنهنجي حڪمراني قائم ڪندو،
۽ ادوم جي شهرن ۾ بچي ويل دشمنن کي برباد ڪندو.''

20 بلعام پنهنجو الهامي گفتو جاري رکندي چوڻ لڳو ته
''هاڻي آءٌ رويا ۾ عماليقي قوم ڏسان ٿو،
جيڪا سڀ کان طاقتور آهي،
پر انهيءَ جو انجام بربادي ٿيندو.''

21 پوءِ بلعام کي رويا ۾ قيني قوم نظر آئي، تڏهن هو پنهنجو
الهامي گفتو جاري رکندي چوڻ لڳو ته
''اي قينيؤ! اوهان جي رهڻ واري جاءِ مضبوط آهي،
اوهان جو گهر آکيري جيان ٽڪر تي محفوظ آهي.
22 ته به، ٻڌي ڇڏيو ته اوهين برباد ٿيندا،
جڏهن اشوري اوهان کي قيد ڪري وٺي ويندا.''

23 پوءِ هو پنهنجو الهامي گفتو جاري رکندي وڌيڪ چوڻ لڳو ته
''جڏهن قادرِمطلق اهي ڳالهيون پوريون ڪندو،

9:24 پيد 3:12، 9:49

آه! تڏهن ڪير آهي جيڪو جيئرو رهي سگهندو!
24 قبرص پيٽ جا لشڪر سامونڊي جهازن ۾ ايندا،
اهي اشور ۽ عبر ٻنهي کي شڪست ڏيئي عاجز ڪندا،
پر آخرڪار قبرص پيٽ وارا پاڻ بہ برباد ٿي ويندو.“

25 تنهن بعد بلعام اٿي پنهنجي وطن ڏانهن واپس وريو ۽ بلق بہ
پنهنجو رستو وٺي هليو ويو.

## بني اسرائيل جي بدڪاري

25 1 جڏهن بني اسرائيل شطيم ماٿريءَ ۾ رهيا پيا هئا، تڏهن
بني اسرائيل جي ماڻهن اتي جي رهاڪو موآبي عورتن سان
زناڪاري شروع ڪري ڏني. 2 اهي عورتون ڪين پنهنجن معبودن
جي اڳيان قربانين جي موقعي تي اچڻ جي دعوت ڏينديون هيون.
هو اتي وڃي کاڌو کائيندا هئا ۽ انهن جي معبودن جي اڳيان سجدو
ڪندا هئا. 3 اهڙيءَ طرح بني اسرائيل موآبين جي پعور واري بعل
معبود جي پوڄا ڪرڻ لڳا. سو خداوند کي مٿن ڏاڍي ڪاوڙ آئي.
4 تڏهن خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”سڀني اڳواڻن کي پڪڙي
منهنجي اڳيان ڪين ڏينهن ڏٺي جو ڦاسيءَ تي چاڙهي ڇڏ، تہ جيئن
مون خداوند جو غضب بني اسرائيل تان ٽري وڃي.“ 5 تڏهن موسيٰ
بني اسرائيل جي حاڪمن کي چيو تہ ”اوهين پنهنجي پنهنجي قبيلي
جي هر انهيءَ شخص کي قتل ڪري ڇڏيو، جيڪو پعور واري بعل
معبود جي پوڄا ڪندڙ آهي.“
6 پوءِ جڏهن سمورا ماڻهو خدا سان ملاقات واري خيمي جي
آڏو روئي رهيا هئا، تڏهن بني اسرائيل جو هڪڙو ماڻهو، موسيٰ ۽
سڄيءَ قوم جي اکين اڳيان، هڪڙي مدياني عورت کي پاڻ سان
گڏ پنهنجي قوم ۾ وٺي آيو. 7 جڏهن هارون ڪاهن جي پوٽي،
اليعزر جي پٽ فينحاس هي ڏٺو تڏهن هو گڏ ٿيل ماڻهن منجهان
اٿي هليو. هن پنهنجي هٿ ۾ هڪڙو ڀالو کنيو 8 ۽ انهيءَ مرد جي
پٺيان قبي واري هڪ تنبوءَ ۾ گهڙيو، جتي هن انهن ٻنهي، يعني
انهيءَ مرد ۽ ان عورت جي پيٽ ۾ اُهو ڀالو ٽُنبي ڏنو. اهڙيءَ طرح
بني اسرائيل منجهان وبا ختم ٿي. 9 پر اها وبا اڳ ۾ ئي چوويهہ
هزار ماڻهو ماري چڪي هئي.
10 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 11 ”هارون ڪاهن جي پوٽي،
اليعزر جي پٽ فينحاس جيڪي ڪيو آهي، تنهن سبب بني اسرائيل
تان منهنجي ڪاوڙ ٽري ويئي آهي، ڇالاءِجو اهو ئي هنن مان
منهنجي غيرت جي ڪري غيرتمند ٿيو. اهو ئي سبب آهي جو مون
بني اسرائيل کي پنهنجي غيرت سببان برباد نہ ڪيو. 12 تنهنڪري
تون فينحاس کي ٻڌاءِ تہ آءٌ ساڻس پنهنجو صلح جو عهد ٿو ڪريان.
13 اهو عهد هن سان ۽ هن کان پوءِ سندس اولاد سان هميشہ جي
ڪهانت جو عهد آهي، ڇالاءِجو هن مون پنهنجي خدا جي خاطر
غيرت ڪئي ۽ بني اسرائيل جي لاءِ ڪفارو ادا ڪيائين.“
14 بني اسرائيل جو اهو مرد جيڪو مدياني عورت سان گڏ ماريو
ويو هو تنهن جو نالو زمري ولد سلو هو. هو شمعون قبيلي مان
هڪڙي گهراڻي جو وڏو هو. 15 جيڪا مدياني عورت ماري ويئي
تنهن جو نالو ڪزبي هو. هوءَ صور جي ڌيءَ هئي جيڪو مديان جي
قبيلن جو رئيس هو.
16 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 17 ”اوهين مديانين کي ستايو ۽
ڪين ماريو، 18 ڇاڪاڻتہ هنن اوهان کي پنهنجين نگين سان پعور
واريءَ ڳالهہ ۽ سندن ڀيڻ ڪزبيءَ واري ڳالهہ ۾ ستايو، جيڪا
پعور جي سببان آيل وبا جي وقت ۾ ماري ويئي هئي.“

## ٻي مردمشماري

26 1 وبا کان پوءِ خداوند موسيٰ ۽ هارون ڪاهن جي پٽ اليعزر
کي فرمايو تہ 2 ”اوهين سڄي بني اسرائيل جو گهراڻن
موجب شمار ڪريو. انهن سمورن مردن جو شمار ڪريو جن جي
عمر ويهہ سال يا انهيءَ کان مٿي هجي ۽ جنگي خدمتن جي لائق
هجن.“ 3 سو موسيٰ ۽ اليعزر ڪاهن موآب جي ميدان ۾ يريحو
شهر جي سامهون اردن درياءَ جي ڪناري تي پوريءَ قوم کي گڏ
ڪيو، 4 تہ جيئن خداوند جي حڪم موجب جن جي عمر ويهہ سال
يا انهيءَ کان مٿي هجي تن جو شمار ڪيو وڃي.
جيڪي بني اسرائيل مصر مان نڪري آيا هئا سي هي هئا. 5 روبن
جيڪو اسرائيل جو پهريتو پٽ هو تنهن جي قبيلي مان حنُوڪ جو
نسل، فلو جو نسل، 6 حصرون جو نسل ۽ ڪرميءَ جو نسل هو.
7 بني روبن جي انهن نسلن جي مردن جو تعداد ٽيتاليهہ هزار ست
سؤ ٽيهہ هو. 8 فلو جي اولاد مان الياب 9 ۽ سندس پٽ نموايل،
داتن ۽ ابيرام هئا. هي اهي داتن ۽ ابيرام آهن، جيڪي قوم جا
اڳواڻ ڪري چونڊيا ويا هئا ۽ جڏهن قوراح جي ٽولي خداوند خلاف
بغاوت ڪئي هئي، تڏهن هو بہ موسيٰ ۽ هارون خلاف ساڻن گڏ
هئا. 10 جڏهن باهہ انهيءَ ٽولي جي اڍائي سؤ ماڻهن کي ساڙي رک
ڪري ڇڏيو ۽ اهو ٽولو مري ويو، تڏهن زمين پنهنجو وات پٽيو ۽
انهن ٻنهي کي قوراح سميت ڳهي ويئي. سو اهي عبرت جي لاءِ
هڪڙو نشان بڻيا. 11 پر قوراح جا پٽ ڪونہ ماريا ويا.
12 شمعون جي قبيلي مان نموايل جو نسل، يامين جو نسل، يڪين
جو نسل، 13 زارح جو نسل ۽ شائولُ جو نسل هو. 14 بني شمعون
جي مردن جو تعداد ٻاويهہ هزار ٻہ سؤ هو.
15 گد جي قبيلي مان صفون جو نسل، حجيءَ جو نسل، سونيءَ
جو نسل، 16 آزنيءَ جو نسل، عيريءَ جو نسل، 17 ارود جو نسل ۽

26:1–51 ڳا 1:1–46

اريليءَ جو نسل هو. 18 بني گد جي انهن نسلن جي مردن جو تعداد
چاليهہ هزار پنج سؤ هو.
19–21 يهوداه جي قبيلي مان شيلاه جو نسل، فارص جو نسل،
زارح جو نسل ۽ فارص جي پٽن مان حصرون جو نسل ۽ حمول جو
نسل هو. جڏهن تہ يهوداه جي پٽن مان ٻہ ڄڻا عير ۽ اونان ڪنعان
جي ملڪ ۾ ئي مري ويا هئا. 22 بني يهوداه جي انهن نسلن جي
مردن جو تعداد ڇاهتر هزار پنج سؤ هو.
23 اِسڪار جي قبيلي مان تولع جو نسل، فواه جو نسل، 24 يسوب
جو نسل ۽ شمرون جو نسل هو. 25 بني اِسڪار جي انهن نسلن جي
مردن جو تعداد چوهٺ هزار ٽي سؤ هو.
26 زبولون جي قبيلي مان سرد جو نسل، ايلون جو نسل ۽ يهل‌ايل
جو نسل هو. 27 بني زبولون جي انهن نسلن جي مردن جو تعداد
سٺ هزار پنج سؤ هو.
28 يوسف جا قبيلا، سندس ٻنهي پٽن منسي ۽ افرائيم منجهان
هي هئا:
29 منسيءَ جي قبيلي مان مڪير جو نسل ۽ سندس پٽ گلعاد جو
نسل هو. 30 گلعاد جي قبيلي مان ايعزر جو نسل، خلق جو نسل،
31 اسري‌ايل جو نسل، سڪم جو نسل، 32 شميدع جو نسل ۽ حفر
جو نسل هو. 33 حفر جي پٽ صلافحاد کي پٽ جو اولاد ڪونہ
هو رڳو ڌيئر هئس، جن جا نالا هي آهن: محلاه، نوعاه، حجلاه،
مِلڪاه ۽ ترضاه. 34 بني منسيءَ جي انهن نسلن جي مردن جو تعداد
ٻاونجاهہ هزار ست سؤ هو.
35 افرائيم جي قبيلي مان شوٿلح جو نسل، بڪر جو نسل ۽ تحن
جو نسل هو. 36 شوٿلح جي پٽ عيران جو نسل پڻ هو. 37 بني افرائيم
جي انهن نسلن جي مردن جو تعداد ٻٽيهہ هزار پنج سؤ هو. اهي
ٻئي قبيلا يوسف جو اولاد آهن.
38 بنيامين جي قبيلي مان بلع جو نسل، اشبيل جو نسل، احيرام
جو نسل، 39 شوفام جو نسل ۽ حوفام جو نسل هو. 40 بلع جي
ٻنهي پٽن ارد ۽ نعمان جا نسل پڻ هئا. 41 بني بنيامين جي نسلن
جي مردن جو تعداد پنجيتاليهہ هزار ڇهہ سؤ هو.
42 دان جي قبيلي مان شوحام جو نسل هو. 43 انهيءَ نسل جي
مردن جو تعداد چوهٺ هزار چار سؤ هو.
44 آشر جي قبيلي مان يمناه جو نسل، اِشويءَ جو نسل ۽ بريعاه
جو نسل هو. 45 بريعاه جي ٻنهي پٽن حبر ۽ ملڪي‌ايل جا نسل پڻ
هئا. 46 آشر کي هڪ ڌيءَ بہ هئي جنهن جو نالو ساره هو. 47 بني
آشر جي نسلن جي مردن جو تعداد ٿيونجاهہ هزار چار سؤ هو.
48 نفتاليءَ جي قبيلي مان يحصي‌ايل جو نسل، گونيءَ جو نسل،
49 يصر جو نسل ۽ شليم جو نسل هو. 50 بني نفتاليءَ جي انهن
نسلن جي مردن جو تعداد پنجيتاليهہ هزار چار سؤ هو. 51 سو بني
اسرائيل مان جن مردن جو شمار ڪيو ويو سي جملي ڇهہ لک هڪ
هزار ست سؤ ٽيهہ ٿيا.
52 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 53 ”انهن قبيلن کي اها زمين نالن
موجب ورثي طور ورهائي ڏني وڃي. 54 جنهن قبيلي ۾ گهڻا ماڻهو
هجن تنهن کي گهڻو حصو ۽ جنهن قبيلي ۾ ٿورا ماڻهو هجن تنهن
کي ٿورو حصو ڏنو وڃي. مطلب تہ هر هڪ قبيلي کي سندس شمار
ڪيل ماڻهن موجب حصو ڏنو وڃي. 55 البت زمين جي ورهاست لاءِ
پُڪا وڌا وڃن. سڀني کي سندن اباڻن قبيلن جي نالن موجب حصو
ڏنو وڃي. 56 ننڍي توڙي وڏي قبيلي کي پُڪن جي ذريعي حصو ڏنو
وڃي.“
57 لاوي قبيلي وارا جن جو شمار ڪيو ويو سي هي هئا: گيرشون
جو نسل، قهات جو نسل ۽ مراريءَ جو نسل. 58 انهيءَ کان سواءِ
لاوين جا هي نسل بہ آهن: لبني جو نسل، حبرون جو نسل، محليءَ
جو نسل، موشيءَ جو نسل ۽ قوراح جو نسل. قهات کي عمرام نالي
هڪ پٽ هو. 59 عمرام، لاويءَ جي ڌيءَ يوڪبد سان پرڻيل هو جا
لاويءَ کي مصر ۾ ڄائي هئي. انهيءَ مان عمرام کي ٻہ پٽ هارون
۽ موسيٰ ۽ هڪڙي ڌيءَ مريم ڄاوا. 60 هارون کي هي پٽ ڄاوا:
ندب، ابيهو، اليعزر ۽ اتمر. 61 ندب ۽ ابيهو انهيءَ ڏينهن مري ويا
جنهن ڏينهن خداوند جي حضور ۾ ناجائز باهہ سان نذرانو پيش
ڪيو هئائون. 62 سڀ لاوي مرد جن جي عمر هڪ مهينو يا انهيءَ
کان مٿي هئي، تن جو تعداد ٽيويهہ هزار هو. انهن جو شمار بني
اسرائيل سان گڏ نہ ڪيو ويو، ڇالاءِجو انهن کي ورثو ڪونہ مليو.
63 هي اهي نسل آهن جن جو موسيٰ ۽ اليعزر ڪاهن موآب جي
ميدان ۾ يريحو شهر جي سامهون اردن درياءَ جي ڪناري تي شمار
ڪيو. 64 انهن ۾ اهڙو هڪڙو بہ ماڻهو موجود ڪونہ هو، جنهن
کي موسيٰ ۽ هارون ٻهرين دفعي سينا جي بيابان ۾ شمار ڪيو
هو. 65 ڇالاءِجو خداوند انهن جي باري ۾ فرمايو هو تہ ”اهي سڀ
ضرور بيابان ۾ مري ويندا.“ سو انهن مان يفنہ جي پٽ ڪالب ۽
نون جي پٽ يشوع کان سواءِ ٻيو هڪڙو بہ ماڻهو ڪونہ بچيو.

## صلافحاد جون ڌيئر

27 1 يوسف جي پٽ منسيءَ جي نسل مان صلافحاد ولد حفر،
ولد گلعاد، ولد مڪير، ولد منسيءَ کي هي ڌيئر هيون:
محلاه، نوعاه، حجلاه، مِلڪاه ۽ ترضاه. 2 هو خدا سان ملاقات
واري خيمي جي آڏو موسيٰ، اليعزر ڪاهن، اڳواڻن بلڪ سڄيءَ قوم
جي اڳيان اچي بيٺيون ۽ چوڻ لڳيون تہ 3 ”اسان جو پيءُ بيابان ۾
مري ويو. هو انهن ماڻهن ۾ شامل ڪونہ هو جيڪي قوراح جي
ٽولي ۾ گڏ ٿي خداوند جي خلاف ٿيا هئا، بلڪ هو پنهنجي ئي
گناهہ جي ڪري مري ويو. هن کي ڪوبہ پٽ ڪونہ هو. 4 سو

52:26–56 ڳا 13:34، يش 1:14–2   60:26 ڳا 2:3   61:26 لاو 1:10–2، ڳا 4:3   65:26 ڳا 26:14–35

محض پٽ نہ هئڻ ڪري اسان جي پيءُ جو نالو سندس نسل مان
ڇو نڪري وڃي؟ تنهنڪري اسان جي پيءُ جي مائٽن سان گڏ اسان
کي بہ حصو ڏنو وڃي.“
⑤موسيٰ انهن جو معاملو خداوند جي حضور ۾ پيش ڪيو.
⑥خداوند کيس فرمايو تہ ⑦”صلافحاد جون ڌيئر سچ ٿيون چون.
تون کين سندن پيءُ جي مائٽن سان گڏ ورثي جو حق ڏي. انهن
کي سندن پيءُ جو ورثو ڏي. ⑧تون بني اسرائيل کي ٻڌائي ڇڏ تہ
جيڪڏهن ڪو اهڙو ماڻهو مري وڃي جنهن کي پٽ نہ هجي، تہ پوءِ
انهيءَ جو ورثو سندس ڌيءَ کي ڏنو وڃي. ⑨جيڪڏهن هن کي ڪا
ڌيءَ بہ نہ هجي تہ پوءِ سندس ورثو سندس ڀائرن کي ڏنو وڃي.
⑩جيڪڏهن هن کي ڪو ڀاءُ بہ نہ هجي، تہ پوءِ سندس ورثو سندس
چاچن کي ڏنو وڃي. ⑪پر جيڪڏهن کيس ڪو چاچو بہ نہ هجي تہ
پوءِ جيڪو سندس سڀني کان ويجهو مائٽ هجي، تنهن کي انهيءَ
جو ورثو ڏنو وڃي. اهو ئي سندس وارث ٿيندو. اهو بني اسرائيل
جي لاءِ شرعي فرض ٿيندو، جيئن مون خداوند تو کي فرمايو آهي.“

## موسيٰ جو جاءِنشين

(شريعت جو دور 31:1–8)

⑫پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”تون عباريم جي هن جبل
تي چڙهہ ۽ جيڪو ملڪ آءٌ بني اسرائيل کي ڏيڻ وارو آهيان سو
ڏس. ⑬انهيءَ ملڪ جي ڏسڻ کان پوءِ تون بہ پنهنجي ڀاءُ هارون
وانگر پنهنجن وڏن سان وڃي گڏبين، ⑭ڇالاءِجو صين جي بيابان
۾ اوهين ٻيئي منهنجي حڪم جي خلاف هليا. جڏهن سڄيءَ قوم
پاڻيءَ جي چشمي مريباہ وٽ منهنجي خلاف بغاوت ڪئي، تڏهن
اوهان هنن جي اڳيان منهنجي پاڪيزگي ظاهر نہ ڪئي.“ صين جي
بيابان ۾ قادش وٽ مريباہ نالي پاڻيءَ جو هڪ چشمو آهي.
⑮موسيٰ خداوند کي چيو تہ ⑯”اي خداوند خدا! تون جيڪو
زندگيءَ جو سرچشمو آهين، هن قوم جي مٿان ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ
کي مقرر ڪر، ⑰جيڪو جنگ تي وڃڻ وقت ۽ موٽي اچڻ وقت هنن
جي اڳيان هلي ۽ سندن اندر ٻاهر اچڻ وڃڻ ۾ سندن رهنمائي ڪري،
انهيءَ لاءِ تہ خداوند جي قوم نڌڻڪين رڍن وانگر نہ ٿئي.“
⑱-⑲خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ”نون جو پٽ يشوع، جنهن
کي نعمتون عطا ٿيل آهن، تنهن کي آڻي اليعزر ڪاهن ۽ سڄيءَ
قوم جي اڳيان بيهاري انهن سڀني جي سامهون تون سندس مٿي
تي پنهنجو هٿ رکي کيس پنهنجو جاءِنشين مقرر ڪر. ⑳تون
پنهنجي ڪجهہ حشمت هن کي ڏي تہ جيئن بني اسرائيل جي سڄي
قوم هن جي فرمانبرداري ڪري. ㉑يشوع اليعزر ڪاهن وٽ پيو
ايندو رهندو، جيڪو اليعزر جي طرفان مون خداوند جي حضور مان
*اُوريم ۽ ٺُميم جي ذريعي منهنجي مرضي معلوم ڪندو رهندو.
اهڙيءَ طرح اليعزر اندر ٻاهر اچڻ وڃڻ ۾ يشوع ۽ سڄيءَ قوم جي
رهنمائي ڪندو.“
㉒سو موسيٰ ائين ئي ڪيو جيئن خداوند کيس فرمايو. هن يشوع
کي وٺي اليعزر ڪاهن ۽ سڄيءَ قوم جي اڳيان بيهاريو. ㉓هن
انهيءَ جي مٿي تي پنهنجا هٿ رکيا ۽ کيس پنهنجو جاءِنشين مقرر
ڪيائين، جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو هو.

## دستوري قربانيون

(خروج 29:38–46)

28 ①خداوند موسيٰ کي بني اسرائيل بابت هي حڪم فرمايو
تہ ②”منهنجو نذرانو يعني منهنجي لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ
جي قربانيءَ واري خوراڪ، جيڪا ساڙيل آهي سا اوهين ياد ڪري
مقرر وقت تي قوم جي طرفان منهنجي لاءِ ادا ڪندا رهجو.
③جيڪي ساڙيون ويندڙ قربانيون اوهين مون خداوند جي حضور ۾
پيش ڪندا سي هن ريت هجن. اوهين هر روز ٻہ يڪسالا بيءعيب
گهيٽا ساڙڻ واري قربانيءَ طور، ④هڪڙو گهيٽو صبح جو ۽ ٻيو
شام جو قربان ڪجو. ⑤-⑧هڪ ڪلوگرام ميدو هڪ ليٽر زيتون
جي تيل سان ڳنڌي اناج جي قربانيءَ طور ۽ هڪ ليٽر مئي اوتڻ واري
قربانيءَ طور هر هڪ گهيٽي سان گڏ پيش ڪجو. اوتڻ واري قرباني
مون خداوند جي حضور ۾ مخصوص جاءِ ۾ پيئجو. اها دستوري
ساڙڻ واري قرباني آهي جيڪا سينا جبل وٽ مقرر ڪئي وئي هئي،
انهيءَ لاءِ تہ مون خداوند جي حضور ۾ وڻندڙ خوشبوءِ واسطي
ساڙي ويندڙ قرباني ٿئي.“

## سبت جي قرباني

⑨”سبت جي ڏينهن ٻہ يڪسالا بيءعيب گهيٽا، ٻہ ڪلوگرام
ميدو تيل ۾ ڳنڌيل اناج جي قربانيءَ طور ۽ انهن پٺيان اوتڻ واري
قرباني پڻ پيش ڪجو. ⑩روزمره جي ساڙڻ واري قربانيءَ ۽ اوتڻ
واري قربانيءَ کان سواءِ هيءَ ساڙڻ واري قرباني هر ڪنهن سبت
تي پيش ڪرڻي آهي.“

*اُوريم ۽ ٺُميم: هي پٿر جهڙيون بہ ننڍڙيون شيون هيون، جن کي ڪاهن خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو هو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“ ڏسو.

27:7 ڳا 36:2    27:12–14 شر 3:23–27، 32:48–52    27:17 1.با 22:17، حز 34:5، مت 9:36، مر 6:34    27:18–19 خر 24:13
27:21 خر 28:30، 1.سم 14:41، 28:6    27:23 شر 31:23

## ماهوار قرباني

(11) "اوهين هر مهيني جي پهرين تاريخ تي مون خداوند جي لاءِ
هڪڙي ساڙڻ واري قرباني پيش ڪجو، جنهن ۾ ٻہ وهڙا، هڪڙو
گهٽو ۽ ست يڪسالا گهيٽا هجن. اهي سڀ بيءِعيب هجن. (12) اناج
جي قربانيءَ طور تيل ۾ ڳوڌيل ميدو پڻ پيش ڪجو. انهيءَ لاءِ هر
هڪ وهڙي سان گڏ ٽي ٽي ڪلوگرام، گهٽي سان گڏ ٻہ ڪلوگرام
(13) ۽ هر هڪ گهيٽي سان گڏ هڪ هڪ ڪلوگرام ميدو هجي. اها
ساڙڻ واري قرباني مون خداوند واسطي وڻندڙ خوشبوءِ جي لاءِ
ساڙي ويندڙ قرباني آهي. (14) اوتڻ واري قربانيءَ طور مئي پيش
ڪجو. انهيءَ لاءِ هر هڪ وهڙي سان ٻہ ٻہ ليٽر، گهٽي سان ڏيڍ
ليٽر ۽ هر هڪ گهيٽي سان هڪ هڪ ليٽر مئي هجي. اها ئي ماهوار
ساڙڻ واري قرباني آهي، جيڪا هر مهيني جي پهرين تاريخ تي پيش
ڪئي وڃي. (15) دستوري ساڙڻ واري قرباني ۽ انهيءَ سان گڏ اوتڻ
واري قربانيءَ کان سواءِ، هڪڙو ٻڪر پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور
مون خداوند جي حضور ۾ پيش ڪيو وڃي."

## عيد فصح تي قربانيون

(لاوي سرشتو 23:5–14)

(16) "پهرين مهيني جي چوڏهين تاريخ تي مون خداوند جي عيد
فصح ملهائي وڃي. (17) ساڳئي مهيني جي پندرهين تاريخ کان عيد
جي تقريب شروع ٿي ست ڏينهن جاري رهندي. انهيءَ دوران جيڪا
ماني کاڌي وڃي تنهن ۾ خمير بلڪل نہ هجي. (18) تقريب جي پهرين
ڏينهن تي مون خدا جي عبادت لاءِ گڏ ٿجو ۽ ڪوبہ محنت مزوريءَ
جو ڪم نہ ڪجو. (19) اوهين مون خداوند جي حضور ۾ ساڙڻ واري
قرباني پيش ڪجو، جنهن ۾ ٻہ وهڙا، هڪڙو گهٽو ۽ ست يڪسالا
گهيٽا هجن. اهي سڀ بيءِعيب هجن. (20) اناج جي قربانيءَ طور تيل
۾ ڳوڌيل ميدو پڻ پيش ڪجو. انهيءَ لاءِ هر هڪ وهڙي سان گڏ ٽي
ٽي ڪلوگرام، گهٽي سان گڏ ٻہ ڪلوگرام (21) ۽ هر هڪ گهيٽي سان
گڏ هڪ هڪ ڪلوگرام ميدو هجي. (22) اوهين پنهنجي ڪفاري لاءِ
هڪڙو ٻڪر پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پڻ پيش ڪجو. (23) صبح
واري دستوري ساڙڻ واري قربانيءَ کان سواءِ اوهين اهي قربانيون
پيش ڪجو. (24) اهڙيءَ طرح اوهين ست ڏينهن لاڳيتا هر روز مون
خداوند جي حضور ۾ وڻندڙ خوشبوءِ جي قربانيءَ واري خوراڪ، جا
ساڙبي آهي سا پيش ڪندا رهجو. اها قرباني دستوري ساڙڻ واري
قرباني ۽ انهيءَ سان گڏ اوتڻ واري قربانيءَ کان سواءِ پيش ڪئي
وڃي. (25) ستين ڏينهن اوهين مون خدا جي عبادت لاءِ گڏ ٿجو ۽
ڪوبہ محنت مزوريءَ جو ڪم نہ ڪجو."

## *لاباري جي عيد

(لاوي سرشتو 23:15–22)

(26) "لاباري جي عيد جي دوران پهرين پيداوار جي ڏينهن تي
جڏهن اوهين مون خداوند جي حضور ۾ نئين فصل جي قرباني
پيش ڪريو، تڏهن اوهين مون خدا جي عبادت لاءِ گڏ ٿجو ۽ ڪوبہ
محنت مزوريءَ جو ڪم نہ ڪجو. (27) اوهين مون خداوند جي حضور
۾ وڻندڙ خوشبوءِ جي لاءِ هڪڙي ساڙڻ واري قرباني پيش ڪجو
جنهن ۾ ٻہ وهڙا، هڪڙو گهٽو ۽ ست يڪسالا گهيٽا هجن. اهي
سڀ بيءِعيب هجن. (28) اناج جي قربانيءَ طور تيل ۾ ڳوڌيل ميدو
پيش ڪجو. انهيءَ لاءِ هر هڪ وهڙي سان گڏ ٽي ٽي ڪلوگرام،
گهٽي سان گڏ ٻہ ڪلوگرام (29) ۽ هر هڪ گهيٽي سان گڏ هڪ هڪ
ڪلوگرام ميدو هجي. (30) اوهين پنهنجي ڪفاري لاءِ هڪڙو ٻڪر
پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پڻ پيش ڪجو. (31) دستوري ساڙڻ
واري قرباني ۽ ان سان گڏ اناج جي قربانيءَ کان سواءِ اوهين اهي
سڀ قربانيون پنهنجي اوتڻ وارين قربانين سان گڏ پيش ڪجو."

## نفيلون وڄائڻ جي عيد

(لاوي سرشتو 23:23–25)

29 (1) "ستين مهيني جي پهرين تاريخ اوهين مون خدا جي
عبادت لاءِ گڏ ٿجو ۽ ڪوبہ محنت مزوريءَ جو ڪم نہ
ڪجو. اهو اوهان جي لاءِ نفيلن وڄائڻ جو ڏينهن آهي. (2) اوهين
مون خداوند جي حضور ۾ وڻندڙ خوشبوءِ جي لاءِ هڪڙي ساڙڻ
واري قرباني پيش ڪجو، جنهن ۾ هڪڙو وهڙو، هڪڙو گهٽو ۽ ست
يڪسالا گهيٽا هجن. اهي سڀ بيءِعيب هجن. (3) اناج جي قربانيءَ
طور تيل ۾ ڳوڌيل ميدو پڻ پيش ڪجو. انهيءَ لاءِ وهڙي سان گڏ
ٽي ڪلوگرام، گهٽي سان گڏ ٻہ ڪلوگرام (4) ۽ هر هڪ گهيٽي سان
گڏ هڪ هڪ ڪلوگرام ميدو هجي. (5) اوهين پنهنجي ڪفاري لاءِ
هڪڙو ٻڪر پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پڻ پيش ڪجو. (6) اهي
قربانيون، ماهوار ۽ روزانہ ساڙڻ وارين قربانين ۽ انهن سان گڏ اناج
۽ اوتڻ وارين قربانين کان واڌاريون آهن. اهي وڻندڙ خوشبوءِ جي
لاءِ مون خداوند جي حضور ۾ ساڙڻ واريون قربانيون آهن."

---

*لاباري جي عيد: هيءَ اها ئي عيد آهي جنهن کي نئين عهدنامي ۾ "عيد پنتيڪُست" چون ٿا. ڏسو رس 2:1، 20:16، 1.ڪر 8:16

16:28 خر 12:1–13، شر 16:1–2 | 17:28–25 خر 12:14–20، 23:15، 34:18، شر 16:3–8 | 26:28–31 خر 23:16، 34:22، شر 16:9–12

## ڪفاري واري ڏينهن قربانيون

(لاوي سرشتو 23:26–32)

7 ”انهيءَ ستين مهيني جي ڏهين تاريخ تي اوهين مون خدا جي
عبادت لاءِ گڏ ٿجو. انهيءَ ڏينهن تي اوهين پنهنجي خواهشن کي
روڪجو ۽ ڪنهن به قسم جو ڪم نه ڪجو. 8 اوهين مون خداوند
جي حضور ۾ وڻندڙ خوشبوءِ جي لاءِ هڪڙي ساڙڻ واري قرباني
پيش ڪجو جنهن ۾ هڪڙو وهڙو، هڪڙو گهٽو ۽ ست يڪسالا گهيٽا
هجن. اهي سڀ بي‌عيب هجن. 9 اناج جي قربانيءَ طور تيل ۾
گڏيل ميدو پڻ پيش ڪجو. انهيءَ لاءِ وهڙي سان گڏ ٽي ڪلوگرام،
گهٽي سان گڏ ٻه ڪلوگرام 10 ۽ هر هڪ گهيٽي سان گڏ هڪ هڪ
ڪلوگرام ميدو هجي. 11 ڪفاري واري پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ
۽ دستوري ساڙڻ واري قرباني، انهن سان گڏ اناج جي قربانين ۽
اوتڻ وارين قربانين کان علاوه هڪڙو ٻڪر پنهنجي پاڪ ٿيڻ واسطي
قربانيءَ طور پڻ پيش ڪجو.“

## تنبن واري عيد تي قربانيون

(لاوي سرشتو 23:33–44)

12 ”ستين مهيني جي پندرهين تاريخ اوهين مون خدا جي عبادت
لاءِ گڏ ٿجو. ست ڏينهن مون خداوند جي لاءِ عيد ملهائجو ۽ انهن
ڏينهن ۾ اوهين ڪوبه محنت مزوريءَ جو ڪم نه ڪجو. 13 پهرين
ڏينهن تي اوهين مون خداوند جي حضور ۾ وڻندڙ خوشبوءِ جي لاءِ
هڪ ساڙڻ واري قرباني پيش ڪجو، جنهن ۾ تيرهن وهڙا، ٻه گهٽا
۽ چوڏهن يڪسالا گهيٽا هجن. اهي سڀ بي‌عيب هجن. 14 اناج
جي قربانيءَ طور تيل ۾ گڏيل ميدو پڻ پيش ڪجو. انهيءَ لاءِ هر
هڪ وهڙي سان گڏ ٽي ٽي ڪلوگرام، هر هڪ گهٽي سان گڏ ٻه
ٻه ڪلوگرام 15 ۽ هر هڪ گهيٽي سان گڏ هڪ هڪ ڪلوگرام ميدو
هجي. 16 هڪڙو ٻڪر پڻ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪجو.
هي قربانيون دستوري ساڙڻ واري قربانيءَ ۽ انهيءَ سان گڏ اناج
جي قرباني ۽ اوتڻ واري قربانيءَ کان علاوه واڌاريون قربانيون آهن.
17 ٻئي ڏينهن تي اوهين ٻارهن وهڙا، ٻه گهٽا ۽ چوڏهن يڪسالا
گهيٽا پيش ڪجو، جي سڀ بي‌عيب هجن. 18 انهن سان گڏ اناج جي
قرباني ۽ اوتڻ واري قرباني، سندن شمار ۽ قانون موجب پيش ڪجو.
19 هڪڙو ٻڪر پڻ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪجو. هي
قربانيون دستوري ساڙڻ واري قربانيءَ ۽ سندس اناج جي قربانيءَ
۽ انهن سان گڏ انهن ٻنهي جي اوتڻ وارين قربانين کان علاوه
واڌاريون قربانيون آهن.
20 ٽئين ڏينهن تي اوهين يارهن وهڙا، ٻه گهٽا ۽ چوڏهن يڪسالا
گهيٽا پيش ڪجو، جي سڀ بي‌عيب هجن. 21 انهن سان گڏ اناج
جي قرباني ۽ اوتڻ واري قرباني، سندن شمار ۽ قانون موجب پيش
ڪجو. 22 هڪڙو ٻڪر پڻ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪجو.
هي قربانيون دستوري ساڙڻ واري قربانيءَ ۽ انهيءَ سان گڏ اناج جي
قربانيءَ ۽ اوتڻ واري قربانيءَ کان علاوه واڌاريون قربانيون آهن.
23 چوٿين ڏينهن ڏهه وهڙا، ٻه گهٽا ۽ چوڏهن يڪسالا گهيٽا پيش
ڪجو، جي سڀ بي‌عيب هجن. 24 انهن سان گڏ اناج جي قرباني ۽
اوتڻ واري قرباني، سندن شمار ۽ قانون موجب پيش ڪجو. 25 هڪڙو
ٻڪر پڻ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪجو. هي قربانيون
دستوري ساڙڻ واري قربانيءَ ۽ انهيءَ سان گڏ اناج جي قربانيءَ ۽
اوتڻ واري قربانيءَ کان علاوه واڌاريون قربانيون آهن.
26 پنجين ڏينهن تي نوَ وهڙا، ٻه گهٽا ۽ چوڏهن يڪسالا گهيٽا
پيش ڪجو، جي سڀ بي‌عيب هجن. 27 انهن سان گڏ اناج جي
قرباني ۽ اوتڻ واري قرباني، سندن شمار ۽ قانون موجب پيش ڪجو.
28 هڪڙو ٻڪر پڻ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪجو. هي
قربانيون دستوري ساڙڻ واري قربانيءَ ۽ انهيءَ سان گڏ اناج جي
قربانيءَ ۽ اوتڻ واري قربانيءَ کان علاوه واڌاريون قربانيون آهن.
29 ڇهين ڏينهن تي اٺ وهڙا، ٻه گهٽا ۽ چوڏهن يڪسالا گهيٽا
پيش ڪجو، جي سڀ بي‌عيب هجن. 30 انهن سان گڏ اناج جي
قرباني ۽ اوتڻ واري قرباني، سندن شمار ۽ قانون موجب پيش ڪجو.
31 هڪڙو ٻڪر پڻ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪجو. هي
قربانيون دستوري ساڙڻ واري قربانيءَ ۽ انهيءَ سان گڏ اناج جي
قربانيءَ ۽ اوتڻ واري قربانيءَ کان علاوه واڌاريون قربانيون آهن.
32 ستين ڏينهن تي ست وهڙا، ٻه گهٽا ۽ چوڏهن يڪسالا گهيٽا
پيش ڪجو، جي سڀ بي‌عيب هجن. 33 انهن سان گڏ اناج جي
قرباني ۽ اوتڻ واري قرباني، سندن شمار ۽ قانون موجب پيش ڪجو.
34 هڪڙو ٻڪر پڻ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪجو. هي
قربانيون دستوري ساڙڻ واري قربانيءَ ۽ انهيءَ سان گڏ اناج جي
قربانيءَ ۽ اوتڻ واري قربانيءَ کان علاوه واڌاريون قربانيون آهن.
35 اٺين ڏينهن تي اوهين مون خدا جي عبادت لاءِ گڏ ٿجو ۽ انهيءَ
ڏينهن تي اوهين ڪوبه محنت مزوريءَ جو ڪم نه ڪجو. 36 اوهين
مون خداوند جي حضور ۾ وڻندڙ خوشبوءِ جي لاءِ هڪڙي ساڙڻ
واري قرباني پيش ڪجو، جنهن ۾ هڪڙو وهڙو، هڪڙو گهٽو ۽ ست
يڪسالا گهيٽا هجن. اهي سڀ بي‌عيب هجن. 37 انهن سان گڏ اناج
جي قرباني ۽ اوتڻ واري قرباني، سندن شمار ۽ قانون موجب پيش
ڪجو. 38 هڪڙو ٻڪر پڻ پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪجو.
هي قربانيون دستوري ساڙڻ واري قربانيءَ ۽ انهيءَ سان گڏ اناج جي
قربانيءَ ۽ اوتڻ واري قربانيءَ کان علاوه واڌاريون قربانيون آهن.
39 اوهين مون خداوند جي حضور ۾ پنهنجين مقرر ڪيل عيدن
تي پنهنجين باسيل توڙي خوشيءَ جي قربانين کان علاوه اهي

7:29–11 لاو 16:29–34

ساڙڻ واريون قربانيون، اناج جون قربانيون، اوتڻ واريون قربانيون ۽
سلامتيءَ جون قربانيون پيش ڪندا رهجو.“
40 موسيٰ بني اسرائيل کي اهي سڀ ڳالهيون ٻڌايون، جيئن
خداوند کيس فرمايو هو.

## باسن بابت قانون

30 1 موسيٰ بني اسرائيل جي قبيلن جي سردارن کي خداوند
جي حڪم بابت ٻڌائيندي چيو ته 2 ”جڏهن ڪو ماڻهو
خداوند آڏو ڪا باس باسي يا ڪو خاص فرض ادا ڪرڻ لاءِ پاڻ کي
ٻڌل رکڻ جو قسم تي عهد ڪري، ته پوءِ هو پنهنجو قول نه پچي،
بلڪ جيڪي واتان نڪتو هجيس سو پورو ڪري.
3 جڏهن ڪا ڪنواري ڇوڪري پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ رهندي
خداوند آڏو ڪا باس يا ڪو خاص فرض ادا ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل
رکڻ جو عهد ڪري 4 ۽ سندس پيءُ انهيءَ باس يا خاص فرض جي
باري ۾ ٻُڌي، پر ڪجهه به نه چويس، ته جا باس باسي هئائين يا
جنهن خاص فرض ادا ڪرڻ لاءِ عهد ڪيو هئائين سو پورو ڪري.
5 پر جيڪڏهن سندس پيءُ جنهن ڏينهن اهو ٻڌي کيس منع ڪري،
ته پوءِ هوءَ پنهنجي باس يا خاص فرض پورو نه ڪري. خداوند
کيس ڇڏي ڏيندو ڇوته سندس پيءُ کيس موڪل نه ڏني.
6 جيڪڏهن باس باسڻ يا ڪو خاص فرض ادا ڪرڻ لاءِ تڪڙ ۾
پاڻ کي ٻڌل رکڻ کان پوءِ انهيءَ ڇوڪريءَ جي شادي ٿئي، 7 پوءِ
سندس مڙس انهيءَ باس يا خاص فرض جي باري ۾ ٻڌي، پر ڪجهه
به نه چويس، ته جا باس باسي هئائين يا جنهن خاص فرض ادا ڪرڻ
لاءِ عهد ڪيو هئائين، سو پورو ڪري. 8 پر جيڪڏهن سندس مڙس
اهو ٻڌي ۽ انهيءَ کي رد ڪري، ته پوءِ هوءَ تڪڙ ۾ باسيل پنهنجي
باس يا خاص فرض پورو نه ڪري. خداوند کيس ڇڏي ڏيندو.
9 پر رن‌زال يا طلاق‌شده عورت کي پنهنجي باس يا خاص فرض
جنهن جي ادا ڪرڻ لاءِ هن پاڻ کي ٻڌل رکيو هوندو، سو پورو ڪرڻو
آهي.
10 جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجي مڙس جي گهر ۾ رهندي ڪا باس
باسي يا ڪو خاص فرض ادا ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل رکڻ جو قسم تي
عهد ڪري 11 ۽ سندس مڙس اهو ٻڌي کيس منع نه ڪري ۽ نڪي
کيس ڪجهه چوي، ته پوءِ هوءَ پنهنجي باس يا خاص فرض پورو
ڪري. 12 پر جيڪڏهن سندس مڙس اهو ٻڌي کيس منع ڪري، ته
پوءِ هوءَ پنهنجي باس يا خاص فرض جو سندس چپن مان نڪتو سو
پورو نه ڪري، ڇوته مڙسس انهيءَ کي رد ڪري ڇڏيو. خداوند
کيس ڇڏي ڏيندو. 13 هن جي مڙس کي اهو حق حاصل آهي ته
چاهي ته پنهنجي زال جي باسيل باس يا روح جي رياضت جي خاص
فرض کي بحال رکي، چاهي ته رد ڪري ڇڏي. 14 پر جيڪڏهن هن
جو مڙس جنهن ڏينهن اهو ٻڌي تنهن جي ٻئي ڏينهن تائين کيس
ڪجهه به نه چوي ته سمجهبو ته هن کي پنهنجيءَ زال جي باس يا
خاص فرض تي ڪوبه اعتراض ڪونه آهي. اهڙيءَ طرح هن انهيءَ
ڳالهه کي بحال رکيو آهي، ڇوته تنهن ڏينهن هن کيس ڪجهه به
نه چيو. 15 پر جيڪڏهن ٻڌڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ هو انهن کي رد
ٿو ڪري، ته پوءِ هو پنهنجيءَ زال جي باس يا خاص فرض پوري
نه ڪرڻ واري گناهه جو ذميوار پاڻ آهي.“
16 مڙس ۽ زال جي وچ ۾ ۽ پيءُ ۽ ڌيءَ، جيڪا ڪنوارپ دوران
پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ رهندي هجي، تنهن جي وچ ۾ باس باسڻ
بابت اهي ئي قانون آهن، جيڪي خداوند موسيٰ کي ڏنا.

## مديانين کان وير وٺڻ

31 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 2 ”مديانين کان بني
اسرائيل جو وير وٺ. وير وٺڻ کان پوءِ تون وفات ڪري
پنهنجن وڏن سان وڃي گڏبين.“
3 سو موسيٰ ماڻهن کي چيو ته ”اوهين پاڻ مان ڪن کي هٿيار
ٻڌائي مديانين سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ڪريو، ته جيئن هو مديانين
کان خداوند جو وير وٺن. 4 اوهين بني اسرائيل جي هر هڪ قبيلي
منجهان هڪ هزار ماڻهو جنگ ۾ موڪليو.“ 5 سو بني اسرائيل جي
هزارين ماڻهن مان سندن هر هڪ قبيلي منجهان هڪ هزار ماڻهو
چونڊيا ويا، اهڙيءَ طرح ٻارهن هزار ماڻهو جنگ جي لاءِ تيار ڪيا
ويا. 6 موسيٰ اليعزر ڪاهن جي پٽ فينحاس کي انهن سان گڏ جنگ
تي موڪليو، جنهن عبادت‌گاهه جا مخصوص ٿيل ٿانوَ ۽ اشاري ڏيڻ
لاءِ توتارا پاڻ سان کنيا. 7 سو جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو هو،
تيئن هو مديانين سان وڙهيا ۽ انهن جا سڀ مرد ماري ڇڏيائون.
8 انهن مئلن ۾ مديان جا پنج بادشاهه اَوي، رقم، صور، حور ۽ ربع
به هئا. هنن بعور جي پٽ بلعام کي به تلوار سان قتل ڪري ڇڏيو.
9 بني اسرائيل جي انهن جنگي جوڌن مديانين جون عورتون ۽
انهن جا ٻار ٻچا قيد ڪيا. انهن جا سمورا ڍور ڍڳا ۽ رڍون ٻڪريون
ڪاهيائون ۽ سندن ٻيو سمورو سامان مالِ‌غنيمت ڪري کنيائون.
10 هنن مديانين جا سڀ رهڻ وارا شهر ۽ خيمي‌گاهه به ساڙي ڇڏيا.
11 هو لُٽ جو سمورو مال، سڀ قيدي ۽ جانور ساڻ ڪري 12 يريحو
شهر جي سامهون اردن درياءَ جي ڪناري موآب جي ميدان ۾
موسيٰ، اليعزر ڪاهن ۽ سڄيءَ قوم وٽ وٺي آيا.
13 تڏهن موسيٰ، اليعزر ڪاهن ۽ سمورا اڳواڻ خيمي‌گاهه کان
ٻاهر هنن جو استقبال ڪرڻ لاءِ نڪري آيا. 14 موسيٰ لشڪر جي
سالارن يعني هزارن ۽ سون جي سالارن تي، جيڪي جنگ تان موٽيا
هئا، غصي ٿيو. 15 هن کين چيو ته ”چو اوهان سڀني عورتن کي
جيئرو ڇڏيو آهي. 16 انهن عورتن ئي ته بلعام جي چوڻ تي پعور

---

30:2 شر 23:21–23، مت 33:5 ‏ 31:16 ڳا 25:1–9

واري ڳالهہ ۾ قوم کي پنهنجي خداوند کان ڦيري ڇڏيو هو، جنهن
ڪري خداوند جي قوم ۾ وبا پيئي هئي. 17 سو اوهين ٻارن مان
سڀني ڇوڪرن کي ۽ انهن عورتن کي جيڪي مردن سان ستيون آهن
ماري ڇڏيو، 18 پر انهن سڀني ڇوڪرين کي پنهنجي لاءِ جيئرو ڇڏيو
جيڪي ڪنواريون آهن. 19 اوهان مان اهي سڀ جن ڪنهن کي ماريو
هجي يا ڪنهن لاش کي هٿ لاتو هجي، سي ست ڏينهن خيمي گاهہ
کان ٻاهر رهن. اهي ٽئين ۽ ستين ڏينهن تي پاڻ کي ۽ قيدياڻين کي
پاڪ ڪن. 20 اوهين پنهنجن سڀني ڪپڙن کي ۽ انهن سڀني شين
کي جيڪي چمڙي، ڏاس ۽ ڪاٺ مان ٺهيل هجن پڻ پاڪ ڪريو."
21 جيڪي لشڪر جا ماڻهو جنگ تي ويا هئا تن کي اليعزر ڪاهن
چيو تہ "هي آهن شريعت جا اُهي قاعدا جن جو خداوند موسيٰ کي
حڪم ڏنو آهي: 22 سون، چاندي، پتل، لوهہ، قلعي، شيهو 23 ۽
هر اُها شيءِ جيڪا باهہ ۾ سڙي نہ وڃي، سا باهہ مان لنگهائجي
تہ پاڪ ٿي ويندي. تڏهن بہ اها ناپاڪي لاهڻ واري پاڻيءَ سان پڻ
ضرور پاڪ ڪئي وڃي. پر هر اُها شيءِ جيڪا باهہ ۾ سڙڻ جهڙي
هجي سا رڳو انهيءَ پاڻيءَ سان پاڪ ڪئي وڃي. 24 ستين ڏينهن
تي اوهين پنهنجا ڪپڙا ڌوئو، پوءِ اوهين پاڪ ٿيندا. تنهن کان پوءِ
اوهين پلي خيمي گاهہ ۾ داخل ٿجو."

## مالِ غنيمت جي ورهاست

25 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 26 "تون اليعزر ڪاهن ۽ ٻين
اڳواڻن سان گڏ لُٽ ۾ هٿ آيل ماڻهن ۽ جانورن جو شمار ڪر.
27 تون اهو مالِ غنيمت ٻن هڪجيترن حصن ۾ ورهاءِ. هڪڙو حصو
انهن جنگي جوانن کي ڏي جيڪي جنگ تي ويا هئا ۽ ٻيو حصو
باقي قوم کي ڏي. 28 جيڪي جنگي جوان جنگ تي ويا هئا، تن جي
حصي منجهان، خواهہ اهو قيدي ماڻهن جو حصو هجي توڙي ڍورن
ڍڳن جو، گڏهن جو حصو هجي توڙي رڍن ٻڪرين جو، تنهن مان
هر پنجن سون تي هڪڙو مون خداوند جي خاص نذراني طور اُڳاڙ.
29 جنگي جوانن واري اڌ حصي مان اهي وٺي مون خداوند جي خاص
نذراني طور اليعزر ڪاهن کي ڏي. 30 باقي قوم واري اڌ حصي مان
هر پنجاهہ مان هڪڙو خواهہ قيدي ماڻهن مان خواهہ ڍورن ڍڳن
مان، گڏهن مان خواهہ رڍن ٻڪرين مان وٺي لاوين کي ڏي، جيڪي
مون خداوند جي خيمي گاهہ جي سنڀال تا ڪن." 31 سو موسيٰ ۽
اليعزر ڪاهن ائين ئي ڪيو جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو هو.
32 جنگي جوانن پنهنجي لاءِ ڪنيل مال کان علاوه جيڪو
مالِ غنيمت هٿ ڪيو ۽ جنهن کي ورهايو ويو سو سمورو هي
هو: ڇهہ لک پنجهتر هزار رڍون ۽ ٻڪريون، 33 ٻاهتر هزار ڍور
ڍڳا، 34 ايڪهٺ هزار گڏهہ 35 ۽ ٻٽيهہ هزار ڪنواريون ڇوڪريون.
36 جيڪي جنگ تي ويا هئا تن کي اڌ حصي ۾ ٽي لک ستٽيهہ هزار
پنج سؤ رڍون ۽ ٻڪريون آيون، 37 جنهن مان خداوند جو حصو ڇهہ
سؤ پنجهتر ٿيو. 38 سندن حصي ۾ ڇٽيهہ هزار ڍور ڍڳا بہ آيا جن
مان خداوند جو حصو ٻاهتر ٿيو. 39 سندن حصي ۾ ٽيهہ هزار پنج
سؤ گڏهہ بہ آيا جن مان خداوند جو حصو ايڪهٺ ٿيو. 40 سندن
حصي ۾ سورهن هزار ڪنواريون ڇوڪريون بہ آيون جن مان خداوند
جو حصو ٻٽيهہ ٿيو. 41 موسيٰ اليعزر ڪاهن کي اهو حصو خداوند
جي خاص نذراني طور ڏنو، جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو هو.
42 بني اسرائيل قوم جو اڌ حصو جيڪو موسيٰ جنگي جوانن جي
اڌ حصي کان ڌار ڪيو سو هي هو: 43 ٽي لک ستٽيهہ هزار پنج سؤ
رڍون ٻڪريون، 44 ڇٽيهہ هزار ڍور ڍڳا، 45 ٽيهہ هزار پنج سؤ گڏهہ
46 ۽ سورهن هزار ڪنواريون ڇوڪريون. 47 موسيٰ انهيءَ اڌ حصي
مان هر پنجاهہ مان هڪڙو خواهہ قيدي ماڻهن مان خواهہ جانورن
مان ڪڍي جيئن خداوند فرمايو هو تيئن لاوين کي ڏنو، جن خداوند
جي مقدس خيمي جي سنڀال ٿي ڪئي.
48 پوءِ لشڪر جا هزارن ۽ سون جا سالار موسيٰ وٽ آيا. 49 انهن
کيس چيو تہ "جيڪي جنگي جوان اسان جي هٿ هيٺ هئا، تن جو
اسان اوهان جي ٻانهن شمار ڪيو آهي. انهن مان هڪڙو بہ ڪُتل
ناهي. 50 سو اسان مان هر هڪ ڇٽي سونا زيور خداوند جي لاءِ
نذرانو آندا آهن، جيڪي اسان کي هٿ آيا هئا، يعني بازوبند، ڇُوڙا،
منڊيون، ايرنگَ ۽ هار، انهيءَ لاءِ تہ خداوند جي حضور ۾ اسان
جي لاءِ ڪفارو ادا ٿئي." 51 تڏهن موسيٰ ۽ اليعزر ڪاهن انهن کان
اهي سڀ سونا گهڙيل زيور ورتا. 52 نذراني وارو اهو سون جيڪو
انهن سالارن پيش ڪيو، تنهن جي جملي تور اٽڪل هڪ سؤ نوي
ڪلوگرام هئي. 53 پر جنگي جوانن مان هر ڪنهن ڇٽي پنهنجي
پنهنجي لاءِ جيڪو لُٽ جو مال ڪنيو هو سو پاڻ وٽ ئي رکيائون.
54 سو موسيٰ ۽ اليعزر ڪاهن انهن سالارن کان اهو سون ورتو ۽
خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ کڻي آيا، تہ جيئن اهو خداوند جي
حضور ۾ بني اسرائيل کي ياد رکڻ لاءِ هڪ نشان هجي.

## اردن درياءَ جي اڀرندي وارا قبيلا

(شريعت جو دور 3:12–22)

32 1 روبن ۽ گد قبيلي وارن وٽ چوپايو مال تمام گهڻو هو.
سو جڏهن انهن يعزير ۽ گلعاد جي زمين تي نظر ڪئي تہ
ڏٺائون تہ اهو هنڌ چوپائي مال جي لاءِ نهايت سٺو آهي، 2 تڏهن هو
موسيٰ، اليعزر ڪاهن ۽ اڳواڻن وٽ آيا ۽ موسيٰ کي چيائون تہ 3-
4 "اهو ملڪ جنهن تي خداوند بني اسرائيل جي هٿان قبضو ڪيو
آهي ۽ جنهن ۾ عطارات، ديبون، يعزير، نمراه، حشبون، العالي،
سبام، نبو ۽ بعون شهر آهن، تنهن جي زمين چوپائي مال جي لاءِ
تمام چڱي آهي. جيئن تہ اسان اوهان جي ٻانهن وٽ گهڻو چوپايو
مال آهي، 5 سو جيڪڏهن اسان تي توهان جي مهربانيءَ جي نظر
آهي تہ هيءُ ملڪ اسان پنهنجن خادمن کي ملڪيت ڪري ڏيئي
ڇڏيو ۽ اسان کي اردن درياءَ جي پرينءَ پر نہ وٺي هلو."

6 تڏهن موسيٰ گد ۽ روبن قبيلي وارن کي چيو تہ ”اوهان جا
همقوم ڀائر تہ جنگ تي ويندا ۽ اوهين هتي ويٺا رهندا ڇا؟ 7 ڇو
اوهين بني اسرائيل کي پار پهچي انهيءَ ملڪ ۾ داخل ٿيڻ کان
بيهمت ٿا ڪريو، جيڪو ملڪ خداوند هنن کي ڏنو آهي؟ 8 اوهان
جي ابن ڏاڏن بہ ائين ئي ڪيو هو، جڏهن مون کين قادش‌برنيع مان
انهيءَ ملڪ جي احوال معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. 9 هو اِشڪال
جي برساتي نهر تائين ويا ۽ انهيءَ ملڪ بابت احوال معلوم ڪيائون.
پوءِ اتان واپس اچي بني اسرائيل کي انهيءَ ملڪ ۾ داخل ٿيڻ کان
بيهمت ڪري ڇڏيائون جيڪو کين خداوند ڏنو هو. 10 انهيءَ ڏينهن
خداوند کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، سو قسم کڻي چيائين تہ 11 ’جيئن
تہ هنن پوري دل سان منهنجي تابعداري نہ ڪئي آهي، تنهنڪري
جيڪي مصر مان نڪري آيا آهن تن مان ڪوبہ، جنهن جي عمر
ويهہ سال يا انهيءَ کان مٿي هوندي، سو اهو ملڪ نہ ڏسندو جنهن
بابت مون ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب سان قسم کنيو هو. 12 پر رڳو
يفنہ قنزيءَ جو پٽ ڪالب ۽ نون جو پٽ يشوع ئي انهيءَ ملڪ ۾
داخل ٿيندا، ڇوجو هنن مون خداوند جي دل وَ جان سان تابعداري
ڪئي آهي.‘ 13 سو خداوند کي بني اسرائيل تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽
هن کين چاليهہ سال بيابان ۾ هيڏانهن هوڏانهن رلايو جيستائين
انهيءَ پيڙهيءَ جا سڀ ماڻهو جن خداوند جي نظر ۾ برائي ڪئي
هئي، سي مري کپي نہ ويا. 14 هاڻي وري اوهين گنهگارن جي نئين
پيڙهي پنهنجن ابن ڏاڏن جي جاءِ تي اٿيا آهيو، تہ جيئن خداوند بني
اسرائيل تي اڃا وڌيڪ ڪاوڙجي. 15 اي روبن ۽ گد قبيلي وارؤ! ياد
رکو، جيڪڏهن اوهين هن جي تابعداريءَ کان ڦرندءُ تہ هو وري بہ
پوري قوم کي بيابان ۾ ڇڏي ڏيندو ۽ اوهين ئي انهن سڀني جي
تباهيءَ جو سبب بڻبُہ.“

16 تڏهن اهي موسيٰ جي ويجهو اچي چوڻ لڳا تہ ”اسين هتي
پنهنجي چوپائي مال لاءِ واڙا ۽ ٻارن ٻچن لاءِ شهر ٻڌنداسين. 17 پر
اسين پاڻ هٿيار ٻڌي، تيار ٿي بني اسرائيل جي اڳيان هلنداسين،
جيستائين اسين هنن کي سندن جاءِ تائين نہ پهچايون. تنهن وچ
۾ اسان جا ٻار ٻچا ڪوٽن وارن شهرن ۾ رهندا، جيئن هتي جي
رهاڪن کان محفوظ رهن. 18 جيستائين بني اسرائيل مان هر هڪ
ماڻهو پنهنجو ورثو هٿ نہ ڪندو، تيستائين اسين پنهنجن گهرن
ڏانهن موٽي ڪين ايندا‌سين. 19 اسين اردن درياءَ جي پرينءَ پر هنن
سان گڏ ورثو ڪين وٺنداسين، ڇوتہ اسان جو ورثو اردن درياءَ جي
هِن پر اڀرندي پاسي اسان کي ملي چڪو آهي.“

20 تڏهن موسيٰ انهن کي چيو تہ ”جيڪڏهن اوهين ائين ڪريو جو
خداوند جي آڏو هٿيار ٻڌي جنگ تي وڃو 21 ۽ اوهين سڀئي هٿياربند
تيستائين اردن درياءَ جي پرينءَ پر موجود رهو، جيستائين خداوند
پنهنجي دشمنن کي اتان پڇائي نہ ڪڍي، 22 پوءِ جڏهن اهو ملڪ
خداوند جي آڏو قبضي ٿي وڃي، تنهن کان پوءِ اوهين ڀلي هتي
موٽي اچو. تڏهن اوهين خداوند ۽ بني اسرائيل جي جنگي فرض کان
آجا رهندا ۽ اردن درياءَ جي اڀرندي پاسي وارو هيءُ ملڪ خداوند
جي طرفان اوهان کي ملڪيت ٿي ملندو. 23 پر جيڪڏهن اوهين ائين
نہ ڪندا تہ ياد رکو تہ اوهين خداوند جا گنهگار ٿيندا ۽ يقين ڄاڻو
تہ اوهان جو گناهہ اوهان کي پڪڙائيندو. 24 اوهين ڀلي پنهنجن
ٻارن ٻچن لاءِ شهر ۽ پنهنجين رڍن ٻڪرين لاءِ واڙا ٺاهيو، پر جيڪو
اوهان واعدو ڪيو آهي سو پورو ڪريو.“

25 گد ۽ روبن قبيلي وارن موسيٰ کي چيو تہ ”آقا! اسين توهان
جا ٻانها ائين ئي ڪنداسين جيئن اوهين فرمايو ٿا. 26 اسان جا ٻار،
اسان جون زالون، اسان جو چوپايو مال ۽ اسان جا سمورا جانور هتي
گلعاد جي شهرن ۾ رهندا. 27 پر اسان توهان جي ٻانهن مان هر ڪو
هٿياربند ماڻهو اوهان اسان جي آقا جي چوڻ موجب اردن درياءَ جي
پرينءَ پر خداوند جي نگهبانيءَ هيٺ جنگ تي ويندو.“

28 پوءِ موسيٰ اليعزر ڪاهن، نون جي پٽ يشوع ۽ بني اسرائيل جي
قبيلن جي سردارن کي انهن بابت هي حڪم ڏنو تہ 29 ”جيڪڏهن
گد ۽ روبن قبيلي وارن مان هر ڪو مرد ماڻهو هٿيار ٻڌي خداوند
جي نگهبانيءَ هيٺ اوهان سان گڏ اردن درياءَ جي پرينءَ پر جنگ
تي هلي تہ جڏهن انهيءَ ملڪ تي اوهان جو قبضو ٿي وڃي، تڏهن
اوهين گلعاد جو علائقو انهن کي ملڪيت ڪري ڏجو. 30 پر جيڪڏهن
اهي هٿيار ٻڌي اوهان سان گڏ اردن درياءَ جي پرينءَ پر نہ هلن، تہ
پوءِ انهن کي ڪنعان جي ئي ملڪ ۾ اوهان سان ورثو ملندو.“

31 تڏهن گد ۽ روبن قبيلي وارن جواب ڏنو تہ ”جيئن خداوند فرمايو
آهي، تيئن ئي اسين توهان جا ٻانها ڪنداسين. 32 اسين هٿيار ٻڌي
خداوند جي نگهبانيءَ هيٺ پرينءَ پر ڪنعان جي ملڪ ۾ جنگ تي
وينداسين پر ملڪيت اسان کي اردن درياءَ جي هِن پر ئي ملي.“

33 تڏهن موسيٰ امورين جي بادشاهہ سيحون ۽ بسن جي بادشاهہ
عوج جا ملڪ شهرن ۽ ٻهراڙيءَ سميت گد ۽ روبن قبيلن ۽ يوسف
جي پٽ منسيءَ جي اڌ قبيلي کي ڏيئي ڇڏيا. 34 پوءِ گد قبيلي
وارن اتي ڪوٽن وارا هي شهر وري تعمير ڪيا: ديبون، عطارات،
عروعير، 35 عطرات شوفان، يعزير، يگبها، 36 بيت‌نمراہ ۽ بيت‌هارن.
هنن پنهنجين رڍن ٻڪرين جي لاءِ واڙا پڻ ٺاهيا. 37 روبن قبيلي
وارن هي شهر وري تعمير ڪيا: حشبون، العالي ۽ قريتائم، 38 نبو ۽
بعل‌معون ۽ سبماہ. جيڪي شهر وري ٺاهيائون تن جا هنن نوان نالا
رکيا. 39 منسيءَ جي پٽ مڪير جي اولاد گلعاد علائقي تي وڃي
قبضو ڪيو ۽ جيڪي اموري اتي رهندا هئا تن کي پڇائي ڪڍيائون.
40 سو موسيٰ گلعاد جو علائقو منسيءَ جي پٽ مڪير جي اولاد کي
ڏنو ۽ هو اتي ئي رهڻ لڳا. 41 منسيءَ جي اولاد مان يائير چڙهائي
ڪري اتي جي ڪجهہ ڳوٺن تي وڃي قبضو ڪيو ۽ انهن جو نالو

9–8:32 ڳا 33–17:13    13–10:32 ڳا 35–26:14    32–28:32 يش 15–12:1

”يائير جا ڳوٺ“ رکيائين. 42 نوبح چڙهائي ڪري قنات ۽ ان جي
آس‌پاس وارن ڳوٺن تي وڄي قبضو ڪيو. هن انهيءَ جو نالو بدلائي
پنهنجي نالي جي پٺيان ”نوبح“ رکيو.

## سفر جون منزلون

33 1 جڏهن بني اسرائيل موسيٰ ۽ هارون جي اڳواڻيءَ ۾
قبيلن موجب مصر جي ملڪ مان نڪتا هئا، تڏهن سفر
دوران 2 موسيٰ خداوند جي حڪم موجب انهن جي مسافريءَ جي
منزلن جون هي جايون لکي ڇڏيون. 3 بني اسرائيل پهرين مهيني
جي پندرهين تاريخ يعني عيد فصح کان پوءِ ٻئي ڏينهن صبح جو
رعمسيس شهر مان روانا ٿيا. هو اتان سڀني مصرين جي اکين جي
اڳيان وڏي دليريءَ سان نڪري هليا. 4 انهيءَ وقت مصري پنهنجا
سڀ پهريتا ٻار دفن ڪري رهيا هئا، جن کي خداوند ماريو هو.
خداوند انهن جي معبودن کي بہ سزا ڏني.
5 سو بني اسرائيل رعمسيس مان روانا ٿيا ۽ سُڪات ۾ اچي منزل
ڪيائون. 6 وري هو اتان روانا ٿيا ۽ ايتام ۾ اچي منزل ڪيائون،
جيڪو بيابان جي حد وٽ آهي. 7 پوءِ هو اتان روانا ٿي پٺتي
فيِ‌هخيروت ڏانهن موٽيا، جو بعل‌صفون جي اڀرندي طرف آهي ۽
مگدال وٽ اچي منزل ڪيائون. 8 تڏهن هو اتان فيِ‌هخيروت مان
روانا ٿيا ۽ ڳاڙهي سمنڊ مان لنگهي بيابان ۾ آيا. هنن ايتام جي
بيابان ۾ ٽن ڏينهن جو پنڌ ڪري ماره ۾ اچي منزل ڪئي. 9 وري
هو اتان روانا ٿيا ۽ ايليم ۾ منزل ڪيائون، جتي پاڻيءَ جا ٻارهن
چشما ۽ کجين جا ستر وڻ هئا. 10 پوءِ هو اتان روانا ٿيا ۽ ڳاڙهي
سمنڊ جي ڀرسان اچي منزل ڪيائون. 11 تڏهن هو اتان روانا ٿيا ۽
سين جي بيابان ۾ اچي منزل ڪيائون. 12 وري هو اتان روانا ٿيا ۽
دفقاه ۾ اچي منزل ڪيائون. 13 هو اتان روانا ٿيا ۽ آلوش ۾ اچي
منزل ڪيائون. 14 هو اتان روانا ٿيا ۽ رفيديم ۾ اچي منزل ڪيائون.
اتي ماڻهن جي پيئڻ لاءِ پاڻي ڪونہ هو. 15 تڏهن هو اتان روانا ٿيا
۽ سينا جي بيابان ۾ اچي منزل ڪيائون. 16 وري هو اتان روانا ٿيا
۽ قبروت‌هتاواه ۾ اچي منزل ڪيائون. 17 پوءِ هو اتان روانا ٿيا ۽
حصيرات ۾ اچي منزل ڪيائون. 18 تڏهن هو اتان روانا ٿيا ۽ رتمہ ۾
اچي منزل ڪيائون. 19 وري هو اتان روانا ٿيا ۽ رمون‌فارص ۾ اچي
منزل ڪيائون. 20 هو اتان روانا ٿيا ۽ لبناه ۾ اچي منزل ڪيائون.
21 پوءِ هو اتان روانا ٿيا ۽ ريسہ ۾ اچي منزل ڪيائون. 22 تڏهن
هو اتان روانا ٿيا ۽ قهيلاٿاه ۾ اچي منزل ڪيائون. 23 وري هو اتان
روانا ٿيا ۽ شافر جبل وٽ اچي منزل ڪيائون. 24 هو اتان روانا ٿيا ۽
حراداه ۾ اچي منزل ڪيائون. 25 پوءِ هو اتان روانا ٿيا ۽ مقهيلوت ۾
اچي منزل ڪيائون. 26 تڏهن هو اتان روانا ٿيا ۽ تحت ۾ اچي منزل
ڪيائون. 27 وري هو اتان روانا ٿيا ۽ تارح ۾ اچي منزل ڪيائون.
28 هو اتان روانا ٿيا ۽ متقاه ۾ اچي منزل ڪيائون. 29 پوءِ هو اتان
روانا ٿيا ۽ حشموناه ۾ اچي منزل ڪيائون. 30 تڏهن هو اتان روانا ٿيا
۽ موسيروت ۾ اچي منزل ڪيائون. 31 وري هو اتان روانا ٿيا ۽ بني
يعقان ۾ اچي منزل ڪيائون. 32 هو اتان روانا ٿيا ۽ هورهگدگاد ۾
اچي منزل ڪيائون. 33 پوءِ هو اتان روانا ٿيا ۽ ياطباٿاه ۾ اچي منزل
ڪيائون. 34 تڏهن هو اتان روانا ٿيا ۽ عبروناه ۾ اچي منزل ڪيائون.
35 وري هو اتان روانا ٿيا ۽ عصيون‌جابر ۾ اچي منزل ڪيائون. 36 پوءِ
هو اتان روانا ٿيا ۽ قادش، جيڪو صين جي بيابان ۾ آهي، تنهن
۾ اچي منزل ڪيائون. 37 هو اتان قادش مان روانا ٿيا ۽ ادوم ملڪ
جي سرحد تي هور جبل وٽ اچي منزل ڪيائون.
38 اتي هارون ڪاهن خداوند جي حڪم موجب هور جبل تي چڙهي
ويو ۽ بني اسرائيل جي مصر جي ملڪ مان نڪرڻ کان پوءِ چاليهين
سال جي پنجين مهيني جي پهرين تاريخ تي هن اتي وفات ڪئي.
39 هور جبل تي وفات ڪرڻ وقت سندس عمر هڪ سؤ ٽيويهہ سال
هئي.
40 عراد شهر جو ڪنعاني بادشاهہ جيڪو ڏکڻ ڪنعان ۾ رهندو
هو تنهن بني اسرائيل جي اچڻ جو ٻڌو.
41 بني اسرائيل اتان هور جبل وٽان روانا ٿيا ۽ صلموناه ۾ اچي
منزل ڪيائون. 42 وري هو اتان روانا ٿيا ۽ فونون ۾ اچي منزل
ڪيائون. 43 پوءِ هو اتان روانا ٿيا ۽ اوبوت ۾ اچي منزل ڪيائون.
44 هو اتان روانا ٿيا ۽ موآب جي سرحد تي عباريم جي کنڊرات ۾
اچي منزل ڪيائون. 45 پوءِ هو اتان روانا ٿيا ۽ ديبون‌گد ۾ اچي منزل
ڪيائون. 46 تڏهن هو اتان روانا ٿيا ۽ علمون‌دبلاٿايم ۾ اچي منزل
ڪيائون. 47 هو اتان روانا ٿيا ۽ نبو جبل جي سامهون عباريم جي
جبلن ۾ اچي منزل ڪيائون. 48 پوءِ هو اتان روانا ٿيا ۽ اردن درياءَ
جي ڀرسان موآب جي ميدان ۾ يريحو شهر جي سامهون اچي منزل
ڪيائون. 49 اتي موآب جي ميدان ۾ هنن اردن درياءَ سان گڏوگڏ
بيت‌يشيموت کان وٺي ابيل‌سطيم تائين تنبو کوڙيا.

## اردن درياءُ پار ڪرڻ کان اڳ هدايتون

50 خداوند اردن درياءَ جي اڀرندي پاسي موآب جي ميدان ۾ يريحو
شهر جي سامهون بني اسرائيل بابت موسيٰ کي هي حڪم ڏنو تہ
51 ”جڏهن اوهين اردن درياءُ پار ڪري ڪنعان جي ملڪ ۾ داخل
ٿيو، 52 تڏهن اتي جي سڀني رهاڪن کي پڇائي ڪڍجو. انهن جون
تراشيل توڙي پلتيل مورتون برباد ڪري ڇڏجو ۽ انهن جا ٽڪرن تي
ٺهيل پوڄا گهر ڊاهي ڇڏجو. 53 اوهين اهو ملڪ هٿ ڪري انهيءَ
۾ رهجو ڇالاءِجو مون اهو ملڪ اوهان کي ملڪيت ڪري ڏنو آهي.
54 اوهين اهو ملڪ پُڪا وجهي پنهنجن اباڻن قبيلن موجب ورهائي
ڪٽجو. گهڻن کي گهڻو ورثو ڏجو ۽ ٿورن کي ٿورو ورثو ڏجو. جنهن

38:33 ڳا 20:22–28، شر 6:10، 50:32 — 40:33 ڳا 1:21 — 54:33 ڳا 26:54–56

ماڻھوءَ جي نالي جنھن ھنڌ جو پُڪو پوي، اھو ھنڌ انھيءَ کي ڏجو.
55 پر جيڪڏھن اوھين انھيءَ ملڪ جي رھاڪن کي پچائي نہ ڪڍندا
تہ پوءِ جن کي اوھين اتي رھڻ ڏيندا سي اوھان جي اکين ۾ چيتين
وانگر ۽ اوھان جي پاسن ۾ ڪنڊن وانگر چڀندا ۽ اھي انھيءَ ملڪ
۾ اوھان کي ستائيندا جتي اوھين رھندا. 56 سو جيڪڏھن اوھان
انھن کي پچائي نہ ڪڍيو تہ پوءِ آءٌ اوھان سان اھو ڪجھہ ڪندس
جيڪي مون ھنن سان ڪرڻ تي گھريو.“

## ڪنعان ملڪ جون سرحدون

34 1 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 2 ”بني اسرائيل کي حڪم
ڏئي چئُہ تہ ’جڏھن اوھين ڪنعان جي ملڪ ۾ داخل ٿيندا،
جيڪو اوھان کي ورثي طور ورھائجي ملندو، تنھن جون سرحدون
ھي ھونديون. 3 اوھان جو ڏکڻ وارو حصو صين جي بيابان تان
ٿيندو، جيڪو ادوم جي سرحد تي آھي. انھيءَ حصي جي سرحد جو
اڀرندو پاسو کاري سمنڊ جي ڏاکڻي ڇيڙي کان شروع ٿيندو. 4 پوءِ
اھا عقرابيم جي چاڙھيءَ جي ڏکڻ طرف کان ڦرندي صين منجھان
ٿيندي اچا بہ قادش‌برنيع جي ڏکڻ کان ٿيندي حصرادار ڏانھن ڦرندي
۽ عصمون تائين ويندي. 5 پوءِ اھا ئي سرحد اتان ڦري، مصر جي
سرحد واري برساتي نھر کان ٿيندي ڀونوچ سمنڊ تي وڃي پوري
ٿيندي.

6 سمنڊ جو ڪنارو اوھان جي لاءِ الھندي واري سرحد ٿيندي.
7 اوھان اتر واري سرحد سمنڊ کان وٺي ھور جبل تائين 8 ۽ اتان
ڪان حمات لڪ تائين رکجو. اھا اتان نکري صداد 9 ۽ زفرون مان
لنگھي حصرعينان تي وڃي پوري ٿيندي.
10 اوھين اڀرندي واري سرحد حصرعينان کان وٺي شفام تائين
رکجو. 11 اھا سرحد شفام کان ڏکڻ طرف ربلہ شھر تائين ويندي،
جيڪو عين جي اوڀر ۾ آھي. اتان وري گليل ڍنڍ جي اڀرندي ۾
چاڙھيءَ جي چوٽيءَ کان ٿيندي، 12 پوءِ اتان اردن درياءَ جي ڪناري
ڪناري ھيٺ لنگھندي وڃي کاري سمنڊ تي پوري ٿيندي.
اوھان جي ملڪ جون اھي ئي چوڌاري سرحدون ھونديون.‘“
13 پوءِ موسيٰ بني اسرائيل کي چيو تہ ”اھو آھي اُھو ملڪ جيڪو
اوھين پاڻ ۾ پُڪن رستي ورثي طور ورھائيندا. اھو ملڪ خداوند
ساڍن نون قبيلن کي ڏيڻ جو حڪم ڏنو آھي. 14 بني روبن ۽ بني گد
جي قبيلن کي سندن نسلن موجب ورثو ملي چڪو آھي ۽ منسيءَ
جي اڌ قبيلي کي بہ ورثو ملي چڪو آھي. 15 انھن اڍائي قبيلن کي
يريحو شھر جي سامھون اردن درياءَ جي اوريئَ پر اڀرندي پاسي
سندن ورثو ملي چڪو آھي.“

## ملڪ ورھائي ڏيندڙ اڳواڻ

16 خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ 17 ”جيڪي ماڻھو اوھان کي ملڪ
ورثي طور ورھائي ڏيندا سي اليعزر ڪاھن ۽ نون جو پٽ يشوع آھن.
18 تون ھر ھڪ قبيلي مان ھڪ ھڪ اڳواڻ مقرر ڪر، تہ جيئن اھي
ملڪ ورھائي ڏيڻ ۾ انھن جي مدد ڪن.“ 19 انھن اڳواڻن جا نالا
ھي آھن: يھوداہ قبيلي جو اڳواڻ ڪالب ولد يفنہ، 20 شمعون قبيلي
جو اڳواڻ شموايل ولد عميھود، 21 بنيامين قبيلي جو اڳواڻ اليداد
ولد ڪسلون، 22 دان قبيلي جو اڳواڻ بقي ولد يگلي، 23 يوسف جي
پٽ منسيءَ جي قبيلي جو اڳواڻ حني‌ايل ولد افود، 24 يوسف جي
پٽ افرائيم جي قبيلي جو اڳواڻ قموايل ولد سفتان، 25 زبولون قبيلي
جو اڳواڻ اليصافن ولد فرناڪ، 26 اِسڪار قبيلي جو اڳواڻ فلتي‌ايل
ولد عزان، 27 آشر قبيلي جو اڳواڻ اخيھود ولد شلومي، 28 ۽ نفتالي
قبيلي جو اڳواڻ فداھيل ولد عميھود. 29 ھي آھن اھي اڳواڻ جن
کي خداوند مقرر ڪيو تہ ڪنعان جي ملڪ ۾ بني اسرائيل کي ورثو
ورھائي ڏين.

## لاوين جي لاءِ شھر

35 1 اردن درياءَ جي اڀرندي پاسي موآب جي ميدان ۾ يريحو
شھر جي سامھون خداوند بني اسرائيل بابت موسيٰ کي
ھي حڪم ڏنو تہ 2 ”اوھان کي جيڪو ورثو ملي تنھن مان کي
شھر لاوين کي رھڻ لاءِ ڏجو ۽ شھرن جي آس‌پاس وارا چراگاھہ پڻ
کين ڏجو. 3 اھي شھر انھن جي رھڻ لاءِ ھوندا ۽ چراگاھہ سندن
چوپائي مال ۽ ٻين پالتو جانورن لاءِ ھوندا. 4 شھرن جي آس‌پاس
وارا چراگاھہ جيڪي اوھين لاوين کي ڏيو، سي شھر جي ڪوٽ کان
چئن ئي طرفن ڏانھن ساڍا چار سؤ ميٽر ھئڻ گھرجن. 5 اوھين شھر
جي ٻاھران چئن ئي طرفن ڏانھن نوَ نوَ سؤ ميٽر ماپجو تہ شھر وچ
۾ ٿي پوندو. اھو علائقو انھن لاءِ چراگاھہ طور ھوندو. 6 اوھين
لاوين کي ڇھہ شھر پناھہ جي لاءِ ڏجو، تہ جيئن جنھن ماڻھوءَ جي
ھٿان اتفاق سان خون ٿي پوي تہ اھو اوڏانھن ڀڄي وڃي سگھي.
انھن کان سواءِ اوھين کين ٻائيتاليھہ شھر ٻيا بہ ڏجو. 7 اوھين
جملي اٺيتاليھہ شھر چراگاھن سميت لاوين کي ڏجو. 8 جڏھن
اوھين بني اسرائيل جي موروثي ملڪيت مان لاوين کي اھي شھر
ڏيو، تڏھن جن قبيلن کي گھڻا شھر مليل ھجن تن کان گھڻا وٺجو
۽ جن کي ٿورا مليل ھجن تن کان ٿورا وٺجو. مطلب تہ ھر قبيلو
پنھنجي مليل ميراث مطابق لاوين کي شھر ڏئي.“

34:13 گا 26:52–56   34:13–15 يش 14:1–5   35:1–8 يش 21:1–42

## پناهہ جا شهر

(شريعت جو دور 19:1–13، يشوع 20:1–9)

9 خداوند بني اسرائيل بابت موسيٰ کي هي فرمايو تہ 10 ”جڏهن
اوهين اردن درياءُ پار ڪري ڪنعان جي ملڪ ۾ داخل ٿيو، 11 تڏهن
پنهنجي لاءِ ڪي پناهہ جا شهر چونڊجو، تہ جيئن جنهن جي هٿان
اتفاق سان خون ٿي پوي تہ اُهو اوڏانهن ڀڄي وڃي سگهي. 12–
13 اهي شهر اوهان جي لاءِ وير وٺڻ واري کان پناهہ‌گاهہ هوندا.
اهو انهيءَ لاءِ تہ خوني جيستائين قوم جي اڳيان فيصلي لاءِ حاضر
نہ ٿئي، تيستائين اُهو ماريو نہ وڃي. اوهين ڇهہ پناهہ جا شهر
ڏجو، 14 ٽي اردن درياءَ جي اڀرندي پاسي ۽ ٽي ڪنعان جي ملڪ
۾. 15 اهي ڇهہ شهر بني اسرائيل جي لاءِ، ڌارئي جي لاءِ ۽ مسافر
جي لاءِ پناهہ‌گاهہ هوندا، تہ جيئن جنهن جي هٿان اتفاق سان خون
ٿي پوي سو اوڏانهن ڀڄي وڃي سگهي.
16 هاڻي جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي لوهہ جي شيءِ سان اهڙو ڌڪ
هڻي جو هو مري پوي، تہ پوءِ ڌڪ هڻندڙ خوني آهي ۽ کيس ضرور
قتل ڪيو وڃي. 17 يا جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي پٿر اڇلائي هڻي ۽
هو مري پوي، تہ پوءِ پٿر اڇلائي هڻندڙ خوني آهي ۽ کيس ضرور
قتل ڪيو وڃي. 18 يا جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي ڪاٺيءَ جي شيءِ
سان اهڙو ڌڪ هڻي جو هو مري پوي، تہ پوءِ ڌڪ هڻندڙ خوني آهي
۽ کيس ضرور قتل ڪيو وڃي. 19 مقتول جو ڪو وير وٺڻ وارو عزيز
پاڻ ئي انهيءَ خونيءَ کي ماري. جڏهن اهو کيس ڳولهي تڏهن کيس
ماري ڇڏي. 20 جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي نفرت وچان ڌڪو ڏئي يا
لڪي وجهہ وٺي ڪا شيءِ مٿس اڇلائي وجهي ۽ هو مري پوي 21 يا
دشمنيءَ وچان کيس اهڙي مُڪ هڻي جو هو مري پوي، تہ پوءِ مُڪ
هڻندڙ خوني آهي ۽ کيس ضرور قتل ڪيو وڃي. مقتول جو ڪو وير
وٺڻ وارو عزيز پاڻ ئي انهيءَ خونيءَ کي ماري. جڏهن اهو کيس
ڳولهي تڏهن کيس ماري ڇڏي.
22 پر جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي دشمنيءَ کان سواءِ اتفاقاً ڌڪو
ڏئي يا غير ارادي طور ڪا شيءِ مٿس اڇلائي، 23 يا کيس ڏسڻ کان
سواءِ ڪو پٿر اڇلائي هڻي ۽ هو مري پوي، تہ پوءِ اهو ثابت ٿيڻ تي
تہ هو هن جو دشمن نہ هو ۽ نہ ئي وري چاهي‌واهي کيس نقصان
پهچايائين، 24 قوم انهيءَ ڌڪ هڻندڙ ۽ مقتول جي ڪنهن وير وٺڻ
واري عزيز جي وچ ۾ هن طرح فيصلو ڪري. 25 انهيءَ خونيءَ کي
مقتول جي وير وٺڻ واري عزيز جي چنبي کان ڇڏايو وڃي ۽ کيس
انهيءَ پناهہ جي شهر ۾ موٽائي موڪليو وڃي جتي هو خون ڪري
پناهہ لاءِ ڀڄي ويو هو. پوءِ جيستائين انهن ڏينهن ۾ مخصوص
تيل سردار ڪاهن فوت نہ ٿي وڃي تيستائين هو اتي ئي رهي. 26 پر
جيڪڏهن اهو خوني جنهن پناهہ جي شهر ۾ ڀڄي ويو هجي، تنهن
جي حد کان ڪنهن بہ وقت ٻاهر نڪري 27 ۽ مقتول جو وير وٺڻ وارو
عزيز شهر کان ٻاهر ڳولهي وٺيس ۽ ماري وجهيس، تہ ان ماريندڙ
تي خون جو ڏوهہ نہ ايندو. 28 خونيءَ کي گهرجي تہ هو سردار
ڪاهن جي مرڻ تائين انهيءَ پناهہ جي شهر ۾ رهي، انهيءَ کان
پوءِ ڀلي پنهنجي گهر موٽي وڃي. 29 اهي ئي قانون اوهان ۽ اوهان
جي سڀني پيڙهين لاءِ آهن، پوءِ ڪٿي جتي بہ اوهين رهو.
30 جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي قتل ڪري تہ پوءِ انهيءَ قاتل کي
شاهدن جي شاهديءَ تي ئي ماريو وڃي، پر انهيءَ لاءِ رڳو هڪڙي
ئي شاهد جي شاهدي ڪافي ناهي. 31 انهيءَ قاتل کي ضرور ماريو
وڃي، جيڪو واجب‌القتل هجي. اوهين ڪانئس جان جي عيوضي
۾ پيسا وٺي کيس ڇڏي نہ ڏجو. 32 جيڪڏهن ڪو قاتل پناهہ جي
شهر ۾ ڀڄي وڃي، تہ انهيءَ کان سردار ڪاهن جي مرڻ کان اڳ ۾
سندس جان جي عيوضي جا پيسا وٺي کيس گهر موٽي وڃڻ نہ
ڏجو. 33 اوهين ائين ڪري انهيءَ ملڪ کي ناپاڪ نہ ڪجو جنهن
۾ پاڻ رهو ٿا. خون ملڪ کي ناپاڪ ٿو ڪري ۽ جنهن ملڪ ۾ خون
وهائجي ٿو تنهن جو ڪفارو قاتل جي خون کان سواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ
ٿي نہ ٿي سگهي. 34 سو جنهن ملڪ ۾ اوهين رهو ٿا ۽ منجهس آءٌ
بہ ٿو رهان تنهن کي ناپاڪ نہ ڪجو، ڇوتہ آءٌ خداوند بني اسرائيل
جي وچ ۾ ٿو رهان.“

## صلافحاد جي ڌيئرن جو ورثو

**36** 1 بني يوسف جي نسل جي قبيلن مان بني گلعاد، جيڪي
منسيءَ جي پٽ مڪير جو اولاد آهن، تن جي ڪٽنبن جا وڏا
موسيٰ ۽ بني اسرائيل جي ٻين قبيلن جي سردارن وٽ آيا. 2 انهن
موسيٰ کي اچي چيو تہ ”توهان اسان جي آقا کي خداوند حڪم
ڏنو هو تہ پُڪا وجهي ملڪ بني اسرائيل کي ورثي طور ورهائي ڏنو
وڃي ۽ خداوند توهان کي هي بہ حڪم ڏنو هو تہ اسان جي عزيز
صلافحاد جو ورثو سندس ڌيئرن کي ڏنو وڃي. 3 پر جيڪڏهن اهي
بني اسرائيل جي ڪنهن ٻئي قبيلي جي مردن سان پرڻبيون تہ انهن
جو ورثو اسان جي وڏن جي ورثي مان انهيءَ قبيلي جو ٿي ويندو.
ائين ڪرڻ سان اسان جي قبيلي کي مليل ورثي جو حصو گهٽجي
ويندو. 4 بني اسرائيل جي جشن واري سال ۾ صلافحاد جي ڌيئرن
جي جائداد انهيءَ قبيلي ۾ مستقل طور تي شامل ڪئي ويندي
جنهن ۾ هو پرڻبيون. اهڙيءَ طرح اسان جي ابن ڏاڏن جي قبيلي
مان انهن جو ورثو نڪري ويندو.“
5 تڏهن موسيٰ بني اسرائيل کي خداوند جي حڪم موجب هي
جواب ڏنو تہ ”يوسف جي اولاد جي قبيلي وارا سچ ٿا چون.
6 تنهنڪري صلافحاد جي ڌيئرن بابت خداوند جو هي حڪم آهي
تہ اهي جنهن سان وڻين تنهن سان پرڻجن، پر رڳو پنهنجي ئي

30:35 شر 6:17، 15:19 2:36 ڳا 7:27

قبيلي ۾ پرڻجن. 7 بني اسرائيل جي ڪنهن بہ شخص جو ورثو
هڪڙي قبيلي مان نڪري ٻئي قبيلي ۾ نہ وڃي، بلڪ سندس ئي
قبيلي ۾ رهي ۽ پاڻ ئي انهيءَ جو وارث رهي. 8 بني اسرائيل جي
ڪنهن بہ قبيلي ۾ جيڪڏهن ڪا ڇوڪري ورثي جي مالڪ هجي تہ
اُها انهيءَ ئي قبيلي جي ڪنهن مرد سان شادي ڪري، انهيءَ لاءِ
تہ هر شخص پنهنجي اباڻي ورثي جو وارث رهي. 9 اهڙيءَ طرح
ڪنهن جو بہ ورثو هڪڙي قبيلي مان ٻئي قبيلي ۾ نہ وڃي، بلڪ
هر ڪو قبيلو پنهنجو ورثو پنهنجي قبضي ۾ رکي.”

10 سو جيئن خداوند موسيٰ کي فرمايو تيئن ئي صلافحاد جي
ڌيئرن ڪيو. 11 صلافحاد جون ڌيئر محلاه، ترضاه، حجلاه، مِلڪاه
۽ نوعاه پنهنجن سوٽن سان ئي پرڻيون. 12 انهن يوسف جي پٽ
منسيءَ جي اولاد جي گهراڻن ۾ شادي ڪئي ۽ انهن جو ورثو سندن
پيءُ جي قبيلي ۾ ئي رهيو.

13 اِهي آهن اُهي حڪم ۽ قانون جيڪي خداوند اردن درياءَ جي
اوڀر طرف موآب جي ميدان ۾ يريحو شهر جي سامهون موسيٰ جي
معرفت بني اسرائيل کي ڏنا.

# شريعت جو دور

## توريت شريف جو پنجون ڪتاب

### تعارف

”شريعت جو دور“ نالي هي مقدس ڪتاب حضرت موسيٰ جي ڏنل خطبن جي هڪ سلسلي تي مشتمل آهي. اهي خطبا هن اردن درياءَ جي اوڀر پاسي موآب جي ميدان ۾ بني اسرائيل کي ڏنا، جتي هو بيابان واري ڊگهي مسافريءَ جي خاتمي تي ترسيا هئا ۽ ڪنعان ۾ داخل ٿيڻ تي هئا.

هن ڪتاب ۾ لکيل ڪي اهم ڳالهيون هي آهن: 1. حضرت موسيٰ انهن کي اهي وڏا واقعا ياد ڏياري ٿو، جيڪي گذريل چاليهن سالن ۾ ٿي گذريا. هو قوم کي ياد ٿو ڏياري ته ڪيئن نه خدا انهيءَ عرصي دوران بيابان ۾ سندن رهنمائي ڪئي. خداوند جي ساڻن اهڙي پلائي سندن آڏو رکندي هو کين اهو به تاڪيد ٿو ڪري ته اهي خدا جا فرمانبردار ۽ وفادار ٿي رهن. 2. حضرت موسيٰ ڏهن حڪمن کي دهرائيندي پهرين حڪم جي مفهوم تي وڏيڪ زور ٿو ڏئي ته رڳو خداوند جي ئي عبادت ڪريو. تنهن کان پوءِ هو گهڻن ئي قاعدن قانونن کي دهرائي ٿو جيڪي ڪنعان ۾ هنن جي زندگيءَ سان لاڳو ٿيڻا هئا. 3. حضرت موسيٰ قوم کي ساڻن خدا جي عهد جو مقصد ياد ڏياري ٿو ۽ ڪائنن گهر ٿو ڪري ته هو پنهنجين ذميوارين متعلق ڪيل عهد جي تجديد ڪن. 4. يشوع کي بني اسرائيل جو اڳواڻ ثاني طور مقرر ڪيو ٿو وڃي. 5. آخر ۾ خداوند جي تعريف ۾ گيت ڳائڻ، خدا جي وفا جي خوشي ملهائڻ ۽ بني اسرائيل کي خير وَ برڪت جي دعا ڏيڻ کان پوءِ اردن درياءَ جي اوڀر ۾ موآب جي ميدان ۾ حضرت موسيٰ وفات ڪري ٿو وڃي.

هن ڪتاب جو اهم موضوع اهو آهي ته خدا بني اسرائيل کي بچايو ۽ کين برڪت عطا ڪئي، جنهن لاءِ کين اها به هدايت ڪئي ويئي آهي ته هو اها ڳالهه هميشه ياد رکن. ان کان علاوه هو خدا سان پيار ڪن ۽ سندس فرمانبرداري ڪن، ته جيئن زندگي ۽ مسلسل برڪتون حاصل ڪندا رهن.

6 باب جون 4 کان 6 آيتون هن ڪتاب جون خاص آيتون آهن. انهن مان هڪ آيت هي آهي ته ”اوهين خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجي ساريءَ دل، پنهنجي سڄيءَ جان ۽ پنهنجي پوري طاقت سان پيار ڪريو.“ انهيءَ کي عيسيٰ مسيح خدا جو سڀ کان وڏو حڪم سڏيو آهي (ڏسو متي 22:38).

### سِٽاءُ

حضرت موسيٰ جو پهريون خطبو 1:1–4:49

حضرت موسيٰ جو ٻيو خطبو 1:5–26:19

1. ڏهه حڪم 1:5–10:22

2. قاعدا قانون ۽ تنبيهون 1:11–26:19

ڪنعان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هدايتون 1:27–28:68

عهد جي تجديد 1:29–30:20

حضرت موسيٰ جا آخري لفظ 1:31–33:29

حضرت موسيٰ جي وفات 1:34–12

## اردن درياءَ جي اوڀر ۾ خطبن جي شروعات

1 ① هن ڪتاب ۾ اهي ڳالهيون بيان ڪيل آهن جيڪي موسيٰ بني
اسرائيل کي ان وقت چيون، جڏهن اهي اردن درياءَ جي اوڀر
طرف اردن ماٿريءَ ۾ سوف جي سامهون هئا ۽ انهن جي هڪ پاسي
فاران شهر هو ته ٻئي پاسي طوفل، لابن، حصيرات ۽ ديذهب شهر
هئا. ② سينا کان قادش‌برنيع تائين، *ادوم جي جابلو علائقي واري
رستي سان يارهن ڏينهن جو پنڌ آهي. ③ مصر مان نڪرڻ کان پوءِ
چاليهين سال، يارهين مهيني جي پهرين تاريخ تي موسيٰ اهي سڀ
ڳالهيون بني اسرائيل کي ٻڌايون جيڪي خداوند انهن بابت موسيٰ
کي فرمايون هيون. ④ اهو ان وقت کان پوءِ ٿيو هو جڏهن موسيٰ
امورين جي بادشاهه سيحون کي، جيڪو حشبون تي راڄ ڪندو هو
شڪست ڏيئي ماريو هو ۽ ان کان پوءِ بسن جو بادشاهه عوج، جيڪو
عشتارات تي راڄ ڪندو هو تنهن کي پڻ ادرعيءَ ۾ شڪست ڏيئي
ماريو هئائين. ⑤ سو اردن درياءَ جي اوڀر پاسي موآب جي ميدان ۾
موسيٰ خدا جي شريعت ۽ تعليم بيان ڪرڻ شروع ڪئي.

موسيٰ چيو ته ⑥ ”جڏهن اسين سينا جبل وٽ هئاسين، تڏهن
خداوند اسان جي خدا اسان کي چيو هو ته ’اوهين هن جبل تي گهڻو
رهيا آهيو. ⑦ تنهنڪري هاڻي اوهين تنبو پٽيو ۽ روانا ٿيو. اوهين
امورين جي جابلو علائقي ۾ ۽ انهيءَ جي آس‌پاس وارن سڀني علائقن
۾ وڃو، يعني انهيءَ جابلو علائقي ۾، اردن ماٿريءَ ۾، هيٺاهين
زمين ۾، ڏاکڻي علائقي ۾ ۽ ڀونوچ سمنڊ جي ڪناري تائين. اوهين
ڪنعانين جي ملڪ ۾ ۽ لبنان جي علائقي ۾ وڏي نديءَ فرات تائين
پڻ وڃو. ⑧ ياد رکو، مون اهو ملڪ اوهان جي اڳيان رکيو آهي.
انهيءَ بابت مون خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن ابراهيم، اسحاق ۽
يعقوب سان قسم کڻي واعدو ڪيو هو ته اهو ملڪ انهن کي ۽ انهن
کان پوءِ سندن اولاد کي ڏيندس. سو اوهين وڃي انهيءَ ملڪ کي
پنهنجي قبضي ۾ آڻيو.‘“

## موسيٰ جو جڄ مقرر ڪرڻ
(خروج 18:13–27)

⑨ موسيٰ ماڻهن کي چيو ته ”جنهن وقت اسين اڃا سينا جبل وٽ
هئاسين، تنهن وقت مون اوهان کي چيو هو ته ’آءٌ اڪيلو اوهان جو
بار کڻي نه ٿو سگهان. ⑩ خداوند اوهان جي خدا اوهان کي ايترو
وڌايو آهي جو اڄ اوهين آسمان جي تارن وانگر بي‌شمار آهيو. ⑪ شل
خداوند، اوهان جي ابن ڏاڏن جو خدا اوهان کي انهيءَ کان به هزار
ڀيرا وڌائي ۽ جيئن هن اوهان سان واعدو ڪيو آهي تيئن اوهان کي
برڪت ڏئي. ⑫ پر آءٌ اڪيلو اوهان جو بار، اوهان جو جنجال ۽ اوهان
جا جهيڙا جهڳڙا ڪهڙيءَ طرح کڻي سگهندس؟ ⑬ تنهنڪري اوهين
پنهنجن قبيلن منجهان ڪي اهڙا ماڻهو چونڊي ڪڍو جيڪي ڏاها،
سمجهو ۽ عملي ڄاڻ رکندڙ هجن، انهيءَ لاءِ ته آءٌ انهن کي اوهان
جي مٿان اڳواڻ مقرر ڪريان.‘ ⑭ تڏهن اوهان مون کي انهيءَ جي
ورندي ڏيئي چيو هو ته ’جيڪا ڳالهه توهان ڪئي آهي سا چڱي
آهي، اسين انهيءَ تي عمل ڪنداسين.‘ ⑮ پوءِ مون اوهان جي قبيلن
جي سردارن مان جيڪي ڏاها ۽ عملي ڄاڻ رکندڙ ماڻهو هئا، تن کي
اوهان جي مٿان اڳواڻ مقرر ڪيو. اهي مون اوهان جي قبيلن مطابق
ڪي هزارن هزارن جا، ڪي سون سون جا، ڪي پنجاهه پنجاهه جا
۽ ڪي ڏهن ڏهن جا اڳواڻ ۽ ٻيا عملدار به مقرر ڪيا.

⑯ انهيءَ وقت ئي مون اوهان جي جڄن کي تاڪيد ڪري چيو هو
ته ’اوهين پنهنجيءَ قوم جا مقدما ٻڌجو، پوءِ قوم واري جو معاملو
پنهنجيءَ قوم واري سان هجي توڙي ڪنهن ڌارئي سان، پر اوهين
انهن جو فيصلو انصاف سان ڪجو. ⑰ اوهين عدالت جي ڪم ۾
ڪنهن جي به طرفداري نه ڪجو، ننڍي توڙي وڏي ماڻهوءَ جي
هڪجهڙي ٻڌجو. اوهين ڪنهن به ماڻهوءَ کان نه ڊڄجو، ڇالاءِجو
اوهان جي عدالت ۾ خدا جو قانون رائج آهي. جيڪو مقدمو اوهان
کي ڏکيو لڳي، سو مون وٽ آڻجو ته آءٌ اهو ٻڌندس.‘ ⑱ انهيءَ
وقت ئي مون اوهان کي انهن سڀني ڳالهين بابت هدايتون ڏنيون هيون
جيڪي اوهان کي ڪرڻيون هيون.“

## ڪنعان جو حال معلوم ڪرڻ
(ڳاڻاٽو 13:1–33)

⑲ ”پوءِ اسين خداوند پنهنجي خدا جي حڪم موجب سينا جبل
کان روانا ٿياسين ۽ انهيءَ وڏي ۽ خوفناڪ بيابان مان لنگهياسين،
جيڪو اوهان امورين جي جابلو علائقي ڏانهن ويندي واٽ تي ڏٺو.
پوءِ اسين قادش‌برنيع ۾ اچي پهتاسين. ⑳ اُتي مون اوهان کي چيو ته
’اسين امورين جي انهيءَ جابلو علائقي ۾ آيا آهيون، جيڪو خداوند
اسان جو خدا اسان کي عطا ڪرڻ وارو آهي. ㉑ ڏسو، خداوند اوهان
جي خدا هي سارو ملڪ اوهان جي اڳيان رکيو آهي. سو وڃو، جيئن
خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن جي خدا اوهان کي فرمايو آهي تيئن اوهين
وڃي انهيءَ تي قبضو ڪريو، نڪي ڊڄجو ۽ نه دل لاهيو.‘

㉒ تڏهن اوهين سڀيئي مون وٽ اچي چوڻ لڳا ته ’اسين پنهنجي
وڃڻ کان اڳ ۾ اوڏانهن ڪي ماڻهو موڪليون جيڪي اسان جي لاءِ
انهيءَ ملڪ جو حال معلوم ڪن ۽ موٽي اچي اسان کي ٻڌائين ته
اسين ڪهڙي رستي کان اوڏانهن وڃون ۽ ڪهڙا ڪهڙا شهر اسان
کي واٽ ۾ ايندا.‘ ㉓ اها ڳالهه مون کي ڏاڍي وڻي، تنهنڪري مون
اوهان جي هر هڪ قبيلي مان هڪڙو هڪڙو ڪري ٻارهن ماڻهو چونڊيا.

*ادوم: اهو علائقو ڪنعان ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ هو.

4:1 ڳا 35–21:2

24 پوءِ اهي روانا ٿيا ۽ جابلو علائقو چڙهي وڃي اِشڪال جي برساتي
نهر تائين پهتا ۽ انهيءَ ملڪ جو حال معلوم ڪيائون. 25 هنن انهيءَ
ملڪ جي ميون مان ڪجهه ڪٽي اسان وٽ آندا ۽ موٽي اچي اسان
کي خبر ڏنائون ته جيڪو ملڪ خداوند اسان جو خدا اسان کي ڏيڻ
وارو آهي، سو چڱو آهي.“

## خداوند سان بغاوت

26 ”انهيءَ هوندي به اوهين اوڏانهن وڃڻ تي راضي نه ٿيا، بلڪ
اوهان خداوند پنهنجي خدا جي حڪم جي خلاف بغاوت ڪئي.
27 اوهين پنهنجن تنبن ۾ ويهي ڪرڪڻ لڳا ته ’خداوند اسان سان
نفرت ٿو ڪري، تنهنڪري ئي هو اسان کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي
آيو، تانته اسان کي امورين جي هٿان گرفتار ڪرائي ۽ اهي اسان
کي ماري ڇڏين. 28 هاڻي اسين اوڏانهن ڪيئن وڃون؟ اسان جن کي
ملڪ جو حال معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو هو تن ته اسان جي دل ڀڃي
ڇڏي آهي. هو چون ٿا ته اُتي جا ماڻهو اسان کان وڌيڪ زورآور آهن،
سندن قد ڊگها آهن، هنن جا شهر وڏا آهن ۽ انهن شهرن جون ڀتيون
آسمان سان ڳالهيون ٿيون ڪن. ان کان سواءِ هنن اتي عناق جو اولاد
راڪاس به ڏٺا آهن.‘

29 تڏهن مون اوهان کي چيو ته ’اوهين انهن ماڻهن کان نه ڊڄو.
30 خداوند اوهان جو خدا، جيڪو اوهان جي رهنمائي ٿو ڪري سو پاڻ
اوهان جي پاران ائين ئي جنگ ڪندو جيئن هن اوهان جي اکين اڳيان
مصر ۾ ڪئي هئي. 31 بيابان ۾ به اوهان ائين ئي ڏٺو، جيئن ڪو
ماڻهو پنهنجي ننڍڙي ٻار کي کڻي هلندو آهي تيئن خداوند اوهان جو
خدا، هن هنڌ تي پهچڻ تائين اوهان کي ساري رستي سان سنڀالي
کڻي آيو.‘ 32 پر انهيءَ ڳالهه جي باوجود به اوهان خداوند پنهنجي
خدا تي يقين نه ڪيو، 33 جيتوڻيڪ هن اوهان جي رهنمائي ٿي ڪئي،
تانته اوهان کي خيمن کوڙڻ لاءِ جاءِ لهي ڏئي. هن رات جو باهه
سان ۽ ڏينهن جو ڪڪر سان اوهان جي رهنمائي ٿي ڪئي ته جيئن
اوهان کي رستو ڏيکاري.“

## خداوند جو بني اسرائيل کي سزا ڏيڻ
(ڳاڻاڻو 20:14–45)

34 موسيٰ ڪين چيو ته ”خداوند اوهان جون ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو
ڪاوڙيو ۽ قسم کڻي چيائين ته 35 ’هن خراب پيڙهيءَ جو ڪوبه
ماڻهو انهيءَ چڱي ملڪ کي هرگز ڪين ڏسندو، جنهن جي عطا
ڪرڻ لاءِ مون انهن جي ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو. 36 رڳو يفنه جو
پٽ ڪالب اهو ملڪ ڏسندو. جنهن زمين جو هو حال معلوم ڪري
آيو آهي سا آءٌ انهيءَ کي ۽ سندس اولاد کي ڏيندس، ڇالاءِجو هن
مون خداوند جي پوريءَ طرح فرمانبرداري ڪئي آهي.‘ 37 اوهان جي
ئي ڪري خداوند مون تي به ڪاوڙيو ۽ چيائين ته ’موسيٰ! تون به
انهيءَ زمين ۾ داخل ڪين ٿيندين. 38 پر نون جو پٽ يشوع جيڪو
تنهنجو خادم آهي، سو انهيءَ ۾ داخل ٿيندو. تون انهيءَ کي همٿاءِ،
ڇالاءِجو اهو ئي بني اسرائيل کي انهيءَ ملڪ جو وارث بڻائيندو.‘
39 پوءِ خداوند اسان سڀني کي چيو ته ’اوهان جا اهي ٻار جيڪي
اڃا ننڍڙا آهن، جن کي اڄ تائين چڱي ۽ مَٺي جي خبر ڪانهي ۽ جن
بابت اوهين چئو ٿا ته اهي گرفتار ٿي ويندا، سي انهيءَ ملڪ ۾ داخل
ٿيندا. آءٌ هنن کي اهو ملڪ ڏيندس ۽ هو انهيءَ جا وارث ٿيندا. 40 پر
اوهين موٽو ۽ ڳاڙهي سمنڊ جو رستو وٺي بيابان ڏانهن روانا ٿيو.‘
41 تڏهن اوهان مون کي ورندي ڏيئي چيو ته ’اسان خداوند جو
گناهه ڪيو آهي. هاڻي جيڪي خداوند اسان جي خدا اسان کي حڪم
ڏنو آهي تنهن موجب اڳتي وينداسين ۽ جنگ ڪنداسين.‘ پوءِ اوهان
مان هر ڪو ماڻهو جنگ جا هٿيار ٻڌي جابلو علائقي تي چڙهائي
ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو. 42 پر خداوند مون کي چيو ته ’هنن کي منع
ڪر ته اهي جنگ لاءِ چڙهائي نه ڪن، ڇالاءِجو آءٌ هنن سان گڏ نه
هوندس، تنهنڪري متان هي پنهنجن دشمنن هٿان شڪست کائين.‘
43 مون اوهان کي ائين ئي چيو، پر اوهان منهنجي ڪانه ٻڌي.
اٽلندو اوهان خداوند جي حڪم جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ گستاخي
ڪري جابلو علائقي تي چڙهائي ڪئي. 44 تڏهن اموري جيڪي انهيءَ
جابلو علائقي ۾ رهندا هئا، سي اوهان سان وڙهڻ لاءِ نڪري آيا ۽
ائين اوهان جي پٺيان پيا جيئن ماکيءَ جون مکيون پونديون آهن. هنن
ماريندي ماريندي اوهان کي سعير جي جابلو علائقي ۾ حرماه تائين
ڀڄائي ڪڍيو. 45 پوءِ اوهين موٽي آيا ۽ خداوند جي حضور ۾ روئڻ
لڳا. پر خداوند اوهان جي دانهن نه ٻڌي، نڪي اوهان ڏانهن ڌيان
ڏنائين. 46 سو اوهين ڪيترن ئي ڏينهن تائين قادش ۾ رهيا، ايتري
قدر جو ڪافي عرصو گذري ويو.“

## بيابان ۾ رلندو رهڻ

2 1 ”پوءِ اسين موٽياسين ۽ ڳاڙهي سمنڊ وارو رستو ڏيئي بيابان
۾ آياسين، جيئن خداوند مون کي فرمايو هو. ڪيترن ئي ڏينهن
تائين اسين ادوم جي جابلو علائقي ۾ ڀٽڪندا رهياسين.
2 تڏهن خداوند مون کي چيو ته 3 ’اوهين هن جابلو علائقي ۾
گهڻو ئي رليا آهيو. هاڻي اتر طرف وڃو.‘ 4 هن مون کي اوهان لاءِ
هي حڪم فرمايو ته ’اوهان کي پنهنجن عزيزن بني عيسوءَ جي سرحد
وٽان لنگهڻو آهي، جيڪي ادوم جي علائقي ۾ رهن ٿا. اهي اوهان
کان ڊڄندا، تنهنڪري اوهين تمام احتياط ڪجو. 5 اوهين انهن سان
ڇيڙڇاڙ نه ڪجو، ڇالاءِجو آءٌ اوهان کي هنن جي ملڪ مان اصل پير
رکڻ جيتري به جاءِ ڪين ڏيندس، ڇوته ادوم جو جابلو علائقو مون
عيسوءَ کي ميراث ڪري ڏنو آهي. 6 اوهين کاڌو ۽ پاڻي به هنن

26:1 شر 23:9، عبر 16:3   31:1 رس 18:13   32:1 عبر 19:3   34:1–35 عبر 18:3   1:2 ڳا 4:21   4:2 پيد 8:36

کي پيسا ڏيئي خريد ڪجو. 7 مون خداوند اوهان جي خدا، اوهان
جي هٿ جي ڪمائيءَ ۾ برڪت وڌي آهي. هن وڏي بيابان ۾ اوهان
جي گهمڻ ڦرڻ جي بہ مون کي خبر آهي. هنن چاليهن سالن ۾ آءٌ
خداوند اوهان جو خدا، اوهان سان گڏ هوس ۽ اوهان کي ڪنهن بہ
شيءِ جي ڪمي ڪانہ ٿي.'
8 سو اسين ادوم ۾ رهندڙ پنهنجن عزيزن، يعني بني عيسوءَ
کان پاسو ڪري بيابان واري رستي، ايلات ۽ عصيون‌جابر منجهان
لنگهياسين. پوءِ اسين ڦري موآب واري ملڪ جي رستي هلڻ لڳاسين.
9 تڏهن خداوند مون کي فرمايو تہ 'موآبين يعني بني لوط کي نہ
ستائجو، نڪي انهن سان ڇيڙڇاڙ ڪجو، ڇالاءِجو آءٌ اوهان کي انهن
جي ملڪ مان ڪابہ ميراث ڪانہ ڏيندس. هن ڪري جو عار جو شهر
مون انهن کي ميراث ڪري ڏنو آهي.''
10 عار جي شهر ۾ پهريائين ايميم رهندا هئا، جيڪي عناق جي
اولاد وانگر طاقتور، گهڻا ۽ قداور هئا. 11 عناق جي اولاد وانگر اهي
بہ راڪاس ڪري ڄاتا ويندا هئا. پر موآبي انهن کي ايميم ڪري
سڏيندا هئا. 12 ادوم جي علائقي ۾ پهريائين حوري قوم جا ماڻهو
رهندا هئا. پر بني عيسوءَ انهن کي پچائي ڪڍيو. انهن کي برباد
ڪري هو پاڻ انهن جي جاءِ تي رهڻ لڳا، جيئن بني اسرائيل پنهنجي
دشمنن سان بعد ۾ پنهنجي ورثي واري ملڪ ۾ ڪيو، جيڪو خداوند
انهن کي عطا ڪيو.
13 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ ''خداوند فرمايو هو تہ 'هاڻي اُٿو ۽ برساتي
نهر زارد جي پار وڃو.' سو اسين انهيءَ نهر جي پار وياسين.
14 قادش‌برنيع کان رواني ٿيڻ کان وٺي، برساتي نهر زارد جي پار
وڃڻ تائين اسان کي اٺٽيهہ سال لڳا. انهيءَ عرصي ۾ خيمي‌گاهہ
منجهان سڀ جنگي مرد مري کپي ويا، جيئن خداوند انهن جي باري
۾ قسم کڻي چيو هو. 15 جيستائين هو مري کپي نابود نہ ٿي ويا،
تيستائين خداوند جو هٿ ڪين خيمي‌گاهہ مان فنا ڪرڻ لاءِ انهن جي
خلاف ئي رهيو.
16 سو جڏهن قوم جا سڀ جنگي مرد نابود ٿي ويا، 17 تڏهن خداوند
مون کي فرمايو تہ 18 'اڄ اوهان عار شهر جي سامهون موآب جي
سرحد وٽان لنگهي وڃو. 19 جڏهن اوهان *بني عمون جي سرحد کي
ويجهو اچو، تڏهن انهن کي نہ ستائجو، نڪي انهن سان ڇيڙڇاڙ
ڪجو، ڇالاءِجو آءٌ اوهان کي بني عمون جي ملڪ مان ڪابہ ميراث
ڪانہ ڏيندس. هن ڪري جو مون اهو ملڪ بني لوط کي ميراث
ڪري ڏنو آهي.''
20 اهو بہ رفائين جو ملڪ ڪري ڄاتو ويندو هو، ڇالاءِجو اڳي اتي
رفائين ئي رهندا هئا، جن کي عموني ماڻهو زمزمين ڪري سڏيندا
هئا. 21 اهي ماڻهو بہ راڪاسن وانگر طاقتور، گهڻا ۽ قداور هئا. پر
خداوند انهن کي بني عمون جي اڳيان برباد ڪيو ۽ انهن جي جاءِ
تي بني عمون پاڻ رهڻ لڳا. 22 خداوند اهو ساڳيءَ طرح ئي ڪيو
جيئن هن ادوم جي علائقي ۾ رهندڙ بني عيسوءَ جي اڳيان حورين
کي برباد ڪيو ۽ انهن جي جاءِ تي بني عيسو پاڻ اڄ ڏينهن تائين
رهندا پيا اچن. 23 ساڳيءَ طرح ڪريت ٻيٽ مان آيل ڪريتي، پونوچ
سمنڊ جي ڪناري غزه تائين پنهنجن ڳوٺن ۾ رهندڙ اَوين کي ماري
پاڻ انهن جي جاءِ تي رهڻ لڳا.
24 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ ''موآب مان لنگهي وڃڻ کان پوءِ خداوند
اسان کي فرمايو تہ 'هاڻي اوهين اٿي روانا ٿيو ۽ برساتي نهر ارنون
مان لنگهي پار وڃو. ياد رکو، مون حشبون جي اموري بادشاهہ
سيحون کي سندس ملڪ سميت اوهان جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي.
تنهنڪري اوهين انهيءَ جي ملڪ تي قبضو ڪرڻ شروع ڪريو ۽
ساڻس جنگ ڪريو. 25 اڄ کان وٺي آءٌ ڌرتيءَ جي سڀني ماڻهن تي
اوهان جو خوف ۽ ڊپ وجهڻ شروع ڪندس. هو اوهان جي هاڪ ٻڌي
ڏڪي ويندا ۽ اوهان جي ڪري پريشان ٿيندا.''

## سيحون تي فتح
(ڳاڻاڻو 21:21–30)

26 ''پوءِ مون قديمات جي بيابان مان حشبون جي بادشاهہ سيحون
ڏانهن، ايلچين جي هٿان صلح جو پيغام موڪليو. ڪيس چوائي
موڪليم تہ 27 'اسان کي پنهنجي ملڪ مان لنگهڻ ڏيو. اسين واٽ
وٺي سڌا هليا وينداسين ۽ ساڄي يا کابي پاسي ڪين مڙنداسين.
28 اسين کائڻ لاءِ کاڌو ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي بہ توهان کان پيسا ڏيئي
وٺنداسين. توهان اسان کي پنهنجي ملڪ مان رڳو لنگهي وڃڻ ڏيو،
29 جيستائين اسين اردن درياءَ مان لنگهي انهيءَ ملڪ ۾ وڃون،
جيڪو خداوند اسان جو خدا اسان کي ڏيڻ وارو آهي. ادوم جي
علائقي ۾ رهندڙ بني عيسو ۽ عار شهر ۾ رهندڙ موآبين بہ اسان
کي ائين ئي پنهنجي ملڪ مان لنگهي وڃڻ ڏنو آهي.' 30 پر حشبون
جي بادشاهہ سيحون اسان کي پنهنجي ملڪ مان لنگهي وڃڻ نہ
ڏنو. خداوند اسان جي خدا هن جو مزاج تيز ۽ دل سخت ڪئي هئي،
انهيءَ لاءِ تہ هو انهيءَ کي اوهان جي حوالي ڪري، جيڪو اڄ تائين
اسان جي حوالي آهي.
31 تڏهن خداوند مون کي فرمايو تہ 'ڏسو، آءٌ سيحون بادشاهہ ۽
سندس ملڪ کي توهان جي حوالي ڪرڻ وارو آهيان. توهين انهيءَ
تي قبضو ڪرڻ شروع ڪريو، تہ جيئن توهين هن ملڪ جا وارث ٿيو.'
32 تڏهن سيحون پنهنجي سڀني ماڻهن سميت اسان سان جنگ ڪرڻ
لاءِ نڪري يهض شهر جي ويجهو آيو. 33 پر خداوند اسان جي خدا
ڪيس اسان جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ اسان هن کي، سندس پٽن کي ۽

*بني عمون ۽ موآبين: انهن جا علائقا ڪنعان ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.

2:9 پيد 19:37 2:14 گا 14:28–35 2:19 پيد 19:38

سندس سيني ماڻهن کي ماري ڇڏيو. 34 انهيءَ وقت ئي اسان هن جا
سڀ شهر هٿ ڪيا ۽ هر ڪنهن آباد شهر کي مردن، عورتن ۽ ٻارن
سميت بلڪل برباد ڪري ڇڏيو. اسان ڪنهن کي بہ جيئرو نہ ڇڏيو.
35 رڳو چوپايو مال ۽ هٿ ڪيل شهرن جي لُٽ جو مال اسان غنيمت
ڄاڻي پاڻ وٽ رکيو. 36 برساتي نهر ارنون جي ڪناري واري شهر
عروعير ۽ نهر جي وچ واري شهر کان وٺي گلعاد تائين اهڙو ڪوبہ
شهر ڪونہ هو جيڪو اسان جي قبضي ۾ نہ آيو. خداوند اسان جي
خدا، اهي سڀئي شهر اسان جي حوالي ڪيا. 37 پر اسين بني عمون
جي ملڪ، برساتي نهر يبوق جي ڪنارن، جابلو علائقي جي شهرن
۽ ٻين انهن جاين تي جتي خداوند اسان جي خدا اسان کي وڃڻ کان
منع ڪئي هئي، تن جي ويجهو بہ ڪونہ وياسين."

## عوج تي فتح
(ڳاڻاڻو 21:31–35)

3 1 "تنهن کان پوءِ اسين ڦري بسن وارو رستو ڏيئي اڳتي
وڌياسين. بسن جو بادشاهہ عوج پنهنجن سڀني ماڻهن سميت
اسان سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪري ادرعي شهر جي ويجهو آيو. 2 تڏهن
خداوند مون کي چيو تہ 'هن کان نہ ڊڄ. مون هن کي، سندس
سڀني ماڻهن کي ۽ سندس سڄي ملڪ کي توهان جي هٿ ۾ ڏيئي
ڇڏيو آهي. توهين هن سان بہ ائين ئي ڪجو جيئن توهان امورين جي
بادشاهہ سيحون سان ڪيو هو، جيڪو حشبون تي راڄ ڪندو هو.'
3 اهڙيءَ طرح خداوند اسان جي خدا، بسن جي بادشاهہ عوج کي
بہ سندس سڀني ماڻهن سميت اسان جي هٿ ۾ ڏنو. اسان انهن جا
ايترا ماڻهو ماريا جو سندن هڪڙو ماڻهو بہ ڪونہ بچيو. 4 انهيءَ
وقت ئي اسان هن جا سڀ شهر هٿ ڪيا، ڪوبہ اهڙو شهر باقي نہ
بچيو جيڪو اسان هٿ نہ ڪيو. اهڙيءَ طرح ارگوب جو سارو علائقو،
جيڪو بسن ۾ عوج جي بادشاهت ۾ شامل هو ۽ جنهن ۾ سٺ شهر
هئا سو اسان جي قبضي ۾ آيو. 5 اهي سڀ شهر ڪوٽ وارا هئا.
انهن کي اوچيون ڀتيون ۽ دروازا هئا، جيڪي ڳزن سان مضبوط ٿيل
هئا. انهن کان سواءِ اسان ڪيترائي اهڙا ڳوٺ بہ هٿ ڪيا جن کي
ڪوٽ ڏنل نہ هئا. 6 جيئن اسان حشبون جي بادشاهہ سيحون سان
ڪيو هو، تيئن ئي اسان هنن سڀني آباد شهرن کي مردن، عورتن ۽
ٻارن سميت بلڪل برباد ڪري ڇڏيو. 7 پر سڀ چوپايو مال ۽ شهرن
مان لٽيل مال اسان غنيمت ڄاڻي پاڻ وٽ رکيو.

8 انهيءَ وقت ئي اسان امورين جي ٻنهي بادشاهن کان اهو سڄو
ملڪ کسي ورتو، جيڪو اردن درياءَ جي اوڀر طرف برساتي نهر ارنون
کان وٺي حرمون جبل تائين آهي. 9–10 انهيءَ کان سواءِ مٿاهين ميدان
جا سڀ شهر، سارو گلعاد ۽ سارو بسن ملڪ، سلڪاه ۽ ادرعي شهر
تائين، جيڪي بسن ۾ عوج جي بادشاهت جا شهر هئا سي اسان هٿ
ڪيا."
صيداني ماڻهو حرمون جبل کي سريون ۽ اموري ماڻهو ان کي
سنير ڪري سڏيندا آهن. 11 *رفائين جي نسل منجهان رڳو بسن جو
بادشاهہ عوج وڃي رهيو هو. هن جو پلنگ لوهہ جو ٺهيل هو، جنهن
جي ڊيگهہ چار ميٽر ۽ ويڪر پوڻا ٻہ ميٽر هئي. اهو بني عمون جي
شهر ربہ ۾ اڃا بہ موجود آهي.

## اردن جي اڀرندي واري علائقي جي ورهاست
(ڳاڻاڻو 32:1–42)

12 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ "سو انهيءَ وقت ئي اسان اهو ملڪ
پنهنجي قبضي ۾ آندو. پوءِ عروعير، جيڪو برساتي نهر ارنون جي
ڪناري تي آهي، جابلو علائقي گلعاد جو ڏاکڻو اڌ حصو ۽ انهيءَ جا
شهر، مون بني روبن ۽ بني گد کي ڏنا. 13 گلعاد جو باقي حصو ۽
سارو بسن، جيڪو عوج جي بادشاهت ۾ هو، سو مون منسيءَ جي
اڌ قبيلي کي ڏنو."
بسن ۾ ارگوب جي ساري علائقي کي رفائين جو ملڪ بہ سڏيندا
هئا. 14 منسيءَ جو اولاد يائير، گسورين ۽ معڪاتين جي سرحد تائين
ارگوب جو سارو علائقو ورتو. هن بسن جي ڪجهہ ڳوٺن کي پنهنجي
نالي سان "يائير جا ڳوٺ" ڪري سڏيو، جيڪو نالو اڄ تائين هليو
اچي.
15 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ "مون گلعاد جو علائقو منسيءَ جي گهراڻي
مڪير کي ڏنو. 16 بني روبن ۽ بني گد جي قبيلن کي مون گلعاد کان
وٺي برساتي نهر ارنون تائين علائقو ڏنو. برساتي نهر ارنون جي وچ
واري حصي کي سندن ڏاکڻي حد مقرر ڪري، برساتي نهر يبوق تائين
سارو علائقو کين ڏنم، جيڪا نهر اتر طرف عمونين جي سرحد آهي.
17 انهن ٻنهي علائقن جي اولهہ طرف سرحد اردن درياءُ آهي، يعني
گليل ڍنڍ کان وٺي کاري سمنڊ تائين، جتي سمنڊ جي اوڀر ۾ پسگاه
جبل جون لاهيون پکڙيل آهن، سو سڀ پڻ مون انهن کي ڏنو.
18 انهيءَ وقت ئي مون اوهان کي حڪم ڏيئي چيو هو تہ 'خداوند
اوهان جي خدا هيءُ ملڪ اوهان کي ميراث ڪري ڏنو آهي. سو اوهين
سڀ جنگي مرد هٿيار ٻڌي پنهنجي بني اسرائيل جي ڀائرن جي اڳيان
درياءَ پار هلو. 19 پر اوهان جون عورتون، ٻار ۽ چوپايو مال، جيڪو آءٌ
ڄاڻان ٿو تہ اوهان وٽ گهڻو ئي آهي، اهي سڀ اوهان جي انهن شهرن
۾ ئي رهن جيڪي مون اوهان کي ڏنا آهن. 20 جڏهن خداوند اوهان جي
قوم وارن کي بہ اهڙو ئي آرام ڏئي، جهڙو اوهان کي ڏنو اٿس ۽ هو بہ
انهيءَ ملڪ کي هٿ ڪن، جيڪو خداوند اوهان جو خدا هنن کي اردن
درياءَ جي پرينءَ پر ڏيڻ وارو آهي، تڏهن اوهين سڀ موٽي پنهنجي

*رفائين: هو راڪاسن جهڙا ماڻهو هئا.

3:18–20 يش 1:12–15

هن ملڪيت تي اچجو، جيڪا مون اوهان کي ڏني آهي.‘ 21 انهيءَ
وقت مون يشوع کي حڪم ڏيئي چيو تہ ’اوهان پنهنجين اکين سان
اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو جيڪو خداوند اوهان جي خدا هنن ٻن بادشاهن
سان ڪيو. ساڳيءَ طرح خداوند پرينءَ پر بہ سڀني بادشاهتن سان
ائين ئي ڪندو، جتي اوهين وڃو ٿا. 22 سو اوهين انهن کان نہ ڊڄو،
ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا پاڻ اوهان جي طرفان جنگ ڪندو.‘“

## موسيٰ جي ڪنعان وڃڻ تي پابندي

23 ”مون انهيءَ وقت خداوند کي عاجزي ڪندي چيو تہ 24 ’اي
خداوند خدا! تو پنهنجي ٻانهي کي پنهنجي عظمت ۽ قدرت ڏيکارڻ
جي تہ رڳو شروعات ڪئي آهي. سو آسمان يا زمين تي ڪوبہ اهڙو
معبود ڪونهي جيڪو تو جهڙا ڪم ڪري ۽ قدرتون ڏيکاري سگهي.
25 آءٌ تو کي عرض ٿو ڪريان تہ مون کي پار وڃڻ ڏي تہ آءٌ اردن
درياءَ جي پرينءَ پر وارو چڱو ملڪ، سهڻو جابلو علائقو ۽ لبنان وڃي
ڏسان.‘

26 پر اوهان جي ڪري خداوند مون تي بہ ڪاوڙيل هو، تنهنڪري
منهنجي نہ ٻڌائين. اٽلندو مون کي چيائين تہ ’تنهنجي لاءِ ايترو
ڪافي آهي، سو انهيءَ ڳالهہ بابت مون کي وڌيڪ نہ چئُہ. 27 تون
پسگاه جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي وڃ ۽ چئني طرفن ڏانهن نهاري
پنهنجين اکين سان ڏس، ڇالاءِجو تون انهيءَ اردن درياءَ جي پرينءَ
پر نہ ويندين. 28 پر يشوع کي حڪم ڏي، کيس مضبوط ۽ همت
وارو ڪر، ڇالاءِجو هو هن قوم کي پار وٺي ويندو ۽ هو ئي انهيءَ
ملڪ جو کين وارث بڻائيندو جيڪو تون ڏسندين.‘ 29 تنهنڪري اسين
بيت‌فعور نالي جاءِ جي سامهون ماٿريءَ ۾ ئي رهي پياسين.“

## فرمانبرداريءَ لاءِ نصيحت

4 1 پوءِ موسيٰ بني اسرائيل جي ماڻهن کي چيو تہ ”اي بني
اسرائيل! جيڪي قاعدا قانون آءٌ اوهان کي سيکاريان ٿو سي
چڱيءَ طرح ٻڌي انهن تي عمل ڪريو، انهيءَ لاءِ تہ اوهين جيئرا رهو
۽ جيڪو ملڪ خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن جو خدا اوهان کي ڏئي ٿو،
تنهن ۾ داخل ٿي مٿس قبضو ڪريو. 2 جنهن بہ ڳالهہ جو آءٌ اوهان
کي حڪم ڏيان ٿو، تنهن ۾ نہ تہ ڪجهہ وڌائجو ۽ نڪي انهيءَ
مان ڪجهہ گهٽائجو. اوهين خداوند پنهنجي خدا جي انهن حڪمن
تي عمل ڪندا رهجو جيڪي آءٌ اوهان کي ڏيان ٿو. 3 پعور واري
بعل معبود جي واقعي ۾ جيڪي خداوند ڪيو، سو اوهان پنهنجين
اکين سان ڏٺو. جيڪي ماڻهو انهيءَ معبود جي پٺيان لڳا، تن سڀني
کي خداوند اوهان جي خدا اوهان جي وچ مان برباد ڪري ڇڏيو.
4 پر اوهين جيڪي خداوند پنهنجي خدا سان چُهٽيل رهيا، تن مان
هر ڪو اڄ ڏينهن تائين جيئرو آهي. 5 ڏسو، مون اُهي قاعدا قانون
جن جو خداوند منهنجي خدا مون کي حڪم ڏنو آهي، سي اوهان
کي سيکاري ڇڏيا آهن، انهيءَ لاءِ تہ اوهين جنهن ملڪ تي قبضو
ڪرڻ لاءِ وڃو تنهن ۾ انهن تي عمل ڪريو. 6 سو اوهين انهن کي
مڃيندا ۽ انهن تي خبرداريءَ سان عمل ڪندا رهجو، ڇالاءِجو ٻين
قومن جي نظر ۾ اها اوهان جي دانائي ۽ سياڻپ ليکبي. اُهي قومون
هنن سڀني قانونن کي ٻڌي چونديون تہ ’بيشڪ هن وڏيءَ قوم جا
ماڻهو داناءَ ۽ سياڻا آهن.‘

7 هن ڪري جو اهڙي وڏي قوم ڪا ٻي بہ آهي ڇا، جنهن جو
معبود انهيءَ کي اهڙو ويجهو هجي جهڙو خداوند اسان جو خدا، هر
انهيءَ وقت اسان کي ويجهو آهي، جڏهن اسين کيس پڪاريون ٿا؟
8 اهڙي وڏي قوم ڪا ٻي بہ آهي ڇا، جنهن جا قاعدا قانون اهڙا
سچا هجن جهڙي هيءَ سڄي شريعت آهي، جيڪا اڄ آءٌ اوهان جي
آڏو رکان ٿو؟ 9 سو اوهين خبردار رهجو ۽ پاڻ تي وڏي نظر رکجو.
متان اهي ڳالهيون جيڪي اوهان پنهنجين اکين سان ڏٺيون آهن سي
وساري ڇڏيو. متان اهي سڄيءَ عمر ۾ اوهان جي دل تان لهي وڃن،
بلڪ اوهين اهي پنهنجن ٻارن ۽ ٻارن جي ٻارن کي بہ سيکاري ڇڏجو.
10 خاص ڪري انهيءَ ڏينهن واريون ڳالهيون کين سيکارجو، جنهن
ڏينهن اوهين سينا جبل وٽ خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾ بيٺا
هئا. ان وقت خداوند مون کي فرمايو هو تہ ’بني اسرائيل قوم کي
منهنجي اڳيان اچي گڏ ڪر، تہ آءٌ انهن کي پنهنجو ڪلام ٻڌايان،
انهيءَ لاءِ تہ هو اهو سکن تہ پنهنجي سڄي حياتي جيستائين هو
زمين تي جيئرا رهن تيستائين منهنجا فرمانبردار ٿي رهن ۽ پنهنجن
ٻارن کي بہ اهو سيکارين.‘

11 سو اوهين ويجها اچي انهيءَ جبل جي هيٺان بيٺا. اهو جبل
اونداهي دونهين جي گهاٽن بادلن سان ڍڪيل هو ۽ انهيءَ جي مٿان
آسمان جي اندر تائين باهہ پئي ٻري. 12 تڏهن خداوند باهہ جي وچ مان
اوهان سان ڳالهايو. اوهان ڳالهائڻ جو آواز تہ ٻڌو پر شڪل ڪانہ
ڏٺي، رڳو آواز ئي ٻڌو. 13 هن اوهان سان ڪيل پنهنجو عهد، جيڪو
سندس ڏهن حڪمن جي پوري ڪرڻ تي ٻڌل هو سو اوهان کي ظاهر
ڪري ٻڌايو ۽ انهن حڪمن تي عمل ڪرڻ جو تاڪيد پڻ ڪيو. هن اهي
حڪم پٿر جي ٻن تختين تي بہ لکيا. 14 انهيءَ وقت خداوند مون کي
حڪم ڏنو تہ آءٌ اوهان کي قاعدا قانون سيکاريان، انهيءَ لاءِ تہ جنهن
ملڪ تي اوهين قبضو ڪرڻ وڃو ٿا تنهن ۾ انهن تي عمل ڪريو.“

## بت‌پرستيءَ خلاف چتاءُ

15 ”جنهن ڏينهن خداوند سينا جبل تي باهہ جي وچ مان اوهان
سان ڳالهايو هو، تنهن ڏينهن اوهان ڪنهن بہ قسم جي شڪل ڪانہ

---

3:23–27 ڳا 12:27–14، شر 32:48–52   4:2 مڪا 18:22–19   4:3 ڳا 1:25–9   4:11–12 خر 16:19–18، عبر 18:12–19
4:13 خر 18:31، 28:34، شر 10:9   4:14 خر 1:21

ڏني هئي. تنهنڪري اوهين چڱيءَ طرح خبردار ٿجو، 16 متان اوهين
پاڻ کي خراب ڪريو، جو پنهنجي لاءِ ڪنهن مرد يا عورت جي
صورت جهڙو ڪو تراشيل بت ٺاهيو، 17 يا زمين جي ڪنهن جانور يا
وري آسمان ۾ اڏامندڙ ڪنهن پکيءَ جي صورت ٺاهيو، 18 يا زمين
تي سرندڙ ڪنهن جيت يا پاڻيءَ ۾ رهندڙ ڪنهن مڇيءَ جي صورت
ٺاهيو. 19 ساڳيءَ طرح متان جڏهن اوهين آسمان ڏانهن نهاريو ۽ سج،
چنڊ ۽ تارا يعني آسمان واريون سڀيئي شيون ڏسي گمراهه ٿيندي انهن
کي سجدو ڪريو ۽ انهن جي پوڄا ڪريو، جن کي خداوند اوهان جي
خدا، دنيا جي سڀني قومن جي خدمت لاءِ بڻايو آهي. 20 پر خداوند
اوهان کي چونڊي ڪڍيو ۽ لوهه جي ڪُوري يعني مصر مان ڪڍي
اوهان کي ٻاهر آندو، انهيءَ لاءِ ته اوهين سندس ميراث واري قوم
هجو، جيئن اڄ آهيو.

21 اوهان جي ڪري خداوند مون سان ٻه ڪاوڙيو ۽ قسم کڻي
چيائين ته ’تون اردن درياءَ جي الهندي پاسي نه ويندين ۽ نه وري
انهيءَ چڱي ملڪ ۾ داخل ٿيندين، جيڪو آءٌ خداوند سندن خدا کين
ورثي طور ڏيندس.‘ 22 سو آءٌ هن ئي ملڪ ۾ مري ويندس ۽ اردن
درياءَ جي پرينءَ پر نه ويندس. مگر اوهين پرينءَ پر ويندا ۽ انهيءَ
چڱي ملڪ جا وارث ٿيندا. 23 تنهنڪري اوهين خبردار ٿجو، متان
اهو عهد جيڪو خداوند اوهان جي خدا اوهان سان ڪيو آهي، سو
وساري ڇڏيو ۽ پنهنجي لاءِ ڪنهن اهڙيءَ شيءِ جي نموني واري
شڪل ٺاهيو، جنهن جي خداوند اوهان جي خدا اوهان کي منع ڪئي
آهي. 24 ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا، ساڙي رک ڪري ڇڏڻ واري
باهه آهي. هو غيرت وارو خدا آهي.

25 مثال طور جڏهن اوهان منجهان ٻار ۽ ٻارن جا ٻار پيدا ٿيندا ۽
اوهان کي انهيءَ ملڪ ۾ رهندي گهڻو عرصو ٿي ويندو، پوءِ جيڪڏهن
اوهين پاڻ کي خراب ڪري ڪنهن شيءِ جي شڪل ٺاهيندا ۽ خداوند
پنهنجي خدا جي نظر ۾ اهڙو خراب ڪم ڪري کيس ڪاوڙائيندا،
26 ته آءٌ اڄوڪي ڏينهن آسمان ۽ زمين کي اوهان تي شاهد ڪري چوان
ٿو ته جنهن ملڪ کي هٿ ڪرڻ لاءِ اوهين اردن درياءَ جي پار ٿا وڃو
تنهن ۾ اوهين جلد ئي تباهه ڪيا ويندا. اوهين اتي گهڻا ڏينهن رهي
ڪين سگهندا، بلڪ پوريءَ طرح برباد ٿي ويندا. 27 خداوند اوهان
کي قومن ۾ ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيندو ۽ جن قومن ۾ هو اوهان کي وٺي
ويندو، تن ۾ اوهان جو باقي بچيل تعداد گهٽ ٿي ويندو. 28 اُتي
اوهين ماڻهن جي هٿرادو ٺهيل ڪاٺ ۽ پٿر جي معبودن جي پوڄا
ڪندا، جي نڪي ڏسندا، نڪي ٻڌندا، نڪي کائيندا ۽ نڪي سنگهندا
هوندا. 29 پر اتي جيڪڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جا طالبو ٿيندا
ته هو اوهان سان پرچي پوندو، پر شرط هي آهي ته اوهين پوريءَ دل
وَ جان سان سندس طالبو ٿيو. 30 جڏهن اوهين مصيبت ۾ گرفتار ٿيندا
۽ پوين ڏينهن ۾ جڏهن هي سڀ حادثا اوهان تي اچي پوندا، تڏهن
اوهين خداوند پنهنجي خدا آڏو توبهه‌تائب ٿيندا ۽ سندس فرمانبرداري
ڪندا. 31 ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا، رحيم خدا آهي. هو اوهان
کي نه ته ڇڏي ڏيندو، نڪي برباد ڪندو ۽ نه ئي وري انهيءَ عهد کي
وساريندو جيڪو هن قسم کڻي اوهان جي ابن ڏاڏن سان ڪيو آهي.“

## خداوند ئي خدا آهي

32 ”جڏهن کان خدا ڌرتيءَ تي انسان کي پيدا ڪيو تڏهن کان وٺي
اڄ ڏينهن تائين جيڪو زمانو اوهان کان اڳي گذريو آهي، تنهن بابت
اوهين پڇا ڪريو. ڪائنات جي هڪڙي ڇيڙي کان وٺي ٻئي ڇيڙي
تائين معلوم ڪريو ته هن عظيم ڪم جهڙو ڪو ٻيو ڪڏهن ٿيو، يا
ٻڌڻ ۾ آيو آهي؟ 33 ڇا ڪڏهن ڪنهن قوم اوهان وانگر باهه جي وچ
مان معبود جي ڳالهائڻ جو آواز ٻڌو آهي ۽ جيئري رهي آهي؟ 34 ڇا
ڪڏهن ڪو معبود ڪنهن قوم کي پنهنجو بنائڻ واسطي هڪڙي ٻيءَ
قوم جي وچ مان ڪڍي آيو آهي، جهڙيءَ طرح خداوند اوهان جي خدا
اوهان جي اکين اڳيان پنهنجي زورآور هٿ ۽ وڏيءَ قدرت سان مصر
۾ اوهان کي پنهنجو بنائڻ واسطي ائين ڪري ڏيکاريو آهي؟ هن
آزمائشن، عجيب ڪمن ۽ معجزن جي وسيلي جنگين ۽ وڏن هيبتناڪ
ڪمن سان اهڙي قدرت ڏيکاري آهي. 35 اهو سڀ ڪجهه خدا اوهان
کي انهيءَ لاءِ ڏيکاريو ته جيئن اوهان کي خبر پوي ته خداوند ئي
خدا آهي، انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه خدا ڪونهي. 36 هن اوهان
کي آسمان مان پنهنجو آواز ٻڌايو، انهيءَ لاءِ ته اوهان کي تربيت
ڏئي. هن اوهان کي زمين تي وڏي باهه ڏيکاري ۽ اوهان باهه جي
وچ مان سندس ڪلام ٻڌو. 37 جيئن ته هن کي اوهان جي ابن ڏاڏن
سان محبت هئي، تنهنڪري انهن کان پوءِ هن انهن جي اولاد کي
چونڊيو. هو پنهنجي وڏيءَ قدرت سان اوهان کي مصر مان پاڻ ئي
ڪڍي آيو، 38 انهيءَ لاءِ ته اوهان کان وڏين ۽ طاقتور قومن کي
اوهان جي اڳيان پڇائي ڪڍي ۽ اوهان کي انهن جي ملڪ ۾ پهچائي
۽ اهو ملڪ اوهان کي ورثي ۾ ڏئي، جيئن اڄوڪي ڏينهن ظاهر آهي.
39 تنهنڪري اڄوڪي ڏينهن اوهين ڄاڻي وٺو ۽ پنهنجيءَ دل ۾ ڄمائي
ڇڏيو ته مٿي آسمان ۾ توڙي هيٺ زمين تي خداوند ئي خدا آهي،
انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونهي. 40 سو اوهين هن جي قانونن ۽
حڪمن تي عمل ڪريو، جيڪي اڄ آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو، انهيءَ لاءِ
ته اوهان جو ۽ اوهان کان پوءِ اوهان جي اولاد جو ڀلو ٿئي ۽ جيڪو
ملڪ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي هميشه لاءِ ڏئي ٿو، تنهن ۾
اوهين وڏي عرصي تائين رهو.“

---

16:4 خر 4:20، لاو 1:26، شر 8:5، 15:27 17:4–18 رو 1:23 20:4 خر 5:19، شر 6:7، 14:2، 18:26، طيط 2:14، 1.پط 2:9
21:4 ڳا 12:20 24:4 عبر 29:12 27:4–28 شر 36:28 29:4 ير 13:29 35:4 مر 32:12

## پناهہ وارا شهر

41 پوءِ موسيٰ اردن درياءَ جي اوڀر پاسي ٽي شهر ڌار ڪيا، 42 انهيءَ
لاءِ تہ جنهن خونيءَ پنهنجي پاڙيسريءَ کي غير ارادي طور ماري
وڌو هجي ۽ اڳي انهيءَ سان ڪابہ دشمني نہ هجيس، سو اتي پناهہ
وٺي ۽ انهن شهرن مان ڪنهن هڪڙي ۾ وڃي جيئرو رهي. 43 اهي شهر
هي هئا: بني روبن جي لاءِ بصر شهر جيڪو بيابان جي وچ ۾ اوچي
ميدان ۾ آهي، بني گد جي لاءِ رامات شهر جيڪو گلعاد ۾ آهي ۽
بني منسيءَ جي لاءِ گولان شهر جيڪو بسن ۾ آهي.

## شريعت بابت تعارف

44 هيءَ اها شريعت آهي جيڪا موسيٰ بني اسرائيل جي اڳيان پيش
ڪئي. 45 هي ئي اهي حڪم ۽ قاعدا قانون آهن، جيڪي موسيٰ بني
اسرائيل جي مصر مان نڪرڻ کان پوءِ کين ٻڌايا. 46 هن اهي کين اردن
درياءَ جي اوڀر پاسي ماٿريءَ ۾ بيت‌فعور شهر جي سامهون ٻڌايا،
يعني امورين جي بادشاهہ سيحون جي ملڪ ۾، جيڪو حشبون ۾
رهندو هو ۽ جنهن کي موسيٰ ۽ بني اسرائيل مصر مان نڪرڻ کان پوءِ
شڪست ڏني. 47 ان وقت هنن سندس ملڪ کي ۽ بسن جي بادشاهہ
عوج جي ملڪ کي پنهنجي قبضي ۾ آندو. اهي ٻئي امورين جا
بادشاهہ هئا جيڪي اردن درياءَ جي اوڀر پاسي رهندا هئا. 48 سندن
ملڪ ڏکڻ ۾ برساتي نهر ارنون جي ڪناري واري شهر عيروعير کان
وٺي، اتر طرف سريون جبل تائين پکڙيل هو، جنهن کي حرمون بہ ٿا
سڏين. 49 انهيءَ ۾ اردن درياءَ جي اوڀر پاسي وارو سارو ميدان ويندي
ڪاري سمنڊ جي پسگاہ جبل وارين لاهين جي هيٺ تائين شامل آهي.

## ڏهن حڪمن کي دهرائڻ
(خروج 20:1–17)

5 1 پوءِ موسيٰ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي سڏي چيو تہ
"اي بني اسرائيل! جيڪي قاعدا قانون آءٌ اڄ اوهان کي ٻڌايان
ٿو، سي ٻڌو، انهيءَ لاءِ تہ اوهين اهي سکو ۽ انهن تي ضرور عمل
ڪريو. 2 خداوند اسان جي خدا سينا جبل وٽ اسان سان عهد ڪيو.
3 هن اهو عهد اسان جي ابن ڏاڏن سان نہ ڪيو پر اسان سان ئي
ڪيائين، يعني اسين سڀ جيڪي اڄ هتي جيئرا آهيون. 4 خداوند
اوهان سان انهيءَ جبل تي باهہ جي وچ مان روبرو ڳالهايو. 5 انهيءَ
وقت آءٌ خداوند ۽ اوهان جي وچ ۾ بيٺو هوس، انهيءَ لاءِ تہ خداوند
جو ڪلام اوهان کي ٻڌايان، ڇوتہ اوهين باهہ جي ڪري ڊڄي ويا ۽
جبل تي نہ چڙهيا. تڏهن خداوند فرمايو تہ
6 'آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان، جنهن اوهان کي مصر جي
ملڪ مان ڪڍي ٻاهر آندو جتي اوهين غلام هئا.
7 مون کان سواءِ اوهان جي لاءِ ٻيو ڪوبہ معبود نہ هجي.
8 اوهين پنهنجي لاءِ ڪابہ تراشيل مورت يا ڪنهن بہ شيءِ جي
صورت نہ جوڙيو جيڪا آسمان ۾، زمين تي يا زمين جي هيٺان پاڻيءَ
۾ آهي. 9 اوهين انهن جي پوڄا نہ ڪريو، نڪي جهڪي انهن کي
ڪو سجدو ئي ڪريو، ڇالاءِ‌جو آءٌ خداوند اوهان جو خدا، غيرت وارو
خدا آهيان. جيڪي مون سان دشمني رکندا آهن، تن جي اولاد کي
ٽينءَ ۽ چوٿينءَ پيڙهيءَ تائين آءٌ سندن ابن ڏاڏن جي بدڪارين جي
سزا ڏيندو آهيان. 10 پر جيڪي مون کي پيار ڪندا آهن ۽ منهنجي
حڪمن تي عمل ڪندا آهن، تن تي هزارين پيڙهين تائين آءٌ پنهنجي
لافاني شفقت ڪندو آهيان.
11 اوهين منهنجو نالو خراب مقصدن لاءِ استعمال نہ ڪريو،
ڇالاءِ‌جو آءٌ خداوند اوهان جو خدا هر انهيءَ کي سزا ڏيندس جيڪو
منهنجو نالو خراب مقصدن لاءِ استعمال ڪري ٿو.
12 اوهين *سبت ملهايو ۽ ان کي رکو مون لاءِ وقف ڪري ڇڏيو،
جيئن مون خداوند اوهان جي خدا اوهان کي حڪم ڏنو آهي. 13 ڇهہ
ڏينهن اوهين محنت ڪري پنهنجو سڀ ڪاروبار ڪريو. 14 پر ستون
ڏينهن آرام جو ڏينهن آهي، جيڪو مون خداوند اوهان جي خدا لاءِ
وقف ٿيل آهي. انهيءَ ڏينهن ڪوبہ ڪم نہ ڪري، نہ اوهين، نہ
اوهان جو پٽ، نہ اوهان جي ڌيءَ، نہ اوهان جو ٻانهو، نہ اوهان
جي ٻانهي، نہ اوهان جا ڍور ڍڳا ۽ نہ اوهان جي ملڪ ۾ رهندڙ ڪو
ڌاريو، انهيءَ لاءِ تہ اوهان جي ٻانهي ۽ ٻانهيءَ کي بہ اوهان وانگر
آرام ملي. 15 ياد رکو تہ اوهين پاڻ بہ مصر جي ملڪ ۾ غلام هئا ۽
مون خداوند اوهان جي خدا پنهنجي زورآور هٿ ۽ وڏيءَ قدرت سان
اوهان کي اتان ڪڍي ٻاهر آندو. تنهنڪري مون خداوند اوهان جي
خدا سبت جي ڏينهن کي ملهائڻ لاءِ اوهان کي حڪم ڏنو.
16 اوهين پنهنجي ماءُپيءُ جي عزت ڪريو، جيئن مون اوهان کي
حڪم ڏنو آهي، تہ جيئن انهيءَ ملڪ ۾ جيڪو آءٌ خداوند اوهان جو
خدا اوهان کي ڏيندس، اوهين وڏي عرصي تائين رهو ۽ اوهان جو
ڀلو ٿئي.
17 اوهين خون نہ ڪريو.
18 اوهين زنا نہ ڪريو.

*سبت: يعني آرام جو ڏينهن.

4:41–43 يش 20:8–9 5:8–9 لاو 1:26، شر 4:15–18، 27:15 5:9–10 خر 34:6–7، ڳا 14:18، شر 7:9–10 5:11 لاو 19:12
5:12 خر 16:23–30، 31:12–14 5:13–14 خر 23:12، 31:15، 34:21، 35:2، لاو 23:3
5:16 شر 27:16، مت 15:4، 19:19، مر 7:10، 10:19، لو 18:20، اف 6:2 5:17 پيد 9:6، لاو 24:17، مت 5:21، 19:18، مر 10:19، لو 18:20، رو
13:9، يع 2:11 5:18 لاو 20:10، مت 5:27، 19:18، مر 10:19، لو 18:20، رو 13:9، يع 2:11

19 اوهين چوري نہ ڪريو.
20 اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ تي ڪوڙي شاهدي نہ ڏيو.
21 اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ جي زال جي لالچ نہ ڪريو، نہ سندس
گهر جي، نڪي سندس ٻنيءَ، سندس ٻانهي، سندس ٻانهيءَ، سندس
ڍڳن، سندس گڏهہ ۽ نڪي پنهنجي پاڙيسريءَ جي ڪنهن ٻيءَ شيءِ
جي لالچ ڪريو.'
22 اهي ئي ڳالهيون خداوند انهيءَ جبل وٽ باهہ، ڪڪر ۽ انڌوڪار
جي وچ مان اوهان جي سڄيءَ قوم کي وڏي آواز سان ٻڌايون. انهيءَ
کان سواءِ هن ٻيو ڪي بہ ڪين چيو. اهي ئي ڳالهيون هن پٿر جي
ٻن تختين تي لکي مون کي ڏنيون."

## ماڻهن جو ڊپ
(خروج 20:18–21)

23 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ "جڏهن اوهان انڌوڪار جي وچ مان آواز
ٻڌو ۽ جبل کي باهہ سان ٻرندي ڏٺو، تڏهن اوهان جي قبيلن جا سردار
۽ اوهان جا اڳواڻ مون وٽ آيا. 24 انهن چيو تہ 'خداوند اسان جي
خدا پنهنجو جلال ۽ پنهنجي عظمت اسان کي ڏيکاري آهي. اسان
هن جو آواز باهہ جي وچ مان ٻڌو آهي. اڄ اسان ڏٺو تہ خدا انسان
سان ڳالهايو تہ بہ انسان جيئرو رهيو. 25 پر اسين ڇو پنهنجي جان
جوکي ۾ وجهون؟ اها وڏي باهہ اسان کي ساڙي ڇٽ ڪري ڇڏيندي.
جيڪڏهن اسان وري خداوند پنهنجي خدا جو آواز ٻڌو تہ اسين پڪ
مري وينداسين. 26 ڇا اهڙو ڪو انسان آهي جنهن اسان وانگر باهہ
جي وچ مان زنده خدا کي ڳالهائيندي ٻڌو هجي ۽ پوءِ بہ جيئرو
هجي؟ 27 اي موسيٰ! توهان ئي ويجهو وڃونس ۽ جيڪي ڪجهہ
خداوند اسان جو خدا چوي سو ٻڌو. پوءِ موٽي اچي اسان کي ٻڌايو
تہ هن ڇا چيو. اسين اهو ٻڌي انهيءَ تي عمل ڪنداسين.'
28 جڏهن خداوند اوهان جو اهو ڳالهائڻ ٻڌو، تڏهن مون کي چيائين
تہ 'هنن ماڻهن جيڪي تو سان ڳالهايو سو مون ٻڌو آهي. هنن جو
چوڻ درست آهي. 29 شل هنن ۾ هميشہ اهڙي دل هجي، جو هو
منهنجو خوف ڪندا رهن ۽ منهنجي سڀني حڪمن تي عمل ڪندا
رهن، تہ هنن جو ۽ سندن اولاد جو هميشہ ڀلو ٿئي. 30 سو تون وڃي
انهن کي ٻڌاءِ تہ اهي پنهنجن خيمن ڏانهن موٽي وڃن. 31 پر تون
هتي مون وٽ بيٺو رهہ. آءٌ تو کي اهي سڀ حڪم ۽ قاعدا قانون
ٻڌائيندس جيڪي تون انهن کي سيکار، انهيءَ لاءِ تہ جيڪو ملڪ آءٌ
انهن کي ورثي طور ڏيڻ وارو آهيان تنهن ۾ هو انهن تي عمل ڪن.'
32 تنهنڪري خداوند اوهان جي خدا اوهان کي جيڪو حڪم ڏنو
آهي، تنهن تي خبرداريءَ سان عمل ڪجو ۽ گمراهہ نہ ٿجو. 33 جنهن
رستي جو هن اوهان کي حڪم ڏنو آهي، تنهن تي هلجو، انهيءَ لاءِ
تہ اوهين جيئرا رهو ۽ اوهان جو ڀلو ٿئي ۽ جيڪو ملڪ اوهان جي
قبضي ۾ ايندو تنهن ۾ اوهين وڏي عرصي تائين رهو."

## فرمانبرداريءَ جو ڦل

6 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ "اهي حڪم ۽ قاعدا قانون هي آهن، جن
تي اوهان کي انهيءَ ملڪ ۾ عمل ڪرڻو آهي جنهن تي قبضي
ڪرڻ لاءِ اوهين اردن درياءَ جي پار ٿا وڃو. اوهان کي انهن جي
سيکارڻ لاءِ خداوند اوهان جي خدا مون کي حڪم ڏنو آهي، 2 انهيءَ
لاءِ تہ اوهين پنهنجن ٻارن ۽ ٻارن جي ٻارن سوڌو خداوند پنهنجي
خدا جو خوف ڪندا رهو. هن جي سڀني قانونن ۽ حڪمن، جن جو آءٌ
اوهان کي حڪم ٿو ڏيان، تن تي پنهنجي ساري عمر عمل ڪريو تہ
اوهين اتي گهڻي عرصي تائين رهو. 3 تنهنڪري اي بني اسرائيل!
ٻڌو ۽ خبرداريءَ سان انهن تي عمل ڪريو، انهيءَ لاءِ تہ اوهان
جو ڀلو ٿئي ۽ اوهين خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا جي واعدي
موجب، انهيءَ ملڪ ۾ وڌندا وڃو، جيڪو آسودو ۽ خوشحال آهي."

## سڀني کان وڏو حڪم

4 "اي بني اسرائيل! ياد رکو، خداوند اسان جو خدا هڪڙو ئي
خداوند آهي. 5 سو اوهين خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجي ساريءَ
دل، پنهنجي سڄيءَ جان ۽ پنهنجي پوري طاقت سان پيار ڪريو.
6 هي ڳالهيون جن جو آءٌ اڄ اوهان کي حڪم ٿو ڏيان، سي اوهان
کان ڪڏهن بہ نہ وسرن. 7 اهي اوهين پنهنجي اولاد کي سيکاريو.
گهر ۾ ويهندي، واٽ ويندي، سمهندي ۽ اٿندي انهن جو ذڪر ڪندا
رهو. 8 انهن کي اوهين يادگيريءَ لاءِ پنهنجين ٻانهن تي ٻڌي ڇڏيو
۽ پنهنجي نرڙ تي ٽڪي وانگر هڻي ڇڏيو. 9 انهن کي پنهنجي گهر
جي دروازن جي ٻانهين تي ۽ ٻاهرين دروازن تي لکي ڇڏيو.
10 جڏهن خداوند اوهان جو خدا اوهان کي انهيءَ ملڪ ۾
پهچائيندو، جنهن بابت هن اوهان جي ابن ڏاڏن ابراهيم، اسحاق ۽
يعقوب سان قسم کنيو هو تہ هو اوهان کي اهي وڏا ۽ سهڻا شهر
ڏيندو، جيڪي اوهان نہ جوڙيا آهن. 11 هو اوهان کي سڀني چڱين شين
سان ڀريل گهر، جيڪي اوهان نہ ڀريا آهن، اهي کوٽيل حوض، جيڪي
اوهان نہ کوٽيا آهن، اُهي انگورن جا باغ ۽ زيتون جا وڻ، جيڪي
اوهان نہ پوکيا آهن، سي ڏيندو. جڏهن اوهين اهي کائي ڍءُ ڪريو،
12 تڏهن خبردار ٿجو، متان پنهنجي خداوند کي وساري ڇڏيو، جنهن
اوهان کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي ٻاهر آندو، جتي اوهين غلام هئا.
13 بلڪ اوهين خداوند پنهنجي خدا جو خوف ڪندا رهجو، انهيءَ جي

---

5:19 لاو 19:11، مت 19:18، مر 10:19، لو 18:20، رو 13:9    5:20 خر 23:1، مت 19:18، مر 10:19، لو 18:20    5:21 رو 7:7، 13:9
5:22–27 عبر 12:18–19    6:4 مر 12:29    6:5 مت 22:37، مر 12:30، لو 10:27    6:6–9 شر 11:18–20
6:10 پيد 12:7، 26:3، 28:13    6:13 مت 4:10، لو 4:8

ئي عبادت ڪجو ۽ انهيءَ جي ئي نالي جو قسم کڻجو. 14 جيڪي
قومون اوهان جي آس‌پاس رهنديون هونديون، تن جي معبودن جي
پٺيان نہ لڳجو. 15 ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا، جو اوهان جي وچ
۾ آهي سو غيرت وارو خدا آهي. ائين نہ ٿئي جو خداوند اوهان جو
خدا اوهان تي ڪاوڙجي ۽ اوهان کي دنيا مان بلڪل برباد ڪري ڇڏي.
16 اوهين خداوند پنهنجي خدا کي نہ آزمائجو، جيئن اوهان ڪيس
مساہ ۾ آزمايو هو. 17 اوهين خداوند پنهنجي خدا جا حڪم ۽ قاعدا
قانون، جن جو هن اوهان کي حڪم ڏنو آهي، تن تي سختيءَ سان
عمل ڪندا رهجو. 18 اهو ئي ڪجو جيڪي خداوند جي نظر ۾ درست
۽ چڱو هجي، انهيءَ لاءِ تہ اوهان جو ڀلو ٿئي ۽ جنهن چڱي ملڪ
بابت خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو تنهن ۾ وڃي
مٿس پنهنجو قبضو ڪريو. 19 ائين ڪرڻ سان خداوند اوهان جي سڀني
دشمنن کي اوهان جي اڳيان ڀڄائي ڪڍندو، جيئن هن واعدو ڪيو
آهي.

20 ايندڙ زماني ۾ جڏهن اوهان جا ٻار اوهان کان پڇن تہ 'هي
حڪم ۽ قاعدا قانون جيڪي خداوند اسان جي خدا اوهان کي ڏنا
آهن، تن جو مطلب ڇا آهي؟' 21 تڏهن اوهين کين ٻڌائجو تہ 'جڏهن
اسين مصر ۾ *فرعون جا غلام هئاسين تہ خداوند پنهنجي زورآور
هٿ سان اسان کي مصر مان ڪڍي ٻاهر آندو. 22 خداوند اسان جي
اکين اڳيان مصرين، فرعون ۽ سندس سڄي حويليءَ جي خلاف وڏا
وڏا ۽ هيبتناڪ ڪم ۽ معجزا ڪري ڏيکاريا. 23 هو اسان کي اتان ٻاهر
ڪڍي آيو، انهيءَ لاءِ تہ جنهن ملڪ بابت هن اسان جي ابن ڏاڏن
سان قسم کنيو هو، تنهن ۾ اسان کي پهچائي ۽ اهو ملڪ اسان کي
عطا ڪري. 24 سو خداوند اسان کي حڪم ڏنو تہ اسين انهن سڀني
قانونن تي عمل ڪريون ۽ خداوند پنهنجي خدا جو خوف ڪندا رهون،
تہ هميشہ اسان جو ڀلو ٿئي ۽ هو اسان کي اڄوڪي ڏينهن وانگر
جيئرو رکي. 25 سو جيڪڏهن اسين سندس حڪم مطابق خبرداريءَ
سان خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾ انهن سڀني حڪمن تي عمل
ڪنداسين، تہ اها اسان جي لاءِ سچائي ليکي ويندي.'"

## خداوند جي خاص قوم
(خروج 34:11–16)

7 1 موسيٰ چيو تہ "جڏهن خداوند اوهان جو خدا اوهان کي انهيءَ
ملڪ ۾ پهچائيندو، جنهن تي قبضو ڪرڻ لاءِ اوهين وڃو ٿا،
تڏهن اتي جون ست قومون يعني حتي، گرگاشي، اموري، ڪنعاني،
فرزي، حِوي ۽ يبوسي، جيڪي اوهان کان وڌيون ۽ طاقت واريون
آهن، تن کي اوهان جي اڳيان ڀڄائي ڪڍندو. 2 پوءِ جڏهن خداوند
اوهان جو خدا انهن کي اوهان جي حوالي ڪري ۽ اوهين انهن کي
شڪست ڏيو، تڏهن کين بلڪل نابود ڪري ڇڏجو. ساڻن ڪو عهد
نہ ڪجو، نڪي مٿن رحم ڪجو. 3 اوهين انهن مان شاديون نہ
ڪجو، نہ پنهنجيون ڌيئر هنن جي پٽن کي ڏجو، نڪي هنن جون ڌيئر
پنهنجن پٽن لاءِ وٺجو. 4 ڇالاءِجو اهي اوهان جي اولاد کي خداوند
کان ڦيرائي ڇڏيندا، انهيءَ لاءِ تہ هو غير معبودن جي پوڄا ڪن.
تڏهن خداوند جو غضب اوهان تي اچي ڪڙڪندو ۽ هو هڪدم اوهان
کي برباد ڪري ڇڏيندو. 5 اٿلندو اوهين هنن سان هيءَ هلت ڪجو
جو سندن قربان‌گاهون ڊاهي ڇڏجو، هنن جا پوڄا وارا پٿر ڀڃي پورا
پورا ڪري ڇڏجو. هنن جا يسيره ديويءَ نالي وارا ٿنڀ جيان ڪوڙيل
بت ڪيرائي ڇڏجو ۽ سندن تراشيل مورتيون ساڙي ڇڏجو. 6 اوهين
خداوند پنهنجي خدا جا چونڊيل آهيو. هائو، هن اوهان کي دنيا جي
سڀني قومن مان پنهنجي خاص قوم ٿيڻ لاءِ چونڊي ڪڍيو آهي.
7 خداوند جو اوهان کي پسند ڪرڻ ۽ چونڊڻ جو اهو سبب نہ هو تہ
ڪو اوهين تعداد ۾ ٻين کان گهڻا هئا، بلڪ اوهين تہ ٻين سڀني قومن
کان تمام ٿورا هئا. 8 پر خداوند جيئن تہ اوهان سان پيار ٿي ڪيو ۽
جيڪو قسم هن اوهان جي ابن ڏاڏن سان کنيو هو سو پورو ڪرڻ ٿي
چاهيائين، تنهنڪري هن پنهنجي زورآور هٿ سان اُتان اوهان کي ٻاهر
ڪڍي آندو، جتي اوهين غلام هئا. هن اوهان کي مصر جي بادشاهہ
فرعون جي چنبي مان ڇڏايو. 9 تنهنڪري ياد رکو، تہ خداوند اوهان
جو خدا اهو ئي خدا آهي. هو واعدو وفا ڪندڙ خدا آهي. سو جيڪي
ڪيس پيار ٿا ڪن ۽ سندس حڪمن تي عمل ٿا ڪن، تن سان هزارين
پيڙهين تائين پنهنجو عهد قائم رکندي ساڻن لافاني شفقت ٿو رکي.
10 جيڪي ساڻس دشمني ٿا رکن تن کي بدلي ۾ سندن ڏسندي ئي
ڏسندي برباد ٿو ڪري. هو دير نہ ٿو ڪري، بلڪ انهن کان ئي بدلو
ٿو وٺي. 11 تنهنڪري جيڪي حڪم ۽ قاعدا قانون آءٌ اڄ اوهان کي
ٻڌايان ٿو، تن تي خبرداريءَ سان عمل ڪندا رهجو."

## فرمانبردارن لاءِ برڪتون
(شريعت جو دور 28:1–14)

12 "تنهنڪري جيڪڏهن اوهين هي فيصلا ٻڌي، انهن کي مڃي مٿن
عمل ڪندا، تہ خداوند اوهان جو خدا بہ پنهنجو عهد ۽ لافاني شفقت
اوهان سان قائم رکندو، جنهن بابت هن اوهان جي ابن ڏاڏن سان
قسم کنيو هو. 13 هو اوهان کي پيار ڪندو، برڪت ڏيندو ۽ اوهان کي
وڌائيندو. جيڪو ملڪ اوهان کي ڏيڻ لاءِ هن اوهان جي ابن ڏاڏن سان
قسم کنيو هو، تنهن منجهہ اوهان جي اولاد ۾ ۽ زمين جي پيداوار
يعني اناج ۾، مئي ۾، زيتون جي تيل ۾ ۽ ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "خاص لفظن جي سمجهاڻي".

16:6 خر 17:1–7، مت 4:7، لو 12:4 1:7 رس 13:19 5:7 شر 12:3 6:7 خر 19:5، شر 4:20، 14:2، 26:18، طيط 2:14، 1.پط 2:9
9:7–10 خر 20:5–6، 34:6–7، ڳا 14:18، شر 5:9–10 12:7–16 شر 11:13–17

جي ڏٽن ۾ برڪت وجهندو. 14 اوهان کي ٻين سڀني قومن کان وڌيڪ
برڪت عطا ٿيندي. اوهان ۾ توڙي اوهان جي چوپائي مال ۾ ڪوبہ نر
يا ڪابہ مادي سنڍ نہ ٿيندي. 15 خداوند هر قسم جي بيماري اوهان
کان دور ڪندو. مصر جا اُهي سڀ خوفناڪ مرض جن جي اوهان کي
خبر آهي، تن مان ڪوبہ مرض هو اوهان تي ڪين موڪليندو، بلڪ
انهن کي اوهان جي دشمنن تي موڪليندو. 16 اوهين انهن سڀني قومن
کي جيڪي خداوند اوهان جو خدا اوهان جي حوالي ڪندو، نابود ڪري
ڇڏجو. اوهين انهن تي ڪوبہ قياس نہ ڪجو، نڪي انهن جي معبودن
جي پوڄا ڪجو. ائين نہ ٿئي جو اهي اوهان جي لاءِ ڦندو ثابت ٿين.
17 جيڪڏهن اوهان جي دل ۾ اهو خيال اچي تہ ’هي قومون اسان
کان گهڻيون آهن، اسين هنن کي ڪيئن پڇائي ڪڍي سگهنداسين؟‘
18 تڏهن بہ اوهين هنن کان نہ ڊڄجو، بلڪ اهو ياد ڪجو تہ خداوند
اوهان جي خدا، فرعون ۽ سڀني مصرين سان ڇا ڇا ڪيو. 19 اهي
وڏيون وڏيون آزمائشون اوهان پنهنجين اکين سان ڏٺيون. خداوند
اوهان جي خدا هيبتناڪ ڪمن ۽ معجزن جي وسيلي اوهان کي پنهنجي
زورآور هٿ ۽ وڏيءَ قدرت سان ٻاهر ڪڍي آيو. خداوند اوهان جو
خدا انهن سڀني قومن سان بہ ائين ئي ڪندو جن کان اوهين ڊڄو ٿا.
20 انهيءَ کان سواءِ خداوند اوهان جو خدا انهن ۾ ڏاڪوڙو وجهندو
انهيءَ لاءِ تہ هنن مان جيڪي بچي اوهان کان لڪي پيا هوندا، تن
کي بہ تباهہ ڪري ڇڏي. 21 سو اوهين انهن کان ڪوبہ خوف نہ
ڪجو، ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا جيڪو اوهان جي وچ ۾ آهي
سو عظيم ۽ هيبتناڪ خدا آهي. 22 هو انهن قومن کي ٿورا ٿورا
ڪري اوهان وٽان هٽائي ڇڏيندو. سو اوهين انهن کي هڪدم نابود
ڪري نہ ٿا سگهو، ڇوتہ متان جهنگلي جانور گهڻا ٿي اوهان تي
حملو ڪن. 23 تنهن هوندي بہ خداوند اوهان جو خدا انهن قومن کي
اوهان جي حوالي ڪندو ۽ ڪين اهڙي تہ سخت گهمسان ۾ وجهندو
جو اهي بلڪل نابود ٿي ويندا. 24 هو انهن جي بادشاهن کي اوهان
جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندو. سو اوهين انهن جو نالو ڌرتيءَ تان مٽائي
ڇڏيندا. جيستائين اوهين انهن کي نابود نہ ڪندا تيستائين ڪوبہ
ماڻهو اوهان جي اڳيان بيهي ڪين سگهندو. 25 اوهين انهن جي
معبودن جي تراشيل مورتين کي ساڙي ڇڏجو. جيڪا چاندي يا سون
انهن تي هجي تنهن جي اوهين لالچ نہ ڪجو، نڪي اهي پنهنجي
لاءِ ڪڻجو، متان اوهين انهن ۾ ڦاسي پئو، ڇالاءِجو اها ڳالهہ خداوند
اوهان جي خدا جي نظر ۾ ڪراهت جهڙي آهي. 26 اوهين بتن جي
ڪابہ مڪروهہ شيءِ پنهنجي گهر ۾ نہ آڻجو، نہ تہ اوهين بہ انهن
وانگر لعنتي ٿيندا. اوهين انهن کان سخت نفرت ڪجو ۽ انهن کي
غلاظت ڪري ڄاڻجو، ڇالاءِجو اهي لعنتي آهن.“

## چڱو ملڪ هٿ اچڻ

8 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ ”سو جيڪي حڪم آءٌ اڄوڪي ڏينهن
اوهان کي ٻڌايان ٿو، تن تي اوهين خبرداريءَ سان عمل ڪجو،
انهيءَ لاءِ تہ اوهين جيئرا رهو ۽ تعداد ۾ وڌو ۽ انهيءَ ملڪ ۾ وڃي
مٿس قبضو ڪريو، جنهن بابت خداوند اوهان جي خدا اوهان جي
ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو. 2 اوهين انهيءَ ساري رستي کي ياد
رکجو، جنهن تي خداوند اوهان جي خدا اوهان کي چاليهہ سال بيابان
۾ هلايو، انهيءَ لاءِ تہ هو اوهان کي عاجز ڪري آزمائي ۽ اوهان جي
دل جي ڳالهہ معلوم ڪري تہ اوهين هن جي حڪمن تي عمل ڪندا
يا نہ. 3 تنهنڪري هن اوهان کي عاجز ڪيو ۽ بکيو رکيو. پوءِ اوهان
کي اها مَنَ کارايائين جنهن جي نہ اوهان کي خبر هئي نہ اوهان جي
ابن ڏاڏن کي. هن ڪري جو هو اوهان کي اهو سيکاري تہ انسان رڳو
مانيءَ سان ئي جيئرو نہ ٿو رهي، بلڪ خداوند جي واتان نڪرندڙ هر
هڪ ڳالهہ سان جيئرو رهي ٿو. 4 انهن چاليهن سالن ۾ نہ اوهان جا
ڪپڙا اوهان جي بدن تي پراڻا ٿيا، نڪي اوهان جا پير سڄيا. 5 اوهين
پنهنجيءَ دل ۾ ڄاڻي ڇڏيو تہ جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي پٽ کي تربيت
ڏيندو آهي، تيئن خداوند اوهان جي خدا اوهان کي تربيت ٿي ڏني.
6 سو اوهين خداوند پنهنجي خدا جي حڪمن تي عمل ڪندا
رهجو، سندس واٽن تي هلندا رهجو ۽ سندس خوف ڪندا رهجو.
7 خداوند اوهان جو خدا اوهان کي هڪڙي اهڙي سرسبز ملڪ ۾ ٿو
پهچائي، جنهن ۾ پاڻيءَ جون نهرون، چشما ۽ اونهيون ڍنڍون آهن،
جيڪي ماٿرين ۽ ٽڪرين مان ٿيون نڪرن. 8 انهيءَ ملڪ ۾ ڪڻڪ،
جَوَ، انگور، انجير ۽ ڏاڙهون جا وڻ ٿا ٿين. ان ۾ زيتون جا وڻ ۽ ماکي
ٿي ٿئي. 9 اهو اهڙو ملڪ آهي جتي اوهين پيٽ ڀري ماني کائيندا.
اوهان کي ڪنهن بہ شيءِ جي ڪمي ڪانہ ٿيندي. اهو اهڙو ملڪ
آهي جنهن جي پٿرن مان اوهين لوهہ ۽ ٽڪرين مان ٽامو کوٽي ڪڍي
سگهندا. 10 اوهين کائي ڍءُ ڪندا ۽ انهيءَ چڱي ملڪ عطا ڪرڻ
لاءِ خداوند پنهنجي خدا جي واکاڻ ڪندا.“

## خداوند کي نہ وسارڻ بابت تاڪيد

11 ”اوهين خبردار رهجو، ائين نہ ٿئي جو خداوند پنهنجي خدا کي
وساري ڇڏيو ۽ هن جا جيڪي حڪم ۽ قاعدا قانون مون اڄ اوهان
کي ٻڌايا آهن، تن تي عمل نہ ڪريو. 12 ائين نہ ٿئي تہ جڏهن اوهين
کائي ڍءُ ڪريو ۽ عمديون جايون جوڙي انهن ۾ رهو، 13 جڏهن اوهان
جا ڌڻ ڌڳا ۽ رڍون ٻڪريون وڌن ۽ اوهان جي سون، چانديءَ ۽ سڄي
مال ملڪيت ۾ واڌارو ٿئي، 14 تڏهن اوهان جي دل ۾ مغروري اچي
وڃي. پوءِ اوهين خداوند پنهنجي خدا کي وساري ويهو، جنهن اوهان
کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي ٻاهر آندو، جتي اوهين غلام هئا.

---

3:8 مت 4:4، لو 4:4    16–11:8 هوس 13:5–6

15 هن انهيءَ وڏي ۽ خوفناڪ بيابان ۾ اوهان جي رهنمائي ڪئي،
جتي زهريلا نانگ ۽ وڇون هئا. انهيءَ خشڪ ۽ ئوٽ زمين ۾ هن
اوهان جي لاءِ سخت ٽڪريءَ مان پاڻي ڪڍيو. 16 هن اوهان کي بيابان
۾ اها مَنَ کارائي، جنهن جي اوهان جي ابن ڏاڏن کي خبر به ڪانه
هئي. هن اوهان کي عاجز ڪري آزمايو، انهيءَ لاءِ ته پڇاڙيءَ ۾
اوهان سان ڀلائي ڪري. 17 خبردار رهجو، ائين نه ٿئي جو اوهين
پنهنجيءَ دل ۾ چئو ته ’اسان کي پنهنجيءَ طاقت ۽ پنهنجي هٿن
جي زور جي وسيلي ئي هيءَ دولت حاصل ٿي آهي.‘ 18 پر ياد رکو،
ته اهو خداوند اوهان جو خدا ئي آهي، جيڪو اوهان کي دولت حاصل
ڪرڻ جي طاقت عطا ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي انهيءَ عهد
کي پورو ڪري ٿو، جنهن بابت هن اوهان جي ابن ڏاڏن سان قسم
کنيو هو، جيئن اڄوڪي ڏينهن ظاهر آهي.
19 هاڻي جيڪڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا کي وساري غير
معبودن جي پٺيان لڳي سندن پوڄا ڪندا ۽ کين سجدو ڪندا ته
اڄوڪي ڏينهن آءٌ اوهان کي آگاهه ٿو ڪريان ته اوهين ضرور نابود
ڪيا ويندا. 20 جن قومن کي خداوند اوهان جي سامهون نابود ٿو
ڪري، تن وانگر ئي اوهين به خداوند پنهنجي خدا جي ڳالهه نه
مڃڻ ڪري نابود ٿي ويندا.“

## ماڻهن جي نافرماني

9 1 موسيٰ وڌيڪ چيو ته ”اي بني اسرائيل! ٻڌو، اوهين اڄ اردن
درياءَ کان پار انهيءَ لاءِ وڃڻ وارا آهيو ته جيئن اهي قومون
جيڪي اوهان کان وڏيون ۽ طاقتور آهن ۽ جن جي وڏن شهرن جون
ڀتيون آسمان سان ڳالهيون ٿيون ڪن، تن کي ڀڄائي ڪڍو. 2 اتي جا
ماڻهو ڊگها ۽ طاقتور يعني راڪاس جو اولاد آهن، جن کي اوهين ڄاڻو
ٿا. انهن بابت اوهان اهو به ٻڌو آهي ته ’ڪير آهي جيڪو راڪاس جي
اولاد جو مقابلو ڪري سگهي؟‘ 3 تنهنڪري اوهين اڄوڪي ڏينهن
ڄاڻي ڇڏيو ته خداوند اوهان جو خدا، ساڙي رک ڪندڙ باهه وانگر
اوهان جي اڳيان ٿو هلي. هو انهن کي تباهه ڪري ڇڏيندو. هو کين
اوهان جي آڏو اهڙو ته ماري مات ڪندو جو اوهين هنن کي ڀڄائي
ڪڍندا ۽ جلد ئي کين نابود ڪري ڇڏيندا، جيئن خداوند اوهان سان
واعدو ڪيو آهي.
4 سو جڏهن خداوند اوهان جو خدا انهن کي اوهان جي اڳيان
ڀڄائي ڪڍي، تڏهن اوهين پنهنجيءَ دل ۾ ائين نه چئجو ته ’اسان
جي سچائيءَ جي ڪري خداوند اسان کي هن ملڪ تي قبضي ڪرڻ
لاءِ هتي آندو آهي.‘ بلڪ حقيقت ۾ انهن قومن جي بدڪاريءَ جي
ڪري خداوند کين ڀڄائي ٿو ڪڍي. 5 اوهين پنهنجي نيڪوڪاريءَ
يا دل جي سچائيءَ جي ڪري سندن ملڪ تي قبضو ڪرڻ نه ٿا وڃو،
بلڪ انهن قومن جي بدڪاريءَ جي ڪري خداوند اوهان جو خدا کين
اتان ڀڄائي ٿو ڪڍي. هو انهيءَ لاءِ به کين ڀڄائي ٿو ڪڍي ته
جيئن خداوند پنهنجي انهيءَ واعدي کي پورو ڪري، جنهن بابت هن
اوهان جي ابن ڏاڏن ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب سان قسم کنيو هو.
6 تنهنڪري ڄاڻي ڇڏيو ته خداوند اوهان جو خدا اوهان کي اوهان
جي سچائيءَ جي ڪري اهو چڱو ملڪ نه ٿو ڏئي، ڇالاءِجو اوهين
ته هٺ ضدي قوم آهيو.
7 اها ڳالهه اوهين هرگز نه وسارجو ته ڪيئن نه اوهان خداوند
پنهنجي خدا کي بيابان ۾ ڪاوڙايو، بلڪ جنهن ڏينهن کان اوهين
مصر جي ملڪ مان نڪتا آهيو، تنهن ڏينهن کان وٺي هن هنڌ پهچڻ
تائين اوهان خداوند جي خلاف بغاوت پئي ڪئي آهي. 8 سينا جبل
وٽ ته اوهان خداوند کي ايترو ڪاوڙايو، جو هو ناراض ٿي اوهان کي
برباد ڪرڻ تي هو. 9 جڏهن آءٌ پٿر جون تختيون، جن تي خداوند جو
اوهان سان ڪيل عهد لکيل هو، سي وٺڻ لاءِ جبل تي چڙهي ويس،
تڏهن آءٌ چاليهه ڏينهن ۽ چاليهه راتيون اتي جبل تي رهي پيس ۽ مون
نڪا ماني کاڌي، نڪو پاڻي پيتم. 10 پوءِ خداوند مون کي پٿر جون ٻه
تختيون ڏنيون، جيڪي خدا جي آڱر سان لکيل هيون. انهن تي اهي
سموريون ڳالهيون لکيل هيون، جيڪي اوهان جي جبل وٽ گڏ ٿيڻ
واري ڏينهن تي خداوند باهه جي وچ مان اوهان سان ڪيون هيون.
11 چاليهن ڏينهن ۽ چاليهن راتين کان پوءِ، خداوند پٿر جون اهي ٻئي
تختيون يعني عهد واريون تختيون مون کي ڏنيون. 12 پوءِ خداوند مون
کي چيو ته ’اُٿ، هتان جلدي هيٺ لهي وڃ، ڇالاءِجو تنهنجا ماڻهو
جن کي تون مصر مان ڪڍي آيو آهين، سي ڪري خراب ٿيا آهن. جنهن
رستي جو مون کين حڪم ڏنو هو تنهن کان هو جلد ڦري ويا آهن ۽
بت‌پرستيءَ واسطي پنهنجي لاءِ هڪڙي پلٽيل مورت ٺاهي اٿن.‘
13 خداوند مون کي وڌيڪ فرمايو ته ’مون هن قوم کي ڏٺو آهي،
سچ‌پچ ته هيءَ هٺ ضدي قوم آهي. 14 تنهنڪري هاڻي مون کي ڇڏ
ته آءٌ انهن کي برباد ڪريان ۽ سندن نالو ڌرتيءَ تان مٽائي ڇڏيان.
آءٌ تو منجهان ئي هن کان به وڏي ۽ زور واري قوم پيدا ڪندس.‘
15 پوءِ آءٌ ڦري جبل تان هيٺ لٿس، منهنجي ٻنهي هٿن ۾ عهد
واريون ٻئي تختيون هيون ۽ جبل باهه سان ٻري رهيو هو. 16 مون
نهاري ڏٺو ته اوهان خداوند پنهنجي خدا جو گناهه ڪيو هو. اوهان
پنهنجي لاءِ هڪ پلٽيل گابو ٺاهيو هو ۽ انهيءَ رستي کان جلد ڦري
ويا هئا جيڪو خداوند اوهان کي ٻڌايو هو. 17 تڏهن مون اهي ٻئي
تختيون پنهنجن هٿن مان ڪٽي اڇلايون ۽ اوهان جي اکين اڳيان اهي
ڀڄي ڇڏيم. 18 پوءِ اوهان جي انهيءَ وڏي گناهه جي ڪري آءٌ اڳي
وانگر چاليهه ڏينهن ۽ چاليهه راتيون خداوند جي آڏو سجدي ۾ پيو
هوس، مون نڪا ماني کاڌي، نڪي پاڻي پيتم. ڇالاءِجو جيڪو ڪم
خداوند جي نظر ۾ بڇڙو هو سو ڪري اوهان کيس ڪاوڙايو هو. 19 آءٌ
خداوند جي انهيءَ ڪاوڙ ۽ سخت ناراضپي کان ڊنس ٿي جيڪو کيس

9:9 خر 18:24    21–12:9 خر 7:32–20    19:9 عبر 21:12

اوهان تي هو، چوته هو اوهان کي برباد ڪرڻ تي هو. پر هن دفعي
بہ خداوند منهنجي ٻڌي. 20 خداوند هارون تي بہ ايترو تہ ڪاوڙيل
هو جو کيس برباد ڪرڻ تي هو. پر مون انهيءَ وقت هارون لاءِ بہ
دعا گهري. 21 تڏهن مون اها گناهہ واري شيءِ يعني ڳابو، جيڪو
اوهان ٺاهيو هو تنهن کي ساڙي ڇڏيو. پوءِ انهيءَ کي ڪُٽي پيهي،
ڌوڙ جهڙو سنهو ڪيم ۽ ان جي اها رک انهيءَ نهر ۾ اڇلائي ڇڏيم
جيڪا جبل مان ٿي نڪتي.
22 اوهان تبعيراه، مساه ۽ قبروت‌هتاواه ۾ بہ خداوند کي ڪاوڙايو.
23 جڏهن خداوند اوهان کي قادش‌برنيع کان روانو ڪري چيو تہ ’وڃي
انهيءَ ملڪ تي قبضو ڪريو جيڪو مون اوهان کي ڏنو آهي،‘ تڏهن
اوهان خداوند پنهنجي خدا جي حڪم خلاف بغاوت ڪئي. اوهان
هن تي اعتبار نہ ڪيو ۽ سندس چيو نہ مڃيو. 24 جنهن ڏينهن کان
منهنجي اوهان سان واقفيت ٿي آهي، تنهن ڏينهن کان اوهين خداوند
جي خلاف بغاوت ڪندا ٿا اچو.
25 تنهنڪري آءٌ اهي چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ راتيون خداوند جي آڏو
سجدي ۾ پيو هوس، چوتہ خداوند فرمايو هو تہ هو اوهان کي برباد
ڪندو. 26 مون خداوند کان دعا گهري تہ ’اي خداوند خدا! تنهنجي
قوم جيڪا تنهنجي ئي ميراث آهي تنهن کي برباد نہ ڪر، جنهن کي
تو پنهنجيءَ عظمت سان ڇڏايو آهي، جنهن کي تون پنهنجي زورآور
هٿ سان مصر مان ڪڍي آيو آهين. 27 پنهنجن ٻانهن ابراهيم، اسحاق
۽ يعقوب کي ياد ڪر ۽ هن قوم جي هوڏ، شرارت ۽ گناهہ کي نہ
ڏس. 28 ائين نہ ٿئي جو جنهن ملڪ مان تون اسان کي ڪڍي آيو
آهين، تنهن ملڪ جا ماڻهو چون تہ ”خداوند جنهن ملڪ جو ساڻن
واعدو ڪيو هو تنهن ۾ کين پهچائي نہ سگهيو ۽ جيئن تہ خداوند
کي انهن کان نفرت هئي، تنهنڪري کين ٻاهر ڪڍي ويو تہ بيابان ۾
انهن کي ماري ڇڏي.“ 29 نيٺ تہ اهي تنهنجي ئي قوم ۽ تنهنجي
ئي ميراث آهن، جن کي تون پنهنجي وڏيءَ قدرت ۽ زورآور هٿ سان
ڪڍي آيو آهين.‘“

## اڳين جهڙيون ٻيون تختيون

(خروج 34:1–10)

10 1 ”سو انهيءَ وقت خداوند مون کي چيو تہ ’تون اڳين
جهڙيون پٿر جون ٻيون بہ تختيون ٽُڪي ٺاهہ ۽ ڪاٺ جي
هڪڙي صندوق بہ ٺاءِ، پوءِ مون وٽ جبل تي چڙهي اچ. 2 آءٌ انهن
تختين تي اهي ئي ڳالهيون لکندس جيڪي اڳين تختين تي لکيل
هيون، جن کي تو ڀڃي ڇڏيو هو. پوءِ تون اهي انهيءَ صندوق ۾
رکي ڇڏجانءِ.‘
3 تڏهن مون ٻبر جي ڪاٺ جي هڪڙي صندوق ٺاهي ۽ اڳين تختين
جهڙيون پٿر جون ٻہ تختيون بہ ٽُڪي تيار ڪيم. اهي ٻئي تختيون
پنهنجي هٿن ۾ کڻي جبل تي چڙهي ويس. 4 پوءِ خداوند انهن تختين
تي اڳينءَ لکت موجب اهي ڏهہ ئي حڪم لکيا، جيڪي جبل وٽ
اوهان جي گڏ ٿيڻ واري ڏينهن تي خداوند باهہ جي وچ مان اوهان
کي ٻڌايا هئا. خداوند اهي تختيون مون کي ڏنيون. 5 تڏهن آءٌ ڦري
جبل تان هيٺ لٿس. پوءِ جيئن خداوند مون کي فرمايو هو تيئن اهي
تختيون انهيءَ صندوق ۾ رکيم جيڪا مون ٺاهي هئي. سو اهي اڃا
تائين اتي ئي رکيل آهن.“
6 جڏهن بني اسرائيل بني يعقان جي کوهن کان روانا ٿي موسيره
۾ آيا هئا، تڏهن اُتي هارون وفات ڪئي ۽ کيس اتي ئي دفن ڪيو
ويو. سندس پٽ اليعزر سندس جاءِ تي ڪاهن طور مقرر ٿي خدمت
ڪرڻ لڳو. 7 پوءِ هو اُتان ڪوچ ڪري گدگوده ۾ آيا ۽ گدگوده مان
روانا ٿي ياطباٿاه ۾ آيا، جيڪو نهرن وارو علائقو آهي. 8 هوڏانهن
جڏهن بني اسرائيل اڃا سينا جبل وٽ ئي هئا تہ خداوند لاويءَ جي
قبيلي کي الڳ ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ اهي خداوند جي عهد واري
صندوق کڻن ۽ خداوند جي حضور ۾ حاضر رهي سندس خدمت ڪن
۽ سندس نالو وٺي ماڻهن لاءِ خير جي دعا گهرن. اڄ ڏينهن تائين
ائين ئي ٿيندو پيو اچي. 9 انهيءَ ڪري لاوين کي سندن بني اسرائيل
قوم وارن سان گڏ زمين جو ڪوبہ حصو يا ورثو ڪونہ مليو، چوتہ
خداوند کي ڏنل نذرانن مان ڪجهہ حصو سندن ورثو آهي، جيئن
خداوند، بني اسرائيل جي خدا کين فرمايو.
10 موسيٰ ڳالهائيندي وڌيڪ چيو تہ ”آءٌ اڳي وانگر چاليهہ ڏينهن
۽ چاليهہ راتيون جبل تي رهيس. هن دفعي بہ خداوند منهنجي ٻڌي
۽ اوهان کي برباد ڪرڻ نہ چاهيائين. 11 پوءِ خداوند مون کي چيو
تہ ’وڃ، ماڻهن جي اڳواڻي ڪر تہ هو انهيءَ ملڪ تي وڃي قبضو
ڪن، جنهن بابت مون سندن ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو تہ اهو
کين عطا ڪندس.‘“

## خداوند جو خوف رکو

12 ”هاڻي اي بني اسرائيل! خداوند اوهان جو خدا اوهان کان ڇا ٿو
گهري؟ رڳو ايترو تہ اوهين خداوند پنهنجي خدا جو خوف ڪندا رهو،
سندس سڀني واٽن تي هلو، ساڻس محبت رکو ۽ پنهنجي پوري دل
وَ جان سان خداوند پنهنجي خدا جي عبادت ڪريو. 13 خداوند جي
انهن سمورن حڪمن ۽ قانونن تي عمل ڪندا رهو جيڪي آءٌ اوهان
جي ڀلائيءَ لاءِ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو.
14 ڏسو، عرش عظيم سميت سمورا آسمان، زمين ۽ جيڪي ڪجهہ
منجهس آهي، سو سڀ خداوند اوهان جي خدا جو آهي. 15 تڏهن بہ

---

22:9 ڳا 11:3،34، خر 7:17    23:9 ڳا 13:25–38:14، شر 1:21،26، عبر 16:3    6:10 ڳا 20:28، 38:33    8:10 ڳا 3:5–8
10:10 خر 28:34

خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن کي پيارو ڄاتو ۽ ساڻن محبت ڪئي.
انهن کان پوءِ سندن اولاد يعني اوهان کي ٻين سڀني قومن منجهان
چونڊي ڪڍيائين، جيئن اڄوڪي ڏينهن ظاهر آهي. 16 تنهنڪري
اوهين پنهنجي دلين تان پردو هٽائي ڇڏيو ۽ اڳتي وري ضدي نه
ٿيو. 17 ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا، اهو ئي معبودن جو خدا ۽
خداوندن جو خداوند آهي، جيڪو عظيم، قادر ۽ هيبتناڪ خدا آهي.
هو طرفداري نه ٿو ڪري، نڪي رشوت ٿو وٺي. 18 هو يتيمن ۽
رن‌زالن جي حق ۾ فيصلو ڏئي ٿو. هو اوهان منجهه رهندڙ ڌارين
سان پيار ٿو ڪري ۽ کين کاڌو ۽ ڪپڙو ٿو ڏئي. 19 تنهنڪري اوهين
ڌارين سان پيار ڪريو، ڇالاءِجو اوهين پاڻ به مصر جي ملڪ ۾ ڌاريا
هئا. 20 اوهين خداوند پنهنجي خدا جو خوف ڪندا رهو، رڳو سندس
ئي عبادت ڪريو، ساڻس ئي چُهٽيل رهو ۽ سندس ئي نالي جو قسم
کڻو. 21 اهو ئي اوهان جي تعريف جو حقدار آهي ۽ اهو ئي اوهان جو
خدا آهي، جنهن اوهان جي لاءِ اهي وڏا ۽ هيبتناڪ ڪم ڪيا جيڪي
اوهان پنهنجين اکين سان ڏٺا. 22 اوهان جا ابا ڏاڏا جڏهن مصر ۾ ويا
تڏهن ستر ڄڻا هئا، پر هاڻي خداوند اوهان جي خدا اوهان کي وڏائي
آسمان جي تارن جيترو ڪري ڇڏيو آهي."

## خداوند جي عظمت جا شاهد

11 1 موسيٰ وڌيڪ چيو ته "تنهنڪري اوهين خداوند پنهنجي
خدا سان پيار ڪريو ۽ هن جي فرمانن تي، قاعدن تي،
قانونن تي ۽ سندس حڪمن تي هميشه عمل ڪندا رهو. 2 آءٌ هي
اوهان جي اولاد سان نه ٿو ڳالهايان، جن کي خداوند اوهان جي خدا
جي سيکت جي خبر ڪانهي، نڪي اها ڏٺي اٿائون. اوهين ياد رکو
ته خداوند پنهنجي زورآور هٿ ۽ وڏيءَ قدرت سان ڪهڙيءَ طرح
پنهنجي عظمت ڏيکاري. 3 سندس اهي معجزا ۽ هيبتناڪ ڪم به
ياد رکو، جيڪي هن مصر ۾، اتي جي بادشاهه فرعون ۽ سندس ساري
ملڪ سان ڪيا. 4 اهو به ياد ڪريو، جيڪو هن مصر جي لشڪرن
سان ۽ سندن گهوڙن ۽ جنگي گهوڙي گاڏين سان ڪيو. جڏهن اهي
اوهان جي پٺيان ڪاهي آيا، تڏهن ڪيئن نه خداوند ڳاڙهي سمنڊ جو
پاڻي مٿن اڇلائي وڌو ۽ کين اهڙو ٻوڙي ماريائين جو اڄ ڏينهن تائين
مصري انهيءَ شڪست مان بحال نه ٿيا آهن. 5 ياد ڪريو، جيستائين
اوهين هن هنڌ آيا، تيستائين بيابان ۾ هن اوهان سان ڇا ڇا ڪيو.
6 ياد ڪريو، هن داتن ۽ ابيرام، جيڪي الياب جا پٽ ۽ روبن جا
پوٽا هئا، تن جو ڪهڙو حال ڪيو. ڪيئن زمين پنهنجو وات پٽيو ۽
انهن کي، انهن جي گهر ٻار، تنبن ۽ سندن نوڪرن ۽ جانورن کي
بني اسرائيل جي سامهون ڳهي ويئي. 7 خداوند جيڪي به وڏا وڏا
ڪم ڪيا، سي سڀ اوهان پنهنجي اکين سان ئي ڏٺا."

## واعدي ڪيل ملڪ جون برڪتون

8 "تنهنڪري جيڪي حڪم آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو
تن تي عمل ڪجو، انهيءَ لاءِ ته اوهين طاقتور ٿيو ۽ جنهن ملڪ
تي قبضي ڪرڻ لاءِ اوهين وڃو ٿا، تنهن ۾ داخل ٿيو ۽ مٿس قبضو
ڪريو. 9 ان سان گڏ انهيءَ ملڪ ۾ اوهين وڏي عرصي تائين رهو،
جنهن ملڪ بابت خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو ته اهو
ملڪ هو انهن کي ۽ انهن جي اولاد کي ڏيندو، جنهن ۾ خوشحالي ۽
آسودگي آهي. 10 ڇالاءِجو جنهن ملڪ تي قبضو ڪرڻ لاءِ اوهين وڃو
ٿا سو مصر جي ملڪ جهڙو ناهي، جتان اوهين نڪري آيا آهيو. اُتي
اوهان ٻج پوکي انهيءَ کي پاڇين جي باغ وانگر سخت محنت سان
ناليون ٺاهي پاڻي ٿي ڏنو. 11 پر جنهن ملڪ تي قبضو ڪرڻ لاءِ اوهين
اردن درياءَ جي پار ٿا وڃو، سو جبلن ۽ ماٿرين وارو ملڪ آهي. انهيءَ
ملڪ کي آسمان مان مينهن جو پاڻي ٿو ملي. 12 خداوند اوهان جو خدا
انهيءَ ملڪ جي سنڀال لهي ٿو. سال جي شروعات کان وٺي پڇاڙيءَ
تائين خداوند اوهان جي خدا جي نظر سدائين انهيءَ تي ٿي رهي.
13 تنهنڪري جيڪڏهن اهي حڪم جيڪي آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان
کي ٻڌايان ٿو سي ڌيان ڏيئي ٻڌندا، خداوند پنهنجي خدا کي پيار ڪندا
۽ پنهنجي پوري دل وَ جان سان سندس عبادت ڪندا، 14 ته هو اوهان
جي ملڪ ۾ پوري وقت تي پهريون ۽ پويون مينهن وسائيندو، انهيءَ
لاءِ ته اوهين پنهنجو اناج، پنهنجي مئي ۽ پنهنجو زيتون جو تيل
حاصل ڪري سگهو. 15 اوهين کائي ڍءُ ڪندا. هو اوهان جي چوپائي
مال لاءِ به اوهان جي ٻنين ۾ گاهه اپائيندو. 16 سو خبردار رهجو، متان
اوهان جي دل ٺڳجي وڃي ۽ اوهين گمراهه ٿي غير معبودن جي پوڄا
ڪريو ۽ انهن جي اڳيان سجدو ڪريو. 17 جيڪڏهن اوهان ائين ڪيو ته
خداوند اوهان تي ڪاوڙبو. هو آسمان کي بند ڪري ڇڏيندو، ته جيئن
نه برسات پوي ۽ نه ئي زمين ۾ پيداوار ٿئي. پوءِ اوهين انهيءَ چڱي
ملڪ ۾ جيڪو خداوند اوهان کي ڏئي ٿو، جلد ئي ناس ٿي ويندا.
18 تنهنڪري منهنجون هي ڳالهيون اوهين پنهنجيءَ دل ۽ پنهنجي
روح ۾ ڄمائي ڇڏيو. اوهين نشانيءَ طور انهن کي پنهنجين ٻانهن
تي ٻڌجو ۽ اهي اوهان جي نرڙ تي ٽڪي وانگر هجن. 19 اهي اوهين
پنهنجي اولاد کي سيکارجو، گهر ۾ ويهندي، واٽ ويندي، سمهندي
۽ اٿندي انهن جو ذڪر ڪندا رهجو. 20 اوهين اهي پنهنجي گهر جي
درن جي چوڪاٺ تي ۽ ٻاهرين دروازن تي لکي ڇڏجو، 21 انهيءَ
لاءِ ته جيستائين زمين جي مٿان آسمان قائم آهي، تيستائين اوهين
۽ اوهان جو اولاد انهيءَ ملڪ ۾ رهو، جيڪو اوهان کي ڏيڻ لاءِ
خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو.

17:10 1.تم 15:6، مڪا 14:17، 16:19، رس 34:10، رو 2:11، گل 6:2، اف 6:9   22:10 پيد 5:15، 17:22، 27:46   3:11 خر 8:7–13:12
4:11 خر 28:14   6:11 ڳا 16:31–32   13:11–17 لاو 3:26–5، شر 7:12–16، 28:1–14   18:11–20 شر 6:6–9

22 سو هي سڀ حڪم، جي آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو تن تي جيڪڏهن
اوهين خبرداريءَ سان عمل ڪندا، يعني خداوند پنهنجي خدا کي پيار
ڪندا، سندس سڀني واٽن تي هلندا ۽ ساڻس چُهٽيل رهندا، 23 تہ پوءِ
خداوند انهن سڀني قومن کي اوهان جي اڳيان پڇائي ڪيندو. هائو،
اوهين انهن قومن کي سندن ملڪ مان بيدخل ڪري ڇڏيندا، جيڪي
اوهان کان وڌيون ۽ طاقتور آهن. 24 هر اها جاءِ جتي اوهان جي پيرن
جي تري لڳندي، سا اوهان جي ٿيندي. اوهان جي سرحد ڏکڻ طرف
بيابان کان وٺي اتر طرف لبنان جي جبلن تائين ۽ اوڀر ۾ وڏي ندي
فرات کان وٺي اولهہ ۾ پونوچ سمنڊ تائين هوندي. 25 ڪوبہ ماڻهو
اوهان جي اڳيان بيهي ڪين سگهندو. جنهن زمين تي اوهان جا پير
پوندا، اتي خداوند اوهان جو خدا اوهان جو خوف ۽ اوهان جي هيبت
وجهندو، جيئن هن اوهان سان واعدو ڪيو آهي.

26 ڏسو، آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي برڪت ۽ لعنت ٻنهي مان
چونڊ ڪرڻ جو موقعو ٿو ڏيان. 27 برڪت اوهان کي انهيءَ حالت ۾
ملندي جڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جا حڪم، جي آءٌ اڄوڪي
ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو تن تي عمل ڪندا. 28 لعنت اوهان کي
انهيءَ حالت ۾ ملندي جڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جا حڪم
نہ مڃيندا ۽ جنهن رستي جو آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي حڪم
ٿو ڏيان، تنهن کان ڦري غير معبودن جي پٺيان لڳندا، جن کان اڄا
تائين اوهين واقف ڪونہ آهيو. 29 پوءِ جڏهن خداوند اوهان جو خدا
اوهان کي انهيءَ ملڪ ۾ پهچائي، جنهن تي قبضو ڪرڻ لاءِ اوهين
وڃو ٿا، تڏهن اوهين برڪت جو اعلان گرزيم جبل تان ۽ لعنت جو
اعلان عيبال جبل تان ڪجو. 30 اهي ٻئي جبل اردن درياءَ جي پرينءَ
پر، يعني اولهہ طرف انهن ڪنعانين جي ملڪ ۾ آهن جيڪي گلگال
شهر جي سامهون موره جي شاهہبلوط وڻن جي پرسان ميدان ۾ ٿا
رهن. 31 اوهين اردن درياءَ جي پار وڃڻ وارا آهيو، انهيءَ لاءِ تہ
جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏئي ٿو، تنهن تي وڃي
قبضو ڪريو. سو اوهين انهيءَ تي قبضو ڪندا ۽ ان ۾ رهندا. 32 پوءِ
اوهين انهن قاعدن قانونن تي خبرداريءَ سان عمل ڪجو، جيڪي آءٌ
اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو.“

## عبادت لاءِ هڪڙي جاءِ مقرر ڪرڻ

12 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ ”هي آهن اهي قاعدا قانون جن
تي اوهين پنهنجي ساري عمر انهيءَ ملڪ ۾ عمل ڪندا
رهجو، جيڪو خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن جي خدا اوهان کي ورثي
طور ڏنو آهي. 2 اتي اوهين ضرور انهن سڀني جاين کي برباد ڪري
ڇڏجو، جتي جتي اهي قومون جن جي اوهين جاءِ وٺندا، سي اوچن
جبلن ۽ ٽڪرين تي ۽ هر هڪ سائي وڻ جي هيٺ پنهنجن معبودن
جي پوڄا ڪنديون هيون. 3 اوهين هنن جون قربانگاهون پڃي ڊاهي
ڇڏجو ۽ هنن جا پوڄا وارا پٿر پڃي پورا پورا ڪري ڇڏجو. هنن جا
يسيره ديويءَ نالي وارا ٿنڀي جيان ڪوڙيل بت ڪيرائي ڇڏجو ۽ سندن
معبودن جون تراشي ٺاهيل مورتيون ساڙي ڇڏجو، بلڪ اوهين انهيءَ
هنڌان انهن جو نالو ئي مٽائي ڇڏجو.

4 اوهين خداوند پنهنجي خدا جي عبادت ائين نہ ڪجو جيئن هو
پنهنجن معبودن جي پوڄا ڪن ٿا. 5 بلڪ جيڪو گهر خداوند اوهان
جو خدا، پنهنجي نالي قائم ڪرڻ لاءِ اوهان جي سڀني قبيلن جي
علائقن مان هڪڙي هنڌ چونڊي ڪدي، اوهين سندس عبادت لاءِ
اوڏانهن ئي وڃجو. 6 اُتي اوهين پنهنجون ساڙڻ واريون قربانيون ٻين
ذبح ڪرڻ وارين قربانين سميت، پنهنجي پيداوار جا نذرانا ۽ پنهنجا
ڏهان حصا، پنهنجيون باسون ۽ پنهنجون خوشيءَ جون قربانيون ۽
پنهنجن ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين جا پهريتا ٻچا پيش ڪجو. 7 اُتي
ئي اوهين خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾ کائجو ۽ پنهنجي هٿن
جي ساري ڪمائي، جنهن ۾ خداوند اوهان جي خدا برڪت وڌي
هجي، تنهن لاءِ پنهنجن گهراڻن سميت اوهين خوشيون ڪجو.

8 عبادت واري انهيءَ جاءِ تي اوهين ائين نہ ڪجو، جيئن اڄوڪي
ڏينهن اسين هتي ڪريون ٿا، جو جنهن کي جيئن وڻي ٿو تيئن ٿو
عبادت ڪري. 9 پر اڃا تائين اوهين انهيءَ آرام ۽ ميراث واري هنڌ
تي ڪونہ پهتا آهيو، جيڪو خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏيڻ
وارو آهي. 10 سو جڏهن اوهين اردن درياءَ جي پار وڃي انهيءَ ملڪ
۾ رهندا، جيڪو خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ورثي طور ٿو ڏئي،
تڏهن هو اوهان کي آس‌پاس وارن سڀني دشمنن کان آرام ڏيندو ۽
اوهين سلامتيءَ سان رهڻ لڳندا. 11 پوءِ جنهن گهر کي خداوند اوهان
جو خدا پنهنجي نالي قائم ڪرڻ لاءِ چونڊي، اتي اوهين هي سڀ
شيون آڻجو جن جو آءٌ اوهان کي حڪم ٿو ڏيان، يعني پنهنجون ساڙڻ
واريون قربانيون ٻين ذبح ڪرڻ وارين قربانين سميت، پنهنجي پيداوار
جا نذرانا، پنهنجا ڏهان حصا ۽ پنهنجي خوشيءَ جون باسون، جيڪي
اوهان خداوند جي آڏو باسيون هجن. 12 اوهين، اوهان جا پٽ، ڌيئرون،
ٻانها، ٻانهيون ۽ اهي لاوي بہ جيڪي اوهان جي شهرن ۾ رهندا هجن،
جن کي اوهان سان گڏ حصو يا ورثو نہ مليو آهي، سي سڀ گڏجي
خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾ خوشيون ملهائجو. 13 خبردار ٿجو،
متان جيڪا بہ جاءِ ڏسو، اتي ئي پنهنجي ساڙڻ واري قرباني پيش
ڪريو. 14 بلڪ جيڪو گهر خداوند اوهان جي قبيلن منجهان چونڊي
ڪدي، اتي ئي اوهين پنهنجون ساڙڻ واريون قربانيون پيش ڪجو.
جن ڪمن جو آءٌ اوهان کي حڪم ٿو ڏيان سي سڀ اتي ئي ڪجو.

15 پر جيڪڏهن اوهين پنهنجيءَ دل جي خواهش موجب گوشت کائڻ
چاهيو تہ اوهين پنهنجن شهرن اندر، خداوند پنهنجي خدا جي ڏنل
برڪت موجب جانور ڪهي گوشت کائي ٿا سگهو، توڙي اوهين پاڪ
هجو يا ناپاڪ، جيئن اوهين ڦاڙهو يا هرڻ کائو ٿا. 16 مگر اوهين

11:24–25 يش 1:3–5 11:29 شر 27:11–14، يش 8:33–35 12:3 شر 7:5 12:16 پيد 9:4، لاو 7:26–27، 17:10–14، 19:26، شر 15:23

رت هرگز نہ کائجو پيئجو، بلڪ اهو پاڻيءَ وانگر زمين تي هاري
ڇڏجو. 17 پر اوهين پنهنجي اناج، مئي يا زيتون جي تيل جا ڏهان
حصا، پنهنجي ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين جا پهريتا ٻچا، پنهنجون
باسون، پنهنجي خوشيءَ جون قربانيون يا پنهنجي پيداوار جا نذرانا،
پنهنجن شهرن جي اندر کائي نہ ٿا سگهو. 18 بلڪ اوهين، اوهان
جا پٽ، ڌيئر، ٻانها، ٻانهيون ۽ اهي لاوي بہ جيڪي اوهان جي شهر
۾ هجن، سي سڀ اهي شيون خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾
انهيءَ جاءِ تي کائجو، جيڪا جاءِ خداوند اوهان جو خدا چونڊي.
اوهين پنهنجي ڪيل ڪمن بابت خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾
خوشي ملهائجو. 19 خبردار، جيستائين اوهين انهيءَ ملڪ ۾ جيئرا
آهيو، تيستائين لاوين کي نہ وسارجو.

20 جڏهن خداوند اوهان جو خدا پنهنجي واعدي موجب اوهان جي
سرحد وڌائي ۽ اوهان جي گوشت کائڻ تي دل ٿئي ۽ اوهين چئو تہ
'اسين گوشت کائون،' تڏهن اوهين پنهنجيءَ دل جي خواهش موجب
ڀلي گوشت کائو. 21 جيڪڏهن اهو گهر جيڪو خداوند اوهان جو خدا
پنهنجي نالي قائم ڪرڻ لاءِ چونڊي سو اوهان کان گهڻو پري هجي،
تہ پوءِ خداوند اوهان کي جيڪي ڍور ڍڳا ۽ رڍون ٻڪريون ڏنيون آهن،
تن مان ڪنهن کي بہ ذبح ڪري، جيئن مون اوهان کي حڪم ڏنو
آهي تيئن پنهنجي دل جي خواهش موجب پنهنجن شهرن جي اندر
کائجو. 22 جهڙيءَ طرح ڦاڙهي يا هرڻ کي کائبو آهي، تهڙيءَ طرح
اوهين پاڪ هجو توڙي ناپاڪ انهيءَ مان کائي ٿا سگهو. 23 رڳو
ايتري خبرداري ڪجو جو رت نہ کائجو پيئجو، ڇالاءِجو رت حياتي
آهي. سو اوهين گوشت سان گڏ حياتيءَ کي نہ کائجو. 24 اوهين
اهو رت هرگز نہ کائجو پيئجو بلڪ اهو پاڻيءَ وانگر زمين تي هاري
ڇڏجو. 25 اوهين اهو نہ کائجو پيئجو، انهيءَ لاءِ تہ جيڪي خداوند
جي نظر ۾ چڱو آهي سو ڪرڻ ڪري اوهان جو ۽ اوهان کان پوءِ
اوهان جي اولاد جو ڀلو ٿئي.

26 پر اوهين پنهنجون مخصوص شيون، جي اوهان وٽ هجن ۽
پنهنجون باسون انهيءَ جاءِ تي کڻي وڃجو جيڪا خداوند چونڊيندو.
27 اُتي اوهين پنهنجين ساڙڻ وارين قربانين جو گوشت ۽ رت، خداوند
پنهنجي خدا جي قربانگاهہ تي پيش ڪجو. اوهان جي ٻين ذبح ڪرڻ
وارين قربانين جو رت پڻ خداوند اوهان جي خدا جي قربانگاهہ تي
پئٽيو ويندو، باقي انهن جو گوشت اوهين ڀلي کائجو. 28 هي سڀ
ڳالهيون جن جو آءٌ اوهان کي حڪم ٿو ڏيان، سي ڌيان ڏيئي ٻڌو،
انهيءَ لاءِ تہ جيڪي خداوند اوهان جي خدا جي نظر ۾ چڱو ۽ درست
آهي، سو ڪرڻ ڪري اوهان جو ۽ اوهان کان پوءِ اوهان جي اولاد جو
هميشہ ڀلو ٿئي."

## بتپرستيءَ خلاف چتاءُ

29 "جن قومن جي ملڪ تي قبضي ڪرڻ لاءِ اوهين وڃو ٿا، تن
قومن کي خداوند اوهان جو خدا اوهان جي سامهون تباهہ ڪري
ڇڏيندو ۽ اوهين سندن ملڪ تي قبضو ڪري ان ۾ رهڻ لڳندا.
30 تڏهن اوهين خبردار ٿجو، متان انهن جي برباد ٿيڻ کان پوءِ اوهين
بہ انهن جي معبودن جي پٺيان لڳي ڦندي ۾ ڦاسو. هائو، متان
انهن جي معبودن بابت پڇا ڪريو تہ 'اهي قومون ڪهڙيءَ طرح
پنهنجن معبودن جي پوڄا ڪنديون هيون، تہ اسين بہ ائين ئي خداوند
جي عبادت ڪريون.' 31 خبردار! اوهين خداوند پنهنجي خدا جي
عبادت ائين نہ ڪجو، جيئن هو پنهنجن معبودن جي پوڄا ڪندا آهن،
ڇالاءِجو انهن پنهنجي معبودن لاءِ هر اهو ڪراهت جهڙو ڪم ڪيو
آهي، جنهن کان خدا کي نفرت آهي. ايتري قدر جو انهن پنهنجي
معبودن جي نالي تي پنهنجن پٽن ۽ ڌيئرن کي بہ ساڙيو آهي.
32 جيڪا بہ ڳالهہ آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو، تنهن تي خبرداريءَ
سان عمل ڪجو، نڪي انهيءَ ۾ ڪجهہ وڌائجو، نڪي انهيءَ مان
ڪجهہ گهٽائجو."

## نبي سڏائيندڙ لاءِ تنبيهہ

13 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ "ٿي سگهي ٿو جو اوهان جي وچ ۾
ڪو نبي سڏائيندڙ يا خوابن جي تعبير ڪرڻ وارو ظاهر ٿئي
۽ اهو اوهان کي ڪابہ نشاني يا معجزو ٻڌائي. 2 پوءِ ٿي سگهي ٿو
تہ جنهن نشانيءَ يا معجزي جي هن خبر ڏني هجي سو پورو ٿئي
۽ هو اوهان کي چوي تہ 'اچو تہ اسين غير معبودن جي پٺيان لڳي
سندن پوڄا ڪريون،' جن کان اوهين واقف نہ آهيو. 3 تڏهن اوهين
انهيءَ نبي سڏائيندڙ يا خوابن جي تعبير ڪرڻ واري جي ڳالهہ اصل
نہ ٻڌجو. ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا اوهان کي آزمائي ٿو، انهيءَ
لاءِ تہ معلوم ڪري تہ اوهين خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجي پوري
دل وَ جان سان پيار ڪريو ٿا يا نہ. 4 اوهين خداوند پنهنجي خدا جو
خوف رکندي سندس راهہ تي هلجو. هائو، سندس حڪمن تي عمل
ڪجو، سندس ڳالهہ ٻڌجو، سندس ئي عبادت ڪجو ۽ ساڻس ئي
چُهٽيل رهجو. 5 انهيءَ نبي سڏائيندڙ يا خوابن جي تعبير ڪرڻ واري
کي موت جي سزا ڏيئي ڇڏجو. ڇالاءِجو جنهن خداوند اوهان جي
خدا، اوهان کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو جتي اوهين غلام هئا،
تنهن جي خلاف هن بغاوت جي ڳالهہ ڪئي آهي. سندس مقصد اهو
هو تہ اوهان کي انهيءَ رستي کان ڦيرائي ٻئي پاسي ڪري، جنهن
رستي تي هلڻ لاءِ خداوند اوهان جي خدا اوهان کي حڪم ڏنو آهي.
تنهنڪري اوهين پنهنجي وچ مان اهڙي بڇڙائيءَ کي ڪڍي ڇڏجو.

24–23:12 لاو 14–10:17 32:12 شر 2:4، مڪا 19–18:22

6 جيڪڏهن اوهان جو سڳو ڀاءُ، پٽ، ڌيءَ، دلگهُري زال يا اوهان
جو جاني دوست اوهان کي ڳجهيءَ طرح لالچائي اهڙن معبودن جي
پوڄا ڪرڻ لاءِ چوي، جن جي اوهان کي ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن
کي خبر نہ هئي، 7 يعني انهن ماڻهن جا معبود، جي اوهان جي
آس‌پاس، ويجها توڙي پري، بلڪ ڌرتيءَ جي هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي
ڇيڙي تائين رهندا هجن، 8 تڏهن اوهين انهيءَ تي ساڻس راضي نہ
ٿجو، نڪي سندس ڳالهہ ٻڌجو. اوهين انهيءَ تي قياس نہ ڪجو،
نہ ساڻس ڪا مروت ڪجو ۽ نڪي کيس لڪائجو. 9 پر اوهين انهيءَ
کي ضرور موت جي سزا ڏجو. انهيءَ کي قتل ڪرڻ لاءِ پهرين اوهان
جو پنهنجو هٿ مٿس پوي ۽ پوءِ ٻين ماڻهن جو. 10 اوهين انهيءَ کي
سنگسار ڪجو تہ جيئن هو مري وڃي، ڇالاءِجو جنهن خداوند اوهان
جي خدا، اوهان کي مصر جي ملڪ مان جتي اوهين غلام هئا، ٻاهر
ڪڍي آندو، تنهن کان هن اوهان کي ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
11 پوءِ بني اسرائيل جا سڀ ماڻهو اهو ٻڌي ڊڄي ويندا ۽ اوهان جي
وچ ۾ وري اهڙي شرارت نہ ڪندا.“

## بت‌پرست شهرن جي سزا

12 ”ٿي سگهي ٿو تہ جيڪي شهر خداوند اوهان جو خدا اوهان کي
ڏيڻ وارو آهي، تن مان ڪنهن شهر ۾ 13 ڪي ڪميڻا ماڻهو اوهان
جي وچ مان نڪري پنهنجي شهر جي ماڻهن کي هيئن چئي گمراهہ
ڪري رهيا هجن تہ ’اچو تہ اسين غير معبودن جي پوڄا ڪريون،‘ جن
کان اوهين واقف نہ هجو. 14 جڏهن اوهين ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌو تڏهن
انهيءَ جي تحقيقات ۽ جاچ ڪجو ۽ چڱيءَ طرح پڇاڳاڇا ڪجو.
جيڪڏهن اها سچي ۽ يقيني ڳالهہ هجي تہ اوهان جي وچ ۾ ڪو اهڙو
ڪراهت جهڙو ڪم ٿيو آهي، 15 تہ پوءِ اوهين ضرور انهيءَ شهر جي
رهاڪن کي تلوار جي ڌار سان قتل ڪري ڇڏجو. اوهين انهيءَ شهر
کي ۽ جيڪي بہ منجهس هجن، تن سڀني کي چوپائي مال سميت
تلوار جي ڌار سان نيست وَ نابود ڪري ڇڏجو. 16 ان شهر جو سمورو
مال ميڙي وچ پِڌر ۾ گڏ ڪري، اهو شهر سميت خداوند پنهنجي خدا
جي حضور ساڙي ڇڏجو. اهو هميشہ جي لاءِ هڪڙو ڊڳ رهندو ۽
اهو شهر وري نہ ٻڌبو. 17 بربادي‌ءَ لاءِ مقرر ٿيل انهن شين منجهان
ڪابہ شيءِ اوهان وٽ نہ هجي، انهيءَ لاءِ تہ خداوند کي اوهان تي
جيڪا خوفناڪ ڪاوڙ آهي، تنهن کان هو مڙي وڃي ۽ اوهان تي رحم
ڪري ۽ مهربان ٿئي. پوءِ جيئن هن اوهان جي ابن ڏاڏن سان قسم
کنيو آهي تيئن هو اوهان کي وڌائي. 18 اهو تڏهن ٿيندو، جڏهن اوهين
خداوند پنهنجي خدا جي ڳالهہ مڃيندا ۽ سندس جيڪي حڪم آءٌ
اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو، تن تي عمل ڪندا ۽ اهو ئي
ڪجهہ ڪندا جيڪو خداوند اوهان جي خدا جي نظر ۾ چڱو آهي.“

## ماتم لاءِ منع

14 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ ”اوهين خداوند پنهنجي خدا جا ٻار
آهيو. سو اوهين مئلن جي لاءِ غير قومن وانگر پنهنجو پاڻ
کي زخمي نہ ڪجو، نڪي پنهنجو مٿو لوندڙين وٽان گولائيءَ ۾
ڪوڙائجو، 2 ڇالاءِجو اوهين خداوند پنهنجي خدا جا چونڊيل آهيو.
خداوند ڌرتيءَ جي سڀني قومن مان اوهان کي پنهنجي خاص قوم
ٿيڻ لاءِ چونڊي ڪڍيو آهي.“

## حلال ۽ حرام جانور

(لاوي سرشتو 11:1–47)

3 ”اوهين ڪابہ مڪروهہ شيءِ نہ کائجو. 4 جيڪي جانور اوهان
کي کائڻ جائز آهن سي پنهنجي سڀني قسمن موجب هي آهن: ڍور
ڍڳا، رڍون مال، ٻاڪرو مال، 5 هرڻ، ڦاڙهو، سانبر، جهنگلي ٻڪر،
روجهہ ۽ جهنگلي گهٽو. 6 مطلب تہ جانورن مان هر اهو جانور جنهن
جا کُر ٻن ڦاڪن ۾ چيريل هجن ۽ جيڪي اوڳاريندڙ بہ هجن، سي
اوهين کائي سگهو ٿا. 7 پر جيڪي اوڳارين تہ ٿا پر سندن کُر چيريل
نہ آهن سي اوهين نہ کائجو، مثلاً اٺ، سهو ۽ جهنگلي سيهڙ. اهي
اوهان جي لاءِ حرام آهن. 8 بلڪ جن جا کُر تہ چيريل آهن پر اوڳارين
نہ ٿا سي بہ اوهان جي لاءِ حرام آهن، خاص طور سوئر. انهن جانورن
جو نہ تہ گوشت کائجو ۽ نہ وري سندن مڙهن کي هٿ لائجو.
9 پاڻيءَ جي ساهوارن مان جن کي کنڀڙاٽيون ۽ ڇلر آهن سي اوهان
کي کائڻ جائز آهن. 10 پر جن پاڻيءَ جي ساهوارن کي کنڀڙاٽيون ۽
ڇلر نہ آهن، سي اوهين نہ کائجو. اهي اوهان جي لاءِ حرام آهن.
11 حلال پکين مان جيڪي اوهان کي وڻي سو کائجو. 12–18 پر
جيڪي پکي اوهان کي کائڻا نہ آهن سي پنهنجي سڀني قسمن موجب
هي آهن: عقاب، ڳجهہ، هڏخور، شڪرو، سرڻ، ڪانءَ، شترمرغ،
باز، چِبرو، چپ، ڦاز، ٻِيَڻ، ڪانئر، لقلق، ٻگهہ، هُدهُد ۽ چمڙو.
19 سمورا ڪنين وارا جيت اوهان جي لاءِ حرام آهن، اهي نہ کائجو،
20 سواءِ *ڪن قسمن جي پردار جيتن جي. سي اوهان لاءِ حلال آهن
سو ڀلي اوهين کائجو.
21 جيڪو جانور پاڻيهي مري وڃي سو اوهين نہ کائجو، ڇالاءِجو
اوهين خداوند پنهنجي خدا جي چونڊيل قوم آهيو. البت اوهين
پنهنجي شهر ۾ رهندڙ ڪنهن ڌارئي کي اهو کائڻ لاءِ ڏيئي ٿا سگهو،
يا وري ڪنهن پرديسيءَ کي وڪڻي ٿا سگهو.
اوهين ڇيلي کي سندس ماءُ جي کير ۾ نہ رڌجو.“

*ڪن قسمن جي پردار جيتن جي: مثال طور مڪڙن ۽ تڏين جا سمورا قسم، ڏسو لاوي سرشتو 11:20–21.

1:14 لاو 28:19، 5:21 2:14 خر 5:19–6، شر 20:4، 6:7، 18:26، طيط 14:2، 1.پط 9:2 21:14 خر 19:23، 26:34

## ڏهين حصي بابت قاعدو

22 ”اوهين پنهنجي ٻنيءَ جي سال‌بسال ٿيندڙ پيداوار منجهان،
ڏهون حصو ضرور الڳ ڪجو. 23 جيڪا جاءِ خداوند اوهان جو خدا
پنهنجي نالي قائم رکڻ لاءِ چونڊي، اُتي ئي اوهين پنهنجي اناج،
مئي ۽ زيتون جي تيل جو ڏهون حصو ۽ پنهنجي ڍورن ڍڳن ۽ رڍن
ٻڪرين جا پهريتا ڦر خداوند جي حضور ۾ وڃي کائجو، انهيءَ لاءِ
تہ اوهين سدائين خداوند پنهنجي خدا جي تعظيم ڪرڻ سکو. 24 پر
جيڪڏهن اها عبادت واري جاءِ اوهان کان گهڻو پري هجي ۽ رستو بہ
ايترو ڊگهو هجي، جو خداوند اوهان جو خدا جڏهن اوهان کي برڪت
ڏئي، تڏهن اوهين پنهنجو ڏهون حصو اوڏانهن کڻي وڃي نہ سگهو،
25 تہ پوءِ اوهين اهو روڪ پيسن ۾ وڪڻي، اهي پيسا پاڻ سان کڻي
انهيءَ عبادت واري جاءِ تي وڃجو. 26 اتي اوهين انهن پيسن مان
ڍور ڍڳا، رڍون ٻڪريون، مئي، ٻي ڪابہ نشي واري شيءِ يا جيڪا
بہ شيءِ اوهان جي دل چاهي سا وٺي، اتي خداوند پنهنجي خدا جي
حضور ۾ پنهنجي گهراڻي سميت کائجو ۽ خوشي ڪجو.
27 جيڪو بہ لاوي اوهان جي شهرن ۾ هجي، تنهن کي هرگز نہ
وسارجو، ڇالاءِ‌جو هن کي اوهان سان گڏ زمين جو ڪوبہ حصو يا
ورثو مليل ڪونهي. 28 هر ٽئين سال جي پڇاڙيءَ ۾ اوهين پنهنجي
انهيءَ سال جي سموري پيدائش جو ڏهون حصو ڪڍي، پنهنجي شهر
۾ آڻي گڏ ڪجو، 29 انهيءَ لاءِ تہ لاوي جن کي اوهان سان گڏ زمين
جو ڪوبہ حصو يا ورثو مليل ڪونهي، ۽ ڌاريا، يتيم يا رنون‌زالون،
جيڪي اوهان جي شهر ۾ هجن سي اچي اهو کائي ڍءُ ڪن. ائين ڪرڻ
سان خداوند اوهان جو خدا اوهان جي پورهئي ۾ برڪت وجهندو.“

## قرض جي معافيءَ جو سال

(لاوي سرشتو 25:1–7)

15 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ ”هر ستين سال جي پڇاڙيءَ ۾ اوهين
پنهنجن قرضدارن جا قرض معاف ڪري ڇڏجو. 2 انهيءَ
جو طريقو هي آهي تہ جنهن بہ قرض‌خواه پنهنجي پاڙيسريءَ کي
ڪجهہ قرض ڏنو هجي، سو انهيءَ کي معاف ڪري ڇڏي. اهو
پنهنجي قوم وارن کان زوريءَ نہ وٺي، ڇالاءِ‌جو انهيءَ لاءِ خداوند
جي معافيءَ جو اعلان ڪيو ويو آهي. 3 ڌارئي ماڻهوءَ کان اوهين
اهو طلب ڪري سگهو ٿا، مگر اوهان جي پنهنجي قوم واري ڏانهن
جيڪي اوهان جو رهيل هجي، تنهن تان هٿ کڻي ڇڏجو.
4 اوهان منجهہ ڪوبہ غريب ڪين هوندو، ڇالاءِ‌جو خداوند اوهان
کي انهيءَ ملڪ ۾ ضرور برڪت ڏيندو، جيڪو ملڪ خداوند اوهان
جو خدا اوهان کي ورثي طور قبضي ۾ ڏيڻ وارو آهي. 5 پر شرط
هي آهي تہ اوهين خداوند پنهنجي خدا جي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌو
۽ جيڪي حڪم آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو، تن سڀني
تي خبرداريءَ سان عمل ڪريو. 6 خداوند اوهان جو خدا اوهان کي
برڪت ڏيندو، جيئن هن اوهان سان واعدو ڪيو آهي. اوهين گهڻين
ئي قومن کي قرض ڏيندا پر پاڻ قرض نہ کڻندا. اوهين گهڻين ئي
قومن تي حڪومت ڪندا پر اوهان تي ڪابہ قوم حڪومت نہ ڪندي.
7 جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏيڻ وارو آهي،
تنهن ۾ جيڪڏهن اوهان جي پنهنجي قوم وارن منجهان ڪو غريب
اوهان جي شهر ۾ اوهان وٽ رهندو هجي، تہ اوهين انهيءَ غريب
ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي دل سخت نہ ڪجو ۽ نڪي ڪانئس پنهنجي مٺ
بند ڪجو. 8 بلڪ انهيءَ لاءِ پنهنجو هٿ ڪشادو ڪجو ۽ جيتري
بہ کيس گهرج هجي اوترو کيس قرض ڏجو. 9 خبردار، متان اوهان
جي دل ۾ اهڙو بد خيال پيدا ٿئي تہ ستون سال، يعني معافيءَ وارو
سال ويجهو آهي، سو اوهان جي نيت اوهان جي غريب هم‌قوم ڏانهن
خراب ٿئي ۽ اوهين کيس ڪجهہ بہ نہ ڏيو. پوءِ هو اوهان جي خلاف
خداوند جي حضور ۾ پڪاري ۽ اوهان جي لاءِ اهو گناهہ ٺهري.
10 اوهين هن کي فراخدليءَ سان ڏجو ۽ ڏيڻ وقت دل ۾ ڪُرڪجو
نہ، ڇالاءِ‌جو انهيءَ ڏيڻ جي ڪري خداوند اوهان جو خدا اوهان جي
سڀني ڪمن ۽ انهن سڀني معاملن ۾، جن ۾ اوهين هٿ وجهندا،
اوهان کي برڪت ڏيندو. 11 جيئن تہ ملڪ ۾ غريب تہ سدائين هوندا،
تنهنڪري آءٌ اوهان کي حڪم ٿو ڏيان تہ پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي
غريب ۽ محتاج هم‌قوم لاءِ پنهنجو هٿ ڪشادو رکجو.“

## غلامن جي آزادي

(خروج 21:1–11)

12 ”جيڪڏهن اوهان جو ڪو هم‌قوم عبراني مرد يا عورت اوهان
وٽ وڪامي ۽ اها ڇهن سالن تائين اوهان جي خدمت ڪري، تہ پوءِ
ستين سال اوهين انهيءَ کي آزاد ڪري ڇڏجو. 13 جڏهن اوهين انهيءَ
کي آزاد ڪري پاڻ وٽان وڃڻ ڏيو، تڏهن کيس خالي هٿين وڃڻ نہ
ڏجو. 14 اوهين انهيءَ کي پنهنجي ڌڻ مان، اناج جي ڪري مان ۽
انگورن جي چيچڙي مان کُليءَ دل سان ڏجو. خداوند اوهان جي خدا
اوهان کي جيتري برڪت ڏني هجي، اوترو اوهين هن کي ڏجو. 15 ياد
ڪريو تہ اوهين پاڻ بہ مصر جي ملڪ ۾ غلام هئا ۽ خداوند اوهان
جي خدا اوهان کي ڇڏايو. اهو ئي سبب آهي جو آءٌ اڄوڪي ڏينهن
اوهان کي هي حڪم ٿو ڏيان.
16 پر جيڪڏهن اوهان جو غلام اوهان کي چوي تہ ’آءٌ اوهان وٽان
وڃڻ نہ ٿو گهران،‘ ۽ کيس اوهان سان ۽ اوهان جي گهر سان ايترو
پيار هجي جو هو اوهان وٽ رهڻ ۾ خوش هجي، 17 تہ پوءِ هڪڙي

---

22:14–29 لاو 27:30–33، ڳا 18:21  11–1:15 لاو 25:1–7  8–7:15 لاو 25:35  11:15 مت 26:11، مر 14:7، يو 12:8
18–12:15 لاو 25:39–46

آر ڪٽي، گهر جي در وٽ انهيءَ جو ڪن ٽوپجو. پوءِ هو هميشه جي
لاءِ اوهان جو ٻانهو ٿيندو. اوهين پنهنجيءَ ٻانهيءَ سان به ائين ئي
ڪجو. 18 جڏهن اوهين ٻانهي کي آزاد ڪري وڃڻ ڏيو، تڏهن اوهين
انهيءَ ڳالهه کي ڏکيو نه سمجهجو، ڇالاءِجو هن ڇهن سالن تائين
ٻن مزدورن جيتري اوهان جي خدمت ڪئي آهي. ائين ڪرڻ ڪري
خداوند اوهان جو خدا اوهان جي سڀني ڪمن ۾ برڪت وجهندو.“

## پهريتن ڦرن جو نذرانو

19 ”اوهان جي ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين ۾ جيڪي پهريان نر ٻچا
پيدا ٿين، سي اوهين خداوند پنهنجي خدا جي لاءِ وقف ڪري ڇڏجو.
اوهين پنهنجي پهرئين ڄاول وهڙي کان ڪو ڪم نه وٺجو، نڪي
پنهنجي رڍن ٻڪرين مان پهرئين ڄاول ڦر جي اُن ڪترجو. 20 اهي
اوهين پنهنجي گهراڻي سميت، انهيءَ جاءِ تي جيڪا خداوند اوهان
جو خدا چونڊيندو، سالبسال کائيندا رهجو. 21 پر جيڪڏهن انهن مان
ڪنهن ۾ ڪو عيب هجي، جيئن ته منڊو يا انڌو هجي يا ڪو ٻيو
عيب هجيس، ته اهو اوهين خداوند پنهنجي خدا جي آڏو قربانيءَ
طور پيش نه ڪجو. 22 اهو اوهين پنهنجن شهرن اندر کائجو، پوءِ
اوهين پاڪ هجو توڙي ناپاڪ، جيئن هرڻ يا ڦاڙهي جو گوشت کائو
ٿا تيئن هي به کائي ٿا سگهو. 23 پر انهيءَ جو رت هرگز نه کائجو
پيئجو، بلڪ اهو پاڻيءَ وانگر زمين تي هاري ڇڏجو.“

## فصح جي عيد
(خروج 12:1–20)

16 1 موسيٰ وڌيڪ چيو ته ”اوهين خداوند پنهنجي خدا جي عيد
فصح ملهائڻ لاءِ ابيب جي مهيني کي ياد رکجو، ڇالاءِجو
انهيءَ ابيب جي مهيني ۾ ئي خداوند اوهان جو خدا اوهان کي رات
جي وقت مصر مان ٻاهر ڪڍي آيو. 2 تنهنڪري جيڪا جاءِ خداوند
پنهنجي نالي قائم ڪرڻ لاءِ چونڊي، اُتي اوهين پنهنجن ڍورن ڍڳن
۽ رڍن ٻڪرين مان، خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾ عيد فصح جي
قرباني ڪجو. 3 اوهين انهيءَ سان گڏ خميري ماني نه کائجو، بلڪ
ستن ڏينهن تائين بيخميري ماني يعني ڏکن جي ماني کائيندا رهجو.
ان جو سبب هي آهي ته جنهن ڏينهن اوهين مصر جي ملڪ مان
نڪتا، تنهن ڏينهن کي پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ ياد رکي سگهو،
ڇالاءِجو اوهين مصر جي ملڪ مان تڙ تڪڙ ۾ نڪري آيا هئا. 4 ستن
ڏينهن تائين اوهان جي سڄي ملڪ ۾ ڪنهن وٽ به خمير ڏسڻ ۾
نه اچي. پهرئين ڏينهن شام جو اوهين جيڪا قرباني ڪريو، تنهن
جي گوشت مان ٻئي ڏينهن تائين ڪجهه به بچائي نه رکجو.

5 اوهين عيد فصح جي قرباني پنهنجي ڪنهن به شهر ۾ نه ٿا
ڪري سگهو، جيڪي شهر خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏيڻ وارو
آهي. 6 بلڪ جيڪا جاءِ خداوند اوهان جو خدا پنهنجي نالي قائم
رکڻ لاءِ چونڊيندو، اُتي ئي شام جو سج لهڻ مهل، جنهن وقت
اوهين مصر مان نڪتا هئا، انهيءَ وقت عيد فصح جي قرباني ڪجو.
7 انهيءَ ئي عبادت واري جاءِ تي اوهين اهو گوشت پچائي کائجو.
پوءِ صبح جو موٽي پنهنجي رهائشگاهه ڏانهن هليا وڃجو. 8 ڇهن
ڏينهن تائين اوهين جيڪا ماني کائو، تنهن ۾ خمير بلڪل نه هجي.
ستين ڏينهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جي عبادت لاءِ گڏ ٿجو،
انهيءَ ڏينهن اوهين ڪوبه ڪم نه ڪجو.“

## *لاباري جي عيد
(خروج 34:22، لاوي سرشتو 23:15–21)

9 ”جنهن وقت اوهين اناج جي بيٺل پوک ۾ لابارو وجهڻ شروع
ڪريو، تنهن وقت کان وٺي اوهين ست هفتا ڳڻجو. 10 پوءِ اوهين
انهيءَ برڪت موجب، جيڪا خداوند اوهان جي خدا اوهان کي ڏني
هجي، پنهنجي خوشيءَ سان نذرانو آڻي سندس حضور ۾ لاباري جي
عيد ملهائجو. 11 انهيءَ ئي عبادت واري جاءِ تي اوهين پنهنجي پٽ،
ڌيءَ، ٻانهي، ٻانهيءَ ۽ پنهنجي شهر ۾ رهندڙ لاويءَ، ڌارئي، يتيم
۽ رنڙال سميت، خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾ خوشي ڪجو.
12 اهو ياد رکجو ته اوهين پاڻ مصر جي ملڪ ۾ غلام هئا، تنهنڪري
هنن قانونن تي خبرداريءَ سان عمل ڪجو.“

## تنبن واري عيد
(لاوي سرشتو 23:33–43)

13 ”جڏهن اوهين پنهنجي ڪري جو مال ۽ انگورن مان رس گڏ
ڪري چڪو، تڏهن ست ڏينهن تنبن واري عيد ملهائجو. 14 اها اوهين
پنهنجي پٽ، ڌيءَ، ٻانهي، ٻانهيءَ ۽ پنهنجي شهر ۾ رهندڙ لاويءَ،
ڌارئي، يتيم ۽ رنڙال سميت 15 خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾،
انهيءَ ئي عبادت واري جاءِ تي وڃي خوشيون ڪندي ملهائجو. جيئن
ته خداوند اوهان جي خدا اوهان جي ساريءَ پيداوار ۾ ۽ اوهان جي
هٿ جي سموري پورهئي ۾ برڪت وڌي آهي، سو اوهين پوريءَ طرح
خوشيون ڪجو.
16 سال ۾ ٽي ڀيرا، يعني فصح جي عيد تي، لاباري واري عيد تي
۽ تنبن واري عيد تي اوهان جي قوم جا سڀيئي مرد ماڻهو، خداوند
پنهنجي خدا جي حضور ۾، سندس چونڊيل جاءِ تي اچي حاضر ٿين.
انهن مان ڪوبه خداوند جي حضور ۾ هٿين خالي نه اچي. 17 بلڪ

*لاباري جي عيد: هيءَ اها ئي عيد آهي جنهن کي نئين عهدنامي ۾ عيدِ پنتيڪُست چون ٿا. ڏسو: رس 2:1، 20:16، 1.ڪر 16:8.

15:19 خر 13:12 15:23 پيد 9:4، لاو 7:26–27، 17:10–14، 19:26، شر 12:16،23 16:1–8 لاو 23:5–8، ڳا 28:16–25
16:9–12 ڳا 28:26–31 16:13–15 ڳا 29:12–38

هر هڪ ماڻهو خداوند پنهنجي خدا جي ڏنل برڪت مطابق جيڪي
ڏئي سگهي سو آڻي.”

## انصاف ڪرڻ لاءِ انتظام

18 ”اوهين پنهنجن سڀني شهرن ۾، جيڪي خداوند اوهان جو خدا
اوهان جي قبيلن مطابق اوهان کي ڏيندو، جج ۽ حاڪم مقرر ڪجو.
اهي ماڻهن ۾ بي‌ريائيءَ سان عدالت ڪن. 19 اهي ڪنهن سان
ناانصافي نه ڪن، نڪي ڪنهن جو لحاظ ڪن ۽ نڪي رشوت وٺن،
ڇالاءِجو رشوت سڄن کي به انڌو ڪريو ڇڏي ۽ سچارن جي ڳالهين
کي ڦيرايو ڇڏي. 20 اوهين هميشه حق جي ئي پيروي ڪندا رهجو،
انهيءَ لاءِ ته جيئرا رهو ۽ جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو خدا اوهان
کي ڏيڻ وارو آهي، تنهن جا وارث ٿيو.
21 اوهين خداوند پنهنجي خدا جي لاءِ جيڪا قربان‌گاهه ٺاهيو،
تنهن جي پرسان يسيره ديويءَ نالي ٿنڀي طور ڪنهن به قسم جو وڻ
نه لڳائجو. 22 نڪي اوهين پوڄا لاءِ ڪو پٿر ئي کڙو ڪجو، ڇالاءِجو
خداوند اوهان جي خدا کي انهن کان نفرت آهي.
17 1 اوهين خداوند پنهنجي خدا جي لاءِ ڪنهن به اهڙي ڍور
ڍڳي يا رڍ ٻڪريءَ جي قرباني نه ڪجو جنهن ۾ ڪو عيب
يا خامي هجي، ڇالاءِجو اهو خداوند اوهان جي خدا جي نظر ۾
مڪروهه آهي.”

## عهد ٽوڙڻ جي سزا

2 موسيٰ وڌيڪ چيو ته ”جيڪڏهن اوهان جي شهرن مان، جيڪي
خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏيڻ وارو آهي، تن ۾ به ڪو اهڙو
مرد يا عورت لڀي جنهن خداوند جو عهد ٽوڙي اهڙي بڇڙائي ڪئي
هجي جو 3 وڃي غير معبودن جي پوڄا ڪئي هجيس، يا سج، چنڊ
يا سمورين آسماني شين مان ڪنهن کي به سجدو ڪيو هجيس،
جنهن ڪان هن اوهان کي روڪيو آهي. 4 پوءِ جڏهن انهيءَ ڳالهه جي
اوهان کي خبر پوي، تڏهن چڱيءَ طرح انهيءَ جي تحقيقات ڪجو.
جيڪڏهن اها ڳالهه سچي ثابت ٿئي ته بني اسرائيل ۾ اهڙو ڪراهت
جهڙو ڪم ٿيو آهي، 5 تڏهن جنهن اهڙو خراب ڪم ڪيو هجي،
پوءِ اهو مرد هجي توڙي عورت، تنهن کي اوهين شهر کان ٻاهر وٺي
وڃي سنگسار ڪري ماري ڇڏجو. 6 اهڙي واجب‌القتل ماڻهوءَ کي
رڳو هڪڙي شاهد جي شاهديءَ تي نه ماريو وڃي، بلڪ ٻن يا ٽن
شاهدن جي شاهديءَ تي ڪيس ماريو وڃي. 7 انهيءَ کي سنگسار
ڪرڻ لاءِ پهريائين اهي شاهد مٿس پٿر اڇلائين، پوءِ باقي ٻيا ماڻهو.
اهڙيءَ طرح اوهين اها خرابي پنهنجي وچ مان ڪڍي ڇڏجو.”

## انصاف ڪرڻ ۾ ڏکيائي

8 ”جيڪڏهن اوهان جون پاڻ ۾ خون، دعويٰ يا مار ڪُٽ جون ڪي
اهڙيون تڪراري ڳالهيون هجن، جن جو فيصلو اوهان جي شهر اندر
ٿيڻ اوهان جي لاءِ تمام ڏکيو هجي، ته پوءِ اوهين اهو فيصلو انهيءَ
عبادت واري جاءِ تي کڻي وڃجو، جا خداوند اوهان جو خدا چونڊيندو.
9 پوءِ انهن ڏينهن ۾ اتي مقرر ٿيل ان جج ۽ لاوي ڪاهنن کي وڃي
اهي ڳالهيون ٻڌائجو. هو اوهان کي فيصلو ڪري ٻڌائيندا. 10 پوءِ
جيڪو فيصلو اهي اوهان کي ڪري ٻڌائين، تنهن موجب اوهين عمل
ڪجو. اهي جيڪي به اوهان کي ٻڌائين، اوهين بلڪل ائين ئي ڪجو.
11 شريعت جي جيڪا ڳالهه اهي اوهان کي سيکارين ۽ جيڪو فيصلو
اوهان کي ٻڌائين، تنهن موجب عمل ڪجو. اُهي جيڪا به فتويٰ ڏين
تنهن کان ساڄي يا کاٻي پاسي نه ڦرجو. 12 جيڪو ڪاهن اتي خداوند
اوهان جي خدا جي حضور ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ حاضر هجي يا جيڪو
جج اتي مقرر هجي، تنهن جي ڳالهه جيڪڏهن ڪو شخص گستاخي
ڪري نه ٻڌي ته انهيءَ شخص کي موت جي سزا ڏني وڃي. اوهين
اهڙي خرابيءَ کي بني اسرائيل مان ڪڍي ڇڏجو. 13 پوءِ سڀ ماڻهو
اهو ٻڌي ڊڄي ويندا ۽ وري اهڙي گستاخي نه ڪندا.”

## بادشاهه مقرر ڪرڻ بابت هدايتون

14 ”جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏيڻ وارو آهي،
تنهن ۾ جڏهن اوهين پهچو ۽ انهيءَ تي قبضو ڪري منجهس رهڻ
لڳو ۽ چئو ته ’پنهنجي آس‌پاس وارين سڀني قومن وانگر اسين به
پنهنجي مٿان ڪو بادشاهه مقرر ڪريون،‘ 15 ته پوءِ اوهين هر حالت
۾ رڳو اهڙي شخص کي پنهنجي مٿان بادشاهه مقرر ڪجو، جنهن
کي خداوند اوهان جو خدا چونڊي. اوهين پنهنجي بني اسرائيل جي
ڀائرن منجهان ئي ڪنهن کي پنهنجي مٿان بادشاهه بڻائجو، ڪوبه
ڌاريو ماڻهو جيڪو اوهان جي قوم بني اسرائيل جو نه آهي، تنهن کي
پنهنجي مٿان بادشاهه مقرر نه ڪجو. 16 ان کان علاوه بادشاهه پاڻ
وٽ گهڻا گهوڙا نه رکي، نڪي گهڻا گهوڙا گڏ ڪرڻ خاطر ماڻهن کي
مصر ۾ موڪلي، ڇالاءِجو خداوند اوهان کي فرمايو آهي ته اوهين
انهيءَ رستي وري ڪڏهن به موٽي نه وڃجو. 17 بادشاهه پاڻ وٽ
گهڻيون زالون نه رکي، متان سندس دل خداوند کان ڦري وڃي، نڪي
هو پاڻ وٽ گهڻو سون ۽ چاندي گڏ ڪري. 18 هو پنهنجي بادشاهه
بڻجڻ وقت خدا جي شريعت، جيڪا لاوي ڪاهنن وٽ هوندي، تنهن
جو پنهنجي لاءِ هڪڙو نقل ڪرائي. 19 هو انهيءَ کي پاڻ وٽ ئي
رکي ۽ پنهنجي سڄي حياتي انهيءَ کي پڙهندو رهي، انهيءَ لاءِ

---

16:19 خر 23:6–8، لاو 19:15   16:21 خر 34:13   16:22 لاو 26:1   17:3 خر 22:20
17:6 گا 35:30، شر 19:15، مت 18:16، 2.ڪر 13:1، 1.تم 5:19، عبر 10:28   17:7 1.ڪر 5:13   17:14 1.سم 8:5
17:16 1.با 10:28، 2.تو 1:16، 9:28   17:17 1.با 10:14–22،27، 11:1–8، 2.تو 1:15، 9:27

تہ هو خداوند پنهنجي خدا جو خوف ڪرڻ سکي ۽ هن شريعت جي
سيني قاعدن قانونن کي مڃي ۽ انهن تي عمل ڪري. 20 انهيءَ جو
مقصد اهو بہ آهي تہ هو پاڻ کي پنهنجي همقوم بني اسرائيل کان
وڌيڪ نہ سمجهي، نڪي هن حڪم کان ساڄي يا کاٻي پاسي ڦري،
تان‌تہ بني اسرائيل منجهہ هن جي ۽ سندس اولاد جي بادشاهيءَ جا
ڏينهن وڌيڪ ٿين."

## ڪاهنن جو حصو

18 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ "ڪاهنن جي سڄي قبيلي يعني
لاويءَ کي بني اسرائيل سان گڏ زمين جو ڪوبہ حصو يا
ورثو ڪونہ ملندو. انهيءَ جي بدران اهي خداوند جي ميراث يعني
ساڙيون ويندڙ قربانيون ۽ نذرانا کائيندا. 2 هنن کي سندن بني اسرائيل
قوم وارن سان گڏ ٻي ڪابہ ميراث ڪونہ ملندي، ڇوتہ خداوند
کي ڏنل نذرانن مان ڪجهہ حصو سندن ميراث آهي، جيئن هن ڪين
فرمايو آهي. 3 جيڪي ماڻهو ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين جي قرباني
ڪندا، تن مان ڪاهنن جو حق هي ٿيندو. اهي ڪاهنن کي انهيءَ
جو ڪنڌو، ڄاڙي ۽ اوجهري ڏين. 4 اوهين سالَ‌بسال پنهنجي اناج،
مئي ۽ زيتون جي تيل مان پهرين پيداوار جو حصو ۽ پنهنجين رڍن
جي پهرين اُن جو حصو انهن کي ڏجو. 5 ڇالاءِجو خداوند اوهان جي
خدا لاوين کي اوهان جي سيني قبيلن منجهان چونڊي ڪڍيو آهي،
انهيءَ لاءِ تہ اهي ۽ سندن اولاد هميشہ خداوند جي نالي جي خدمت
ڪرڻ لاءِ حاضر رهن.
6 ساري ملڪ منجهان اوهان جي ڪنهن بہ شهر ۾ رهندڙ ڪو
لاوي جيڪڏهن پنهنجيءَ دل جي پوري ارادي سان انهيءَ جاءِ تي
اچي، جيڪا خداوند چونڊيندو، 7 تہ اُتي موجود پنهنجن سيني لاوي
ڀائرن وانگر هو بہ خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾ خدمت ڪندو
رهي. 8 هن کي بہ کائڻ لاءِ ٻين جيترو حصو ملندو. انهيءَ کان
علاوه جيڪا رقم ڪيس اباڻي ملڪيت جي وڪري مان حاصل ٿئي،
سا بہ ملندس."

## ڪراهت جهڙن ڪمن خلاف چتاءُ

9 "جڏهن اوهين انهيءَ ملڪ ۾ پهچو جيڪو خداوند اوهان جو خدا
اوهان کي ڏيڻ وارو آهي، تڏهن اوهين انهن قومن وانگر ڪراهت جهڙا
ڪم ڪرڻ نہ سکجو. 10 اوهان منجهہ ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ هجي
جيڪو پنهنجي پٽ يا ڌيءَ کي قربانيءَ طور ساڙي، يا جيڪو غيب
جون ڳالهيون ڪري، قسمت جو حال ٻڌائي، فال وجهي، جادوگري
ڪري، 11 يا جيڪو منتر پڙهي، مئلن جي روحن کان پڇاڳاڇا ڪري
۽ ساڻن صلاح مشورو ڪري. 12 ڇالاءِجو جيڪي اهي ڪم ڪن ٿا،
سي سڀ خداوند جي نظر ۾ نفرت جي لائق آهن. اهڙن ئي ڪراهت
جهڙن ڪمن جي ڪري خداوند اوهان جو خدا انهن کي اوهان جي
اڳيان اتان پڇائي ڪيندو. 13 اوهين خداوند پنهنجي خدا جي حضور
۾ بي‌قصور ٿي رهجو."

## نبي موڪلڻ جو واعدو

14 پوءِ موسيٰ چيو تہ "جن قومن کي اوهين بيدخل ڪندا، سي
قسمت جو حال ٻڌائيندڙن ۽ غيب جون ڳالهيون ڪرڻ وارن جي پيروي
ڪن ٿيون. پر خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ائين ڪرڻ جي اجازت
نہ ٿو ڏئي. 15 خداوند اوهان جو خدا اوهان منجهان، يعني اوهان جي
بني اسرائيل قوم وارن منجهان ئي، اوهان جي لاءِ مون جهڙو هڪڙو
نبي پيدا ڪندو. اوهين انهيءَ جي ٻڌجو. 16 هي اوهان جي انهيءَ
درخواست موجب ٿيندو، جڏهن اوهان سينا جبل وٽ گڏجاڻيءَ واري
ڏينهن خداوند پنهنجي خدا کي چيو هو تہ 'شل اسين خداوند پنهنجي
خدا جو آواز وري نہ ٻڌون، نڪي وري اهڙي وڏي باهہ ڏسون، جو
متان اسين مري وڃون.'
17 تڏهن خداوند مون موسيٰ کي فرمايو هو تہ 'هنن جو چوڻ صحيح
آهي. 18 آءٌ خداوند هنن جي لاءِ سندن بني اسرائيل قوم وارن منجهان
ئي تو جهڙو هڪڙو نبي پيدا ڪندس. آءٌ پنهنجو ڪلام انهيءَ جي
وات ۾ وجهندس. جيڪو بہ حڪم آءٌ هن کي ڏيندس، سو هو ڪين
ٻڌائيندو. 19 جيڪي بہ منهنجون ڳالهيون هو منهنجي نالي چوندو،
سي جيڪڏهن ڪو ماڻهو نہ مڃيندو تہ آءٌ انهيءَ کان ان جو حساب
وٺندس. 20 پر جيڪو نبي سڏائيندڙ گستاخي ڪري ڪا اهڙي ڳالهہ
منهنجي نالي چوندو، جنهن جو مون ڪيس حڪم نہ ڏنو هوندو، يا
وري جيڪو غير معبودن جي نالي ڪجهہ چوندو تہ انهيءَ کي موت
جي سزا ڏني ويندي.'
21 هاڻي جيڪڏهن اوهين پنهنجيءَ دل ۾ چئو تہ 'اسان کي اها خبر
ڪيئن پوندي تہ هي ڳالهيون خداوند ڪين فرمايون آهن؟' 22 تنهن
لاءِ اهو ياد رکي ڇڏيو تہ جڏهن ڪو نبي سڏائيندڙ خداوند جي
نالي ڪجهہ چوي، پر سندس چوڻ موجب نہ ٿئي ۽ هن جي ڳالهہ
پوري نہ ٿئي، تہ اها ڳالهہ خداوند طرفان نہ آهي، بلڪ اها انهيءَ
نبي سڏائيندڙ گستاخي ڪري چئي آهي. سو متان اوهين انهيءَ کان
ڊڄو."

## پناهہ جا شهر

(ڳاڻاٽو 9:35–28، يشوع 1:20–9)

19 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ "جڏهن خداوند اوهان جو خدا انهن
قومن کي تباهہ ڪري ڇڏي، جن جو ملڪ هو اوهان کي
ڏيڻ وارو آهي ۽ پوءِ اوهين انهن جي شهرن ۽ گهرن تي قبضو ڪري
انهن ۾ رهڻ لڳو، 2-3 تڏهن انهيءَ ملڪ کي ٽن حصن ۾ ورهائي

2:18 ڳا 20:18   10:18 لاو 26:19، خر 18:22   11:18 لاو 31:19   13:18 مت 48:5   15:18 رس 22:3، 37:7   19:18 رس 23:3

هر حصي جي وچ تي هڪ هڪ شهر پنهنجي لاءِ ڌار ڪجو. انهن
شهرن تائين آسانيءَ سان پهچڻ لاءِ رستا بہ ٺاهجو، انهيءَ لاءِ تہ
هر هڪ خوني پناهہ وٺڻ لاءِ ڀڄي اتي وڃي. 4 جيڪو خوني پنهنجي
جان بچائڻ لاءِ ڀڄي اوڏانهن وڃي، تنهن بابت هي حڪم آهي.
ٿي سگهي ٿو تہ ڪو ماڻهو پنهنجي پاڙيسريءَ کي بناارادي ماري
وجهي، جڏهن تہ اڳي انهيءَ سان ڪابہ دشمني نہ هجيس. 5 مثال
طور ڪو ماڻهو پنهنجي پاڙيسريءَ سان گڏجي ڪاٺيون وڍڻ لاءِ ٻيلي
۾ وڃي. اتي وڻ وڍڻ لاءِ هو ڪهاڙو ڪٽي ڌڪ هڻي ۽ ڦر ڳن مان
نڪري وڃي سندس پاڙيسريءَ کي لڳي ۽ اهو مري پوي، تہ هو انهن
شهرن مان ڪنهن هڪڙي ۾ ڀڄي وڃي پنهنجي جان بچائي. 6 ائين
نہ ٿئي تہ رڳو هڪڙو ئي شهر هجي. پوءِ خون جو بدلو وٺڻ وارو
پنهنجي دل جي جوش ڪان خونيءَ جي پٺيان پوي ۽ پنڌ پري هئڻ جي
ڪري وڃي رستي ۾ پڪڙي ڪيس ڌڪ هڻي ماري وجهي، جيتوڻيڪ
اهو شخص موت جي لائق نہ آهي، ڇوجو اڳي سندن پاڻ ۾ ڪابہ
دشمني ڪانہ هئي. 7 تنهنڪري ئي آءٌ اوهان کي حڪم ٿو ڏيان تہ
اوهين پنهنجي لاءِ ٽي شهر ڌار ڪري ڇڏجو.

8 پوءِ جڏهن خداوند اوهان جو خدا اوهان جي سرحد کي وڌائي ۽
اهو سڄو ملڪ اوهان کي عطا ڪري، جنهن جي ڏيڻ جو هن اوهان
جي ابن ڏاڏن سان واعدو ڪيو هو، 9–10 تڏهن اوهين انهن ٽن شهرن
ڪان سواءِ ٻيا بہ ٽي وڏيڪ شهر پنهنجي لاءِ ڌار ڪجو. انهيءَ لاءِ
تہ جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو خدا ميراث طور اوهان کي ڏيڻ وارو
آهي تنهن ۾ بيگناهہ جو رت نہ وهايو وڃي ۽ اهو خون اوهان جي
سر تي نہ پوي. خدا اوهان جي سرحد ضرور وڌائيندو پر شرط هي
آهي تہ جيڪي حڪم آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو، تن تي
اوهين خبرداريءَ سان عمل ڪندا، خداوند پنهنجي خدا سان محبت
رکندا ۽ هميشہ سندس واٽن تي هلندا.

11 پر ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي پنهنجي پاڙيسريءَ سان
ڪا دشمني هجي. سو هو انهيءَ جي لاءِ وجهہ وٺي ويٺو هجي ۽
اوچتو مٿس حملو ڪري ڪيس اهڙو ڌڪ هڻي جو هو مري پوي. پوءِ
جيڪڏهن هو انهن شهرن مان هڪڙي ڏانهن ڀڄي وڃي، 12 تہ سندس
شهر جا اڳواڻ انهيءَ کي اتان آڻائين ۽ بدلو وٺڻ واري جي حوالي
ڪن تہ ڀلي انهيءَ جي هٿان ماريو وڃي. 13 اوهين انهيءَ تي قياس
نہ ڪجو، بلڪ اهڙيءَ طرح بيگناهہ جو خون بني اسرائيل تان ٽاري
ڇڏيندا تہ اوهان جو ڀلو ٿيندو."

## حد جا نشان

14 "جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ميراث طور ڏيڻ
وارو آهي، تنهن ۾ پنهنجي پاڙيسريءَ جي حد جا نشان، جيڪي
اوهان جي ابن ڏاڏن اوهان جي ميراث جي حصي لاءِ لڳايا هوندا، تن
کي نہ هٽائجو."

## شاهديءَ بابت قانون

15 "جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪا بڇڙائي يا گناهہ ڪري ٿو تہ انهيءَ
جي خلاف رڳو هڪڙي شخص جي شاهدي ڪافي نہ آهي، بلڪ ٻن
يا ٽن شاهدن جي زبانيءَ تي ڳالهہ ثابت ٿيندي. 16 جيڪڏهن ڪنهن
جو ڪو بدخواه، ڪوڙو شاهد بڻجي انهيءَ ماڻهوءَ جي غلط ڪم
ڪرڻ بابت شاهدي ڏئي، 17 تہ اهي ٻئي ماڻهو جن جي وچ ۾ جهڳڙو
هجي، سي خداوند جي حضور ۾ ڪاهنن ۽ انهن ڏينهن ۾ جيڪي جج
مقرر هجن، تن جي اڳيان اچي حاضر ٿين. 18 اهي جج چڱيءَ طرح
تحقيقات ڪن. پوءِ جيڪڏهن اهو شاهد ڪوڙو نڪري ۽ پنهنجي قوم
واري جي خلاف ڪوڙي شاهدي ڏني هجيس، 19 تہ پوءِ اوهين بہ
ساڻس اها ئي حالت ڪجو، جيڪا هن پنهنجي قوم واري سان ڪرڻ
ٿي گهري. اهڙيءَ طرح اوهين اها بڇڙائي پنهنجي وچ مان ڪڍي
ڇڏجو. 20 پوءِ جڏهن ٻيا ماڻهو اهو ٻڌندا تہ ڊڄي ويندا ۽ اوهان جي
وچ ۾ وري اهڙي بڇڙائي نہ ڪندا. 21 انهيءَ معاملي ۾ اوهين ڪو
قياس نہ ڪجو، بلڪ جان جي بدران جان، اک جي بدران اک، ڏند جي
بدران ڏند، هٿ جي بدران هٿ ۽ پير جي بدران پير جي سزا هوندي."

## جنگ بابت احڪام

20 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ "جڏهن اوهين پنهنجي دشمنن سان
جنگ ڪرڻ نڪرو، تڏهن پاڻ ڪان وڌيڪ لشڪر، گهوڙا ۽
جنگي گاڏيون ڏسي ڊڄي نہ وڃجو، ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا
اوهان ساڻ آهي، جنهن اوهان کي مصر جي ملڪ مان ٻاهر ڪڍي
آندو. 2 جڏهن جنگ شروع ٿيڻ واري هجي، تڏهن ڪاهن اڳيان
اچي بيهي ۽ ماڻهن سان مخاطب ٿئي. 3 هو کين چوي تہ 'اي بني
اسرائيل! ٻڌو، اڄ اوهين پنهنجن دشمنن سان جنگ ڪرڻ لاءِ آيا
آهيو، سو اوهين دل نہ لاهجو. اوهين نڪي ڊڄو، نڪي ڏڪو ۽ نڪي
انهن کي ڏسي دهلجي وڃجو. 4 ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا پاڻ
اوهان سان گڏ ٿو هلي، انهيءَ لاءِ تہ اوهان جي پاران اوهان جي
دشمنن سان جنگ ڪري اوهان کي فتح بخشي.'

5 پوءِ عملدار ماڻهن کي مخاطب ٿي چون تہ 'اوهان مان جنهن
ماڻهوءَ نئون گهر جوڙايو هجي ۽ خيرات ڪري انهيءَ ۾ اچا رهڻ
شروع نہ ڪيو هجائين تہ اهو پنهنجي گهر ڏانهن موٽي وڃي، انهيءَ
لاءِ تہ متان اهو جنگ ۾ مارجي وڃي ۽ ڪو ٻيو ماڻهو انهيءَ گهر
۾ رهڻ شروع ڪري. 6 جنهن ماڻهوءَ انگورن جو باغ لڳايو هجي ۽
انهيءَ جو ميوو اڃا نہ ڪاڏو هجائين تہ اهو بہ پنهنجي گهر ڏانهن

---

14:19 شر 17:27 15:19 ڳا 30:35، شر 6:17، مت 16:18، يو 8:17، 2.ڪر 13:1، 1.تم 5:19، عبر 10:28
21:19 خر 21:23–25، لاو 24:19–20، مت 5:38

موٽي وڃي، انهيءَ لاءِ ته متان اهو جنگ ۾ مارجي وڃي ۽ ڪو ٻيو
ماڻهو انهيءَ جو ميوو کائي. 7 جنهن ماڻهوءَ جو ڪنهن عورت سان
مڱڻو ٿيو هجي ۽ انهيءَ کي شادي ڪري وٺي نه آيو هجي، ته اهو
به پنهنجي گهر موٽي وڃي، انهيءَ لاءِ ته متان اهو جنگ ۾ مارجي
وڃي ۽ ڪو ٻيو ماڻهو انهيءَ سان شادي ڪري.' 8 عملدار ماڻهن
کي هيئن به چون ته 'جيڪو ماڻهو ڊڄڻو ۽ بي‌همت هجي، ته اهو به
پنهنجي گهر موٽي وڃي، انهيءَ لاءِ ته متان سندس بني اسرائيل جا
ٻائر به انهيءَ وانگر بي‌همت ٿي پون.' 9 پوءِ جڏهن عملدار ماڻهن
سان ڳالهائي بس ڪن، تڏهن هو انهن جي لشڪر جي مٿان ڪي
سالار مقرر ڪن.

10 جڏهن اوهين ڪنهن شهر سان جنگ ڪرڻ لاءِ انهيءَ جي ويجهو
پهچو، تڏهن پهريائين شهر وارن ڏانهن صلح جو پيغام موڪلجو.
11 جيڪڏهن هو صلح منظور ڪن ۽ اوهان جي لاءِ دروازا کولي ڇڏين
ته اتي جا سڀ رهاڪو اوهان جي بيگر وهندا ۽ اوهان جا غلام ٿي
رهندا. 12 پر جيڪڏهن هو اوهان سان صلح نه ڪن، بلڪ جنگ شروع
ڪن، ته پوءِ اوهين انهيءَ شهر جو گهيرو ڪجو. 13 پوءِ جڏهن خداوند
اوهان جو خدا اهو اوهان جي قبضي ۾ ڏئي، تڏهن اوهين اتي جي
سڀني مردن کي تلوار جي ڌار سان قتل ڪري ڇڏجو. 14 پر عورتون،
ٻار، ڍور ڍڳا ۽ ٻيو جيڪي به شهر جو لُٽ وارو مال هجي، سو اوهين
پنهنجي لاءِ رکجو. اوهان جي دشمنن جي لُٽ جو مال جيڪو خداوند
اوهان جو خدا اوهان کي ڏئي، سو اوهين پلي پنهنجي ڪتب آڻجو.
15 انهن سڀني شهرن سان اوهين ائين ئي ڪجو، جيڪي اوهان کان
گهڻو پري آهن ۽ جن جو ويجهين ڪنعاني قومن سان واسطو نه آهي.
16 پر جن قومن جا شهر خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ميراث
طور ڏيڻ وارو آهي، تن ۾ ڪوبه ساهوارو جيئرو نه ڇڏجو. 17 بلڪ
اوهين انهن کي يعني حتين، امورين، ڪنعانين، فرزين، حوين ۽
يبوسين کي بلڪل برباد ڪري ڇڏجو، جيئن خداوند اوهان جي خدا
اوهان کي حڪم ڏنو آهي. 18 انهيءَ لاءِ ته متان اهي ڪراهت جهڙا
ڪم، جيڪي هنن پنهنجي معبودن لاءِ ڪيا آهن، سي اوهان کي به
ڪرڻ سيکارين ۽ پوءِ اوهين خداوند پنهنجي خدا جا گنهگار ٿيو.
19 جڏهن اوهين ڪنهن شهر کي جنگ ڪري فتح ڪرڻ لاءِ گهڻي
وقت تائين ان جو گهيرو ڪيو وينا هجو، تڏهن اوهين ڪهاڙيءَ سان
انهيءَ جا وڻ وڍي نه ڇڏجو، ڇوته انهن جو ميوو اوهان جي کائڻ
جي ڪم ايندو. تنهنڪري انهن کي نه وڍجو، ڇالاءِجو ميدان جا وڻ
ڪي ماڻهو ڪين آهن جو اوهين انهن کي گهيرو ڪريو. 20 رڳو اهي
وڻ، جيڪي اوهين سمجهو ٿا ته کائڻ جي ڪم جا نه آهن، سي اوهين
وڍي برباد ڪري منجهائن انهيءَ شهر جي سامهون حملي واسطي
ديوار تائين پهچڻ لاءِ چاڙهي ٺاهجو، جيڪو شهر اوهان سان جنگ
ٿو ڪري، ايستائين جو اهو هٿ اچي."

## اڻڄاتل خون بابت

21 1 موسيٰ وڌيڪ چيو ته "جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو
خدا اوهان جي قبضي ۾ ڏيڻ وارو آهي، تنهن ۾ جيڪڏهن
ڪنهن جو لاش ٻاهر ڪٿي پيل ملي ۽ اها خبر نه پوي ته ڪيس
ڪنهن ماريو آهي، 2 تڏهن اوهان جا اڳواڻ ۽ جج ٻاهر نڪري انهيءَ
لاش کان وٺي آس‌پاس وارن شهرن تائين ماپ ڪن. 3 پوءِ جيڪو
شهر انهيءَ لاش کي سڀني کان ويجهو هجي، تنهن جا اڳواڻ هڪڙي
اهڙي ڳابي چونڊي وٺن، جنهن کان اڃا نه ڪو ڪم ورتو ويو هجي
۽ نه وري اڃا تائين پاڃاريءَ ۾ جوٽي وئي هجي. 4 انهيءَ شهر
جا اڳواڻ انهيءَ ڳابيءَ کي هڪڙي اهڙي برساتي نهر ۾ وٺي وڃن
جنهن ۾ وهندڙ پاڻي هجي ۽ منجهس اڃا نه هر وهيو هجي، نه پوک
ٿي هجي. انهيءَ برساتي نهر ۾ هو ان ڳابيءَ جو ڪنڌ ڀڃي ڇڏين.
5 پوءِ ڪاهن ويجهو اچن، ڇالاءِجو خداوند اوهان جي خدا انهن کي
لاوي قبيلي مان ان لاءِ چونڊيو آهي ته اهي سندس خدمت ڪن ۽
خداوند جي نالي سان ماڻهن لاءِ خير جي دعا گهرن ۽ هر ڪنهن
جهيڙي ۽ خونريزيءَ جو فيصلو ڪن. 6 پوءِ جيڪو شهر انهيءَ لاشي
کي سڀني کان ويجهو آهي تنهن جا سمورا اڳواڻ، انهيءَ ڳابيءَ جي
مٿان، جنهن جو انهيءَ برساتي نهر ۾ ڪنڌ ڀڳو ويو آهي، پنهنجا
پنهنجا هٿ ڌوئن 7 ۽ شاهدي ڏيندي چون ته 'نه اسان جي هٿان اهو
خون ٿيو آهي ۽ نه اسان جي اکين اهو خون ٿيندي ڏٺو آهي. 8 سو
اي خداوند! تون پنهنجي قوم بني اسرائيل، جنهن کي تو ڇڏايو آهي
تنهن جو هي ڪفارو قبول ڪر. بي‌گناهه جو خون تون پنهنجي قوم
بني اسرائيل جي سر تي نه لڳاءِ.' تڏهن ئي انهيءَ خون جي سزا
کان ڪين معافي ملندي. 9 تنهنڪري جيڪو ڪم خداوند جي نظر ۾
درست آهي، سو ئي ڪري اوهين بي‌گناهه خون پاڻ تان ٽاري ڇڏجو."

## جنگي قيدي عورتن بابت

10 "جڏهن اوهين پنهنجن دشمنن سان جنگ ڪرڻ نڪرو ۽ خداوند
اوهان جو خدا انهن کي اوهان جي هٿ ۾ ڏئي ۽ اوهين ڪين قيد
ڪري وٺي اچو 11 ۽ پوءِ انهن قيدين ۾ ڪا سهڻي عورت ڏسي اوهان
مان ڪنهن جي دل ساڻس شادي ڪرڻ چاهي، 12 ته اهو انهيءَ کي
پنهنجي گهر ۾ وٺي اچي ۽ هن جو مٿو ڪوڙائي ۽ ننهن لهرائي
ڇڏي. 13 هوءَ پنهنجا قيد وارا ڪپڙا بدلائي سندس گهر ۾ رهي. هوءَ
هڪڙي مهيني تائين پنهنجي ماءُپيءُ جي لاءِ سوڳ ڪري، تنهن
کان پوءِ هو پلي وٽس وڃي، سندس مڙس ٿئي ۽ هوءَ سندس زال
ٿئي. 14 پوءِ جيڪڏهن هو انهيءَ مان خوش نه ٿئي ته ڪيس ڇڏي
ڏئي ته جيڏانهن وڻيس اوڏانهن هلي وڃي. پر هو ڪيس پيسن تي
هرگز نه وڪڻي، نڪي ساڻس ٻانهيءَ جهڙي هلت ڪري، ڇالاءِجو
هوءَ ڪڏهن سندس ننگ هئي."

## پھريتي پٽ جي وراثت بابت

15 ”ٽي سگھي ٿو تہ ڪنھن ماڻھوءَ کي ٻہ زالون ھجن، جن مان
ھڪڙي سندس وڻندڙ ۽ ٻي اڻوڻندڙ ھجي ۽ انھن ٻنھي مان ڪيس پٽ
ھجن. ھاڻي جيڪڏھن پھريتو پٽ سندس اڻوڻندڙ زال مان ھجيس،
16 تہ جڏھن ھو پنھنجي ميراث پنھنجن پٽن ۾ ورھائي تڏھن سندس
اڻوڻندڙ زال جو پٽ، جيڪو سچپچ سندس پھريتو پٽ آھي، تنھن جي
ھوندي پنھنجيءَ وڻندڙ زال جي پٽ کي پھريتو نہ ٺھرائي. 17 پر ھو
اڻوڻندڙ زال جي پٽ کي پھريتو ٺھرائي ۽ ڪيس سموري مال منجھان
ٻہ حصا ڏئي، ڇالاءِجو ھو سندس اولاد پيدا ڪرڻ واري قوت جو
پھريون ٻار آھي ۽ پھريتي ھئڻ جو حق انھيءَ جو آھي.“

## نافرمان پٽ بابت

18 ”جيڪڏھن ڪنھن ماڻھوءَ جو پٽ ضدي ۽ فسادي ھجي، جيڪو
پنھنجي ماءُپيءُ جو چيو نہ مڃيندو ھجي ۽ جيتوڻيڪ ھو ڪيس تنبيھہ
ڪن تہ بہ سندن نہ ٻڌي، 19 تہ پوءِ سندس ماءُپيءُ ڪيس پڪڙي ٻاھر
شھر جي دروازي تي، انھيءَ شھر جي اڳواڻن وٽ وٺي اچن. 20 اھي
شھر جي اڳواڻن کي چون تہ ’اسان جو ھي پٽ ضدي ۽ فسادي آھي،
جيڪو اسان جو چيو نہ ٿو مڃي. ھي ھٺ ڦاڙ ۽ شرابي آھي.‘ 21 تڏھن
سندس شھر جا سڀ ماڻھو ڪيس سنگسار ڪري ماري ڇڏين. اھڙيءَ
طرح اوھين اھا خرابي پنھنجي وچ مان ڪڍي ڇڏجو. بني اسرائيل
جا سڀ ماڻھو اھو ٻڌندا ۽ ڊڄندا.“

## ٻيا مختلف قانون

22 ”جيڪڏھن ڪنھن ماڻھوءَ اھڙو گناھہ ڪيو ھجي جو ڪيس موت
جي سزا ڏيڻ واجب ھجي ۽ انھيءَ کي موت جي سزا ڏيئي وڻ تي
لٽڪايو ويو ھجي، 23 تہ انھيءَ جو لاشو سڄي رات وڻ تي لٽڪيل
نہ رھي. پر اوھين انھيءَ کي ساڳئي ئي ڏينھن دفن ڪري ڇڏجو،
ڇالاءِجو جنھن کي ڦاسي تي ملي سو خداوند جي طرفان لعنتي آھي.
سو ائين نہ ٿئي جو جيڪو ملڪ خداوند اوھان جو خدا اوھان کي
ميراث طور ڏيڻ وارو آھي، تنھن کي اوھين ناپاڪ ڪريو.“

22 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ ”جيڪڏھن اوھين پنھنجي قوم واري
جو ڏاند يا رڍ رلندي ڏسو، تہ ڏني اڻڏني نہ ڪري ڇڏجو،
بلڪ ورائي آڻي انھيءَ کي ڏجو. 2 جيڪڏھن اوھان جو اھو ھمقوم
اوھان جي ويجھو نہ رھندو ھجي، يا اوھين ڪيس نہ سڃاڻيندا ھجو،
تہ پوءِ اوھين انھيءَ جانور کي پنھنجي گھر آڻي ويھارجو. اھو
تيستائين اوھان جي گھر ۾ ھجي جيستائين اوھان جو اھو ھمقوم
انھيءَ جي ڳولھا ڪندو اوھان وٽ اچي. پوءِ اوھين اھو ڪيس موٽائي
ڏجو. 3 اوھين پنھنجي قوم واري جو گڏھہ، سندس ڪپڙو يا ڪابہ
ٻي گم ٿيل شيءِ، جيڪا اوھان لڌي ھجي تنھن بابت ائين ئي ڪجو.
اوھين انھيءَ کي ڏٺي اڻڏٺي نہ ڪري ڇڏجو. 4 جيڪڏھن اوھين
پنھنجي قوم واري جو گڏھہ يا ڏاند رستي ۾ ڪريل ڏسو تہ پاسو
ڪري ھليا نہ وڃجو، بلڪ انھيءَ کي اٿارڻ ۾ سندس مدد ڪجو.
5 ڪابہ عورت مرداڻي پوشاڪ نہ پائي، نڪي وري ڪو مرد عورتن
وارا ڪپڙا پائي، ڇالاءِجو جيڪو ائين ٿو ڪري تنھن کان خداوند
اوھان جو خدا نفرت ٿو ڪري.
6 جيڪڏھن اوھين واٽ ويندي اتفاق سان زمين تي يا وڻ تي ڪنھن
پکيءَ جو آکيرو ڏسو، جنھن ۾ آنا يا ٻچا ھجن ۽ مادي انھن تي ويٺي
ھجي تہ اوھين ٻچن کي ماديءَ سميت نہ کڻي وڃجو. 7 اوھين ٻچا
کڻو تہ ڀلي کڻجو پر ماديءَ کي ڇڏي ڏجو، انھيءَ لاءِ تہ اوھان جو
ڀلو ٿئي ۽ اوھان جي حياتي وڌي.
8 جڏھن اوھين ڪو نئون گھر ٺاھيو، تڏھن پنھنجيءَ ڇت تي
چوڌاري ڀلويڙو ٻڌائجو، انھيءَ لاءِ تہ متان ڪو ماڻھو اتان ڪري
پوي ۽ سندس خون اوھان جي گھر تي اچي پوي.
9 اوھين پنھنجي انگورن جي باغ ۾ ڪو ٻيو فصل نہ پوکجو،
انھيءَ لاءِ تہ متان اھو پوکيل فصل ۽ انگورن جي پيداوار ٻيئي حرام
ٿي وڃن.
10 اوھين ھر ۾ ڏاند سان گڏ گڏھہ کي نہ جوٽجو.
11 اوھين اُن ۽ سڻيءَ جو گڏ اُڻيل ڪپڙو نہ پائجو.
12 جيڪا چادر اوھين پاڻ کي ويڙھيو ٿا، تنھن جي چئن ئي ڪنڊن
تي ھڪ ھڪ جھالردار ڦندڻ لڳائجو.“

## جنسي پاڪيزگيءَ بابت

13 ”جيڪڏھن ڪو ماڻھو ڪنھن ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ساڻس
ھمبستر ٿئي ۽ پوءِ ھو ساڻس نفرت ڪري 14 ۽ انھيءَ تي شرم جھڙين
ڳالھين جي تھمت رکي ڪيس بدنام ڪري ۽ چوي تہ ’مون ھن
عورت سان شادي ڪئي پر جڏھن وٽس ويس تہ منجھس ڪنوارپ
جون نشانيون نہ ڏٺم.‘ 15 تڏھن انھيءَ ڇوڪريءَ جا ماءُپيءُ سندس
ڪنوارپ جون نشانيون کڻي شھر جي اڳواڻن وٽ شھر جي ٻاھرين
در تي نکري اچن. 16 اتي ڇوڪريءَ جو پيءُ اڳواڻن کي چوي تہ
’مون پنھنجي ڌيءَ ھن ماڻھوءَ کي پرڻائي ڏني پر ھي ساڻس نفرت ٿو
ڪري. 17 ھاڻ ھن مٿس شرم جھڙين ڳالھين جي تھمت رکي اٿس تہ
ھن منھنجيءَ ڌيءَ ۾ ڪنوارپ جون نشانيون نہ ڏٺيون آھن. پر ڏسو،
منھنجي ڌيءَ جي ڪنوارپ جون نشانيون ھي آھن.‘ پوءِ ھو بستري
واري اھا چادر شھر جي اڳواڻن جي اڳيان وڇائين. 18 تڏھن شھر جا
اڳواڻ انھيءَ ماڻھوءَ کي پڪڙي سزا ڏين. 19 ھو ڪانئس *چانديءَ جا

*چانديءَ جا ھڪ سؤ سڪا: اٽڪل ھڪ ڪلوگرام چاندي.

23:21 گل 13:3   22:1–4 خر 23:4–5   22:9–11 لاو 19:19   22:12 گا 15:37–41

هڪ سؤ سڪا ڏنڊ وٺي ڇوڪريءَ جي پيءُ کي ڏين، ڇالاءِجو هن
بني اسرائيل جي هڪڙي ڪنواري ڇوڪريءَ تي بدنامي آندي. پوءِ
اها ڇوڪري سندس زال ٿي رهي ۽ هو سڄي حياتيءَ تائين ڪيس
طلاق نہ ڏئي. 20 پر جيڪڏهن اها ڳالهہ سچي هجي ۽ ڇوڪريءَ
جي ڪنوارپ جو ثبوت نہ مليو هجي، 21 تہ پوءِ هو انهيءَ ڇوڪريءَ
کي سندس پيءُ جي گهر جي در تي ڪڍي اچن. اتي سندس شهر
جا مرد ڪيس سنگسار ڪري ماري ڇڏين، ڇالاءِجو هن پنهنجي پيءُ
جي گهر ۾ زناڪاري ڪري بني اسرائيل ۾ بيعزتيءَ جو ڪم ڪيو
آهي. اهڙيءَ طرح اوهين اها خرابي پنهنجي وچ مان ڪڍي ڇڏجو.
22 جيڪڏهن ڪو مرد ڪنهن ٻي پرڻيل عورت سان گڏ سمهندو
ڏسڻ ۾ اچي تہ انهن ٻنهي کي موت جي سزا ڏني وڃي. اهڙيءَ
طرح اوهين اها خرابي بني اسرائيل جي وچ مان ڪڍي ڇڏجو.
23 جيڪڏهن ڪا ڪنواري ڇوڪري ڪنهن مرد سان مڱيل هجي
۽ شهر اندر ڪو ٻيو ماڻهو انهيءَ کي ڏسي ساڻس سمهي، 24 تہ
پوءِ اوهين انهن ٻنهي کي ان شهر جي در تي آڻي سنگسار ڪري
ماري ڇڏجو. ڇوڪريءَ کي انهيءَ ڪري ماريو جو هوءَ شهر ۾ هئي
تڏهن بہ رڙيون نہ ڪيائين ۽ مرد کي انهيءَ ڪري جو هن پنهنجي
پاڙيسريءَ جي مڱ کي بيآبرو ڪيو. اهڙيءَ طرح اوهين اها خرابي
پنهنجي وچ مان ڪڍي ڇڏجو.
25 پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن مڱيل ڇوڪريءَ کي جهنگ ۾
ڏسي زوريءَ سندس عزت لٽي، تہ پوءِ رڳو انهيءَ ماڻهوءَ کي ماريو
وڃي جنهن ڇوڪريءَ جي عزت لٽي آهي. 26-27 مگر ڇوڪريءَ کي
اوهين ڪجهہ بہ نہ ڪجو. جيئن تہ انهيءَ ماڻهوءَ ان ڇوڪريءَ
کي جهنگ ۾ ڏسي پڪڙيو ۽ ڇوڪريءَ رڙيون بہ ڪيون، پر اتي
ڪوبہ ڪونہ هو جيڪو ڪيس بچائي، سو انهيءَ گناهہ نہ ڪيو
آهي. تنهنڪري اها موت جي لائق نہ آهي. هيءَ ڳالهہ بہ ائين ئي
آهي جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي پاڙيسريءَ تي حملو ڪري ڪيس ماري
وجهي.
28 جيڪڏهن ڪو مرد ڪنهن ڪنواري ڇوڪريءَ کي ڏسي، جيڪا
مڱيل نہ هجي ۽ انهيءَ کي پڪڙي ساڻس زوريءَ سمهي ۽ اهي
ٻئي پڪڙجي پون، 29 تہ جيڪو ماڻهو انهيءَ ڇوڪريءَ سان ستو، سو
ڇوڪريءَ جي پيءُ کي *چانديءَ جا پنجاهہ سڪا ڀري ڏئي. جيئن
تہ هن ڇوڪريءَ کي بيآبرو ڪيو آهي، سو هوءَ سندس زال ٿي رهي
۽ سڄي حياتيءَ تائين هو انهيءَ کي طلاق نہ ڏئي.
30 ڪوبہ ماڻهو پنهنجي پيءُ جي ڪنهن بہ زال کي پاڻ سان رهائي
ساڻس همبستري نہ ڪري، نڪي پنهنجي پيءُ جو ننگ اگهاڙي.

## †بني اسرائيل قوم ۾ حق حقوق رکندڙ فرد هجڻ جا شرط

23 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ ”جنهن ماڻهوءَ جا مرداڻا خاص
عضوا چٽيل يا وڍيل هجن، سو خداوند جي قوم ۾ حق
حقوق رکندڙ فرد ٿي نہ ٿو سگهي.
2 ڪوبہ غير شرعي طور ڄاول خداوند جي قوم ۾ حق حقوق
رکندڙ فرد ٿي نہ ٿو سگهي، بلڪ ڏهين پيڙهيءَ تائين بہ سندس نسل
مان ڪو اهڙو فرد ٿي نہ ٿو سگهي.
3 اوهان وٽ رهندڙ امونين يا موآبين مان سندن ڏهين پيڙهيءَ تائين
بہ ڪو خداوند جي قوم ۾ حق حقوق رکندڙ فرد ٿي نہ ٿو سگهي.
4 ڇالاءِجو جڏهن اوهين مصر مان نڪري آيا ٿي، تڏهن رستي ۾
اهي ماني ۽ پاڻي ڪٺي اوهان سان ملڻ لاءِ ڪين آيا، بلڪ اٽلندو هو
بعور جي پٽ بلعام کي ‡ارام جي ندين واري علائقي جي شهر فتور
مان پيسا ڏيئي وٺي آيا، تہ جيئن اهو اوهان تي لعنت وجهي. 5 پر
خداوند اوهان جي خدا بلعام جي نہ ٻڌي، بلڪ اوهان جي لاءِ لعنت
کي ڦيرائي برڪت ڪيائين، ڇوجو خداوند اوهان جي خدا کي اوهان
سان محبت هئي. 6 اوهين هميشہ هميشہ لاءِ ڪڏهن بہ انهن جي
سلامتي يا خيريت نہ چاهجو.
7 پر اوهين پاڻ وٽ رهندڙ ڪنهن ادوميءَ کان نفرت نہ ڪجو،
ڇالاءِجو اهو اوهان جو عزيز آهي. اوهين پاڻ وٽ رهندڙ ڪنهن
مصريءَ کان بہ نفرت نہ ڪجو، ڇالاءِجو اوهين سندس ملڪ ۾ ڌاريا
ٿي رهيا هئا. 8 انهن جي ٽين پيڙهيءَ ۾ جيڪي ٻار پيدا ٿين، سي
خداوند جي قوم ۾ حق حقوق رکندڙ فرد ٿي سگهن ٿا.“

## جنگ وقت خيميگاهہ کي پاڪ رکڻ

9 ”جڏهن اوهين پنهنجن دشمنن سان وڙهڻ لاءِ خيما کوڙي رهيا
پيا هجو، تڏهن پاڻ کي هر ڪنهن پليتيءَ کان بچائجو. 10 جيڪڏهن
اوهان ۾ ڪو اهڙو ماڻهو هجي، جو رات جو خواب جي سببان ناپاڪ
ٿي پيو هجي، تہ اهو خيميگاهہ کان ٻاهر نڪري وڃي ۽ خيميگاهہ
۾ نہ اچي. 11 پر جڏهن سانجهي ٿئي تہ هو وهنجي ۽ سج لهڻ کان
پوءِ پلي خيميگاهہ جي اندر اچي.

*چانديءَ جا پنجاهہ سڪا: اٽڪل ڇهہ سؤ گرام چاندي.

†بني اسرائيل قوم ۾ حق حقوق رکندڙ فرد: بني اسرائيل قوم ۾ بالغ مرد ئي حق حقوق رکندڙ فرد ليکيا ويندا هئا. جيتوڻيڪ انهن جي حق حقوق جي بنيادي ڳالهہ سندن قوم جي مذهبي سڃاڻپ سان واسطو رکي ٿي تہ هو خداوند جا آهن، تنهن هوندي بہ ڪين سياسي، سماجي ۽ فوجي حق پڻ حاصل هئا. اهي سڀيئي حق حقوق باقي ٻين يعني عورتن، ٻارن، نامردن يا منجهن رهندڙ ڌارين کي حاصل نہ هئا.

‡ارام جي ندين واري علائقي: فرات ۽ دجلہ ندين جو وچ وارو علائقو يعني موجوده عراق.

22:28–29 خر 22:16–17 22:30 لاو 18:8، 20:11، شر 27:20 23:3–5 نحم 13:1–2 23:4 گا 22:1–6 23:5 گا 23:7–24:9

12 اوهين پاخاني ڪرڻ لاءِ خيمي‌گاهہ کان ٻاهر هڪڙي جاءِ مقرر
ڪري ڇڏجو. 13 اوهين پاڻ سان پنهنجي هٿيارن ۾ هڪڙو رنبو بہ
رکجو، انهيءَ لاءِ تہ جڏهن اوهين ٻاهر پاخاني ڪرڻ لاءِ وڃو،
تڏهن انهيءَ سان زمين کي کوٽيو ۽ اٿڻ وقت گند کي ڍڪي ڇڏيو.
14 ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا اوهان کي بچائڻ ۽ اوهان جي
دشمنن کي اوهان جي هٿ ۾ ڏيڻ لاءِ اوهان جي خيمي‌گاهہ ۾ پيو
گهمي ٿو. تنهنڪري اوهين پنهنجي خيمي‌گاهہ کي پاڪ رکجو، متان
هو اوهان ۾ گندگي ڏسي اوهان کان منهن ڦيرائي هليو وڃي.”

## مختلف قانون

15 “جيڪڏهن ڪو غلام پنهنجي مالڪ وٽان ڀڄي اوهان وٽ اچي
پناهہ وٺي تہ انهيءَ کي سندس مالڪ جي حوالي نہ ڪجو، 16 بلڪ
هو ڀلي اوهان وٽ، اوهان جي وچ ۾، اوهان جي شهرن مان ڪنهن
۾ بہ، جتي وڻيس اتي رهي. اوهين انهيءَ تي ظلم نہ ڪجو.
17 بني اسرائيل جي ڌيئرن يا پٽن مان ڪوبہ ڪنهن مذهبي رسم
ادا ڪندي ڪسبياڻيءَ يا لونڊي وارو ڪم نہ ڪري. 18 اوهين خداوند
پنهنجي خدا جي گهر ۾، ڪسبياڻيءَ يا لونڊي جي ڪمائيءَ مان باس
نہ آڻجو، ڇالاءِجو انهن ٻنهي کان خداوند اوهان جي خدا کي نفرت
آهي.
19 اوهين بني اسرائيل مان پنهنجي ڪنهن همقوم کي وياج تي
قرض نہ ڏجو. ڪانئس پيسن، کاڌي جي شين يا ڪنهن بہ ٻيءَ شيءِ
تي وياج نہ وٺجو. 20 ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ کي اوهين ڀلي وياج تي
قرض ڏيو. پر بني اسرائيل مان پنهنجي ڪنهن همقوم کي ڪابہ
شيءِ وياج تي اڌاري نہ ڏجو، انهيءَ لاءِ تہ جنهن ملڪ تي قبضو
ڪرڻ لاءِ اوهين وڃو ٿا تنهن ۾ خداوند اوهان جو خدا انهن سڀني
ڪمن ۾ اوهان کي برڪت عطا ڪري، جن ۾ اوهين هٿ وجهو.
21 جڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا وٽ ڪا باس باسيو، تہ انهيءَ
کي پوري ڪرڻ ۾ دير نہ ڪجو، ڇوتہ خداوند ضرور اوهان کان
انهيءَ جي طلب ڪندو ۽ تڏهن اوهين گنهگار ٿيندا. 22 پر جيڪڏهن
اوهان باس نہ باسي هجي تہ پوءِ اوهان تي ڪو گناهہ ڪونهي.
23 جيڪي اوهان جي وات مان نڪري سو اوهين ضرور پورو ڪريو ۽
جهڙي باس اوهان خداوند پنهنجي خدا وٽ رضا خوشيءَ سان واعدو
ڪري باسي هجي تنهن موجب اها پوري ڪجو.
24 جيڪڏهن اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ جي انگورن جي باغ ۾ وڃو،
تہ جيترا انگور اوهان کي وڻن اوترا کائي پيٽ ڀريو، پر پنهنجي ٿانوَ
۾ ڪجهہ بہ کڻي نہ وڃجو.
25 جيڪڏهن اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ جي اناج جي ٻيٽل پوک
۾ وڃو، تہ اوهين هٿ سان ڀلي سنگ پٽيو، پر انهيءَ ۾ ڏاٽو نہ
گهمائجو.”

## طلاق ۽ وري شاديءَ بابت قانون

24 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ “جڏهن ڪو مرد ڪنهن عورت سان
شادي ڪري، تہ ٿي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي منجهس ڪا
اڻوڻندڙ ڳالهہ ڏسي کيس پسند نہ ڪري ۽ طلاق‌نامو لکي پنهنجي
گهر مان ڪڍي ڇڏيس. 2 پوءِ جيڪڏهن هوءَ سندس گهر مان نڪرڻ
بعد وڃي ڪو ٻيو مڙس ٿي ڪري 3 ۽ اهو ٻيو مڙس بہ انهيءَ کان
بيزار ٿي پوي ۽ اهو بہ کيس طلاق‌نامو لکي پنهنجي گهر مان ڪڍي
ڇڏيس، يا جيڪڏهن سندس اهو ٻيو مڙس مري وڃي، 4 تہ پوءِ سندس
پهريون مڙس جنهن ڪڍي ڇڏيو هوس، سو هن جي بي‌آبرو ٿيڻ کان
پوءِ وري کيس پنهنجي زال نہ بڻائي، ڇوتہ اهو ڪم خداوند جي نظر
۾ نفرت جهڙو آهي. سو اوهين انهيءَ ملڪ ۾، جيڪو خداوند اوهان
جو خدا اوهان کي ڏيڻ وارو آهي اهڙو گناهہ ٿيڻ نہ ڏجو.”

## مختلف قانون

5 “جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ نئين شادي ڪئي هجي، تہ هو جنگ
تي نہ وڃي، نڪي کيس ڪا ٻي ذميواري سونپي وڃي. هو هڪڙي
سال تائين ڀلي گهر ۾ رهي پنهنجيءَ زال کي خوش رکي.
6 ڪوبہ ماڻهو سڄو جنڊ يا ان جو رڳو مٿيون پُڙ گروي نہ رکي،
ڇوتہ ائين ڪرڻ سان هو ڄڻ تہ ماڻهوءَ جي حياتي گروي ٿو رکي.
7 جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي همقوم بني اسرائيل مان ڪنهن
کي اغوا ڪري پاڻ وٽ غلام بڻائي يا وڪڻي ڇڏيس ۽ پڪڙجي پوي،
تہ انهيءَ اغوا ڪندڙ کي ضرور موت جي سزا ڏني وڃي. اهڙيءَ
طرح اوهين اها بڇڙائي پنهنجي وچ مان ڪڍي ڇڏجو.
8 اوهين ڪوڙهہ جهڙي مرض يا چمڙيءَ جي ٻين بيمارين کان
خبردار رهجو. لاوي ڪاهن جيڪي اوهان کي سيکارين، انهن سڀني
ڳالهين تي ضرور عمل ڪجو. جيئن مون انهن کي حڪم ڏنو آهي،
تيئن اوهين ڌيان ڏيئي ڪندا رهجو. 9 ياد ڪريو، تہ جڏهن اوهين
مصر مان نڪري آيا ٿي، تڏهن رستي ۾ خداوند اوهان جي خدا مريم
سان ڇا ڪيو.
10 جڏهن اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ کي ڪجهہ قرض ڏيو، تڏهن جا
شيءِ هو گروي رکي ٿو سا وٺڻ لاءِ اوهين سندس گهر ۾ نہ گهڙجو.
11 بلڪ اوهين ٻاهر بيهي رهجو ۽ هو پاڻ اها شيءِ آڻي گرويءَ طور
اوهان کي ڏئي. 12 جيڪڏهن اهو ماڻهو غريب هجي تہ سندس گروي
رکيل اوڇڻ رات جي وقت پاڻ وٽ نہ رکجو، 13 بلڪ سج لهڻ مهل

17:23 لاو 29:19 — 20–19:23 خر 25:22، لاو 25:36–37، شر 15:7–11 — 21:23 ڳا 30:1–16، مت 5:33
1:24 مت 5:31، 19:7، مر 10:4 — 7:24 خر 21:16 — 8:24 لاو 13:1–14:54 — 9:24 ڳا 12:10 — 13–10:24 خر 22:26–27

اوهين اهو کيس موٽائي ڏجو، تہ جيئن هو پنهنجو اوڇڻ ڍڪي سمهي
۽ اوهان کي دعا ڪري. اها ڳالھہ خداوند اوهان جي خدا جي آڏو
اوهان جي سچائي ليکي ويندي.
14 اوهين ڪنهن غريب ۽ محتاج مزور کان ناجائز فائدو نہ وٺجو،
پوءِ اهو اوهان جي بني اسرائيل قوم وارن منجهان هجي يا انهن
ڌارين مان جيڪي اوهان جي ملڪ جي ڪنهن شهر ۾ رهندا هجن.
15 اوهين انهيءَ جي مزوري ساڳئي ئي ڏينهن تي سج لهڻ کان اڳ
۾ کيس ڏئي ڇڏجو، ڇوتہ هو غريب ماڻهو آهي ۽ سندس دل انهيءَ
مزوريءَ ۾ لڳل رهي ٿي. ائين نہ ٿئي جو هو اوهان جي خلاف
خداوند جي حضور ۾ پڪاري ۽ اهو اوهان جي لاءِ گناهہ ٿي پوي.
16 اولاد جي بدلي والدين کي موت جي سزا نہ ڏني وڃي، نڪي
والدين جي بدلي اولاد کي. هر ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي ئي گناهہ
لاءِ موت جي سزا ڏني وڃي.
17 اوهين ڪنهن يتيم يا پاڻ وٽ رهندڙ ڪنهن ڌارئي سان ناحق
نہ ڪجو، نڪي ڪنهن رنن‌زال جا ڪپڙا گروي رکجو. 18 ياد ڪريو،
تہ اوهين پاڻ مصر ۾ غلام هئا ۽ خداوند اوهان جي خدا اوهان کي
اتان ڇڏايو. تنهنڪري آءٌ اوهان کي ائين ڪرڻ لاءِ حڪم ٿو ڏيان.
19 جڏهن فصل لڻڻ وقت اوهان کان پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڪا سٿري
رهجي ويئي هجي، تڏهن اها کڻڻ لاءِ موٽي نہ وڃجو، اها يتيمن،
رنن‌زالن ۽ اوهان وٽ رهندڙ ڌارين لاءِ پيئي رهي. ائين ڪرڻ سان
خداوند اوهان جو خدا اوهان کي انهن سڀني ڪمن ۾ برڪت عطا
ڪندو، جن ۾ اوهين هٿ وجهندا. 20 جڏهن اوهين پنهنجي زيتونن
جي وڻن کي ڇاٽيو، تڏهن جيڪو ميوو ٽارين ۾ رهجي وڃي انهيءَ
کي ٻيهر نہ ڇاٽجو، بلڪ اهو يتيمن، رنن‌زالن ۽ اوهان وٽ رهندڙ
ڌارين لاءِ پيو رهي. 21 جڏهن اوهين پنهنجي انگورن جي باغ مان
انگور گڏ ڪريو، تڏهن جيڪي رهجي وڃن سي ٻيهر نہ چونڊجو.
اهي يتيمن، رنن‌زالن ۽ اوهان وٽ رهندڙ ڌارين لاءِ پيا رهن. 22 ياد
ڪريو، تہ اوهين مصر جي ملڪ ۾ غلام هئا، تنهنڪري آءٌ اوهان
کي ائين ڪرڻ لاءِ حڪم ٿو ڏيان.

25 1 جيڪڏهن ماڻهن ۾ ڪو جهيڙو جهڳڙو ٿئي تہ اهي عدالت
۾ اچن ۽ جج انهن جو انصاف ڪن. جن کي گهرجي تہ
هو سچار کي بي‌گناهہ ٺهرائين ۽ گنهگار کي سزا ڏين. 2 جيڪڏهن
اهو گنهگار ڦٽڪن کائڻ جي لائق هجي تہ انهيءَ کي زمين تي
سمهاري، جج پنهنجي روبرو سندس گناهہ مطابق ڪيس ڳڻي ڦٽڪا
هڻائي. 3 هو کيس وڌ ۾ وڌ چاليهہ ڦٽڪا هڻائي، انهن کان وڌيڪ
نہ، متان انهن کان وڌيڪ ڦٽڪا کائڻ ڪري اوهان جو همقوم ماڻهو
اوهان جي آڏو حقير ڏسڻ ۾ اچي.
4 جڏهن ڪو ڏڳو ڳاهہ ۾ وهي، تڏهن ان جو ٻوٿ نہ ٻڌ."

## رنن‌زال ڀاڄائيءَ جو حق ادا ڪرڻ

5 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ "جيڪڏهن ڪي ڀائر گڏ رهندا هجن ۽
انهن مان هڪڙو ري‌پٽيتو مري وڃي، تہ فوتيءَ جي زال ڪنهن ڌارئي
ماڻهوءَ سان وڃي نہ پرڻجي، بلڪ سندس مڙس جو ڀاءُ وٽس وڃي
۽ کيس پنهنجي زال ڪري. ائين هو پنهنجي ڏير هئڻ جو فرض ادا
ڪري. 6 پوءِ ان مان جيڪو پهريون پٽ ڄمندو سو سندس فوتيءَ
ڀاءُ جو سمجهيو ويندو، انهيءَ لاءِ تہ بني اسرائيل منجهان انهيءَ
جو نالو ميٽجي نہ وڃي. 7 پر جيڪڏهن اهو ماڻهو پنهنجي ڀاڄائيءَ
سان شادي ڪرڻ نہ چاهي، تہ سندس ڀاڄائي شهر جي در تي اڳواڻن
وٽ وڃي ۽ کين چوي تہ 'منهنجو ڏير پنهنجي ڀاءُ جو نالو بني
اسرائيل ۾ قائم رکڻ کان انڪار ٿو ڪري ۽ مون سان شادي ڪري
ڏير جو فرض ادا ڪرڻ نہ ٿو گهري.' 8 تڏهن شهر جا اڳواڻ انهيءَ
ماڻهوءَ کي سڏائي ان بابت کيس سمجهائين. جيڪڏهن پوءِ بہ هو
پنهنجيءَ ڳالھہ تي قائم رهي ۽ چوي تہ 'آءٌ هن سان شادي ڪرڻ
نہ ٿو چاهيان،' 9 تہ پوءِ سندس ڀاڄائي اڳواڻن جي روبرو ان جي
ويجهو اچي سندس پير مان پادر لاهي ۽ سندس منهن ۾ ٿڪ هڻي
چوي تہ 'جيڪو پنهنجي ڀاءُ جو گهر آباد نہ ٿو ڪري تنهن سان ائين
ئي ڪيو ويندو.' 10 پوءِ بني اسرائيل ۾ انهيءَ ماڻهوءَ جو هي نالو
پئجي ويندو، 'پادر لٿل ماڻهوءَ جو گهراڻو.'"

## ناجائز هلت چلت بابت قانون

11 "جيڪڏهن بہ ماڻهو پاڻ ۾ وڙهندا هجن ۽ هڪڙي جي زال
پنهنجي مڙس کي مارڻ واري جي هٿان ڇڏائڻ جي لاءِ ويجهو اچي
هٿ ڊگهيري انهيءَ ماڻهوءَ جي مرداڻن عضون کي پڪڙي، 12 تہ
اوهين انهيءَ عورت جو هٿ وڍي ڇڏجو ۽ مٿس ڪوبہ قياس نہ
ڪجو.
13 اوهين پنهنجي ڳوٿريءَ ۾ هڪڙي ئي وزن جا بہ مختلف وٽ،
يعني هڪڙا ننڍا ۽ ٻيا وڏا نہ رکجو. 14 اوهين پنهنجي گهر ۾ هڪڙيءَ
ئي ماپ جا بہ مختلف ماپا، يعني هڪڙا ننڍا ۽ ٻيا وڏا نہ رکجو.
15 بلڪ اوهين بلڪل پورا ۽ سچا وٽ ۽ ماپا رکجو، انهيءَ لاءِ تہ
جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏيڻ وارو آهي، تنهن
۾ اوهين گهڻي عرصي تائين رهو. 16 ڇالاءِجو جيڪي ماڻهو اهڙا
بي‌ايمانيءَ جا ڪم ٿا ڪن، تن کان خداوند اوهان جي خدا کي نفرت
آهي."

24:14–15 لاو 19:13 24:16 2.با 14:6، 2.تو 25:4، حز 18:20 24:17–18 خر 23:9، لاو 19:33–34، شر 27:19
24:19–21 لاو 19:9–10، 23:22 25:3 2.ڪر 11:24 25:4 1.ڪر 9:9، 1.تم 5:18 25:5–6 مت 22:24، مر 12:19، لو 20:28
25:7–10 رُوت 4:7–8 25:13–16 لاو 19:35–36

## عماليقين بابت حڪم

17 "ياد ڪريو، جڏهن اوهين مصر مان نڪري آيا، تڏهن واٽ ۾
عماليقين اوهان سان ڇا ڇا ڪيو. 18 هنن ڪيئن نہ واٽ تي اچي
اوهان تي حملو ڪيو هو. جڏهن اوهين ٿڪل ۽ ماندا هئا، تڏهن ڪيئن
نہ هنن پٺتي رهجي ويل ماڻهن کي اچي ماريو ۽ خدا جو ڪو خوف
نہ ڪيائون. 19 تنهنڪري جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو خدا اوهان
کي ورثي طور قبضي ۾ ڏيڻ وارو آهي، تنهن ۾ جڏهن خداوند اوهان
جو خدا اوهان جي آس‌پاس وارن دشمنن کان اوهان کي آرام بخشي،
تڏهن اوهين ڌرتيءَ تان عماليقين جو نالو نشان مٽائي ڇڏجو. اها
ڳالهہ اوهين وساري نہ ڇڏجو."

## پهرين پيداوار جا نذرانا

26 1 موسيٰ وڌيڪ چيو تہ "جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو خدا
اوهان کي ورثي طور ڏيڻ وارو آهي، تنهن ۾ جڏهن اوهين
پهچو ۽ انهيءَ تي قبضو ڪري منجهس رهڻ لڳو، 2 تڏهن انهيءَ
ملڪ جي زمين جي پيداوار مان پهريون ڦل هڪڙي ٽوڪريءَ ۾ رکي،
انهيءَ هنڌ کڻي وڃجو جيڪو خداوند اوهان جو خدا پنهنجي نالي
قائم رکڻ لاءِ چونڊي. 3 انهن ڏينهن ۾ اتي جيڪو ڪاهن هجي تنهن
کي وڃي چئجو تہ 'اڄ آءٌ خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾ اقرار ٿو
ڪريان تہ آءٌ انهيءَ ملڪ ۾ پهچي ويو آهيان، جنهن لاءِ خداوند اسان
جي ابن ڏاڏن سان قسم کڻي اسان کي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو.'
4 جڏهن ڪاهن اوهان جي هٿن مان اها ٽوڪري وٺي خداوند اوهان
جي خدا جي قربان‌گاهہ آڏو رکي، 5 تڏهن اوهين اتي خداوند جي آڏو
هيئن چئجو تہ 'منهنجو پيءُ اسرائيل هڪڙو بي‌ماڳو ارامي ماڻهو
هو. هو ٿورا ماڻهو ساڻ ڪري وڃي مصر ۾ ڌاريو ٿي رهڻ لڳو.
اتي هو هڪڙي وڏي، طاقتور ۽ گهڻن ماڻهن واري قوم ٿي پيو. 6 پر
مصرين اسان سان خراب هلت ڪئي ۽ اسان کي ڏک ڏنائون. هنن
اسان تي سخت پورهيو مڙهيو. 7 تڏهن اسان خداوند پنهنجي ابن
ڏاڏن جي خدا جي حضور ۾ دانهون ڪيون. خداوند اسان جو آواز ٻڌو
۽ اسان جي مصيبت، محنت ۽ مظلومي ڏٺائين. 8 خداوند پنهنجي
زورآور هٿ ۽ وڏيءَ قدرت سان ڌڪاءَ، هيبتناڪ ڪمن ۽ معجزن
وسيلي اسان کي مصر مان ڪڍي ٻاهر آندو. 9 هن اسان کي هن جاءِ
تي آندو آهي ۽ اسان کي آسودو ۽ خوشحال ملڪ عطا ڪيو اٿائين.
10 سو ڏس، اي خداوند! جيڪا زمين تو مون کي ڏني آهي تنهن جو
پهريون ڦل مون تو وٽ آندو آهي.' پوءِ اها ٽوڪري کڻي وري اوهين
بہ خداوند پنهنجي خدا جي آڏو رکي خداوند کي سجدو ڪجو.
11 پوءِ اوهين، لاوي ۽ جيڪو ڌاريو اوهان جي وچ ۾ رهندو هجي،
سي سڀيئي گڏجي انهن نعمتن لاءِ خوشيون ملهائجو جيڪي خداوند
اوهان جي خدا اوهان کي ۽ اوهان جي گهراڻي کي عطا ڪيون آهن."

## ڏهين حصي بابت قانون

12 "هر ٽئين سال، جڏهن اوهين پنهنجي ان سال جي سموري
پيدائش جو ڏهون حصو ڪڍي پورو ڪريو، تڏهن اهو پنهنجي شهر ۾
رهندڙ لاوين، يتيمن، رنن‌زالن ۽ ڌارين کي ڏجو تہ اهي کائي ڍءُ ڪن.
13 پوءِ اوهين خداوند پنهنجي خدا کي هيئن چئجو تہ 'جيڪي حڪم تو
مون کي ڏنا آهن، تن موجب مون مخصوص ڏهون حصو پنهنجي گهر
مان ڪڍي اهو پاڻ وٽ رهندڙ لاوين، ڌارين، يتيمن ۽ رنن‌زالن کي ڏنو
آهي. مون تنهنجي ڪنهن بہ حڪم کان منهن نہ موڙيو آهي، نڪي
اهي وساري ڇڏيا اٿم. 14 مون پنهنجي سوڳ جي وقت انهيءَ مان
ڪجهہ بہ نہ کاڌو، نڪي ناپاڪيءَ جي حالت ۾ انهيءَ مان ڪجهہ
ڪڍيو اٿم، نڪي مئلن جي لاءِ انهيءَ مان ڪجهہ ڏنو اٿم. مون تو
خداوند پنهنجي خدا جي فرمانبرداري ڪئي آهي. تو جيڪي بہ حڪم
ڏنا آهن، مون تن موجب ڪيو آهي. 15 تون پنهنجي پاڪ مڪان،
يعني عرش عظيم تان هيٺ نگاهہ ڪر ۽ پنهنجي قوم بني اسرائيل
کي ۽ هن ملڪ کي برڪت عطا ڪر، جيڪو آسودو ۽ خوشحال آهي ۽
جيڪو تو اسان کي ڏيڻ لاءِ اسان جي ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو.'"

## خداوند جا حڪم مڃڻ

16 "سو اڄوڪي ڏينهن خداوند اوهان جو خدا اوهان کي حڪم ٿو
ڏئي تہ هنن قاعدن قانونن تي عمل ڪجو. تنهنڪري اوهين پنهنجي
پوري دل وَ جان سان انهن کي مڃي مٿن عمل ڪجو. 17 اوهان
اڄوڪي ڏينهن اعلانيہ اقرار ڪيو آهي تہ خداوند ئي اوهان جو خدا
آهي ۽ اوهين هن جي واٽن تي هلندا. اوهين هن جي حڪمن ۽ قاعدن
قانونن تي عمل ڪندا رهندا ۽ سندس تابعداري ڪندا. 18 اڄوڪي
ڏينهن خداوند بہ پنهنجي واعدي موجب اوهان سان اعلانيہ اقرار
ڪيو آهي تہ اوهين هن جي خاص قوم ۽ قيمتي اثاثو آهيو، انهيءَ لاءِ
تہ اوهين هن جي سڀني حڪمن تي عمل ڪندا رهو. 19 هو پنهنجي
تعريف، نالي ۽ عزت لاءِ انهن سڀني قومن تي اوهان کي برتري
بخشيندو، جيڪي هن پيدا ڪيون آهن. اوهين خداوند پنهنجي خدا
جي چونڊيل قوم هوندا، جيئن هن واعدو ڪيو آهي."

## پٿرن تي شريعت لکڻ

27 1 پوءِ موسيٰ بني اسرائيل جي اڳواڻن سان گڏجي ماڻهن
کي حڪم ڏيئي چيو تہ "جيڪي حڪم آءٌ اڄوڪي ڏينهن
اوهان کي ٻڌايان ٿو تن سڀني تي عمل ڪندا رهجو. 2-4 جڏهن

25:17–19 خر 17:8–14، 1.سم 15:2–9    26:2 خر 23:19    26:12 شر 14:28–29
26:18 خر 19:5، شر 4:20، 7:6، 14:2، طيط 2:14، 1.پط 2:9

اوهين اردن درياءُ پار ڪري انهيءَ ملڪ ۾ داخل ٿيو، جيڪو آسودو ۽
خوشحال ملڪ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏيڻ وارو آهي ۽ جنهن
جو خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن جي خدا اوهان سان واعدو ڪيو آهي،
تڏهن عيبال جبل تي اوهين وڏا وڏا پٿر کوڙي انهن کي چوني سان ليپو
ڏيئي ڇڏجو. انهن پٿرن تي اوهين هن شريعت جون سموريون ڳالهيون
لکي ڇڏجو. 5 اتي ئي اوهين خداوند پنهنجي خدا جي لاءِ پٿرن جي
هڪڙي قربانگاهه ٺاهجو. انهن پٿرن تي لوهه جو ڪوبه اوزار ڪم
نه آڻجو. 6 اها قربانگاهه اوهين اڻگهڙيل پٿرن سان ٺاهجو. پوءِ
انهيءَ تي خداوند پنهنجي خدا جي لاءِ ساڙڻ واريون قربانيون ڪجو.
7 اوهين سلامتيءَ جون قربانيون ڪري اهي اُتي ئي کائجو ۽ خداوند
جي حضور ۾ خوشيون ملهائجو. 8 ياد رکو، اوهين انهن کوڙيل پٿرن
تي هن شريعت جون سڀيئي ڳالهيون صاف ۽ چٽيءَ طرح لکجو.“
9 پوءِ موسيٰ ۽ لاوي ڪاهنن بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي
مخاطب ٿي چيو ته ”اي بني اسرائيل! ماٺ ڪري ٻڌو. اڄوڪي ڏينهن
اوهين خداوند پنهنجي خدا جي قوم بڻجي ويا آهيو. 10 تنهنڪري
اوهين خداوند پنهنجي خدا جي فرمانبرداري ڪجو ۽ سندس جيڪي
حڪم ۽ قانون آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو، تن تي عمل
ڪجو.“

## نافرمان تي لعنت

11 موسيٰ انهيءَ ساڳئي ڏينهن ماڻهن کي حڪم ڏيئي چيو ته
12 ”جڏهن اوهين سڀ اردن درياءُ ٽپي پار وڃو، تڏهن برڪتن لاءِ
اشاري طور هي قبيلا گرزيم جبل تي بيهن: شمعون، لاوي، يهوداه،
اِسڪار، يوسف ۽ بنيامين. 13 جڏهن ته لعنتن لاءِ اشاري طور باقي
هي قبيلا عيبال جبل تي بيهن: روبن، گد، آشر، زبولون، دان ۽
نفتالي. 14 پوءِ مذهبي اڳواڻ لاوي وڏي آواز سان بني اسرائيل جي
سڀني ماڻهن کي هيئن چون:
15 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو تراشي يا پلٽي هٿرادو مورتي
جوڙي ٿو، جنهن کان خدا کي نفرت آهي ۽ پوءِ هو انهيءَ کي پوڄا
لاءِ ڪنهن لڪل جاءِ تي ٿو رکي.‘ پوءِ سڀ ماڻهو ورندي ڏيئي چون
’آمين.‘
16 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو پنهنجي ماءُپيءُ جي بيعزتي
ڪري.‘ پوءِ سڀ ماڻهو چون ’آمين.‘
17 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو پنهنجي پاڙيسريءَ جي حد
جي نشان کي پوئتي هٽائي ٿو.‘ پوءِ سڀ ماڻهو چون ’آمين.‘
18 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو انڌي کي رستي کان ڀٽڪائي
ٿو.‘ پوءِ سڀ ماڻهو چون ’آمين.‘
19 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو يتيم، رنڙال يا اسان وٽ
رهندڙ ڪنهن ڌارئي سان ناحق ٿو ڪري.‘ پوءِ سڀ ماڻهو چون
’آمين.‘
20 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو پنهنجي پيءُ جي زال سان
سمهي، ڇوجو ائين هو پنهنجي پيءُ جو ننگ ٿو اگهاڙي.‘ پوءِ سڀ
ماڻهو چون ’آمين.‘
21 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو ڪنهن به جانور سان بدفعلي
ڪري.‘ پوءِ سڀ ماڻهو چون ’آمين.‘
22 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو پنهنجيءَ ڀيڻ يعني پنهنجي
پيءُ يا ماءُ جي ڌيءَ سان سمهي.‘ پوءِ سڀ ماڻهو چون ’آمين.‘
23 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو پنهنجيءَ سس سان سمهي.‘
پوءِ سڀ ماڻهو چون ’آمين.‘
24 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو پنهنجي پاڙيسريءَ کي لڪي
قتل ڪري.‘ پوءِ سڀ ماڻهو چون ’آمين.‘
25 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو ڪنهن بيگناهه کي قتل
ڪرڻ لاءِ رشوت وٺي.‘ پوءِ سڀ ماڻهو چون ’آمين.‘
26 ’لعنت هجي ان ماڻهوءَ تي جيڪو هن شريعت جي ڳالهين تي
قائم نه ٿو رهي ۽ نه مٿن عمل ٿو ڪري.‘ پوءِ سڀ ماڻهو چون
’آمين.‘“

## فرمانبرداريءَ لاءِ برڪت

(لاوي سرشتو 3:26–13، شريعت جو دور 12:7–24)

28 1 موسيٰ وڌيڪ چيو ته ”جيڪڏهن اوهين پوريءَ طرح
خداوند پنهنجي خدا جي فرمانبرداري ڪندا ۽ جيڪي حڪم
آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو تن تي خبرداريءَ سان
عمل ڪندا، ته خداوند اوهان کي دنيا جي ٻين سڀني قومن کان
وڌيڪ سربلند ڪندو. 2 جيڪڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جي
فرمانبرداري ڪندا ته هي سڀ برڪتون اوهان تي نازل ٿينديون ۽
اوهان کي ملنديون رهنديون. 3 اوهين شهر ۾ به برڪت وارا ٿيندا ۽
ٻهراڙيءَ ۾ به. 4 اوهان جي اولاد ۾، ٻنيءَ جي پيداوار ۾ ۽ چوپائي
مال ۾ برڪت پوندي. 5 اوهان جي گڏ ڪيل اناج ۽ انهيءَ مان اوهان
جي تيار ڪيل ڪاڌي ۾ برڪت پوندي. 6 اوهين پنهنجي هر ڪم ۾
برڪت وارا ٿيندا. 7 اوهان جا دشمن جيڪي اوهان تي اچي حملو
ڪندا، تن کي خداوند اوهان جي اڳيان شڪست ڏيندو. اهي هڪڙي
رستي کان اوهان تي حملو ڪندا ۽ ستن رستن کان اوهان جي اڳيان
وٺي ڀڄندا. 8 خداوند جي حڪم سان اوهان جي گودامن ۾ ۽ جن به
ڪمن ۾ اوهين هٿ وجهندا، تن سڀني ۾ برڪت پوندي. جيڪو ملڪ

---

5:27–6 خر 20:25 12:27 شر 29:11، يش 8:33–35 15:27 خر 20:4، 34:17، لاو 19:4، 26:1، شر 4:15–18، 5:8 16:27 خر 20:12، شر 5:16 17:27 شر 19:14 18:27 لاو 19:14 19:27 خر 22:21، 23:9، لاو 19:33–34، شر 24:17–18 20:27 لاو 18:8، 20:11، شر 22:30 21:27 خر 22:19، لاو 18:23، 20:15 22:27 لاو 18:9، 20:17 23:27 لاو 18:17، 20:14 26:27 گل 3:10 1:28–14 شر 11:13–17

خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏيڻ وارو آهي، تنهن ۾ هو اوهان
کي برڪت عطا ڪندو. 9 جيڪڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جي
حڪمن تي عمل ڪندا ۽ سندس واٽ تي هلندا تہ خداوند اوهان کي
پنهنجي ئي قوم طور قائم رکندو، جيئن هن اوهان سان قسم کڻي
واعدو ڪيو آهي. 10 پوءِ دنيا جون سڀئي قومون اهو ڏسي اوهان
کان ڊڄي وينديون تہ اوهين خداوند جي نالي تي سڏجو. 11 جيڪو
ملڪ اوهان کي ڏيڻ لاءِ خداوند اوهان جي ابن ڏاڏن سان قسم کڻي
واعدو ڪيو هو، تنهن ۾ هو اوهان جي اولاد، چوپائي مال ۽ پنيءَ
جي پيداوار کي گهڻو وڌائي اوهان کي سکي ڪندو. 12 خداوند اوهان
جي لاءِ پنهنجين چڱين شين جي خزاني يعني آسمان کي کولي اوهان
جي ملڪ ۾ مندائتو مينهن وسائيندو ۽ جن بہ ڪمن ۾ اوهين هٿ
وجهندا، تن سڀني ۾ اوهان کي برڪت ڏيندو. اوهين گهڻين ئي قومن
کي قرض ڏيندا پر پاڻ ڪنهن کان بہ قرض نہ کڻندا. 13 خداوند اوهان
کي قومن جو اڳواڻ بڻائيندو، پوئلڳ نہ. اوهين هميشہ مٿاهان رهندا،
هيٺاهان نہ، بشرطيڪ اوهين خداوند پنهنجي خدا جا حڪم، جيڪي
آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ٻڌايان ٿو، سي مڃيندا ۽ خبرداريءَ سان
انهن تي عمل ڪندا. 14 ان کان سواءِ جن ڳالهين جو آءٌ اڄوڪي
ڏينهن اوهان کي حڪم ڏيان ٿو، تن مان ڪنهن کان بہ ساڄي يا کاٻي
طرف ڦري اوهين غير معبودن جي پٺيان لڳي سندن پوڄا نہ ڪندا.“

## نافرمانيءَ لاءِ لعنت

(لاوي سرشتو 26:14–46)

15 ”پر جيڪڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جي فرمانبرداري نہ
ڪندا ۽ سندس جيڪي قانون ۽ حڪم آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي
ٻڌايان ٿو، تن تي خبرداريءَ سان عمل نہ ڪندا تہ هي سڀ لعنتون
اوهان تي نازل ٿينديون ۽ اوهان کي لڳل رهنديون. 16 اوهين شهر ۾
بہ لعنتي ٿيندا ۽ ٻهراڙيءَ ۾ بہ. 17 اوهان جي ڳڏ ڪيل اناج ۽ انهيءَ
مان اوهان جي تيار ڪيل ڪاڌي تي لعنت پوندي. 18 اوهان جي اولاد
تي، پنيءَ جي پيداوار تي ۽ ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين جي ڌڻن تي
لعنت پوندي. 19 اوهين پنهنجي هر ڪم ۾ لعنتي ٿيندا.
20 جن جن ڪمن ۾ اوهين هٿ وجهندا، تن سڀني ۾ خداوند اوهان
تي لعنت، گهمسان ۽ ملامت موڪليندو، ايستائين جو اوهين جلدي
بلڪل تباهہ ۽ برباد نہ ٿي وڃو. اهو سڀ اوهان جي خراب ڪمن
جي ڪري ٿيندو، جڏهن اوهين خداوند کي ڇڏي ڏيندا. 21 خداوند
تيستائين اوهان تي وبا موڪليندو رهندو، جيستائين اوهان کي انهيءَ
ملڪ ۾ فنا نہ ڪري ڇڏيندو، جنهن تي قبضي ڪرڻ لاءِ اوهين وڃو
ٿا. 22 خداوند اوهان کي سلهہ، بخار ۽ سوزش سان، اوهان جي زمين
کي ساڙيندڙ جهولي ۽ خشڪ‌ساليءَ سان ۽ اوهان جي گهرن کي رتيءَ
۽ سينور جي مرض سان سٽي وجهندو. جيستائين اوهين تباهہ نہ ٿي
ويندا، تيستائين اهي مرض اوهان جي پٺيان هوندا. 23 اوهان جي مٿان
جيڪو آسمان آهي سو پتل جهڙو ٿي ويندو ۽ اوهان جي هيٺان جيڪا
زمين آهي سا لوهہ جهڙي ٿي ويندي. 24 خداوند اوهان جي زمين تي
تيستائين مينهن جي بدران ڌوڙ ۽ مٽي وسائيندو رهندو، جيستائين
اوهين برباد ٿي نہ وڃو.
25 خداوند اوهان جي دشمنن کي اوهان مٿان فتح ڏيندو. اوهين
هڪڙي رستي کان هنن تي حملو ڪندا ۽ ستن رستن کان انهن جي
اڳيان وٺي ڀڄندا. دنيا جي سڀني قومن کي اهو ڏسي هيبت وٺي
ويندي تہ اوهان سان ڇا ٿو ٿئي. 26 اوهان جا لاشا پکين ۽ جهنگ جي
جانورن جو کاڄ ٿيندا ۽ ڪوبہ انهن کي هڪلڻ وارو ڪونہ هوندو.
27 خداوند اوهان کي مصرين جيان ڦرڙين سان ۽ بواسير، ڏڍ ۽ خارش
سان سٽي وجهندو. اوهين انهن مان ڪڏهن بہ ڇٽي ڪين سگهندا.
28 خداوند اوهان کي چريائيءَ، انڌاپي ۽ دماغي پريشانيءَ سان سٽي
وجهندو. 29 اوهين ڏينهن جو ٻپهريءَ جي وقت ائين هٿوراڙيون هڻندا،
جيئن انڌو هٿوراڙيون هڻندو آهي. اوهين پنهنجن ڪمن ۾ ڪامياب
نہ ٿيندا. اوهان تي سدائين ظلم ۽ ڦُرمار پيئي ٿيندي ۽ ڪوبہ اوهان
کي بچائڻ وارو ڪونہ هوندو.
30 اوهين جنهن ڇوڪريءَ سان مڱڻو ڪندا، تنهن سان ٻيو ماڻهو
سمهندو. اوهين گهر جوڙيندا پر انهيءَ ۾ رهندا ڪين. اوهين انگورن
جو باغ لڳائيندا پر انهيءَ جي ميوي جو مزو نہ چکندا. 31 اوهان جو
ڍاند اوهان جي اکين اڳيان ڪٺو ويندو، پر اوهين انهيءَ مان ڪجهہ
بہ نہ کائيندا. اوهان جو گڏهہ اوهان کان زوريءَ کسيو ويندو ۽ اوهان
کي موٽي نہ ملندو. اوهان جون رڍون اوهان جي دشمنن کي ڏنيون
وينديون ۽ ڪوبہ اوهان جي مدد ڪرڻ وارو ڪونہ هوندو. 32 اوهان جا
پٽ ۽ اوهان جون ڌيئر ٻيءَ قوم جي حوالي ڪيون وينديون. اوهانجيون
اکيون سڄو ڏينهن انهن جي واٽ نهارينديون ٿڪجي پونديون ۽ اوهان
جو ڪوبہ وس ڪونہ پڄندو. 33 اوهان جي زمين جي پيداوار ۽ اوهان
جي محنت جي سموري ڪمائي، هڪڙي اهڙي قوم کائي ويندي،
جنهن کي اوهين سڃاڻيندا بہ ڪونہ هوندا. اوهين سدائين مظلوم ۽
دٻايل رهندا، 34 ايتري قدر جو اوهين پنهنجين اکين سان اهي ڳالهيون
ڏسي چريا ٿي پوندا. 35 خداوند اوهان جي گوڏن ۽ ٽنگن ۾ بيحد
خوفناڪ ڦرڙيون ڪيندو، بلڪ اوهين پير جي تريءَ کان وٺي مٿي جي
چوٽيءَ تائين انهن مان ڇٽي ڪين سگهندا.
36 خداوند اوهان کي ۽ جيڪو بادشاهہ اوهين پنهنجي مٿان مقرر
ڪندا، تنهن کي هڪڙي اهڙيءَ قوم ۾ وڃي پهچائيندو، جنهن کي
اوهين يا اوهان جي ابن ڏاڏن بہ ڪين ٿي ڄاتو. اتي اوهين ڪاٺيءَ ۽
پٿر جي ڌارين معبودن جي پوڄا ڪندا. 37 جن جن قومن ۾ خداوند
اوهان کي وٺي ويندو، تن سڀني ۾ اوهين عبرت، پهاڪي ۽ چوٽيءَ
جو سبب بڻبا.
38 اوهين پنيءَ ۾ گهڻو ٻج وجهندا پر فصل ٿورو ميڙيندا، ڇالاءِجو
ماڪڙ اهو کائي چٽ ڪري ڇڏيندي. 39 اوهين انگورن جا باغ
لڳائيندا، پر نڪي انگور ڳڏ ڪندا ۽ نڪي انهن جو رس پيئندا،
ڇالاءِجو انهن کي ڪينئان کائي ويندا. 40 اوهان جي سڄي ملڪ ۾

زيتونن جا وڻ هوندا، پر اوهين انهن جو تيل ڪين مکيندا، ڇالاءِجو
اوهان جي انهن زيتونن جو ڦر ڇڻي پوندو. 41 اوهين پٽ ۽ ڌيئر ڄڻيندا،
پر اهي اوهان جا ڪين ٿيندا، ڇالاءِجو اهي ٻاندي ٿي ويندا. 42 اوهان
جا سڀ وڻ ۽ اوهان جي زمين جي سموري پيداوار ماڪڙ جو لشڪر
ڪائي ويندو.

43 جيڪو ڌاريو ماڻهو اوهان جي وچ ۾ هوندو سو اوهان کان وڌندو
ويندو ۽ اوهين گهٽبا ويندا. 44 هو اوهان کي قرض ڏيندو، پر اوهين
هن کي قرض ڪين ڏيندا. هو اوهان جو اڳواڻ ٿيندو ۽ اوهين هن جا
پوئلڳ.

45 اهي سڀ لعنتون اوهان تي ايندين ۽ اوهان جي پنيان پئي
تيستائين اوهان سان چُهٽيل رهنديون، جيستائين اوهين برباد نہ ٿي
وڃو. ان جو سبب اهو آهي جو اوهان خداوند پنهنجي خدا جي
فرمانبرداري نہ ڪئي ۽ جيڪي قانون ۽ حڪم هن اوهان کي ڏنا تن تي
اوهان عمل نہ ڪيو. 46 اهي اوهان ۾ ۽ اوهان جي پيڙهيءَ ۾ هميشہ
هڪ نشان ۽ عبرت ثابت ٿينديون. 47 جيئن تہ هر شيءِ جي گهڻائيءَ
هوندي بہ اوهان خوشيءَ ۽ خوشدليءَ سان خداوند پنهنجي خدا جي
تابعداري نہ ڪئي، 48 تڏهن هاڻي بک، اُڃ، اوگهڙ ۽ هر شيءِ جي
محتاجيءَ ۾ اوهان انهن دشمنن جي تابعداري ڪندا، جيڪي خداوند
اوهان تي موڪليندو. خداوند اوهان جي ڳچيءَ ۾ لوهہ جي پاڃاري
وجهي ڇڏيندو، جيستائين اوهان کي برباد نہ ڪري ڇڏي. 49 خداوند
پري کان يعني ڌرتيءَ جي ڇيڙي کان هڪڙيءَ قوم کي، عقاب وانگر
اوهان مٿان چاڙهي آڻيندو، جنهن جي اوهين ٻولي بہ ڪين سمجهندا.
50 اها اهڙي تہ خوفناڪ ڇهري واري قوم هوندي، جيڪا نہ پوڙهي
جو لحاظ ڪندي ۽ نہ جوان سان مروت. 51 اها اوهان جو چوپايو
مال ۽ زمين جي پيدائش ڳڙڪائيندي ويندي. هائو، اها اناج، تازي
مئي، زيتون جي تيل يا ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين جي ڦرن مان هڪڙو
بہ اوهان جي لاءِ ڪين ڇڏيندي، ايتري قدر جو اوهين تباهہ وَ برباد
ٿي ويندا. 52 جيڪو ملڪ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڏيڻ وارو
آهي، تنهن منجهہ ئي اوهان جي سڀني شهرن ۾ اها قوم اوهان جو
گهيرو ڪندي، جيستائين اوهانجيون اوچيون ۽ مضبوط پٽيون جن تي
اوهان جو ڀروسو آهي، سي ڀڃي ڪري پون.
53 انهيءَ گهيري ۾ اوهان جا دشمن اوهان کي اهڙو تہ ڦاسائيندا،
جو اوهين تنگ اچي پاڻ پنهنجي اولاد يعني پٽ ۽ ڌيئر جيڪي
خداوند اوهان جي خدا اوهان کي ڏنيون آهن، تن جو ماس کائيندا.
54 جيڪو ماڻهو اوهان ۾ نرمدل ۽ نازڪطبع هوندو، تنهن جي بہ
پنهنجي ڀاءُ، پنهنجي پياري زال ۽ پنهنجي باقي بچيل ٻارن ڏانهن
نيت خراب هوندي، 55 جو جڏهن هو پنهنجي ڪنهن ٻار جو ماس
کائيندو هوندو، تڏهن ان منجهان ذرو بہ انهن کي ڪين ڏيندو، ڇوتہ
وٽس ٻيو ڪجهہ باقي بچندو ئي ڪونہ. اهو انهيءَ ڪري ٿيندو جو
اوهان جا دشمن اوهان جي سڀني شهرن ۾ اوهان کي گهيرو ڪري
ڦاسائيندا ۽ اوهين ايترو تنگ اچي ويندا. 56 جيڪا عورت اوهان ۾
نرمدل ۽ نازڪطبع هوندي، جا نرميءَ ۽ نزاڪت جي ڪري پنهنجي
پير جي ترِي بہ پٽ تي رکڻ جي همت نہ ڪندي هوندي، تنهن جي
بہ پنهنجي پياري مڙس، پٽ ۽ ڌيءَ ڏانهن نيت خراب ٿيندي، 57 جو
ڪابہ شيءِ نہ هئڻ ڪري هوءَ پنهنجي ئي تازي ڄڻيل ٻار ۽ سندس
اَورَ کي انهن کان لڪائي کائي ويندي. اهو انهيءَ ڪري ٿيندو جو
اوهان جا دشمن اوهان جي سڀني شهرن ۾ اوهان کي گهيرو ڪري
ڦاسائيندا ۽ اوهين ايترو تنگ اچي ويندا.

58 جيڪڏهن اوهان هن شريعت جي سڀني ڳالهين تي، جيڪي هن
ڪتاب ۾ لکيل آهن، خبرداريءَ سان عمل نہ ڪندا ۽ انهيءَ جلالي
۽ هيبتناڪ نالي يعني خداوند پنهنجي خدا کان ڊڄندا نہ رهندا،
59 تہ پوءِ خداوند اوهان تي عجيب آفتون نازل ڪندو ۽ اوهان جي
اولاد جي آفتن کي وڌائي وڌيون ۽ گهڻن ڏينهن تائين رهندڙ آفتون
۽ گنديون ۽ ڏکيون بيماريون ڪري ڇڏيندو. 60 هو اوهان تي مصر
واريون سموريون وبائون موڪليندو جن کان اوهين ڊڄندا هئا. اهي
اوهان کي چهٽي پونديون. 61 ان کان سواءِ اهي سڀ بيماريون ۽
آفتون، جيڪي هن شريعت جي ڪتاب ۾ لکيل نہ آهن، سي بہ
خداوند اوهان تي موڪليندو، جيستائين اوهين برباد نہ ٿي وڃو.
62 جيتوڻيڪ اوهين آسمان جي تارن جيترا آهيو، پر پوءِ اوهين گهٽو
گهٽجي ويندا، ڇالاءِجو اوهان خداوند پنهنجي خدا جي فرمانبرداري
نہ ڪئي هوندي. 63 جهڙيءَ طرح خداوند اوهان سان ڀلائي ڪرڻ ۽
اوهان کي وڌائڻ ۾ خوش ٿيندو هو، تهڙيءَ طرح هو اوهان کي فنا
۽ برباد ڪرڻ ۾ بہ خوش ٿيندو. پوءِ اوهين انهيءَ ملڪ مان ڪڍيا
ويندا، جنهن تي قبضي ڪرڻ لاءِ اوهين وڃو ٿا.

64 خداوند اوهان کي ڌرتيءَ جي هڪڙي ڇيڙي کان وٺي ٻئي ڇيڙي
تائين سڀني قومن ۾ ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيندو. اُتي اوهين انهن ڪاٺيءَ
۽ پٿر جي ڌارين معبودن جي پوڄا ڪندا، جن کي اوهان يا اوهان جي
ابن ڏاڏن بہ ڪين ٿي ڄاتو. 65 انهن قومن منجهہ اوهان کي سک
نصيب نہ ٿيندو، نڪي اوهان جي پيرن جي ترين کي آرام ملندو،
بلڪ خداوند اوهان کي اُتي ڳڻتي، نااميدي ۽ جان جو جهورو ڏيئي
ڇڏيندو. 66 اوهان جي زندگي هميشہ خطري ۾ هوندي، رات ڏينهن
اوهين ڊپ ۾ گذاريندا ۽ اوهان کي پنهنجي حياتيءَ جي پڪ ڪانہ
هوندي. 67 اوهين پنهنجين اکين سان اهي ڳالهيون ڏسي، پنهنجيءَ
دل ۾ اهڙو تہ ڊڄي ويندا، جو صبح جو چوندا تہ ’خدا ڪري شل
سانجهي ٿئي،‘ ۽ سانجهيءَ جو چوندا تہ ’خدا ڪري شل صبح
ٿئي.‘ 68 خداوند اوهان کي ٻيڙين ۾ چاڙهي انهيءَ رستي کان مصر
۾ موٽائي آڻيندو، جنهن رستي بابت مون اوهان کي چيو هو تہ اهو

---

57:28 2.با 6:28–29، زار 10:4

وري نہ ڏسجو. اُتي اوهين پنهنجن دشمنن وٽ پاڻ کي غلام ۽
ٻانهيون ڪري وڪڻندا، پر ڪوبہ اوهان کي خريد نہ ڪندو.“

## موآب جي ميدان ۾ خداوند جي عهد جي تجديد

29 ① هي اهي ڳالهيون آهن جيڪي خداوند موآب جي ميدان ۾
بني اسرائيل سان عهد ڪرڻ لاءِ موسيٰ کي فرمايون. هي
عهد انهيءَ عهد جو وڌيڪ حصو آهي، جيڪو هن سينا جبل وٽ بني
اسرائيل سان ڪيو هو.
② موسيٰ بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي گهرائي کين چيو تہ
”خداوند مصر جي ملڪ ۾ اوهان جي اکين اڳيان فرعون، سندس
سڀني عملدارن ۽ سندس سڄي ملڪ سان جيڪي ڪجهہ ڪيو سو
اوهان پاڻ ڏٺو. ③ اهي وڏيون آزمائشون، هيبتناڪ ڪم ۽ وڏا معجزا
اوهان پنهنجين اکين سان ڏٺا. ④ پر خداوند اوهان کي اڄوڪي ڏينهن
تائين نہ اهڙي دل ڏني آهي جا سمجهي، نہ اهڙيون اکيون ڏنيون آهن
جي ڏسن ۽ نہ اهڙا ڪن ڏنا آهن جي ٻڌن. ⑤ آءٌ چاليهہ سال بيابان ۾
اوهان جي اڳواڻي ڪندو رهيس، نہ اوهان جي بدن جا ڪپڙا پراڻا ٿيا،
نڪي اوهان جي پيرن جون جتيون پراڻيون ٿيون. ⑥ جيتوڻيڪ اوهان
وٽ کائڻ لاءِ نڪا ماني هئي، نڪي مئي يا ڪو ٻيو نشو پيئڻ لاءِ
هو، تہ بہ خداوند اوهان جي هر ضرورت پوري ڪئي، تانتہ اوهين
ڄاڻو تہ هو ئي خداوند اوهان جو خدا آهي.
⑦ پوءِ جڏهن اوهين هن جاءِ تي آيا، تڏهن حشبون جو بادشاهہ
سيحون ۽ بسن جو بادشاهہ عوج اسان جي خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ
نڪري آيا، پر اسان انهن کي شڪست ڏني. ⑧ اسان انهن جو ملڪ
هٿ ڪري، اهو بني روبن، بني گد ۽ بني منسيءَ جي اڌ قبيلي کي
ورثي طور ڏنو. ⑨ تنهنڪري اوهين هن عهد جي ڳالهين کي مڃي،
انهن تي عمل ڪجو، انهيءَ لاءِ تہ اوهين جيڪي ڪريو تنهن ۾
ڪامياب ٿيو.
⑩–⑪ اڄوڪي ڏينهن اوهين، اوهان جا سردار، اوهان جا اڳواڻ،
اوهان جا بزرگ، اوهان جا عملدار، اوهان جا ننڍڙا ٻار، اوهان جون
زالون ۽ اوهان جي خيمي‌گاهہ ۾ رهندڙ ڌاريا، مطلب تہ اوهان جي
ڪاٺيرن ۽ پخالين تائين بني اسرائيل جا سڀيئي ماڻهو خداوند پنهنجي
خدا جي حضور ۾ بيٺا آهيو. ⑫ اوهين هتي انهيءَ لاءِ بيٺا آهيو تہ
جيئن خداوند اوهان جو خدا اڄوڪي ڏينهن اوهان سان جيڪو عهد
ڪري ٿو ۽ قسم کڻي ٿو، تنهن ۾ اوهين شامل ٿيو ⑬ ۽ انهيءَ لاءِ بہ
تہ هو اڄوڪي ڏينهن اوهان جو سندس قوم هئڻ جي تصديق ڪري
۽ اوهان جو خدا ٿئي، جيئن هن اوهان کي چيو هو ۽ جيئن اوهان جي
ابن ڏاڏن ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب سان قسم کنيو هئائين.
⑭ خداوند رڳو اوهان سان ئي هي عهد نہ ٿو ڪري ۽ هي قسم
نہ ٿو کڻي، جيڪي اڄ هتي سندس حضور ۾ بيٺا آهيو، ⑮ بلڪ هو
ايندڙ نسل، جيڪو اڄ هتي اسان سان گڏ موجود ناهي، تنهن کي بہ
هن عهد ۾ شامل ٿو ڪري.
⑯ اوهين پاڻ ڄاڻو ٿا تہ اسين مصر جي ملڪ ۾ ڪيئن ٿي رهياسين
۽ جن قومن جي وچ مان اسان کي لنگهڻو پيو تن مان ڪيئن نڪري
آياسين. ⑰ اوهان انهن جون ڪراهت جهڙيون شيون يعني ڪاٺيءَ،
پٿر، چانديءَ ۽ سون جا بت بہ ڏٺا. ⑱ سو ائين نہ ٿئي تہ اوهان ۾
ڪو اهڙو مرد، عورت، خاندان يا قبيلو هجي، جنهن جي دل اڄوڪي
ڏينهن خداوند اسان جي خدا کان ڦري وڃي ۽ وڃي انهن قومن جي
معبودن جي پوڄا ڪري. متان اوهان منجهہ ڪا اهڙي پاڙ هجي جا
ڳُوهہ ۽ گوماندر جهڙو ڪوڙو ۽ زهريلو ڦل ڏئي. ⑲ شايد هتي ڪو
اهڙو ماڻهو هجي جيڪو خداوند جي هن ڪنيل قسم جون ڳالهيون
ٻڌي پنهنجيءَ دل ۾ پاڻ کي مبارڪ سمجهي ۽ چوي تہ ’جيتوڻيڪ آءٌ
هٺيلو هوندس تڏهن بہ سلامت رهندس.‘ تہ پوءِ اها ڳالهہ سُڪن سان
گڏ آلن کي بہ برباد ڪندي، ⑳ ڇالاءِجو خداوند انهيءَ کي ڪڏهن
بہ معاف ڪرڻ نہ چاهيندو. اٽلندو خداوند جو قهر ۽ سندس غيرت
انهيءَ ماڻهوءَ تي اچي ڀڙڪندي، سڀ لعنتون جيڪي هن ڪتاب
۾ لکيل آهن سي انهيءَ ماڻهوءَ تي اچي پونديون ۽ خداوند انهيءَ
جو نالو ڌرتيءَ تان متائي ڇڏيندو. ㉑ عهد جون سڀ لعنتون جيڪي
شريعت جي هن ڪتاب ۾ لکيل آهن، تن موجب سزا ڏيڻ لاءِ خداوند
انهيءَ کي بني اسرائيل جي سڀني قبيلن مان ڪيري ڌار ڪندو.
㉒ ايندڙ پيڙهين ۾ اوهان کان پوءِ جيڪو اوهان جو نسل پيدا ٿيندو ۽
اهي ڌاريا ماڻهو جيڪي ڏورانهن ملڪن کان ايندا، سي انهيءَ ملڪ
جون آفتون ۽ خداوند جون انهيءَ ملڪ ۾ موڪليل بيماريون ڏسندا.
㉓ اهي هي بہ ڏسندا تہ سڄي زمين گندرف ۽ شورو لڳي پيئي آهي
۽ اهڙي تہ سڙي ويئي آهي جو منجهس نڪي ڪجهہ پوکجي ٿو،
نڪي ان مان پيداوار ٿئي ٿي، نڪو وري منجهس ڪو گاهہ ٿو اپري.
هو ڏسندا تہ اهو ملڪ سدوم، عموراه، ادماه ۽ صبويم وانگر ويران
ٿي ويو آهي، جن کي خداوند پنهنجي قهر ۽ غضب سان نابود ڪري
ڇڏيو هو. ㉔ تڏهن اهي سڀ قومون پڇنديون تہ ’خداوند هن ملڪ
سان ائين ڇو ڪيو آهي؟ هيڏي وڏي غضب جو سبب ڪهڙو آهي؟‘
㉕ تنهن تي ماڻهو وراڻيندا تہ ’انهيءَ جو سبب هي آهي تہ هنن
خداوند پنهنجي ابن ڏاڏن جي خدا جي عهد کي ڇڏي ڏنو هو، جيڪو
هن کين مصر جي ملڪ مان ٻاهر ڪڍڻ وقت ساڻن ڪيو هو. ㉖ هنن
وڃي غير معبودن جي پوڄا ڪئي ۽ انهن کي سجدو ڪيائون، جن کي
هو نہ ڄاڻيندا هئا، نڪي وري خداوند کين اهي ڏنا هئا. ㉗ تنهنڪري
خداوند هن ملڪ تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ جيڪي لعنتون هن ڪتاب ۾
لکيل آهن، سي سڀ انهن تي موڪليائين. ㉘ خداوند سخت غصي
۽ قهر ۾ پرجي سندن ئي ملڪ مان هنن جي پاڙ پٽي ڪيري ۽ کين
ڌارئي ملڪ ۾ اڇلايائين، جيئن اڄوڪي ڏينهن اوهين ڏسو ٿا.“

---

7:29 ڳا 21:21–35   8:29 ڳا 32:33   18:29 عبر 12:15   23:29 پيد 19:24–25

29 موسيٰ کين وڌيڪ چيو ته ”غيب جو مالڪ ته خداوند اسان جو
خدا ئي آهي، پر جيڪي ڳالهيون ظاهر ڪيون ويون آهن، سي هميشه
لاءِ اسان ۽ اسان جي اولاد جي لاءِ آهن، انهيءَ لاءِ ته اسين هن
شريعت جي سڀني ڳالهين تي عمل ڪريون.“

## توبهه‌تائب ٿيندڙ لاءِ رحم جو واعدو

30 1 موسيٰ وڌيڪ چيو ته ”سو جڏهن اِهي سڀ ڳالهيون يعني
برڪتون ۽ لعنتون جيڪي مون اوهان جي اڳيان رکيون آهن،
سي اوهان تي اچي پون، تڏهن اوهين انهن سڀني قومن منجهه انهن
کي ياد ڪندا، جن ۾ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي ڪٽو ڪٽو ڪري
ڇڏيندو. 2 جيڪڏهن اوهين ۽ اوهان جو اولاد خداوند پنهنجي خدا آڏو
توبهه‌تائب ٿيندا ۽ جن ڳالهين جو آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي حڪم
ٿو ڏيان، تن سڀني موجب پوري دل وَ جان سان سندس فرمانبرداري
ڪندا، 3 ته پوءِ خداوند اوهان جو خدا اوهان جي خوشحالي بحال
ڪندو. هو اوهان تي رحم ڪندو ۽ جن جن قومن ۾ خداوند اوهان جي
خدا اوهان کي دربدر ڪيو هوندو، تن سڀني مان اوهان کي موٽائي آڻي
گڏ ڪندو. 4 توڙي جو اوهين دنيا جي بلڪل پڇڙيءَ تائين جلاوطن
ڪيا ويا هوندا، ته اتان به خداوند اوهان جو خدا اوهان کي گڏ ڪري
موٽائي آڻيندو. 5 خداوند اوهان جو خدا اوهان کي انهيءَ ئي ملڪ
۾ آڻيندو جنهن تي اوهان جي ابن ڏاڏن جو قبضو هو، انهيءَ لاءِ ته
اوهين ان تي قبضو ڪريو. پوءِ هو اوهان سان ڀلائي ڪندو ۽ اوهان
جي ابن ڏاڏن کان به اوهان کي گهڻو وڌائيندو. 6 خداوند اوهان جو
خدا اوهان کي ۽ اوهان جي اولاد کي فرمانبردار دل عطا ڪندو،
انهيءَ لاءِ ته اوهين خداوند پنهنجي خدا کي پوري دل وَ جان سان
پيار ڪريو ۽ جيئرا رهو. 7 خداوند اوهان جو خدا اهي سڀ لعنتون
اوهان جي دشمنن تي وجهندو، جن اوهان کان نفرت ڪئي ۽ اوهان
کي تڪليف ڏني. 8 اوهين ڦري خداوند جي فرمانبرداري ڪندا ۽
سندس انهن سڀني حڪمن تي عمل ڪندا، جيڪي آءٌ اڄوڪي ڏينهن
اوهان کي ٻڌايان ٿو. 9 خداوند اوهان جو خدا اوهان جي سموري
ڪاروبار، اولاد، چوپائي مال ۽ ٻنيءَ جي پيداوار کي گهڻو وڌائي
اوهان کي سکي ڪندو. خداوند جيئن اوهان جي ابن ڏاڏن تي راضي
هو، تيئن هو اوهان تي وري راضي ٿيندو ۽ اوهان سان ڀلائي ڪندو.
10 پر انهيءَ لاءِ شرط هي آهي ته اوهين خداوند پنهنجي خدا جي
فرمانبرداري ڪندا ۽ سندس جيڪي حڪم ۽ قانون، شريعت جي هن
ڪتاب ۾ لکيل آهن تن تي عمل ڪندا، بلڪ پوري دل وَ جان سان
خداوند پنهنجي خدا جا طالبو رهندا.“

## زندگي يا موت جي آڇ

11 ”تنهنڪري هي حڪم جيڪو آءٌ اڄوڪي ڏينهن اوهان کي ڏيان
ٿو، سو اوهان جي لاءِ گهڻو ڏکيو ناهي، نڪي اهو اوهان جي وس
کان ٻاهر آهي. 12 اهو مٿي آسمان ۾ ته ڪونهي، جو اوهين چئو ته
’ڪير اسان جي لاءِ آسمان تي چڙهي ويندو ۽ اهو اسان وٽ آڻي اسان
کي ٻڌائيندو ته اسين انهيءَ تي عمل ڪريون؟‘ 13 نڪي اهو سمنڊ
جي پرينءَ پر آهي جو اوهين چئو ته ’ڪير اسان جي لاءِ سمنڊ جي
پار ويندو ۽ اهو اسان وٽ آڻي اسان کي ٻڌائيندو ته اسين انهيءَ تي
عمل ڪريون؟‘ 14 پر اهو ڪلام اوهان کي تمام ويجهو آهي. اهو
اوهان جي وات ۽ اوهان جي دل وَ دماغ ۾ آهي، انهيءَ لاءِ ته اوهين
مٿس عمل ڪريو.

15 ڏسو، اڄوڪي ڏينهن مون اوهان جي اڳيان زندگي ۽ ڀلائي،
موت ۽ بڇڙائي ٻئي رکيا آهن. 16 آءٌ اڄ اوهان کي حڪم ڏيان ٿو
ته اوهين خداوند پنهنجي خدا کي پيار ڪريو، سندس واٽن تي هلو،
سندس حڪمن ۽ قاعدن قانونن تي عمل ڪندا رهو، پوءِ اوهين جيئرا
رهندا، وڌندا ويندا ۽ جنهن ملڪ تي قبضي ڪرڻ لاءِ اوهين وڃو
ٿا، تنهن ۾ خداوند اوهان جو خدا اوهان کي برڪت ڏيندو. 17 پر
جيڪڏهن اوهان جي دل ڦري ويئي ۽ اوهان فرمانبرداري نه ڪئي،
بلڪ ٻئي پاسي ڇڪجي وڃي غير معبودن کي سجدو ڪري سندن
پوڄا ڪرڻ لڳا، 18 ته پوءِ اڄوڪي ڏينهن آءٌ اوهان کي خبردار ٿو
ڪريان ته اوهين ضرور تباهه ٿي ويندا. اوهين جنهن ملڪ تي قبضو
ڪرڻ لاءِ اردن درياءَ جي پار وڃي رهيا آهيو، تنهن ۾ اوهين گهڻو
عرصو ڪين رهندا. 19 آءٌ اڄوڪي ڏينهن آسمان ۽ زمين کي اوهان
تي شاهد ٿو ڪريان ته مون زندگي ۽ موت، برڪت ۽ لعنت ٻئي
اوهان جي اڳيان رکيا آهن. تنهنڪري اوهين زندگيءَ جي چونڊ ڪجو،
انهيءَ لاءِ ته اوهين ۽ اوهان جو اولاد جيئرو رهي، 20 انهيءَ لاءِ به
ته اوهين خداوند پنهنجي خدا کي پيار ڪريو، سندس فرمانبرداري
ڪريو ۽ ساڻس ڇُهٽيل رهو، ڇالاءِجو خداوند ئي اوهان جي زندگي ۽
ان ملڪ ۾ اوهان جي عمر جي درازي آهي، جنهن ملڪ بابت خداوند
اوهان جي خدا اوهان جي ابن ڏاڏن ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب سان
قسم کڻي چيو هو ته اهو کين عطا ڪندو.“

## يشوع موسيٰ جو جاءِنشين

31 1 موسيٰ ساري بني اسرائيل کي اهي ڳالهيون ٻڌايون.
2 پوءِ کين وڌيڪ چيائين ته ”اڄ منهنجي عمر هڪ سؤ
ويهه سال ٿي چڪي آهي، هاڻي آءٌ وڌيڪ اوهان جي اڳواڻي ڪري
نه ٿو سگهان. ٻيو ته خداوند به مون کي چيو آهي ته ’تون اردن
درياءَ جي پرينءَ پر بلڪل نه ويندين.‘ 3 سو هاڻي خداوند اوهان جو

---

30:12–14 رو 10:6–8    30:20 پيد 12:7، 26:3، 28:13    31:2 گا 12:20

خدا پاڻ اوهان جي اڳيان پار هلندو. هو انهن قومن کي اوهان جي
اڳيان برباد ڪندو ۽ اوهين انهن جي ملڪ تي قبضو ڪندا. خداوند
جي فرمان مطابق يشوع اوهان جي اڳواڻي ڪندو. 4 خداوند انهن
قومن کي ائين ئي برباد ڪندو جيئن امورين جي بادشاهن سيحون ۽
عوج ۽ سندن ساري ملڪ کي ڪيو هئائين. 5 جڏهن خداوند انهن
کي اوهان جي حوالي ڪري، تڏهن اوهين ساڻن انهن سيني حڪمن
موجب هلت ڪجو، جيڪي مون اوهان کي ٻڌايا آهن. 6 سو اوهين
مضبوط ۽ همت وارا ٿيو. ڊڄو نہ، نڪي انهن کان ڪو خوف ڪريو،
ڇالاءِجو خداوند اوهان جو خدا پاڻ اوهان ساڻ ٿو هلي. هو اوهان
کي نااميد نہ ڪندو، نڪي اوهان کي ڇڏي ڏيندو.“
7 پوءِ موسيٰ يشوع کي سڏي، بني اسرائيل جي سيني ماڻهن جي
روبرو کيس چيو تہ ”مضبوط ۽ همت وارو ٿيءُ، ڇالاءِجو تون هن
قوم سان گڏجي انهيءَ ملڪ ۾ ويندين، جنهن بابت خداوند هنن جي
ابن ڏاڏن سان قسم کڻي واعدو ڪيو هو تہ اهو کين عطا ڪندو ۽ تون
اهو کين ورثي طور ورهائي ڏيندين. 8 خداوند پاڻ اوهان جي رهنمائي
پيو ڪري. هو اوهان ساڻ ئي رهندو. هو اوهان کي نااميد نہ ڪندو،
نڪي اوهان کي ڇڏي ڏيندو. سو اوهين نہ ڊڄو، نڪي بي‌همت ٿيو.“

## هر ستين سال شريعت پڙهڻ

9 موسيٰ هيءَ شريعت لکي، بني لاوي ڪاهنن کي جيڪي خداوند
جي عهد واري صندوق کڻندا هئا ۽ بني اسرائيل جي سيني اڳواڻن
کي ڏني. 10 پوءِ موسيٰ کين حڪم ڏيئي چيو تہ ”هر ستين سال جي
پڇاڙيءَ ۾، يعني قرضن جي معافيءَ واري سال ۾، تنبن واريءَ عيد
جي موقعي تي، 11 جڏهن سڀ بني اسرائيل خداوند اوهان جي خدا
جي حضور ۾ سندس چونڊيل هنڌ تي اچي حاضر ٿين، تڏهن اوهين
هيءَ شريعت انهن سيني کي پڙهي ٻڌائجو. 12 اوهين سيني ماڻهن
يعني مردن، عورتن، ٻارن ۽ جيڪي ڌاريا اوهان جي شهرن ۾ رهندا
هجن، تن سيني کي گڏ ڪجو، انهيءَ لاءِ تہ هو اها شريعت ٻڌن
۽ خداوند اوهان جي خدا جو خوف رکندي انهيءَ جي سيني ڳالهين
تي خبرداريءَ سان عمل ڪري سگهن. 13 اهڙيءَ طرح اوهان جو اولاد،
جن کي هن شريعت جي باري ۾ ڄاڻ ڪانہ هجي، سي بہ ٻڌن ۽
خداوند اوهان جي خدا جو خوف رکندي انهيءَ تي عمل ڪري سگهن،
جيستائين اوهان جو نسل انهيءَ ملڪ ۾ زندگي گذاريندو رهي، جنهن
تي قبضو ڪرڻ لاءِ اوهين اردن درياءَ جي پار وڃڻ وارا آهيو.“

## خداوند جون موسيٰ کي آخري هدايتون

14 پوءِ خداوند موسيٰ کي چيو تہ ”هاڻي تنهنجي مرڻ جا ڏينهن
ويجها آيا آهن، سو يشوع کي سڏ ۽ پوءِ اوهين ٻئي مون خدا سان
ملاقات واري خيمي ۾ اچي حاضر ٿيو، تہ آءٌ هن کي هدايتون ڏيان.“

تنهن تي موسيٰ ۽ يشوع وڃي خدا سان ملاقات واري خيمي ۾ حاضر
ٿيا. 15 تڏهن خداوند خيمي تي ڪڪر جي ٿنڀي ۾ ظاهر ٿيو. ڪڪر
جو اهو ٿنڀو خيمي جي در تي بيهي رهيو.
16 خداوند موسيٰ کي چيو تہ ”تون پنهنجي ابن ڏاڏن سان وڃي
آرامي ٿيندين، پر هي ماڻهو جنهن ملڪ ۾ رهڻ لاءِ وڃن ٿا، اتي
جي ڌارين معبودن جي پٺيان لڳي گمراهہ ٿيندا. هو مون کي ڇڏي
ڏيندا ۽ جيڪو عهد مون ساڻن ڪيو آهي سو ٽوڙي ڇڏيندا. 17 تڏهن
ان ڏينهن مون کي مٿن ڏاڍي ڪاوڙ ايندي ۽ آءٌ کين ڇڏي ڏيندس. آءٌ
پنهنجو منهن انهن کان ڦيري ڇڏيندس. منجهن تباهي اچي پوندي
۽ گهڻيون ئي آفتون ۽ مصيبتون مٿن اينديون. تڏهن ان ڏينهن اهي
چوندا تہ ’ڇا هي آفتون اسان تي انهيءَ ڪري نہ آيون آهن جو اسان
جو خدا اسان منجهہ ڪونهي؟‘ 18 غير معبودن ڏانهن ڦري جيڪي
برايون هنن ڪيون هونديون، تن سيني جي ڪري آءٌ ضرور کانئن
پنهنجو منهن ڦيري ڇڏيندس.
19 تنهنڪري هاڻي جيڪو گيت آءٌ تو کي ٻڌايان ٿو سو تون لکي
ڇڏ. اهو تون سڀني بني اسرائيل قوم کي سيکارج ۽ کانئن ڳارائج،
تہ پوءِ اهو گيت سندن خلاف منهنجو شاهد هجي. 20 ڇالاءِجو جڏهن
آءٌ هنن کي انهيءَ آسودي ۽ خوشحال ملڪ ۾ پهچائيندس، جنهن
بابت مون سندن ابن ڏاڏن سان قسم کڻي واعدو ڪيو هو ۽ جتي هو
کائي پيٽ ڀري ٿلها متارا ٿيندا، تڏهن هو غير معبودن ڏانهن ڦرندا،
انهن جي پوڄا ڪندا، مون کي حقير ڄاڻيندا ۽ منهنجو عهد ٽوڙي
ڇڏيندا. 21 پوءِ جڏهن گهڻيون ئي آفتون ۽ مصيبتون انهن تي اينديون،
تڏهن هي گيت شاهد وانگر مٿن شاهدي ڏيندو، ڇالاءِجو اهو سندن
اولاد کان وسري ڪين ويندو. انهيءَ کان اڳ جو آءٌ کين انهيءَ ملڪ
۾ پهچايان، جنهن بابت مون ساڻن قسم کڻي واعدو ڪيو هو، آءٌ
ڄاڻان ٿو تہ هن وقت هنن جا خيال ڪيڏانهن پيا ڊوڙن.“
22 سو موسيٰ اهو گيت بني اسرائيل کي سيکارڻ لاءِ انهيءَ ساڳئي
ئي ڏينهن لکيو.
23 خداوند نون جي پٽ يشوع کي هدايت ڪري چيو تہ ”مضبوط ۽
همت وارو ٿيءُ، ڇالاءِجو تون بني اسرائيل کي انهيءَ ملڪ ۾ وٺي
ويندين، جنهن بابت مون ساڻن قسم کڻي واعدو ڪيو آهي. آءٌ پاڻ
بہ تو ساڻ هوندس.“
24 جڏهن موسيٰ هن شريعت جون سڀيئي ڳالهيون هڪڙي ڪتاب
۾ لکي پوريون ڪيون، 25 تڏهن هن لاوين کي، جيڪي خداوند جي
عهد واري صندوق کڻندا هئا، حڪم ڏيئي چيو تہ 26 ”شريعت جو
هي ڪتاب کڻي، خداوند پنهنجي خدا جي عهد واري صندوق جي
پرسان رکي ڇڏيو، انهيءَ لاءِ تہ اهو بني اسرائيل جي خلاف شاهد
هجي. 27 ڇالاءِجو مون کي هنن جي بغاوت ۽ هٺ جي خبر آهي.
ڏسو، اڄ تائين جڏهن تہ آءٌ هنن سان جيئرو ويٺو آهيان، تڏهن بہ

4:31 ڳا 21:21-35   8:31 يش 5:1، عبر 13:5   10:31 شر 15:1، 16:13-15   23:31 ڳا 27:23، يش 6:1

هنن خداوند جي خلاف بغاوت پئي ڪئي آهي. سو منهنجي مرڻ کان
پوءِ ڪيترو نه وڌيڪ ائين ڪندا. 28 اوهين پنهنجن قبيلن جي سڀني
سردارن ۽ پنهنجن عملدارن کي مون وٽ آڻي گڏ ڪريو، انهيءَ لاءِ
ته آءٌ سندن ڪنن تائين هي ڳالهيون پهچايان ۽ آسمان ۽ زمين کي
مٿن شاهد ڪريان. 29 ڇالاءِجو مون کي يقين آهي ته منهنجي مرڻ
کان پوءِ اهي پاڻ کي بلڪل بگاڙي ڇڏيندا ۽ جنهن واٽ جو مون کين
حڪم ڏنو آهي، تنهن کان ڦري ويندا. تڏهن پوين ڏينهن ۾ هنن تي
مصيبتون اينديون، ڇالاءِجو اهي پنهنجن هٿن سان اهڙا ڪم ڪري
خداوند کي غصو ڏياريندا، جيڪي سندس نظر ۾ برا آهن.“

## موسيٰ جو گيت

30 جيڪو گيت خدا موسيٰ کي لکايو هو، سو هن بني اسرائيل جي
ساري قوم کي گڏ ڪري منڍ کان پڇاڙيءَ تائين هن طرح چئي ٻڌايو ته

32

1 ”اي زمين ۽ آسمانؤ! ڪن ڏيو جو آءٌ ڳالهايان ٿو،
اوهين ڏيان سان منهنجي ڳالهه ٻڌو.
2 جهڙيءَ طرح ڪڇن ٻوٽن تي وسڪارو ٿيندو آهي،
تهڙيءَ طرح منهنجي تعليم برسات وانگر پيئي وسندي.
هائو، جهڙيءَ طرح سنهي گاهه تي ڦُڙڦُڙ پوندي آهي،
تهڙيءَ طرح منهنجي تقرير ماڪ جيان پيئي پوندي.

3 آءٌ خداوند جي نالي جي تعريف پيو ڪندس،
اوهين به اي بني اسرائيل!
اسان جي عظيم خدا جي تعظيم ڪريو.
4 اهو ئي اسان جو محافظ آهي،
سندس هر ڪم بلڪل ڪامل آهي،
هن جون سموريون راهون انصاف تي اڏيل آهن،
هو ئي سچو خدا آهي ۽ هر برائيءَ کان بلڪل پاڪ آهي،
اهو ئي عادل آهي ۽ اهو ئي سچار آهي.

5 پر اوهان سدائين ساڻس بڇڙي هلت ڪئي آهي،
سو انهيءَ بيوفائيءَ جي ڪري
اوهين سندس قوم هئڻ لائق ناهيو،
هائو، اوهين پورو نسل گمراهه ۽ ڏنگا آهيو.
6 اي بيعقل نادانؤ! پنهنجي ڌڻيءَ کي اهو ئي عيوض ڏيندءُ ڇا؟
ڇا هو اوهان جو ابو ۽ خالق نه آهي،
جنهن اوهان کي هڪ قوم بڻائي قائم ڪيو آهي؟

7 اوهين ماضيءَ کي ياد ڪريو ۽ اڳين پيڙهين تي غور ڪريو،
پوءِ پنهنجي والدين کان پڇو ته هو اوهان کي سمجهائين،
هائو، پنهنجي بزرگن کان پڇو،
جيڪي اوهان کي ماضيءَ جو احوال ڏين.
8 جڏهن خدا تعاليٰ بني آدم کي جدا جدا قومن ۾ ٿي ورهايو،
تڏهن انهن کي الڳ الڳ ملڪ ورثو ڪري ٿي ڏنائين.
هائو، هر معبود جي قوم کي
پنهنجو پنهنجو حصو مقرر ٿي مليو.
9 جڏهن ته خداوند جو حصو سندس قوم ئي آهي،
هائو، بني يعقوب ئي سندس ورثي جو ڀاڱو آهي.

10 خداوند هنن کي اهڙي رڻپٽ ۾ لڌو هو،
جيڪو سڃو سکڻو ۽ خوفائتو هو.
تڏهن هن هر طرح سان سندن سار سنڀار لڌي،
۽ اک جي ماڻڪيءَ جيان سندن حفاظت ڪيائين.
11 جيئن ڪو عقاب پنهنجي آکيري کي چوري ٿو،
۽ پوءِ ٻچن جي مٿان لامارا ڏئي ٿو،
بلڪ پنهنجا پر پکيڙي انهن تي کڻي کين بچائي ٿو،
12 تيئن خداوند ئي هو جنهن پنهنجي قوم جي رهبري ڪئي،
ساڻس ٻيئي ڪنهن به ڌارئي معبود جي مدد شامل نه هئي.

13 ملڪ جا مٿاهان علائقا به هن سندن قبضي ۾ ڏنا،
۽ زرخيز ٻنين جو ڦل کارايائين.
هن ٽڪر منجهان ماکي ڪڍي کين چوسائي،
۽ چقمقي جبل منجهان زيتون جو تيل مهيا ڪري ڏنائين.
14 هن کين ڳئن جو مکڻ
توڙي رڍن ٻڪرين جو جهجهو کير پيئاريو،
۽ ٿلها متارا ڍور ڍڳا توڙي ٻڪر گهٽا پڻ کارايائين.
هن ڪڻڪ جي عمدي ميدي ۽ خالص مئي سان کين ڍءُ ڪرايو.

15 پر خدا جا اهي پيارا جڏهن کائي پئي ٿلها متارا ٿيا،
تڏهن سندن پيٽ پرجي ويو ۽ اهي لتون هڻڻ لڳا.
پوءِ جنهن خدا کين جوڙيو هو تنهن کي ڇڏي ڏنائون،
۽ پنهنجي انهيءَ طاقتور ڇڏائيندڙ کي حقير ڄاتائون.
16 هنن غير معبودن جي پوڄا ڪري خداوند کي غيرت ڏياري،
هائو، ڪراهت وارين شين سان هنن کيس بيحد غصو ڏياريو.
17 هنن ڀوتن لاءِ قربانيون ڪيون جيڪي حقيقي معبود ڪين هئا،
هائو، اهڙن ديوتائن لاءِ جن کان هو واقف ئي نه هئا.
اهي اهڙا نوان نوان ديوتا هئا جيڪي هاڻ اڃي ظاهر ٿيا هئا،
جن جي سندن ابن ڏاڏن به ڪڏهن تعظيم نه ڪئي هئي.
18 هو انهيءَ محافظ کان غافل ٿي ويا جنهن کين پيدا ڪيو هو،

---

8:32 رس 26:17 17:32 1.ڪر 20:10

هائو، هنن خدا کي وساري ڇڏيو جنهن کين خلقيو هو.

19 اهو ڏسندي خداوند کين رد ڪري ڇڏيو،
ڇالاءِجو جيڪي سندس پٽ ۽ ڌيئر ليکيا ٿي ويا،
تن ئي کيس ڏاڍو ڪاوڙايو هو.
20 سو خداوند چيو تہ ’جيئن تہ هي ماڻهو ضدي ۽ بي‌وفا آهن،
تنهنڪري آءٌ انهن کان پنهنجو منهن موڙي ڇڏيندس،
۽ ڏسندس تہ سندن ڪهڙو انجام ٿو ٿئي.
21 ڪوڙن معبودن آڏو جهڪي هنن مون کي غيرت ڏياري آهي.
هائو، باطل بتن ڏانهن ڦري هنن مون کي غصو ڏياريو آهي.
سو آءٌ بہ نالائق قوم تي هٿ رکي انهن کي غيرت ڏياريندس،
هائو، آءٌ نادان قوم جي پنيرائي ڪري کين غصو ڏياريندس.
22 منهنجي غصي جي باهہ اهڙي ڀڙڪي اٿي آهي،
جو اوڙاهہ جي تري تائين اها ٻرندي ويندي.
اها ڌرتيءَ کي سندس پيداوار سوڌو ڀسم ڪري ڇڏيندي،
۽ جبلن کي بنيادن سوڌو ساڙي چٽ ڪري ڇڏيندي.

23 آءٌ انهن تي هر طرح جي آفتن جا انبار لڳائي ڇڏيندس،
هائو، آءٌ پنهنجو هر هڪ تير انهن تي کپائي ڇڏيندس.
24 اهي بکن کان ڳرندا ويندا ۽ تپ ۽ وبا سان ڀسم ٿيندا.
آءٌ انهن تي جهنگلي جانورن جا ڏند ٻجي ڇڏيندس،
۽ ڌرتيءَ تي سرندڙ جيتن جو زهر ڏانهن موڪلي ڏيندس.
25 ٻاهر هو جنگين ۾ ماريا ويندا،
۽ چوديواريءَ اندر دهشت وچان مرندا،
ڇا جوان ڇا ڪنواريون، ڇا کير پياڪ ڇا پوڙها.
اهڙيءَ طرح آءٌ سڀني کي برباد ڪري ڇڏيندس.
26 مون سوچيو هو تہ آءٌ کين اهڙو تہ ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيان،
جو بني بشر مان سندن نالو نشان ئي مٽجي وڃي.
27 پر پوءِ مون کي اهو انديشو ٿيو تہ
متان سندن دشمن فخر ڪري انهيءَ کي ابتو سمجهن،
جو ائين چوندا وتن تہ ”اسان انهن کي برباد ڪيو آهي،
هي سڀ خداوند نہ بلڪ اسان ئي ڪيو آهي.“’

28 اي بني اسرائيل قوم! توهان تہ مت کان بلڪل خالي آهين،
تو ۾ تہ ڪا سمجهہ ئي ڪانهي.
29 ڪاش! تون داناءِ هجين ها تہ اهو سمجهي وڃين ها،
۽ پوءِ پنهنجي انجام تي ڪو غور ڪرين ها.
30 خداوند، تنهنجو محافظ جيڪڏهن تو کي ڇڏي نہ ڏي ها،
هائو، جيڪڏهن هو تو کي ٻين جي حوالي نہ ڪري ها،
تہ پوءِ ڪيئن تنهنجي هڪ هزار جي ڪيڏ هڪڙو ڇڙو پوي ها،
۽ ڪيئن تنهنجي ڏهن هزارن کي ٻہ ڄڻا ڀڄائي ڪين ها؟
31 اها ڳالهہ خود اسان جا دشمن بہ ڄاڻين ٿا تہ
سندن محافظ اسان جي طاقتور محافظ جهڙا ناهن.
32 اسان جا دشمن سدوم ۽ عموراه جي رهاڪن جهڙا بڇڙا آهن،
هائو، اهي انگورن جي اهڙيءَ ول جيان آهن،
جنهن مان ڪؤڙا ۽ زهريلا انگور پيدا ٿيندا هجن.
33 هائو، اهي اهڙيءَ مئي جيان آهن،
جهڙو نانگن، بلڪ ڪاريهر نانگ جو قاتل زهر هجي.

34 ڇا دشمنن جو اهو انجام خدا وٽ محفوظ ناهي؟
هائو، اهو مُهر سان بند خدا وٽ ذخيرو ٿيل آهي.
35 هاڻ سندن مصيبت جو اهو ڏينهن ويجهو آهي،
جڏهن خدا وير وٺي کين سزا ڏيندو.
هائو، اهو ڏينهن اچي پهتو آهي جڏهن سندن پير ترڪي پوندا،
۽ اهي هڪدم تباهہ وَ برباد ڪيا ويندا.
36 ڇالاءِجو جڏهن خداوند ڏسندو تہ
سندس قوم ۾ ڪا طاقت نہ رهي آهي،
ايتري قدر جو ڇڙ تہ قيدين توڙي آزادن مان
ڪوبہ جيئرو ناهي رهيو،
تڏهن هو پنهنجي قوم تي قياس ڪري
سندن حق ۾ فيصلو ڏيندو.
37 پوءِ خداوند چوندو تہ
’اي منهنجي قوم! ڪٿي آهن اهي معبود،
جن کي اوهان پنهنجا محافظ سمجهي مٿن ڀروسو ٿي ڪيو؟
38 هائو، اهي جن سدائين اوهان جي قربانين جو
سٿيو مال پئي کاڌو ۽ اوتڻ وارين قربانين جي مئي ٿي پيتائون.
هاڻ ڀل تہ اهي اُٿي اچن ۽ اوهان جي مدد اچي ڪن،
ڀل اُهي اچي اوهان جو بچاءُ بڻجن.

39 هاڻي ڏسو! آءٌ، رڳو آءٌ ئي خدا آهيان،
مون کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ڪونهي،
آءٌ ماريان ۽ آءٌ ئي جياريان ٿو، آءٌ ڦٽيان ۽ آءٌ ئي ڇٽايان ٿو،
اهڙو ڪوبہ ڪونهي جيڪو منهنجي هٿان ڇڏائي سگهي.
40 آءٌ پنهنجي عرش تي وِيني اهو عهد ٿو ڪريان،
هائو، آءٌ پنهنجي حياتِ‌ابديءَ جو قسم کڻي چوان ٿو تہ
41 جڏهن آءٌ پنهنجي چمڪندڙ تلوار تکي ڪندس،
۽ جڏهن پنهنجي هٿ ۾ عدالت جو ڪم ڪٽندس،
تڏهن جيڪي منهنجا مخالف آهن تن کان آءٌ وير وٺندس،

21:32 1.ڪر 22:10، رو 19:10 35:32 رو 19:12، عبر 30:10 36:32 زب 135: 14

۽ جيڪي مون سان ڪينو رکن ٿا تن کي آءٌ بدلو ڏيندس.
42 آءٌ پنهنجي تيرن کي رت پياري مست ڪندس،
پوءِ اهو رت جنگ ۾ قتل ٿيلن جو هجي توڙي قيد ٿيلن جو.
آءٌ پنهنجي تلوار کي ماس کارائيندس،
اهو ماس جيڪو دشمنن جي سردارن جي سر جو هوندو.'

43 سو اي غير قومون! اوهين خدا جي قوم کي ساراهيو،
ڇوجو هو پنهنجي انهن ٻانهن جي خون جو وير وٺندو.
هائو، جيڪي سندس مخالف آهن تن کان هو بدلو وٺندو،
۽ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جو ڪفارو ڏيندو."

44 اهڙيءَ طرح موسيٰ نون جي پٽ يشوع سان گڏجي اچي هي گيت
منڍ کان پڇاڙيءَ تائين ماڻهن کي بيان ڪري ٻڌايو.
45 جڏهن موسيٰ اهي ڳالهيون بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي
ٻڌائي چڪو، 46 تڏهن کين چيائين ته ”جن ڳالهين بابت مون اڄوڪي
ڏينهن اوهان جي اڳيان شاهدي ڏني آهي، تن سڀني کي اوهين
پنهنجيءَ دل سان لائجو. انهن بابت پنهنجن ٻارن کي حڪم ڏجو ته
اهي هن شريعت جي سڀني ڳالهين تي عمل ڪن. 47 ڇالاءِجو اهي
ڳالهيون اوهان جي لاءِ ڪا اجائي شيءِ نه آهن، بلڪ اهي اوهان جي
زندگي آهن. انهيءَ جي ڪري اوهين انهيءَ ملڪ ۾ وڏي عرصي
تائين رهندا، جنهن تي اوهين قبضو ڪرڻ لاءِ اردن درياءَ جي پار
وڃي رهيا آهيو."

## موسيٰ جي وفات جي جاءِ

48 انهيءَ ساڳئي ڏينهن خداوند موسيٰ کي فرمايو ته 49 ”تون هن
عباريم جابلو علائقي تي چڙهي نبو جبل تي وڃ، جيڪو موآب جي
ميدان ۾ يريحو شهر جي سامهون آهي. اتان تون ڪنعان جو ملڪ
ڏس، جيڪو آءٌ بني اسرائيل کي ورثي طور ڏيڻ وارو آهيان. 50 جنهن
جبل تي تون چڙهڻ وارو آهين تنهن تي تون وفات ڪندين ۽ پنهنجن
وڏن سان وڃي گڏبين، جهڙيءَ طرح تنهنجو ڀاءُ هارون هور جبل تي
مئو ۽ پنهنجن وڏن سان وڃي گڏيو. 51 انهيءَ جو سبب هي آهي جو
اوهان ٻنهي بني اسرائيل جي موجودگيءَ ۾، صين جي بيابان ۾ ۽
قادش جي مريباه واري چشمي وٽ منهنجي خيانت ڪئي هئي. اوهان
بني اسرائيل جي وچ ۾ منهنجي پاڪيزگي قائم نه رکي. 52 تنهنڪري
جيڪو ملڪ آءٌ بني اسرائيل کي عطا ڪرڻ وارو آهيان سو تون پري
کان پنهنجي سامهون ڏسندين، پر انهيءَ ۾ داخل ڪين ٿيندين."

## موسيٰ جي دعا

33 1 خدا جي ٻانهي موسيٰ پنهنجي مرڻ کان اڳ ۾ بني
اسرائيل کي برڪت لاءِ جيڪا دعا ڪئي سا هيءَ آهي.
2 هن چيو ته
”خداوند سينا جبل کان پنهنجي قوم سان اچي گڏيو،
هائو، هو ادوم جي علائقي مان انهن تي سج جيان اڀريو،
۽ فاران جبل مان اچي اتي چمڪيو.
ساڻس گڏ هزارين ملائڪ هئا،
سندس ساڄي هٿ کان باهه جي شعلي جيان وڄ ٿي نڪتي.
3 خداوند کي پنهنجي قوم سان محبت آهي،
۽ اهي چونڊيل ماڻهو سندس حفاظت منجهه آهن.
اهي سڀيئي هن جي تابعداري ڪندي سندس هدايتن تي هلن ٿا.
4 خداوند جيڪا شريعت سينا جبل تي منهنجي معرفت ڪين ڏني،
سا اسان بني يعقوب جي لاءِ هڪڙي ميراث آهي.
5 جڏهن بني اسرائيل جا سڀ اڳواڻ ۽ هر قبيلو اتي گڏ ٿيو،
تڏهن خداوند اچي پنهنجي پيارن جو بادشاهه بڻيو."

6 موسيٰ روبن قبيلي لاءِ دعا گهرندي چيو ته
”شال روبن قبيلو قائم رهي ۽ برباد نه ٿئي،
توڙي جو هن جا پنهنجا ماڻهو ٿورا هجن."

7 يهوداه قبيلي لاءِ دعا گهرندي هن چيو ته
”اي خداوند! تون بني يهوداه جو فرياد ٻڌ،
هنن کي آڻي پنهنجي قوم جي ٻين قبيلن سان متحد ڪر.
تون ئي کين توفيق بخش ۽ دشمنن خلاف سندن مددگار ٿيءُ."

8 لاوي قبيلي لاءِ دعا گهرندي هن چيو ته
”اي خدا! انهن ٻانهن وٽ تنهنجو *اُوريم ۽ ٿُميم آهي،
†مساه واري ٽڪريءَ تي تنهنجي آزمائڻ سان
اهي سچا نڪتا هئا،
هائو، جڏهن ‡مريباه چشمي وٽ تو انهن سان جهڳڙو ڪيو هو.
9 هنن رڳو تنهنجي ئي ڳالهين تي عمل ڪيو،

---

*اُوريم ۽ ٿُميم: هي پٿر جهڙيون ٻه ننڍڙيون شيون هيون، جن کي سردار ڪاهن خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو هو. وڌيڪ تفصيل لاءِ ”خاص لفظن جي سمجهاڻي" ڏسو.

†مساه: عبراني لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”آزمائيندي".

‡مريباه: عبراني لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”جهڳڙو".

43:32 رو 10:15، مڪا 2:19   52–48:32 گا 12:27–14، شر 23:3–27   8:33 خر 7:17، 30:28، گا 13:20

۽ تنهنجي عهد کي قائم رکيائون.
ايتري قدر جو پنهنجي ماءُپيءُ بابت چيائون تہ
’اسين هنن جو سانگو نہ ٿا ڪريون،‘
هنن پنهنجي ڀارن کي بہ نہ سڃاتو،
نڪي پنهنجي ڀائرن پينرن کي ئي پنهنجو ڪيائون.
10 هو بني اسرائيل کي تنهنجي شريعت جا حڪم سيکارين ٿا.
هو تنهنجي حضور ۾ لوبان ساڙين ٿا،
۽ ساڙڻ واريون قربانيون
تنهنجي قربانگاهہ تي پيش ڪندا رهن ٿا.
11 اي خداوند! تون هنن جي سگهہ ۽ قوت ۾ برڪت وجهہ،
۽ هنن جي هٿن جي پورهئي کي تون قبول فرماءِ.
جيڪي هنن جي خلاف ڪڙا ٿين تن جي تون چيلهہ ڀڃي ڇڏ،
تان‌تہ ساڻن دشمني رکندڙ وري اٿي نہ سگهن.“

12 بنيامين قبيلي بابت هن چيو تہ
”بني بنيامين خداوند جا پيارا آهن،
جيڪي وٽس سلامتيءَ سان رهن ٿا.
جيئن تہ خداوند انهن منجهہ رهي ٿو،
سو هو ڏينهن رات سندن حفاظت ڪندو رهي ٿو.“

13 *يوسف جي ٻنهي قبيلن لاءِ دعا گهرندي هن چيو تہ
”شال هنن جي ديس تي خداوند جي برڪت هجي،
هائو، خدا مٿان آسمان مان جهجهي برسات،
۽ هيٺان زمين مان ڪين چشمن جو پاڻي عطا ڪري.
14 شال خداوند جي برڪت سان سندن ديس
هر موسم جي عمدن ميون سان آسودو هجي.
15 شال انهن جا قديم جبل ۽ سدا قائم رهندڙ ٽڪر،
جهجهن فصلن سان ڍڪيل رهن.
16 شال سندن ديس عمدين عمدين شين سان ڀرپور هجي،
هائو، تنهن جي ئي برڪت سان
جنهن ٻرندڙ ٻوڙي مان ٿي ڳالهايو.
شال خداوند جي خيرخواهيءَ جي برڪت
بني يوسف تي نازل ٿئي،
هائو، اهو ئي يوسف جيڪو پنهنجي ڀائرن جو سردار هو.
17 جيئن جوان ڍڳو يا جهنگلي سانَهہ تمام طاقتور ٿين ٿا،
تيئن بني يوسف جي طاقت ئي سندن شان آهي.
جهڙيءَ طرح جهنگلي سانُهہ پنهنجي سڱن سان حملو ڪري ٿو،
تهڙيءَ ئي طرح افرائيم ۽ منسي قبيلي وارن جا لکين ماڻهو
سيني قومن کي ڌِڪي ڌرتيءَ جي ڇيڙي تائين پهچائيندا.“

18 زبولون ۽ اِسڪار قبيلن لاءِ دعا گهرندي هن چيو تہ
”شال بني زبولون پنهنجي ٻيڙين ۾ واپار ڪندي خوش رهن،
جڏهن تہ بني اِسڪار پنهنجي خيمن ۾ گذاريندي خوش رهن.
19 اُهي سمنڊ منجهان دولت حاصل ڪندا،
هائو، سمنڊ جي ڪناري تان هو اهو مال ميڙي گڏ ڪندا.
سو هو ٻين قبيلن کي پاڻ سان گڏجي خوشيون ملهائڻ لاءِ
دعوت ڏيندا ۽ اچي خدا آڏو قربانيون پيش ڪندا.“

20 گد قبيلي بابت هن چيو تہ
”شال خدا سڳورو هجي، جيڪو بني گد جو علائقو وڌائي ٿو،
جتي هو اهڙي شينهن جيان گهات ۾ ويٺا آهن،
جيڪو پنهنجي شڪار جي ٻانهن بلڪ مٿو بہ ڦاڙيو ٿو ڇڏي.
21 هنن پنهنجي لاءِ خاص علائقو چونڊي ڪنيو آهي،
ڇالاءِجو اڳواڻي ڪندڙن لاءِ اهو مقرر ڪيل هو.
هو قوم جي اڳواڻن سان گڏجي آيا،
۽ خداوند جي شريعت تي
۽ بني اسرائيل لاءِ سندس فيصلن تي عمل ڪيائون.“

22 دان قبيلي بابت هن چيو تہ
”بني دان جيڪي بسن علائقي جا رهاڪو آهن،
سي اتان نڪري دشمنن تي جوان شينهن جيان حملو ڪن ٿا.“

23 نفتالي قبيلي لاءِ دعا گهرندي هن چيو تہ
”بني نفتالي تنهنجي مهربانيءَ سان ڍاول آهن،
هائو،اهي تو خداوند جي برڪت سان ڀريل آهن.
شال سندن ميراث وارو علائقو وڏي
گليل ڍنڍ جي ڏاکڻي ڇيڙي تائين پهچي.“

24 آشر قبيلي لاءِ دعا گهرندي هن چيو تہ
”شال بني آشر سيني قبيلن کان وڌيڪ سڀاڳا ٿين،
شال اهي پنهنجي همقوم ڀائرن وٽ گهڻو مقبول ٿين،
شال وٽن ايترو تہ زيتون جو تيل هجي،
جو هو رستي سان هلندي پنهنجا پير ان ۾ ٻوڙي هلن.
25 شال سندن شهرن جي درن ۾ لوهہ ۽ پتل جا ڳز لڳل هجن،
تان‌تہ اهي هميشہ هميشہ تائين محفوظ رهن.“

---

*يوسف جي ٻنهي قبيلن: يوسف جي ٻن پٽن افرائيم ۽ منسيءَ مان سندن نالن پٺيان بني اسرائيل ۾ ٻہ قبيلا ٿيا.

16:33 خر 3:2

26 پوءِ موسيٰ ساري بني اسرائيل کي مخاطب ٿيندي چيو تہ
”اي خدا جا پيارؤ! اسان جي خدا جهڙو ٻيو ڪوبہ ڪونهي،
جيڪو عرش کان ڪڪرن تي
حشمت سان سوار ٿي اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ اچي ٿو.
27 اُهو ازلي خدا ئي اسان جي جاءِپناهہ آهي،
سندس ٻانهون اسان جي لاءِ دائمي سهارو آهن.
خدا اوهان کي فرمايو آهي تہ ’دشمنن کي برباد ڪري ڇڏيو.‘
سو هو اوهان جي دشمنن کي اوهان جي اڳيان لوڏي ڪيندو،
28 سو اي يعقوب جو اولاد!
اوهين انهيءَ ملڪ ۾ سلامتيءَ سان رهندا،
جيڪو جهجهي اناج ۽ مئي سان ڀريل آهي،
۽ جنهن تي آسمان مان ماڪ وسندي پيئي رهي.
29 اي بني اسرائيل! اوهين ڪيڏا نہ سڀاڳا آهيو!
اوهان جهڙي ٻي ڪابہ قوم ناهي،
جنهن کي خداوند پاڻ بچايو هجي.
اهو ئي ڍال جيان اوهان جي حفاظت ٿو ڪري،
۽ اهو ئي اوهان جي حشمت واري تلوار آهي.
سو اوهان جا دشمن اوهان وٽ اچي پيش پوندا،
۽ اوهين ٽڪرن تي ٺهيل
سندن پوڄا گهرن کي لتاڙي ناس ڪندا.“

## موسيٰ جي وفات

34 1 پوءِ موسيٰ موآب جي ميدان مان نبو جبل جي پسگاه
نالي چوٽيءَ تي چڙهي ويو، جيڪا يريحو شهر جي سامهون
آهي. خداوند هن کي گلعاد جو سڄو علائقو اتر طرف دان شهر تائين
ڏيکاريو. 2 ان کان سواءِ نفتاليءَ جو سڄو علائقو، افرائيم ۽ منسيءَ
جو سڄو علائقو ۽ يهوداہ جو سڄو علائقو اولهہ طرف ڀونوچ سمنڊ
تائين ڏيکاريائينس. 3 هن کيس ڏکڻ وارو علائقو ۽ اردن ماٿري،
يعني کجين جي وڻن واري شهر يريحو جي ماٿريءَ وارو ميدان ڏاکڻي
شهر صوغر تائين ڏيکاريو. 4 پوءِ خداوند موسيٰ کي چيو تہ ”هي اهو
ئي ملڪ آهي جنهن بابت مون ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب سان قسم
کڻي چيو هو تہ اهو سندن اولاد کي ڏيندس. اهو مون تو کي تنهنجين
اکين سان ڏيکاريو آهي، پر تون پار ٽپي اوڏانهن ڪين ويندين.“
5 سو خداوند جي ٻانهي موسيٰ، خداوند جي چوڻ موجب اتي
موآب جي ميدان ۾ ئي وفات ڪئي. 6 کيس موآب جي ميدان جي
انهيءَ ماٿريءَ ۾ جيڪا بيت‌فعور شهر جي سامهون آهي دفن ڪيو
ويو. پر اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي انهيءَ جي قبر جي خبر
ڪانهي. 7 جڏهن موسيٰ وفات ڪئي تڏهن سندس عمر هڪ سؤ ويهہ
سال هئي. هن جي اکين ۾ اجا ڏنڌ بہ ڪونہ ٿيو هو، نڪا سندس بدن
جي طاقت ئي گهٽي هئي. 8 بني اسرائيل جي ماڻهن موسيٰ جي لاءِ
موآب جي ميدان ۾ ٽيهہ ڏينهن سوڳ ملهايو. هو ٽيستائين موسيٰ
جي لاءِ روئندا ۽ سوڳ ڪندا رهيا، جيستائين اهي ڏينهن پورا ٿيا.
9 نون جو پٽ يشوع دانائيءَ جي روح سان ڀرپور هو، ڇالاءِجو
موسيٰ پنهنجا هٿ مٿس رکيا هئا. سو بني اسرائيل جا ماڻهو هن جي
فرمانبرداري ڪرڻ لڳا ۽ خداوند جيڪو حڪم موسيٰ کي ڏنو هو،
تنهن موجب هنن عمل ڪيو. 10 انهيءَ وقت کان وٺي بني اسرائيل ۾
موسيٰ جهڙو نبي پيدا ڪونہ ٿيو، جنهن سان خداوند روبرو ملاقات
ڪئي. 11 ٻئي ڪنهن بہ نبيءَ اهڙا عجيب ڪم ۽ معجزا ڪين
ڏيکاريا، جيڪي مصر جي ملڪ ۾ فرعون، سندس عملدارن ۽ ساري
ملڪ کي ڏيکارڻ لاءِ موسيٰ کي خداوند مصر جي ملڪ ۾ موڪليو.
12 ٻيو ڪوبہ نبي ڪڏهن ائين ڪري نہ سگهيو جيئن موسيٰ ساري بني
اسرائيل جي اڳيان زورآور هٿ سان وڏا هيبتناڪ ڪم ڪري ڏيکاريا.

---

4:34 پيد 12:7، 26:3، 28:13    10:34 خر 33:11